# لغت نويسيءَ بابت مضمون ۽ مقالا

مرتب: رياضت ٻرڙو

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

# لغت نويسيءَ بابت مضمون ۽ مقالا

مرتب

**رياضت برڙو**

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد، سنڌ
2018ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو ڪتاب نمبر (316)
سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# لغت نويسيءَ بابت مضمون ۽ مقالا


مرتب: رياضت برڙو
ڇاپو پهريون: مارچ 2018ع
تعداد: 500
قيمت: 500/= روپيا
ناشر: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، پاڪستان
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Catalogue Reference
Burero Riyazat
Lughat Naveesi Babat Mazmoon aen Makala
Lexicography
Sindhi Language
Sindhi Language Authority.
ISBN: 978-969-625-144-6

Lughat Naveesi Babat Mazmon aen Makala

Compilation by: Riyazat Burero
First edition: March, 2018
Quantity: 500
Price: Rs. 500 /=
Composed by: Muhammad Bakhsh Bhangar
Title: Asadullah Bhutto
Published by: Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh 71000, Pakistan.
Tel: 022-9240050-53
Fax: 022-9240051
E-mail: contact@sindhila.edu.pk, sindhila@yahoo.com
Website: www.sindhila.org
Printed by: M/S Ali Hussnain Process & Printing Service, Hyderabad.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# انتساب

سنڌي ٻوليءَ، علم ۽ ادب جي مُحسن

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ

جي نالي.

رياضت ٻرڙو

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ناشر پاران | | 7 |
| مهاڳ | | 9 |


## پاڱو پهريون: سنڌي لغت: اهميت، اصول ۽ قسم


| | | |
|---|---|---|
| 1. انگريزن کان اڳ آزاديءَ واري دور ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ لغات کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جون عالمانه ڪوششون | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 29 |
| 2. سنڌي لغت (لکپڙهه) | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 41 |
| 3. "جامع سنڌي لغات" جلد - اُ جو 'مهاڳ' | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 52 |
| 4. "تحقيق لغات سنڌي" جا 'ٻه اکر' | ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو | 66 |
| 5. لغت سازيءَ جا اصول | ڊاڪٽر مدد علي قادري | 81 |
| 6. "لغات سنڌي مخففات" (هڪ جُلدي لغت) جو 'مقدمو' | ڊاڪٽر غلام علي الانا | 89 |
| 7. "سائل ڪوش" جو 'مهاڳ' (پرستاونا) | ستر امداس "سائل" | 142 |
| 8. "هڪ جلدي سنڌي لغت" جو 'مهاڳ' | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | 158 |
| 9. سنڌي ٻوليءَ ۾ جامع انسائيڪلوپيڊڪ لغت جي گهرج | خديجه انصاري | 162 |
| 10. علم اللغات ۽ سنڌيءَ ۾ لغت سازيءَ جي روايت | ڊاڪٽر فهميده حسين | 174 |
| 11. لغت نويسي: وصف، قسم ۽ اهميت | رياضت ٻرڙو | 192 |

## ڀاڱو ٻيو: سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ


| | | | |
|---|---|---|---|
| .1 | سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ | ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي | 207 |
| .2 | سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ـ 2 ضميما | انجنيئر عبدالوهاب سهتو | 230 |
| .3 | سنڌي زبان ۾ لغت نويسي | تاج جويو | 267 |
| .4 | سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۽ ببليوگرافي (حصو پهريون) | ناسف علي شيراز | 278 |
| .5 | سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۽ ببليوگرافي (حصو ٻيو) | ناسف علي شيراز | 323 |
| .6 | سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۽ ببليوگرافي (حصو ٽيون) | ناسف علي شيراز | 354 |
| .7 | سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۽ ببليوگرافي (ناسف علي شيراز جي مقالي بابت ويچار) | ڊاڪٽر مخمور بخاري | 394 |

# ناشر پاران

سنڌي ٻوليءَ ۾ لغت نويسيءَ جي علم (Lexicography) بابت تمام گهٽ لکيو ويو آهي، ٽيڻ تہ ائين گهربو هو جو ٻوليءَ جي هن اهم شاخ تي ڪي مڪمل ڪتاب هجن ها ۽ اهي هڪ مضمون طور سنڌ جي يونيورسٽين توڙي ڪاليج جي سطح تي قائم سنڌيءَ جي شعبن جي نصاب ۾ شامل هجن ها، تہ جيئن اسان وٽ ۾ وڌ ۽ مستند لغت نويس پيدا ڪري سگهون ها. هن وقت سنڌيءَ ۾ لغت نويسيءَ جي حوالي سان صرف اهو مواد دستياب آهي، جيڪو مختلف لغتن ۾ مهاڳ، يا مقدمي طور لغت نويسن لکيو آهي. لغت نويسيءَ جي علم جي باقاعدي تعليم ۽ ڏانءُ، اسان جي تعليمي رواج ۾ اڃا تائين نہ آيو آهي، هن حوالي سان جيڪو ڪجهہ لکيو ۽ سهيڙيو ويو آهي، سو پنهنجي طور آهي.

هن ڪتاب "لغت نويسي بابت مضمون ۽ مقالا" گهٽ ۾ گهٽ ان حد تائين فائدمند ثابت ٿيندو تہ هن علم جي حوالي سان مختلف لغتن ۾ يا ڪي الڳ طور لکيل مضمون، مقالا، مهاڳ ۽ مقدما وغيره پڙهڻ ۽ تحقيق ۾ حوالن طور آڻڻ لاءِ هڪ هنڌ گڏ ٿي ويا آهن. سهيڙ جو هي ڪم محترم رياضت ٻرڙي ڪيو آهي، جيڪو تعليم ۽ تدريس جي شعبي سان واسطو رکي ٿو ۽ لغت نويسيءَ جي حوالي سان ڊاڪٽريٽ جي ڊگري لاءِ پنهنجو تحقيقي مقالو بہ لکي رهيو آهي.

لغت نويسيءَ تي هي پهريون ڪتاب آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو آهي. اسان کي اميد تہ هن کان پوءِ اسان جا محقق، هن علم تي ڪو مڪمل ڪتاب تيار ڪري ڏيندا، جيڪو هن علم جي سکيا لاءِ هڪ رهبر طور ڪم اچي ۽ جنهن سان لغت نويسيءَ جهڙي فني مضمون تي مهارت حاصل ٿي سگهي ۽ ان بنياد تي مستقبل ۾ لغتون تيار ڪيون وڃن.

هي ڪتاب شاگردن، استادن توڙي لغت نويسي جي علم ۾ دلچسپي رکندڙن لاءِ ڪارگر ثابت ٿيندو.

17 فيبروري، 2018ع — پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ

حيدرآباد، سنڌ — چيئرمئن

# مهاڳ

بنيادي وصف موجب، ٻولي ماڻهن جي وچ ۾ رابطي جو هڪ سرشتو آهي، جنهن ۾ ڳالهايل ۽ لکيل لفظن يا ٻنهيءَ مان ڪنهن هڪ جو رواجي يا مخصوص جوڙجڪ هيٺ واهپو ٿيندو آهي، جنهن وسيلي ٻولي-ڳالهائيندڙ ۽ ٻولي-ٻڌندڙ جي وچ ۾، هڪ معنوي ناتو جڙندو آهي. اهو معنوي ناتو پڻ ڪنهن هڪ يا هڪ کان وڌيڪ لفظن تي ٻڌل هوندو آهي. سادن لفظن ۾ چئبو سگهجي ٿو ته جيڪڏهن لفظ نه هجي، ان جو ڪو نه ڪو مخصوص اُچار نه هجي، ان جي ڪا نه ڪا معني نه هجي، ۽ لفظن جو سادو يا رَچيل جوڙجڪي سرشتو نه هجي، ته ٻولي به نه هجي، ۽ انهن سڀني لاءِ، ڪنهن محدود يا ڪشادي سماج جو هجڻ به ضروري آهي. ڪنهن به ٻوليءَ جو سماج نه رهندو ته اها ٻولي به جيئري (Living) ٻولي نه رهندي. سماج محدود، ته ٻولي به محدود ۽ سماج ڪشادو ته ٻولي به ڪشادي. سماج بيٺل، ته ٻولي به بيٺل ۽ سماج متحرڪ، ته ٻولي به متحرڪ. ساڳيءَ ريت، ٻوليءَ جي جمود يا تحرڪ ذريعي به سماج کي جامد يا متحرڪ بڻائي سگهجي ٿو: ٻئي هڪٻئي سان سڌو ناتو رکن ٿا.

سماج ٻوليءَ کي لفظ ۽ معنائون ڏئي ٿو ۽ ٻولي انهن لفظن ۽ معنائن کي، پنهنجي سرشتي موجب وڌائي ويجهائي، وڌيڪ لاڀائتو بڻائي ٿي ۽ سماج ۾ پنهنجن ڳالهائيندڙن ذريعي، مستعمل ڪري ٿي.

لفظ ۽ انهن جون معنائون، هڪٻئي سان سلهاڙجي، لغوي ذخيرو يا لغت (Lexicon، ليڪسِڪن) جوڙيندا آهن. ٻولي، جيڪڏهن صرف ڳالهائجي ٿي، ته ان جي لغت جو ڪارج ۽ ڪردار به، ٻوليءَ جي ئي ڪارج ۽ ڪردار وانگر محدود آهي، پر جيڪڏهن ٻولي لکجي ۽ پڙهجي به ٿي، ته ان جي لغت جو ڪارج ۽ ڪردار به، ٻوليءَ جي ئي ڪارج ۽ ڪردار وانگر

وڏيڪ ڪشادو بڻجي ٿو. ان ڪري ٿي: جيترو ڪنهن به ٻوليءَ ۾ علم، ادب وڌندو رهي ٿو اوترو ئي ان جي لغوي ذخيري ۾ به واڌ ايندي رهي ٿي، جنهن سان ٻولي مسلسل شاهوڪار بڻجندي رهندي آهي. لفظن جي ان واڌ دوران، مشاهدي ۾ ايندو رهيو آهي، ته عام ڳالهائيندڙ ۽ پڙهيل لکيل ته پنهنجيءَ جڳهه تي، عالم ۽ اديب به پنهنجيءَ مادري ٻوليءَ (mother tongue) جي لغت کان بخوبي واقف ناهن. ان صورت ۾، ٻين ٻولين جي لغوي ذخيري جي ڄاڻ هُجڻ جي دعويٰ ڪرڻ سونهي نه ٿي. نتيجي طور، سُڄاڻ ماڻهن، عالمن ۽ محققن، خاص ڪري ٻوليءَ جي ماهرن (Linguists، لنگگوِسٽس) ضرورت محسوس ڪئي، ته ڪو اهڙو ڪتاب جوڙجي، جنهن ۾ لفظ ۽ انهن جون معنائون ڏنل هجن، گڏوگڏ ان لفظ بابت ضروري معلومات هجي. اهڙي ڪتاب جو نالو 'لغت/لغات'، ڊڪشنري (Dictionary)، ڪوش، فرهنگ، ڪتاب اللغات، وغيره ڪتب آندو ويو. اهڙا ڪتاب ڏاڍا ڪارآمد ثابت ٿيا، ڇاڪاڻ ته اُنهن ۾ اهڙن تمام گهڻن لفظن جون معنائون ڏنل هيون، جيڪي ڪڏهن ٻڌا به نه ويا هئا. لغت جڙي پئي، ته پوءِ ان ۾ واڌارا ۽ سڌارا به ٿيڻ لڳا. ان کانسواءِ، لغتون صرف هڪ ٻوليءَ تائين محدود نه رهيون: ٻه-ٻوليائي لغتن سميت گهڻ ٻوليائي ۽ يڪ- توڙي گهڻ-موضوعي لغتون به جڙڻ لڳيون. هڪ علمي واٽ، انيڪ علمي واٽن جي راهه هموار ڪئي.

اسان جي سنڌي ٻوليءَ جا به پاڳ پيلا. ان ۾ به لغتن جي مرتب ٿيڻ ۽ ڇپجڻ جو سلسلو باضابطا طور، انگريز حاڪمن ذريعي، سنڌن دور ۾، اڻويهين صديءَ جي وچ ڌاري، شروع ٿيو. انگريز عالمن سان گڏ پنهنجن عالمن به ڪوششون ڪيون، اُپاءَ ورتا، هٿ ونڊايو ته نتيجا به توقع موجب ملندا ويا. لغتن جو تعداد، جيئن پوءِ تيئن، وڌندو ويو. لغتون جڙيون، ته انهن جي جُڙڻ/جوڙڻ جا اصول، ضابطا، قاعدا، قانون، طريقيڪار به آڏو اچڻ لڳا ۽ لغتن جا قسم به ظاهر ٿيڻ لڳا. سنڌي ٻوليءَ سان لاڳاپيل هر قسم جون لغتون جوڙڻ ۽ ڇپائڻ توڙي ڇپرائڻ ۾، جن به عالمن، محققن، اديبن، سُڄاڻن

۽ ماهرن ڪم ڪيو آهي، سي سڀ احترام لائق آهن. هر هڪ پنهنجيءَ پنهنجيءَ علمي لياقت ۽ ٻوليءَ/ٻولين جي ڄاڻ موجب، ان علمي سرگرميءَ ۾ شموليت ڪئي، ڪين آفرين آهي. سندن واسطي، اسين پنهنجي من ۾ بي پناهه عزت ۽ پيار محسوس ڪريون ٿا.

سنڌي ٻوليءَ ۾ لغت سازيءَ جو ضروري ڪم هلندو رهيو پر هڪ بيحد اهم ۽ لازمي تحقيق جي کوٽ، الڳ ڪيئن، رهجي آئي! اها هئي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل لغتن جي جامع تحقيقي اُڀياس جي، جنهن ۾ لغتن جي خوبين ۽ خامين جي ڇنڊ ڇاڻ ٿئي، ته جيئن پوءِ ڇپجندڙ لغتن کي وڌ ۾ وڌ ڪارائتو ۽ جامع بڻائجي. اهو ئي ڪارڻ آهي، جو مون پي ايڇ. ڊيءَ (Ph.D.) جي اعليٰ تعليم واسطي تحقيقي موضوعن جي چونڊ لاءِ سوچ ويچار ڪئي، ته منهنجي اوليت اهو ئي موضوع هو ۽ مون کي خوشي آهي، ته منهنجي پي ايڇ. ڊي سپروائيزر ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي صاحبَ منهنجي همت افزائي ڪئي ۽ ان موضوع تي تحقيق لاءِ راضپو ڏيکاريو. پنهنجي تحقيقي مقالي (ٿيسز) واسطي، مون سنڌي ٻوليءَ سان لاڳاپيل لغتون گڏ ڪرڻ شروع ڪيون ۽ انگريزيءَ، اردوءَ توڙي سنڌي ٻوليءَ ۾ لغت سازيءَ سان لاڳاپيل مواد هٿ ڪرڻ شروع ڪيو. انگريزيءَ ۾ آن لائين مواد مليو اردوءَ ۾ به مضمونن ۽ مقالن جي سهيڙ جا ڪجهه ڇپيل ڪتاب ڳولي لڌم پر افسوس ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪو هڪ به، ان اهم موضوع ”لغت سازيءَ“ تي ڇپيل ڪتاب نه هوا وڏي ڳالهه ته سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ تي به ڪو هڪ ڪتاب ڇپيل نه هو. مون کي ان جو ڏاڍو ڏک ٿيو. انهن حالتن ۾، مون کي لغت نويسيءَ جي مختصر تاريخ بابت ٿورڙا مضمون مليا ۽ مختلف ڇپيل سنڌي لغتن ۾ لغت نويسيءَ جي حوالي سان، تشريحي مهاڳ، مقدما ۽ پيش لفظ مليا. ته اهي به مون املهه سمجهيا. انهن حالتن ۾، مون مناسب ڄاتو ته انهن هٿ ڪيل مقالن ۽ مضمونن، مهاڳن ۽ مقدمن، وغيره کي هڪ ڪتاب جي صورت ۾، هڪ هنڌ سهيڙجي، ته جيئن سنڌي لغت نويسيءَ بابت نه صرف ٽڙيل پکڙيل مواد هڪ ئي ڪتاب ۾

مِڙيءِ وچيءِ پر آئنده ان موضوع تي تحقيق ڪندڙ لاءِ بہ سهولت جو سبب بڻجي پوي ٿي. هيءُ ڪتاب "لغت نويسيءَ بابت مضمون ۽ مقالا". اهڙن جُملي سورهن تحريرن تي مشتمل آهي، جن کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي:

پهرئين ڀاڱي ۾ يارهن عدد مقالا، مضمون، مهاڳ ۽ مقدما سهيڙيا ويا آهن، جن ۾ لُغت نويسيءَ، ان جي ابتدا، اوسر، قسمن، اصولن، ضابطن، اهميت، طريقيڪار وغيره بابت ڪيترائي ڪارگر ويچار پيش ڪيل آهن. اهي ليکَ سنڌي ٻوليءَ ۾ لُغت نويسيءَ جا ڪيترائي اهم پاسا روشن ڪن ٿا، جن جي مطالعي سان لُغت نويسيءَ جي علم سان، فڪري ۽ فني طور سٺي شناسائي حاصل ٿئي ٿي. سنڌي ٻوليءَ جي نامور عالمن ۽ لغت نويسن جي لکيل انهن مقالن جي سنڌي لغت نويسيءَ جي فن ۾ تمام وڏي اهميت آهي. انهن مقالا نويسن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو نالو تمام مٿاهون آهي، جنهن کي ماهر لغت نويس جي مستند حيثيت پڻ حاصل آهي. پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ، سنڌي لغت نويسيءَ جي ميدان ۾ ڊاڪٽر بلوچ جون سنڌي ٻوليءَ ۾ جوڙيل سنڌي لغتون پنهنجو مٽ پاڻ آهن. جن ۾ 'جامع سنڌي لغات' (5ـ جلد)، شاهه جي رسالي جي لغت 'روشني'، 'هڪ جُلدي سنڌي لغت' ۽ 'نئين جامع سنڌي لغت' (3جلد) شامل آهن. جڏهن تہ 'سنڌي۔اردو لغت' ۽ 'اردو۔ سنڌي لغت' ۾ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان سان گڏ، سندس ڪيل ڪم جي ڏار اهميت آهي. سندس چئن اهم ليکن کي هن ڪتاب جو حصو بڻايو ويو آهي، جن جي مطالعي سَان لغت نويسيءَ جي فن جا ڪيئي رخ پڌرا ٿيئن ٿا. سنڌي لغت نويسيءَ جي شعبي ۾ ٻئي جنهن عالم جو نانءُ جرڪندڙ جوت جيان آهي، سو ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو آهي. پاڪستان جي قيام بعد سنديلي صاحب جو اشتقاقن تي ڪيل ڪم بنيادي نوعيت جو آهي ۽ 60 کان وڌيڪ ورهيہ گذرڻ باوجود ڏيان ڇڪائيندڙ آهي. سندس جوڙيل لغتن ۾ 'تحقيق لغات سنڌي'، 'سامي ڏاتو ڪوش' ۽ 'سچل لغات' شامل آهن. موجوده ڪتاب ۾ لغت سازيءَ ۽ اشتقاقن جي حوالي سان بحث ڪندڙ ۽ پيش لفظ

طور لکيل سندس ليک 'تحقيق لغات سنڌي' مان ڏنو ويو آهي. هڪ ٻئي لغت نويس جناب سترامداس سائل جو لکيل 'مهاڳ' لغت نويسيءَ جي فن تي نئين روشني وجهندڙ آهي. جنهن جي لغت 'سائل کوش' سنڌي-سنڌي لغتن ۾ وڏي رتبي واري آهي. لسانيات شعبي جي وڏي عالم، ڊاڪٽر غلام علي الانا جو جيتوڻيڪ سڌيءَ ريت لغت نويسيءَ ۾ ڪم ڪيل نہ آهي، پر ڪين لغت نويسيءَ جي اصولن، قسمن ۽ ضابطن تي جامع معلومات حاصل آهي. خاص ڪري پاڻ لغت جي وياڪرڻي رخن تي دسترس رکندڙ آهي. لغت نويسيءَ بابت سندن لکيل اهم 'مقدمو' پڙهڻ ۽ پرجهڻ وٽان آهي. ساڳيءَ ريت، ڊاڪٽر مدد علي قادريءَ، محترمہ خديجہ انصاريءَ ۽ ڊاڪٽر فهميده حسين جا معلوماتي مقالا، لغت نويسيءَ جي علم ۽ فن جي تڪميل لاءِ جاکوڙيندي نظر اچن ٿا، جن جي ساٿ ۾ راقم جو مقالو پڻ پنهنجو حصو ونڊڻ جي ڪوشش ڪندڙ آهي.

ٻئي ڀاڱي ۾ پنج عدد مقالا ۽ مضمون آندل آهن، انهن سڀني ۾ سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ جو گهڻو ئي احاطو ڪيل آهي. مقالن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل تمام گهڻين لغتن جو ذڪر آندو ويو آهي، خاص ڪري ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي، انجنيئر عبدالوهاب سهتي ۽ جناب ناسف علي شيراز جي مقالن ۾ گهڻو ئي تفصيل سمايل آهي. شيراز صاحب، لغتن بابت بنيادي انگن اکرن جا ڄڻ تہ ذخيرا گڏ ڪيا آهن. جڏهن تہ جناب تاج جوئي ۽ ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ جا مضمون پڻ شني ڄاڻ سان سينگاريل ۽ اڳين مقالن ۽ مضمونن جو سهڻو تسلسل آهن.

هيٺ هن ڪتاب ۾ شامل سمورن مقالن، مضمونن، مهاڳن، وغيره بابت الڳ الڳ مختصراً، ويچار ونڊجن ٿا:

'انگريزن کان اڳ آزادي واري دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ لغات کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جون عالمانہ ڪوششون':

هيءُ مضمون سنڌي ٻوليءَ جي هاڪاري عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو لکيل آهي. هيءُ مضمون سنڌي لغت جي ابتدا ۽ ٻين ٻولين، جهڙوڪ

فارسيءَ ۽ عربيءَ ۾ معنائُن ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ جي حوالي سان تاريخي اپياس طور بنيادي حيثيت رکندڙ آهي. هن مضمون جي مطالعي مان سُڌ پوي ٿي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪهڙيءَ ريت فقهي، تعليمي ۽ لغوي نوعيت جي معاملن کي سمجهائڻ واسطي، 16 صدي عيسوي ڌاري، فارسي لفظن بدران سنڌي لفظن جي واهپي سان شروعات ٿي، جنهن سان سنڌي ٻوليءَ ۾ "ٻہ-ٻوليائي" (Bi Lingual) ۽ "ٽہ-ٻوليائي" (Tri Lingual) لغتن جي ابتدا جا اوائلي نشان پڻ ظاهر ڪري سگهجن ٿا. ان ڪانسواءِ تنهن وقت، لفظن جي سماجي ۽ اصطلاحي معنائن جي اهميت کي پڻ سمجهيو پئي ويو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي هن مضمون ۾ ٽن اوائلي واسطيدار لغوي ڪتابن ۽ فهرستن جي باري ۾ بنيادي ڄاڻ ميسر ٿئي ٿي، جن ۾ "نظام الدين جو ڪتاب 'انيس انجمن'"، "آخوند عبدالرحيم عباسيءَ جي 'جواهر لغات سنڌي اڪيچار'" ۽ "آخوند محمد حسن سانوٽيءَ جو ڪتاب 'حسن الفوائد و احسن تعليم الصبيان'" شامل آهن. جڏهن تہ بلوچ صاحب، عبدالغفور همايوني جي ڪتاب 'الفاظ اَدويه' جي اهميت کي پڻ آشڪار ڪيو آهي ۽ ڪي مثال پڻ پيش ڪيا آهن.

## 'سنڌي لغت (الڪيڙهہ)':

سنڌي لغت نويسيءَ کي بنياد بڻائي لکيل هيءَ ليکُ پڻ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو هڪ خط جي روپ ۾، سندس استاد جناب عثمان علي انصاري ڏانهن، سن 1945ع ۾ لکيل آهي. هن خط مان واضح ٿو ٿئي، تہ انصاري صاحب سنڌي-سنڌي لغت تي ڪم ڪري رهيو هئو جنهن جي جوڙڻ بابت مختلف نُڪتن تي، ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي وضاحتون گهربيون آهن ۽ ڪجهہ تجويزون ڏنيون آهن، جهڙوڪ: ڪهڙن اصولن آڌار لغت جوڙي ويندي، ڪم جو دائرو ڪيترو وسيع هوندو طريقيڪار ڪهڙو رٿيو ويندو، لغت ۾ ڪهڙا لفظ داخل ڪيا ويندا ۽ ڪهڙا ڇڏيا ويندا، ان جا معيار ڪهڙا هوندا، ڇاڪاڻ تہ 'لفظن جو انتخاب' پڻ خطرناڪ نالو آهي، لغت جا سرچشما ڪهڙا هوندا، لغت جون خاصيتون ڪهڙيون هجڻ

گهرجن؟ وغيره. هيءَ هڪ اهم خط آهي، جنهن مان لغت سازيءَ جا مختلف اهم نُڪتا نروار ٿين ٿا.

## 'جامع سنڌي لغات' جلد-1 جو 'مهاڳ':

هيءَ ليکڪ سنڌي ٻوليءَ جي مشهور ۽ معروف، پنجن جلدن ۾ ڇپيل، 'جامع سنڌي لغات' جي 'مهاڳ' طور ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو لکيل آهي، جيڪو 'جامع سنڌي لغات' جي پهرئين جلد ٽان ورتو ويو آهي. هن مهاڳ ۾ مختصر طور سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ کي بيان ڪرڻ سميت، آڳاٽين لغتن ۾ شامل لفظن جي تعداد کي درج ڪرڻ سُوڌو جامع لغات جي داخلائن بابت پڻ سڌ ڏني وئي آهي. هن مهاڳ جي خاص ڳالهه هيءَ به آهي ته ان منجهان سنڌي لغات جوڙڻ جي اصولن ۽ طريقيڪار بابت تفصيلي آگاهي ملي ٿي، جن جي بنياد تي مستقبل ۾ ٿيندڙ ڪم کي اڳتي وڌائي سگهجي ٿو. البت جديد اصولن موجب ضرور ضابطن ۽ اصولن جي پابندي ڪرڻي پوندي ۽ اڳين اصولن تي تنقيدي نظر وجهڻي پوندي. تنهن هوندي به هن مهاڳ کي، سنڌي لغت نويسيءَ جي سلسلي ۾ "ابتدائي رهنماءِ لغت سازيءَ" جي حيثيت ڏئي سگهجي ٿي. ان مهاڳ ۾ لغت جي ڇپائيءَ ۾ ايندڙ مشڪلن جي اُپٽار پڻ ڪيل آهي. لغت جي اولين سچائپ ان جي داخلائن جي الف-ب موجب ترتيب هوندي آهي، پر ڊاڪٽر بلوچ 'جامع سنڌي لغات' ۾ مروج سنڌي الفابيٽ ۾ تبديلي ڪئي، جنهن ۾ هن 'پ' اکر بعد ايندڙ 'ف' جي جڳهه بدلائي، ان کي 'ف' بعد آندو جنهن تي لسانيات، خصوصاً صوتيات، جي عالمن اعتراض پڻ واريا هئا، پر پوءِ اها الفابيٽ ئي مروج ٿي وئي. ڊاڪٽر بلوچ جو هيءَ مهاڳ، ڪجهه وضاحتي واڌارن سان، "نئين جامع سنڌي لغات" جلد پهرئين (ا-ج) ۾ پڻ شامل آهي.

## 'تحقيق لغات سنڌي' جا 'ٻه اکر':

'تحقيق لغات سنڌي' سنڌي ٻوليءَ جي نامور محقق، لوڪ ادب، لسانيات ۽ لغات جي ڄاڻو ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي سرجيل اشتقاقي لغت آهي، جنهن ۾ هُن پاران لغت نويسيءَ جي لحاظ کان جيڪي

'ٻہ اکر' لکيا ويا آهن، تن کي هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن 'ٻن اکرن' کي اشتقاقي لغت نويسيءَ جي لحاظ کان بنيادي حيثيت حاصل آهي. اشتقاقُ لفظ جي اصليت کي بيان ڪرڻ سان گڏ بنيادي معنيٰ بابت پڻ آگاهي ڏيندو آهي. جيڪا زماني جي گردشن سبب ڦرندي رهندي آهي. ان ڪري ئي هر هڪ ٻوليءَ ۾ اشتقاقي لغتن ( Etymological Dictionaries) جي وڏي اهميت هوندي آهي تہ جيئن نہ رڳو لفظ جي اصل صورت يا بُڻ کي کوجي سگهجي، پر لفظ ۾ لڪل اوائلي تاريخ، مفهوم ۽ معنيٰ کي بہ ڳولي ۽ سمجهي سگهجي. ڊاڪٽر سنڌيلي صاحب جو لفظن جي اشتقاقن سان خاص لڳاءُ هو ان ڪري هن سنڌي لغت نويسيءَ ۾ اشتقاقن ڳولڻ جي ڏکئي موضوع تي محبت، محنت ۽ مستقل مزاجيءَ سان ڪم ڪيو. سنڌيلي صاحب الفابيٽ جي اها ئي ترتيب رکي جيڪا 'جامع سنڌي لغات' ۾ ڊاڪٽر بلوچ ڀاران بدلائي پيش ڪيل الفابيٽ کان اڳ، مروج هئي، ان ڪري سنڌيلي صاحب جي لغت ۾ 'پ' بعد 'ڦ' آندل آهي. هنن 'ٻن اکرن' ۾ سنڌيلي صاحب، ڪانئس اڳ ڪيل اشتقاقي ڪم تي تنقيدي نظر بہ وڌي آهي. جڏهن تہ سنڌيلي صاحب 'ٻن اکرن' جي آخر ۾ مددي لغتن جي جيڪا فهرست پيش ڪئي آهي، سا سندس ڪم جي اهميت ۽ محنت کي اُجاريندڙ ۽ نون لغت نويسن لاءِ اُتساهہ جو ذريعو آهي.

## لغت سازيءَ جا اصول:

هيءَ جامع معلوماتي مقالو نامور محقق ڊاڪٽر مدد علي قادريءَ جو لکيل آهي. جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي مخزن 'پورب' ۾ 1969ع ۾ ڇپيو. هن مقالي ۾ قادري صاحب لغت نويسيءَ جي اهميت کي بيان ڪرڻ بعد، مختلف قومن ۽ ٻولين جي ابتدائي لغتن بابت، مختصراً، ڄاڻ ڏني آهي، جن ۾ اول، اشوري، چيني، يوناني، عربي ۽ پوءِ ٻين قومن ۽ ٻولين اچن ٿيون. ان مقالي ۾ لغتن ۾ لفظن جي داخلائن جي ترتيبن جوڙڻ بابت پڻ ڄاڻ ملي ٿي. ان بعد لغت سازيءَ جي مختلف اصولن جهڙوڪ: لفظ ڪٺي ڪرڻ، انهن

ڪي الف-بي موجب ترتيب ڏيڻ ۽ تشريح ڪرڻ شامل آهن. تشريح جي ضمني داخلائن ۾ لفظ جي اصليت، اشتقاق، اچار، نحوي حالت ۽ معنيٰ شامل آهن. مجموعي طور ڊاڪٽر مدد علي قادريءَ جو هيءُ هڪ اهم مقالو آهي، جنهن جي اڀياس سان لغت سازيءَ جا ڪيئي بنيادي رخ پڌرا ٿين ٿا. مقالي جي پڇاڙي، قادري صاحب، هن اهم جملي تي ڪئي آهي: "جيئن لفظ جي ڦليان هڪ تاريخ آهي، اهڙي طرح معنيٰ جي بہ عمر ٿئي ٿي. ڪن لفظن جون ان ڪري چند پراڻيون معنائون بہ آهن تہ چند جديد معنائون بہ."

**'لغات سنڌي مخففات' جو 'مقدمو':**

هيءُ مفصل ۽ عالماڻو مقدمو سنڌي ٻوليءَ جي نامور ماهرِ لسانيات ڊاڪٽر غلام علي الانا جو لکيل آهي، جيڪو هاڪاري شاعر جناب مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي جوڙيل منفرد لغت 'لغات سنڌي مخففات' ۾ شامل آهي. هن 'مقدمي' ۾ الانا صاحب لغت نويسيءَ جي حوالي سان انتهائي ڪارائتا نُڪتا بيان ڪيا آهن، جن ۾ هن لغت نويسيءَ، ان جي اصولن، ڀيمانن ۽ قسمن تي وضاحت سان لکيو آهي، ۽ لغت ۽ انسائيڪلوپيڊيا ۾ فرق پڻ ٻڌايو آهي. ٽن ڀاڱن ۾ اڻ سڌيءَ طرح ورڇيل هن مقدمي جو هڪ ڀاڱو لغت، ان جي قسمن ۽ انهن جي وصفن تي مشتمل آهي جيڪو سٺي ۽ بنيادي معلومات، مثالن سميت، ڏيندڙ آهي. ٻيو ڀاڱو سنڌي لغت نويسيءَ جي ابتدا ۽ ارتقا ڪي بيان ڪري ٿو جنهن ۾ ڊاڪٽر بلوچ ۽ ڊاڪٽر سنڌيلي ڀاران سنڌن لغتن ۾ ڪتب آندل انهن 34 مددي لغتن ۽ ٻين رسالن وغيره جي فهرست ورجايل آهي، جيڪي هنن صاحبن پنهنجون لغتون جوڙڻ ۾ ڪتب آنديون. جڏهن تہ 'مقدمي' جو آخري ٽيون ڀاڱو 'لغات سنڌي مخففات' سان سڌيءَ ريت لاڳاپيل آهي، جنهن ۾ ڄاڻايل آهي تہ اهڙي اهم ۽ منفرد سنڌي لغات اڳ ڪڏهن بہ جوڙي نہ وئي آهي. هن ئي ڀاڱي ۾ ان نُڪتي تي پڻ بحث ڪيل آهي تہ ڪهڙيءَ ريت عوامي ڳالهہ ٻول ذريعي مخفف جُڙن ٿا ۽ گفتگوءَ جو حصو بڻجڻ

بعد لکت ۾ پڻ اچن ٿا. الانا صاحب هن لغت جو لساني طور مفصل جائزو وٺي، هن لغت جي اهميت کي نروار ڪيو آهي ۽ مخففن ذريعي سنڌي لسانيات جي مطالعي کي پڻ پيش ڪيو آهي.

## 'سائل ڪوش' (هڪ جُلدي لغت) جو مهاڳ ('پرستاونا'):

ڇپيل سنڌي-سنڌي لغتن مان 'سائل ڪوش' جي اهميت کان شايد ئي ڪو اياڻو انڪار ڪري سگهندو. هيءَ لغت جناب سترامداس 'سائل' جي وڏيءَ محنت ۽ سنڌي ٻوليءَ سان اڻ مٽي محبت جو چٽو پٽو اظهار آهي. اهم ڳالهه هيءَ بہ آهي تہ هيءَ لغت هندستان ۾ لکيل ۽ ڇپيل آهي. جنهنڪري ان لغت جي داخلائن ۾ آيل هندي لفظن جو ڪارگر اضافو سنڌي ٻوليءَ جو منفرد حصو بڻجي ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ هندستان ۾ ڳالهائجندڙ ۽ لکجندڙ سنڌي ٻوليءَ تي اُتان جي ٻولين جو اثر پڻ پيل آهي. ان لغت جو ٻيو ۽ ٽيون ڇاپو سنڌ ۾ ڇپيا، جنهنڪري اسان سنڌ واسي پڻ 'سائل ڪوش' مان مستفيض ٿي سگهياسين. سترامداس 'سائل' ان لغت جي مهاڳ ۾ نہ صرف لغت نويسيءَ لاءِ لازمي جُزن جي اپٽار ڪئي آهي، پر تفصيلي طور 'سائل ڪوش' ۾ ڪتب آندل طريقيڪار اصولن ۽ ضابطن کي پڻ بيان ڪيو آهي، جيڪي نون لغت نويسن جي رهبري ڪندڙ پڻ آهن. سترامداس 'سائل' الف-بي جي پٽي پڻ مهاڳ ۾ ڇاپائي آهي، جنهن ۾ 'پ' اکر بعد 'ڦ' کي آندو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ اها ئي پٽي هلندڙ هئي. هن مهاڳ ۾ 'سائل' صاحب مختلف سنڌي اکرن بابت پڻ مختصراً ويچار ونديا آهن، جيڪي ڏيان لائق آهن. جڏهن تہ عربي آئيوٽا جي شمسي ۽ قمري اکرن، صحيح هِجي، اِملا جي نشانين سميت پنهنجي طرفان 'سائل ڪوش' جي ڪجهہ خوبين کي پڻ بيان ڪيو آهي، جيڪي بيشڪ قدر جوڳيون آهن. هيءَ لغت هڪ ماڻهوءَ جي، انفرادي طور ڪيل ڪامياب ڪوشش جو نتيجو آهي، جيڪا ساراهہ لائق آهي.

**’هڪ جلدي سنڌي لغت‘ جو ’مهاڳ‘:**

هيءُ مهاڳ نامور عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو لکيل آهي، جيڪو سنڌس جوڙيل ’هڪ جلدي سنڌي لغت‘ ۾ شامل آهي. هن ننڍي لکيل مهاڳ ۾ ڊاڪٽر بلوچ هڪ جلدي سنڌي لغت جي اهميت بيان ڪرڻ سان گڏ، ان لغت جي لکجڻ تيار ٿيڻ ۽ ڇپجڻ جي مختلف مرحلن کي بيان ڪرڻ سميت، لغت ۾ ڪتب آندل طريقيڪار ۽ اصولن کي پڻ ٻڌايو آهي جيڪي لڳ ڀڳ ساڳيا ئي آهن جيڪي ’جامع سنڌي لغات‘ لاءِ طيءِ ڪيا ويا هئا. مهاڳ ۾ ڊاڪٽر بلوچ ان ڳالهه تي اطمينان جو اظهار ڪيو آهي، ته سندس هڪ جُلدي لغت ڇپجڻ سان بنيادي خاڪو هڪ ماڊل طور قائم ٿي چڪو آهي.

**سنڌي ٻوليءَ ۾ جامع انسائيڪلوپيڊڪ لغت جي گهرج:**

هيءُ مضمون محترمہ خديجہ انصاريءَ جو لکيل آهي، جيڪو تماهي ’مهراڻ‘ تان ورتو ويو آهي. هيءُ مضمون انهن ابتدائي مضمونن ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو جيڪي خاص ڪري لغت جي اهميت کي نروار ڪرڻ لاءِ لکيا ويا. مانواري ليکڪ جو هيءُ مضمون لغت جي وصف، ان جي قسمن ۽ سنڌي لغت نويسيءَ جي ڪجهہ تاريخ بيان ڪرڻ کان پوءِ انسائيڪلوپيڊڪ لغت بابت آگاهي ڏي ٿو جنهن بعد اهڙي مفصل انسائيڪلوپيڊڪ لغت جي ضرورت تي ڌيان ڇڪرائڻ بعد، ان جي جوڙڻ جو هڪ خاڪو پڻ ڏسيو ويو آهي، جنهن جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي تہ انسائيڪلوپيڊڪ لغت جوڙڻ تي سٺي سوچ ويچار ڪئي وئي آهي.

**’علم اللغات ۽ سنڌيءَ ۾ لغت سازيءَ جي روايت‘:**

هيءُ بنيادي معلومات تي جڙيل مضمون نامور اسڪالر ڊاڪٽر فهميده حسين جو لکيل آهي ۽ سندس تحقيقي مقالن ۽ مضمونن تي مشتمل

ڪتاب "سنڌي ٻولي: مختلف لساني پهلو" (2012ع) تان ورتو ويو آهي. هن مضمون ۾ ڊاڪٽر صاحب لغت نويسيءَ (Lexicography)، جنهن کي هن لغت سازي سڏيو آهي، ۽ ان جي ٻن قسمن اصولي لغت سازيءَ (Theoretical Lexicography) ۽ عملي لغت سازيءَ (Practical Lexicography) کي واضح ڪرڻ کان پوءِ عملي لغت سازيءَ جي لازمي ڳالهين کي انٽرنيٽ تان ڪنيل معلومات جي آڌار تي بيان ڪيو آهي، جنهن کان پوءِ 'علم اللغات' (Lexicology) ۽ لسانيات جي ڪجهه ٻين لاڳاپيل شاخن جي وصفن کي سمجهايو آهي، جن جي ڄاڻ لغت سازيءَ لاءِ ضروري آهي. انهن شاخن ۾ معنويات، صوتيات، صرفيات/علم صرف، نحويات، علم اشتقاق، صورتخطي ۽ ترتيب شامل آهن. هن مضمون ۾ مصنف لغت نويسيءَ جي ڪجهه تاريخ پڻ درج ڪئي آهي، البت خاص اشارو صورتخطيءَ جي ترتيب (order) ڏانهن پڻ ڪيل آهي، جيڪا وقتاً فوقتاً تبديل پئي ڪئي ويندي رهي آهي، جنهن سبب لغتن ۾ پڻ مختلف اکري ترتيبون نظر اچن ٿيون.

مصنف جي بيان موجب "اسي واري ڏهاڪي ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب پاران هيءَ ترتيب ڏني وئي: ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ج ڄ جهہ ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ڦ ڪ ک گ ڳ گهہ ڱ ل م ن ڻ و ه ء ي."

واضح هجي تہ "جامع سنڌي لغات" جو پهريون جلد 1960ع ۾ ڇپيو هو نہ ڪي اسي واري ڏهاڪي ۾، جنهن ۾ ڊاڪٽر بلوچ الف-بي جي ترتيب ۾ تبديلي آڻيندي وسرڳ آواز [ڦ] کي اوسرڳ آواز [پ] جي پٺيان رکيل جڳهہ تان ڪڍي، [ف] پٺيان، ملندڙ شڪل جي بنياد تي رکيو هو جنهن تي صوتياتي ماهرن اعتراض پڻ واريا هئا. ان صورت ۾ ڊاڪٽر فهميده حسين جو اهو چوڻ غور طلب آهي تہ "موجوده ترتيب نہ صوتيات جي لحاظ کان درست آهي ۽ نہ وري نقطن جي ترتيب سان".

**'لغت نويسي: وصف، قسم ۽ اهميت':**

هيءُ مضمون راقم (رياضت برڙي) جو لکيل آهي، جنهن ۾ لغت جي مختلف وصفن کي بحث هيٺ آڻي لغت جي معنائن ۽ مفهومن کي چِٽو ۽ ان جي قسمن کي پڻ بيان ڪيو ويو آهي، جنهن بعد لغت نويسيءَ (ليڪسيڪوگرافيءَ) ۽ علم اللغات (ليڪسيڪولاجيءَ) جي فرقن کي پڻ بحث ڪري واضح ڪيل آهي. مضمون جي آخر ۾ لغتن جي اهميت تي مختصراً ويچار ونديل آهن.

**'سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ':**

هيءُ مفصل مضمون سنڌي ٻوليءَ جي نامور محقق ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب جو لکيل آهي. هيءُ مضمون سنڌ ۽ هند ۾ ڇپيل لغتن (ڪوشن) بابت مختصر پر جامع ڄاڻ ميسر ڪندڙ آهي، جنهن سان سنڌي-سنڌي ۽ سنڌيءَ کان ٻين ٻولين ۾ ڇپيل لغتن بابت مفيد معلومات ملي ٿي. هن مضمون جي هڪ خوبي هيءَ به آهي ته ان ۾ سنڌي لغتن جي تاريخ کي مختلف دؤرن ۾ ورڇيو پڻ ويو آهي ۽ ان ورڇ موجب سنڌي لغتن جي تاريخ جي ابتدا باضابطا طور انگريز دؤر کان ڪئي وئي آهي. ڊاڪٽر جيٽلي جي هن مضمون ۾ انيڪ لغتن بابت ڄاڻ ملي ٿي، جنهن کي وڏيڪ جامع بڻائڻ جي گهرج محسوس ٿئي ٿي، جنهن سان سنڌي لغتن جي مفصل تاريخ جوڙي سگهبي. هن مضمون ۾ پهاڪن ۽ اصطلاحن جي ڇپيل ڪتابن بابت پڻ داخلائون درج ڪيون ويون آهن. ڇاڪاڻ ته انهن ۾ پڻ لفظ ۽ انهن جون لغوي توڙي اصطلاحي معنائون ڄاڻايل هونديون آهن. هن مضمون وسيلي اسان کي هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ لغتن تي ٿيل ڪم جي تفصيلي ڄاڻ پڻ ملي ٿي ۽ اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو ته لغت نويسيءَ جي حوالي سان ڪهڙا پراجيڪٽ هلندڙ آهن ۽ ڪهڙا اڌورا رهجي ويا آهن. ڊاڪٽر جيٽلي جو هيءُ مضمون ٽماهي "مهراڻ" ۾ ڇپجڻ کان پوءِ، ڪن جزوي تبديلين سان "سنڌي ٻولي" تحقيقي جرنل ۾ ٻيهر ڇپيو هو جنهن کي پڻ نظر هيٺ رکيو ويو آهي.

**’سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ، 2 ضميما‘:**

ٻن ضميمن طور ڇپيل هي مضمونَ انجنيئر عبدالوهاب سهتي جا لکيل آهن جنهن جو ڀاڪن چوٽين ۽ ورجيسن تي تمام گهڻو تحقيقي ڪم ڪيل آهي ۽ ڀاڪن ۽ چوٽين جي لغت تي پڻ ڪم هلندڙ آهي. سهتي صاحب جي ٻئي ضميما، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جناب ناسف علي شيرازي ۽ جناب تاج جوئي جي جوڙيل مضمونن جي تسلسل ۾ لکيل ۽ ماهوار ”ڪينجهر“ ۾ ڇپيل آهن، ته جيئن انهن محققن جي مضمونن ۾ داخلائن کان رهجي ويل لغتن ۽ واسطيدار ڀاڪن جي ڪتابن جي داخلا پڻ رڪارڊ تي آڻي سگهجي. اهڙي وضاحت سهتي صاحب پاران ضميمن ۾ پڻ آندل آهي. سهتي صاحب جي ٻنهي ضميمن ۾ پڻ مختلف لغتن ۽ ڀاڪن جي ڪيترن ئي ڪتابن بابت مختصر ڄاڻ درج ڪئي وئي آهي. جنهن سان سنڌي لغت نويسيءَ جي وسعت ويتر وڌي وڃي ٿي. ٻئي ضميمي جي پڇاڙيءَ ۾ انهن اڻڇپيل لغتن جو ذڪر ڪيل آهي جيڪي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ وٽ ڇپائيءَ لاءِ پيل آهن. انهن لغتن مان ڪيتريون ئي لغتون هاڻي ڇپجي چڪيون آهن.

**’سنڌي زبان ۾ لغت نويسي‘:**

هيءَ معلوماتي مضمون معروف اديب تاج جوئي جو لکيل آهي، جيڪو مختلف رسالن ۾ ڇپجڻ کان پوءِ، ڊاڪٽر بلوچ جي جوڙيل ’هڪ جلدي سنڌي لغت‘ (1998ع) ۾ پڻ ڇپيو. ان لغت جي 2006ع ۾ ڇپيل ٻئي ڇاپي تان، هيءَ مضمون ورتو ويو آهي. هن مضمون جي خاص ڳالهه هيءَ آهي ته منجهس مختلف لغتن جون فهرستون، لغتون جوڙيندڙن ۽ ڇپائي جي سنن سميت، مرتب ڪيون ويون آهن، جيڪي وڌيڪ اڀياس لاءِ اُتساهن ٿيون. هيءَ مضمون ڄڻ ته سنڌي لغتن جي ڄاڻوڪي (ڊيٽا) آهي.

**'سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۽ ببليو گرافي':**

مٿئين عنوان سان مضمونن جو سلسلو جناب ناسف علي شيراز جو لکيل آهي، جنهن جو گهڻو ئي اهڙيءَ نوعيت جو تحقيقي ڪم سنڌي مخزنن ۾ ڇپجندو رهيو آهي. سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۽ ببليوگرافيءَ تي شيراز صاحب تفصيل سان لکيو آهي ۽ سنڌي لغت نويسيءَ جي بنيادي ڄاڻوڪي (ڊيٽا) ڪٺي ڪري ڏني آهي، جنهن لاءِ هي صاحب جس لهڻي. سندس اولين مضمون "سنڌ ۾ لغت نويسيءَ جي مختصر تاريخ" رسالي "نئين زندگيءَ" جي مارچ 1993ع جي شماري ۾ محبوب اختر پناڻ جي نالي سان ڇپيو جنهن کي پوءِ ان کي وڌائي مفصل بڻايو جنهن جون پهريان ٻه قسطون ٽماهي 'مهراڻ' ۾، اونهاري 2004ع ۽ سرءُ 2004ع ۾ ڇپيون، جن ۾ شيراز صاحب مفصل طور سنڌي لغتن بابت ڄاڻ ڏني. ان بعد سندس هڪ خط پڻ "واڌو ڄاڻ" جي سري سان، 'مهراڻ' ۾ سياري 2005ع ۾ ڇپيو جنهن ۾ ڪجهه رهجي ويل لغتن بابت ڄاڻ ڏنل هئي. جيئن ته سنڌي ٻوليءَ ۾ لغتن جي ڇپجڻ جو سلسلو جاري رهندو آيو ان ڪري هُو صاحب لغتن جي ڄاڻ سهيڙيندو رهيو جيڪا سندس مضمونن جي سلسلي جِي، ٽين ۽آخري قسط 'مهراڻ' جولاءِ-سيپٽمبر 2011ع ۾ ڇپي. انهن ٽنهي قسطن ۽ خط تي مشتمل ناسف علي شيراز جي هن اهم مقالي جي سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۾ تمام وڏي حيثيت آهي، جنهن جو ادراڪ مقالو پڙهندي ئي ٿي وڃي ٿو. موجوده ڪتاب ۾ شيراز صاحب جي انهيءَ طويل مقالي کي، سندن ڇپجڻ جي ترتيب موجب، پيش ڪيو پيو وڃي.

**'سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۽ ببليو گرافي':**

هيءُ مضمون، جناب ناسف علي شيراز جي مضمونن جي تسلسل ۾ ساڳئي عنوان سان، نوجوان محقق ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ جو لکيل ۽ ٽماهي 'مهراڻ' ۾ ڇپيل آهي، ان ڪري ئي مضمون جي ٽنڊي عنوان ۾

ليکڪ پاران "ناسف علي شيراز جي مقالي بابت واڌو چاڻ" لکيو ويو آهي. بخاري صاحب جي هن مضمون ۾ ناسف علي شيراز پاران لغتن جي رهجي ويل داخلائن بابت معلومات ونديل آهي. جڏهن تہ خاص اضافي ڄاڻ انهن لفظن ۽ معنائن بابت پڻ ڏنل آهي جيڪي لغتن بدران مختلف ڪتابن ۾ مضمونن، مقالن، تشريحن يا سمجهاڻين طور ڏنل آهن ۽ لغتن ۾ داخلا جو ذريعو هجڻ سميت ڪارگر اضافو آهن.

**حاصلات:**

سنڌي ٻوليءَ ۾ هيءَ پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ سنڌي لغت نويسيءَ جي جوڙڻ ۽ تاريخ بابت 16 عدد مقالا، مضمون، مهاڳ، مقدما، وغيره هڪ هنڌ ڪٺي ڪيا ويا آهن. انهن جي اڀياس سان نہ صرف سنڌي ٻوليءَ ۾ لغت نويسيءَ جي ابتدا ۽ اوسر بابت بنيادي ڄاڻ ملي ٿي، پر تاريخي طور پڻ معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌي لغت نويسي ڪهڙن مرحلن ۽ مشڪلن منجهان گذرندي موجوده معيار ۽ مقدار تي پهتي آهي. ٻئي طرف، انهن مقالن منجهہ سنڌي لغت نويسيءَ جا اصول، ضابطا، قسم، طريقيڪار وغيره پڻ بحث هيٺ آندل ۽ واضح ڪيل آهن، جيڪي نہ رڳو سنڌي ٻوليءَ جي ڇپيل لغتن جي تجزياتي مطالعن لاءِ لاڀائتا آهن، پر ايڪويهين صديءَ ۾ لغتن بابت ڪم ڪندڙن ۽ لغت سازن جي مناسب رهنمائي بہ ڪري سگهن ٿا، تہ جيئن وڌيڪ بهتر طريقي سان ڪم ڪري سگهجي.

اهو پڌري پٽ آهي، تہ سنڌي لغت نويسيءَ کي اڃا وڏو پنڌ ڪرڻو آهي ۽ انگريزي توڙي ٻين امير ٻولين جي لغتن (۽ انسائيڪلوپيڊيائن) سان ڪنهي گس ڪرڻي آهي، تڏهن ئي اها نہ صرف بين الاقوامي طور پنهنجي جوڳي جڳهہ ۽ اهميت ماڻي سگهندي، پر سنڌي ماڻهن لاءِ پڻ هر طرح ڪارآمد ۽ ڪارگر ثابت ٿي سگهندي

## ٿورا:

سڀ کان اڳ، انهن مڙني عالمن، محققن، ۽ مضمون نگارن جا ٿورا مڃان ٿو جن جا ليک هن ڪتاب ۾ آندا ويا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ جو بيحد ٿورائتو آهيان، جنهن هن ڪتاب کي ڇپائيءَ لائق ڄاتو ۽ اداري پاران ڇپرائڻ جي اجازت ڏني. ٿورا پبليڪيشن ڪاميٽيءَ جي مانائتن ميمبرن جا به، جن هن ڪتاب جي ڇپرائڻ جي منظوري ڏني. پبليڪيشن شعبي جي عملي جو پڻ ٿورائتو آهيان، جن هن ڪتاب جي ڇپائيءَ جي مامرن ۾ دلچسپي ورتي ۽ ڪتاب کي ڇپرائي پڌرو ڪرايو. اداري جي دوستن منجهان محترم خان محمد جروار ۽ محترم خالد آزاد وگهئي جو به ٿورائتو آهيان، جن جو ساٿ مون سان گڏ رهيو. انجنيئر عبدالوهاب سهتي جو پڻ ٿورائتو آهيان، جنهن مختلف گهربل مقالا ۽ مضمون ميسر ڪري ڏنا. محترم دين محمد ڪلهوڙي پڻ هڪ اهم مضمون هٿ ڪري موڪليو ان جا به وڏا قرب. مان پنهنجن پيارن اديب دوستن ڊاڪٽر احسان دانش، ڊاڪٽر فياض لطيف ۽ رضوان گل جو به ٿورائتو آهيان، جن هن ڪتاب جي ترتيب ۽ سهيڙ جي سلسلي ۾ سهڻيون صلاحون ڏنيون. شال! سڀئي سجڻ خوش ۽ آباد رهن.

آڪٽوبر 2017ع — رياضت ٻرڙو

لاڙڪاڻو

# ٻيو باب پهريون

# سنڌي لغت: اهميت اصول ۽ قسم

## انگريزن کان اڳ آزادي واري دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ لغات کي سمجھڻ ۽ سمجھائڻ جون عالمانہ ڪوششون

تحريري حوالن مان معلوم ٿئي ٿو تہ 11ـ صدي هجري (17ـ صدي عيسوي) جي وچ ڌاري سنڌ جي عالمن تعليمي نگاھہ کان محسوس ڪيو تہ فارسيءَ بدران پهريائين ٻارڙن کي مادري زبان "سنڌي" ۾ سبق ڏجن. پوءِ فارسي پڙهائجي ۽ ان بعد اعليٰ تعليم عربي ۾ ڏجي. انهيءَ نظريي جو باني غالباً مخدوم ابو الحسن هو جنهن پوءِ نماز جي مسئلن بابت سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکيو جيڪو 'ابوالحسن جي سنڌي' جي نالي سان مشهور ٿيو. پر ان ڪتاب کانسواءِ ٻيا ڪتاب بہ سنڌي ۾ لکيا ويا ۽ ڪن اهڃاڻن مان پائنجي ٿو تہ شايد ڪي 'ابوالحسن جي سنڌي' کان بہ اڳ لکيا ويا.

ان وقت جا عالم نہ فقط فارسيءَ جا پر عربيءَ جا بہ وڏا ڄاڻو هئا. باوجود انهيءَ جي هنن پنهنجي سنڌيءَ ۾ لکيل ڪتابن ۾ نج سنڌي ٻولي ڪم آندي: مقصد هي هو تہ "سنڌي" ۾ ڪتاب لکجن ۽ انهيءَ ڪري اهي لازمي طور عام رائج "نج سنڌي" ٻوليءَ ۾ لکيا ويا. تصنيف ۽ تاليف جي دائري کان ٻاهر پڻ سنڌ جي عالمن مادري زبان سنڌي کي موقعي بہ موقعي سهڻي دلپذير نموني ۾ استعمال ڪيو ڇاڪاڻ جو سمجهيائون ٿي تہ ماڻهو فطري طور پنهنجي مادري ٻوليءَ کي ئي وڌيڪ سولائيءَ سان سمجهي سگهندا ۽ وڌيڪ متاثر ٿيندا. انهيءَ لحاظ سان، ديني زندگيءَ جي دائري ۾ پڻ قرآن ڪريم جي آيتن، نبي صلعم جي حديثن يا عربيءَ ۾ دعائي فقرن پڙهڻ سان گڏ، خير ۽ برڪت جا خاص 'سنڌي الفاظ ۽ فقرا' پڻ پئي آندائون. نماز

جي نيتن توڙي خير جي دعائن کي خاص طرح سنڌي ۾ رائج ڪيائون.
اهڙا دعائن جا فقرا سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ جدا جدا سٺاءَ وارا هوندا
هئا. جن کي جيڪڏهن گڏ ڪجي ته جيڪر انهن جو بهتر مطالعو ٿي
سگهي. هيٺ نموني طور ڪي مثال ڏجن ٿا:

(الف) نَنڍين کي نماز جي نيت سيکاريندا هئا ته عربيءَ بدران
سنڌيءَ ۾ سيکاريندا هئا ۽ نهايت سهڻي سٺاءَ وارا سنڌي فقرا آڻيندا
هئا ته جيئن ياد ڪرڻ ۾ سولا ٿين. مثلاً

- نيت ڪريان نماز جي
- ٻانهپ ڪريان الله جي
- پيروي رسول جي

[ ان بعد رڪعتن جو تعداد (ٻه، ٽي يا چار) انهن جي نوعيت
(فرض، سنت، نفل، واجب)، ۽ وقت جي نماز جو نالو (جيڪو
پڻ سنڌيءَ ۾، جيئن ته اَسُر، اڳين، وچين، سانجهي يا سُهماڻي)
مثلاً]

- چار رڪعتون فرض وچين نماز
- مهڙ ڪعبة الله شريف
- پٺيءَ هن امام
- الله اڪبر

(ب) نڪاح پڙهڻ وقت، گهوٽ کان اسلام ۽ ايمان جي اقرار
جا الفاظ عربيءَ بدران سنڌيءَ ۾ چوائڻ وڌيڪ مناسب ڄاتائون.
ڇاڪاڻ جو اڻ پڙهيل شخص هوندو ته عربي الفاظ ڏکيائي سان چوندو
۽ ايترو صحيح به نه چوندو پر ان کان وڌيڪ فائديمند ڳالهه اها ته
جيڪڏهن هو اهي الفاظ پنهنجي مادري زبان ۾ چوندو ته نه فقط
سولائيءَ سان چوندو پر سمجهي به سگهندو ته ڇا ٿو چوي. تنهن ۽ ان
طرف لاڙ واري ڀاڱي ۾، نڪاح جي وقت اهو اقرار نامو هيٺين منظوم

سنڌي عبارت ۾ هن وقت تائين رائج آهي[1]:

هاڻي چوان هڪ ڏڻي هي سچي شهادت
تہ مولي مون کي مسلمان ڪريين مڙيين نبيءَ سڻ
تہ مولي مون کي مسلمان ڪريين ڪڍيين دُنيءَ ڪنا
رساييم حضرت رسول سين جو منو مصطفي
آهيان مسلمان اڳهين، سچو دين سندوم
ريهارو رحمان جو حضرت محمد مير مجئوم
سندي شاهديءَ مومنن هي ڪلمو پاڪ پڙهئوم.

(ج) سليمان فقير ۽ دوست محمد عباسي مٽياري شهر جا تن وٽ ڪو سوالي ايندو هو تہ درگاهہ الاهي مان هن طرح دعا گهرندا هئا:

جيڪي ڪريان آنءَ، سو ڪرين تون
جيڪي ڪرين تون، سو قائم،
عاقبت خير، مشڪل آسان!

چوٽيارين جي درسگاهہ جي ڪاغذن جي ذخيري مان معلوم ٿيو تہ ميون عبدالرحيم گرهوڙي جيڪڏهن ڪنهن کي ڪو تعويذ ڏيندو هو تہ ڏڻيءَ در دعا گهرڻ بعد هيٺيون ٻہ سٽون لکي ڏيندو هو:

تون ڏيين، تون لاهيين، تنهنجو آهي وس،
تو وَهيٽا ڪمڙا، مون وهيٽي مس.

عالمن جون اهي دعائون دفاعون، مادري زبان سان قرابت ۽ ان جي فطري اهميت واري اصول جي مد نظر هيون. موجوده ڄاڻ موجب، ڏهين صدي هجري (16ـ صدي عيسوي) کان وٺي سنڌ جي عالمن ۽

---

[1] شهر ٺٽي ۾ هڪ شادي (مير حسن بن مرحوم محمد اسماعيل خان نون جي تاريخ 27ـ مئي 1977ع) ۾ جامع مسجد جي پيش امام مولوي عبداللطيف (بن مرحوم مولوي محمد حسين) جنهن نڪاح پڙهيو تنهن گهوٽ کان اهي لفظ چوايا. مون ڪانئس پڇيو تہ: چيائين تہ مخدوم محمد هاشم رحہ جي وقت کان بلڪ اڳ ۾ اڳي کان وٺي ٺٽي شهر ۾ نڪاح وقت اهي الفاظ سنڌيءَ ۾ ائين ئي چوايا ويندا آهن

اُستادن جيڪا ايا بہ وڏيڪ وڏي خدمت ڪئي سا سنڌي ٻوليءَ جي مطالعي ۽ سنڌي لغات جي تحقيق جي سلسلي ۾ ڪئي. سنڌي لفظن، اصطلاحن ۽ جملن جي معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ضرورت ڪن خاص مقصدن کي پوري ڪرڻ خاطر پيئي: فقهي، تعليمي ۽ لغوي سماجي زندگي، شادي ۽ طلاق، وصيت نامن، قسم نامن، ماپن ۽ ماڻن، وهنوار ۽ وعدن ۾ آڳاٽي وقت کان وٺي خاص سنڌي لفظ استعمال ٿيندا پئي آيا، جن جي اصلاحي تشريح ۽ فقهي توضيح جي ضرورت پئي ٿي تہ جيئن صحيح فتوائن مطابق فيصلا ٿي سگهن. مخدوم جعفر بوبڪائي طرفان طلاق جي سلسلي ۾ استعمال ٿيندڙ سنڌي لفظن 'ڇڏي' ۽ 'ڇڏيم' جي ڪيل تشريح ۽ توضيح هن سلسلي جو هڪ آڳاٽو مثال آهي. مخدوم جعفر ڏهين صدي هجريءَ جي آخر ڌاري وفات ڪئي[2]. اهڙن لفظن جي نہ فقط لغوي معنائن پر سماجي مفهومن کي بہ متعين ڪيو ويو. مثلاً لفظ 'يار' جي باري ۾ سيوهڻ جي عالم مخدوم محمد عارف چيو تہ اهو 'دوست' جي برابر آهي، پر اُتر توڙي لاڙ جي ٻين عالمن، خصوصاً مخدوم عبدالڪريم متعلوي (مٽياروي)، انهيءَ خالص لغوي معنيٰ تي وڌيڪ ويچار ڪنديءَ ان وقت جي سنڌي معاشري ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ 'يار' جي اصطلاحي ۽ سماجي معنيٰ کي زير غور آندو ۽ ان کي 'ياءُ' جي برابر ٺهرايو.

تعليمي نگاهہ کان جڏهن مادري زبان جي اوليت ۽ اهميت وارو اصول قبول ڪيو ويو تہ هڪ تہ سنڌي ۾ ابتدائي تعليم ڏيڻ لاءِ درسي ڪتاب لکيا ويا ۽ ٻيو تہ ثانوي سطح تي فارسي پڙهائڻ لاءِ سنڌيءَ کي تعليمي ذريعو بڻايو ويو ۽ ان لاءِ ڪي خاص اُپاءَ ورتا ويا. هن سلسلي ۾ عالمن ۽ استادن جيڪو مواد تيار ڪيو سو سڄو سلامت نہ رهيو آهي، جو ان جو صحيح طور تي اندازو لڳائي سگهجي، البتہ

[2] وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ" ٻيو ڇاپو حيدرآباد 1400 هہ/1980ع صفحا 236_249

جيڪو مواد قلمي صورت ۾ باقي بچيو آهي، ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ فارسي لغات ۽ فارسي صرف_ نحو سيکارڻ لاءِ سنڌي ذريعي تدريسي مواد تيار ڪيو ويو.

شاگردن کي شروعاتي طور فارسي لفظن سمجهائڻ لاءِ 'دو_ وايا' مرتب ڪيا ويا. ۽ اڳتي هلي ساڳئي اصول تي ساڳئي وقت هم معنيٰ سنڌي، فارسي ۽ عربي لفظن کي سمجهڻ لاءِ 'ٽہ_ وايا' پڻ مرتب ڪيا ويا. اهي ٻئي نصابي نالا سنڌي_ آميز آهن. جن ۾ 'وائي' (ٻولي) جو مفهوم سمايل آهي: 'دو_وايا' يعني ٻن ٻولين (فارسي ۽ سنڌي) جا هم معنيٰ لفظ ۽ "ٽہ_وايا" معنيٰ ٽن ٻولين (سنڌي، فارسي، عربي) جا هم معنيٰ لفظ شاگردن جي دلچسپيءَ ۽ ذوق وڌائڻ خاطر، ڪن 'دو_واين' ۾ ڪي لفظ ٽُڪ_بندي سان آندائون ۽ پڻ ساڳئي جنس وارا لفظ گڏ رکيائون.

<u>دو_واين ۾ تڪ_بندي جا مثال، جيئن تہ</u>

غُودان = ٻبا : گنبذ = قبا

جغرات = ڏونرو : ڪوزه = ڪوُنرو

<u>ساڳي جنس وارا لفظ، جيئن تہ رڌ پچاءَ جا وکر</u>

فوفل= مرچ : اجمود= ولجاڻ

زيره= جيرو : گشنيز= ڌاڻا

جوزبو= جعفر : قرنفل= لونگ

اجوان= جاڻ : خرما= کارڪ

<u>لوهارڪي ڪم جون شيون، جيئن تہ</u>

آهن= لوهہ تبر= ڪهاڙي

آهنگر= لوهار ڪلند= ڪوڏر

آتش= باهہ دابس= ڏانتو

اخگر= ٽانڊو     خدنگ= تکو
اِنگشت= اڱار     سندان= سنڌاڻ، سانداڻ

سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ ڪن اڳين عالمن ۽ درسگاهن جي بچيل پراڻن پنن ۾ مختلف قسم جا 'دو-وايا' (۽ پڻ ڪي 'ٽه – وايا') نظر آيا، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته گهڻو ڪري سڀني وڏين درسگاهن جا اُستاد پاڻ پنهنجي شاگردن لاءِ اهڙو نصابي مواد تيار ڪندا هئا، يعني جتي ڪٿي 'سنڌي' ئي تعليمي ذريعو هئي.

ٻيو ته نه فقط فارسي اسمن جي ڄاڻ لاءِ 'دو-وايا' مرتب ڪيائون، پر سنڌي ذريعي 'فارسي صرف-نحو' پڙهائڻ لاءِ پڻ مواد مرتب ڪيائون. درسگاهه ولهار جي ڪتبخاني جي اُجڙيل ذخيري ۾ ٻن جدا ڪتابن جا ڪي ورق نظر آيا، جن مان هڪ سنڌي ۾ "فارسي صرف نحو" جي سمجهاڻي بابت هو. مثال طور ان ۾ فارسي لفظ 'چه' جيڪو 'حرف استفهام' آهي، تنهن جي سمجهاڻي هن طرح ڏنل هئي:

چه     ڪهڙو
چه گفتي     ڪهڙو تو چيو
چيست     ڪهڙو آهه، ڪهڙو آهه
چيستي     ڪهڙو آيهين تون
ڪهڙو آيهين تون

—

چه:     ڪهڙو
سو ٻه ٻيرا ٻن اسمن تي ٿو اچي جي ٻئي اسم معنيٰ ۾ هڪ هوندا جهڙو:

چه مردان لشکر چه زنان
جهڙو (مردن جو) جو ڪٽڪ تهڙي جماعت جوئن جي.
چه باشد مُيسَر بزودي فرصت
جيڪين هوءِ ميسر سگهو موڪل.

ٻئي هڪ ڪتاب جي ورق ۾ "عربي صرف نحو" جي عبارت سان گڏ وچ ۾ هيٺيان پنج فارسي شعر ڏنل آهن جن ۾ 'سنڌي صرف نحو' سمجهايل آهي. ڀانئجي ٿو تہ 'سنڌي صرف نحو' بابت فارسي ۾ ڪو جدا منظوم رسالو (ڪتابڙو) هو جنهن مان اهي شعر نقل ڪيل آهن:

| | |
|---|---|
| پنجندني فُزون ني ڪَم | مُضاف مُضمر ذواللام مبهم ست عَلَم |
| علامت خبر لفظ آهي بدان | بدل ڪيني سو ڪهرو ست عطف بيان |
| سو سا، سي ازوي او هر ڪري | علامتِ تميز است بي شبهتي |
| چومال است منجهہ حال هوئڻ ان جي | چہ مفعول دارد نشان ڪي ڪري |
| 'نہ' واسطي هر سبب 'ني' منجهہ | 'ممہ سان، جو جا اضافت بنج |

اهي منظوم سٽون جيئن اصل ۾ لکيل آهن تئن اُتاريون ويون آهن. البت پهرين سٽ ۾ پنجندني، ٻيءَ سٽ ۾ 'ڪيني سو ڪهرو' (ڪئن، سو ڪهڙو)، چوٿين سٽ ۾ ('ڪي ڪري'؟) ۽ پنجين سٽ ۾ 'بنج' (= پنج) وڌيڪ غور طلب آهن. ٻيءَ سٽ جي پهرئين اڌ مان صاف ظاهر آهي تہ مصنف سنڌي لفظ "آهي" جي سمجهاڻي ڏيئي رهيو آهي ۽ چوي ٿو تہ: "لفظ 'آهي' کي 'خبر' جي علامت ڪري ڄاڻ."

موجوده ڄاڻ موجب، ٻارهين صدي هجري (18_عيسوي) جي شروعات کان وٺي ڪن عالمن ۽ استادن، علمي ۽ تعليمي مقصدن خاطر خاص طرح 'سنڌي لغات' کي مطالعي هيٺ آندو هن سلسلي ۾ سندن لکيل ڪتابن مان ڪن جو هيٺ مختصر طور ذڪر ڏجي ٿو.

1. **نظام الدين جو ڪتاب 'انيس انجمن'.** دربيلي جي عالم نظام الدين بن عبدالرزاق، فارسي صرف بابت 'شمع انجمن' نالي هڪ تفصيلي ڪتاب لکيو جنهن جو سنہ 1122هہ (1710ع) ۾ 'انيس انجمن' جي عنوان سان اختصار ڪيائين. هن اختصار جي پهرئين باب ۾ زمانن، فعل جي گردانن ۽ مصدرن جو بيان آهي. باب ٻئي ۾ فارسي اسمن جو سنڌي ۾ الف_بي وار ترجمو ڏنل آهي. پر جئن تہ

مصنف جو مکيہ مقصد 'سنڌي لفظ' آهن. انهيءَ ڪري 'الف ـ بي وار' وارو اصول بہ 'سنڌي لفظن' سان لڳايو اٿس ۽ نہ فارسي لفظن سان. يعني تہ 'الف' جي باب هيٺ، معنيٰ طور اهي سنڌي لفظ آندا اٿس جيڪي الف سان شروع ٿين ٿا. مثلاً

| فارسي لفظ | سنڌي لفظ 'الف' سان |
| --- | --- |
| افسانہ | آکاڻي |
| روده | آنڊرو |
| انب | آٺون |
| اقلب؟ | اڻ – مطهريو |
| قي | اٿلڻ |

هن مثال مان ظاهر آهي تہ مصنف "سنڌي- فارسي لغات" ٺاهي لکي رهيو هو. ان جي وضاحت هن باب جي آخر ۾ مصنف لکيل هيٺين عبارت سان ٿئي ٿي جو 'ي' وارو مواد آندو ئي ڪونہ اٿس:

"يا ي در (اول) لفظ سندي نمي آيد و هر حرف كه در اول سندي نمي آيد بمكان خود ياد كرده ايم."

يعني تہ: "'ي' (ڪنهن بہ) سنڌي لفظ جي شروع ۾ ڪا نہ ٿي اچي، انهيءَ ڪري اهڙا حرف جيڪي سنڌي لفظن جي شروع ۾ نٿا اچن سي پنهنجي جاءِ تي آندا اٿم". سنڌي لغت جي مطالعي جي لحاظ سان، مصنف جو هيءُ باب نهايت اهم آهي تہ ڪو بہ نج سنڌي لفظ 'ي' سان شروع نٿو ٿئي. اهڙيءَ طرح 'ش' هيٺ پڻ لفظ ڪين آندا اٿس ۽ ڄاڻايو اٿس تہ:

"ڪي حرف اهڙا آهن جيڪي سنڌي لفظن جي شروع ۾ نٿا اچن ۽ اهي هي آهن: [ث]، ح، خ، ذ، ز، ش، ص، ض، ط، ظ، ع، غ، ف، ق [ي]"

اسان مان ڪن تورن سنڌي لغت جي انهيءَ انوکائي کي، جنهن ڏانهن مصنف ڌيان ڇڪايو آهي، محسوس ڪيو هوندو تہ ڪو بہ نج سنڌي لفظ ش، ف يا ي سان شروع نٿو ٿئي.

فارسي ۽ سنڌي جي مترادف لفظن جي هي مختصر مگر پهرين 'فهرست' آهي جيڪا ڪتاب 'انيس انجمن' ذريعي اسان تائين پهتي آهي، ان جي ٻي خاص اهميت اها آهي جو هن 'فهرست' ذريعي نه فقط ڪي انوکا سنڌي لفظ سامهون اچن ٿا، پر ڪن ٻين معلوم سنڌي لفظن جون صحيح معنائون به ملن ٿيون، جيئن ته هيٺين مثالن مان معلوم ٿيندو.

(1) سراب = اُوڄ. عام طرح سنڌي لفظ 'رُڃ' آهي، پر معلوم ٿيو ته 'رڃ' کي 'اوڄ' به چئبو. ڪن آڳاٽي سنڌي بيتن ۾ آهي ته: 'عقل ات اوڄون ٿيو هو هليا سامهون هوءَ - اوڄون ٿيو يعني ته عقل رهنمائي نه ڪئي بلڪ رُڃ مثل ڏوڪو ڏنائين. عام طرح انهيءَ مصرع جي پڙهڻي "عقل ات اوچون ٿيو هو هليا سامهان هوءِ" آهي مگر غالباً وڌيڪ صحيح لفظ 'اوڄون' آهي.

(2) سکته = اوهاريو. لفظ 'اوهاريو' معلوم آهي- "ڪو چوي اوهاريو ۽ ڪو چوي سرِ سام آ" (اصغر). مگر 'اوهاريو' جي معنيٰ مؤلف فارسي ۾ ڪولي سمجهائي آهي. اهڙيءَ طرح ٻيا لفظ پڻ اڳ اسان کي معلوم آهن، پر هن 'فهرست' ذريعي (جنهن جا اصل نمبر هيٺ لفظن آڏو آندا ويا آهن) انهن جي معنيٰ جي تصديق ٿئي ٿي، جئن ته (4) هدف= آچم. لفظ 'آچام' سنڌي شعر ۾ آيو آهي، پر معلوم ٿيو ته آچم توڙي آچام ٻنهي جي معنيٰ آهي نشان. (10) شڪار= آهيڙو. اسان کي معلوم آهي ته آهيڙي معنيٰ شڪاري، پر هاڻي معلوم ٿيو ته شڪارُ کي 'آهيڙو' چئبو. (12) "اڏو ٻنڌ" لفظ اسان کي معلوم آهي "ڪن اڏو ٻنڌ انکيون مارو منهنجا مير" - پر هن فهرست ذريعي يقيني طور معلوم ٿيو ته 'اڏو ٻنڌ' معنيٰ ساڙهي مثل يڪو ڪپڙو جو اڏ هيٺ ۽ اڌ مٿي ٻڌجي. (22) پاٻوهه = تبسم. لفظ پاٻوهڻ ۽ پاٻوهه اسان کي معلوم آهن پر هاڻي تصديق ٿي ته: پاٻوهه= مشڪڻ.

(3) ڪي سنڌي الفاظ اهڙا آهن جيڪي اڳ وڌيڪ استعمال ٿيندڙ هئا. مثلاً (9) ايرائون = ڪدو. (11) اول = مخالف حاڪمن جا ماڻهو جن کي ضمانت طور پاڻ وٽ رکجي. نادر شاهه، سنڌ مان ميان محمد مراد ياب، ميان غلام شاهه ۽ ڄام ننڍي ٽالپور کي 'اول' ڪري وٺي ويو هو. (21) ٻرُون = ٻلهڻ. (22) ڇاڱو= ڦاڙهو (شاخدار سڱن وارو). (34) ٽِريو= پوڙهو.

**(2) آخوند عبدالرحيم عباسي جي "جواهر لغات سنڌي اڪيچار"**.

آخوند عبدالرحيم ولد محمد وفا عباسي هيءَ لغات يقيني طور سنه 1853ـ 1854ع وارن سالن کان اڳ لکي، ڇاڪاڻ جو انهن سالن ۾ سنڌي الف ـ بي واري تختي سرڪاري طور مقرر ٿي چڪي هئي پر آخوند عبدالرحيم انهي تختيءَ کان جدا صورتخطي واري الف ـ بي استعمال ڪئي آهي ۽ سنڌي لفظ به ان موجب الف-بي وار ڪري لکيا اٿس. هن تصنيف جي اها خصوصيت آهي جو هڪ ته سنڌيءَ جي هيءَ پهرين آڳاٽي ۾ آڳاٽي ۽ پوري الف ـ بي واري لغات آهي ۽ ٻيو ته هن ۾ سنڌي لفظن جون معنائون فارسي ۾ ڏنل آهن. انهيءَ لحاظ سان، مصنف سنڌي لغت کي سمجهائڻ لاءِ فارسي زبان کي ذريعو بڻايو آهي. جيتوڻيڪ "جواهر لغات" جي شروع ۾ ڏنل صرف ـ نحو واريون ڪي سمجهاڻيون توڙي ڪن لفظن جون معنائون صحيح ناهن، تنهن هوندي به سنڌي لغات جي سلسلي ۾ هيءُ پهريون اعليٰ علمي ڪارنامو آهي.

**(3) آخوند محمد حسن سانوڻي جو ڪتاب "حسن الفوائد و احسن تعليم الصبيان"**. هالن پراڻن جي عالم ۽ استاد آخوند محمد حسن سانوڻي هي ڪتاب خاص طرح تعليم ۽ تدريس ۾ آساني خاطر تصنيف ڪيو ۽ تاريخ پهرين رمضان سن 1293هه تي لکي پورو ڪيو. مقصد هو ته جيئن سنڌي ذريعي فارسي لفظن جون معنائون آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچن. راقم جيڪو قلمي نسخو ڏٺو سو ڪتاب جو ڄڻ اوائلي مسودو

*نوٽ: هيءَ لغت سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سال 1413هه/1993ع پهريون ڀيرو ڇپي ونڌي (رياضت)

آهي، جنهن ۾ الفاظ 'الف — بي وار' نہ بلڪ بنا ترتيب جي قلمبند ٿيل آهن. هيءَ سنڌي لغات جو هڪ چڱو وڏو ذخيرو آهي، جنهن مان ڪن سنڌي لفظن جي ماهيت ۽ معنيٰ وڌيڪ چٽائي سان معلوم ٿئي ٿي. مثلاً

نرغول = نرڀانيپ (جانور)

ممول = ملهالي (پکي)

خَرتُن = ڀڙُو (يعني ڀڙُون يا ڀُلهڻ جانور)

محصول = رانڱ (جيڪو حاڪم حَقي توڙي ناحقي وٺي)

دَلمل = آپون

دَلمل نيم پخته = ڏڌور آپون ('ڏڌور' جي لحاظ سان خاص نالو 'ڏڌڙي' مٽرن جي )

نيلوفر = ڪوٽي

4. **عبدالغفور همايوني صاحب جو 'الفاظ اَدويه'.** طب جو علم ۽ شغل سنڌ ۾ آڳاٽي وقت کان وٺي عام مقبول رهيا، جنهن ڪري جڙين ٻوٽين، ٻرين ۽ دوائن جا نالا پڻ سنڌ ۾ آڳاٽي وقت کان وٺي رائج ٿيا. 4_ صدي هجري (10 عيسوي) ۾ عبدالوهاب فزاري ۽ 5_ صدي هجري (11 عيسوي) ۾ ابو ريحان بيروني پنهنجن ڪتابن ۾ جنّهن جڙين ٻوٽين ۽ دوائن بابت لکيو تہ ڪيترين ئي جڙين ٻوٽين ۽ دوائن جا سنڌي نالا پڻ ڏنائون[1]. ان بعد وقت گذرڻ سان، سنڌ ۾ غالباً طبي علم ايترو اوج تي نہ رهيو جنهن ڪري سنڌي ۾ طبي نالا بہ ايترو عام رائج نہ رهيا ۽ اڪثر عربي فارسي نالن کان ڪم ورتو ويو. هن پوئين ويجهي دور ۾ سنڌ جي طبيبن واري سنڌي لغات طرف توجہ ڪيو ۽ 'فرهنگ جعفري' جهڙن ڪتابن ۾ جڙين ٻوٽين ۽ سنڌي دوائن جا نالا بہ آندا ويا. همايوني صاحب جو ڪتاب 'الفاظ ادويه' ('دوائن جا نالا') انهي ڪري اهم آهي جو مصنف هيءَ ڪتاب لکيو ئي انهي ڪري تہ

[1] انهن حوالن جو تفصيل "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ" ۾ موجود آهي

جيئن عربي ۽ فارسي نالن سان گڏ دوائن جا سنڌي نالا به معلوم ٿي سگهن.
شروع ۾ ڄاڻايو اٿس ته: 'ڪن مصنفن (طب جي) عربي، يوناني ۽ فارسي لغات کي هندي(اردو) ۾ ترجمو ڪيو آهي، مگر سنڌ وارن کي ان مان ڪو فائدو ڪو نه ٿو پهچي، باوجود انهيءَ جي اڄ تائين ڪنهن اها ڪوشش نه ڪئي آهي جو فارسي، يوناني لغات کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪن ته جيئن هت عام فائدو ٿئي. انهيءَ ڪري ڪن سڄڻن جي تقاضا تي، جيڪي شال سلامت هجن، هن فقير حقير هن ڪم ۾ اڳتي قدم وڌايو آهي.
همايوني صاحب جي هيءَ طبي لغات البت مختصر آهي، ان جي شروعات 'الف' سان ٿئي ٿي:

| | |
|---|---|
| آرغيس | هي 'زرشڪ' وڻ جي پاڙ آهي جنهن کي سنڌي ۾ به زرشڪ چئجي [ راقم کي اهو معلوم ڪونهي]. |
| آلسن | هرمل [ هرملو به چون] |
| آطِريلال | هڪ قسم جو گاهه، سنڌي ۾ 'ڪانوءُ پير' |

ڪتاب جي آخر ۾ 'هه' ۽ 'ي' جا لفظ هن طرح آندل آهن:

| | |
|---|---|
| هيضه | سنڌي ۾ 'ڏاڪي' جنهن کي عام طرح 'وبا' چون. |
| يرقان | ڪامڻ ['سائي' به چون] |
| يرقان صفر | هيڊرو ڪامڻ |
| يرقان اسود | ڪارو ڪامڻ |

---

(ڪتاب "مقالا"، مرتب عبدالجبار جوڻيجو ۽ محمد قاسم ٻگهيو ڇپيل فيبروري 1988ع، تان ورتو ويو آهي)

•

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# سنڌي لغت
## (الڪيڙھ)*

**تسليم:**

تاريخ 28 نومبر 1945ع تي اوهان سان ملاقات جي دوران سنڌي لغت ۽ سنڌي لفظن جي تحقيق ۽ انتخاب جي سلسلي ۾ تبادلہ خيالات جو موقعو مليو. اوهان سان گفتگوءَ جي ياد تي آءٌ مناسب سمجهان ٿو تہ هن سلسلي ۾ پنهنجا خيالات اوهان سان سامهون رکان.

اوهان منهنجي ذهن نشين ڪرايو هو تہ اوهان سنڌي زبان جي هڪ اهڙي 'لغات' تيار ڪري رهيا آهيو جا بلڪل مستند ۽ مڪمل هوندي. مگر سوال آهي تہ ڪهڙن اصولن جي بنا تي ڪهڙن لفظن کي انهيءَ 'لغات' ۾ جڳهہ ڏجي ۽ ڪهڙن کي خام سمجهي ڇڏي ڏجي، در حقيقت هي مسئلو جيتريقدر اهم آهي، ايتروئي پيچيده آهي. مون کي معلوم نہ آهي تہ اوهان پنهنجي رٿيل ڪم جا بنيادي اصول ڪهڙا ٺهرايا آهن. هن مسئلي جي خاطر خواهہ جو دارومدار رٿيل لغات جي دائري ۽ اُن جي طريقہ ڪار لاءِ ٺهرايل اصولن تي مبني ٿي سگهي ٿو.

**ڪم جو دائرو:**

لغات جي دائري متعلق اوهان فرمايو هو تہ: اسين هڪ اهڙي لغات بنائي رهيا آهيون، جنهن جي بناءِ تي جيڪر يونيورسٽي هلائي سگهجي. انهيءَ مان ظاهر آهي تہ اوهان جي رٿيل لغات جو دائرو نهايت وسيع آهي. تاهم هن ڳالهہ کي تسليم ڪرڻو پوندو تہ سڄي سنڌي زبان،

---

* تماهي مهراڻ، شمارو 3_4، 1965ع

ڊاڪٽر بلوچ جو پنهنجي استاد جناب عثمان علي انصاري صاحب ڏانهن تاريخي خط (محمد ارشد بلوچ)

هڪ ئي ڏکي سان ڪنهن بہ رٽيل ڪتاب ۾ سمائجي ڪا نہ سگهندي، انهيءَ ڪري منهنجي استدعا آهي تہ هن سلسلي ۾ اوهان جو 'بورڊ' سنڌي ٻوليءَ جو دائرو رٽيل سنڌي لغات کي يقيني طور وسيع تر تسليم ڪري ۽ رٽيل سنڌي لغات کي زياده ۾ زياده سنڌي زبان جي لفظن جي تحقيق ۽ چونڊ جي سلسلي ۾ صرف هڪ انتهائي عالمانہ ڪوشش قرار ڏئي. آءُ هيءَ تجويز انهيءَ ڪري اوهان آڏو رکان ٿو تہ جو مون کي ڪن بيروني افواهن خواه اوهان جي چند اشارن سان ائين سمجهہ ۾ آيو تہ مبادا هن سنڌي لغات کي قطعي طور مستند ۽ مڪمل لغات جي حيثيت ۾ انهيءَ نظريي سان پيش ڪيو وڃي تہ جو لفظ هن لغات ۾ ڪونهي ۽ جيڪي بہ تسليم شده لفظ سنڌي زبان ۾ ٿي سگهن ٿا، سي سڀ هن لغات ۾ موجود آهن. اهڙي دعوي سنڌي لغات جي واڌاري توڙي وسعت (جو اوهان جو حقيقي مقصد آهي) ۾ رڳو ٻي نتيجي رڪاوٽ ثابت ٿيندي جنهن مان نڪي هڙ نڪي حاصل.

**ڪم جو طريقہ ڪار:**

هن ڪم راس ڪرڻ لاءِ ٽي منزلون طي ڪرڻيون آهن. 1. لفظن جو استخراج يا چونڊ يا انتخاب. 2. انهن لفظن جو اشتقاق ۽ صورتخطي. 3. لغات ۾ انهن لفظن جي ترتيب. آءُ پوين ٻن بحثن کي ڇڏيندي (ڇاڪاڻ جو انهن متعلق اسان جي درميان ڪا بہ گفتگو ڪا نہ ٿي هئي) پهرين موضوع تي، هن موقعي تي ڪجهہ عرض ڪندس.

**اصول انتخاب:**

درحقيقت انتخاب جو نالو ئي خطرناڪ آهي، ڇو تہ انتخاب جي اصول موجب، هڪ جم غفير ۽ بيشمار ذخيري مان صرف اهي 'ٿورا' الفاظ مقبول پوندا جي 'ٿورن' انتخاب ڪندڙن جي مخصوص معيار تي پورا نہ ڪرندا. اڄ ڏينهن تائين انهيءَ انتخاب جي واڳ صرف شهري ڪتابدانن جي هٿ وس پئي رهي آهي، جنهن جا بہ نتيجا نڪتا آهن.

(1) تہ هن وسيع سنڌي جي وسيع دائره مان صرف ڪتابدانن جي ڪتابي ٻوليءَ ڪي ئي ادبي ٻوليءَ جو شرف مليو آهي.

(2) ۽ انهيءَ ڪري سنڌ جي عوام ۽ اهڙن پڙهيلن جي درميان وڏي گهاري پئجي ويئي آهي ۽ ٻنهي طبقن جي 'زبان' توڙي 'بيان' ۾ زمين آسمان جو فرق پيو نظر اچي. منهنجو يقين آهي تہ جيستائين عام محاورن کي خاص ڪتابي ٻولي تي ترجيح ڏيئي ان کي هن تي غالب نہ ڪيو ويندو تيستائين هنن ٻن گروهن جي وچ ۾ نڪي هيءَ وٿي پرجي تہ نڪي هيءَ گهاري گهٽجي. مون کي معلوم ڪري نهايت خوشي ٿي تہ اوهان پڻ هن ساڳئي خيال جا آهيو منهنجي زوردار راءِ آهي تہ اوهان جو بورڊ بہ عام محاوري ۽ عام ٻوليءَ جو پورو پورو حق تسليم ڪري

**سنڌي لغت جا سرچشما:**

سنڌي لغات جا ٻہ مکيا سرچشما آهن:

1. غير سنڌي ٻوليون 2. سر زمين سنڌ جي زبان پنهنجي مڙني محاورن سميت.

انتخاب جو اصول صرف پهرئين سرچشمي مان ذخيري جمع ڪرڻ وقت لڳائڻ مناسب ٿيندو. منهنجي نظر ۾ انهي سرچشمي مان اهي سيئي الفاظ پنهنجا ڪيا وڃن. جيڪي هن کان اڳ سنڌ جي ٿورن يا گهڻن باشندن، ڪنهن هڪ يا گهڻن موقعن تي، سنڌي زبان ڳالهائيندي استعمال ڪيا هجن. مگر نہ اهي الفاظ جي موجوده سياسي ڪشمڪش سبب عملاً ارادتاً ڌارين زبانن مان ورتا ويا هجن.

اوهان پنهنجي دوران گفتگو ۾ غلط العام جي اصول ڏانهن اشارو ڪيو هو. غلط العام جو اصول قطعي طور تي صرف عربي ۽ فارسي لفظن سان لڳايو وڃي. خاص سنڌي محاورن جي لفظن ۾ غلط

العام جي اصول جي ڪا ضرورت ڪانهي، ڇو ته ٺيٺ سنڌي لفظن جي انتخاب ۾ غلط العام جو ٿورو ٿڦي ڪن لفظن کي چونڊڻ نهايت نامناسب آهي. اسان کي گهرجي ته جيڪي لفظ استعمال عام جي اصول هيٺ نهايت شڪريي سان قبول ڪريون.

**انتخاب ڪندڙ لاءِ سنڌ:**

بيو سرچشمو يعني ته عوام جي زبان ئي در حقيقت لفظن جي سرمايي جي اڻکٽ کاڻ آهي، مگر انهيءَ کاڻ مان موتي ميڙيندڙن لاءِ ضروري آهي ته اول انهيءَ کاڻ جي جملي خصوصيات کان واقفيت حاصل ڪن ۽ لفظن جي پيداوار توڙي ڊلائي، رنگ توڙي بوءِ کي گهري نظر سان ڏسن ۽ جاچين ۽ جن اصولن و ضوابط جي ماتحت اهي لفظ اپرن ۽ اسرن ٿا، انهن کي پرکين ۽ پروڙين. "اهڙي پڪي ۽ پختي پروڙ صرف عام سان لهه وچڙ ذريعي ئي حاصل ٿي سگهي ٿي." عام ٻوليءَ سان گهري واقفيت بعد. لغت جي متلاشيءَ کي خودبخود معلوم ٿي ويندو ته سنڌي لغت ۾ ان جي الفاظ ۾ ڪهڙيون خصوصيتون موجود آهن ۽ هو لفظن چونڊڻ وقت خودبخود انهن خاصيتن کي سامهون رکي انوکا الفاظ چونڊيندو.

جيڪو مسئلو لغت جمع ڪرڻ جو اوهان جي دربيش آهي، سو ٻي صدي هجري ۾ خصوصاً ٽين صدي هجري ۾ عرب عالمن جي آڏو هو ۽ سڄي دنيا هن وقت تسليم ڪري چڪي آهي ته عربي لغت جي ڪوجنا کي جتي عرب عالمن پهچايو اتي ٻي ڪا به قوم ڪا نه پهتي آهي. عربي زبان جي وسعت انهن اورچ عالمن جي ڪوشش ۽ ڪاوشن جو نتيجو آهي. آءُ مختصر طور تي انهن عالمن جا اصول اوهان جي آڏو رکان ٿو.

1. انهن جهنگ ۽ بر (بدوبر) جي ٻوليءَ کي معتبر قرار ڏنو ۽ شهري ٻوليءَ (حضر) کي ضعيف ۽ غير معتبر.

2. هنن ڪانبو ٻڏي جهنگ جهر جهاڳيو ۽ ٻر لتاڙيو ۽ ٻدوين کي ساڻ ڪري الفاظ، اصطلاح ۽ انهن جا استعمال قلمبند ڪيا ۽ گهڻو ڪري هر لفظ ڪان ٻدوين جي نثر ۾ محاورن ۽ سندن شاعرن جي ڪلامن مان سند حاصل ڪئي.

3. ڏار ڏار قبيلن ۽ ملڪن جي ڏار ڏار حصن ۽ پاڳن ۾ اڪثر اسمن جا جدا جدا نالا ٻڌائون، جي سڀ تسليم ڪري قلمبند ڪيائون (سنڌي لغت ۾ اُن جو هڪ مثال عام 'ڪڙ ڪبيتو' وٺو جنهن کي اتر ۾ 'ڪوهه ڪڏ' ۽ ٻين خطن ۾ 'ڪرهه ٽنڊڻي' وغيره چون).

4. ڏار ڏار قبيلن جا جدا جدا محاورا هئا، جنهنڪري نه صرف اسمن بلڪ فعلن کي به ڪن قبيلن الٽو پئي پڙهيو. اهي الٽيون پڙهڻيون به تسليم ڪيون ويون.

5. نه صرف پڪن محاورن کي انهن عالمن جمع ڪيو مگر ڪچن ۽ خام محاورن کي به بطور نموني قلمبند ڪري محفوظ ڪيائون.

مون کي گذريل ڇهن سالن ۾ گاهي بگاهي سنڌي جي مختلف حصن ۽ مختلف ذاتين جي ماڻهن سان گهرين ملاقاتن ۽ ڏکين ڪچهرين ڪرڻ جو موقعو مليو آهي ۽ آءٌ هن يقين تي پهتو آهيان ته سنڌي لغت به عجيب و غريب خصوصيتون رکي ٿي ۽ بيشمار انوکن لفظن سان مالا مال آهي، مگر هن زبان جي تدوين لاءِ ڪاميابيءَ جو رستو اهو آهي ته اسين به انهن عرب عالمن جي اصولن تي ڪم ڪريون، سندن نقش قدم جي پيروي ڪريون. هن سلسلي ۾ اوهان جي ڪنهن هڪ رڪن لاءِ نهايت ضروري آهي ته "هن ڪم جي طريقي کي پوري طرح سمجهڻ" لاءِ ڪم از ڪم 'فقہ اللغتہ' ثعالبي جو ۽ **'تهذيب الالفاظ'** ابن سڪيت جو اهڙا اهم ڪتاب پنهنجي نظر آڏو رکي.

**سنڌي لغت جون خصوصيات:**

مون مٿي عرض ڪيو ته ڪنهن به لغت جي تدوين واسطي لغت جي خصوصيات کي سمجهڻ نهايت ضروري آهي. آءُ غور بعد هن نتيجي تي پهتو آهيان ته جيڪي لغوي خصوصيات عربي زبان ۾ موجود آهن ۽ جن عربي زبان کي ايترو وسيع بنايو آهي، انهن مان اڪثر اسان جي زبان ۾ به موجود آهن. هن وقت منهنجي لاءِ ممڪن ناهي جو آءُ سنڌي زبان جي انهن جملي خصوصيتن مثلاً قلب، بدل، حذف، ترخيم، تڪرار وغيره وغيره جي اپٽار ڪريان. مگر آءُ صرف هڪ خاصيت "قلب، يعني لفظن ۾ اکرن جي ڦير گهير" جو ذڪر ڪندس، ڇاڪاڻ ته اوهان سان جنهن اصطلاح يعني "ٻيبون ٻڌڻ" يا "ٻيپون ٻڌڻ" تي گفتگو تي هئي، سو انهيءَ اکري 'ڦير گهير' واري خصوصيت جي دائري ۾ داخل آهي. هن 'خصوصيت قلب'، موجب سنڌيءَ جا اڪثر اکر لفظن ۾ اڳتي پوئتي مٽبا سٽبا آهن، جيئن مٿئين لفظ ۾ 'ب' ۽ 'پ' جايون مٽايون آهن. حقيقتاً 'ٻيي ٻڌڻ يا ٻيبون ٻڌڻ' اصل محاورو آهي، مگر ڦير گهير جي اصول موجب 'ٻيي ٻڌڻ يا ٻيپون ٻڌڻ' جو محاورو به ڪن جاين تي موجود آهي، جنهن کي هن خصوصيت جي پيداش سمجهبو ۽ نڪي ان کي رد ڪري سگهبو ۽ نڪي ان کي غلط ڇئبو اهڙيءَ ريت پيا به ڪيئي لفظ آهن. مون وٽ 'مقلوب الفاظ' جي سري هيٺ هيٺيون بحث ٿيل آهي، جو جيئن جو تيئن آڏو رکان ٿو. اتفاق سان ان ۾ اوهان جي مثال 'هر ماه' ڏانهن به اشارو موجود آهي.

'خصوصيت قلب' جو مثال لفظ 'پڇي ۽ ڇپي' آهي. حرف 'پ' ۽ 'ڇ' ۾ مٽ سٽ جي خاصيت موجود آهي. ڪن جو چوڻ آهي ته معنيٰ ۾ رف آهي ۽ 'پڇي' اک جي ڇنجي ۽ 'ڇپي' نڪ جي. حرف 'ج'، 'پ' کانسواءِ 'ڪ' سان به مٽجي ٿو. اهل سنڌ 'ڇڪ' به چون ته 'ڪڇ' به چون.

مگر 'ڄ' ۽ 'ڪ' جي مٽ سٽ جو مشهور مثال 'نڪچٽو' آهي، جو اصل لفظ آهي، مگر خصوصيت قلب جي ماتحت 'نچڪٽو' عام استعمال هيٺ مشهور ۽ معروف آهي. 'پ' 'ٻ' سان ڦري ٿي ۽ اصل اصطلاح پيي پڙڻ، پيپون ٻڏڻ چوندا آهن. حرف 'ٻ' ۾ 'خصوصيت قلب' زوردار آهي ۽ هي حرف ڪيترن ئي ٻين لفظن سان متنجي ٿو.

مثلاً 'ٽ' سان اهل سنڌ 'ٻٽ' بہ چون 'ٽٻ' بہ چون يا 'ڏ' سان اهل سنڌ 'ٻڏو' بہ چون تہ 'ڏٻو' بہ چون.

راجع

'ڪالهہ هڪ شيدي ڏٺو مون چٽڪ ڏامر جو ڏٻو' (مخلص)

وڏيڪ اڳتي بيان ڪنداسين

'همراه' ۽ 'هرماه' خام محاورو آهي مگر 'ر' ۾ 'خصوصيت قلب' تمام زوردار آهي ۽ 'ر' جو ڪيترن ئي اکرن سان متنجڻ مسلم ۽ مثبت آهي، جيئن تہ 'س' سان اهل سنڌ 'سرڪڻ' بہ چون تہ 'رسڪڻ' بہ چون. 'سرٽ' بہ چون تہ 'سٽر' بہ چون يا 'ج' سان اهل سنڌ 'ورجي' بہ چون تہ 'وجري' بہ چون، مگر اوهان کي سمجهڻ گهرجي تہ خصوصيت 'بدل' جي ماتحت 'وَگهري' جي صورت بہ 'وجري' آهي. انهيءَ حالت ۾ معنيٰ ۾ فرق ٿيندو. 'ر' 'ڳ' سان بہ متبي آهي. مثلاً اهل سنڌ 'ڳرٽ' بہ چون تہ 'ڳٽر' بہ چون يا 'ٻ' سان جو اهل سنڌ 'ٻرٽ' بہ چون تہ 'ٻٽر' بہ چون. مگر هي محاورو خام آهي، هاڻي ثابت ٿيو تہ 'ر' ۾ 'ڦير گهير' جي خاصيت زوردار آهي. خصوصا 'هہ' جي جوڙ سان 'ر' جو متنجڻ عام آهي. ان جو سبب هي آهي جو اهل سنڌ وٽ 'هر' جو لفظ نهايت قديم ۽ آڳاٽو آهي ۽ سندن زبان ۽ ڪلام جو ورد وظيفہ آهي. انهيءَ ڪري 'هہ' ۽ 'ر' جو جوڙ سندن زبان جي فطرت آهي. انهيءَ ڪري خام محاورهہ ۽ 'همراهہ' جو تلفظ بصورت 'هرماه' انهن لاءِ زياده آسان ۽ فطري آهي ۽ اسان جي راءِ ۾ انهن واسطي

جائز آهي. جو ته اسان بيان ڪيو ته 'ھ' ۽ 'ر' جو جوڙ ۾ سنڀنڌ بلڪل فطري آهي. انهيءَ ڪري ٿي سندن زبان 'پنهور' ۽ 'پنوهار' کي 'پنوهر' ۽ 'پنوهار' جي صورت ۾ عام ڪري ڇڏيو آهي. 'ھ' ۽ 'ر' جو وڌيڪ گهرو واسطو لفظ 'پرهڻ' ۽ 'پهرڻ' ۾ موجود آهي. اسان جي راءِ آهي ته اصلي لفظ 'پرهڻ' هو بمعني پائڻ يا ڍڪڻ ۽ 'پهرڻ' ۽ 'پهرائڻ' لفظ مال سان مخصوص هو. مگر خصوصيت قلب هيٺ 'پرهڻ' کان وڌيڪ عام محاورو ۽ استعمال هن وقت 'پهرڻ' جو آهي. اسان جيڪي ڇيو سو عام وٽ توڙي عوام جي شاعرن وٽ موجود آهي:

پنهنجا ساريم، سومرا! هو جي پهرين پٽ پهنوار. (ڪبير شاھ)

يعني مال سان پهرن.

ٿيو ايمان عالم ۾ هليا ڇيڙي ڏڻ ڏنار
پهري آيا پٽن تي، "ٻاجهي" چئي، ٻڪرار.

يعني ٻڪرين سان پهري آيا.

سانگي منهنجا سنمک سهڻا ٿا پٽ مٿي پهرن،
هٿ ڪهاڙيون، ڳنن ڳاڙهيون، ويڙن ۾ وڙڪن. (فقير)

مگر 'پرهڻ' خاص بمعني پائڻ ۽ ڍڪڻ آهي ۽ عام شاعرن وٽ موجود آهي.

پٽ نه پرهيان سومرا! جانڪيتان جيان،
عمر! چو آن، ڪيئن پٽ پرهيان سومرا؟ (شاھ)

يعني: 'پٽ پايان يا اوڍيان'.

پونڙيون مصحف مٿي آهن پوش،
پرهيا قبرن مٿي پيرن جي پڙ. (گل)

يعني: قبرن تي پيل يا ڍڪيل'.

مگر هن وقت اصلي لفظ 'پرهڻ' تي مقلوب محاوره 'پهرڻ' غالب ٿي چڪو آهي. عام جو شاعر چوي ٿو ته:

اسين ماڻهو پٽ جا، سي ڪيئن پهريون پٽ؟
سي مٽ ميان سومرا! تون مير ڳولي لهه مٽ،
جي گهٽ رعيت راڄ ۾، چڏ گهوٽ تنين جو گهٽ،
ڳهٽا پانيان ڳٽ، تنهنجا هس، "حمل" چئي

۽ انهيءَ ڪري ئي 'پرهيان' (بالن سان چولو) تي 'پهرياڻ' جو مقلوب آهي. غالب ٻڻجي چڪو آهي.

'س' توڙي 'ڏ' ۾ 'خصوصيت قلب' موجود آهي. 'س' جو 'ر' سان متجڻ متي 'سرڪڻ' يا 'رسڪڻ' ۾ بيان ڪري آيا آهيون، پر س، 'هه' سان به متجي ٿي. مثلاً محاوري ۾ 'سهڪڻ' به چون ٿا ته 'هسڪڻ' به چون 'هسڪڻ' جو لفظ نفرت جو آهي. 'ڏ' جو 'ٻ' سان متجڻ بيان ٿي چڪو آهي. مثلاً (ٻڏو ڏٻو) ان جو بيو مشهور مثال 'ڏاٻ' ۽ 'ٻاڏ' آهي. بمعنيٰ اٽڪ: روڪ، آڏ، آڙ ڍڪ وغيره. اسان جي راءِ ۾ اصل لفظ 'ٻاڏ' بمعنيٰ 'آڏ' يا 'آڙ' يا 'ڍڪ' يا 'پرده' جي هو ۽ پرده ڪيل شئي جو نالو به 'ٻاڏ' هو. مثلاً اڄ ڏينهن تائين هرلي يا نار جي پٽڙ واري ڍڪ کي به 'ٻاڏ' چون. مگر خصوصيت بدل هيٺ 'ٻاڏ' ڦري 'ڀاڏ' ٿيو آهي. انهيءَ 'ڀاڏ' جي معنيٰ 'ڪڏ' آهي.

اڳ سينگار پول پڻ تهڙو
منهن ڍڪيو ڪيم ڪر اگهاڙي ڀاڏ. (گل)

مگر مقبول محاوره 'ڏاٻ' پڻ موجود هو ۽ آهي. اهل سنڌ پنهنجي جهوني پوشاڪ ۾ ڪانچ جي مٿان جيڪا چادر بطور هڪ اڙ آڏ، ڍڪ يا پرده جي ٻڌندا هئا، تنهن کي 'ڏاٻ' چوندا هئا.

آهه سهڻي ستر سان سٿڻ مٿي چادر جي ڏاٻ. (گل)

هن وقت به ڏاٻ بمعنيٰ آڙ آڏ ۽ اٽڪ جي استعمال عام جو لفظ آهي ۽ معنيٰ ۾ ڇاپ جي مترادف آهي. وهندڙ پاڻيءَ کي ڪٿي

اتڪ ٿي تہ چوندا تہ پاڻي هتي 'ڏاب' آهي يا پاڻي 'ڏابجي' پيو آهي. بهرحال سجڻ سمجهڻ گهرجي تہ 'خصوصيت قلب' سنڌي لغت جي الفاظ ۾ ثابت ۽ سمايل آهي.

اسان باقي ٻن مثالن سان هن باب کي ختم ڪنداسين ۽ ٻي خصوصيت جو ذڪر ڪنداسين. جاڻ تہ 'ب' ۽ 'گ' اکرن ۾ بہ خصوصيت قلب آهي. مگر هي اکر صرف پاڻ ۾ ٿي مٽجن ٿا. اهل سنڌ گوبو بہ چون تہ بوگو بہ چون. هن ڦير گهير جو اڃا بہ مشهور مثال 'بگري' ۽ 'گبري' آهي. اصلي لفظ بگري (بغلي) آهي:

بک وڏائون بگرين. جوڳي ڪندا جيج. (شاهہ)

مگر هن وقت مقلوب محاوره 'گبري' غالب پوندو وڃي ٿو اسان 'س' ۽ 'ڏ' ۾ خصوصيت قلب بيان ڪري آيا آهيون. اهي ٻئي اکر 'سڏڪڻ' ۽ 'ڏسڪڻ' جي مشهور مثال ۾ پاڻ ۾ ڦرن گهرن ٿا. 'سڏڪڻ' توڙي 'ڏسڪڻ' عام توڙي عوام جي شاعرن وٽ مسلم ۽ مستعمل آهن ۽ بظاهر اصلي لفظ پروڙڻ ٿي محال پيو نظر اچي.

سڏڪڻ جي شاهدي:

سڏڪي، سڏڪي، سور، ٿي ٻڏائين ٻين کي،
اوڳي، اورم عام سين محبت جا مذڪور. (مراد)

—

سڏڪاريو سڏ ڪري، الخ. (شاهہ)

ڏسڪڻ جي شاهدي:

ولاڙيو وٽين چڙهي، ڏسڪيو جهلي ڏار. (شاهہ)

مون مٿيون بحث اوهان جي آڏو رکيو آهي، جنهن ۾ 'خصوصيت قلب' تي ڪافي روشني وڌي وئي آهي ۽ 'مقلوب الفاظ' کي پوريءَ طرح واضح ڪيو ويو آهي. مقلوب الفاظ يقيني سنڌي لغت جو جُز آهن. بلڪ هن عجيب لغت جي اکرن جي خصوصيت جو نتيجو آهن. اميد تہ هن بحث مان 'پبي' ۽ 'ٻپي' جي حقيقت بہ صاف

ٿي ويندي. هاڻي اوهان جي ۽ اوهان جي بورڊ جي اختيار ۾ آهي ته مقلوب الفاظ کي غلط سمجهي ترڪ ڪريو يا مخصوص ڄاڻي لغات اندر داخل ڪيو.

آءٌ آخر ۾ وري به عرض ڪندس ته سنڌي الفاظ جو استخراج ۽ انتخاب سنڌي لغت جي خصوصيات پروڙڻ بعد ئي ڪماحق ڪري سگهبو ۽ لفظن جو معيار صرف 'عام جو استعمال' ئي هئڻ گهرجي ۽ نه انهن جي اصلوڪي عربي يا سنسڪرت مصدرن جو ڊڪشنرين ۾ وجود. مون کي پنهنجي فاضل اُستاد پروفيسر عبدالعزيز ميمڻ، پروفيسر علي ڳڙهه يونيورسٽي جو زرين قول ياد آهي ته "لغت ۽ لفظن جي پروڙ صرف انهن جي ڳالهائيندڙن جي محاورن ۽ استعمال سمجهڻ سان ئي حاصل ٿي سگهي ٿي ۽ نه ڊڪشنرين جي مدد سان."

مخلص

نبي بخش

پروفيسر مسلم ڪاليج

30 نومبر 1945ع

---

[ 'مهراڻ' قديم دور-جنوري 1946ع نمبر 1]

[اليڪ جي ڪتاب "ڊاڪٽر بلوچ جا مقالا: تاريخ، لغت، ٻولي، ادب ۽ شخصيتون"، مرتب: محمد ارشد بلوچ، ڇاپو پهريون 2014ع، تان ورتل]

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

## ”جامع سنڌي لغات“ (جلد-1) جو مهاڳ

سنڌي لغات لکڻ جو سلسلو هڪ سؤ سال اڳ، 18 صديءَ جي وچ ڌاري شروع ٿيو خاص طرح انهيءَ لاءِ ته ٻاهرين ماڻهن کي سنڌي ٻولي سکڻ ۾ آساني ٿئي. انهيءَ ڪري اهي لغاتون 'انگريزيءَ مان سنڌي' يا 'سنڌيءَ مان انگريزيءَ' ۾ لکيون ويون. ڪئپٽن اسٽئڪ، پهرياڻين 'انگريزي-سنڌي لغات' 1849ع ۾ شايع ڪئي ۽ ان کان پوءِ سنڌس 'سنڌي-انگريزي لغات' 1855ع ۾ ڇپي، جنهن ۾ سنڌي الفاظ ديوناگري اکرن ۾ لکيائين ۽ انهن جون معنائون انگريزيءَ ۾ ڏنائين. غالباً ان بعد سنڌ جي عالم ۽ محقق آخوند عبدالرحيم عباسي ”جواهر اللغات“ مرتب ڪئي، جنهن ۾ هن سنڌي لفظن جي معنيٰ فارسيءَ ۾ ڏني، جيئن ته فارسي تعليم اُن وقت سنڌ ۾ عام هئي، ان ڪري هيءَ ڇڻ پهرين لغات هئي جا ملڪ جي رهواسين لاءِ لکي ويئي، حالانڪ فارسيءَ جي رواج گهٽجڻ سببان اها بنا ڇپجڻ جي قلمي صورت ۾ ئي رهجي ويئي. ان بعد 1879ع ۾، شرٽ، اڏارام ۽ مرزا صادق علي ٺٺهي گڏجي 'سنڌي-انگريزي لغات' تيار ڪئي، جنهن ۾ آخوند عبدالرحيم عباسيءَ کان پڻ مدد ورتائون. ڪئپٽن اسٽئڪ جي برعڪس، هنن صاحبن عام رواج موجب سنڌي الفاظ عربي خط ۾ لکيا ۽ معنائون انگريزيءَ ۾ ڏنيون. هن صديءَ جي شروعات ۾ پرمانند جي 'سنڌي-انگريزي لغات' (1910ع) ۽ سنڌس 'نئين انگريزي-سنڌي لغات' (1933ع)، ٻن ٻولين ۾ سنڌي لغات لکڻ جي انهيءَ شروعاتي سلسلي جون ڪڙيون هيون.

باوجود انهن ڪوششن جي، سنڌي ٻوليءَ جي خالص سنڌي لغات، جنهن ۾ مجموعي طور رائج ٻوليءَ جا مکيه الفاظ ڏنل هجن ۽ معنائون پڻ سنڌيءَ ۾ لکيل هجن، هن وقت تائين لکجي شايع ٿي نه سگهي.

البتہ ڪن خاص مقصدن لاءِ، ڪن خاص لفظن تي مشتمل مخصوص لغاتون لکيون ويون. مثلاً سنہ 1886ع ۾ جهمٽ مل جي لغات "وَٽتپتي ڪوش" شايع ٿي، جنهن ۾ هن فقط اهڙا چوندِ سنڌي لفظ ڏنا، جيڪي سنسڪرت مان نڪتل آهن. ان بعد ڀيرو مل، شاهہ جي رسالي جي ڀهرين ٽن سُرن ۾ آيل ڏکين لفظن کي "غريب اللغات" ۾ مرتب ڪيو. جنهن جو ڀهريون ڀاڱو 1907ع ۾ شايع ٿيو. ان بعد ميرزا قليچ بيگ سڄي رسالي جي لفظن کي "لغات لطيفي" ۾ سهيڙيو جا سنہ 1914ع ۾ شايع ٿي. مولوي هدايت الله هالائيءَ پڻ رسالي جي ڏکين لفظن جي معنيٰ لکڻ جي ڪوشش ورتي ۽ ان بعد ميرزا قليچ بيگ، شاهہ ۽ ٻين نون (9) شاعرن جي شعر مان ڏکين لفظن کي چونڊي معنائن سميت "لغات قديمي" ۾ مرتب ڪيو جا سنہ 1924ع ۾ شايع ٿي.

بهرحال، سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ جامع لغات لکڻ جي ضرورت پوري ڪا نہ ٿي. انهيءَ ڪري سنڌ سرڪار جي "سنڌي ساهتيہ مرڪزي صلاحڪار بورڊ"، 1940ع بعد اهڙي هڪ جامع لغات لکڻ جو ڪم عالمن جي هڪ ڪاميٽيءَ جي حوالي ڪيو پر ڪن سببن ڪري، سالن جي عرصي گذرڻ بعد بہ انهيءَ لغات جو مسودو فقط ڀهرين ڇهن اکرن (الف، ب، ٻ ۽ ڪجهہ ٻ) تائين محدود رهجي ويو. سنہ 1951ع ۾ جڏهن سنڌ سرڪار طرفان هن بورڊ جي نئين سر تشڪيل ٿي، تڏهن نئين "سنڌي ادبي بورڊ" طرفان، ٽن سالن اندر هڪ جامع لغات تيار ڪرڻ جو ڪم بندي جي حوالي ٿيو جنهن کي مون خوشيءَ سان قبول ڪيو ڇاڪاڻ تہ انهيءَ کان اڳ 49-1950ع کان وٺي، جناب سيد غلام مرتضيٰ شاهہ صاحب جن جي همت افزائيءَ سان، ذاتي طور مون اهو ڪم شروع ڪري ڏنو هو.

ڊسمبر 1951ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي فاضل وائيس چانسلر علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي عنايت سان، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هن جامع

سنڌي لغات جي تياريءَ ۽ تڪميل لاءِ، مرڪزي آفيس قائم ڪئي وئي ۽ ڪم جي تجويز جو خاڪو تيار ڪيو ويو ۽ جنوري 1952ع کان ڪم باقاعدي شروع ڪيو ويو. رات ڏينهن لڳاتار ڪوشش سان هن سڄي لغات جو مسودو، ٽن سالن جي مقرر عرصي اندر ڊسمبر 1954 ۾ مڪمل ڪيو ويو. البته مسودي جي تڪميل بعد، ڪي اهڙيون رنڊڪون پيش اچي ويون، جو 1957ع تائين ڇپائي ڪا نه ٿي سگهي. انهيءَ موقعي کي غنيمت ڄاڻي، سڄي لغات تي نظرثاني ڪري، ان کي سنواريو ويو ۽ پڻ ويهه سيڪڙو کن نوان الفاظ شامل ڪيا ويا. 1957ع ۾ ڇپائي شروع ٿي ۽ جملي 80 صفحا مس ڇپيا، ته وري بيون رنڊڪون پيش اچي ويون، جنهنڪري تقريباً هڪ سال تائين ڇپائي بند رهي. انهيءَ عرصي ۾ پڻ وڌيڪ اصلاح جو موقعو مليو. بالاخر نومبر 1958ع کان ڇپائيءَ جو سلسلو نئين سر شروع ڪيو ويو، جو البته آهستي، پر بنا رنڊڪ جي جاري رهيو.

سرمايو ۽ وقت جي ڪمي توڙي ڄاڻو عملي جي ٿورڙائيءَ سببان، هن لغات جي تياريءَ ۾ ڪافي تڪليفون پيش آيون. ان کانسواءِ لغات جي مسودي جي تڪميل بعد، ويتر اهڙيون رنڊڪون پيون جي دل شڪنيءَ جو باعث بڻيون، پر بقول عرب شاعر جي
لاستَهلنَّ الصَّعب اَو اُدرڪِ المُنيٰ فما انقادَتِ الامالُ اِلاَ لِصابر.
(ڪندس حل مشڪل يا ويندس مري نه پڄنديون مرادون ڪڏهن صبر ري)
هن اهم ڪم کي پوري ڪرڻ لاءِ هر مشڪل کي صبر سان منهن ڏيئي حل ڪيو ويو. البته لغات جي تڪميل بعد، ان جي فوري ڇپائي اسان جي وس کان ٻاهر هئي ۽ ان ۾ ڪافي دير ٿي ويئي، پر چوندا آهن ته "جيئن دير تيئن خير". انهيءَ دير سببان هن بنيادي لغات کي ويتر وڌيڪ سوڌڻ ۽ سنوارڻ جو موقعو مليو ۽ لفظن جي تعداد، توڙي لغات جي فني سٽاءَ کي بهتر بڻايو ويو. لفظن جي تعداد جي پيٽ انهيءَ مان

ڪري سگهجي ٿي تہ ڇپيل لغاتن مان ’ڪئپٽن اسٽئڪ‘ واري سچي لغات ۾ اٽڪل 16900 الفاظ ۽ اصطلاح آهن. شرٽ، اڏارام ۽ مرزا صادق عليءَ واري لغات ۾ 21450، پرمانند واريءَ سنڌي – انگريزي لغات ۾ 25140 ۽ هن لغات جي فقط پهرين ٽن حرفن هيٺ 15735 الفاظ ۽ اصطلاح آهن.

هن لغات جي لفظن جو ذخيرو هيٺين سرچشمن مان گڏ ڪيو ويو آهي: (الف) ڇپيل ڪتاب، جن مان ادب توڙي ٻين مختلف موضوعن تي لکيل، اندازاً 450 ننڍا وڏا ڪتاب توڙي مخزنون پڙهيون ويون ۽ انهن مان الفاظ ۽ اصطلاح چونڊيا ويا. (ب) اهي جملي ڇپيل لغاتون، جن جو سنڌي لفظن جي معنيٰ سان واسطو هو. (ج) ادب ۽ لغت جي اڻ ڇپيل قلمي ڪتابن جو ذخيرو ـ خاص طرح شاهہ عنايت رضوي، خليفي نبي بخش، فقير محمد صديق ۽ مولوي غلام محمد خانہ زئي جا رسالا (جي ’لغات قديمي‘ جي تياريءَ ۾ ميرزا قليچ بيگ صاحب جي آڏو نہ هئا)، جن مان انوکا الفاظ چونڊي هن لغات ۾ داخل ڪيا ويا. اڻ ڇپيل لغاتن مان، آخوند عبدالرحيم عباسيءَ جي ”جواهر اللغات“ ۽ مولوي علي محمد مهيريءَ جي سنڌي لغات (مسودو)، انهن ٻنهي مان جملي الفاظ شامل ڪيا ويا آهن. بمبئي مان مسٽر تاراچند گاجرا، لالا هاسانند جي لکيل لغات جا الفاظ اُتاري موڪليا، جن کي چنڊڇاڻ بعد داخل ڪيو ويو. (د) مٿين ٽن ماخذن کانسواءِ، اسان عوامي ادب ۽ عام رائج سنڌي ٻوليءَ جي سرچشمي کي وڏي اهميت ڏني آهي. اڄ ڏينهن تائين جيڪي بہ لغاتون يا ڪتاب لکيا ويا آهن، تن جي اڪثر مصنفن ۽ مولفن جو واسطو شهرن سان رهيو آهي، جي ٻهراڙيءَ جي نج سنڌي ٻوليءَ کان ڪماحقہ واقف نہ هئا. انهيءَ ڪري سندن تصنيفن ۾ ٻهراڙيءَ جي عام رائج ٻوليءَ جا ڪيترائي نج سنڌي

محاورا، الفاظ ۽ اصطلاح موجود نہ آهن. هن لغات لاءِ سڄي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان عام رائج لفظن ۽ اصطلاحن کي سهيڙڻ لاءِ خاص ڪوشش ڪئي ويئي، سنڌ جي هر ضلعي جي مکيہ ڀاڱن ۾ مڪاني ماڻهو مقرر ڪيا ويا. انهيءَ لاءِ تہ پنهنجي ٿر جي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ اصطلاح هٿ ڪري موڪلين (مثلاً ڪاسبين جهڙوڪ ڪنيارن، لوهارن، ڪورين، سونارن، واڍن، وگهاملن وغيره جا الفاظ ۽ اصطلاح، جنسن جا نالا، جهڙوڪ گاهن، جيتن، گُلن، پکين وغيره جا نالا. مقامي ريتن رسمن، جهڙوڪ شادي غمي، ميلن ملاکڙن جا اصطلاح، گهرو الفاظ، جهڙوڪ عورتن جا اصطلاح ۽ ڀرت جا نالا وغيره، اُنن ۽ گهوڙن جي سازن، سنجن، پنڌن، بيمارين ۽ علاجن جا الفاظ ۽ اصطلاح، پوک جي مڙني قسمن جي پوکڻ ۽ سنڀارڻ جا الفاظ ۽ اصطلاح، ميوي جي فصلن جهڙوڪ انب، ڪجيءَ وغيره جا اصطلاح ۽ الفاظ). هن سلسلي ۾ هيءَ خاص احتياط پڻ رکيو ويو آهي تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ جي مڙني مکيہ محاورن يعني تہ لاڙ سري، ٿر، ڪاڇي، ڪاري، ڪڇ ۽ لس ٻيلي جي مخصوص ٻولين جا انوکا عام رائج الفاظ ۽ اصطلاح، هن لغات ۾ شامل ڪري سگهجن.

نج سنڌي لفظن کانسواءِ عربي ۽ فارسي لفظن جو پڻ ڪافي وڏو ذخيرو سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ٿي چڪو آهي، انهن مان هڪڙا الفاظ اهڙا آهن جن کي سنڌي ٻوليءَ آڳي مکي پنهنجو ڪري ڇڏيو آهي ۽ ٻيا ڪي عربي، فارسي لفظ ۽ محاورا، پوين ڏيڍ سؤ ورهين ۾ سنڌي شاعرن ۽ اديبن جي زبان ذريعي، سنڌي ادب جو جز بڻجي ڪتابن ذريعي شايع ٿي چڪا آهن. اهڙن عربي ۽ فارسي لفظن ۽ اصطلاحن کي پڻ داخل ڪيو ويو آهي. انهيءَ لاءِ تہ هيءَ لغات سڀني طبقن لاءِ ڪارآمد ٿي سگهي.

**لغات جي سٽاءُ**

جيئن تہ هن قسم جي هيءَ پهرين لغات آهي، انهيءَ ڪري ان جي سٽاءَ کي پڻ نئين سر هيٺين اصولن تي قائم ڪيو ويو آهي.

لفظن جي ترتيب: جيئن تہ لغات ۾ جملي الفاظ، جدا جدا اکرن هيٺ 'الف ـب' وار ترتيب ڏيئي رکيا آهن. انهيءَ ڪري سڀ کان اول 'الف ـب' جي تختيءَ کي قائم ڪرڻو آهي.

(1) هن لغات ۾ سنڌي 'الف ـب' جي تختي هيٺينءَ طور قائم ڪئي ويئي آهي:

ا ب ٻ ت ٽ ث ٺ ٿ پ ج ڄ جھ ڃ چ ڇ ح خ د ڏ ڌ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ڦ ق ڪ ک گ ڳ گھ ڱ ل م ن ڻ و ھ ء ي

'الف ـ بي' جي انهيءَ سٽاءَ موجب، لغات جي منڍ ۾ 'الف' سان شروع ٿيندڙ لفظن، ان بعد 'ب' سان شروع ٿيندڙ لفظن ۽ اهڙيءَ طرح آخر ۾ 'ي' سان شروع ٿيندڙ لفظن کي ترتيب ڏيئي رکيو ويو آهي.

(2) اصولي لفظ کي اڳ ۾ رکيو ويو آهي ۽ ان جي آڏو گول ڪاري ٽڙي (●) جو نشان ڏنو ويو آهي. ان کان پوءِ انهيءَ اصولي لفظ مان نڪتل ٻين لفظن ۽ اصطلاحن کي ترتيب ڏيئي رکيو ويو آهي ۽ انهن جي آڏو ننڍي ٿلهي ڪاري ليڪ (ـــ) جو نشان ڏنو ويو آهي.

(3) 'الف' هيٺ، اول مد (آ) سان شروع ٿيندڙ لفظن کي رکيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ 'مد' کي ٻن الفن، يعني تہ 'الف' جي ٻٽيان 'الف'، جي برابر تسليم ڪيو ويو آهي.

(4) ساڳئي صورتخطيءَ وارن لفظن جي ترتيب. هر لفظ جي شروع واري اکر جي زبر زير پيش موجب قائم ڪئي ويئي آهي، يعني تہ جنهن لفظ جي مُنڍ واري اکر تي زبر آهي، اهو اڳ ۾ رکيو ويو آهي، ان بعد اُهو جنهن جي منڍ واري اکر تي زير آهي، ۽ آخر ۾ اهو جنهن جي منڍ واري اکر تي پيش آهي، مثلاً:

اول 'آت'، پوءِ 'اِت' ۽ آخر ۾ 'اُت'، ساڳيءَ
طرح اول 'بَر' پوءِ 'بِر' ۽ آخر ۾ 'بُر'.

لفظن جي سڃاڻپ: لفظن جي صحيح سڃاڻپ لاءِ هيٺيان اپاءَ ورتا ويا آهن:
(1) هر لفظ جي صحيح اُچار کي زبرين زيرن ذريعي نروار ڪيو ويو آهي. البته ملڪ جي مختلف ڀاڱن جي لب و لهجي سببان، جيڪڏهن ڪنهن لفظ جو اُچار ذرا مختلف آهي، ته اول عام مروج اُچار ڏيئي ان بعد مخصوص مقامي اُچار ڏنو ويو آهي، ۽ ٻنهي جي وچ ۾ 'ٿوري دم' (،) جي نشاني ڏني ويئي آهي. مثلاً:

آنِرَڻُ، آنُرَڻُ، آجهُرَڻُ، آجِهڙَڻُ، آڊوڪو، آڊوڪو.

(2) جيڪڏهن ملڪ جي مختلف ڀاڱن ۾، ٻوليءَ جي مختلف محاورن سببان، ڪو لفظ ايتري قدر جدا نموني ۾ اُچارجي ٿو جو ان جي صورتخطيءَ جي سٽاءَ، اصولي طور ڦري وڃي ٿي، ته اهڙيءَ حالت ۾ هر مستند اچار کي هڪ مستقل لفظ جي صورت ۾ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي رکيو ويو آهي، ۽ ان جي معنيٰ ڏيڻ وقت، ان جي ٻئي اچار واري صورت وارو لفظ پڻ ڏنو ويو آهي. البته اهڙي لفظ جي سربستي معنيٰ، صرف ان جي عام مروج اُچار واريءَ صورت جي آڏو ڏني ويئي آهي ۽ ان جي مخصوص مقامي اچار واريءَ جاءِ تي، معنيٰ ڏسڻ لاءِ اصولي اچار واريءَ صورت ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي. مثلاً:

آبت ۽ آبتَ، آديس ۽ آڏيس، آدر ۽ آرڊر، آرسڻ
۽ آرڪڻ، آرهڙ ۽ آرهاڙ، ٻوهل ۽ ٻوئل، وغيره

لفظن جي حالت ۾ سربستي معنيٰ پهرين اُچارن هيٺ ڏني ويئي آهي، جنهن ڏانهن پوين اچارن هيٺ اشارو ڪيو ويو آهي.
(3) ڪيترائي اهڙا الفاظ آهن، جن ۾ (سواءِ حيدرآبادي ٻوليءَ جي) "ڊ" ۽ "ٽ" جي اچارن بعد، اڪثر "ر" جو اچار پڻ ڪيو ويندو آهي. اهڙن لفظن جي پويان ڏنگين ۾ "ر" جو اچار نروار ڪيو ويو آهي. مثلاً:

آنڊو (آنڊرو)، ٻڊوڪو (ٻڊروڪو)، وغيره.

(4) اسمن جي حالت ۾، هر لفظ کي واحد توڙي جمع جي صورت ۾ لکيو ويو آهي ۽ ۓ جي نشانين ذريعي جمع کي واحدڪان جدا ڪيو ويو آهي. مثلاً:

ۓ آڀت ۓ آڀتُون، آٽرُ ۓ آٽرِ، آٽرَ ۓ آٽر، آڙيو ۓ آڙيا.

(5) اُهي لفظ جي ملڪ جي مختلف ڀاڱن جي مخصوص مقامي ٻولين سان خاص واسطو رکن ٿا (پوءِ ڪٿي اهي ٻين ڀاڱن ۾ پڻ استعمال ٿيندا هجن)، تہ مڪاني ٻوليءَ ۽ ماحول جي سُڃاڻپ خاطر، انهن لفظن جي پٺيان هيٺيون نشانيون ڏنيون ويون آهن:

(ت) = اتر، يعني اتر جي ٻولي (خصوصاً سکر ۽ جيڪب آباد ضلعن، ۽ خيرپور ۽ لاڙڪاڻي ضلعن جي اترين ڀاڱن جي ٻولي).

(ل)= لاڙ يعني لاڙ جي ٻولي (خصوصاً حيدرآباد جي ڏاکڻي ڀاڱي ۽ ان سان لاڳو ٺٽي ۽ ٿرپارڪر ضلعن جي ڀاڱن جي ٻولي).

(ڪ) = ڪوهستان ۽ ڪاڇو يعني سنڌ جي الهندي ڪوهستاني اراضي ۽ ان سان بلڪل لاڳو (اوپر طرف) سنڌو ماٿريءَ جي وٽ واري ٻولي (خصوصاً دادو ضلعي جي الهندين ڪوهستاني سرحد ۽ ان سان لاڳو هيٺ سنڌ واريءَ اراضيءَ جي ٻولي).

(ٿ) = ٿر، يعني ٿرپارڪر ضلعي جي مٺي، ڏيپلي، ننگرپارڪر ۽ ڇاڇري تعلقن جي ٻولي.

(ڍاٽ) = ڍاٽ يا ڍٽ، يعني ٿرپارڪر جي خاص 'ڍاٽ' واري اراضيءَ جي ڍاٽڪي ٻولي.

(ک) = کارو يعني ٺٽي ضلعي جي خصوصاً سمنڊ جي ڪناري واري اراضيءَ جي ٻولي.

(لس) = لس ٻيلو يعني سنڌ ۾ لس ٻيلي جي سرحد واري ڪوهستاني اراضيءَ ۾ لس ٻيلي جي ٻولي.
(ڪڇ) = ڪڇ، يعني ڪڇ رياست جي سنڌي ٻولي.
(6) لفظ جي صورتخطيءَ ۾ سجاڳپ کان پوءِ تشريحي نشاني (:) رکي ويئي آهي، جنهن بعد لفظ جي سمجهاڻي شروع ٿئي ٿي.
لفظن جي سمجهاڻي: لفظ جي سمجهاڻي عموماً ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. (الف) پهريائين لفظ جي نحوي صورت نروار ڪئي ويئي آهي، (ب) ان بعد ان جو اشتقاق ڏنو ويو آهي ۽ ان کان پوءِ (ج) ان جي معنيٰ سمجهائي ويئي آهي.
(الف) لفظ جي نحوي حالت نروار ڪرڻ لاءِ هيٺيون نشانيون استعمال ڪيون ويون آهن:

| | |
|---|---|
| ذ. = اسم مذڪر. | ظرف. = ظرف. |
| ث. = اسم مؤنث. | مصدر. = مصدر. |
| ذ. صفت. = صفت، مذڪر | حرف جر. = حرف جر. |
| ث. صفت. = صفت، مؤنث. | حرف جملو. = حرف جملو. |
| صفت. = صفت، مذڪر توڙي مؤنث. | حرف ندا. = حرف ندا. |
| اسم خاص. = اسم خاص. | محاورو. = خط. وار ٻوليءَ موجب استعمال |
| ضمير. = ضمير. | جملو. = جملو. |

(2) جيڪڏهن ڪنهن لفظ جون هڪ کان وڌيڪ معنائون آهن، جن موجب ان جون نحوي حالتون پڻ جدا جدا آهن، ته هر نئين معنيٰ کان اول، ڏنگين اندر نحوي حالت کي مٿين نشانين موجب نروار ڪيو ويو آهي.
(3) اسم مذڪر جي حالت ۾، معنيٰ جي خاتمي بعد. ڏنگين ۾ ان جي مؤنث (واحد توڙي جمع) کي ڏنو ويو آهي.
(4) مصدر جي حالت ۾ معنيٰ جي خاتمي بعد، ڏنگين ۾ ان فعل جي 'فاعل'، 'ماضي' توڙي 'اسم حاليي' کي نروار ڪيو ويو آهي.

(ب) لفظ جي نحوي صورت نروار ڪرڻ بعد، چورس ڏنگين ۾ اُن جي مول ۽ اشتقاق کي سمجهايو ويو آهي.

(1) جيڪڏهن لفظ جي موجوده صورت، ان جي 'بنيادي صورت' مطابق آهي، ته پوءِ صرف انهيءَ بنيادي ٻوليءَ جو نالو ڏنو ويو آهي، جنهن مان اهو لفظ ورتل آهي. مثلاً:

آخر: ظرف. [ع]　　　يا　　　آباد: صفت. [ف]

انهن بنيادي ٻولين نروار ڪرڻ لاءِ هيٺيون نشانيون قائم ڪيون ويون آهن:

سن. = سنسڪرت.　　　هه = هندي

پرا. = پراڪرت.　　　بل. = بلوچي.

ع. = عربي.　　　انگ = انگريزي

ف. = فارسي.

انهن کانسواءِ ٻين بنيادي ٻولين جي حالت ۾، ٻوليءَ جو سڄو نالو لکيو ويو آهي. مثلاً [سرائڪي]، [ترڪي] وغيره.

(2) جيڪڏهن لفظ جي موجوده صورت، بنيادي صورت کان الڳ آهي، ته ان حالت ۾ اشتقاق نروار ڪرڻ وقت، اصل بنيادي لفظ پڻ ڏنو ويو آهي. اصل بنيادي لفظ مان جنهن ڦير گهير سان، لفظ پنهنجي موجوده صورت ورتي آهي، ان کي سمجهائڻ لاءِ ٻه نشانيون > ۽ < استعمال ڪيون ويون آهن. مثلاً:

• آچار < آجار<آماج ـ يعني ته اصل لفظ 'آماج' هو جو تقليب سببان ڦري 'آجار' ٿيو ۽ آجار وري سنڌيءَ ۾ 'آچار' جي اُچارن سان رائج ٿيو.

• لَهڻ > اَلَهڻ> اَلهندو ـ يعني ته 'لَهڻ' مان اُلهڻ ۽ 'اُلهڻ' مان الهندو لفظ نهيو.

(3) جيڪڏهن لفظ جي موجوده صورت اهڙي آهي، جو ان جو اشتقاق، هڪ کان وڌيڪ ٻولين مان پيو پائجي، ته انهيءَ حالت ۾ انهن مڙني

ٻولين جا اُهي بنيادي الفاظ ڏنا ويا آهن، جن مان موجوده لفظ جي نڪرڻ جو گمان ٿي سگهي ٿو.

(ج) لفظ جي اشتقاق نروار ڪرڻ بعد، ان جي معنيٰ ڏني ويئي آهي.

(1) هر معنيٰ کي پوري ءَ طرح سمجهائڻ لاءِ، ٻه يا ٻن کان وڌيڪ هم-معنيٰ لفظ ڏنا ويا آهن ۽ اهڙن هم- معنيٰ لفظن جي وچ ۾ ننڍي ليڪ (-) ڏني ويئي آهي.

(2) جيڪڏهن ڪنهن لفظ جون معنائون هڪ کان وڌيڪ آهن ته 'دم' جي نشانيءَ (.) سان، هڪ معنيٰ کي ٻيءَ کان جدا ڪيو ويو آهي.

(3) جيڪڏهن ڪا معنيٰ ملڪ جي پاڱي جي ڪنهن خاص محاوري مطابق آهي، ته انهيءَ معنيٰ ڏيڻ بعد، ڏنگين ۾ ان مخصوص محاوري جو نشان ڏنو ويو آهي. مثلاً:

• آتِي ۽ آتِي (ڪ): ذ. صفت. جو ايندو رهي- هميشه ايندڙ.
آهِتِي – گراهڪ. (صفت) ايندڙ– ايندڙ وقت وارو (ٿ).

• اُڇارڻ (ل): مصدر. آڇارڻ- آگهارڻ. اُٿارڻ (لس).

(4) لفظ جي هر انوکي معنيٰ جي آخر ۾، ڪوشش ڪري شعر، پهاڪي يا چوڻيءَ کي شاهديءَ طور آندو ويو آهي. مثلاً:

• آبڻُ: مصدر. [ ف. آب = پاڻي + ڻُ= مصدر جي نشاني] آب ڏيڻ- پاڻي ڏيڻ. آلو ڪرڻ – پڇائڻ – پُسائڻ "اُبي کي آبيندي، لڏائون سنڌڙيءَ سار" (سچل).

• آپڻُ (ٿ): مصدر [ سن. آ= چوڌاري + پاس= چمڪڻ] ظاهر يا صاف ٿي اچڻ. مثال اچي سهڙڻ. جُهڙ ٿيڻ "اُپ آپيو پاڳيو جاڳيو" (جُهڙ ٿيو مالدار سانگ لاءِ سجاڳ ٿيو).

هيءَ پنهنجي نوع جي پهرين لغات آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي هڪ جهجهي ذخيري کي شامل ڪيو ويو آهي ۽ هر لفظ جي عام توڙي اصطلاحي معنيٰ کي شاهدن ۽ مثالن سان کولي ورجايو

ويو آهي. البت لفظن جي اشتقاقن وارو پهلو اجا بہ تحقيق طلب آهي. جيتوڻيڪ حالات مطابق اُن تي بہ ڪافي توجهہ ڏنو ويو آهي. اهي لفظ جي سنسڪرت مان نڪتل آهن، تن جي اشتقاقن سمجهائڻ ۾ خاص طرح تاراچند گاجرا (بمبئي) مدد ڪئي، جنهن کي بورڊ طرفان اهو ڪم سونپيل هو. انهيءَ ڪم ۾ گنگارام سامرات (اُن وقت رهندڙ سن، ضلعو دادو) بہ ڪجهہ مدد ڪئي. انهيءَ هوندي بہ ڏاتن بابت پوري تحقيق، سنسڪرت جي عالم جي نظر جي محتاج آهي.

سنڌي، غالباً سنسڪرت کان اڳ واري دؤر جي "سنڌو ماٿر جي قديم هند- آريائي ٻولي" آهي، ۽ ٻين هند-آريائي ٻولين جي ڀيٽ ۾ سنڌيءَ جي بناوت ۾ آڳاٽين هند- ايراني ۽ داردي ٻولين، توڙي ڪن "سامي صفت" زبانن، قديم ترڪي ۽ ايراني ٻولين کي دخل آهي. نسبتاً پوئين دور ۾ پالي پراڪرت ذريعي، سنڌيءَ تي سنسڪرت جو اثر پيو ۽ ان بعد سنڌيءَ جي سٽاءَ ۽ ساخت، توڙي لساني تشڪيل، عربي ۽ فارسي اثر هيٺ ٿي. انهي تاريخي پس منظر ۽ مختلف ٻولين جي تمدني اثر سببان، سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ اهڙيون لساني خصوصيتون ۽ لغوي ڳوڙهايون موجود آهن، جو موجوده تحقيق جي روشنيءَ ۾ ڪن لفظن جا اشتقاق پروڙڻ البت مشڪل آهي. ازانسواءِ وقت جي پابندي ۽ سرمايي جي قلت سببان، هن لغات ۾ لفظن جي اشتقاقن تي وڌيڪ تحقيق جو امڪان ڪو نہ هو انهيءَ ڪري هن تحقيق کي مستقبل جي حوالي ڪرڻو پوي ٿو.

هن لغات جي تياريءَ ۽ تڪميل لاءِ هڪ مرڪزي آفيس قائم ڪئي ويئي ۽ تعلقي وار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا. جن هدايتن موجب سنڌ جي سيني ڀاڱن جي مقامي لفظن ۽ اصطلاحن جا ذخيرا گڏ ڪري موڪليا. مرڪزي آفيس جي عملي، ڪارڪنن کان پهتل مواد کي هدايتن موجب ڇنڊي ڇاڻي صاف ڪيو ۽ پڻ ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل

ڪتابن مان الفاظ ۽ اصطلاح چونڊي قلمبند ڪيا. ٻاهرين سڀني ڪارڪنن خاطر خواهه ڪم ڪيو جن مان خاص طور هيٺين صاحبن ڪافي محنت سان مقامي ٻوليءَ جو مطالعو ڪري، لفظن ۽ اصطلاحن جو جهجهو مواد موڪليو: صالح محمد سمون ۽ محمد عرس سمون (ڪراچي) جن لس ٻيلي ۽ ڪوهستان جي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ اصطلاح سهيڙيا. محمد طالب لوهار (ٽنڊو باگو) ۽ مقبول احمد بلوچ (بدين) لاڙ جي ٻوليءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن جو ذخيرو گڏ ڪيو. پمي مل (اسلام ڪوٽ) ۽ رائچند (چيلهار) ٿر جي ٻوليءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن کي جمع ڪيو. عطا محمد 'حامي' (خيرپور) محمد عالم عباسي (سکر) ۽ عبدالرزاق ميمڻ (پير جو ڳوٺ) اتر جي ٻوليءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن جا ذخيرا موڪليا.

مرڪزي آفيس جي سڄي عملي محنت سان ڪم ڪيو ۽ لغات جي جملي مواد کي سهيڙڻ، صاف ڪرڻ ۽ ترتيب ڏيڻ مسودي تيار ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڪئي. خاص طرح هيٺين صاحبن جا نالا قابل ذڪر آهن، جي هڪٻئي پويان بندي (ڊائريڪٽر) جا نائب ٿي رهيا. مرحوم محمد بخش واصف، جنهن ڪم جي شروعات جي وقت مدد ڪئي، سيد سردار علي شاهه، جنهن لغات جي مسودي جي تياريءَ ۽ تڪميل تائين رفاقت ڪئي، ۽ شيخ محمد اسماعيل جو شروع کان ئي هڪ ڪارڪن جي حيثيت ۾ شامل رهيو ۽ ان بعد لغات جي پهرين صاف ڪاپي، نظرثانيءَ بعد ان جي ٻي صاف ڪاپي ۽ اُن بعد پريس ڪاپي تيار ڪرڻ، پروفن پڙهڻ ۽ لغات جي ڇپائيءَ کي توڙ تائين پهچائڻ ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو.

آفيس جي عملي ۽ ڪارڪنن ڪانسواءِ، هن وڏي ڪم کي ڪامياب بنائڻ لاءِ ٻين به ڪيترن ئي سڄڻن جو هٿ آهي، جن وقت بوقت بندي لاءِ سنڌ جي هر پاڳي جو سفر سولو ڪيو ۽ مقامي ڳوٺن جي

عمر رسيده بزرگن سان ملاقات ۽ سُجاڻ سگهڙن ۽ شاعرن، توڙي ڪڙمين ڪاسبين، پاڳين ۽ ملاحن سان ملڻ ۽ ڪچهرين ڪرڻ جو انتظام ڪيو جن ڪان نہ فقط نج سنڌي لفظن ۽ اصطلاحن جو هڪ وڏو مستند ذخيرو مليو پر ڇپيل لغاتن ۾ ڏنل، توڙي ڪارڪنن کان پهتل ڪن انوکن لفظن ۽ اصطلاحن جي تصديق ۽ تصحيح پڻ ڪئي ويئي.

لغات تيار ٿيڻ بعد مرحوم ڊاڪٽر ع. م دائود پوٽي کي بورڊ طرفان مقرر ڪيو ويو تہ لغات جي پريس ڪاپيءَ کي ڇيڇڻ کان اڳ نظر مان ڪڍي، ان موجب هن صاحب آخر وقت تائين پهرين ڇئن اکرن (ا، ب، ٻ ۽ ڀ) جي ڪاپيءَ کي ڏٺو ۽ پنهنجي تصحيح ۽ تنقيد سان متن کي بهتر بنائڻ ۾ مدد ڪئي، جنهن جو نهايت شڪريي سان اعتراف ڪجي ٿو. بورڊ جي سيڪريٽري محترم محمد ابراهيم جويي، لغات جي آخري پروفن کي پوريءَ طرح جانچي پڙهيو ۽ درستين بابت مفيد مشورا ڏنا. سندس گهريءَ نظر کانسواءِ، شايد هيءَ لغات ايترو صحيح نہ ڇپجي سگهي ها. سنڌي ادبي بورڊ جي مئنيجر محترم علي بخش احمد زئي، لغات جي ڇاپڻ ۾ پورو تعاون ڪيو جنهن لاءِ سندس توڙي پريس جي ٻين ڪارڪنن جو شڪريو ادا ڪجي ٿو.

سنڌ يونيورسٽي، | خادم العلم
26۔ جنوري 1960ع | نبي بخش

(ڇپيل: جامع سنڌي لغات (جلد اول)، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي: حيدرآباد، ڇاپو پهريون 1960ع)

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

# "تحقيق لغات سنڌي" جا ٻه اکر

مدت کان آرزو هئي "سنڌي لغت" مرتب ڪريان، ليڪن اڪيلي سر، تهي دست، ڇا پئي ڪري سگهيس! بقول شاعر: ٻنان لشڪر خزاني جي ٿيڻ سلطان مشڪل آهي، مون سان ٻه اها ڪار هئي، نه عربي، سنسڪرت، گجراتي وغيره جو مايو ۽ نه وري مختلف لغات جو ذخيرو! جنهنڪري ڪجهه وقت ته دل جي دل ۾ رهي. آخر سنڌ سرڪار "سنڌي لغت" جو ڪم، جوان بخت محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي سپرد ڪيو جنهن ڊائريڪٽر آف سنڌي لغت جي حيثيت ۾ ٻين سان گڏ، مون کي پڻ، ريسرچ اسسٽنٽ مقرر ڪيو. منهنجي دل ۾ سڪ جو سلو جو انگوران ٿي پلو اڳيئي لڳل هو تنهنڪري موقعي کي غنيمت ڄاڻي، هڪدم وڃي دخلڪار ٿيس. جيتوڻيڪ ٻنڍڻ ٽن سالن (1952ع کان 1954ع تائين) جو هو ۽ ڪم ٻه منهنجي صحيح مذاق مطابق هو تاهم دوريءَ هڪ سال کان وڌيڪ ترسڻ جي مهلت نه ڏني. ارمان آهي، جو پهريون سال ته صرف ڪتابن مان لفظن گڏ ڪرڻ ۽ ٻاهران آيل مواد کي ترتيب ڏيڻ ۾ صرف ٿيو. ڪاش! جيڪڏهن وڌيڪ رهان ها ته قوي ارادو هو ته لفظن جا ڌاتو يا بنياد، آڻون پاڻ ڪيان ها، جا ئي منهنجي آخرين مدعا هئي.

ڌاتو يا بنياد معني: لفظ جي ڄڙ يا پاڙ جتان لفظ نڪرن ٿا. سنڌي زبان، سنسڪرت جي شاخ آهي، تنهنڪري سنڌي لفظن جا بنياد ٻه سنسڪرت ڌاتن تي مبني آهن. سنسڪرت ڀاشا ۾ لڳ ڀڳ 2500 ڌاتو آهن.[2] پر ڪن جي خيال موجب 2200 ڌاتو آهن.[3] سر مونيرو ليس جي خيال موجب ٿلهي ليکي 2000 ڌاتو آهن.[4]

---

[2] Sanskrit Dhatu Kosh. Kasha Nath Sarma.

[3] Sanskrit Dhatu_ varth Manjusha. Ramji Chondji Khonal kar.

[4] Sanskrit Manual pages 45

ڌاتو ڇهن قسمن جا سمجهيا وڃن ٿا: 1- ڌاتو پاٺ پٺت جو "پاٺ" ۾ آيا آهن. 2- سوتر، جو "سوترن" ۾ ڪتي ڪتي استعمال ٿيل آهن. 3- لوڪڪ، "مهاڪوين" (وڏن شاعرن) پنهنجي ڪاويہ (شعر) ۾ ڪم آندا آهن. 4- ويدڪ، جو "ويدن" ۾ ڪم آيا آهن. انهن سيني ڌاتن جو ورڻن، پاڻنيءَ پنهنجي پستڪ ۾ ڪيو آهي.[5]

جيتوڻيڪ لغت جي ڪم ڪان پري رهيس، تاهم ڏيري ڏيري ڪم کي لڳو رهيس، پنهنجي ڪچڪول يعني ميٽريل مواد کي سنواري ۽ سينگاري "سنڌ جو سينگار" ڪتاب تيار ڪيم، جو سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپجي چڪو آهي. ڪتاب بعد وري خيال ٿيو ته سچي مواد ۾ آيل سنڌي لفظن کي، ٻين لفظن سان گڏي، "سنڌي لغت" جي تحقيق ۽ تدوين ڪريان. اهو ارادو اٽل ۽ آخري سمجهي، ڪم کي دن رين جُنبي ويس. انگريزي لغت جي تدوين هڪ سئو مؤلفن ڪئي، ليڪن اسان وٽ ان قسم جو تعاون امر محال آهي. هت هر ڪو پنهنجي چاڙهي يا هر ڪنهن جو ڏيڍ چانور جدا! انهيءَ ڇُڙ ڇُڙ گابا جو اهو نتيجو نڪري ٿو، جو هر ڪو پنهنجي ڪنيل ڪم کي، پنهنجي سر، مٿا مونا هڻي، پورو ڪري ٿو ۽ پوءِ ان کي ڪهڙا ڏک ۽ ڏاکڙا ڏسڻا پون ٿا يا ڪهڙا ڏونگر ڏورڻا ۽ ڪشالا ڪاٽڻا پون ٿا، تن جو اندازو اهي ئي لڳائي سگهندا، جي انهيءَ راهہ ۾ رميا هوندا. ڇاڪاڻ ته لغت جو ڪم نهايت نازڪ ۽ ڪٺن آهي. ذري ذري ڪمال احتياط کان ڪم وٺڻو آهي. لفظن جا ڌاتو يا بنياد ڳولڻ ته هيڪاري ٿڪائيندڙ ۽ بيزار ڪندڙ پورهيو آهي. فلسفهءِ اللسان (Philology) جو بحر بي ڪران آهي، جنهن جو انت لهڻ آسان نہ آهي. جيڪي سپورنج ۽ سٺائتا انهيءَ تار ۾ تڙڳيا هوندا، سي ئي بخوبي اندازو لڳائي سگهندا تہ پار پوڻ

---

[5] Sanskrit Dhatu Kosh.

لاءِ ڪيترا نہ حيلا هلائڻا پون ٿا. سنسڪرت جا ماهر پڻ لفظن جي ڌاتن ڳولڻ ۾ ڏينبي وانگي پنهنجي واٽ وٺن ٿا. ڇو نہ وٺن، جڏهن هر ڪنهن جو اڀياس الڳ ۽ سمجهہ نرالي! تنهنڪري سياويڪ هن "تحقيق لغات سنڌي" ۾ بہ پارڪن کي ڪٿين لغوي پرزا پوريءَ جڳهہ تي استعمال ڪيل نظر نہ ايندا.

هر هڪ لفظ جي ڌاتو ڪيڻ وقت، ڪوشش ڪري، هر هڪ لفظ کي ڪَناڪيڙ ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ خود لفظ ۾ انهيءَ وقت جي تاريخ، نالي ۽ معنيٰ جو سبب، سمايل رهن ٿا. مثلاً: 1ـ "آجگر" عام طرح ڪنهن بہ وڏي بلا کي چئي سگهجي ٿو. هاڻي ڏسون تہ خود لفظ ڇا پيو ٻولي، اجگر، سنسڪرت --آجَگَرَ. آجَ ـ ٻڪرو+گَرَ = ڳهندڙ ٻڪرو ڳهندڙ اها بلا، جا ٻڪري کي ڳهي وڃي. اهوئي سبب آهي، جو ڪنهن بہ وڏي بلا کي "اجگر" ڪوٺيو وڃي ٿو. فارسي ۾ چون "اژگر".

2ـ "بينسري" وڄائڻ جو هڪ ساز آهي، هنديءَ ۾ چون "بانسري" ۽ سنسڪرت ۾ "وَنشِي"، "وَانش" معنيٰ بانس (ڪاٺ جو قسم، جو وچ مان پورو ٿئي ٿو). "بينسري" بہ "بانس" جي نهيل آهي.

مٿين مثالن مان ظاهر ٿيو تہ هر هڪ لفظ پنهنجي اصليت قائم رکيو بيٺو آهي. اسان جو فرض آهي تہ مٿاڇري معنيٰ تي اڪتفا نہ ڪريون، بلڪ هر هڪ لفظ جي تهہ ۾ وڃي، سندس تاريخ سکون. هن ننيڙي ڪوش (Dictionary) ۾، ڪوشش ڪري، هر هڪ لفظ کي سندس اصليت تي آندو ويو آهي ۽ ڪٿي ڪٿي اصل ڌاتوءَ واري معنيٰ بہ ڏني ويئي آهي، تا تہ لفظ جي معنيٰ حقيقت سان همدوش ٿئي. ڪٿي لفظ جو فقط اصل لفظ يا ڌاتو (پنهي مان هڪ) ڏنو ويو آهي، پر وڌيڪ اپٽار نہ ڪئي ويئي آهي، ڇاڪاڻ تہ هڪ تہ اڳ اهڙو خيال

آيل آهي ۽ ٻيو وري لغوي معنيٰ ٻہ ظاهر پئي پکي، پر ڪوشش اها ورتل آهي تہ جيئن هر هڪ لفظ جو ڌاتو تشريح سان ڏنو وڃي. اصل لفظ ۽ اصل لفظ جي ڌاتوءَ ۾ هي تفاوت آهي:

| معنيٰ | ڌاتو<br>(اصل لفظ جو) | سنسڪرت<br>(اصل لفظ) | سنڌي |
|---|---|---|---|
| چورڻ | ڪَتّ | ڪتّن | ڪَهَڻُ |

هن لغوي ڪتاب ۾ لفظن جي ڌاتن جي معنيٰ، ڪڏهن ڪڏهن دل کي نہ آ وڙندي، تنهنڪري غلط سمجهڻ نہ کپي، ڇاڪاڻ تہ لفظ جي اصل يا بنيادي معنيٰ، اها ئي ڌاتوءَ واري هڪ آهي، جا اصطلاح ۾ رهي ٿي آهي.

مثال:

| معنيٰ | ڌاتو | سنسڪرت | سنڌي |
|---|---|---|---|
| مارڻ | شَرَ | شَرَڻَ | 1_ سَرَنَ |
| سارڻ+ هلڻ | سَرَ+ گَمَ | سَنگ | 2_ سَگُ |
| ڇاتي+هلڻ | اُرَسَ+ گَمَ | اَرَگ | 3_ اَرگُ |

1_ "سرن" معنيٰ سام آجهو پناهہ ڌاتو "شر" = مارڻ آهي، بظاهر اها ڌاتوءَ واري معنيٰ دل کي نٿي آوڙي، ڇاڪاڻ تہ "سرن" مان سام اجهو جي معنيٰ نڪري ٿي. ڌاتوءَ واري معنيٰ "مارڻ" ۽ لفظ جي معنيٰ "اجهو"، "بچاءَ" آهي. ٻئي متضاد خيال! پر ڌاتوءَ واري معنيٰ "مارڻ" بلڪل ٺيڪ آهي. تشريح ٿيندي: جيڪو "سام" پويہ تنهنجي دشمن کي مارڻ آهي بہ ائين، تہ جيڪو "سرڻ" پوندو تنهنجي دشمن سان ضرور ٻہ ٻاٿي ڪبا.

2_ "سنگ" سنڌ جو عام لفظ آهي، جو گهوٽ جي ورتل ٻانهن لاءِ ڪم ايندو آهي. سنسڪرت لفظ "سَنگ" آهي، پر اصل لفظ آهي: سم= سارڻ + گم= وڃڻ. جا، گهوٽ سان گڏ وڃي، سا ٿي سندس زال.

3ـ "ارگ" ڀھراڙيءَ جو عام لفظ آهي، جو "نانگ" جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو. سنسڪرت لفظ: آرَگُ، پر اصل لفظ آهي: اُرَس= ڇاتي + گَم= هلڻ، جو ڇاتيءَ تي هلي، سو ٿيو نانگ.

واضح ٿيو تہ لفظ جي معنيٰ ۽ ڌاتوءَ جي معنيٰ، ٻئي درست آهن، پر لغوي معنيٰ، ڌاتوءَ واري هڪ آهي. مٿين مثالن ۾ "شر"، "گم" ۽ "گَم" ڌاتو آهن. "سم" ۽ "اُرس" اُپسرگ يا اڳياڙي (Prefix) جون نشانيون آهن.

سنڌي ٻوليءَ جا گهڻا تڻا لفظ، پنهنجي اصليت کان ڦري، ٻي صورت اختيار ڪري چڪا آهن. انهيءَ ڪري پراڪرت نحوين جي خيال موجب، سنڌي لفظن کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. 1ـ تدڀَوَ (تد= ٿَتَ= اهو+ ڀو= ٿيڻ)، انهيءَ (سنسڪرت) جهڙا، مگر نہ عين ٻين سنسڪرت. مثلاً: ڏسڻ، پُٽ، واپار، لوهار وغيره. ٿَتسَمَ (ٿت = اهو + سَم = ساڳيو برابر)، اهي (سنسڪرت) ساڳيا. مثلاً: جون سُوريہ، مِتر، ساگر وغيره.

| <u>تتسم</u> | <u>تدڀو</u> |
| --- | --- |
| سُوريہ | سُورِجُ |
| مِترَ | مِٽُ، مائٽ |
| دَرشَنَ | ڏِسڻ |
| پُترَ | پُٽ |
| وِياپار | واپار |
| لوهڪارَ | لوهار، لوهر، لهر. |

3ـ ديشي، ديس جا لفظ، جي آرين جي آمد کان اڳ ئي چالو هوا[6]، پر بنياد سنسڪرت مان نہ اٿن. ديسي لفظن کي عام طرح "اَپڀرنش" ڪوٺي سگهجي ٿو[7]. انهن ديسي لفظن جون ٻہ لغتون آهن: هڪڙي "پائيلچي"، جا ڌنپال آچاريہ ٻارهين عيسويءَ صديءَ ۾ تيار ڪئي، ۽ ٻي

[6] Prakrit Grammar Pandit Rishikesh Sastri

[7] Pandit Rishikesh Sastri.

"ديسي نام مالا". جا هيمچندر آچاريہ ٻارهين عيسوي صديءَ ۾ لکي، انهن ٻنهي لغتن مان گهڻو ڪري سڀ ديسي لفظ چونڊي، هن لغت ۾ آندا ويا آهن ۽ جن کي هنن ديسي سڏيو آهي، تن مان ڪيترن لفظن جو بنياد سنسڪرت مان ڄاڻائي، پراڪرت سان لاڳاپو ڏيکاري، هن لغوي ڪتاب ۾ لکيا ويا آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي لفظ اهڙا بہ آهن، جن جي اصليت لهڻ لاءِ وقت کپي. منهنجي نظر مان ڪو بہ اهڙو "هندستاني ڪوش" ڪو نہ گذريو آهي، جو هر هڪ لفظ جي اصليت ڏيئي، "ڌاتو" ڏئي. جيڪي "هندستاني ڪوش" نظر مان گذريا آهن، تن لفظن کي قدري ڀڳو آهي، ليڪن هر هڪ جز يا ڀاڱي جي ڌار ڌار معنيٰ ڪا نہ ڏني آهي. مثلاً: "اتهاس" لفظ کي ڊاڪٽر فالن جو "هندستاني ڪوش" هن نموني ڀڃي ٿو: اِت + هہ + آس. مگر هر هڪ جز جي لغوي معنيٰ ڏنل نہ آهي، جنهنڪري سنسڪرت جي اڀياس کانسواءِ سمجهڻ مشڪل ٿيو پوي.

جيتوڻيڪ سنڌي لغتن جو صحيح سلسلو انگريزن جي دور کان شروع ٿئي ٿو تاهم انهن سيني لغتن ۾ بنياد يا ڌاتوءَ جي ڪمي نظر اچي ٿي. ڪئپٽن اسٽيڪ (Captain Stack) پهريون انگريز هو جنهن 1848ع ۾ "انگريزي-سنڌي" لغت جي پيڙهہ جو پٿر رکيو. هن صاحب 1855ع ۾ "سنڌي- انگريزي" لغت پڻ ٺاهي، جا "عربي سنڌي آئيوٽا" (Alphabet) بدران، "ديوناگري لپي" (Devanagari Character) ۾ آهي، جنهنڪري اڄ جي ڪم جي نہ ٿيندي ۽ ٻيو تہ لفظن جو مادو بہ ڄاڻايل ڪونهي. 1879ع ۾ پادري شرٽ، مرزا صادق علي بيگ ۽ منشي اُڌارام ٿانورداس ميرچنداڻيءَ جي مدد سان، "سنڌي – انگريزي لغت"، تيار ڪئي. جا ڪيترين حالتن ۾ نهايت عمدي ۽ هر پهلوءَ کان ڪاميابيءَ جي ڪرڙي تي پهتل آهي، ليڪن ان ۾ بہ مٿين لغت جيان

ڏاتو ڏنل نہ آهي. 1910ع ۾ پرمانند ميوارام ملڪاڻيءَ "سنڌي-انگريزي لغت" تيار ڪئي، جنهن ۾ لفظن جو اندازو جهجهو ليڪن سٽاءُ ساڳي!

مٿين لغتن ڪانسواءِ، مرزا قليچ بيگ، لغت جا ٻہ عمدا ڪتاب: "لغات لطيفي" 1913ع ۾ ۽ "لغات قديمي" 1923ع ۾ تيار ڪيا، جي شاهہ جي رسالي ۽ ڪن جهونن ڪتابن تائين محدود آهن. اهڙيءَ طرح سنڌي ادبي شمع جي جان نثار پرواني سرڳواسي ڪاڪي ڀيرومل 1907ع ۾ "غريب اللغات" ناهي، جا شاهہ صاحب جي ٽن سرن: ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ ۽ ڪنيات تائين محدود آهي. قلمي نسخن مان مرحوم عبدالرحيم وفا 1866ع واري "جواهر لغت" سنڌي-فارسي، جو رتبو البت مٿاهون آهي، جنهن ۾ ڪيترائي ديهاتي الفاظ آيل آهن، ليڪن لفظن جي اصليت آنڊل نہ آهي.

لفظن جي ڏاتن جا ٻہ ٽي - چار ڪتاب سُڃهن ٿا، جي پنهنجي وقت جا بينظير شاهڪار آهن. پهريون ڪتاب "اڪر ڏاتو" نالي پادري شرٽ، 1866ع ۾ تيار ڪيو جنهن ۾ ڏاتوءَ مان نڪتل لفظ ڄاڻايل آهن. ليڪن اهو ڪتاب هڪ تہ ننڍو آهي ۽ ٻيو وري گمياب. 1866ع ۾ آخوند فتح محمد عبدالله هالائيءَ "ڪاشف الغموض" نالي، عربي ۽ فارسي لفظن جو ڪتاب تيار ڪيو جنهن ۾ لفظن جا اشتقاق ڄاڻايل آهن. مگر اهو بہ اڄ جي علمي ماحول ۾ ڪارگر ثابت نہ ٿيندو ڇاڪاڻ تہ سنڌي لفظن جا اشتقاق ڄاڻايل ڪينهن ۽ ٻيو وري آهي بہ ننڍو. ساڳئي سال جهمٽ مل نارومل وسطائيءَ "وِٿپتي ڪوش" تيار ڪيو. جنهن تي بقول مصنف (جهمٽ مل) پنج سال محنت ڪيل آهي. ڪتاب بيشڪ قدر و قيمت جي لائق آهي، ليڪن اهو بہ اڄ جون گهرجون پوريون ڪري نہ ٿو سگهي، ڇاڪاڻ تہ عربي، فارسي وغيرهہ لفظن جا بنياد ڄاڻايل ئي ڪينهن. گرچ ڪتاب تي ڪافي مٿا ڪُٽ ڪيل آهي، مگر اونهي اڀياس ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي تہ ڪن ڪن

هنڌ، مصنف صاحب، هٽي ويو آهي، مثلاً: لکي ٿو تہ: 'متروڪو سنسڪرت "مُدَگَرَ" مان نڪتل آهي، "پيچرو" سنسڪسرت "پاد" مان نڪتل آهي، خير ائين بہ هجي، ليڪن مخفي نہ رهي تہ متروڪو عربي "مطرق" ۽ "پيچرو" فارسي "پايہ چاره" مان نڪتل آهن. بهرحال مصنف آفرين جي لائق آهي، جنهن ويهي لفظن جي ونڊ ڪئي آهي. مرزا قليچ بيگ 1921ع ۾ فلالاجيڪل ڪيوراسٽيز (Philological Curiosities) ڪافي دماغي ڪاوش بعد ٻن پاڱن ۾ تيار ڪيو. مرحوم جيڪا محنت ڪئي آهي، سا قابل صد تحسين آهي. هندستاني، عربي، فارسي وغيره لغتون ڏسي، جدا جدا ٻولين جا هم معنيٰ الفاظ ڏنا اٿس. ڪتاب گويا "ذهن نامہ" آهي[8]. جيتوڻيڪ ڪتاب گهڻو وقت زنده رهڻ جي قابل آهي. تاهم ائين پيو معلوم ٿئي تہ جان شيڪسپيئر واري "هندستاني – انگلش" ڊڪشنريءَ جو نچوڙ آهي. جان شيڪسپيئر (لغت جو ٽيون ڇاپو 1834ع) لفظن جا بنياد بلڪل ٺيڪ ڪيا آهن، ليڪن مرزا صاحب، انهن جا تلفظ سنڌي صورتخطيءَ ۾ پوريءَ طرح ادا ڪري نہ سگهيو آهي. ص 131 تي لکي ٿو: "اک". سنسڪرت "اخش" مان نڪتل آهي، جيڪڏهن "اخش" جي صورتخطي اها ئي قائم ڪبي تہ لفظ عربيءَ ۽ فارسيءَ سان پنهنجو ناتو جاڻائيندو، ڇاڪاڻ تہ "خ" سنسڪرت جو حرف نہ آهي، مرزا صاحب پنهنجي معنيٰ ۾ بالڪل درست آهي، ليڪن تلفظ جي پوريءَ اداگيءَ نہ هئڻ سبب ڪيترائي لفظ عربي ۽ فارسي معلوم پيا ٿين. "اخش" بدران "اڪش" ٿيڻ کپي، ٻيو تہ مرزا صاحب لفظن تي اعرابون بہ نہ ڏنيون آهن، جنهنڪري صحيح تلفظ نہ هئڻ سبب، معنيٰ جي غلطي بہ سر زد ٿيو پوي، وڏي ڳالهہ تہ ڪيترن لفظن ڪي ڇڪي ملايو ويو آهي، مثلاً: لکي ٿو: "ڊانواڊول" انگريزي "ڊئنڊل" (Dwindle) لفظ جي بگڙيل صورت آهي. شايد ائين بہ هجي، ليڪن ڪنهن بہ "هندي ڪوش" ۾ نظر نٿو اچي. خود جان شيڪسپيئر پنهنجي لغت ۾

---

[8] بيتن جو قسم، جنهن ۾ هڪ لفظ لاءِ جدا جدا ٻولين مان ساڳئي معنيٰ وارا آهم لفظ اچن.

"ڊانواڊول" کي سنسڪرت "ڏاون" + "دولَنَ" مان نڪتل قرار ڏنو آهي. جي-ٽي-پلئٽن توڙي ٻيا "هندستاني ڪوش" ٻہ ائين ئي لکن ٿا. ٻيو تہ ڪتاب ٻہ آهي انگريزيءَ ۾، جنهنڪري سنڌي خوان جي ڪم جو ٿي نہ سگهندو. بهرحال ٽئين قسم جو ڪتاب لکي، سنڌي زبان تي احسان عظيم ڪيو اٿس.

ڪتاب جنهن ۾ لفظن جا "ڌاتو" يا "بنياد" آهن، سو آهي آنجهاني ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ وارو آمر شاهڪار. ڊاڪٽر صاحب، شاهہ صاحب جي رسالي ۾ آيل جهونن لفظن جي معنائن ۽ ڌاتن تي، جا محنت ڪئي آهي، سا وسارڻ ٿيندو تعصب کان ڪم وٺڻ. هن جي مخلصانہ ۽ اديبانہ محنت کي هر هڪ اديب عزت جي نگاهہ سان ڏسي ٿو. البتہ ڪن ڪن هنڌ، لفظن جي بنيادن ڪيڻ وقت، اٽڪل بازيءَ کان ڪم ورتو اٿس. اهو ئي سبب آهي، جو ساڳئي لفظ جي جڙ هڪ جلد ۾ هڪڙي تہ ٻئي ۽ ٽئين جلد ۾ ٻي ڏني ٿو. مثلاً: "ولهو" جو بنياد، پهرين جلد جي صفحي 460 ۾ "ورس" ڏني ٿو تہ ٻئي ۽ ٽئين جلد جي صفحي 347 ۽ 229 ۾ "ورهت" لکي ٿو. اهڙيءَ طرح ڪيترن لفظن کي سواءِ ڪنهن سَنَدَ جي، اصل ٻوليءَ مان ڪڍي، ٻيءَ ٻوليءَ ڏانهن رجوع ڪيو اٿس. مثلاً: "پارانيو" فارسي، "پيغام" جي بگڙيل صورت، لکي ٿو. درحقيقت "پارانيو" سنسڪرت "پرَشٽَ ياوَ" (پريش = موڪلڻ + ياوَ = حالت. موڪلڻ جي حالت) آهي. اهڙيءَ طرح ٻيا ٻہ ڪيترائي اشتقاق غلط ڪڍيا اٿس. ٻيءَ طرح ڊاڪٽر صاحب جي لفظي کوجنا ۽ معنائن کي ڏسي، هزارين اديب دنگ رهجيو وڃن ٿا.

سنڌي زبان جي صحيح معنيٰ ۾ لغت، محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ واري آهي، جا سڪايلن جون سڪون لاهيندي، خدا ڪري تہ جلد اها مفصل ۽ مستند لغت شايع ٿئي!

هن ننڍڙي لغوي ڪتاب ۾ ڪيترين ئي نين ڳالهين ڏسبيون، جي اڳ ڪنهن سنڌي ڪتاب ۾ آيل نه آهن. جيئن ته "نَوَ لکو هار" يا "چندن هار" تي اهو نالو ڪيئن پيو. اڪبر بادشاهه 'نَوَ رَتَنَ' ڪهڙي خيال کان اختيار ڪيا. "ٻٽيهه" يا 'ڇتيهه' لکڻ (لڇڻ) ڪهڙا آهن. "چوڏهن طبق" ڇا کي ٿو چئجي. عورتن جا "سورنهن سينگار" ۽ "ٻارنهن ڳهڻا" (زيور) ڪهڙا آهن ۽ ٻيون اهڙي قسم جون ڪيتريون ئي ڳالهيون، موتين جيان چُڻي، ادبي مالها تيار ڪئي اٿم. جا اميد ته سنڌي ماتا جي ڳُونج ڳلي ۾ هر وجهه سونهن جي لائق ٿيندي

لفظن جي بنيادن سان گڏوگڏ، ڪٿي ڪٿي انوکن الفاظن لاءِ شواهد پڻ پيش ڪيا اٿم ته جيئن معنيٰ وڌيڪ واضح ٿئي. جيڪڏهن ڪو لفظ، هڪ کان وڌيڪ معنائون ٿو رکي ته سيني معنائن لاءِ مشهور شاعرن، جهڙوڪ: شاهه ڪريم، شاهه ڀٽائي، گرهوڙيءَ، سچل سائين، جلال کتي، سليمان، صابر، سامي، ديدڱ محمد وغيره وغيره جي ڪلام مان سَنَد طور بيت، مصرع، ڏور، ڪهاوت، ڳجهارت، هنر، ڳيچ ۽ موڙي جا بيت، پيش ڪيا اٿم. جتي گم نام شاعر جو بيت آيو آهي ته اُتي بيت جو قسم به ڏنو ويو آهي ته جيئن خبر پوي ته لفظ جو استعمال ڪهڙي قسم جي بيت ۾ ٿيو آهي.

تلفظ ۽ حرفن ۾ تبديل:

جيڪي لفظ سنسڪرت مان نڪتل آهن، تن جو تلفظ سنسڪرت مطابق لکيو ويو آهي، ڪن لفظن جا تلفظ سنڌيءَ ۾ ادا ڪري نٿا سگهجن. 1ـ مثلاً: سنسڪرت ۾ "ر" جا ٻه قسم آهن: پهريون قسم عام طرح لکي سگهجي ٿو. باقي ٻيو قسم لکي نٿو سگهجي. جيئن ته: رشي، رڳ، رَجُ، رَتِ، روجهه لفظن جي "ر" سنسڪرت ۾ جنهن نموني لکجي ٿي، تنهن نموني سنڌي ۾ لکي نٿو سگهجي. انهيءَ ڪري اهڙن لفظن جي "ر" کي "ر" لکيو ويو آهي، جو پڻ پورو تلفظ نه آهي. 2ـ سنسڪرت ۾ "ش" جا ٻه قسم آهن: پهرين "ش" اُچارڻ وقت البته سينيءَ

## علامتون

| | |
|---|---|
| اپ | اپيرنش |
| اس | اسپين |
| انگ | انگريزي |
| ب | بلوچي |
| ت | ترڪي |
| پرا | پراڪرت |
| پور | پورچوگال |
| ڏن | ڏنپال آچاريہ جي "پايلچي نام مالا" ۾ آيل لفظ |
| س | سنڌي |
| سرا | سرائڪي |
| سن | سنسڪرت |
| ص | صفحو |
| ع | عربي |
| ف | فارسي |
| گ | گجراتي |
| م | مرائي |
| ملا | ملايا |
| هہ | هندي |
| هيم | هيمچندر آچاريہ جي "ديسي نام مالا" ۾ آيل ديسي لفظ |
| يو | يوناني |
| 7 | اصل لفظ جي نشاني: "يا" فقط اشتقاق يا ڌاتوءَ جي حالت ۾ جيڪڏهن ڏنگين (:) اندر هجي |
| ؟ | شڪ جي نشاني |
| 1 | پهريون خيال (معنيٰ ۽ اشتقاق جي حالت ۾) |
| 2 | ٻيو خيال (معنيٰ ۽ اشتقاق جي حالت ۾) |

(ليکڪ جي ڪتاب "تحقيق لغات سنڌي"
پهريون ڇاپو 1955ع ۾ ڇپيل)

# لغت سازيءَ جا اصول

لغت سازي ٻوليءَ جي تحفظ ۽ ترقيءَ جي وسيلن مان هڪ وسيلو آهي. ڪنهن بہ ٻوليءَ جون لغاتون جيڪڏهن نہ لکجن ها تہ ان ٻولي جي الفاظ جو ذخيرو ضايع ٿي وڃي ها ۽ ان جا ڳالهائيندڙ پوريءَ طرح سان اظهار خيال نہ ڪري سگهن ها. لهاذا جهڙي طرح ٻولين جي عالمن پنهنجين ٻولين جو صرف و نحو ۽ ان جا قاعدا مرتب ڪيا، اهڙي طرح انهن جون لغاتون بہ مرتب ڪيون. جيئن سندن قديم الفاظ، محاورا ۽ اصطلاح سلامت رهن ۽ ٻولين جي ترقيءَ جي رفتار قائم رهي.

پهرين قوم جنهن لغت نويسي طرف توجهہ ڏنو سا هئي اشوري قوم. آثار قديمہ وارن کي نينوي شهر جي کوٽائي ڪنديءَ اشوري شهنشاهہ اشور بانيپال جي محل ۾ هڪ لغات جو ڪتاب هٿ آيو آهي، جنهن جو سن تاليف غالباً 650 ق.م آهي.

اشوري کان پوءِ اسان کي چيني قوم ملي ٿي، جنهن باقاعدگي سان لغاتون مرتب ڪيون. چيني زبان ۾ قديم لغات يو پيان (yu pien) آهي جنهن جو مولف ڪيو يي وانگ (Ku ye wang) آهي. هن لغت جو سن تاليف 350 ق.م آهي. ٻي اهم لغات شو وان (Shu wan) آهي، جنهن جو مصنف هو شن (Hu shin) ۽ سن تاليف 150 ق.م آهي.

چينين کان پوءِ يوناني ملن ٿا، جن لغاتون تيار ڪيون. پهريون يوناني لغوي جنهن لغت لکي سو هو وليريس فليڪس (Valerius Flaccus) هيءُ عالم شهنشاهہ آگسٽس جي ڏينهن ۾ ٿي گذريو آهي. سيدنا عيسيٰ عليہ السلام پيدا ٿيو هو. فليڪس جي هن لغات جو اختصار اڄا تائين موجود آهي. فليڪس کان پوءِ هزيشيوس (Hesychius) چوٿين صدي عيسوي ۾ هڪ ڊڪشنري تيار ڪئي [1].

يونانين کان پوءِ عربن ۾ ڊڪشنري لکڻ جو شوق جاڳيو [2].

پهريون عربي عالم جنهن باقاعدي لغت جو ڪتاب تيار ڪيو سو هو الخليل بن احمد (متوفي 175هه). ان جي ڪتاب جو نالو هو ڪتاب العين. هن ان ڪتاب ۾ الفاظ جي ترتيب مخرج مطابق قائم ڪئي. حلق جي هيٺان نڪرندڙ حروف کان شروعات ڪري چپن وٽان نڪرندڙ حرفن وٽ ختم ڪيائين. حلق جي بلڪل هيٺان نڪرندڙ حرف ڇاڪاڻ جو 'ع' آهي، ان ڪري حرف 'ع' کان پنهنجو ڪتاب شروع ڪيائين ۽ 'ي' تي ختم ڪيائين ۽ ڪتاب کي نالو ڏنائين 'ڪتاب العين'. هر هڪ حرف واري باب ۾ پهريائين ٻن حرفن وارا لفظ آندائين پوءِ ٽن وارا، پوءِ چئن وارا وغيره. اهو ضروري نه هو ته مذڪور حرف فقط منڍ ۾ اچي، اهو حرف منڍ ۾ اچي توڙي وچ ۾ يا آخر ۾ اهڙي طرح تقليبي طريقي (Anagramatical Order) تي ڪتاب تيار ڪيائين. هڪ نقشي ڪيڙ سان سندس طريقو واضح ٿي پوندو [3].




مٿئين حرف 'ع' کي کڻي جيڪڏهن ساڄي ڪنڊ کان هلبو ته اسان کي لفظ ملندو ع ق د. جيڪڏهن کاٻي ڪنڊ کان ته لفظ ملندو ع د ق. اهڙيءَ طرح 'ق' کڻبو ته لفظ ملندا ق ع د ۽ ق د ع آخر ۾ 'د' کڻن سان ٻه لفظ ملندا د ق ع ۽ د ع ق هيءَ ترتيب اٽڪل 3 صديون هلي ۽ ڪن وڏن عالمن جهڙوڪ: ابن دريد- ازهري ۽ ابن سيده هر هڪ جهمرة، تهذيب اللغة، المحڪم لکيا.

چوٿين صدي هجريءَ جي آخر ۾ اسماعيل بن حماد الجوهري (متوفي 400هه) هڪ ڊڪشنري تاج اللغة نالي قافيه جي ترتيب (Rhyme)

(Order) تي تيار ڪئي. يعني الفاظ جي پڇاڙي وارن حرفن تي لغات کي مرتب ڪيائين. مثال طور لفظ وٺو ڪتب. ڇاڪاڻ جو هن لفظ جو آخري حرف آهي ب ته اهو لفظ (باب ب فصل ڪاف) ۾ داخل ڪيائين. هن ترتيب تي ڪيترن لغوين جهڙوڪ: صغاني، فيروز آبادي، ابن منظور وغيره پنهنجون لغاتون العاب، القاموس ۽ لسان العرب تيار ڪيون.

اڳتي هلي عام الف ب واري ترتيب (منڍ ۾ آيل حرفن مطابق) تي لغاتون تيار ٿيون. هن ترتيب تي اقرب الموارد، المصباح المنير ۽ المنجد اهم ڊڪشنريون آهن.

عربن کان پوءِ هندستانين ۾ لغت نويسي جو شوق پيدا ٿيو [4]. قصو ڪوتاه. ايشيا ۽ يورپ جي ملڪن کان پوءِ آمريڪا ۾ لغت سازيءَ تي ڪم ٿيڻ لڳو.

وقت جي رفتار سان علوم ۽ فنون ۾ نمايان تبديليون اينديون وڃن ٿيون. اهڙيءَ طرح زبان جي علم (لسانيات) ۾ به ڪافي ترقي آئي آهي. لسانيات جو شروع ۾ دائره عمل محدود هو ۽ انگريزي ۾ ان جي تعبير Philology هئي، ليڪن اڳتي هلي ان جو دائرو وسيع ٿيو آهي ۽ ڪيس Linguistics نالو ڏنو ائن. هن دور ۾ علم لسان تي آمريڪا ۾ ڪافي زور شور سان ڪم ٿي رهيو آهي.

جديد لسانيت جي روشنيءَ ۾ لغت سازي جا اصول هيٺين ريت آهن:

**الف: الفاظ جمع ڪرڻ**

ٻوليءَ جا سيئي الفاظ، محاورا ۽ اصطلاح ڪٺا ڪرڻ آسان ڪم نه آهي. هن سلسلي ۾ هڪ محقق کي وڏي محنت درڪار آهي. ڪيس فقط شهري ٻوليءَ تي ڀاڙڻو نه آهي، ليڪن ڪيس جهنگ جهر جهاڳڻو آهي. اهو به ياد رهي ته ڀهريائين ڳوٺ ٺهيا پوءِ شهر. ان ڪري ٻولين جا معمار ڳوناڻا آهن ۽ نه شهري لهذا هڪ لغت ساز کي ڪڙمين، ڪاسبين،

لوهارن، ڊکڻن، سوچين، ڪنيرن، ملاحن ۽ سونارن وغيره جا الفاظ ۽ محاورا هٿ ڪرڻا آهن. انهن کان پوءِ فقيهن، محدثن، عالمن ۽ فلسفين جا الفاظ ۽ اصطلاح ڪٺا ڪرڻا آهن. اهڙي طرح لغت ساز کي جانورن، پکين، گلن، ٻوٽن، وڻن، ميون جا نالا گڏ ڪرڻا آهن.

هڪ ٻوليءَ جي علائقي ۾ جيڪڏهن ٻه ٽي ياڱا آهن ته هر هڪ ياڱي کي مختلف لهجو (Dialect) هوندو آهي. ڪن شين جا نالا مقامي ٻولين ۾ الڳ هوندا آهن. لغت ساز کي اهي فرق معلوم ڪرڻا آهن ۽ معياري ٻوليءَ جو لحاظ رکڻو آهي. سنڌيءَ ٻوليءَ جا اٺ مقامي لهجا مشهور آهن [5] اترادي، وچولي، لاڙي، ڪوهستاني، ٿريءَ ڍاٽي، ڪاروءِ لاسي.

مثلاً ماني رکڻ واري دٻڪي کي اتر ۾ ڇون پنبي وغيره.

**ب: ترتيب ڏيڻ:**

الفاظ کي جمع ڪرڻ کان پوءِ لغت نگار جو ڪم آهي انهن کي حروف تهجي مطابق ترتيب ڏيڻ يعني لفظن جي منڍ وارن حرفن مطابق مرتب ڪرڻ.

**ج: لفظن جي تشريح**

ترتيب ڏيڻ کان پوءِ لغت نگار جو اهم ڪم 'لفظن جي تشريح' شروع ٿئي ٿو. تشريح جو ڪم هيٺين ريت ادا ڪري سگهجي ٿو:

(1) **لفظ جي اصليت:** لغت ساز کي ٻڌائڻ گهرجي ته مذڪور لفظ ان ٻولي جو خالص لفظ آهي يا ڪنهن ڌاري ٻوليءَ جو آهي. جيڪڏهن ان ٻولي جو آهي ته سندس تعلق ڪهڙي مقامي لهجي سان آهي. ٻين ٻولين مان آيل لفظ ڪڏهن ته اصلي صورت ۾ موجود رهندا آهن ته ڪڏهن انهن ۾ ڦير گهير ٿيندي آهي. جيئن لفظ 'نظر' پنهنجي عربي واري اصلي صورت ۾ سنڌيءَ ۾ مستعمل آهي. هوڏانهن ڪلف جي بنيادي صورت هئي قفل جنهن مان ڦري ٿيل قلف ۽ اڳتي هلي ڪلف

سڏجڻ ۾ آيو. هڪڙي ٻولي مان آيل لفظ جيڪڏهن پنهنجي بنيادي صورت ۾ ٻي ٻولي ۾ قائم رهي ته ان کي چئبو دخيل (New born).

لهذا لغت نگار کي واضح ڪرڻ گهرجي ته زير بحث لفظ چند (Chaste) آهي يا دخيل، غريب (Unfamiliar) آهي يا نادر (Rare). مستعمل (Current) آهي يا مهمل (Obsolete).

هن سلسلي ۾ اهو به ياد رکڻ گهرجي ته هر ٻوليءَ ۾ ڪي نه ڪي خصوصيتون سمايل هونديون آهن. جيئن عربي زبان ۾ اهم خصوصيتون آهن "قلب" ۽ "ابدال". انهن خصوصيتن ڪري الفاظ ۾ حرفي تغير ايندو آهي ۽ معنيٰ ۾ ڪو فرق پيدا ڪو نه ٿيندو آهي.

(a) قلب = حرفن جي ڦير گهير.

مثال مزراب = مرزاب = نسارو

بَطيخ = طبّيخ = ڇانهي

"مرزاب ۽ طبيخ" مقلوب الفاظ آهن. عربيءَ ۾ "مقلوب" الفاظ اڪيچار آهن ۽ ڪيترن عالمن جهڙوڪ ابن السڪيت اهڙن لفظن تي مشتمل ڪتاب لکيا آهن [6]. قلب يعني حرفن جي ڦير گهير جي خصوصيت سنڌي ٻوليءَ ۾ به آهي ۽ ان ۾ ڪيترا مقلوب لفظ آهن.

مثلاً نچڪٽو (نڪ چٽو) چپي (پچي) وغيره [7].

(b) ابدال = لفظ جي ڪنهن حرف کي ٻئي حرف سان بدلائڻ [8].

عربي زبان ۾ هيءَ خصوصيت تمام گهڻي موجود آهي ۽ ڪيترا حرف هڪ ٻئي ۾ بدلجي سگهن ٿا. مثال:

هيا بدلجي ٿيو ايا (سڏڻ جو آواز)

يرقان بدلجي ٿو ارقان (بيماري)

ثوم بدلجي ٿو فوم (ٿوم)

ثروة بدلجي ٿو فروة (ڪثرت)

ابدال جي خصوصيت سنڌيءَ ۾ بہ موجود آهي. مثلاً 'دہي' لفظ کي ڪٿي 'ڏہو' بہ چون.

(2) **لفظ جو اشتقاق:** اصليت بيان ڪرڻ کان پوءِ لفظ جو اشتقاق ڪري واضح ڪرڻ تہ مذڪور لفظ جو ڌاتو ڇا آهي.

(3) **لفظ جو اچار:** هن صورت ۾ لغت ساز کي مذڪور لفظ جو صحيح ۽ مستند اچار قائم رکڻو آهي. ڇاڪاڻ جو هڪ لفظ کي جدا جدا اچارن سان اچارجي ٿو. جيئن اترادي لهجي ۾ چون ڦَهرين (پ کي زبر سان) ۽ لاڙي لهجي ۾ چون ڦِهري (پ کي زير سان). اترادي چون وَيو (و کي زبر سان) ۽ لاڙي چون وِيو (و کي زير سان).

ڪڏهن تہ ملڪ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ ڪن لفظن جي اچار سان گڏوگڏ ان جي صورتخطي بہ بدلجي ويندي آهي. مثلاً سري ۾ "ڪتان" ۽ لاڙ چون "ڪتون". ان صورت ۾ لغت نگار جو ڪم آهي، ڇڱي طرح ڇنڊڇاڻ ڪري ان لفظ جو مستند اچار ۽ مخصوص صورتخطي چٽي ڪري ٻڌائڻ ۽ ان سان گڏوگڏ ٻن خطن جا اچار ۽ صورتخطي پڻ ڏيڻ.

(4) **لفظ جي نحوي حالت بيان ڪرڻ:** هيءُ ڪم هڪ ماهر نحوي جو آهي. ان ڪري هڪ لغت نگار لاءِ ضروري آهي تہ هو لغت جي علم سان گڏوگڏ نحو جي علم جو بہ ڄاڻو هجي. جيڪڏهن اهي ٻئي علم هڪ لغت نگار کي آهن تہ اها الله پاڪ جي خاص مهرباني آهي. اصمعي، عربي زبان جو هڪ مڃيل لغوي آهي، ليڪن نحو ۾ ڪيترن عالمن کيس معتبر تسليم نہ ڪيو آهي [9].

نحوي حالت بيان ڪرڻ وقت اهو واضح ڪرڻو آهي تہ زير بحث لفظ ڳالهائڻ جي لفظن مان ڪهڙو لفظ آهي. اهو اسم آهي يا صفت، ظرف آهي يا حرف وغيره. مذڪر آهي يا مؤنث، واحد آهي يا جمع. اصلي لفظ جي صورت ۾ ان مان ٻيا ڪهڙا لفظ جڙندا. بالخصوص فعل آهي تہ ان مان اسم ڪهڙو ٺهندو. ازانسواءِ ان فعل مان مختلف زمان ڪيئن جڙندا.

هر هڪ ٻوليءَ کي پنهنجي خوبي آهي. ڪڏهن ته زمان حال، زمان ماضي يا مستقبل باقاعدي جڙندا ۽ ڪڏهن وري بي قاعدي جڙيو پون. لغت نگار لاءِ ضروري آهي، بي قاعدي جڙيل لفظن ۽ زمانن کي نروار ڪري

(5) **معنيٰ سمجهائڻ:** اصليت، اچار ۽ نحوي حالت بيان ڪرڻ کان پوءِ لغت ساز جو ڪم آهي لفظ جي معنيٰ ڏيڻ.

ڪن لفظن جي معنيٰ هڪ هوندي آهي ته ڪن لفظن جون هڪ کان وڌيڪ معنائون ٿينديون آهن. لغت نگار جو ڪم آهي، معنائن جي لحاظ کان مختلف استعمال مختصر جملن ۾ ڏيکاري مثلاً [10]

وار چوڙي جي مو نتي وار ڪرين

خوش ٿيان جي هزار وار ڪرين

(فتح محمد سيوهاڻي)

هن جملي ۾ شاعر 'وار' لفظ 3 هنڌن تي استعمال ڪيو آهي. هر هنڌ تي سندس معنيٰ ٻي معنيٰ آهي (.) مٿي جا وار (2) حملا (3) دفعا يا ڀيرا.

ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا لفظ هوندا آهن، جن جي ظاهري معنيٰ هڪ هوندي آهي ۽ باطني معنيٰ ٻي. لغت نگار کي اهڙن لفظن جون ظاهري ۽ باطني معنائون مثالن سان واضح ڪري ٻڌائڻ گهرجن.

معنيات (Semantics) جي دنيا نهايت وسيع آهي. ڪڏهن موقعي جي نزاڪت کان لفظ جي معنيٰ بدلجي ويندي آهي. ظاهري طرح ان جي معنيٰ هڪ هجي، ليڪن موقعي جي مد نظر ان جي معنيٰ ٻي به ٿي سگهي ٿي.

مثلاً: توهان ته ڏاڍا عاقل آهيو، هيءَ معمولي چيز به نٿا سمجهي سگهو.

ازانسواءِ اهو به ياد رکڻ گهرجي ته جيئن لفظ جي پنهنجي هڪ تاريخ آهي، اهڙي طرح معنيٰ جي به عمر ٿئي ٿي. ڪن لفظن جون ان ڪري چند پراڻيون معنائون به آهن ته چند جديد معنائون به.

## حوالا:


1. انسائيڪلوپيڊيا آف برٽينيڪا. ايڊيشن 9 ج 7 ص ص 179 ـ 193
2. ايضاً ايڊيشن 11 ج 8 ص ص 186 ـ 200
3. Horns Worths Universal Encyclopedia، Iten، Dictionary
4. عبدالغفور عطار مقدمة الصحاح ص 42
5. عبدالله درويش المعاجم العربيه ص 4
6. عبدالله درويش المعاجم العربيه ص 3
7. عبدالغفور عطار مقدمة الصحاح ص 43
8. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جامع سنڌي لغات مهاڳ ص و
9. علامہ السيوطي المزهر ج 1 ص 476
10. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ مهراڻ خاص اشاعت 1955 ـ 65 ص 174
11. علامہ سيوطي المزهر ج 1 ص 460
12. علامہ سيوطي بغيه الوعاه احوال اصمعي
13. حڪيم فتح محمد سيوهاڻي آفتاب ادب ص 130
14. علي نوازجتوئي علم لسان ۽ سنڌي زبان ص 151


●

ڊاڪٽر غلام علي الانا

## "لغات سنڌي مخففات" جو 'مقدمو'

آءٌ پنهنجي هڪ دلگهرئي دوست جي ايئرپورٽ تي آجيان ڪرڻ لاءِ ڪراچي ويل هوس ۽ ڪنهن ٻئي ڪم سانگي ڪراچيءَ ۾ ٻه – ٽي ڏينهن ترسڻو پيم. واپس موٽڻ تي ۽ پنهنجي ڪمري ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ، جنهن شيءِ منهنجو فوراً ڌيان ڇڪايو اها شيءِ هئي منهنجي ميز تي رکيل هڪ فائيل. هڪدم اهو فائيل کنيم ۽ کولي ڏٺم. منجهس ٻئي مواد سان گڏ مٿان ئي مٿان، منهنجي مهربان ۽ نوجوان ساٿي ۽ سڄڻ، مخدوم جميل الزّمان سائينءَ جن جو مون ڏانهن لکيل خط پيل هو جنهن جو مضمون هُوبهو نقل ڪريان ٿو.

4.10.90

هالا شريف

محترمي و مڪرمي ڊاڪٽر غلام علي الانہ صاحب

السلام عليڪم،

اُميد آهي تہ هميشہ بخير و عافيت هوندا.

مرشدنا قبلا مخدوم محمّد زمان طالب المولىٰ سائين جن جي حڪم مطابق، سندن ۽ مرحوم سنڌي اُستاد شاعر احمد خان "آصف" مصراڻي صاحب جو گڏ مرتب شده ڪتاب، "لغات سنڌي مخفّفات" جي مسودي جي مڪمل فوٽو ڪاپي اوهان ڏانهن مفصل مقدمي واسطي موڪلجي پئي. مذڪور ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ جي هلندڙ سال جي شيڊول تي منظور ڪيل آهي. آءٌ سمجهان ٿو تہ آچر ڏاري سيڪريٽري بورڊ وٽان پڻ ساڳئي مقصد وارو خط اوهان تائين

پهچندو– حالانڪ اوهان بيحد مصروف آهيو تاهم اُميد آهي تہ هن ڪم جو اُڪلاءَ جلد ڪندا تہ جيئن ڪتاب ترت منظرِ عام تي اچي سگهي. مهرباني.

والسلام
اوهان جو
مخدوم جميل الزّمان

مون کي جميل سائينءَ جو اهو خط پڙهي حيراني ٿي. سوچ ۾ پئجي ويس تہ قبلي مخدوم محمّد زمان طالب المولي سائينءَ جن، سندن هن هڪ اهم ڪتاب جي مقدمي لکڻ لاءِ مون جهڙي ادني انسان جو انتخاب ڪيئن ڪيو ۽ ڇو ڪيو؟ وري ساڳئي فائيل ۾ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ جو لکيل آفيشل خط بہ موجود هو جيڪو 9_10_1990ع تي لکيل هو. لکيو هئائين:

"اهو فيصلو ڪيو ويو تہ ڪتاب جي معيار جي پيش نظر ڪتاب جو مقدمو لکڻ جو ڪم اوهان صاحبن جي حوالي ڪجي."

مذڪوره ڪتاب جي مواد تي بي صبريءَ وچان تڙ تڪڙ ۾ نظر وجهندو ويس ۽ پنا اُٿلائيندو ويس ۽ پنهنجي حالت ۾ تبديلي محسوس ڪيم. منهنجا ٻار مون ڏانهن ڏسندا رهيا ۽ حيران بہ هئا، ڇو تہ ڪين ڄاڻ هئي تہ آءٌ جڏهن بہ هڪ اڌ ڏينهن ڪٿي ٻاهر ٽڪي گهر موٽندو آهيان تہ ٻارن سان ڏاڍي پيار ۽ پاٻوهہ سان ملندو آهيان. اهو ڪو نياڱو مائٽ هوندو. جيڪو پنهنجن ٻارن سان پيار نہ ڪندو هوندو. آءٌ ٻاهران واپس موٽڻ کان پوءِ پنهنجين نياڻين جون پيشانيون چُمندو آهيان ۽ ڪين ڀاڪر پائي پيار ڪندو آهيان. پر اڄ مون نہ ڪنهن جي پيشاني چمي، نہ ڪنهن کي ڀاڪر پاتو ۽ نہ ڪنهن سان پيار ڪيو. بس ايندي شرط هن فائيل کي کڻڻ سان ئي ذهني طور گم

تي ويس. ٻارن سوچيو تہ آخر هن فائيل ۾ ڪهڙي خاص ڳالھہ آهي جنهن اسان جي پيءُ کي اسان کي پيار ڪرڻ کان پري ڪيو آهي. هنن پاڻ ۾ ڇُڻ پُڻ ڪئي ۽ چيو تہ هن فائيل ۾ اُها ڪهڙي مٺيا آهي جا "پپا" کي اسان کان وڌيڪ مٺي لڳي آهي: ۽ ڪيس اسان کان بہ وڌيڪ پياري لڳي آهي. آخر منهنجي نياڻي "ڊاڪٽر ماھہ ميل" جيڪا مون سان هميشہ دل جهلي، همٿ ڪري ۽ حجت سان ڳالهائيندي آهي، چيو تہ: "پپا!! هن فائيل ۾ ڇا آهي جو اوهان اڇڻ شرط اُن کي لڳي ويا آهيو ۽ اسان سان بہ ڪونہ ڳالهايو اٿو؟" منهنجي نياڻيءَ جي انهن لفظن مون کي هوش ۾ آندو. ڇيومانس تہ پٽ معاف ڪجو! آءٌ واقعي شرمسار آهيان. هن فائيل ۾ سنڌ جي هڪ عظيم روحاني رهبر، سنڌ جي هڪ عظيم عالم، شاعر ۽ اديب، قبليٰ طالب الموليٰ سائينءَ جن جو تصنيف ڪيل هڪ ڪتاب آهي، جنهن جي مقدمي لکڻ لاءِ سائين جن مون کي حڪم فرمايو آهي. آءٌ ان ڪري سوچ ۾ پئجي ويو آهيان تہ مخدوم صاحب جن مون کي هن ڪتاب جي مقدمي لکڻ لاءِ ڇو منتخب ڪيو آهي، جڏهن تہ هن ميدان ۾ وڏا وڏا عالم ۽ فاضل موجود آهن. آءٌ سندن بيحد شڪر گذار آهيان جو پاڻ مون کي اهو مرتبو عطا فرمايو اٿن. بهرحال اها ڳالھہ منهنجي سمجھہ کان ٻاهر آهي تہ مخدوم صاحب جن اهو فيصلو ڇو ڪيو؟

پڙهندڙ جڏهن هن لغات جو مطالعو ڪندا تڏهن هو خود فيصلو ڪندا تہ هيءَ لغات علم اللسان جي لحاظ کان عموماً ۽ سنڌي زبان لاءِ خصوصاً ڪيتري قدر نہ هڪ اهم اعليٰ سرمايو ۽ علمي اساسو آهي. طالب الموليٰ سائينءَ جن جهڙي اعليٰ آدرشي انسان جي اسان جي نظرن ۾ عظمت ۽ اعليٰ مرتبو ان ڪري ڪونهي تہ پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جا چيئرمئن آهن: سندن اعليٰ ۽ عظيم هجڻ ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي

چيئرمئنيءَ جو ڪو بہ واسطو ڪونهي، بلڪ آءٌ تہ ائين چوندس تہ سنڌي ادبي بورڊ جي عزت يا عظمت ۾ واڌارو اُن ڪري بہ ٿيو آهي جو طالب المولى سائينءَ جن هن اداري جا سربراهہ آهن ۽ ان جي بورڊ آف گورنرس جا چيئرمئن آهن. ڪي ادارا پنهنجن ڪمن ۽ ڪارڪردگين جي ڪري اونچا سمجهيا ويندا آهن، تہ ڪي ادارا وري ڪن اعلى، مهان ۽ قداور علمي ۽ ادبي شخصيتن جي ڪري اونچي منزل تي پُڳيا ويندا آهن. سنڌي ادبي بورڊ جي عظيم هجڻ يا عظيم اداري جي حيثيت ۾ اُن جو شمار طالب المولى سائينءَ جن جي ذات ۽ سندن علمي، ادبي ۽ قداور شخصيت هجڻ جي ڪري بہ آهي. هن بورڊ گذريل زماني ۾ سندن ئي چيئرمئنيءَ واري دور ۾، پاڪستان تہ ڇا، پر سڄيءَ دنيا ۾ شهرت حاصل ڪئي هئي.

هن لغات يعني "لُغات سنڌي مخفّفات" جي باري ۾ ڪجهہ خيال ظاهر ڪرڻ کان اڳ هيٺين نُڪتن کي سمجهڻ ضروري آهي. اُهي نڪتا هي آهن:

(الف) لغت ڇا آهي؟

(ب) لغت نويسي ڇا آهي؟

(ت) لغت نويسيءَ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا اصول ۽ پئمانا آهن؟

(ث) لغت جا ڪهڙا ڪهڙا قسم آهن؟

(ج) روزمره جي استعمال ۽ رائج لفظن تي مشتمل لغات لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ضروري آهن؟

سنڌ جي قابل فخر سپوت ۽ بين الاقوامي شهرت جي عالم ۽ فاضل ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي مرتب ڪيل لغات، "جامع سنڌي لغات" ۾ لغت، لغت نويسي ۽ خاص ڪري جامع سنڌي لغات جي باري ۾ پنهنجن املهہ ويچارن سان نوازيو آهي، پر اُن هوندي بہ 'اينسائڪلوپيڊيا برٽنيڪا' ۽ ڪن ٻين بين الاقوامي لغتن جي حوالي

سان لغت ۽ لغت نويسيءَ جي اصولن جي باري ۾ وضاحت ضروري آهي ته جيئن "لغات سنڌي مخفّفات" جي تيار ڪرڻ لاءِ قابلِ احترام مصنّف ۽ اُن جي مُدير جي طرفان ڪيل محنت ۽ مفهوم سمجهه ۾ اچي سگهي.

هن ڪتاب جي مقدمي ۾ مون ڪوشش ڪري سِرا (عنوان) ۽ اُنهن جا حصا (ذيلي عنوان) ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته جيئن نه فقط "لغات سنڌي مخفّفات"، پر هر قسم جي لغات جو مفهوم ۽ مقصد سمجهڻ ۾ آساني ٿئي. پڙهندڙن ۽ کوجڪن جي سهوليت لاءِ هن مقدمي ۾ بيان ڪيل ڳالهين جو نچوڙ ۽ تت، ڌار ڌار عنوانن جي صورت ۾ ڏنو اٿم. مقدمي جي اندرين صفحن ۾ ڪيل وستار جو وچور يا تت هن ريت آهي:

(الف) سنڌي لغات جي ابتدا

(ب) مشهور سنڌي لغتون

-1 لغت ۽ لغت نويسيءَ جي وصف، اصول ۽ فن

-2 لغات جا قسم

-3 سنڌي لغات/ لغت نويسي

4_ لغات سنڌي مخفّفات

(الف) علم اللسان جي لحاظ کان اهميت

(ب) مواد جي ترتيب

(ت) هيءَ لغات عام ٻوليءَ (Colloquial) يا ڪنهن هڪ لهجي جي نمائندگي ڪري ٿي.

(ث) هيءَ لغات سڄيءَ سنڌ جي رائج اُچار جي نمائندگي ڪري ٿي يا انفرادي اُچار جي نمائندگي ڪندڙ آهي.

(ج) هيءَ لغات سنڌي شاعريءَ ۾ وزن جي پورائيءَ لاءِ لفظن جي اُچارن جي نمائندگي ڪري ٿي.

(ح) ويا ڪرڻي خصوصيت

(i) سنڌيءَ (assimilation) جي اصولن ۽ قانونن جي نمائندگي

(ii) صرف و نحو جي اصولن ۽ قانونن جي نمائندگي

(iii) هن لغات جي سنڌي ٻوليءَ ۾ افاديت

مٿي ڏنل اهي موضوع يا عنوان تفصيل سان، ايندڙ صفحن ۾ بيان نہ ٿي سگهيا آهن، پر ان هوندي بہ اها ڪوشش ڪئي ويئي آهي تہ هر موضوع جا مثال ڏنا وڃن تہ جيئن آئنده لغات واري موضوع تي مفصل مطالعو ڪرڻ ۾ مدد ملي، ۽ هن لغات يا ٻين لغتن جي لاءِ ڪا راءِ قائم ڪري سگهجي.

## 1- لغات جي وصف:

هن تعارفي تفصيل کان پوءِ هڪ هڪ موضوع تي هيٺ روشني وڌي ويندي. سڀ کان پهرين هن سوال تي روشني وجهڻي آهي تہ لغت ڇاکي ٿو چئجي؟ يعني لغت نويسي ڇا آهي، ۽ اُن لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ضروري آهن؟ ڀنهنجيءَ جاڇ، مطالعي ۽ مواد جي پيٽڻ کان پوءِ اهو واضع طور چئي سگهجي ٿو تہ:

"لغات اهو بنيادي، حوالن لاءِ تيار ڪيل ڪتاب يا مواد آهي جنهن ۾ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ مروج/رائج لفظن کي الف – ب وار گڏ ڪري انهن لفظن جي اُچارن، تلفظ لفظن جي لکڻ لاءِ هِجي (Spelling)، انهن لفظن جي معنائن، مفهوم، سمجهاڻي، ذاتن، بنيادي صورتن، صيغن ۽ اشتقاقن ڪانسواءِ جملن، فقرن، اصطلاحن، پهاڪن، چوڻين، شعر و شاعريءَ ڪانسواءِ اُنهن جو خطي وار استعمال، مفهوم ۽ ڪارج سمجهايل هجي.

"لغتون جيئن تہ ڌار ڌار قسمن تي مشتمل هونديون آهن، ان ڪري ڪن خاص قسم جي لغتن ۾ خطيوار جاتيوار ۽ ڌنڌيوار لفظن جو ذخيرو گڏ ڪيل هوندو آهي."

اينسائيڪلوپيڊيا برٽنيڪا ۾ لغات جي وصف هن ريت ڏني وئي آهي:

"لغات (Lexicon) ڪنهن به ٻوليءَ جي لفظن جي الف – ب وار ترتيب جو اهو مجموعو يا ڪتاب آهي جنهن ۾ اُن ٻوليءَ جي لفظي خزاني جي گڏ ڪيل هر هڪ لفظ يا اُن لفظ جي حصن کي گڏ ڪري، اُنهن جي معنيٰ، مفهوم ۽ وصف سمجهائي ويئي هجي. لفظن جي اهڙي ميڙ يا مجموعي ۾ اُهي لفظ يا ته ان فرد (ماڻهوءَ)، جي پنهنجي ماحول ۾ رائج هوندا، جنهن اُها لغات جوڙي هوندي، جيڪي (اهي لفظ) هُو پاڻ ۽ ٻيا ماڻهو گفتگو ۾ ڳالهائيندا هوندا. يا ڪن ڪتابن، دستاويزن، لکيتن، ڪاغذن پٽن، علم ادب ۽ شعر و شاعريءَ مان چونڊ ڪري گڏ ڪيا هوندا. ۽ يا وري هنن لفظن جو اهو ذخيرو ڏار ڏار ڪرت وارن، ڏنڌو ڪندڙ ماڻهن، پيشه ورن، هنرمندن، ڪاسبين توڙي خاص موضوعن سان دلچسپي رکندڙن وٽان گڏ ڪيو هوندو."[9]

جان رچرڊسن، لغات جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو:

"لغت جي معنيٰ آهي ٻولي، گفتگو (ڳالهائڻ) يا لهجو. انگريزيءَ ۾ هن، لغات لاءِ Lexicon لفظ ڪم آندو آهي، علم لغات لاءِ Lexicography ۽ لغات نويس لاءِ اهلِ لغت يعني The writer of a Dictionary[10]

## 2. لغات جا قسم

لغتن جا ڪيئي قسم بيان ڪيا ويا آهن ۽ ڏنا ويا آهن. هر شاهوڪار زبان ۾ لغتن جا قسم ڪثرت ۾ ملن ٿا. سنڌي زبان به جيتوڻيڪ ننڍي کنڊ جي شاهوڪار زبانن مان هڪ آهي، پر

[9] "Encyclopedia Britannica", Micropaedia, Vol: VI, 15th Edition, 1983, pp. 187 & 532.

[10] John Richardson, "Dictionary of Persian, Arabic and English", revised & improved edition, Lahore, Sang_e_Meel publication, 1984, p.p. 1269.

جيڪڏهن ڏٺو وڃي ۽ آزاد راءِ ڏني وڃي تہ هيئن چئبو تہ سنڌي زبان ۾ لغات جي سلسلي ۾ ايترو گهڻو ڪم ڪونہ ٿيو آهي، جو هن زبان کي انگريزي، فرينچ، جپاني، بنگالي، هندي يا ٻين مشرقي يا مغربي ملڪن جي زبانن تہ ٺهيو پر ڏکڻ – ايشيا جي زبانن سان ڀيٽي سگهجي، پر تنهن هوندي بہ اها دعويٰ ڪري سگهجي ٿي تہ اردو زبان سميت، پاڪستان جي ٻين زبانن جي مقابلي ۾ سنڌي زبان ۾، سرڪاري مدد نہ ملڻ جي باجود، تمام گهڻو ڪم ٿيو آهي ۽ هيءَ زبان انهن زبانن کان وڌيڪ ترقي يافتہ آهي ۽ اڳتي آهي. منهنجي هن دعويٰ جي دليل لاءِ مون وٽ ڪيترائي مثال موجود آهن، پر انهن جي باري ۾ تفصيل سان هن مقدمي ۾ لکڻ موضوع کان ٻاهر ٿيندو، البت ايترو لکڻ مناسب ٿو سمجهان تہ ائين سمجهڻ خوش فهمي ٿيندي تہ سنڌي زبان ۾ هر قسم جي لغت موجود آهي، يا ان سلسلي ۾ سنڌي زبان ۾ وڏو ۽ باقاعدگيءَ سان ڪنهن منصوبہ بنديءَ موجب ڪم ٿيو آهي.

پڙهندڙن جي مطالعي لاءِ هيٺ لغتن جي ڌار ڌار قسمن جي باري ۾ وضاحت کان پوءِ انهن ڌار ڌار قسمن وارين لغتن جي سلسلي ۾ سنڌي زبان ۾ ٿيل ڪم ۽ تحقيق جو جائزو وٺبو تہ جيئن هن ڪيتر ۾ سنڌي زبان جي شاهوڪاري، وسعت ۽ علمي ادبي خزاني جي باري ۾ پتو پئجي سگهي.

مطالعي جي مدد سان لغتن جا هيٺيان ڌار ڌار قسم مقرر ڪري سگهجن ٿا:

**(الف) لهجي - وار يا اُپڀاشا/اُپڀاشائن تي مشتمل لغات:** هن قسم واري لغات ۾ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ڪنهن هڪ يا هڪ کان وڌيڪ لهجي يا لهجن ۾ رائج لفظن جي ذخيري کي گڏ ڪيو ويندو آهي. سنڌ ۾ هن ڏس ۾ لهجن تي ڪو گهڻو ڪم ڪو نہ ٿيو آهي، پر تنهن هوندي بہ هيٺيان ڪتاب هن موضوع ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا. انهن ڪتابن ۾

سنڌي ٻوليءَ جي ڌار ڌار لهجن/اُپڀاشائن ۽ روزمره واري ٻولي/ٻولين تي مواد ملي ٿو:

I. سنڌي ٻولي جي تاريخ
II. ڀيلاين جا ٻول
III. سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ
IV. تاريخ ريگستان
V. بدنصيب ٿري
VI. آفتاب ادب
VII. سير ڪوهستان
VIII. لاڙ جو سير
IX. لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ
X. سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي
XI. ڪڇين جا قول
XII. سبي واري علائقي ۾ ٻولين جو لساني جائزو
XIII. لاڙ جي لغت

هن ڏس ۾ ڀارت ۾ ڀاشاوگيان جو مشهور سنڌي عالم، ڊاڪٽر پرسو گدواڻي پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي زيارت" ۾ ڪافي رهنمائي ڪري ٿو ۽ هُو لکي ٿو:

"ٻني ۽ ڪڇ جي دوري ڪان اڳ منهنجي من ۾ هميشہ ڀيڙا هوندي هئي تہ اڄ ڀارت جي غير سنڌي ڀاشا وگيانين ڪي پنهنجا ڳوٺ آهن، نہ فقط ايترو پر ڳهڻن ۾ ڳالهائجندڙ انيڪ اُپڀاشائن جا قسم بہ آهن. ان سبب انهن لاءِ انيڪ ٻوليائي فرقن تي ڪم ڪرڻ جو وسيع دائرو آهي، پر منهنجي لاءِ فقط شهري سنڌي ٻوليءَ جا نمونا ئي ڪم ڪرڻ لاءِ موجود آهن. خاص ڪري جڏهن بہ الڳ الڳ پرديسين ۾ سيمينارن، ڪانفرنسن ۽ سمپوزيمن ۾ ويندو هوس ۽ پنهنجي ڀاشا -گياني دوستن

ڪي الڳ الڳ جاتياتي اُپڀاشائن (جيئن جت، سوڍا، سما، سومرا ۽ ٽيبا وغيره) يا وري الڳ الڳ ڌنڌي جي آڌار تي ٺهيل اُپڀاشائن (جيئن ڪنير، مهاڻا، لوهار رازا وغيره) جي اڀياس لاءِ مقالا پيش ڪندي ڏسندو هوس، تڏهن بيحد پيڙا محسوس ڪندو هوس. ڪيترا دفعا تہ پنهنجي ڪمري ۾ اڪيلي روئندو هوس ۽ ورهاڱي جي درد کي سهڻ کان ٻاهر محسوس ڪندو هوس. پر هاڻي جڏهن سيمينار تي ويندو آهيان، تڏهن شان سان پنهنجن مقالن ۾ سنڌي ڳوٺاڻن جي ٻوليءَ جي الڳ الڳ پهلوئن جا بيان ڪندو آهيان ۽ انهن جا ئي مثال ڏيندو آهيان. مون کي ائين ڪرڻ سان حد کان وڏيڪ خوشيءَ جو احساس ٿيندو آهي. مون کي هينئر پارت جي سنڌي ٻولي ۾ مڪملتا نظر ايندي آهي.“[11]

(ب) **جاتيوار ٻولين جي لغات:** ڊاڪٽر گدواڻيءَ جي متينءَ راءِ مان ظاهر ٿو ٿئي تہ الڳ الڳ جاگرافيائي يا ٻوليائي اُپڀاشائن کانسواءِ ڌار ڌار جاتياتي اُپڀاشائن تي مشتمل لفظن جو ذخيرو گڏ ڪري انهن جون لغتون ٺاهيون ويئيون آهن. گدواڻي صاحب پاڻ هن ڏس ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي. هن جي راءِ موجب جت، سوڍا، سما، سومرا الڳ الڳ قومون يا جاتيون آهن، جن جي جاتيوار اُپڀاشائن/محاورن ۾ فرق آهي، يعني انهن جون جاتيوار اُپڀاشائون آهن. هر هڪ اُپڀاشا جي لفظن کي گڏ ڪري ڌار ڌار جاتيوار لغات ٺاهيون ويئيون آهن. هن ڏس ۾ پارت ۾ گهڻو ئي ڪم ٿيو آهي. خاص ڪري ذڪر هندستان جي آنمل يونيورسٽيءَ جي دراوڙي ٻولين واري اداري تہ گهڻو ئي ڪم ڪيو آهي. سنڌ ۾ بہ هن قسم وارين لغتن تي تحقيق ٿي سگهي ٿي، مثلاً:

خواجن، جتن، ربارين، اوڏن، ڪولهين، ڀيلن، مينگهواڙن، باگڙين، سوڍن، سمن، سومرن، شڪارين، مهاڻن ۽ شيدين وغيره جي ماحول ۾ رائج لفظن جون لغتون ٺاهي سگهجن ٿيون.

---

[11] پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر: ”سنڌي ٻوليءَ جي زيارت“، گانڌي نگر، گجرات اڪادمي 1989ع ص ص 2 ۽ 3.

(ت) **ڏنڌي وار لفظن جون لغتون:** ڊاڪٽر گدواڻيءَ هن قسم جي لغات طرف بہ اشارو ڪيو آهي. "جامع سنڌي لغات" ۾ پڻ ڌار ڌار ڪرت ڪندڙن جي ڪرت لاءِ رائج لفظ شامل ڪيا ويا آهن، پر هن (جامع سنڌي لغات) لغات کي خاص ڏنڌي وار لفظن جي لغات ڪونہ چئبو. سنڌي زبان ۾ هن قسم جي لغات مرحوم ڊاڪٽر محمد صالح شاهہ تيار ڪئي هئي. ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ڌار ڌار ڌنڌن ۾ ڪم ايندڙ لفظن جي ذخيري تي مشتمل لغات، ٻوليءَ جي اڀياس لاءِ اهم هوندي آهي. ڊاڪٽر پرسو گدواڻيءَ جو خيال آهي تہ:

"ڌنڌي وارين اُپياشائن جو شبد–ڀنڊار ڪٺو ڪرڻ انهن لفظن جو اشتقاقي اڀياس ڪرڻ تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ جي اصلوڪن لفظن جي ڄاڻ پوي"[12]

ڊاڪٽر گدواڻيءَ ڌنڌي وار ماڻهن جي جيڪا فهرست ڏني آهي، اُها آهي: ڪنير ۽ مهاڻا وغيره. پر هيءَ فهرست وڏي آهي، مثلاً:

هاري ناري، اوناں ڏٺولي، پاڳيا، جهانگي، سانگي، واڍا، لوهار، ڪنيار سونارا، ساٽي، سوٽهڙ ناٽارا، رنگريز سيلاوٽا، پيچارا، ٻورچي، ملاح، ڪوري، ڪوڪڙي، ڪاريا، اوڏ ڪاٽير، رازا، ڪاشيگر، طبيب، وگهامل، نيلي، سراں موچي، ۽ سوچي وغيرهہ.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي مشهور ڪتاب، "ٻيلاين جا ٻول" ۾ فرمائي ٿو:

"ٻوليءَ جي اصلي لفظن جو ذخيرو بہ نج ٻهراڙين ۾، جن کي شهري هوا ايجا گندو نہ ڪيو آهي، محفوظ ۽ سلامت آهي ۽ وڏڙن جي صدري دفتر ۾ سمايل آهي ۽ پشت بپشت موروثي طور هلندو اچي، هر ڪنهن فن ۽ ڌنڌي جي اطوارن، اوزارن، محاورن ۽ معنائن جا نج سنڌي نالا اصلي سنڌي ڪاريگرن وٽ محفوظ ۽ مُروج آهن. لوهارن،

[12] پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻوليءَ جي زيارت"، گانڌي نگر، گجرات اڪادمي 1989ع

واڍن، ڪورين، ڪنيارن ۽ ملاحن وٽ انهن فني نالن جون فهرستون موجود آهن“[13]

**(ٿ) ڌاتو ڪوش** (Etymological dictionary): هن قسم وارين لغتن ۾ لفظن جا ڌاتو بنياد، ماده ۽ اشتقاق ڏنا ويندا آهن. هن قسم واريون لغتون، ٻولين جي تاريخي ابتدا ۽ ارتقا جي اڀياس ۾ مدد ڪن ٿيون. سنڌيءَ ۾ هن کيتر ۾ گهڻو ئي ڪم ٿيو آهي. هيٺيان ڪوش خاص طور فخر ڪرڻ جي لائق آهن:

(i) جامع سنڌي لغات

(ii) وئتپتي ڪوش

(iii) تحقيق لغات سنڌي

Philological curiositics (iv)

انهن کان علاوه شاعرن جي ڪلامن جا ڪوش بہ لکيل آهن جن جا نالا الڳ ڏنا ويا آهن.

**(ج) جامع لغات:** هن قسم وارِ ون اُهي لغتون هر لحاظ کان جامع لغتون هونہ يون آهن جن ۾ لهجي وار لفظن جا مجموعا، جاتيوار اُپِپاشائن جا شبد، ٻنڌار ڏنڌي وار لفظن جون لڙهيون، لفظن جا ڌاتو اُچار ماده ۽ اشتقاق ڏنل هوندا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ ”جامع سنڌي لغات“ هن قسم واري لغات لاءِ هڪ بهترين نمونو آهي.

پنهنجي لغات يعني ”جامع سنڌي لغات“ جي باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب فرمائي ٿو:

”هن لغات لاءِ سڄيءَ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان عام رائج لفظن ۽ اصطلاحن کي سهيڙڻ لاءِ خاص ڪوشش ڪئي ويئي. سنڌ جي هر ضلعي جي مکيہ ڀاڱن ۾ مڪاني ماڻهو مقرر ڪيا ويا، انهيءَ لاءِ تہ

[13] نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر: ”ٻيلاين جا ٻول“. ڇپيندڙ حيدرآباد زيب ادبي مرڪز 1970ع ص.5

پنهنجي ٿرَ جي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ اصطلاح هٿ ڪري موڪلين (مثلاً ڪاسبين، ڪنڀارن، لوهارن، ڪورين، واڍن، وڳهاملن وغيره جا الفاظ ۽ اصطلاح؛ جنسن جا نالا جهڙوڪ: گاهن، جيتن، گلن، پکين وغيره جا نالا، مقامي ريتين رسمن، جهڙوڪ شادي غمي، ميلن ملاکڙن جا اصطلاح، گهرو الفاظ، جهڙوڪ عورتن جا اصطلاح، پرت جا نالا وغيره؛ اُنن ۽ گهوڙن جي سازن، سنجن، پنڌن، بيمارين ۽ ملاحن جا الفاظ ۽ اصطلاح، پوک جي مڙني قسمن جي پوکڻ ۽ سنڀارڻ جا الفاظ ۽ اصطلاح. ميوي جي فصلن جهڙوڪ: انب، ڪجي وغيره جا اصطلاح ۽ الفاظ).

"هن سلسلي ۾ هي احتياط پڻ رکيو ويو آهي تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ جي مڙني مکيہ محاورن يعني تہ لاڙ سري، ٿر، ڪاڇي، ڪاريہ ڪڇ ۽ لس ٻيلي جي مخصوص ٻولين جا انوکا عام رائج الفاظ ۽ اصطلاح هن لغات ۾ شامل ڪري سگهجن"[14]

**(ج) ثقافتي قسم جي لغات:** هن قسم واريءَ لغات ۾ ثقافت سان واسطو رکندڙ موضوعن وارا لفظ گڏ ڪيا ويندا آهن. ڌار ڌار جاتين جي ثقافت وغيره جي جهلڪ هن قسم واري لغات ۾ نظر ايندي آهي. جامع سنڌي لغات لاءِ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جيڪي ڳالهيون بيان ڪيون آهن، اُهي هن قسم واري لغات سان ٺهڪي اچن ٿيون؛ مثلاً: ڪاسبين، ڪنڀارن، لوهارن، ڪورين، واڍن ۽ وڳهاملن جا الفاظ ۽ اصطلاح؛ جنسن جا نالا جهڙوڪ: گاهن، جيتن، گلن، پکين وغيره جا نالا؛ مقامي ريتن رسمن جهڙوڪ: شادي غمي، ميلن ملاکڙن جا اصطلاح؛ گهرو الفاظ، جهڙوڪ: عورتن جا اصطلاح ۽ پرت جا نالا وغيره؛ اُنن ۽ گهوڙن جي سازن، سنجن، پنڌن، بيمارين ۽ علاجن جا الفاظ ۽ اصطلاح؛ پوک جي مڙني قسمن جي پوکڻ ۽ سنڀارڻ جا الفاظ

[14] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: "جامع سنڌي لغات"، جام شورو سنڌي ادبي بورڊ، 1960ع مهاڳ.

۽ اصطلاح، ميوي جي فصلن جهڙوڪ: انب ڪجيءَ وغيره جا اصطلاح ۽ الفاظ. ان لحاظ کان جامع سنڌي لغات کي ثقافتي مقصد يا موضوع واري لغات سڏي سگهجي ٿو. ثقافتي لغات مان انهن قومن ۽ قبيلن، ماڻهن ۽ ملڪن جي ثقافت جي مطالعي ۾ مدد ملندي آهي.

**(خ) دو - لساني لغات:** هن قسم واري لغات هر ٻوليءَ ۾ ملي ٿي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن وقت تائين هن قسم جون هيٺيون لغتون شايع ٿيون آهن:

(i) انگريزي – سنڌي لغت

(ii) سنڌي – انگريزي لغت

(iii) عربي – سنڌي لغت

(iv) اردو – سنڌي لغت

(v) سنڌي – اردو لغت

**(د) گهڻ - لساني لغات:** هن قسم واريون لغتون ڪيترن ئي ملڪن ۾ تيار ڪيون ويون آهن. پاڪستان ۾ هن سلسلي جو ڪم پشتو اڪيڊمي ۽ اردو مرڪزي بورڊ ڇپايو هو. پشتو اڪيڊمي پنج – لساني لغت ۽ مرڪزي اردو بورڊ "هفت – لساني لغت" تيار ڪرائي ڇپائي. انهن لغتن ۾ اردو ٻوليءَ جي لفظ کي مرڪزي لفظ مقرر ڪري، اُن جي سنڌي، پنجابي، پشتو بلوچي، بروهي ۽ انگريزيءَ ۾ معنيٰ ڏني ويئي آهي.

اردو، سرائڪي ۽ ٻين ٻولين جي تاريخن ۾ به هن قسم جي عام لفظن جو اڀياس پيش ڪيو ويو آهي. مثلاً عين الحق فريد ڪوٽيءَ جو ڪتاب "اردو زبان ڪي قديم تاريخ" ۽ ظامي صاحب جا سرائڪي ٻوليءَ تي لکيل ڪتاب وغيره.

**(ر) ڪنهن هڪ شاعر جي ڪلام مان چونڊيل لفظن جي لغات:** هن قسم جو ڪم دنيا جي ڪيترن ئي شاعرن ۽ اديبن جي سلسلي ۾ ڪيو ويو آهي. سنڌي زبان ۾ پڻ شاهه، سچل، سامي، شاهه ڪريم ۽ گرهوڙيءَ

تي سنو ڪم ٿيل آهي، مثال طور هيٺيان عنوان هن موضوع جي مطالعي ۾ مدد ڪن ٿا:

(i) لغات لطيفي
(ii) لغاتِ قديمي
(iii) ٻاروچي ٻولي
(iv) غريب اللغات
(v) ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ وارو شاهه جو رسالو
(vi) شاهواڻيءَ وارو شاهه جو رسالو
(vii) ڪلياڻ آڏواڻيءَ وارو شاهه جو رسالو
(viii) ڪريم جو ڪلام
(ix) سامي ڏاتو ڪوش
(x) سچل جي لغت
(xi) ڊاڪٽر سنديلي صاحب طرفان سچل جا ڏاتو
(xii) شيخ اياز جي ڪلام ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ
(xiii) ڇپر ۾ چڙيون ڪتاب ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ

**(ز) ڪنهن به ٻوليءَ جي علم ادب جي لغات:** هن قسم جون لغتون ڌار ڌار ملڪن جي ٻولين جي ادب تي ملن ٿيون. هن قسم جي لغات ۾ معياري ادب، لوڪ ادب ۽ ٻين علمي ۽ ادبي صنفن ۾ ڪم ايندڙ فني ۽ اصطلاحي لفظن جي سمجهاڻي ڏني ويندي آهي. هن قسم واري لغات ۾ هيٺيان عنوان/ڪتاب شامل ڪري سگهجن ٿا:

(i) سنڌ جو سينگار
(ii) هنر
(iii) ڏهس نامون
(iv) سرهاڻ
(v) سڳنڌ
(vi) لغت گنان

**(س) اينسائيڪلوپيڊيا:** هن قسم واري لغات جو بنياد برٽنيڪا وڏو. "نئين سوچ رسالي" ۾ هن قسم واري لغات جي وصف هن ريت ڏني ويئي آهي:

"انسائيڪلو پيڊيا يوناني ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي لغوي معنيٰ آهي: انسائيڪلو=پوري، پيڊيا = تعليم. اصطلاحي معنيٰ، علم ۽ فن جي دائري ۾ سکڻ ۽ سيکارڻ. اسان انسائيڪلوپيڊيا کي حوالن واري تصنيف بہ چئي سگهون ٿا. ائين ڪٿي چئجي تہ اهڙو ڪتاب جنهن ۾ دنيا جي سمورين شين جي پوري ڄاڻ ڏني وڃي. تهذيب و تمدن جي ابتدا کان وٺي اڄ تائين انسان پنهنجي ذات ۽ ڪائنات جي باري ۾ جيڪي ڪجهہ ڄاتو يا حاصل ڪيو آهي، اهو سڀ ڪجهہ انسائيڪلو پيڊيا ۾ گڏ ڪيو ويندو آهي.

انسائيڪلوپيڊيا ۽ لغت (ڊڪشنريءَ) ۾ فرق آهي. لغت (ڊڪشنريءَ) ۾ لفظ جي هِجي، تلفظ ۽ معنيٰ درج هوندي آهي، پر انسائيڪلوپيڊيا ۾ انهيءَ اصل ڳالهہ ڏانهن خاص ڌيان ڏنو ويندو آهي، جنهن لاءِ اهو لفظ واضح ٿيل هوندو آهي"[15].

**(ش) خاص موضوعن ۽ مضمونن تي مشتمل لغتون:**۔ هن قسم جون لغتون دنيا جي هر ملڪ جي ٻوليءَ ۾ لکيون ويئيون آهن. سنڌيءَ ۾ ڪن موضوعن تي هن سلسلي ۾ ڪم ٿيو آهي. خاص خاص موضوع هي آهن:

علم ڪيميا، فزڪس، علم ارضيات، علم رياضي، اقتصاديات، معاشرتي علوم، سوشيالاجي، جاگرافي، لسانيات، صوتيات، صوتي اُچارن واري لغت، علم آثار شناسي، ٽيڪنيڪل ٽرمز واري لغت، بايولاجي، علم انسان شناسي، علم اللسان، علم طب، علم دواسازي، علم زهريات، زراعت، علم ادب، فنون لطيفہ، علم نجوم، علم فلڪيات، علم موسيقي، علم التعليم ۽ علم التاريخ وغيره.

---

[15] خالد سيف الله ڀٽي: مقالو "انسائيڪلوپيڊيا"، هفتيوار نئين سوچ رسالو جلد 2، شمارو 19 ـ 20، ڪراچي، 15 آڪٽوبر، 1990ع ص 26

**(ص) انڊيڪس يا ڏسٽي:** هن قسم جون ڏسٽيون دنيا جي سيني ٻولين ۾ لکيون ويئيون آهن. سنڌيءَ ۾ ڇپيل ڪتابن جي ڏسٽين ۾ ماڻھن، مڪانن، ماڻهن، دريائن، شهرن، ڳوٺن وغيرهه ڪانسواءِ، ڪتابن جا نالا پڻ شامل ڪيا ويندا آهن. هت منهنجي مراد اها ڏسٽي آهي جنهن جي مدد سان هڪ شاعر جي ڪلام جي مصرعن ۾ انهن ۾ ڪم آندل لفظن جي ڏسٽي ڏنل هجي.

هن موضوع تي شاهه لطيف جي ڪلام تي ڪم ٿي رهيو آهي. ان ڪانسواءِ Concordance به هن موضوع ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا.

**(ض) گلاسري يا فرهنگ:** هي به هڪ بين الاقوامي موضوع آهي. ڪن ڪن ڪتابن ۾ اهڙا فني اصلاحات ڏنا ويندا آهن جن جي سمجهاڻيءَ جي ضرورت هوندي آهي. اهڙا فني لفظ ۽ اصلاحات، گلاسريءَ جي عنوان هيٺ گڏ ڪيا ويندا آهن ۽ انهن جي سمجهاڻي ڏني ويندي آهي.

**(ط) دفتري ٻوليءَ تي مشتمل لغتون:** سرڪاري طور آفيسن، ڪورٽن ۽ حڪومت جي ڪم ڪار لاءِ جيڪا ٻولي منظور ڪئي ويندي آهي، اُن کي دفتري ٻولي چئبو آهي. سنڌ ۾ انگريزن جي دور ۾ سنڌ صوبي ۾ انگريزيءَ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ کي به سرڪاري ۽ دفتريءَ ٻوليءَ طور قبول ڪيو ويو. پاڪستان ۾، سنڌ اسيمبليءَ ۾ 1972ع ۾، ”سنڌي لئنگوئيج ائڪٽ“ پاس ڪري، سنڌي ٻوليءَ کي اهو درجو عطا ڪيو حالانڪ سنڌي سرڪاري زبان طور انگريزن جي زماني کان به اڳ رائج هئي. تازو نومبر 1990ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ وارو بل ترميم سان منظور ڪيو آهي. انگريزن جي دور ۾ دفتري ۽ سرڪاري ڪاروبار لاءِ هر قسم جو مواد سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپايو ويو هو پر جيئن ته اُن ساري مواد جي هن مقدمي ۾ فهرست ڏيڻ، موضوع کان ٻاهر ٿيندو، تنهنڪري هت صرف دفتري ڪم ڪار لاءِ تيار ڪيل

لغوي مواد جي نشاندهي ڪبي. انگريزي دور ۾ ۽ پوءِ پاڪستاني دور ۾ هيٺيون مواد شايع ٿيو:

(i) سنڌ گزيٽيئرس ۾ دفتري ڪاروبار لاءِ انگريزي لفظن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ۽ انهن جي فهرست

(ii) انگريزي–سنڌي لغت

**(ظ) ڪرانالاجيڪل لغات:** هن قسم جي لغات جو ٻوليءَ جي رائج لفظن سان ڪو واسطو ڪونهي. هن قسم جي لغات ۾ ملڪ جي تاريخ، ثقافت ۽ تاريخي مواد، تاريخ–وار ۽ سال–وار درج ڪيو ويندو آهي.

**(ع) پنهنجي ماحول ۾ رائج روزمره وارن لفظن جي لغات:** ڪي ليکڪ، اديب، عالم ۽ شاعر پنهنجي چوڌاري واري ماحول ۾ رائج لفظن تي مشتمل لغوي مواد جو شبد–ڀنڊار گڏ ڪري، انهن کي لغات جي صورت ۾ شڪل ڏيندا آهن. هن جو هڪ مثال "لغات سنڌي مخففات" ۾ ملي ٿو. محترم مر ب هن لغات ۾ اُهي لفظ بہ شامل ڪيا آهن جيڪي فقط سندس ماحول ۾ يعني دادو ضلعي ۾ (اُهو بہ فقط دادوءَ جي آسپاس) رائج آهن. مثال طور هيٺ ڪي لفظ ڏجن ٿا، جن جي جائزي مان ثابت ٿو ٿئي تہ هن لغات ۾ انهن لفظن جي شامل ڪرڻ سان، هن لغات جي حيثيت، هڪ لهجي تائين محدود ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. اهي لفظ هن لغات جي اهميت کي گهٽائين ٿا ڇو تہ اهي لفظ سڄيءَ سنڌ جي لغوي خزاني جي نمائندگي نٿا ڪن. مثال طور:

| مخفف روپ | اصلوڪو لفظ |
|---|---|
| تتي | تاتي |
| تِت | تاتهين |
| تتئون | تِتاهون |

| | |
|---|---|
| تڏهن | تڏ |
| تيڏانهن | تاڏي |

هن فهرست ۾ "تاتي"، "تاهين"، "تِتاهون"، "تاڏي"، "تتئون" لفظ فقط هڪ محدود حصي ۾ رائج آهن[16] "تڏ"، "ڪڏ" ۽ "جڏ" روپن لاءِ طالب المولىٰ سائين پنهنجي ديوان ۾ واضع طور فرمائين ٿا:

"ڪڏهين ۽ جڏهين جو مخفف (گهٽايل) ڪڏهن ۽ جڏهن آهي. ڪي تہ "ڪڏ" ۽ "جڏ" بہ لکندا آهن، جي غلط سمجهان ٿو"[17].

**3- لغت نويسي (سنڌي لغات نويسي):** لغت نويسيءَ لاءِ بہ ڪي اصول ۽ قانون مقرر ٿيل آهن، جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "جامع سنڌي لغات" مرتب ڪرڻ جي سلسلي ۾ جن جن ڳالهين ۽ اصولن کي سامهون رکي هيءَ لغات تيار ڪئي هئي، انهن تي اڳتي هلي لکيو ويو آهي ۽ ڊاڪٽر صاحب جا بيان ڪيل اصول ٻُڌايا ويا آهن.

عام طور لغت نويسيءَ لاءِ جيڪي اصول، قاعدا ۽ قانون، طور طريقا ۽ عملي قدم کنيا ويندا آهن. اُهي لڳ ڀڳ اُهي ئي آهن جيڪي هر ٻوليءَ جي لغات تيار ڪرڻ يا لغت نويسيءَ لاءِ لفظن جو سرمايو گڏ ڪرڻ يعني شبد – ڀنڊار ڪٺو ڪرڻ، گڏ ڪيل لفظن جا ڌاتو ماده، اشتقاق ڪيڻ، ٻوليءَ جي لهجن، محاورن ۽ روز مره وارن اُچارن (Dialectology) ۽ ٻوليءَ جي لساني اڀياس ۽ ويا ڪرڻي جائزي لاءِ اختيار ڪيا ويندا آهن. انهن اصولن جي اڀياس لاءِ سر گريئرسن، بدولف (Biddulph)، مسٽر لاريمر، پروفيسر اسڪالموسڪي، ڊاڪٽر رُٽ، مارٽي فچ ۽ گريگري ڪوپر، ڊاڪٽر لورسٽنڊن پروفيسر ايم –

---

[16] پيرومل آڏواڻي: "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ". حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع ص.

[17] طالب المولىٰ: "ديوان طالب المولىٰ". هالا، 1982ع ص ص 16 ۽ 17

اي يانگ، ڊاڪٽر پرسو گدواڻي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا ڪتاب ۽ جائزا رهنمائي ڪن ٿا. لغت نويسيءَ لاءِ ماهرن جيڪي اصول، قاعدا ۽ قانون مقرر ڪيا آهن، اُنهن مان ڪي هي آهن:

(i) ٻوليءَ جي دائري اندر مختلف خطن ۾ مروج لفظن کي گڏ ڪرڻ ۽ انهن جون الف – ب وار چٽڪيون ۽ فهرستون ناهڻ.

(ii) هر هڪ لفظ جي اُچارن، هجي (Spelling)، جزن ۽ پدن (Syllabication) ۾ ورهائڻ ۽ ان موجب اُچار مقرر ڪرڻ.

(iii) هر هڪ لفظ جا ماده، ڌاتو ۽ اشتقاق ڪيڻ ۽ ان لفظ جي تاريخي ارتقا بيان ڪرڻ.

(iv) هر هڪ لفظ جي معنيٰ، ان جو مفهوم سمجهائڻ ڏيڻ ۽ فقري، جملي ۽ شعر جي مصرع، چوڻي ۽ پهاڪي ۾ ان جو مفهوم سمجهائڻ ڏيڻ ۽ فقري، جملي ۽ شعر جي مصرع، چوڻي ۽ پهاڪي ۾ ان جو استعمال ڏيکارڻ ته جيئن الگ الگ حالتن (Context of Situation) ۾ لفظ جي ڌار ڌار معنيٰ نمايان معلوم ٿئي.

(v) هر هڪ لفظ جي وياڪرڻي حيثيت يعني ڳالهائڻ جي اٺن صورتن (parts of speech) مان ڪنهن به هڪ حيثيت جي نشاندهي ڪرڻ.

(vi) هر هڪ لفظ اُچار لاءِ ڪنهن خاص علامت (Symbol) ذريعي اُچار جي نشاندهي ڪرڻ.

(vii) هر هڪ لفظ جي حيثيت ۽ معيار نثري جملن، چوڻين، پهاڪن ۽ شعري مصرعن ذريعي بيان ڪرڻ ته جيئن خبر پوي ته اهو لفظ روز مره واري ٻوليءَ موجب عام محاوري (Colloquial) ۾ ۽ عام گفتگو ۾ عام طور مروج آهي يا بازاري ٻولي (Slang) ۾ رائج آهي.

(viii) اهڙيءَ طرح هر هڪ لفظ جي معنيٰ ڪانسواءِ هر معنيٰ لفظ ۽ انهن جا فقرن، جملن، چوڻين، پهاڪن ۽ بيتن وغيره ۾ رائج استعمال جا مثال ڏيڻ.

لغت نويسيءَ لاءِ ڌار ڌار لغت نويس، ڌار ڌار قدم کڻندا آهن. ڪي لغت نويس جدا جدا خطن ۾ پنهنجا "خابرو" (Informants) مقرر ڪندا آهن. اُهي ماڻهو پنهنجي پنهنجي تر مان ڌار ڌار موضوعن وارا لفظ گڏ ڪري، لغت نويس يا مرڪزي آفيس ڏانهن موڪليندا آهن. ڪي لغت نويس پنهنجن ساٿين، مددگارن جي مدد سان ڪتابن، رسالن، اخبارن، مضمونن ۽ مقالن وغيره مان اساسو گڏ ڪندا آهن. ڪي ماهر ٻئي طريقا اختيار ڪندا آهن. هن ڏس ۾ "جامع سنڌي لغات،" لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جيڪو طريقو اختيار ڪيو تنهن لاءِ ڊاڪٽر صاحب خود فرمائي ٿو تہ:

"هن لغات جي لفظن جو ذخيرو هيٺين سرچشمن مان گڏ ڪيو ويو آهي:

(الف) ڇپيل ڪتاب، جن مان ادب توڙي ٻين مختلف موضوعن تي لکيل اندازاً 450 ننڍا وڏا ڪتاب توڙي مخزنون پڙهيون ويون ۽ اُنهن مان الفاظ ۽ اصطلاح چونڊيا ويا.

(ب) اهي جملي ڇپيل لغاتون، جن جو سنڌي لفظن جي معنيٰ سان واسطو رهو.

(ج) ادب ۽ لغت جي اڻ ڇپيل قلمي ڪتابن جو ذخيرو- خاص طرح شاهہ عنات رضوي، خليفي نبي بخش، فقير محمد صديق ۽ مولوي غلام محمد خان زئي جا رسالا جن مان انوکا الفاظ چونڊي هن لغات ۾ داخل ڪيا ويا. اڻ ڇپيل لغاتن مان آخوند عبدالرحيم عباسيءَ جي جواهراللغات ۽ مولوي علي محمد سهيريءَ جي سنڌي لغات (مسودو) انهن ٻنهي مان جملي الفاظ شامل ڪيا ويا آهن. بمبئيءَ مان مستر

تاراچند گاجرا ۽ لالا هاساننند جي لکيل لغات جا الفاظ اُتاري موکليا، جن کي چندچاڻ بعد داخل ڪيو ويو.

مٿئين ماخذن کانسواءِ، اسان عوامي ادب ۽ عام رائج سنڌي ٻوليءَ جي سرچشمي کي وڏي اهميت ڏني آهي. اڄ ڏينهن تائين جيڪي بہ لغاتون يا ڪتاب لکيا ويا آهن تن جي اڪثر مصنفن ۽ مؤلفن جو واسطو شهرن سان رهيو آهي، جي ٻهراڙيءَ جي نج سنڌي ٻوليءَ کان ڪماحقہ واقف نہ هئا، انهيءَ ڪري سندن تصنيفن ۾ ٻهراڙيءَ جي عام رائج ٻوليءَ جا ڪيترائي نج سنڌي محاورا، الفاظ ۽ اصطلاح موجود نہ آهن.

"هن لغات لاءِ سڄيءَ سنڌ جي ڳنڊ ڪڙڇ مان عام رائج لفظن ۽ اصطلاحن کي سهيڙڻ لاءِ خاص ڪوشش ڪئي ويئي. سنڌ جي هر ضلعي جي مکيہ ڀاڱن ۾ مڪاني ماڻهو مقرر ڪيا ويا، انهيءَ لاءِ تہ پنهنجي تر جي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ اصطلاح هٿ ڪري موڪلين (مثلاً: ڪاسبين، ڪنيارن، لوهارن، ڪورين، واڍن، وڳهاسلن وغيره جا الفاظ ۽ اصطلاح، جنسن جا نالا جهڙوڪ: گاهن، جيتن، گلن، پکين وغيره جا نالا، مقامي ريتن رسمن جهڙوڪ: شادي غمي، ميلن ملاکڙن جا اصطلاح، گهرو الفاظ جهڙوڪ: عورتن جا اصطلاح ۽ پرت جا نالا وغيره. اُٺن ۽ گهوڙن جي سازن، سنجن، پنڌن، بيمارين ۽ علاجن جا الفاظ ۽ اصطلاح، پوک جي مڙني قسمن جي پوکڻ ۽ سنڀارڻ جا الفاظ ۽ اصطلاح، ميوي جي فصلن جهڙوڪ، انب، ڪجيءَ وغيره جا اصطلاح ۽ الفاظ).

"هن سلسلي ۾ هيءَ احتياط پڻ رکيو ويو آهي تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ جي مڙني مکيہ محاورن يعني تہ لاڙ سري، ٿر، ڪاڇي، ڪاري، ڪڇ ۽ لس ٻيلي جي مخصوص ٻولين جا انوکا عام رائج الفاظ ۽ اصطلاح هن لغات ۾ شامل ڪري سگهجن."

"نج سنڌي لفظن کانسواءِ عربي ۽ فارسي لفظن جو پڻ ڪافي وڏو ذخيرو سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ٿي چڪو آهي؛ انهن مان هڪڙا الفاظ اهڙا آهن، جن کي سنڌي ٻوليءَ آڌي مکي، پنهنجو ڪري ڇڏيو آهي؛ ۽ ٻيا ڪي عربي، فارسي لفظ ۽ محاورا پوين ڏيڍ سئو ورهين ۾ سنڌي شاعرن ۽ اديبن جي زبان ذريعي سنڌي ادب جو جز بنجي ڪتابن ذريعي، شايع ٿي چڪا آهن. اهڙن عربي ۽ فارسي لفظن ۽ اصطلاحن کي پڻ داخل ڪيو ويو آهي، انهيءَ لاءِ ته هيءَ لغات سڀني طبقن لاءِ ڪارآمد ٿي سگهي."

ڊاڪٽر صاحب اڳتي لکي ٿو:

"هن لغات جي تياري ۽ تڪميل لاءِ هڪ مرڪزي آفيس قائم ڪئي ويئي ۽ تعلقي وار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، جن هدايتن موجب سنڌ جي سڀني ڀاڱن جي مقامي لفظن ۽ اصطلاحن جا ذخيرا گڏ ڪري موڪليا. مرڪزي آفيس جي عملي، ڪارڪنن کان پهتل مواد کي هدايتن موجب ڇنڊي ڇاڻي صاف ڪيو ۽ پڻ ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل ڪتابن مان الفاظ ۽ اصطلاح چونڊي قلم بند ڪيا"[18].

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، گڏ ڪيل لفظن جي اُچارن، مادن، جُزن، ذاتن، اشتقاقن ۽ انهن لفظن جي خطي وار استعمال، ڪارج، مفهوم ۽ عمل وغيره جي سلسلي ۾ جيڪي اصول مقرر ڪيا، تن جو پاڻ هن تفصيل سان ذڪر ڪيو اٿن، جيڪي جامع سنڌي لغات ۾ پڙهي سگهجن ٿا[19]

---

[18] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر "جامع سنڌي لغات"، 1960ع، مهاڳ

[19] ايضاً

## (الف) سنڌي لغات نويسيءَ جي ابتدا ۽ ارتقا:

سنڌي لغات نويسيءَ جي باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب لکي ٿو:

"جيتوڻيڪ سنڌي لغات جو سلسلو هڪ سو سال اڳ ارڙهين صديءَ جي وچ ڌاري شروع ٿيو تنهن هوندي به باوجود ڪيترين ئي مخلصانه ڪوششن جي، سواءِ ڪن خاص لفظن تي مخصوص لفظن جي، سنڌي ٻوليءَ جي سنڌي لغات، جنهن ۾ مجموعي طور رائج ٻوليءَ جا مڪيه لفظ ڏنل هجن ۽ معنائون پڻ سنڌيءَ ۾ لکيل هجن، هن کان اڳ لکجي شايع ٿي نه سگهي آهي، ان ڏس ۾ هيءَ پهرين جامع سنڌي لغات آهي"[20].

ڊاڪٽر صاحب اڳتي لکي ٿو ته:

"هن لغات ۾ هي خاص احتياط پڻ رکيو ويو آهي ته جيئن سنڌي ٻوليءَ جي مڙني مکيه محاورن يعني ته لاڙ سري، ٿر، ڪاڇي، ڪڇ ۽ لس ٻيلي جي مخصوص ٻولين جا انوکا عام لفظ ۽ اصطلاح، هن لغات ۾ شامل ڪري سگهجن. مطلب ته هيءَ پنهنجي نوع جي پهرين سنڌي لغات آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي هڪ جهجهي ذخيري کي شامل ڪيو ويو آهي ۽ هر لفظ جي عام توڙي اصطلاحي معنيٰ کي، شاهدين ۽ مثالن سان کولي ورجايو ويو آهي"[21].

هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو صاحب، پنهنجي ڪتاب، تحقيق لغات سنڌيءَ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:

"جيتوڻيڪ سنڌي لفظن جو صحيح سلسلو انگريزن جي دور کان شروع ٿئي ٿو تاهم انهن سيني لفظن ۾ بنياد يا ڌاتوءَ جي ڪمي نظر اچي ٿي. ڪئپٽن اسٽئڪ پهريون انگريز هو جنهن 1848ع ۾ انگريزي – سنڌي

---

[20] ايضاً

[21] نبي بخش خان بلوچ، "جامع سنڌي لغات"، 1960، مهاڳ

لغت جي پيڙهه جو پٽر رکيو. هن صاحب 1855ع ۾ سنڌي – انگريزي لغت پڻ ڇاپي جا عربي – سنڌي آئيتا بدران ديوناگري لپيءَ ۾ آهي"[22].

سنڌ جي انهن ٻنهي عالمن، يعني ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ۽ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب، سنڌي ٻوليءَ جي جن جن لغتن جا نالا ۽ تفصيل ڏنا آهن انهن جو وچور هيٺ ڏجي ٿو:

| سال | لغات جو عنوان | مصنف جو نالو | نمبر |
|---|---|---|---|
| 1848ع | انگريزي-سنڌي ڊڪشنري | جارج اسٽئڪ | (1) |
| 1855ع | سنڌي-انگريزي ڊڪشنري | ايضاً | (2) |
| 1866ع | اکر ڏاتو | پادري شرٽ | (3) |
| 1866ع | جواهر الغات | آخوند عبدالرحيم وفا | (4) |
| 1866ع | ڪاشف الفيوض | آخوند فتح محمد هالائي | (5) |
| 1879ع | سنڌي-انگريزي ڊڪشنري | پادري شرٽ | (6) |
| 1880ع | وئتپتي ڪوش | جهمٽ مل وسنائي | (7) |
| 1880ع | سنڌي-انگريزي لغت | مرزا صادق علي بيگ ۽ منشي اُڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي | (8) |
| 1906ع | غريب اللغات | ڪاڪو ڀيرومل | (9) |
| 1910ع | سنڌي-انگريزي ڊڪشنري | پرمانند ميوارام | (10) |
| 1911ع | Philological Curiosities | مرزا قليچ بيگ | (11) |
| 1914ع | لغات لطيفي | ايضاً | (12) |
| 1920ع | سنڌي لغات (قلمي نسخو) | علامه علي محمد مهيري | (13) |
| 1924ع | لغات قديمي | مرزا قليچ بيگ | (14) |
| 1933ع | شاهه جي رسالي ۾ لفظن جي معنيٰ ۽ ڌاتو وغيره | ڊاڪٽر گربخشاڻي | (15) |
| 1947ع | سنڌي ڊڪشنري | لالا هامانند | (16) |
| 1960ع | جامع سنڌي لغات | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | (17) |
| | تحقيق لغات سنڌي | ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو | (18) |
| | انگريزي – سنڌي ڊڪشنري | سيد غلام مصطفيٰ شاهه ۽ غلام اصغر ونڊير | (19) |
| | شاهه جي رسالي ۾ لفظن جي معنيٰ | غلام محمد شهوائي | (20) |
| | لاڙ جي لغت | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | (21) |

[22] عبدالڪريم سنديلو ڊاڪٽر: تحقيق لغات سنڌي مهاڳ

| | | | |
|---|---|---|---|
| (22) | سيد حسام الدين شاهہ راشدي ۽ ٻيا | بنيادي سنڌي لغات | |
| (23) | مظهر خوجا | لغت ڳنان | |
| (24) | سيد محمد صالح شاهہ | ڏنڌي – وار لغت | |
| (25) | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان | اردو – سنڌي لغت | |
| (26) | ايضاً | سنڌي – اردو لغت | |
| (27) | پروفيسر غلام حسين جلباڻي | عربي-سنڌي لغات | |
| (28) | سيد نجف علي شاهہ نقوي "ڪمتر" | ٻاروچي ٻولي | |
| (29) | ڪلياڻ آڏواڻي | شاهہ جي رسالي ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ | |
| (30) | ڊاڪٽر دائود پوٽو | شاهہ ڪريم جي رسالي ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ | |
| (31) | ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو | سامي ڏاتو ڪوش | |
| (32) | محمد علي حداد | سچل جي لغت | |
| (33) | ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو | سچل جي ڪلام ۾ لفظن جا ڄاڻو | |
| (34) | محمد ابراهيم جويو | شيخ اياز جي ڪلام جي ڏکين لفظن جون معناڻون | |

## 4- لغات سنڌي مخففات:

### (الف) علم اللسان جي لحاظ کان اهميت:

هيءَ پنهنجي نوع ۽ قسم واري پهرين ۽ اهم لغات آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جا مخفف روپ گڏ ڪري اُنهن جي صوتي، صرفي، نحوي ۽ لغوي ڇنڊڇاڻ ڪئي ويئي آهي ۽ اُنهن جي ڪارج ڪانسواءِ اُنهن جي مفصل سمجهاڻي پڻ ڏني ويئي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن قسم جي هيءَ پهرين واڪاڻ جوڳي ڪوشش آهي.

"مخفف" لفظ لاءِ انگريزيءَ ۾ abbreviation لفظ ڪم آندو ويندو آهي، پر مقصد ۽ ڪارج جي لحاظ کان، هن لغات جي حوالي سان مخفف جي معنيٰ ۽ مفهوم ٿيندو: ڪنهن لفظ کي سُسائڻ، گهٽائڻ، يا ننڍو ڪرڻ. يعني ڪنهن لفظ مان ڪو آواز ڪا صوتيم، ڪا صرفيم، ڪو وينجن يا ڪو سُر حذف ڪرڻ، گهٽائڻ، ڪيرائڻ يا

سُسائڻ، جيئن اردوءَ ۾ ”بدتر“ لفظ جو مخفف يا سُسيل اُچار يا روپ ”بتّر“ ڪيو ويندو آهي.

مطالعي دوران اهو معلوم ٿيو آهي ته لفظن جا مخفف روپ ڪنهن ڏُڪيبازيءَ سان يا بيقاعدي نموني نٿا حاصل ڪجن. پر اُن لاءِ به ٻوليءَ جي ارتقا دوران ڪي اصول يا قانون ٺهي ويندا آهن. مثال طور هيٺيان اصول عام طور لفظن جي مخففات لاءِ ڪارفرما هوندا آهن. مثلاً:

(i) سنڌي (ادغام) وارا اصول ۽ قانون.

(ii) شاعري يا نثر وارين صنفن ۾ ٻوليءَ جي استعمال ۾ لفظن جو مخفف روپ وٺڻ.

(iii) روزمره واري ٻولي ۽ عام گفتگو واري ٻوليءَ ۾ لفظن جو سُسڻ وغيره.

سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي مخفف صورتن جي اڀياس لاءِ حاصل ڪيل اصولن ۽ قانونن جي مفصل تجزئي کان اڳ، اهو مناسب ٿيندو ته ”لغات سنڌي مخففات“ جي مصنف جي هن اهم ڪم ۽ ڪارنامي، ۽ هن لغات جي باري ۾ ڪجهه عرض ڪجي. منهنجي خيال ۾ هن لغات جي مصنّف جو هي ڪارنامو هڪ ”جدت“ مڃڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته هن لغات واري تحقيقي ۽ تخليقي ڪم جو خيال، هن کان اڳ ڪنهن به عالم جي ذهن ۾ اُڀري ئي نه سگهيو. اچا به وڌيڪ وضاحت سان هيئن چئبو ته هن لغات جي تخليق ڪرڻ جو خيال ڪنهن به ماهر جي ذهن ۾ هن کان اڳ سرجيوئي ڪونه هو. هن لغات جي تيار ٿيڻ کان اڳ، البت مختلف لغتن ۾ لفظن جا ذاتي ماده ۽ اشتقاق ضرور ڏنا ويا آهن. پر لفظن جا سُسيل يا مخفف روپ، انهن جو لساني ڪارج ۽ وياڪرڻي حيثيت جي سلسلي ۾ ڪا به راءِ ڏنل ڪانهي، ان لحاظ کان هن دعوي ڪرڻ ۾ اهو ڪو وڌاءُ ڪونهي ته سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي مخفف يا سُسيل روپن جي اڀياس جي سلسلي ۾ هيءَ پهرين اهم لغات آهي جا جدت واري عمل ۽ تحقيق

واري خوبيءَ سان مالامال آهي، جنهن لاءِ طالب المولىٰ سائين ۽ محترم احمد خان آصف مصراڻي مبارڪن جا مستحق آهن.

ديوان جهمٽ مل وسناڻيءَ پنهنجي ڪتاب "وٿتپتي ڪوش" ۾ لفظن جا ڌاتو ڪيندي، مخفف روپ تہ ڏنا آهن، پر هن بہ مخفف روپ نالي ڪنهن بہ صورت جو ذڪر نہ ڪيو آهي. وٿتپتي ڪوش تي تنقيد ڪندي ڊاڪٽر سنديلو صاحب لکي ٿو:

"گرچہ ڪتاب تي ڪافي مٿا ڪٽ ڪيل آهي، مگر اونهي اڀياس ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي تہ ڪن ڪن هنڌ، مصنف صاحب ھٿي ويو آهي، مثلاً لکي ٿو: مُترڪو سنسڪرت "مُدگر" مان نڪتل آهي. "پيچرو" سنسڪرت "پاد" مان نڪتل آهي. خير ائين بہ هجي ليڪن مخفي نہ رهي تہ "مُترڪو" عربي لفظ "مطرقه" ۽ "پيچرو" لفظ فارسي "پايہ چاره" مان نڪتل آهي"[23].

بهرحال" پيچرو" لفظ لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ اهو لفظ فارسيءَ جي "پايہ چاره" جو مخفف روپ آهي، پر اهڙو ذڪر نہ ڊاڪٽر سنديلي صاحب ڪيو ۽ نہ وري ڪو اهو نقطو ڊاڪٽر سنديلي صاحب جي ذهن ۾ ئي هو. مخفف روپن يا مخفف جي ان حيثيت لاءِ سنڌي زبان ۾ پهريون دفعو لکڻ جو سهرو عزت مآب مخدوم طالب المولىٰ سائينءَ جي سر تي ٿو سونهي ۽ هن لغات جي تصنيف ڪرڻ جي سعادت کين ئي نصيب ٿي.

ڊاڪٽر سنديلي صاحب کي "تحقيق لغات سنڌي" جي اشاعت تي مبارڪن جو خط (مورخہ 18_11_1958ع) لکندي، جناب طالب المولىٰ صاحب جن فرمائين ٿا:

"اوهان جي تصنيف "تحقيق لغات سنڌي" زير مطالع آهي. رايو بعد ۾ موڪليندس پر ايترو ضرور چوندس تہ اوهان سنڌي زبان کي سونو

[23] عبدالڪريم سنديلو ڊاڪٽر: "تحقيق لغات سنڌي". حوالو ڏنو ويو آهي.

نڪ وڏو آهي. هن قسم جي لغت جي سخت ضرورت هئي".[24]

جيڪڏهن سنديلي صاحب واري تحقيق (تحقيق لغات سنڌي). سنڌي زبان ڪي سونو نڪ وڏو آهي تہ "لغات سنڌي مخففات". سنڌي زبان ڪي سونو تاج پهرايو آهي. هن لغات جي بہ ايتري ئي ضرورت هئي، جيتري ٻين لغتن جي، ڇاڪاڻ تہ هن لغات جي مدد سان سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي فقرن، جملن ۽ شاعريءَ وارين مصرعن ۾ سُسيل روپن ۽ مخففات جي، صرفي، نحوي ۽ لساني ڪارج ۽ حيثيت جي باري ۾ مفيد معلومات ملي ٿي.

سنڌي ٻوليءَ جي لغات واري ڪيتر ۾ هيءَ پهرئين قسم جي لغات آهي، جنهن ۾ چونڊيل لفظن جو اصلي اُچار ۽ اُنهن جا مخفف يعني سُسيل روپ ڏيئي، انهن جي سمجهاڻي ڏني ويئي آهي، ۽ روز مره واريءَ توڙي عام گفتگو واريءَ ٻوليءَ ۾ اُنهن سُسيل روپن جي استعمال ۽ ڪارج جا مثال پڻ ڏنا ويا آهن. هي هڪ اهڙو اهم ۽ مفيد ڪم آهي، جو گهڻو اڳ ٿيڻ کپندو هو. منهنجي هن دعويٰ ۾ ڪو بہ وڌاءُ ڪونہ ٿيندو تہ هيءَ پنهنجي نوعيت جو پهريون ۽ هڪ اهم تحقيقي ڪم آهي، جو گهڻي ۾ گهڻو داد لهڻي.

(ب) ترتيب:ـ هن لغات ۾ 2100 لفظ ڏنا ويا آهن، جن جي ترتيب "ديوان طالب المولٰي" ۾ صفحي 9 تي ڏنل الف – ب واري پٽيءَ موجب رکي ويئي آهي. الف – ب جي هيءَ پٽي، سنڌ علائقي جي سرڪاري تعليم کاتي طرفان 1940ع ۾ ڇپايل ٻاراڻي ڪتاب ۾ ڏنل الف – ب جي پٽيءَ موجب آهي. مواد جي ترتيب جي سلسلي ۾ هن لغات جو مرتب آصف مصراڻي صاحب لکي ٿو:

"هن لغات ۾ گڏ ڪيل مواد کي اساسي سرمايو سمجهي، اُنهن لفظن کي مُنڍ ۾ ساڄي طرف اهم لفظ طور برقرار رکيو ويو آهي تہ جيئن بقول سندس: "سندن انفرادي ڪارنامو نمايان رهي."

[24] عبدالڪريم سنديلو ڊاڪٽر: "تحقيق لغات سنڌي". حوالو ڏنو ويو آهي.

محترم مصرائي صاحب سموري مواد کي الف – ب وار ترتيب ڏيڻ لاءِ سندس چوڻ موجب "الف – ب جو سلسلو ہارائي ڪتاب 1940ع واري ڇاپي، جنهن جو عڪس ديوان طالب الموليٰ جي صفحي 9 تي ڏنل آهي، اُن موجب رکيو آهي."

ساري مواد کي چئن بابن ۾ ورهايو ويو آهي. پهرئين باب ۾، بقول مرتب جي، اسم، ضمير، صفت، ظرف ۽ فعل وغيره لفظن جا مخفف ڏنا ويا آهن. ٻئي باب ۾ اسم عام تي مشتمل لفظن جا مخفف روپ ڏنا ويا آهن. ٽئين باب ۾ اسم مصدر مان نڪتل لفظن جا مخفف روپ ڏنا ويا آهن. چوٿين باب ۾ بقول مؤلف جي ڪن ٻٽن لفظن جا مخفف ڏنل آهن، جن مان ڪي هي آهن:

| ٻٽو لفظ | مخفف روپ | ٻٽو لفظ | مخفف روپ |
|---|---|---|---|
| سنڌ جو | سنڌي | هند جو | هندي |
| عربستان جو | عربي | لوهہ وارو | لُهر |
| سون وارو | سونارو | | |

منهنجي خيال ۾ "سنڌ جو"، "عربستان جو"، "هند جو"، "لوهہ وارو" ۽ "سون وارو" ٻٽا لفظ نہ آهن. بهرحال هيءَ هڪ ڌار بحث آهي، جيڪو هن مقدمي سان واسطو نٿو رکي. ساڳيءَ طرح محترم مؤلف هيٺين گروهہ کي هم آواز لفظن طور پيش ڪيو آهي. منهنجي سمجهہ مطابق انهن لفظن کي هم آواز لفظ بيان ڪرڻ، علم اللسان جي حوالي سان صحيح نہ آهي. اُهي لفظ هي ڏنا اٿس:

| لفظ | مخفف |
|---|---|
| موهين | موهن |
| ڪوهين | ڪوهن |
| ڳوهين | ڳوهن |

انهن لفظن کي ڏار عنوان هيٺ رکڻ صحيح فيصلو نہ آهي.

**(ت) مخفف لفظن جي وياڪرڻي خصوصيت:** هن لغات جي گهري مطالعي سان خبر پوي ٿي تہ هن ۾ شامل لفظن مان هرهڪ جو انفرادي حالت ۾ اُچار ڪيئن ڪيو ويندو آهي، پر جڏهن اهو لفظ يا اهي لفظ ڪنهن گفتگو (روزمره واريءَ گفتگو) ۾ ڳالهايا ويندا آهن يا شعر و شاعريءَ ۾ ڪم آڻيا آهن، تڏهن اُنهن جي لکت واري صورت مان خبر پوندي تہ اُنهن لفظن جو اُچار ڪهڙي شڪل يا صورت وٺي بيهندو آهي، يعني اُهو لفظ يا اُهي لفظ روزمرہ واري گفتگو ڪنهن نثري جملي يا شعر جي مصرع ۾ ڪهڙي مخفف صورت ٿا ٺاهين. اهڙن مخفف لفظن جي اڀياس ڪرڻ مهل انهن لفظن تي علم صوتيات، علم صرف يا علم نحو جا قانون اثر انداز معلوم ٿين ٿا. اُنهن لفظن تي، "سَنڌي" (assimilation) جي قانون موجب، تخفيف يا سوس وارو اصول اثر انداز محسوس ڪبو آهي. انهن ۽ اهڙن لفظن جي مخفف روپن ۾ جيڪي صوتي، صوتياتي ۽ سَنڌيءَ جي اصولن جي ڪري تبديليون رونما ٿينديون آهن، اُنهن کي (انهن لفظن جي مخفف روپن کي) چڱيءَ طرح جانچي يا پروڙي سگهجي ٿو. مثال طور:

| **لفظ جي انفرادي صورت** | **عام جملي ۾ لکيل صورت ۾ اُچار** | **مخفف روپ** |
|---|---|---|
| اٿن | ماني کاڌي آٿن | ماني کاڌي ٿن/ماني کاڌن |
| | هن ڇيو آهي/ڇيو آٿن | ڇيو ٿن/ڇيُن |

مٿين مثالن ۾ "کاڌن" ۽ "ڇيُن" مخفف روپن جو جڏهن غور سان اڀياس ٿو ڪجي تہ معلوم ٿو ٿئي تہ هن سلسلي يا عمل ۾ "سَنڌي" وارا اصول اثر انداز آهن، ۽ اهي اصول ئي مخفف روپن جي اصلوڪن لفظن جي ڳولڻ ۾ مدد ڪن ٿا.

هن نقطي کي اڳتي هلي، مثال ڏيئي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. انهن روپن جو تفصيلي جائزو تڏهن سامهون ايندو جڏهن انهن ۽ اهڙن بين لفظن يعني مخفف يا سسيل روپن کي روزمره

واريءَ ٻوليءَ يا عام گفتگو يا شعر و شاعريءَ ۾ ڪم آڻي، انهن جي چنڊڇاڻ ڪئي ويندي

مرحوم ڊاڪٽر سنديلو پنهنجي ڪتاب، "تحقيق لغات سنڌي" جي حوالي سان فرمائي ٿو:

"فلسفہ اللسان (Philology) بحر بيڪران آهي، جنهن جو انت لهڻ آسان نہ آهي"[25]

پر آءٌ تہ ائين چوندس تہ "فلسفہ اللسان" تہ ". اللسان" جو فقط هڪ شعبو آهي. جڏهن تہ "فلسفہ اللسان" (Philology)، مرحوم سنديلي صاحب جي خيال ۾ بحر بيڪران آهي تہ پوءِ "علم اللسان" (Science Linguistic) جي اٿاهہ مهاساگر جي پاتال ۾ پيهي، اُن جو انت ڳولڻ تہ اوکي ۾ اوکو ڪم آهي. مخدوم طالب المولىٰ صاحب تہ هڪ غواص بڻجي، علم اللسان جي هن عميق ۽ بي انت بحر ۾ ٽٻو ڏنو آهي، ۽ موتي ميڙڻ جي نهايت ئي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي. نواءِ سنڌ اخبار جي ايڊيٽر پنهنجي 1-1-1956ع واريءَ اخبار ۾ تبصرو ڪنديءَ سنديلي صاحب کي داد ڏيندي لکيو آهي:

"قابل مصنف هن بحر بيڪران ۾ هٿين خالي گهڙيو، ٽڙڳي ٽڙڳي ۽ ٽٻيون هڻي، جيڪي موتي ڪڍيا آهن، تن جو قدر نہ ڪرڻ حد درجي جي زيادتي ٿيندي"

ماشاءَ الله هن قسم جو داد طالب المولىٰ سائينءَ جن کي بہ سنڌن هن املهہ ماڻڪ ۽ اعلىٰ پايہ جي شهپاري تي ڏيڻ گهرجي. مخدوم صاحب جن، موجوده ڪائنات تي فتح واري هن دور ۾، هڪ آزمودگار غواص بنجي، سنڌي زبان ۽ ادب جي اٿاهہ مهاساگر ۾ ٽٻو ڏيئي، اُن جي پاتال تائين پهچي، املهہ ماڻڪ ميڙي، هن لغات جي

[25] عبدالڪريم سنديلو ڊاڪٽر: "تحقيق لغات سنڌي". ص 33

صورت ۾ سنڌ جي سڄاڻ ماڻهن اڳيان رکيا آهن. هاڻ اهو اسان تي ڇڏيل آهي تہ اُن جو ڪهڙي نموني سان قدر ڪريون. پر آئون تہ ائين چوندس تہ مخدوم صاحب سنڌي ٻوليءَ کي سونو تاج پهرايو آهي.
وري جو ساڻي ملين محترم احمد خان آصف مصراڻيءَ جهڙو مخلص، محنتي، سياڄهو سخنور ۽ هن ڏس ۾ ماهر، جنهن مخدوم صاحب طرفان گڏ ڪيل مواد کي سهيڙي، سموهي ۽ سنڌري هڪ مڪمل مسودي جو روپ ڏنو. هو لکي ٿو:

"لغات سنڌي مخففات جو مواد قبلہ مخدوم محمّد زّمان صاحب طالب المولیٰ جن، جدا جدا نوٽبوڪن، ڇوپڙين، بلڪ چٽڪين تي ڪٺو ڪري، ان کي باقاعدي ترتيب ڏيڻ لاءِ هڪ خاص نوٽبوڪ تي ڪم بہ شروع ڪيو. مگر لڳ ڀڳ طبيعت جي ناسازي، سروري جماعت جي سالاري، ٻين ذميدارين، مشغولين ۽ مصروفيتن سبب اهو ڪم روڪي ڇڏيو هئائون.

"مون لاءِ فخر جي بات آهي ۽ آءٌ پاڻ کي خوش نصيب ٿو سمجهان جو اُهو سمورو مواد ترتيب ڏيڻ لاءِ منهنجي حوالي ڪيائون."

وري وڏا ڀاڳ منهنجا ڇٽبا جو هن شهپاري جي مقدمي لکڻ جي سعادت مون کي نصيب ٿي، جنهن لاءِ آئون مخدوم صاحب جن جو ٿورائتو آهيان. مون هن کان اڳ وارن صفحن ۾ عرض ڪيو آهي تہ:

"منهنجي خيال ۾ هن لغات جي مصنف جو هي ڪم 'جدت' ۽ تخليقي ڪم آهي. هن لغات واري تحقيقي ڪم جو خيال، اڳ ۾ ڪنهن بہ صاحب جي ذهن ۾ اُيريوئي ڪونہ هو يعني تہ مي خيال ڪنهن بہ ماهر جي ذهن ۾ هن کان اڳ سرجيو ئي ڪونہ هو."

منهنجي هن دعوا جي تصديق، محترم انور هالائيءَ جي هيٺينءَ راءِ مان ملي ٿي. انور هالائي صاحب "طالب المولیٰ سائينءَ جي شاعرانہ حيثيت" جي عنوان سان "ديوان طالب المولیٰ"، صفحي 29 تي لکي ٿو:

"چوٿين دور ۾ زير مطالع ڪتاب، ديوان طالب المولیٰ، 1982ع ۾ شايع ٿيو آهي. هڪ ڪتاب "سنڌي مخففات"، مخدوم صاحب لکي رهيو آهي جيڪو عنقريب شايع ٿي ويندو. سنڌي مخفف بابت مخدوم صاحب جن پنهنجي ڪتاب ديوان طالب المولیٰ ۾ اڳي ئي ذڪر ڪيو آهي، توقع آهي تہ اهو ڪتاب سنڌي ادب ۾ هڪ نئون تحقيقاتي ڪتاب ثابت ٿيندو"[26].

بيشڪ هيءَ لغات سنڌي زبان ۽ ادب جو هڪ بي بها خزانو آهي. هن لغات سنڌي ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ ڪم ايندڙ لفظن ۽ انهن جي صوتي، صرفي ۽ وياڪرڻي اڀياس واري ڪيتر ۾ شاندار اضافو ڪيو آهي. هن ڪتاب جي مؤلف، لفظ جي مخفف روپ جي سلسلي ۾ صحيح راءِ ڪانہ ڏني آهي. مهاڳ ۾ هُو لکي ٿو:
اصل لفظ مان "ي" ڪيرڻ سان مخفف ملي ٿو"، جيئن:

| لفظ | مخفف | لفظ | مخفف |
|---|---|---|---|
| اکيُن | آکِن | دکين | ڏکِن |
| مکيُن | مَکِن | سکين | سکن[27] |

حقيقت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي صوتي، صرفي ۽ نحوي اصولن ۽ قانونن موجب لفظ جي مخفف روپ ٺاهڻ لاءِ اهڙو ڪو بہ قانون ڪونهي، جيئن مصراڻي صاحب فرمايو آهي، پر حقيقت ۾ ڪنهن بہ لفظ جي مخفف ٿيڻ يعني سُسڻ يا گهٽجڻ جي باري ۾ جيڪي اصول ۽ قانون، انهن لفظن جي اڀياس ڪان پوءِ نظر آيا آهن، اُنهن مان ڪي هن ڪان اڳ وارن صفحن ۾ بيان ڪيا ويا آهن، پر هت هڪ دفعو وري هيٺ ڏهرائڻ مناسب سمجهان ٿو. اُهي اصول هي آهن:

---

[26]ڏسو: "ديوان طالب المولیٰ، ص 29

[27]ڏسو: "لغات سنڌي مخففات" جو مهاڳ

(الف) سنڌي (ادغام) جا اصول ۽ قانون جيڪي لفظن جي مخفف صورتن ٺاهڻ ۽ اُنهن جي اپياس ۾ مدد ڪن ٿا.
(ب) روزمره واري ۽ عام گفتگو واري ٻوليءَ جو اپياس
(ت) شاعري يا نثر ۾ ڪم ايندڙ لفظن، فقرن ۽ جملن ۾ لفظن جو مخفف ٿيڻ.
(ث) هن لغات جي ٻوليءَ ۾ افاديت: انهن ٽنهي اصولن مان جيتوڻيڪ شاعري يا نثر ۾ ڪم ايندڙ لفظن جو فقرن ۽ جملن يا مصرعن ۾ استعمال، ٽئين نمبر تي ڏنو ويو آهي، پر جيئن ته هن لغات جي مصنف، شاعريءَ واري اصول تي پنهنجيءَ هن لغات جو بنياد رکيو آهي، ان ڪري، پهرين اُن اصول جي باري ۾ بحث ڪبو. منهنجي ڄاڻ ۽ مطالعي موجب ۽ پڻ مخدوم صاحب جن جي راءِ موجب، شاعريءَ ۾ ڇند جي ماترائن يا علم عروض جي وزن جي پورائي ڪرڻ لاءِ مصرعن ۾ ڪي لفظ يا ڪن لفظن ۾ ڪي آواز مخفف ڪرڻا پوندا آهن. هن دعوي کي جناب طالب المولي جن پنهنجي ديوان ۾ لکيل پُرمغز مهاڳ ذريعي وڏيڪ صحيح ثابت ڪيو آهي. مخدوم سائينءَ جن لکن ٿا:
'اُڇيو'، 'اُڇئو'، 'مُڙيو'، 'مُڙئو'، 'وڌيو'، 'وڌئو'، 'اِڳيان'، اڳئان'، 'لکيو'، لُکئو'، 'کليو'، 'کلئو'، پيو پئو وغيره وغيره لفظ آنهيءَ، اُنهَي، لکندو آهيان، 'ي' تي 'زبر' ڏيڻ سان اصل مطلب ادا ٿئي ٿو ۽ 'همزو' (ء) زائد آهي. 'آهيان'، 'آهئا'، 'آهيان'، 'هُان'، انهن لفظن جون لکڻيون جدا مگر معني ساڳي آهي، تنهنڪري ضرورت سارو سواءِ 'هان' ۽ "هِن" جي باقي ٽنهي شڪلين ۾ اهي لفظ استعمال ڪندو آهيان. انهن لکڻين ۾، عروض موجب تقطيع (وند ورڇ) ۾ آساني ٿئي ٿي"[28].

---

[28] مخدوم محمد زمان طالب المولي "ديوان طالب المولي". 1982ع ص ص 16 ۽ 17.

اڳتي فرمائين ٿا تہ:

’آئون لفظ ’لَئہ‘ يا لَئي‘ بدران ’لَءِ‘ ڪري لکندو آهيان ۽ اُن کي درست سمجهان ٿو ڇو تہ ٻيءَ طرح جي لکٽي تقطيع ۾ غلط ٿيندي: مثال طور:

ملاقات لَئي محب مشتاق جو
سڪي ساهہ وارو ادا ڪج عرض
(فاضل)

”نہ آهي ڀروسو ڪايہ نہ مايہ تي نہ سايا تي
انهيءَ تصديق لئہ غافل وڃي گورو ڪفن کان ڇڄ“[29]
(انجم)

مٿي ڏنل وضاحت، مثالن ۾ هيٺ ڏنل راءِ مان بلڪل واضح ٿئي ٿو تہ مخدوم صاحب جن مخفف روپن جي مفهوم ۾ ڪارج کان 1982ع ۾ چڱيءَ طرح واقف هئا. فرمائين ٿا:

”ڪڏهين ۽ ’جڏهين‘ جو مخفف (گهٽايل) ’ڪڏهن‘ ۽ ’جڏهن‘ آهي، ڪي تہ ’ڪڏ‘ ۽ ’جڏ‘ بہ لکندا آهن، جي غلط سمجهان ٿو“[30].

اڳتي لکن ٿا تہ:

”لفظ ’آهن‘ کي ’هن‘ ۽ آهيان‘ کي ’هان‘ بہ ڪري، ڪٿي چون ۽ لکن ٿا. اهي لفظ سنڌ جي اُترئين حصي جا آهن، جهڙيءَ طرح عربي ۽ فارسي الفاظن جا مخفف آهن تهڙيءَ طرح ڪيترن ئي سنڌي لفظن جا مخفف موجود آهن،

ڪجهہ مثال هي آهن:

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| هِنن | هِن | ندين | ندن | اکين | اِکِن | | |
| تنن | تن | آهِن | هِن | سَمين | سَمِن | | |

[29] ايضاً
[30] ايضاً ص 17

وَهين وَهِن ستين سَتِن جنن جِن
شڪين شڪِن آهيان آهيان وسين وَسِن
آهِن هِن گهتين گهتن هُئايا هُياها
متين مِتَن هُئويا هُيوهو ڏنگين ڏنگِن
سومار سومر چڏين چڏِن صدين صَدِن
مجين مجن ادين اِدن چڪين چڪن
ونين وَنِن يارَ يَر"[1]

طالب الموليٰ سائينءَ جن لکن ٿا:

"مٿيان لفظ شاعريءَ ۾ بغور پڙهڻ سان، آسانيءَ سان سمجهڻ ۾ اچن ٿا. لفظ 'وَهڻ'، 'رهڻ' بہ آهن، جيئن 'اوهان'، 'توهان' ۽ 'ڳرهاتي'، پر انهن کي رديف نٿو بنائي سگهجي"[2]. طالب الموليٰ سائينءَ جن جي انهيءَ راءِ کي، شعر جا هيٺيان مثال وڏيڪ وزندار بنائين ٿا. انهن شعرن ۾ لفظن جي مخفف روپن جا مثال ملن ٿا:

| پڙهڻ ۾ | لکڻ ۾ |
| --- | --- |
| وري آداب محفل کا ٿيا او روشناساهِن | وري آدابِ محفل کان ٿيا او روشناس آهن |
| نشيمن کا بي پروا هٿا آوارا هرجائي[3] | نشيمن کان جي بي پرواهہ هٿا آواره هرجائي |

لفظن جي مخفف روپن جا مثال شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ بہ بيشمار ملن ٿا، مثال طور:

دوس مٿا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

هن مصرع ۾ 'دوس' لفظ 'دوست' جي مخفف صورت آهي ۽ 'ت' حذف ڪيو ويو آهي. ٻيو بيت آهي:

ٻاروچاڻا ٻار توڙان ترس نہ سڪيا.

---

[1] مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ: ديوان طالب الموليٰ، 1982ع ص ص 16 ۽ 17.

[2] ايضا ص 18.

[3] مرزا سڪندر علي: "سنڌي ۾ جو عروض". انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1984ع ص ص 67 ۽ 68

هن مصرع ۾ 'توڙان' لفظ 'توڙ ڪان' لفظن جو مخفف روپ آهي.
اهڙيءَ طرح "ڪڳمار" لفظ "ڪڙڳ مار" جو مخفف آهي.
مرزا قليچ بيگ جي ڪلام ۾ مخففات جا ڪيترائي مثال ملن ٿا.
مثلاً:

پنهنجي ڪوچي ۾ ڏسي رات رقيبن مُنکي،
پڻ خبردار ڪيو ڪنهن ڪيو دلدار ڪيو[1]

هن شعر ۾ 'مُنکي' لفظ 'مون کي' جو مخفف روپ آهي.
مير عبدالحسين خان سانگيءَ به شاعريءَ ۾ وزن جي پورائيءَ
لاءِ ڪن ڪن لفظن جا مخفف روپ ڪم آندا آهن. مثال طور:

نڪا پوک پوکن، نڪو هر هَلي،
تڏهن يي سڪيا آهن مارو مٺا[2]

هن شعر ۾ 'پوکن' لفظ 'پوکين' جو مخفف روپ آهي.
سانگيءَ جي ڪلام ۾ ٻيا مثال هي آهن:

سدا منهنجا منجهه ملير.
پپن ۽ گولاڙن مان "ماڻن" مزا،
پنهوارن جي آهي پُسيءَ سان پريت.
سگر سيڪي "ڪاڻن" سانگي سا سدا[3]

مٿين ٻن شعرن ۾ 'ماڻن' ۽ 'ڪاڻن' لفظ 'ماڻين' ۽ 'ڪاڻين' جا مخفَف آهن.
هن قسم واريون خصوصيتون محترم شيخ اياز جي ڪلام ۾ به نظر
اچن ٿيون. شيخ صاحب جي ڪلام مان ڪي مثال ڏجن ٿا:

ڊوڙي ڊوڙي ٿڪجي،
ورڻ جي هيٺيان بيٺا سوچن.[4]

---

[1] عبدالجبار جوڻيجو ڊاڪٽر: سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر. جام شورو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجا. 1980ع ص 245

[2] ايضاً

[3] ايضاً

[4] عبدالجبار جوڻيجو ڊاڪٽر: ص 245

هن شعر ۾ 'سوچن' لفظ 'سوچين' لفظ جو مخفّف آهي. شيخ صاحب جي هڪ ٻي مصرع بہ ملاحظہ فرمايو:

اڙي چنڊ، اڙي چنڊ، پرين تو نہ ڏٺو آ[1]

لفظن جي مخففات جا اهڙا ڪئين مثال محترم شمشير الحيدري، تنوير عباسي ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام ۾ بہ ملن ٿا. نوجوان شاعر اياز گل جي ڪلام مان ڪي مثال ملاحظہ فرمايو:

سوچون ساريون هارايل سردار جيان،
خواب پيا ها پيرن ۾ تلوار جيان،
چپ اوهان جا پنهنجا، لفظ پراوا هِن،
يارو! آهيو ڊرامي جي ڪردارن جيان.

هن شعر ۾ 'ها' 'هِن' لفظ مخفّف روپن جا مثال آهن. اياز گل جو هڪ ٻيو شعر مثال طور ڏجي ٿو:

نفرت جنهن جي ٻولي آهي،
منهنجي هٿ ۾ گل سندس لَئہ،
هن جي گَن ۾ گولي آهي[2]

هن شعر ۾ 'لَئہ' لفظ مخفف صورت آهي.

شاعريءَ وانگر نثر ۾ بہ روزمره واري ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ مخفّف ملن ٿا. مثال طور مخدوم صاحب، ديوان طالب المولىٰ جي مهاڳ ۾ لکن ٿا:

"ماڻهن جي تمنائن، تقاضائن ۽ ڪاڏ پيت سندن وڙهڻ جا سبب پيداڪيا" [3]

---

[1] غلام علي الانا ۽ زيب شيخ: ادبي اوسر. حيدرآباد. زيب ادبي مرڪز 1967ع. ص 5

[2] عبرت مخزن، 15_ آڪٽوبر 1990ع ص 21

[3] ديوان طالب المولىٰ، ص 1.

سنڌيءَ وارا قانون. مثلي لفظن کي مخفف ڪرڻ يا سُسائڻ جا جيڪي مثال شاعريءَ مان ڏنا ويا آهن. انهن جي مخفف ٿيڻ يا سُسائڻ واري مطالعي لاءِ سنڌيءَ جا قانون مدد ڪن ٿا. هن ڏس ۾ 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ڪتاب[1] ۾ سنڌيءَ جي اصولن جي باري ۾ تفصيل سان بحث ڪيو ويو آهي. البت اهو قبول ڪرڻ ۾ ڪوبه عار ڪونه ٿو سمجهان ته ان وقت منهنجي ذهن ۾ لفظن جي مخفف صورتن جو تصور به ڪونه هو. هيٺ مثال ڏيئي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم ته ڪنهن به لفظ ۾ ڪنهن آواز جي گهٽجڻ، سُسجڻ، گم ٿيڻ يعني ڪنهن لفظ جي مخفف ٿيڻ ۾ "سنڌيءَ وارا اصول ۽ قانون" اثر انداز ٿيندا آهن.

سنڌيءَ جي لغوي معنيٰ آهي 'جوڙ'، 'ڳنڍ' يا ميلاپ'. انگريزيءَ ۾ اُن عمل کي assimilation چئبو آهي. جڏهن ڪنهن به مرتب يا مرڪب لفظ، فقري يا جملي ۾ مثال طور مرتب لفظ جي حالت ۾ بنيادي لفظ سان هڪ يا هڪ کان وڌيڪ 'پروس' صرفيه يا صورتون بنيادي لفظ جي اڳيان يا پٺيان اهڙي نموني ملن يا ڳنڍجن جو پهرئين لفظ يا صرفيه جو پويون آواز ۽ پوئين لفظ يا صرفيه جو پهريون آواز هڪ ٻئي تي اثر ڪري، هڪ نئين آواز يا صوتيه ۾ مٽجن يا تبديل ٿين، ته اهڙي تبديليءَ کي لسانيات ۾ "سنڌيءَ جي اثر کان تبديلي" شمار ڪيو ويندو آهي. هن وصف جي مطالعي کان پوءِ جيڪي نتيجا حاصل ٿيا آهن اُهي هي آهن:

(الف) لفظن يا صرفين جي ميلاپ يا جوڙ وارا مرڪب آواز يا آوازن جا ميل، پاڻ ۾ سمائجي يا هڪ ٻئي تي اثر ڪري، هڪ نئين آواز ۾ تبديل ٿيندا آهن: مثال طور:

اُت > چارڻ = اُچ + چارڻ > اچارڻ

ايڪا + دش > ايڪا + رهه > اي + آ + ره > يا ره

---

[1] غلام علي الانا، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس"، چوٿون ڇاپو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1987ع ص ص 101-120

(ii) تاريخي سنڌيءَ جو هڪ ٻيو قسم اهو آهي جنهن ۾ ٻوليءَ جي ارتقا دوران ڪنهن لفظ ۾ آواز گم يا حذف ٿي ويندا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي موجوده صورت ۾ اهڙا ڪيترائي لفظ موجود آهن، جن مان تاريخ جي گذرڻ سان گڏوگڏ ڪي آواز يا صوتيه آهستي آهستي گم ٿي ويا، يا حذف ٿي ويا يا مخفف ٿي ويا، مثال طور:

| | |
|---|---|
| گرام > گام > ڳاؤن | سنيهه > نيهه > نينهن |
| پراتا > پرا > پا | سروي > سوي > سپي> سپ |
| ارڌ > اڌ | چرم > چم |
| ارگهه > اگهه | ماتر > مات > ماءُ |
| ارڪ > اڪ | ڪريندي > ڪندي |
| رسمي > رسي | |
| شادباش > شاباش >شاباس | |
| خوددار > خودار | |
| شاهه گرد > شاگرد | |
| بادشاهه > باشا >پاشا[1] | |

سنڌي ٻوليءَ جي ڪلاسيڪي توڙي جديد شاعريءَ ۾ 'ڪرن' 'ڪريندي'، لفظ جي استعمال جا مثال ملن ٿا. مثال طور اسحاق آهنگر جو هي سورٺو ڏسو:

ٿيان مان جهرڪ، ويهان پرينءَ جي ڇڄ تي،
مانَ ڪَرَنِ ڊُرڪ، ٻولي ٻاجهاريءَ سين.

شاهه ڪريم جو دوهو بہ هڪ سٺو مثال آهي:

چند چور ڪريندي، رتو منهن ڪُهاڙ
سجڻ ڏجڻ نہ ٿئي، رُسي جي سوُوار[2]

[1] غلام علي الانا، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس"، ڄام شورو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 1987ع ص ص 101_120

[2] غلام علي الانا، ڊاڪٽر: "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس"، ص ص 101_120

ڪن ٿا. هن قسم واريءَ سنڌيءَ جي حالت ۾ لفظ ۾ ميل يا جوڙ وارا ڪي ٻه ٻه مخفف آواز يا گڏيل آواز پاڻ ۾ سمائجي يا هڪ ٻئي تي اثر ڪري، هڪ نئين آواز ۾ بدلبا آهن. تبديل ٿيل نئون آواز ميل وارن آوازن کان بلڪل الڳ ۽ نون گروهن وارن آوازن مان هڪ هوندو آهي؛

مثال طور:۔

| تبديل | نئون لفظ | اصلوڪو لفظ |
|---|---|---|
| 'گ' ۽ 'ر' پاڻ ۾ سمائجي ۽ بدلجي نئين آواز 'ڳ' جو روپ ورتو آهي. | اڳ | اگر |
| 'گ' + 'ي' هڪ ٻئي ۾ سمائجي 'ڳ' جي صورت ورتي. | ڀاڳ | ڀاگيہ |
| 'ت' + 'ي' هڪ ٻئي ۾ سمائجي 'چ' ۾ تبديل ٿيا آهن. | سچ | ستيہ |
| 'ت' + 'ي' هڪ ٻئي تي اثر ڪري 'چ' ۾ تبديل ٿيا آهن. | هَچا | هتيا |
| 'د' + 'ي' هڪ ٻئي تي اثر ڪري 'ج' ۾ تبديل ٿيا آهن. | ويج | ويديہ |
| 'س' + 'ت' هڪ ٻئي تي اثر ڪري 'ٿ' ۾ بدليا آهن. | هٿ | هست |

(iv)

لفظ جي انفرادي طور استعمال کانسواءِ اُن جو نحوي سٽاءَ ۾ استعمال ٻه مخفف روپ جي مطالعي ۾ مدد ڪري ٿو ڇاڪاڻ ته 'سنڌيءَ جا قانون' نه فقط انفرادي لفظن جي حالت ۾ اثرانداز آهن، پر جملن ڪم آندل لفظن جي روپن تي به اهي قانون پنهنجو اثر ڏيکارين ٿا ۽ لفظن کي مخفف بنائين ٿا، مثال طور:

| | فرق |
|---|---|
| نہ + آهي > ناهي | 'آ' ئر جي اثر کان، سندس اڳيان آيل 'آ' سر حذف ٿي ويو. |
| نہ + آهن > ناهن | ايضاً |

| | |
|---|---|
| چا + آهن > چاهِن | هن مثال ۾ 'آهن' لفظ جو 'آ' حذف ڪيو ويو آهي. |
| ڪاڻ + آهي > ڪاڻهي | هن مثال ۾ 'ڻ' وارو 'آ' ۽ 'آ' حذف ڪيا ويا. |
| ڪونه + آهي > ڪونهي<br>ڪونه + آهن > ڪونَهن<br><br>ڪين + آهن > ڪينَهن | قابل توجهه نقطو هي آهي ته هن جملي ۾ ڪونه لفظ ۾ 'ن' آوازاوسرگ هوجو 'ڪونهي' لفظ ۾ بدلجي وسرگ 'نهه' ٿيو آهي.<br>اهڙيءَ طرح 'ڪونَهن' ۽ 'ڪينهن' 'نهه' وسرگ آواز آهي. |

ٻيا مثال هي آهن:

| |
|---|
| چا + آهي > چاهي؟ |
| چا + نه > آهي > چاناهي |
| ڏنو اٿن > ڏنو ٿن > ڏِنن |
| ڏنو اٿن > ڏنو ٿن > ڏِنن |
| چيو اٿن > چيو ٿن > چِين |
| ويندو اٿن > ويندو ٿن >وِيندِن |
| ڪاڙو اٿن > ڪاڙو ٿن >ڪاڙِن |
| ويا اٿن > ويا ٿن > ويان |
| درويش آهن > درويش هِن> درويشن |
| ويو + س > وِيُس |
| ٿيو + س > ٿِيس |
| لکيو + م > لِکيَم |

(v) سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽاء موجب فاعل – فعل واري ترتيب ۾ جملي ۾ ڪم ايندڙ لفظن اندر ترميم واري خصوصيت (Modification) جو سنڌيءَ جي قانون موجب اڀياس ڪرڻ گهرجي. ٻين لفظ ۾ هيئن چئبو ته جملن ۾ ڪم ايندڙ لفظن ۾ مخفف روپ سنڌيءَ وارن اصولن سان واسطو رکن ٿا. مثال طور ترميم واري اصول موجب، ڪنهن به گفتار ۾ فاعل ۽ حرف جر ۾

ميلاپ واري حالت ۾ صوتي تبديل واقع ٿيندي آهي پر جيڪڏهن فاعل ۽ فعل الڳ الڳ يا ڌار ڌار ڪري ۽ جهلي جهلي ڳالهائبا تہ پوءِ اُنهن لفظن ۾ ڪنهن بہ صوتي تبديليءَ جو امڪان ڪونہ ٿيندو پر ڪنهن عام گفتار ۾ لفظن جو الڳ الڳ ڳالهائجڻ رواجي طور يعني عام (Normal) حالت ۾ ممڪن ڪونهي هن سلسلي ۾ هيٺيان مثال مدد ڪن ٿا.

| لفظن جو الڳ الڳ استعمال | عام رواجي گفتار ۾ استعمال |
|---|---|
| مون وٽ پين ڪانہ آهي | مون ٽ پين ڪانهي / پين ڪانهيم |
| پين ڪانہ اٿم | پين ڪانہ ٿم /پين ڪانٿم |
| هُو ڇا آهي؟ | هو ڇاهي؟ /ڇاهي؟ |
| هُو ڪراچي ويا آهن | هُو ڪراچي يا هن /ڪراچي ياهِن |
| هُو اسان جي مدد ڪندا آهن. | هُوسانجي مدد ڪندا هن /سان جي مدد ڪنداهِن |
| هنن اسان جي مدد ڪئي آهي. | اسان جي مدد ڪئي اي >مدد ڪئين. |
| هُو مدد ڪندو آٿن | مدد ڪندو ئن / مدد ڪندن >ڪنڏن |
| هُو ڪتاب ڏيندو اٿن | ڪتاب ڏوٿن /ڪتاب ڏيندن >ڏيندن. |
| هن کي چيو اٿن | چيوٿن / هن کي چئن / چئن |
| هُو رلندو وتي | هُو رلندوتي / رلندوتي |
| مان انب کان ٿو. | مان ب کان ٿو. |
| الله تو آهار | الاتوهار / الاٿوار |

(vi) اهڙيءَ طرح ضميري پڇاڙين يعني متصل ضميرن جا هن لغات ۾ بيشمار مثال ڏنا ويا آهن جن جو اڀياس بہ سنڌيءَ جي اصولن جي ڪارج جي روشنيءَ ۾ ڪرڻ گهرجي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ضمير متصل، مخففات واري موضوع جي خصوصيتن جي مطالعي ۾ مدد ڪن ٿا. هن لغات ۾ هيٺيان لفظ ضمير متصل واري موضوع سان واسطو رکن ٿا ۽ انهن جي ڇنڊڇاڻ بہ اهڙن اصولن ۽ قانون جي مدد سان ڪئي ويندي تہ علم لغات سان دلچسپي رکندڙ ۽ وياڪرڻ جا شاگرد، اهڙن لفظن جي صحيح طريقي سان ڇنڊ ڇاڻ ڪري سگهندا. هن لغات مان ڪي لفظ چونڊي ڇنڊڇاڻ لاءِ پيش ڪجن ٿا:

هنن مثالن ۾ زمان ماضيءَ جي صيغي ۾ ضمير غائب جي صورت ۾ ضميري نشانيون حذف ڪيون ويندڀون آهن ۽ 'لکيوس' / 'لکيون' جي استعمال سان جملي جي معنيٰ ۽ ضمير متصل جي ڪارج ۾ فرق اچي ويندو مثال طور:

لکيوس جي معنيٰ هُن، هُن کي لکيو

لکيونِ جي معنيٰ هُنن، هُنن کي لکيو

البت 'هُن لکيو' جي مخفّف صورت 'لکيائين' آهي ۽ 'هُنن لکيو' جي مخفّف صورت 'لکيائون' ڪم ايندي آهي.

اهڙيءَ طرح 'لک' ڌاتوءَ جو زمان مستقبل ۾ گردان مثال طور هيٺ ڏجي ٿو:

| فعل جو ڌاتو | زمان جي علامت | ضميري پڇاڙيون | فعل جو گردان |
|---|---|---|---|
| لِک | آند+او/اي<br>(مستقبل) | متڪلم: م/س | لکندوم لکندوس ><br>آءٌ لکندس<br>لکنديس/ لکندم |
| | | سين/ سون | لکنداسين >اسين<br>لکنداسين<br>لکنداسون |
| - | حاضر: ءِ/ اين | | لکندين> تون<br>لکندين |
| - | حاضر: وَ/ آ | | لکندائو/<br>لکندا >توهين لکندا |
| = | غائب: س / ن | | لکندو >لکندا > هو<br>لکندو هُو لکندا |

زمان مستقبل ۾ فعل سان ضمير متصل جي ملائڻ وارو قانون ڏاڍو دلچسپ آهي، 'لکندوم' ۽ 'لکندُم' جي معنيٰ ۾ وڏو فرق آهي. 'لکندم' ۽ 'لکندس' ۾ 'م' ۽ 'س' جو ڪارج ساڳيو ئي آهي. اهڙيءَ طرح 'لکندوءِ' ۽ 'لکندءِ' جي اُها ساڳئي معنيٰ ڪانهي جيڪا 'لکندين' ۽ 'لکندا' جي آهي. اهڙيءَ طرح ضمير غائب جا گردان به وياڪرڻين جو ڌيان ڇڪائين ٿا.

(ب) متصل ضميرن جو ٻيو ڪارج متعدي، 'متعدي بالواسطہ' ۽ ٻٽن

بالواسطہ فعلن جي باري ۾ آهي. هيٺ ڏنل مثالن جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ ضمير متصل متعدي، متعدي بالواسطہ ۽ متعدي ٻئا بالواسطہ فعل ٺاهڻ ۾ مدد ڪن ٿا. مثال طور:

| فعل جو ڌاتو | متعدي فعل | متعدي بالواسطہ | ٻئا بالواسطہ |
|---|---|---|---|
| سڙ- | ساڙ | ساڙا-ءِ | ساڙارا-ءِ |
| مر- | مار | مارا-ءِ | مارا را-ءِ |
| | لِک | لکا-ءِ | لکارا-ءِ |
| | چَوْ | چوا-ءِ | چورا-ءِ |

اهڙيءَ طرح 'چَيُمِ'، 'چوائُمِ'، 'چوارائُمِ'، 'چوايومانس'، 'چوارايومانس'، 'ڏيکاريم'، 'ڏيکاريومانس'، 'ڏيکارايومانس' ۽ اهڙا ٻيا مثال ڏاڍا دلچسپ آهن. جيڪي هن لغات جي حوالي سان وضاحت طلب آهن.

سنڌي وياڪرڻ جي مطالعي وارن موضوعن مان حالتن جا گردان دلچسپ آهن. 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' ڪتاب ۾ حالت اپادان، حالت مڪاني ۽ حالت اوزاريءَ جا مثال ڏيندي اهو بيان ڪيو ويو آهي تہ سنڌيءَ ۾ 'ِمِ'، 'ڪان'، 'مان'، 'ڪئون' ۽ 'مٿون' حرف جر آهن. انهن حرف جرن جو ڪنهن اسم جي پويان اچڻ سان، اُن لفظ جو نہ فقط اُچار بدلبو آهي، پر اُهي حرف جر، اُنهن اسمن يا اسم سان "مدغم" ٿي گم ٿي وڃن ٿا. اهڙن مخفف لفظن جي اڀياس ڪرڻ سان انهن لفظن ۽ حرفُ جرن جو اصلوڪو روپ بہ سُڃاڻڻ ۾ ڪونہ ايندو آهي، مثال طور:

| اسم | حرف جر | حالتن جي ڦيري کان پوءِ ورتل روپ |
|---|---|---|
| گهَرُ | ڪان | گهَرَ ڪان > گهران > گهرا |
| گهَرُ | مان | گهَرَ مان > گهران > گهرا |
| گهَرُ | ڪئون | گهَر ڪئون > گهَرَئون > گهرؤن |
| گهَرُ | مٿون | گهَرَ مٿون > گهَرَئون > گهرؤن |

انهن مثالن ۾ 'گهرا' ۽ 'گهرؤن' مخفّف صورتون آهن. البت 'گهرئون' ۽ 'گهرون' اُترادي لهجي ۾ رائج آهن. 'گهرا' ۽ اهڙا ٻيا مثال

(ث) جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي تہ سنڌي لسانيات جي مطالعي جي ميدان ۾ هي هڪ اهم موضوع آهي، جنهن تي هن وقت تائين ڪنهن بہ عالم قدم نہ کنيو آهي. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ جي تحقيق بہ ڪافي مدد ڪري ٿي. ڊاڪٽر گدواڻيءَ سُسيل روپ جي ڳالهہ ڪئي آهي. هو لکي ٿو:

"سوڍين جي نالن جو اڀياس ڪرڻ سان گهڻين ئي نئين ڳالهين جي ڄاڻ ملي اٿم. پهرين ۽ سڀ کان اهم ڳالهہ تہ جيئن اسان هندن جي مؤنث نالن 'ٻائي' (راڌاٻائي)، 'ديوي' (هري ديوي) ۽ ڪماري (وجيہ ڪماري)، نالي جي پڇاڙيءَ ۾ گڏبو آهي، تيئن سوڍين جي نالن ۾ وري 'ٻا' ۽ 'ڪؤر' جوڙين. 'ٻا' ٿي سگهي ٿو تہ ٻائيءَ جو 'سسيل روپ' (Abbreviated) هجي، پر ڪؤر تہ بلڪل سک ڌرم جي پوئلڳ جي مؤنث نالي پٺيان ايندڙ 'ڪؤر' آهي. اُچار ۾ ڪو بہ فرق ڪونهي. لفظ 'ڪؤر'، 'ڪنور' مان نڪتو آهي"[2].

گدواڻي صاحب اڳتي لکي ٿو:

"راجپوت ڀاڻ ڪي راجائي خاندان سان ڳنڍين ٿا ۽ ان ڪري هر ڪو ڀاڻ ڪي راجڪمار سمجهندو آهي ۽ نالي سان گڏ 'ڪنور' لکندو آهي. راجڪمارين 'ڪنور' نالي سان ڳنڍڻ شروع ڪيو ۽ وقت جي دوران ۾ اُن مان نڪائون آواز گم ٿي ويو ۽ پوءِ اهو 'ڪؤر' ٿي پيو"[3]

هيءَ لغات گهڻ-ڪارج واري لغات آهي. هن ۾ اڪيچار خصوصيتون آهن جن جو اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. هن لغات جي مدد سان لفظن جا ڌاتو اُچار اشتقاق، ٻوليءَ ۾ لفظن جي معني، سمجهاڻي ۽ وياڪرڻي ڪارج معلوم ڪري سگهجن ٿا. هن لغات جي مطالعي سان لساني، وياڪرڻي، تهذيبي، تمدني ۽ ثقافتي ڳالهيون، نُڪتا ۽ حقيقتون سامهون اچن ٿيون، جن جي چندچاڻ ڪي بنياد بنائي ڪئين ڪتاب لکي سگهجن ٿا.

حقيقت ۾ "لغات سنڌي مخفّفات" جو مطالعو سنڌي ٻوليءَ جي صوتيات، صرف و نحو سنڌيءَ ٻوليءَ جي تاريخي ارتقا ۽ سنڌي لسانيات جو مطالعو آهي.

---

[2] پرسو گدواڻي ڊاڪٽر: "سنڌي ٻوليءَ جي زيارت"، گانڌي نگر، گجرات سنڌي اڪادمي 1989ع ص ص 39 ۽ 40

[3] ايضاً

هي هڪ اهڙو موضوع آهي جنهن تي وڌيڪ تحقيق لاءِ بنياد رکيو ويو آهي.

عزت مآب مخدوم محمّد زَمان طالب المولىٰ سائين کي هن لغات لکڻ لاءِ آئون سلام ڪريان ٿو. مون وٽ اهڙا لفظ ئي نہ آهن جيڪي سندن محنت، قابليت، ذهانت ۽ علميت جي مجتا لاءِ ڪم آڻيان. ڪين لکين لکين مبارڪون هجن. محترم احمد خان آصف مصراڻيءَ جي محنت بہ قابل داد آهي. هن طالب المولىٰ سائينءَ جي گڏ ڪيل لفظن کي چُنڊڪين ۽ چوبڙين تان اُتاري، اُنهن کي موجوده صورت ڏني آهي. منهنجي دعا آهي تہ هن خدمت ۽ محنت جي عيوض ربّ پاڪ مرحوم مصراڻي کي جنت ۾ جاءِ ڏئي ۽ سندس آل اولاد کي سکي ۽ آباد رکي.

سنڌ جو هر فرد هن لغات تي فخر ڪري سگهي ٿو.

---

(مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي جوڙيل لغت "لغات سنڌي مخففات" ڇاپو پهريون 1991ع تان ورتل)

## "سائل ڪوش" (هڪ جلدي لغت) جو مهاڳ (پرستاونا)

1- ڀارت جي ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ هن وقت تائين سنڌي-سنڌي لغت ڪنهن به تيار ڪري ڪا نه ڇپائي هئي.

2- ڀارت جي سنڌي شاگردن، اڌياپڪن، ودوانن، ساهتيڪارن ۽ سنڌي شائقن کي اهڙيءَ لغت جي سخت ضرورت پئي رهي هئي.

3- سنڌ پاڪستان ۾ سنڌي-سنڌي لغت ڇپجي ظاهر ٿي ته سهين پر اها اسان جي پهچ کان پري هئي. ان کي هٿ ڪرڻ لاءِ ڪئين ڪٺنايون آڏو پئي آيون. هڪ ته ان جا پنج ڀاڱا آهن. اها لغت وٺڻ معنيٰ پنج ئي ڀاڱا خريد ڪرڻ. انهن پنجن ڀاڱن جو وزن به اٽڪل ڏهه اڍائي ڪلو ٿيندو. ڪو به پاڪستان کان ايندڙ ماڻهو پاڻ سان ايڏو وزن کڻي اچڻ پسند نه ڪندو. انهن سڀني ڀاڱن جي قيمت به اٽڪل اٺ سؤ رپيا آهي، هر ڪو ماڻهو هڪ ئي وقت هڪ ڪتاب لاءِ ايڏي ساري رقم ڪڍي ڏيڻ جي حيثيت نه به رکندو هجي. هڪ ئي وقت سڀئي ڀاڱا، ڪيڏانهن کڻي وڃڻ ڪنهن جي سهوليت وٽان نه به هجي. وڏي ڳالهه ته ڀارت ۾ آئي کان پوءِ ڪيترائي هنديءَ انگريزي لفظ سنڌي ٻوليءَ سان ملي ويا آهن، جي پاڪستاني لغت ۾ ملندا ئي ڪو نه.

حالتون به اهڙيون سٽايون ڪو نه هيون جو اهي سڀئي ڀاڱا هتي گهرائي سگهجن. ڀارت ۾ خاص طور اهڙيءَ لغت جي ضرورت هئي، جنهن ۾ سنڌيءَ ۾ شامل ٿيل هنديءَ ۽ انگريزي لفظن جو سماويش هجي. انهن ڳالهين ڪري سائل ڪوش جي ڇپائڻ جي ضرورت محسوس ٿي.

### مون پاڻ کي 'سائل ڪوش' تيار ڪرڻ جي لائق ڪيئن سمجهيو؟

"سائل ڪوش" تيار ڪرڻ لاءِ سنڌيءَ، انگريزيءَ، پارسيءَ، عربي ۽ هنديءَ ٻوليءَ جي چڱي چوکي ڄاڻ هئڻ کپي. مون بي. اي ۾ سنڌي ۽ پارسي کنئي هئي ۽ انهن ۾ چڱيون مارڪون کنيون هيم. ان کانسواءِ مون 1937کان

مئترڪ جي سنڌي ۽ پارسي ڪتابن تي گائيڊون لکڻ شروع ڪيون، جو ڪم 1990ع تائين ڪندو رهيس. ان ڪري مان ڪافي سنڌي ۽ پارسي لفظن ۽ اصطلاحن جي لهه وچڙ ۾ آيس.

ڀارت جي ورهاڱي کان پوءِ مون سينٽ زيويئرس ڪاليج، احمد آباد ۾ پروفيسريءَ جو پد پاتو. اُتي مان سنڌي ۽ پارسي سيکاريندو هوس. اُتي 1956ع ۾ مون هڪ وڏو پارسي-سنڌي وياڪرڻ ڇپائي پڌرو ڪيو جنهنڪري مون کي پارسي لفظن جي ڪافي ڄاڻ ملي. 1960ع ۾ مون اردوءَ ۽ پارسيءَ ۾ گجرات يونيورسٽيءَ مان ايم. اي ڪئي ۽ هائر سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ٿيس. احمد آباد ۾ رهي مون هنديءَ ۽ گجراتيءَ جو اڀياس ڪرڻ شروع ڪيو. هتي رهي مون سنڌي اصطلاح گڏ ڪري ٻن ڀاڱن ۾ ڇپايا. ٿوري وقت کان پوءِ مون سنڌي ڀاڪن جا ٻه ڀاڱا ڇپائي پڌرا ڪيا. ائين ڪندي مان نه رڳو سنڌي اصطلاحن ۽ ڀاڪن کان پوريءَ طرح واقف ٿيس، پر انهن کي الف بي وار ڏاهي رکڻ جو آزمودو به پرايم. هر هڪ ڊڪشنريءَ ۾ اهو به ڄاڻائڻو پوندو آهي ته هر هڪ لفظ گرامر موجب ڪهڙو ڳالهائڻ جو لفظ آهي. ان لاءِ سنڌي گرامر جي به پوري ڄاڻ هئڻ کپندي هئي. ائن ڏهن سالن جي اندر مون سنڌيءَ ۾ چار جدا جدا سنڌي گرامر ڇپائي پڌرا ڪيا. انهن گرامرن تيار ڪندي مون کي ڪيترن هندي ۽ گجراتي گرامرن جو به اڀياس ڪرڻو پيو. ائين ڪندي مون کي گرامر تي پوري پڪڙ حاصل ٿي.

سنڌي ڪوش ۾ اهڙا به ڪيترا لفظ ۽ اصطلاح اچن ٿا، جيڪي ڳوٺاڻي جيون، ان جي ڳوٺاڻي ٻوليءَ، ريت رواج، نباتات، فصلن، پاڻيءَ، چرخن، نهرين، نارن، کيتن، باغن، واڙين ۽ قدرتي نظارن سان واسطو رکن ٿا. ڳوٺن جي انهن سيني سنڌي لفظن ۽ اصطلاحن جي مون کي ڪافي ڄاڻ هئي، ڇو ته مان 24 سال پنهنجي ننڍي ڳوٺ مهر ننڊيا (لاڙڪاڻي) ۾ گذاريا هئا.

سنڌي ڪوش جي اندر ستئين ۾ پسار ڪين شين جا نالا به ڏسجن ٿا.

منهنجو پيءُ هڪ هاڪارو حڪيم هو ان جو مڌاهوءَ (لاڙڪاڻي) ۾ حڪمت جو عاليشان دڪان هو. مان اُتي سنڌي اسڪول ۾ پڙهندو هوس. اُتي

مون کي ڪئين ڀيرا مريضن جي لاءِ دوائن جا پڙيڪا ناھڻا پوندا ھئا. اھڙيءَ طرح مون کي ڪوڙين پسارڪي شين جي ڄاڻ ملي. نہ رڳو ايترو پر ڪيترن مرضن جي نالن ۽ طبابت جي دڪان سان واسطو رکندڙ ٻين چيزن جي بہ ڄاڻ مليم. لغت ۾ آيل انيڪ پسارڪي چيزن مان گھڻيون تہ مون پنھنجين اکين سان ڏٺيون ھيون ۽ ھٿن ۾ کڻي بہ ڏٺيون ھيون. ان ڪري اُنھن کي سمجھائي لکڻ ۾ مون کي بلڪل دقت ڪا نہ ٿي.

مان اٽڪل سٺ سال شھر ۾ جيون ڪاٽي ھئي، جنھنڪري شھر جي جيون، اُن جي ٻوليءَ، ان جي تھذيب ۽ اُتان جي عجيب ۽ غريب چيزن جي نالن کان پوريءَ پر واقف ٿيو ھوس.

مطلب تہ جڏھن ڪوش تيار ڪرڻ لاءِ گھربل ڳالھيون مون پاڻ ۾ ڏٺيون ۽ پاڻ کي ھر طرح لغت تيار ڪرڻ جي لائق سمجھيم، تڏھن ان ۾ ھٿ ڳنڍيم ۽ سڄا سارا ٽي سال ڏيل کي ڏاکڙا ڏيئي ۽ نور نچوئي ھي ڪٺن ڪم سماپت [مڪمل] ڪيم.

مون شري پرمانند ميوارام جي سنڌي- انگريزي ۽ انگريزي – سنڌي لغت جي پوريءَ طرح پيروي ڪئي آھي، ان لاءِ تہ مٿان ڪو ڪارائتو لفظ رھجي وڃي. فرق رڳو اُتي ٿو ڏسجي جتي ڪو نئون سنڌي پارسي، عربي، ھندي يا انگريزي لفظ وڌو اٿم.

ھتي مان ھڪ ڳالھہ وساري نٿو سگھان. ھن ڪم ۾ ڊاڪٽر جيٺي لعلوائيءَ مون کي وقتائتي مدد ڪئي، نہ تہ منھنجو 'سائل ڪوش' تي ڪيل پورھيو پنن ۾ ئي پوشيدہ رھي ھا.

مان ٿورائتو آھيان اديب شري جڳديش شھدادپوريءَ جو جنھن 'سائل ڪوش' ۾ ڪتب اچڻ جھڙا کي ڪارائتا ڪتاب ھٿ ڪري ڏنا.

## 'سائل ڪوش' جي ڄاڻ

ھن لغت ۾ لفظ جدا جدا اکرن ھيٺ الف بي وار ڏنا ويا آھن.

سنڌي آئيوِيتا (الف بي) هيٺئين نموني قائم رکي ويئي آهي:

ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث

پ ڦ ج ڄ جھ ڃ چ ڇ ح

خ د ڌ ڏ ڊ ذ ر ڙ

ز س ش ص ض ط ظ ع غ

ف ق ڪ ک گ ڳ گھ ڱ ل

م ن ڻ و ھ ء ي

نوٽ "ڦ" کي پ جي پٺيان جاءِ ڏني ويئي آهي. اهو 'پ' ۽ 'ھ' جي آواز گڏڻ سان ٺهيو آهي، ان ڪري ان جي پاسي ۾ ئي رکيو ويو آهي. اهو 'ف' جي پٺيان ڪو نہ آندو ويو آهي، ڇو تہ هڪ جو ٻيءَ سان ڪو واسطو ئي ڪو نہ آهي.

2. ڪوش ۾ پهريائين 'الف' سان شروع ٿيندڙ لفظ، ان کان پوءِ 'ب' سان شروع ٿيندڙ لفظ ترتيب ڏيئي، ڏنا ويا آهن. الف هيٺ اول 'آ' سان شروع ٿيندڙ لفظ ڏنا ويا آهن ۽ ان کان پوءِ 'ا' سان شروع ٿيندڙ لفظ

3 هر اصلي لفظ جي اڳيان تمام ننڍڙي گول جو نشان ڏنو ويو آهي ۽ ان جي هڪدم پٺيان ڪولن ':' ڏنو ويو آهي. ڪولن جي پٺيان ڇوٽ اکريءَ ۾ اهو ڄاڻايو ويو آهي تہ گول ڏنل لفظ گرامر موجب ڪهڙو ڳالهائڻ جو لفظ آهي. اصلي لفظ جهڙو لڳندڙ يا ان سان ٺهڪندڙ يا ان سان تعلق رکندڙ لفظ يا اصطلاح ان سان گڏ هڪ ئي هنڌ ڄاڻايا ويا آهن ۽ انهن مان هر هڪ جي اڳيان چئن ٽبڪن جي نشاني ڏني وئي آهي. ان لفظ جي هڪدم پٺيان ڇوٽ اکريءَ ۾ اهو بہ ڄاڻايو ويو آهي تہ گرامر موجب اهو ڪهڙو ڳالهائڻ جو لفظ آهي. لفظ جي وياڪرڻي حالت ظاهر ڪرڻ لاءِ هيٺينءَ طرح ڇوٽ اکري ڏني ويئي آهي:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| اسم تصغير | ا.ت. | حرف جر | ح. جر. | فعل | ف. |
| اسم مذڪر | م. | حرف جملو | ح. جملو. | فعل لازمي | ف.ل. |
| اسم مفعول | ا. م. | حرف ندا | ح. ندا. | فعل متعدي | ف.م. |
| اسم مونث | مو. | صفت | ص. | | |
| امر | ام. | ضمير | ض. | | |
| جمع | ج. | ظرف | ظ | | |

جنهن اسم جو جمع ياد نہ رهڻ جهڙو يا ڏکيو سمجهيو ويو آهي اهو 'ج.' لکي اُن جي پٺيان ڏنو ويو آهي. جنهن مصدر جو اسم مفعول ڏکيو يا بي قاعدي ٺهيل آهي، سو بہ ڏنگين ۾ ا.م. لکي ان جي پٺيان ڏنو ويو آهي.

جيڪڏهن ڪنهن بہ لفظ يا هڪ کان وڌيڪ ساڳيءَ معنيٰ وارا يا لڳ ڀڳ ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ آهن تہ اُهي ٿوري دم '،' دوران هڪ ٻئي کان جدا ڪيا ويا آهن. جتي اهي لفظ پورا ٿين. اُتي پورو دم '.' ڏنو ويو آهي. ان کان پوءِ اُن جا ٻيءَ معنيٰ وارا لفظ ڏنا ويا آهن جي بہ هڪ ٻئي کان ٿوري دم '،' دوران جدا ڪيا ويا آهن. جيئن تہ.

• داءُ: م موقعو وجهہ. ٽڙ. شرط. پڙ. بازي. تاس راند وغيرهہ ڪرڻ جو وارو. هڪ قسم جي لال متي، گيڙُو.

ڪيترائي هندي ۽ انگريزي لفظ سنڌيءَ ٻوليءَ سان شامل ٿي ويا آهن. اُنهن مان بہ جيڪي منهنجي ڌيان تي آيا آهن، سي مون هن لغت ۾ ڏنا آهن.

ڪي اهڙا بہ لفظ هوندا جيڪي غير ضروري هئڻ يا ڌيان ۾ نہ اچڻ سبب هن لغت ۾ جاءِ ماڻي ڪو نہ سگهيا هوندا.

هن ۾ ڪيترائي نوان، سنڌي پارسي ۽ عربي لفظ بہ ڏنا ويا آهن.

## 'سائل ڪوش' جي لفظن جو ذخيرو هيٺين ڪتابن جي مدد سان هٿ ڪيو ويو آهي:

| | |
|---|---|
| 1. جامع سنڌي لغات | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ |
| 2. سنڌي - انگريزي ڊڪشنري | شري پرمانند ميوارام |
| 3. انگريزي-سنڌي ڊڪشنري | شري پرمانند ميوارام |
| 4. جامع فيروز اللغات (اردو) | مولوي فيروز الدين |
| 5. فارسي– انگريزي لغت | شري آنندرام شهاڻي |
| 6. هندي گجراتي ڊڪشنري | شري مگن ڀائي پربوداس ڊيسائي |
| 7. گجراتي انگريزي لغت | شري پانڊورنگ گڻيش ديش پانڊي |
| 8. ماڻڪ موتي (سنڌي اصطلاح) ڀاڱو 1-2 | شري سترامداس 'سائل' |

9. گلقند — شري پيرومل مهرچند
10. سنڌي انگريزي ڊڪشنري — ڪئپٽن جارج اسٽئڪ
11. سنڌي اصطلاح — شري گهنشامداس آر. هيراننداڻي
12. نئون سنڌي وياڪرڻ — سترامداس 'سائل'
13. وهنوارڪ هندي وياڪرڻ — شيام چندر ڪپور
14. ميناڪشي هندي انگلش شبد ڪوش

سنڌي لفظ ۾ به 'ر' گڏ ڪو نه اينديون آهن. جيڪڏهن ڪنهن لفظ ۾ ٻه 'ر' هڪ ٻئي جي پٺيان آيل هجن ته اهو لفظ ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ جو سمجهڻ گهرجي. جيئن ته 'مقرر' عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي.

ڙ

سنڌيءَ ۾ جنهن به اکر تي چار ٽپڪا ڏنل هوندا آهن. ان ۾ 'هہ' جو اُچار سمايل هوندو آهي يعني ان جي اُچارڻ سان وات مان حوا اُچل ڏيئي نڪرندي آهي. اهڙن چئن ٽپڪن وارن اکرن سان ڪيترائي لفظ شروع ٿيندا آهن. جيئن ته ڀاڳ، ٿڙ، ڦاڙ وغيره. 'ڙ' تي به چار ٽپڪا هوندا آهن پر ان ۾ 'ه' جو اُچار سمايل ڪو نه هوندو آهي جو ته ڪو به لفظ 'ڙ' سان شروع ڪو نه ٿيندو آهي.

س

'س' هڪ سدورو ۽ سڀاڳو اکر آهي. هن سان جيڪو به لفظ شروع ٿيندو آهي، تنهن جي معنيٰ گهٽو ڪري اڻوڻندڙ ڪا نه هوندي آهي. هن سان انيڪ سٺيءَ معنيٰ وارا لفظ شروع ٿيندا آهن.

ش

پارسيءَ ۾ ڪيترائي فعلي اسم آهن. جيڪي پارسيءَ ۾ 'ش' پڇاڙي گڏڻ سان ٺهندا آهن. جيئن ته ڪوشش، ريزش، سازش، جنبش وغيره.
نوٽ: جيڪڏهن پارسي فعلي اسم جي پڇاڙي 'ش' هجي ته ان 'ش' جي اڳيان ايندڙ حرف جي هيٺان زير ــِ ڏيڻ صحيح نمونو آهي. جيئن ته ورزِش، آميزِش، گردِش، پرورِش.

## ڳ

1. 'ڳ' سان ڪو بہ لفظ شروع ڪو نہ ٿيندو آهي.
2. هن ۾ نون غني جو آواز سمايل هوندو آهي اُن ڪري جنهن بہ لفظ ۾ 'ڳ' اچي تہ ان جي اڳيان يا پٺيان 'ن' غنو ڪتب آڻڻ نہ گهرجي. جيئن تہ لڳا، سڳر يا ڳو وغيره.

نوٽ: هي قاعدو ان فعل سان لاڳو نہ آهي جنهن جو زمان مضارع هجي. جيئن تہ مڱان، سڱان.

## م (ميم)

1. هي ڪڏهن ڪڏهن 'ب' جي اڳيان ايندڙ 'ن' جي بدران ڪم ايندو آهي، جيئن تہ ٻمبُو (ٻنبُو) سامبر (سانبر).
2 'م' (ميم) ۾ پهريون ۾ پويون اکر ساڳيو آهي.
3 هن ۾ نون غني جو آواز سمايل هوندو آهي.اِنڪري جنهن بہ لفظ ۾ 'م' جو استعمال ٿيل هجي تہ ان جي اڳيان يا پٺيان 'ن' غنو ڪتب آڻڻ نہ گهرجي. جيئن تہ اما، ڪلمو سرمو وغيره.

نوٽ: هي قاعدو ان فعل سان نٿو لڳي، جنهن جو زمان مضارع آهي، جيئن تہ، چمان، گهمان وغيره.

## ن (نُون)

1. هي بہ ڪڏهن ڪڏهن 'ب' جي اڳيان ايندڙ 'م' سان جاءِ مٽيندو آهي، جيئن تہ قنبر (قمبر)، چنبيلي (چمبيلي).
2 ن (نون) ۾ پهريون ۾ پويون اکر ساڳيو آهي.
3. هن ۾ نون غني جو آواز سمايل آهي.اِنڪري جنهن بہ لفظ ۾ 'ن' اچي تہ ان جي اڳيان يا پٺيان 'ن' غنو ڪتب آڻڻ نہ گهرجي. جئن تہ نا، بنا وغيره.

نوٽ: هي قاعدو ان فعل سان لاڳو ناهي جنهن جو زمان مضارع هجي، جئن تہ، پنان، چنان وغيره.

## ڻ (ڻوڻ)

1. 'ڻ' سان ڪو بہ لفظ شروع ڪو نہ ٿيندو آهي.

2 'ڻ' (ٽوڻ) ۾ پهريون ۽ پويون اکر ساڳيو آهي.
3 هن ۾ نون غني جي آواز جو سماويش آهي.انڪري ڪنهن به لفظ ۾ 'ڻ' اچي ته ان جي اڳيان يا پٺيان 'ن' غنو ڪتب نه آڻجي، جيئن ته پڄاڻا، نڄاڻا، اڻاڳو وغيره.
نوٽ: هي قاعدو ان فعل سان لاڳو نه آهي جنهن جو زمان مضارع هجي، جيئن ته ڪڻان، وڻان وغيره.

## و

1. 'و' حرف جملو آهي ۽ معني اٿس 'ع'.
2 هي الڳ الڳ هِجي ۽ معنيٰ وارا لفظ پاڻ ۾ ڳنڍيندو آهي، جيئن ته آب و هوا، شب و روز وغيره.

## ه

فارسي ۽ عربيءَ ۾ 'ه' ٻن قسمن جي هوندي آهي، (1) معلوم يا ڄاتل 'ه' (2) نامعلوم يا اڻ ڄاتل 'ه'.
جيڪڏهن ڪنهن به لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ 'ه' هوندي آهي ۽ ان جي بلڪل اڳيان ڊگهي آواز وارو حرف علت هوندو آهي ته ان 'ه' جو آواز بلڪل چٽو (معلوم ٿي سگهي اهڙو) ڪبو آهي، جيئن ته شاهٔ، شڪوهٔ، تنبيهٔ وغيره. جيڪڏهن پارسي يا عربي واري لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ 'ه' هوندي آهي ۽ ان جي بلڪل اڳيان آيل حرف صحيح جي مٿان زبر هوندي آهي ته 'ه' جو آواز نامعلوم (اڻ ڄاتل) هوندو آهي، پر ان جي اڳيان آيل زبر ڏنل حرف صحيح جو آواز بلڪل چٽو (يعني معلوم ٿئي اهڙو) ڪبو آهي، جيئن ته بندہ، بَندَ، خواجہ، خواجَ.
نوٽ: عام طور سنڌي ودوان جڏهن اهڙو لفظ اُچاريندا آهن تڏهن پويون 'ه' 'و' ۾ بدلائيندا آهن، جيئن ته بنده، بندو آزموده، آزمودو وغيره.

## ء (همزو)

'ء' (همزو) حرف صحيح آهي. ان کي پنهنجي ليکي آواز بلڪل ڪو نه آهي. ان ڪان ڪڏهن به حرف علت جو ڪم وني نه ٿو سگهجي.
'ء' جو استعمال هيٺين حالتن هيٺ ٿيندو آهي:

(1) جڏهن ڪنهن به ڊگهي آواز واري حرف علت جي پٺيان ايندڙ 'آ'، 'آ'، 'اِ'، 'اِي'، 'اُ' 'اوُ'، 'اي' ۽ 'او' مان ڪنهن به هڪ جو اُچار ظاهر ڪرڻو هوندو آهي، جيئن ته سيءَ، ڪوئا، جوءِ، ہائي، جيءَ، پائڻ رُلائي، سوُئو.

2. جڏهن ڪنهن به لفظ ۾ (الف) 'ا' جو اُچار گهٽو آڻو هوندو آهي ته 'ء' جو استعمال ڪبو آهي، جيئن ته سئارو جيئڻ پيءُ وغيره. ڪي اهڙا به لفظ آهن جن ۾ 'ا' سڌيءَ طرح ڪتب آڻي سگهبو آهي، جيئن ته جُراَت، نِروآئي.

3. اکر جي مٿان رکڻ لاءِ جيئن ته ڪانءُ، ڏانءُ، هنياءُ وغيره.

4. 'زير'، 'زبر' ۽ 'پيش' ڪي جهلي بيهارڻ لاءِ جيئن ته راءِ، لاءِ، ڊوءَ، سوءَ، ٿيءُ، ويءُ.

نوٽ: 'ء' ٻٽو يعني اعرابن کانسواءِ ڪتب ڪونه آڻبو آهي.

## حرف شمسي ۽ حرف قمري

عربي آئيويتا ۾ 28 حرف هوندا آهن. اهي پورن ٻن حصن ۾ ورهايل هوندا آهن ۽ هر هڪ حصي ۾ 14 حرف هوندا آهن هڪ حصي جا 'حرف قمري' (يعني چنڊ وارا) سڏبا آهن ۽ ٻئي حصي جا 'حرف شمسي' (يعني سج وارا) سڏبا آهن.

1. حرف قمري: ا، ب، ج، ح، خ، ع، غ، ف، ق، ڪ، م، و، ه، ي = 14.

2. حرف شمسي: ت، ث، د، ذ، ر، ز، س، ش، ص، ض، ط، ظ، ل، ن = 14.

سنڌيءَ ۾ ڪيترائي عربي مرڪب (ٻٽا) لفظ ڪتب ايندا آهن جي ٻن اسمي لفظن جي وچ ۾ 'ال' وجهي ٺاهبا آهن، جيئن ته دارالشفا، عيدالفطر وغيره. 'ال' جو 'ل' اُن چنڊ وانگر نظر ايندو آهي، جهڙو سهائي پک جي پهرين راتين ۾ نظر ايندو هجي. مطلب ته 'ل' کي چنڊ ڪري ليکيو ويندو آهي.

مٿينءَ طرح ٺاهيل مرڪب لفظ جڏهن اسان جي اڳيان اُچار ڪرڻ لاءِ ايندا آهن، تڏهن قمري حرفن ۽ شمسي حرفن جو ويچار اڀ ندو آهي. هاڻي اچو ته ڏسون ته 'قطب الدين' جو اُچار ڪهڙو ٿيندو. ان ۾ 'ال' جي 'ل' جي هڪدم پٺيان 'د' آيو آهي جو حرف شمسي آهي. اهو 'د' (حرف شمسي)، ل (چنڊ کي پاڻ ۾ جذب ڪري پنهنجي شڪتي وڌائي ٻيڻي ڪري ٿو جنهنڪري 'د' جي مٿان تشديد ـــّـ جي نشاني رکجي ٿي. هاڻي 'قطب الدين' جو اُچار ٿيندو قُطبُد دين ۽ لکبو قُطبُ الدِّين.

نوٽ: اُچار ڪرڻ وقت، لفظ ۾ ڪتب آيل 'ال' جي اڳيان جيڪو به اسمي لفظ هوندو آهي، ان جي پوئين حرف صحيح جي مٿان گهٽ ڪري ـُـ پيش ڏبو آهي. بيا لفظ دارُالضَّرب (ٽڪسال)، دارُالشفا، عيدُالضّحيٰ (عيد جو نالو).

هاڻي اچو ته ڏسون ته 'دارال امان' جو اُچار ڪهڙو ٿيندو. هن ٻئي لفظ ۾ 'ل' جي هڪدم پٺيان 'ا' آيو آهي جو حرف قمري آهي. ان ڪري 'ل' (چنڊ) جي پويان 'ا' حرف قمري ڪي اچڻ ۾ ڪو به لهر لوڏو ڪونهي. اِنڪري 'ا' جي هستي جيئن جو تيئن قائم رهندي ۽ لفظ جو اُچار ٿيندو دارُ ال آمان ۽ لکبو دارُ ال آمان. بيا لفظ دارُ البقا (نتيتا جو گهر)، عيدُ الفِطر (عيد جو نالو)، دارُ العِلم (يونيورسٽي).

نوٽ: اُچار ڪرڻ وقت ٻئي لفظ ۾ 'ال' جي 'ل' پٺيان جيڪڏهن حرف شمسي اچي ته ان حرف جي مٿان ـــّـ 'تشديد' رکي پڙهجي ۽ 'ل' جو اُچار نه ڪجي، پر جيڪڏهن 'ل' جي پٺيان حرف قمري اچي ته 'ل' جي مٿان ـــْـ جزم رکي اُن جو اُچار اڌورو ڪجي ۽ حرف قمريءَ جو اُچار پورو ڪجي.

نوٽ: ٻنهي حالتن ۾ 'ل' جي اڳيان آيل اسمي لفظ جي پوئين حرف صحيح تي پيش ڏيئي پڙهجي.

## صحيح هجي ڪهڙي؟

'شيِ' جي هِجي ڪيترن نمونن سان ڪئي ويندي آهي، جيئن ته شيء، شئِ، شئِ شي، پر صحيح هجي پهرين (شيِ) آهي.

'شيِ' جو اُچار 'آيِ' جهڙو آهي. 'آيِ' هڪ مڪمل پد آهي ۽ ان جو آواز به هڪ ئي آهي. ان جي 'آ' جي مٿان زير آهي ۽ 'يِ' بلڪل خالي آهي ان تي نه ته ڪا اعراب آهي ۽ نه ته ڪا ٻي نشاني آهي. شيِ = ش + آيِ جيڪڏهن اهي ٻئي گڏبا ته 'آ'، 'ش' جي مٿان هلي ويندي ۽ 'يِ' ٻُتي (خالي) رهجي ويندي.

'شيِ' جي ٻي ڪا به هجي غلط آهي. شيء يا ، شئِ لکڻ غلط آهي، ڇو ته ان ۾ ٻه پد آهن: 'شَ' ۽ 'ءِ'. 'شيءِ' ۽ شئ به غلط آهن ڇو ته هڪ 'يِ' جي مٿان 'ء' رکيو ويو آهي ته ٻيءَ 'يِ' جي مٿان جزم. پر 'يِ' جي مٿان ڪا به نشاني ڪا نه ڪپي.

ٻو جو اُچار 'آ' جهڙو آهي. 'آ' تي زبر آهي ۽ 'وَ' هر طرح ٻَٽو (خالي) آهي
'ڀَوُ' ۾ به 'ڀَ' تي زبر آهي ۽ 'وُ' هر طرح ٻَٽو (خالي) آهي.
'ڀَءُ' - 'ڀَئُ'، 'ڀَؤُ'، 'ڀَوُ' - اهي سڀ غلط آهن. 'ڀَءُ - ڀَئُ' مان هر هڪ ۾ ٻه ٻه پد آهن: 'ڀَ' ۽ ءُ، ڀَؤ ۾ ٻو غلط آهن. ڇو ته 'وُ' جي مٿان ڪا نه ڪا نشاني آيل آهي. حقيقت ۾ 'وُ' جي مٿان ڪا به نشاني ڪا نه کپي.

مٿين لفظن جي هِجي ڪرڻ جو صحيح نمونو ته مٿيون آهي، پر اسان جن سنڌي ودوانن هِجي ڪرڻ جا الڳ الڳ نمونا اختيار ڪيا آهن. مون گهڻو ڪري ته صحيح واٽ ورتي آهي، پر ڪٿي ڪٿي مون وڏن جي واٽ ورتي آهي. مثال طور مون 'ٻِلّي' کي 'ٻلِئُ' به ڪري لکيو آهي. ان ڪري ته مٿان ڏنل سکندڙن کي اُچارن ۽ هِجي سمجهڻ ۾ تڪليف ٿئي.

## ڪي 'سائل ڪوش' سان واسطو رکندڙ حقيقتون

1. سنڌيءَ ۾ ڪي اهڙا اسمي لفظ به آهن جن جي پوئتان 'آئِتو' ڳنڍي صفتون ٺاهيون آهن جيڪي ظرف جو به مطلب سڌ ڪنديون آهن. جيئن ته
شان + آئِتو = شانائِتو. ص. شاندار. ظ شان سان.
صبر + آئِتو = صبرائتو. ص. ڌير جوان. ظ صبر سان.

مان گهڻو ڪري اهڙن لفظن جون نه رڳو صفت طور معنائون ڏنيون آهن، پر گهڻو ڪري ظرف طور پڻ. ڪن لغت نويسن اهڙن لفظن جون رڳو صفت طور معنائون ڏنيون آهن.

2. 'ہ' عدد شماري آهي. ڪنهن به عدد شماريءَ مان ٺهيل عدد قطاري جو پويون حصو 'اون' يا 'يون' هوندو آهي. جيئن ته 'پنجون'، 'ستون'، 'ٻهريون'، 'ٿيون' وغيره
اهڙيءَ طرح 'ہ' جو عدد قطاري به صحيح نموني 'ٻيون' هئڻ گهرجي، پر اسان مان ڪيترا ان جو عدد قطاري 'ٻيو' ڪري لکندا آهن.

3. عدد شماريءَ مان ان جا ڪيترا روپ ٺهي سگهندا آهن. جيڪي ڪي لغت نويس کهڙي نموني سمجهائيندا آهن ته ڪي ڪهڙي نموني. هر ڪنهن جي سمجهائڻ جي ريت الڳ هوندي آهي. مون اهي هيٺينءَ طرح سمجهايا آهن:

1. آٽَ: مر ستَ ۽ هڪ, هڪ انگ جو نالو. ص. ستن کان هڪ مٿي.
2. اٺون: مر. هڪ سڄي جي پورن اٺن حصن مان ڪو بہ هڪ حصو. ص. 'ستون' کان هڪ پوءِ يا مٿي.
3. اَٺوڻ: مو. اٺ ڀيرا ايترو عدد. انداز يا جيترو. ڪنهن بہ عدد شي وغيره جو اٺ ڀيرا دهراءُ.
4. اٺوٽو: ص. اٺ ڀيرا ايترو.
5. سوائوٽو: ص. سوا ڀيرو ايترو.
6. سوائوڻ: سوا ڀيرا ايترو عدد. انداز يا جيترو.
مٿيون طريقو مون کي سولو ۽ تز سمجهہ ۾ آيو.
ٻيا بہ اهڙا ڪيترائي لفظ سمجهائڻا پيا، جن جي سنڌيءَ ۾ تز معنيٰ ڪا نہ پئي ملي. انهن مان ڪي لفظ هيٺ ڏجن ٿا.
1. ترڻُ: عضون جي هلائڻ سان پاڻيءَ جي مٿاڇري تي پاڻ جهلڻ يا اڳتي وڌڻ.
2. ترڻُ: باهہ تي تيل جي تئي ۾ ڪا بہ چيز مصالحا وجهي، اُٿلائي پٿلائي ڪاڻ جهڙي ڪرڻ.
3. ڀُڄڻُ: گرمي ڏيئي، اُٿلائي پٿلائي ڪاڏي جي شيءِ جو روپ بدلائڻ (ديڳڙي وغيره ۾). گوشت. ڀاڄي وغيرهہ گهہ يا تيل ۾ وجهي، مصالحا ٻُرڪي، اُٿلائي پٿلائي ان جو رنگ بدلائڻ ۽ هڳاءُ آڻڻ.
4. سيڪڻُ: ٻاڦ دوران رنڌڻ. گرم ڪيل تيل جي باسڻ ۾ بصر، ڀاڄي ۽ مصالحا وجهي، وقت بوقت اُٿلائي پٿلائي ڪاڻ جهڙو بنائڻ.
5. ڪاڙهڻُ: ڇباڙي ڳرڪائڻ.
6. پيهڻُ: نڙيءَ مان هيٺ لاهڻ (ڪا بہ پنڙي شي)، نڙيءَ مان هيٺ وڃڻ ڏيڻ.
اهڙيءَ طرح ٻيا بہ ڪيترائي لفظ آهن. هر ڪنهن جي سمجهائڻ جو نمونو الڳ الڳ آهي.
نوٽ: هيٺين ڳالهين کي ڌيان ۾ رکڻ سان لغت کي سمجهڻ جي صحيح ڄاڻ پوندي:

## اِملا (صحيح هجي ڪرڻ) جون نشانيون

1. مَد ـــــ هيءَ نشاني شروعاتي 'ا' جي مٿان تڏهن رکبي آهي جڏهن ان 'ا' (الف) جو اُچار ڊگهو ڪرڻو هوندو آهي. اها نشاني لفظ جي شروعاتي اا کي ٽارڻ لاءِ ڪتب آڻبي آهي جيئن ته 'اا هي' جي بدران لکبو آهي 'آهي'، 'اا پو' ـ آپو.

2. تنوين ـــً هيءَ ٻٽي زبر جي صورت ۾ نشاني، جڏهن ڪنهن به لفظ جي آخرين 'ا' مٿان رکبي آهي، تڏهن اُن جو اُچار 'اَن' وانگر ٿيندو آهي، جيئن ته مثلاً ـ مِثلَن، اتفاقاً ـ اِتفاقَن وغيره.

3. سُڪُونُ ـــْ. جيڪڏهن ڪنهن به حرف صحيح تي ڪا به اعراب ڪا نه هوندي آهي ته اُن جي مٿان سُڪُونُ ڏبو آهي ۽ ان حرف جو اُچار اڌورو يا هلڪو ڪبو آهي جيئن ته 'دَرْمُ'.

نوٽ: سڪون کي 'جَزْمُ' به چئبو آهي.

اها نشاني ڪنهن به لفظ جي شروعاتي حرف تي ڪا نه ايندي آهي، پر لفظ جي صحيح اُچار جاڻائڻ لاءِ مون ان کي لفظ جي شروعاتي اکر تي ڪتب آندو آهي.

4. وصله ـــٱ جيڪڏهن ٻن عربي اسمن جي وچ ۾ 'ال' ايندو آهي تڏهن اها نشاني 'ال' جي 'ا' مٿان ان لاءِ رکبي آهي ته ڏيکاري ته پهرئين اسم جو پويون اکر 'ال' جي 'ل' سان ڳنڍيو ويو آهي ۽ 'ا' جو اُچار بلڪل ڪو نه ڪبو آهي، جيئن ته دارالفنا هيئين لکبو آهي: دارُ الفَنا.

5. تشديد ـــّ جڏهن ڪنهن به لفظ ۾ بنا اعراب واري حرف جي يڪدم پٺيان ٻيو ساڳئي قسم جو حرف ايندو آهي، تڏهن ٻئي ساڳئي حرف لکڻ جي بدران پهرئين حرف جي مٿان تشديد ـــّ ڏبي آهي ۽ ان حرف جو اُچار ٻٽو ڪبو آهي جئن ته لَذّت ـ لذذَت. تمَنّا ـ تمَن نا.

نوٽ: 'سائل ڪوش' جي اندر لفظ ۾ جنهن اکر جي مٿان تشديد جي نشان 'ـــّ' ڏيڻي آهي، ان تي اها نشان ڏني ويئي آهي، پر ان لفظ مان نهيل ٻيا لفظ جيڪي ڏنا ويا آهن، انهن ۾ ان ساڳئي حرف جي مٿان تشديد جي نشاني نه به

ڏني ويئي هجي. اهڙي لفظ جي اُچارڻ وقت ان حرف جي مٿان 'تشديد' سمجهي ڪري ان لفظ جو اُچار ڪرڻ گهرجي، جو ته ڪامپيوٽر ۾ اها نشاني نه هئڻ ڪري ان کي بار بار ڪتب آڻڻ ۾ گهڻي تڪليف پيش محسوس ٿئي.

6. همزه ءِ. هن لاءِ ڏسو "سنڌي آئيوڻا جي ڪن اکرن جو احوال".

## سنڌي آئيوڻا جي ڪن اکرن جو احوال

### الف

1. 'الف' الله جي معنيٰ سان به ڪتب ايندو آهي. جيئن ته "اکر پڙهه الف جو ورق ٻيا سڀ سوار."

2 اهو حرف ندا ڏاهيندڙ حرف آهي، جيئن ته ڇوڪرا — اي ڇوڪرا!

3 فارسيءَ ۾ اهو اسم فاعل ڏاهيندو آهي جئن ته دانا – ڄاڻندڙ بينا – ڏسندڙ

4. اهو ٻن ساڳيءَ هِجي ۽ معنيٰ وارن لفظن کي ڳنڍيندو آهي، جئن ته مالا مال، گونا گون وغيره.

### ب

1. 'بَ' ظرف ڏاهيندڙ اڳياڙي آهي، جئن ته بخوبي – چڱيءَ طرح، بحڪم – حڪم موجب.

2 ساڳيءَ هِجي ۽ ساڳيءَ معنيٰ وارا ٻه لفظ ڳنڍيندڙ آهي، جئن ته سالبسال – هر سال، وقت بوقوت – هر وقت.

### ٽ

1. 'ٽ' ڪڏهن ڪڏهن 'ر' جو هلڪو اُچار پائڻ سان ڪٽي پنهنجو آواز ڪليل ۽ وٽندڙ بڻائيندي آهي، جئن ته ٽيڙُو – ٽريڙُو ٽوپو – ٽروپو.

### ڄ

1. 'ڄ' سان ڪو به لفظ شروع ڪو نه ٿيندو آهي.

2. هن ۾ نون غني جو آواز سمايل هوندو آهي، جنهنڪري ڪنهن به لفظ ۾ ڪٿي به 'ڄ' ڪتب آندل هجي ته ان جي اڳيان يا پويان 'ن' غنو ڪتب ڪو نه آڻبو آهي، جيئن ته اڄا، ڪڄا، سڄو وغيره.

نوٽ: هي قاعدو اُن فعل سان لاڳو ناهي، جنهن جو زمان مضارع هجي، جيئن تہ سچان، مچان.

## خ

1. جڏهن 'خ' جي پٺيان 'و' ايندو آهي ۽ ان 'و' جي هڪدم پٺيان 'ش'، 'د'، 'ر' مان ڪو بہ هڪ حرف ايندو آهي تہ اُچارڻ وقت 'و' جو اُچار سُسي 'اُ' (پيش) جهڙو ٿيندو آهي، جئن تہ خوش (خُش، خود (خُد)، خور (خُر).

2. جڏهن 'خ' جي پٺيان 'وا' ايندو آهي ۽ ان جي هڪدم پٺيان 'ب'، 'ر'، 'ن'، 'ه' مان ڪو بہ هڪ حرف ايندو آهي، تہ اُچارڻ وقت 'و' جو اُچار بلڪل گم ٿي ويندو آهي ۽ 'آ' جو اُچار يا تہ ائين جو ائين يا 'ئا' جهڙو ٿيندو آهي، جيئن تہ خواب (خاب، خئاب)، خوار (خار خئار)، خوان (خان خئان) خواهٔ (خاه، خئاه).

3 جڏهن 'خ' جي پٺيان 'ي' ايندي آهي ۽ ان جي هڪدم پٺيان 'ش' ايندو آهي تہ اُچارڻ وقت 'و' جو اُچار گم ٿي ويندو آهي، جئن تہ خويش (خيش).

## ڊ

1. 'ڊ' ڪڏهن ڪڏهن 'ر' جو هلڪو اُچار پاڻ سان گڏي ڪٺندو آهي، جيئن سندس آواز ڪليل ۽ سُريلو لڳي، جئن تہ ڊَٻُ ــ ڊُرَٻُ، ڊوڙَ ــ ڊُروڙَ

## ڙ

1. سنڌي لفظ ۾ 'ڙ' ڪڏهن بہ پنهنجي پاسي ۾ بيٺ 'ڙ' جو هٽڻ ڪو نہ سهندي آهي

## ڪي 'سائل ڪوش' جون خوبيون

1. همزو ء جو سنڌي آئيوٽا جو هڪ اکر آهي، تنهن جو ڪنهن بہ سنڌي لغت ۾ ذڪر ڪو نہ ڪيو ويو آهي. ان ڪي مون پنهنجي ڪوش ۾ جوڳي جاءِ ڏيئي، ان بابت گهربل ڄاڻ ڏني آهي.

2. سوين لفظن جيڪي شري پرمانند ميوارام پنهنجي سنڌي – انگريزي ڊڪشنريءَ جي ضميمي ۾ ڏنا آهن، سي جامع سنڌي لغت ۾ ڪو نہ ڏنا ويا آهن. اهي سڀ گهڻو ڪري مون پنهنجي 'سائل ڪوش' ۾ ڏنا آهن.

3. اِملا (صحيح هِجي ڪرڻ) جون نشانيون مون پنهنجي ڪوش ۾ چٽيءَ طرح سمجهايون آهن.

4. قديم يا جديد سنڌي شعر جا ڪيترائي قسم آهن جن جي سنڌي لفظن ۾ اڏوري يا نه جهڙي ڄاڻ ڏني ويئي آهي، انهن مان هر هڪ تي مون مختصر روشني وڌي آهي.
5. اهي پارسي يا عربي لفظ جيڪي ضروري آهن پر شري پرمانند ميوارام جي ڊڪشنريءَ ۾ ڪو نه ڏنل آهن سي ڪوشش ڪري 'سائل ڪوش' ۾ ڏنا ويا آهن.
6. هندي ۽ انگريزي لفظ جيڪي سنڌيءَ ٻوليءَ جو انگ ٿي ويا آهن تن مان ڪيترا لفظ جيڪي منهنجي ڌيان تي آيا آهن سي هن ڪوش ۾ شامل ڪيا ويا آهن.
7. سنڌي گرامر جي لفظن ۽ اصطلاحن جي مختصر نموني مثالن سان سمجهاڻي ڏني ويئي آهي ۽ انهن مان ڪيترن جا هنديءَ ۾ هم معنيٰ لفظ به ڏنا ويا آهن.
8. علم عروض جا به ڪيترا لفظ ۽ اصطلاح چٽيءَ طرح سمجهايا ويا آهن.
9. اهي لفظ جن جا ٻيا هم معنيٰ لفظ نه ملي سگهيا آهن، سي سرل، صاف ۽ مختصر نموني سمجهايا ويا آهن.
10. ڀارت ۽ پاڪستان ۾ رهندڙ سنڌي ٻوليءَ جي شائقن جون گهرجون ڌيان ۾ رکي هي ڪوش اهڙيءَ طرح ٺاهيو ويو آهي، جنهن ان جي مدد سان پاڪستان ۾ رهندڙ سنڌي ودوان ڀارت ۾ لکيل ڪتاب ۽ ڀارت ۾ رهندڙ سنڌي ودوان پاڪستان ۾ لکيل ڪتاب سولائيءَ سان سمجهي سگهن.
11. 'سائل ڪوش' ۾ ٻيون به ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون ڄاڻايون ويون آهن. جيڪي سڀ ڪنهن به هڪ ڀارتيه ڀاشا جي ڪوش ۾ ڄاڻايل ڪو نه آهن.

اُميد اٿم ته هي وڏي خوض ۽ خيال، اُدم ۽ اورچائيءَ، صداقت ۽ سرجوشيءَ سان تيار ڪيل 'سائل ڪوش' پاٺڪن ۾ پاڪ پوندو.

جتي ضرورت سمجهو اُتي قرب ڪري هن ڪوش جي سنوارڻ ۽ سڌارڻ ۾ ضرور منهنجا ڀانهن ڀيلي ٿجو.

---

(ليکڪ جي هڪ جلدي لغت "سائل ڪوش"،
ڇپيل 2009ع، ٻيو ڇاپو جو مهاڳ)

●

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# "هڪ جلدي سنڌي لغت" جو 'مهاڳ'

سنڌي ۾ لغت سازي جو پهرين وڏو ڪارنامو "جامع سنڌي لغات" هو جيڪا سنڌي ادبي بورڊ طرفان پنجن جلدن ۾ شايع ٿي. پهريون جلد 1960ع ۾ ڇپيو ۽ آخري پنجون جلد هڪ وڏي وقفي کان پوءِ سنه 1988ع ۾ شايع ٿيو. ان بعد وڌيڪ ڪم ڪونه ٿيو. جيتوڻيڪ هن پهرين اشاعت جي ٻئي ايڊيشن لاءِ راقم طرفان تجويز ڏني وئي ۽ اها منظور ٿي.

لغت سازي هڪ مسلسل عمل آهي. ڪنهن به ٻوليءَ جي لغت هڪ پيرو ٿاهي ڪا نه ڇڏبي، پر وري وري پئي ٺاهبي. اهو انهيءَ ڪري جو ڪنهن به ٻوليءَ جي جملي لفظن ۽ اصطلاحن کي فقط هڪ ئي ڪوشش سان سهيڙڻ مشڪل آهي، خاص طرح سنڌي ٻولي پنهنجي لغت جي سرمايي جي لحاظ سان ايڏي وڏي شاهوڪار ٻولي آهي جو ڪنهن پهرين ڇپيل لغت جا ڏهه ٻيا ايڊيشن شايع ڪجن ۽ هر ايڊيشن ۾ رهجي ويل لفظن ۽ اصطلاحن جو اضافو ڪجي ته به اڃان ڪي لفظ ۽ اصطلاح رهجي ويندا. ٻيو ته علمي ۽ فني لحاظ سان به لغت جي پهرئين ايڊيشن کي سنوارڻو پوندو ۽ اها سُڌ سنوارَ هر ايڊيشن ۾ هلندي ايندي. ٽريو ته هر زنده ٻوليءَ ۾ ڪجهه عرصي بعد ڪي نوان لفظ ۽ اصطلاح رائج ٿين ٿا، جن کي وقت جي معياري استعمال مطابق لغت جي هر نئين دور ۾ داخل ڪرڻو پوندو.

"جامع سنڌي لغات" جي تياري ۽ تڪميل هڪ جذبي ۽ جوش جو نتيجو هو اُن وقت سيني سڃاڻن کي وڏي عبرت وارو افسوس دامنگير هو ته: 'مارا اڃان سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي سنڌي- مان – سنڌي لغت به موجود ڪانهي'!! جنوري 1952ع ۾ جڏهن 'جامع سنڌي لغات' جي تياري جو ڪم شروع ڪيو ويو ته ان کي گهٽ ۾ گهٽ وقت ۾ پوري ڪرڻ جو تاڪيد ٿيل هو جنهنڪري رات ڏينهن لڳاتار ڪوشش سان جامع لغات جو مسودو ٽن سالن جي مقرر عرصي اندر ڊسمبر 1954ع ۾ مڪمل ڪيو ويو. باوجود ان جي ڪم

مان هٿ ڪو نہ ڪيو ويو ۽ مسودي کي وڏيڪ سنوارڻ جو ڪم هلندو آيو. ان وقت جي همت ۽ همت افزائي واري ماحول ۾ پڪي اميد هئي تہ هن پهرئين مسودي کي ايڊٽ ڪري ڇاپائڻ، توڙي ٻئي ايڊيشن لاءِ ڇپيل جلدن جي درستي ڪرڻ جو ڪم هلندو رهندو ۽ اهو راقم جي حوالي هوندو پر باوجود ڪوشش جي اهو سلسلو ڪٽجي ويو.

1991ع-1994ع وارن سالن ۾ جڏهن "سنڌي لئنگويج اٿارٽي" جي چيئرمين طور ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو تڏهن محسوس ٿيو تہ لغت بابت تحقيق ۽ تاليف جو ڪم هڪ وڏي عرصي کان بند رهيو آهي ۽ ضروري آهي تہ ان کي شروع ڪجي. ان سلسلي ۾ ٽن چئن لغاتن جي تياري تي سوچيو ويو: (1) جامع سنڌي لغات تي مبني هڪ جُلدي مڪمل سنڌي لغت؛ (2) هڪ تفصيلي سنڌي– انگريزي ڊڪشنري؛ (3) هڪ تفصيلي انگريزي – سنڌي ڊڪشنري ۽ (4) هڪ اطلاعاتي صحافتي ڊڪشنري عملي طور تي، 'انگريزي – سنڌي ڊڪشنري' جي رٿا تيار ڪئي وئي ۽ پڻ 'هڪ جلدي سنڌي لغت' جو ڪم هٿ ۾ کنيو ويو تہ جيئن علمي ادبي ۽ تعليمي ضرورت جلد پوري ٿي سگهي. البتہ هن ڪم لاءِ گهربل ڄاڻو عملي توڙي خرچ جي ڪميءَ سببان هڪ جدا آفيس قائم ڪرڻ بدران چيئرمين جي حيثيت ۾ اهو ڪم مون پاڻ سنڀاليو تہ جيئن ٿورو ئي ٿورو ڪم پر ٿيندو رهي. شيخ محمد اسماعيل جنهن کي اٿارٽيءَ جي ڪتابن کي ڇپائي جي مرحلي تي ڏسڻ ۽ پروفن پڙهڻ لاءِ مددگار طور مقرر ڪيو ويو هو تنهن کي وڏيڪ اها ذميداري سونپي وئي تہ جيڪو وقت بچي سو "هڪ جُلدي سنڌي لغت" جي ڪم ۾ لڳائي. ساڳئي وقت اهو اهتمام ڪيو ويو تہ جيڪو مواد جئن ئي تيار ٿئي، سو آفيس ۾ منهنجي نظر مان گذري ۽ ڪامپيوٽرن وارو عملو ان کي ڪمپوز ڪري تہ جيئن جيترو جلد ٿي سگهي، اوترو پروف پڙهيا وڃن ۽ "ٽريسنگ پيپر" ڪڍيا وڃن. انهيءَ رٿا ۽ احتياط سان ڊسمبر 1993ع تائين لغت جي ترتيب مطابق الف– بي جي پهرين يارهن اکرن (ا ب ٻ ٻ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ۽ ج) وارن لفظن ۽ اصطلاحن جو مواد بنا ڪنهن وڏيڪ خرچ جي مرتب ڪري ڪمپوز ڪرڻ لاءِ ڪامپيوٽر عملي جي حوالي ڪيو ويو.

فيبروري 1994ع ۾ چيئرمين جي عهدي تان منهنجي سبڪدوش ٿيڻ سبب هن لغت جو ڪم في الحال بند ٿي ويو ۽ جون 1994ع تائين بند رهيو. انهي ڪري اٿارٽي جي سربراهه ڏانهن سفارش جو خط لکيو ويو ته باقاعدي عملو مقرر ڪري هن ضروري ڪم کي پورو ڪرايو وڃي.

اٿارٽي ڪان مختصر جُز-وقتي عملي جي مقرري جي منظوري ملڻ تي 16- جولاءِ 1994ع کان هن لغت جو ڪم وري شروع ڪيو ويو. هن سڄي ڪم کي ٻن سالن ۾ پوري ڪرڻ جو پروگرام رٿيو ويو پر ڪن سببن جي ڪري وڌيڪ وقت لڳو. هڪ ته اڳئين ٿيل ڪم تي نظر ڪندي معلوم ٿيو ته ڪامپيوٽر ۾ پريل پارهن اکرن واري مواد مان پنجن اکرن (ٽ ٺ ٿ پ ج) جو مواد اُڏامي ويو هو. انهيءَ رهيل ڪم کي نئين سر پوري ڪرڻ ۾ چار مهينا لڳي ويا. لغت جي مواد جي تصحيح ۽ ترتيب ڪانسواءِ پروفن پڙهڻ تي ڪيل تخميني کان وڌيڪ وقت لڳو. جنهن ته سڄو ڪم جُز- وقتي (پارٽ ٽائيم) عملي جي مدد سان ڪرڻو پيو. انهيءَ ڪري لازمي طور گهڻو وقت لڳو. بهرحال ڪم باقاعدگيءَ سان مسلسل طور هلندو رهيو ۽ جون 1997ع جي خاتمي تي پورو ٿيو.

هن 'هڪ جُلدي سنڌي لغت' جي ترتيب ۽ تاليف جو بنياد انهن ساڳين اصولن تي رکيو ويو آهي جن جو تفصيل 'جامع سنڌي لغات' جلد پهرين جي مهاڳ ۾ ڏنو ويو آهي. خاص طرح هيٺيان اصول مدنظر رکيا ويا آهن:

- الف- بي جي تختي هيٺئين طور ساڳي 'جامع سنڌي لغات' واري قائم رکي وئي آهي:

ا ب ٻ ٻ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ج ڄ جهه ڃ ڇ چ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ڦ ق ڪ ک گ ڳ گهه ڱ ل م ن ڻ و ه ءِ ي

- هر اصولي لفظ کي ڪارن اکرن ۾ ڇاپو ڪري رکيو ويو آهي ۽ ان بعد هيٺان ان سان لاڳاپيل اصطلاحن کي آندو ويو آهي.
- 'الف' هيٺ، اول مد (آ) سان شروع ٿيندڙ لفظ رکيا ويا آهن. ڇاڪاڻ ته 'مد' کي 'الف' جي ٻويان 'الف' جي برابر تسليم ڪيو ويو آهي.
- معنيٰ هيٺ زائد مترادف لفظن کي ڇڏي، مختصر طور تي معنيٰ کي واضح ڪندڙ لفظ لکيا ويا آهن. جيڪڏهن ڪنهن لفظ جون معنائون هڪ کان وڌيڪ آهن ته دم(.) جي نشاني سان هڪ معنيٰ کي ٻي معنيٰ کان جدا ڪيو ويو آهي.

• مذڪر ۽ مونث لاءِ (ذ) ۽ (ث) نشانيون رکيون ويون آهن. پر 'واحد' ۽ 'جمع' جي وضاحت کي ڇڏيو ويو آهي.
• عام رائج ٻولي ۾ گهٽ استعمال ٿيندڙ دقيق علمي ادبي لفظ طبي ۽ فني اصطلاح، قومن قبيلن شهرن جا نالا ۽ ٻيا اهڙا اسم خاص ڇڏيا ويا آهن.
• "جامع سنڌي لغات" واري ذخيري کي اختصار سان آندو ويو آهي، ۽ ڪي ٿورا نوان لفظ ۽ اصطلاح بہ شامل ڪيا ويا آهن.

'جامع سنڌي لغات' جو مواد 3088 صفحن ۾ ڇپيل آهي ۽ هن 'هڪ جلدي سنڌي لغت' جو مواد 734 صفحن ۾ سمايل آهي. 'جامع سنڌي لغات' ۾ شامل لفظن ۽ اصطلاحن جو تعداد نوي کان ٽيانوي هزارن تائين آهي ۽ هن مختصر "هڪ جلدي سنڌي لغت" ۾ ستاويهہ هزار کن لفظ ۽ اصطلاح شامل آهن. ايندڙ ايڊيشن ۾ رهيل خامين کي ڪڍي خوبين کي وڌائي سگهجي ٿو. هن مرحلي تي خاص تسلي بخش ڳالهہ اها آهي جو هن رٿا جي تڪميل سان 'هڪ جلدي سنڌي لغت' جو بنيادي خاڪو هڪ ماڊل طور قائم ٿي ويو جنهن جي روشنيءَ ۾ هر ايندڙ ايڊيشن جي تياري ۽ تڪميل ۾ آساني ٿيندي.

هن لغت جي ڪم لاءِ رکيل 'پارٽ ٽائم' عملي مان شيخ محمد اسماعيل منهنجي معاون طور ڪم ڪيو ۽ مختيار احمد بلوچ پروفن پڙهڻ ۾ مدد ڪئي. استاد محمد اسماعيل کي جس جڳائي جنهن هن ڪم لاءِ وڏيڪ وقت ڏنو ۽ لفظن ۽ اصطلاحن کي ترتيب ڏيڻ جو ڪم خير خوبيءَ سان نباهيو. لفظن جي چونڊ ۽ معنيٰ ۾ خامين لاءِ آءٌ پاڻ ذميدار آهيان.

آخر ۾ آءٌ سنڌي لئنگويج اٿارٽي جي سربراهن جو شڪر گذار آهيان جن منهنجي سبڪدوش ٿيڻ کان پوءِ بہ منهنجي صلاح قبول ڪئي ۽ هن لغت جي ڪم کي جاري رکڻ ۾ هر طرح تعاون ڪيو جو هي ضروري ڪم خير خوبيءَ سان پورو ٿيو.

---

("هڪ جلدي سنڌي لغت"، ڇاپو پهريون 1998،
ڇاپو ٻيو 2006ع جو مهاڳ)

•

## سنڌي ٻوليءَ ۾ جامع انسائيڪلوپيڊڪ لغت جي گهرج

**لغت جي معنيٰ:**

عام مفهوم ۾ "لغت" (ڊڪشنري) جي معنيٰ آهي "ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ ۽ انهن جي معنيٰ". پر اصطلاحي طور لغت ان ڪتاب کي چئبو آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ جا ترتيب وار لفظ معنائن سميت ڏنل هجن. يا ائين ڪٿي چئجي تہ اهو ڪتاب، جيڪو ڪنهن بہ زبان جي الف بي جي ترتيب سان مُرتب ٿيل هجي، جنهن ۾ وصفون، جملا، فقرا، اشتقاق، هِجي، اُچارَ پهاڪا، چوڻيون، لفظن جو استعمال ۽ ٻي سموري صرفي ۽ نحوي لاڳاپيل معلومات ڏنل هجي. يا اهو ڪتاب، جنهن ۾ ٻن ٻولين جي هم معنيٰ لفظن جي معنيٰ ڏنل هجي، مثال طور "سنڌي- انگريزي" يا "انگريزي- سنڌي لغت". لغت ڪنهن بہ مضمون جي اصطلاحن ۽ انهن جي معنيٰ 'الف- بي' جي ترتيب سان مرتب ڪيل هجي، مثال طور علم نباتات جي لغت، لائبريري ۽ انفريشن سائنس جي لغت، وغيره وغيره.

"دي آڪسفورڊ ڪنسائيز ڊڪشنري" لغت لفظ جي تعريف هيئن ڪئي آهي: "ڊڪشنري اُن ڪتاب کي چئبو آهي، جيڪو ڪنهن زبان جي لفظن، ان جي معنيٰ، استعمال يا ڪن مضمونن جي اصطلاحن جي باري ۾ معلومات فراهم ڪري".

ڊاڪٽر رنگاناٿن ڊڪشنريءَ جي وضاحت ڪندي لکيو آهي تہ "مختلف ڊڪشنريون پنهنجي جوڙجڪ ۾ لفظن جي معنيٰ، هِجي، تلفظ جي ترتيب، اُچارن، لهجن، جملي جي جوڙجڪ جي قاعدن، هڪ لفظ جي ڪيترين ئي معنائن، غيرملڪي لفظن، فقرن، مختلف علامتن ۽ ٻي وڏيڪ معلومات جو ذريعو آهن.

اڪثر ڪري لغتون لفظن، علائقن ۽ قوميتن جي لهجن، قديم ۽ جديد لفظن ۽ انهن جي معنائن، محاورن، ساڳئي يا ابتڙ معنيٰ وارن لفظن جي معلومات حاصل ڪرڻ جو اهم ذريعو سمجهيون وينديون آهن. ان ڪري لغتون ڪنهن به ٻوليءَ ۾ بنيادي حيثيت رکن ٿيون.

**لغت جا قسم:**

لغت کي ٻوليءَ جي اعتبار کان ٽن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي:

(1) ٻوليءَ جي لغت، جنهن کي انگريزيءَ ۾ " Mono Lingual Dictionary " چيو ويندو آهي. مثال طور سنڌي لفظن جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ يا انگريزي لفظن جي انگريزيءَ ۾ معنيٰ وغيره.

(2) ٻن ٻولين جي لغت (Bi-Lingual Dictionary)، مثال طور 'سنڌي-اردو'، سنڌي-عربي' ۽ 'انگريزي- سنڌي' وغيره.

(3) ٽن ٻولين (Tri-Lingual) يا ٽن ٻولين کان وڌيڪ (Polyglot Dictionary) ٻولين جي لغت.

ان قسم جي لغت جو مثال "هفت زبان لغت" آهي، جيڪا پاڪستان جي مختلف ٻولين اردو، بنگالي، بلوچي، پشتو پنجابي، سنڌي ۽ ڪشميري تي مشتمل آهي، جنهن کي اشفاق احمد ۽ ٻين مرتب ڪيو ۽ مرڪزي اردو بورڊ لاهور 1974ع ۾ شايع ڪيو.

**سنڌي لغت جي مختصر تاريخ:**

سنڌي ٻوليءَ جي لغت جو جائزو ورتو وڃي ته نظر ايندو ته هن فن يا موضوع جي شروعات ٽالپرن جي دور (1787ع کان 1843ع) ۾ "سنڌي- فارسي" ۽ "فارسي- سنڌي" لغتن سان ٿي، پر حقيقت ۾ هن ڪم جي ڇپائي انگريزن جي اوائلي دور ۾ ٿي، جو غير ملڪي حاڪمن کي سنڌي لغت جي ضرورت محسوس ٿي ۽ ان لاءِ ننڍيون معلوماتي لغتون مرتب ڪيون ويون. 1836ع ۾ واٿن (Wathen) ۽ 1843ع ۾ ايسٽوڪ (Eastwick) جي مرتب ڪيل ڪم کي رائل

ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال (ڪلڪتو) جي طرفان شايع ڪيو ويو. ان وقت جي حيدرآباد جي ڊپٽي ڪليڪٽر ڪيپٽن اسٽئڪ (Stack) ٻن ٻولين تي مشتمل (Bi-Lingual) "انگريزي-سنڌي" ۽ "سنڌي- انگريزي" لغتون 1849ع ۽ 1855ع ۾ شايع ڪيون، جن ۾ سنڌي الفاظ ديوناگري اکرن ۾ لکيائين ۽ انهن جون معنائون انگريزيءَ ۾ ڏنائين، تنهن کان پوءِ 1879ع ۾ اُڌارام ٿانورداس مير چندائيءَ، پادري شرٽ ۽ مرزا صادق علي بيگ تنهي گڏجي "سنڌي- انگريزي لغت" تيار ڪئي. آخوند عبدالرحيم "وفا" جي "جواهر اللغات" بهترين لغت ڪوٺي وڃي ٿي، جنهن کي 1993ع ۾ "سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري" شايع ڪيو آهي. پرمانند ميوارام "سنڌي- انگريزي لغت" انگريزي- سنڌي لغت" تيار ڪيون، جي "انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي" ٻيهر شايع ڪيون، اُن کان علاوه اي. ٽي. شاهاڻي "سنڌي-انگريزي" ۽ "انگريزي- سنڌي" لغتون مرتب ڪيون. ورهاڱي کان پوءِ 1950ع ۾ ابن الياس سومري، نئين "اردو- سنڌي لغت" شايع ڪئي.

سنڌي لغت جي ڇپائيءَ ۾ خاص طور سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ يونيورسٽي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري، مختلف پبلشنگ ادارن ۽ انفرادي طور ڪجهه شخصيتن خاص ڪردار ادا ڪيو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ "جامع سنڌي لغات" جو ڪم 1960ع کان 1988ع تائين پنجن جلدن ۾ شايع ڪرائي سنڌي لغت ۾ گرانقدر اضافو ڪيو آهي، ۽ ان سموري اهم ۽ تاريخي ڪشالي جي تياريءَ جو سهرو محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جڳ سر تي سونهي. سنڌي ادبي بورڊ "فرهنگ جعفري" حڪيم محمد جعفر انصاريءَ جي جوڙيل طب جي لغت، جنهن کي حڪيم نياز همايوني وڌايو ۽ سُڌاريو ٽن جلدن ۾ شايع ڪئي. 1973ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ سنڌي زبان جي "بنيادي لغت"، جنهن کي سيد حسام الدين راشدي، غلام مصطفيٰ

قاسمي، محمد ابراهيم جويي، ڊاڪٽر الانا ۽ غلام رباني مرتب ڪيو شايع ڪرائي۔ 1991ع ۾ بورڊ سنڌ جي عالم مخدوم محمد زمان طالب المولي جي مرتب ڪيل لغت "لغات سنڌي مخففات" شايع ڪرائي، جنهن علم اللسان جي فن ۽ مطالعي لاءِ وسيع ميدان ڏنو آهي.

سنڌ يونيورسٽي پڻ ٻه لغتون "سنڌي۔ اردو" ۽ اردو۔سنڌي"، جن کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان ترتيب ڏنو شايع ڪيون.

سنڌ يونيورسٽيءَ جي علمي اداري "سنڌالاجي" 1979ع ۾ پرمانند ميوارام جي "سنڌي۔ انگريزي لغت" (نيو ايڊيشن) شايع ڪئي. ان کان علاوه "عربي۔ سنڌي لغت" (ٻه ڀاڱا)، جنهن کي پروفيسر غلام حسين جلباڻيءَ مرتب ڪيو شايع ڪرائي. هيءَ لغت عربيءَ کي سمجهڻ لاءِ هڪ مؤثر ذريعو آهي. ـ ي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته قرآن شريف جي لفظن جي سنڌي معنيٰ سان "قرآني لغت" شايع ڪئي وڃي، جيڪو سنڌي عالمن ۽ ادارن جو بهرحال، هڪ اهم فرض آهي.

سنڌ جي هڪ اهم علمي اداري "سنڌي زبان جي بااختيار اداري" پڻ لغت جي ڇپائيءَ ۾ قدم وڌايو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي جاگرافيائي محاورن ۽ ٻولين جي مطالعي جي سلسلي ۾ "ماڇيلي ۽ اُباوڙي جي ٻولي"، "شڪارپور جي ٻولي"، "ٿر جي ٻولي" ۽ "سبيءَ جي ٻوليءَ" نالي ڪتاب شايع ڪرايا آهن.

تازو اداري "هڪ جلدي سنڌي لغت" (1998ع) شايع ڪئي آهي، جنهن جو مؤلف ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ معاون شيخ محمد اسماعيل آهي. اها لغت "عام رائج ٻوليءَ ۽ وچولي درجي جي ادبي زبان جي لفظن ۽ اصطلاحن تي مشتمل" آهي. 734 صفحن تي مشتمل ان "سنڌي۔ٺو۔سنڌي" لغت ۾ ستاويهه هزار کن لفظ ۽ اصطلاح درج آهن.

هتي سنڌي اصطلاحن جي لغت جو ذڪر ڪرڻ بہ ضروري آهي. اصطلاح جي معنيٰ آهي ڪنهن لفظ جي ٻي معنيٰ. اهڙا ڪئين لفظ آهن جن جي ذُومعنيٰ يا ٻي معنيٰ بہ هوندي آهي. اهڙي قسم جي لغت 1956ع ۾ غلام اصغر "سنڌي ڪٿملڙا عرف اصطلاحات اصغر" جي نالي سان ٻن ڀاڱن ۾ شايع ڪرائي. ليکراج ڪشنچند ميرچنداڻي "عزيز" جي جوڙيل "اصطلاحن جي لغت" 1987ع ۾ ڀارت مان ٻن ڀاڱن ۾ شايع ٿي آهي. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي پڻ "اصطلاحن جي اصليت" .ٻي نالي سان 1987ع ۾ لغت شايع ڪئي، جنهن جو ٻيو ايڊيشن 1993ع ۾ شايع ٿيو.

سنڌ جي ثقافت ۽ سياحت کاتي، ڊاڪٽر غلام قادر سومري جي "سنڌي ٻٽن لفظن جي لغت" شايع ڪرائي. هن لغت جو مقصد سنڌي زبان ۾ لفظن جو صحيح استعمال ڪرائڻ آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ مختلف مضمونن تي پڻ لغتون شايع ٿيون آهن. ڪنهن بہ مضمون جي اصطلاحن جي معنيٰ ڏيڻ، لغت جو خاص قسم آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ طب جي مضمونن تي حڪيم محمد جعفر انصاري "فرهنگ جعفري" 1946ع شايع ڪرايو. مرزا قليچ بيگ پڻ مختلف مضمونن تي لغتون مرتب ڪيون. موجوده وقت ۾ شمس الدين تنيي سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي اصطلاحن جي معنيٰ سان جديد سائنٽفڪ ڊڪشنري انگريزي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ 1987ع ۾ مرتب ڪئي. هن لغت کي جديد طرز تي 1995ع ۾ روشني پبليڪيشن شايع ڪرايو. يقينن اهڙن علمي تحقيقي ڪمن سان سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ ٿئي ٿي.

اڄڪلهہ لغتون اِنسائيڪلوپيڊڪ (Encyclopaedic Lexicographic) هيئت يا شڪل ۾ شايع ٿي رهيون آهن. اهڙيون لغتون نہ صرف ٻوليءَ جي لفظن جي معنيٰ بلڪ ٻين اهم موضوعن، جيئن تہ عام معلومات، زبان، علم

ادب، تاريخ، جاگرافي، فنون لطيفه ۽ شخصيتن متعلق اهم معلومات ڏين ٿيون. اهڙي لغت جو مثال انگريزي زبان جي "ويبسٽر نيو ٽُئنٽينٽ سينچري" (Webster New Twenteenth Century Dictionary) جو آهي.

**انسائيڪلوپيڊڪ لغت جو مثال:**

ويبسٽر جي هن لغت مان انگريزي لفظن جي معنيٰ سان گڏ ٻي به معلومات حاصل ڪري سگهجي ٿي. جيئن ته انگريزي زبان جي تاريخ، نامور شخصيتن جي باري ۾، جيڪي انگريزي ادب ۽ لوڪ ادب ۾ ناميارا آهن، غير ملڪي لفظن ۽ فقرن بابت ڄاڻ، مقدس ڪتابن جي خاص نالن ۽ لفظن بابت، خاص مخفف (Abbrevations) جيڪي عام طرح لکڻ ۽ ڇپائيءَ ۾ استعمال ٿيندا آهن، علم رياضيءَ ۽ ڊنڊي جي باري ۾ ماپ طور جي پيمائش جو چارٽ، مختلف شخصيتن ڏانهن مخاطب ٿيڻ لاءِ خطاب ڪيئن ڪجي، خاص نشانيون يا علامتون، جيڪي مختلف مضمونن ۾ استعمال ٿين ٿيون، مثلاً حسابن ۾ انگريزي انگ "100" لکبو ته رومن ۾ "C" اکر استعمال ٿيندو آهي. دنيا جي جاگرافيءَ متعلق معلومات جيئن ته مختلف ملڪن، صوبن، رياستن جي ايراضي، آدمشماري، هوائي مفاصلا، جبلن جي بلندي ۽ قطارون، مختلف کنڊن جي ملڪن جا نقشا. آمريڪا جي تاريخ بابت اهم معلومات. آمريڪا جي صدرن جي زندگيءَ بابت. آمريڪا جي نائب صدرن ۽ ڪيبينٽ آفيسرن بابت معلومات. آمريڪا جي قانونن بابت. گڏيل قومن جي ڪارڪردگيءَ بابت اهم اصطلاح، جيڪي مالي ۽ ڪاروباري مضمونن ۾ استعمال ٿين ٿا، اُهي ٻولين انگريزي، ڊچ، فرينچ، جرمني، اٽلين، پورچوگيز، روسي ۽ اسپينش ۾ ڄاڻايل آهن ۽ آخر ۾ انڊو يورپين ٻولين جو چارٽ، جنهن ۾ سموريون مشرقي ٻوليون اچن ٿيون. مطلب ته هن ڊڪشنريءَ ۾ انگريزي لفظن جي معنيٰ سان گڏ ٻي به جامع معلومات ڏنل آهي.

## سنڌي ٻوليءَ ۾ انسائيڪلوپيڊڪ لغت جي ضرورت ۽ خاڪو:

سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ هڪ ٻولي (Mono Lingual) ٻن ٻولين (Bi Lingual)، کان وڌيڪ (Polyglot) ٻولين جون لغتون ۽ مضمونن جون لغتون گهڻي تعداد ۾ ڇپيون آهن، پر جيئن تہ علم و ادب جي فروغ، جديد سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ايجادن سان يا ائين چئجي تہ ايڪويهين صديءَ جي تقاضائن جي تحت پڙهندڙن جون گهرجون جديد هيئت (Forms) ۾ انسائيڪلوپيڊڪ (Encyclopaedic Lexicography) لغت لاءِ واجهائي رهيون آهن. پکڙيل علم کي هڪ تسبيح ۾ پوئڻ، وقت ۽ علم جو بچاءُ ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ان لاءِ ضروري آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ انسائڪلوپيڊڪ جامع لغت ترتيب ڏني وڃي. ڇاڪاڻ جو اڄ جو پڙهندڙ ڪمپيوٽر جي ايجاد، سٽيلائيٽ نظام، برقي مواصلاتي نظام (E.mail) ۽ ٻين نهايت تيز رفتار موثر سلسلن جي حوالي سان گهٽ ۾ گهٽ وقت ۾ گهڻي کان گهڻي معلومات حاصل ڪرڻ جو خواهشمند آهي. اُن لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ انسائيڪلوپيڊڪ جامع لغت ترتيب ڏيڻ جي اشد ضرورت آهي. جيئن علم جي بحر کي ترتيب سان سموئي ڪوزي ۾ بند ڪيو وڃي.

ڊاڪٽر الانا "لغات مخففات" جي مقدمي ۾ لکيو آهي تہ انسائيڪلوپيڊڪ لغت اهڙو ڪتاب آهي، جنهن ۾ دنيا جي سمورين شين جي پوري ڄاڻ ڏني وڃي ٿي.

## سنڌي انسائيڪلوپيڊڪ لغت جو خاڪو:

سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙي قسم جو خاڪو تيار ڪرڻ لاءِ هيٺيان اهم نقطا سامهون رکي سگهجن ٿا:

-سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ
-سنڌي زبان جو بُڻ بنياد
-سنڌي زبان جا مختلف لهجا، اُچار ۽ گهاڙيٽا، مخففات، اشتقاق، اصطلاح، پهاڪا، پروليون ۽ چوٽيون

-نوان لفظ/ هم معنيٰ ۽ مترادف ۽ متبادل لفظ
-مشرقي ٻولين جو چارٽ
-دنيا جي ٻولين جو چارٽ
-سنڌ جو اهم شخصيتون
-سنڌ جا مشهور سياستدان
-سنڌي زبان، ادب ۽ ثقافت جون نمايان شخصيتون
-سنڌ جو لوڪ ادب
-سنڌ جا نقشا، شهر ۽ ديهن جا نالا
-سنڌ جي جامع تاريخ
-سنڌ جي زراعت
-سنڌ جا مختلف ڌنڌا، هنر ۽ انهن جا اصطلاح
-سنڌ جون يادگار جايون
-سنڌي موسيقي ۽ ساز
-سنڌي ثقافت جا اهم پهلو
-سنڌي ۾ سائنسي، ٽيڪنالاجي، مالي ۽ ڪاروباري اصطلاح وغيره.

ان اهم ۽ تاريخي ڪم کي سرانجام ڏيڻ لاءِ سنڌ جي سمورن علمي ۽ تحقيقي، تعليمي ۽ ثقافتي ادارن ۽ عالمن کي گڏجي ڌيان ڏيڻ کپي. اڄڪلهه اسان وٽ ڪمپيوٽر جي استعمال اشاعت جي ڪمن کي آسان ڪري ڇڏيو آهي، ان ڪري ان مان گهڻي کان گهڻو فائدو وٺڻ کپي.

سنڌ جي عالمن، محققن ۽ استادن جو فرض آهي تہ پنهنجن ايندڙ نسلن کي اهو ڪجهه ڏيئي وڃن، جيڪو انهن جو حق آهي ۽ جنهن سان سنڌ جو روشن مستقبل وابستہ آهي.

**سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل لغتن جي سن وار فهرست:**

(1) "سنڌي- انگريزي لغت" 1910ع، ٻولچند، بمبئي، اسٽيم پريس (صفحا 258).

(2) "سنڌي-انگلش لغت"، 1910ع، پرمانند ميوارام، بمبئي، ايڊيوڪيشنل پبلشنگ ڪمپني صفحا 464 (ٻيو ايڊيشن انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 1979ع ۾ شايع ڪيو).
(3) "لغات لطيفي"، 1914ع، مرزا قليچ بيگ، شڪارپور، پوڪرداس اينڊ سنز صفحا 380. (ٻيو ڇاپو سنڌي ادبي بورڊ 1967ع ۾ شايع ڪيو.)
(4) "پريميئر ڪنسائيز انگريزي-سنڌي لغت"، 1917ع، جي. بي. آڏواڻي، حيدرآباد، آڏواڻي ڪمپني صفحا 339.
(5) "سنڌي لغات قديمي"، 1924ع، مرزا قليچ بيگ، حيدرآباد، سنڌي ساهت پبلشنگ، ص 368.
(6) "ڪتاب انيس الطالبين يعني ٽه-وايو عربي-پارسي-سنڌي لغت"، (سال ڄاڻايل نه آهي.) ميان امام بخش خان، شڪارپور، منشي پوڪرداس ٿانورداس، ص 38 (ليٿو).
(7) "نئين اردو-سنڌي لغت"، 1950ع، ابن الياس سومرو حيدرآباد، آزاد بڪ ڊيپو ص 354.
(8) "تحقيق لغات سنڌي"، 1955ع، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ. ص 476. (ٻيو ڇاپو 1957ع، ٽيون ڇاپو 1959ع، چوٿون ڇاپو 1963ع).
(9) "سنڌي ڪٿمنڙا عرف اصطلاحات اصغر"، 1956ع، غلام اصغر، پاڱو پهريون (ا-ر)، پاڱو ٻيو (ز-ي) حيدرآباد، آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس، ص 574.
(10) "سنڌي-اردو لغت"، 1959ع، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي پريس. ص 766. (ٻيو ايڊيشن سنڌالاجي 1979ع ۾ شايع ڪيو).
(11) "جامع سنڌي لغات"، (پنجن جلدن ۾) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. جلد پهريون (ا-پ) ص 516.

-جلد ٻيو (پ۔ چ) 1981ع، ص 517۔ 1047.
-جلد ٽيون (ج ۔ز) 1984ع، ص 1050۔1525.
-جلد چوٿون (س۔ ڪ) 1985ع، ص 1526۔3088
-جلد پنجون (ک ۔ ي) 1988ع، ص 2195۔3088.
(12) "فرهنگ جعفري"، 1960ع (ٽن جلدن ۾) حڪيم محمد جعفر انصاري، مرتب: حڪيم نياز همايوني، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ.
-جلد اول ص 9، 69.
-جلد ٻيو ص 610۔1178.
-جلد ٽيون 1961ع، ص 1182۔1453.
(13) "اردو۔ سنڌي لغت"، 1960ع، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي پريس، ص 591.
(14) "وڌيتي ڪوش"، 1964ع، ڄمٽ مل نارومل وسٽائي، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 71.
(15) "مهراڻ، انگريزي۔سنڌي لغت"، 1967ع، ثناء الله شيخ، سکر، عجائب اسٽور، ص 631.
(16) "انگريزي۔سنڌي لغت"، سيد غلام مصطفيٰ شاهه ۽ مولانا غلام اصغر، حيدرآباد، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، ص 176.
(17) "دي پاڪيٽ انگريزي۔سنڌي ڊڪشنري"، 1975ع، ڊبليو. اي شاهاڻي، سکر، عجائب اسٽور، ص 629.
(18) "لاڙ جي لغت"، 1975ع، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، ص 62.
(19) "همدرد انگريزي تو سنڌي لغت"، 1977ع، امان الله عباسي ۽ ٻيا، سکر، ميمڻ بڪ اسٽال، ص 774.
(20) "سامي ڏاتو ڪوش"، 1978ع، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو لاڙڪاڻو، ايم. اسلم ميان، ص 101.

(21) "سنڌي تو سنڌي-انگلش لغت". 1980ع. امان الله عباسي ۽ ڊاڪٽر محمد فريد عباسي. حيدرآباد. ميمڻ بڪ اسٽور. ص 650.
(22) "جديد سائنٽيفڪ ڊڪشنري انگلش-سنڌي" 1987ع. شمس الدين تنيو ڪراچي. موهن جو دڙو پبلشنگ هائوس. ص 684. (ٻيهر جديد طرز تي 1995ع ۾ روشني پبليڪيشن طرفان شايع ص 1120.)
(23) "سنڌي اصطلاح". 1987ع. ليکراج ڪشنچند عزيز ڀاڱو پهريون (ا-ج). ڀاڱو ٻيو (ح-ي). بمبئي. ص 351.
(24) "عربي-سنڌي لغت". 1988ع. غلام حسين جلباڻي. ڀاڱو پهريون (ا-ظ). ڀاڱو ٻيو (ع-ي). 1990ع. ڄامشورو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي. ص 1645.
(25) "لغات سنڌي مخففات" 1991ع. مخدوم محمد زمان طالب المولى. ڄامشورو سنڌي ادبي بورڊ. 1991ع. ص 129.
(26) "سبيءَ جي ٻولي". 1992ع. داد محمد "خادم" بروهي. حيدرآباد. سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو 177.
(27) "شڪارپور جي ٻولي". 1992ع. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد. سنڌي. حيدرآباد. سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ص 110.
(28) "ماڻيلي- اباوڙي جي ٻولي". 1992ع. پروفيسر محمد فاضل شيخ. حيدرآباد. سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ص 146.
(29) "جواهر اللغات سنڌي اڪيچار" 1993ع. آخوند عبدالرحيم عباسي. حيدرآباد. سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ص 782.
(30) "اصطلاحن جي اصليت". 1993ع. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو ڪراچي. سنديلو اڪيڊمي ص 148.
(31) "سنڌي ٻٽن لفظن جي لغت". 1992ع. ڊاڪٽر غلام قادر سومرو ڪراچي. ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ. ص 909.

## ببليوگرافي

(1) Burkett, j and Morgan, T. S: "Special material in the library" London, The Library Association, 1962.

(2) Lachhman Khubchandani, Dr: "Current trends in linguistic in Sindh" Vol-v, The Hague, Mouton, 1969.

(3) "New Websters Dictionary of the English Language", Deluxe Encyclopaedic Edition. America, lexicon Publications 1985

(4) Referred Catalogue Cards Allama. I.I. kazi Library oriental section.

(5) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "جامع سنڌي لغات"، ڀاڱو پھريون، 1960ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو (مھاڳ).

(6) محبوب اختر پناڻ: "سنڌيءَ ۾ لغت نويسيءَ جي مختصر تاريخ"، ماھنامہ نئين زندگي، مارچ 1993ع.

(7) مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ: "لغات سنڌي مخففات"، ڄامشورو سنڌي ادبي بورڊ، 1991ع

---

(ھيءَ مضمون ٽماھي 'مھراڻ' جنوري-جون 1999ع ۾ ڇپيل آھي.)

ڊاڪٽر فهميده حسين

# علم اللغات ۽ سنڌيءَ ۾
# لغت سازيءَ جي روايت

’علم اللغات‘، ’لغت سازي‘، ’لغت نويسي‘ اهڙا اصطلاح آهن، جن کي عام طرح هم معنيٰ سمجهيو ويندو آهي، پر اصل ۾ انهن اصطلاحن ۾ ٿورو فرق آهي، جنهن کي سمجهڻ جي ضرورت آهي.

’لغت سازيءَ‘ کي انگريزيءَ ۾ Lexicography چيو ويندو آهي، جيڪا لسانيات جي هڪ شاخ آهي، جنهن ۾ لفظن جو اڀياس ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ لفظن جي ماهيت، عناصر، معنائون، اُچار، وياڪرڻي حيثيت ۽ سموري لفظي ذخيري (Lexicon) کي شامل ڪيو ويندو آهي، انهي ۾ نهنڊڙ لغت جي لفظن جي الف ـ ب وار ترتيب کي ڌيان ۾ رکندي سهيڙ (Compilation) وغيره ٿيندي آهي.

Lexicography جا ٻه قسم ٿيندا آهن، هڪ اصولي لغت سازي (Theoretical Lexicography) ۽ ٻيو عملي لغت سازي (Practical Lexicography)، پهرئين قسم موجب لغت ٺاهڻ لاءِ لفظن، انهن جي معنائن جو عالماڻي طريقي سان تجزيو ڪرڻ، انهن جي پاڃ (decipherment) ڪرڻ، وياڪرڻي حيثيت جو تعين ڪرڻ، بڻ بنياد ۽ ارتقا معلوم ڪرڻ ۽ لفظن جو پاڻ ۾ تعلق ڏسڻ شامل آهي:

Theoretical Lexicography is scholarly discipline of analyzing and deciphering semantics, symptomatic and paradigmatic relationship within the lexicon (vocabulary).

اهي اصول آهن جن تي هلي ڪوبه لغت ساز لغت لکڻ جو عمل يعني لغت نويسي ڪري سگهي ٿو.

عملي لغت سازي (Practical Lexicography) لغت جو خاڪو جوڙي ان کي لکڻ ۽ مرتب ڪرڻ يا سهيڙڻ بابت آهي، ان جي وصف هن ريت ٿيندي:

"It is the art or craft of compiling, writing and editing dictionaries."

اُن ڏس ۾ جيڪي ڳالهيون خيال ۾ رکڻيون آهن ۽ جن تي لکڻو آهي هن ريت ڄاڻايل آهن:

"Practical lexicographic work involves several activities, and the compilation of well-crafted dictionaries require careful consideration of all or some of the following aspects:

Profiling the intended users (i.e. linguistic and non-linguistic competences) and identifying their needs.

Defining the communicative and cognitive functions of the dictionary.

- Selecting and organizing the components of the dictionary

Choosing the appropriate structures for presenting the data in the dictionary.

- Selecting words and affixes for systematization as entries.
- Selecting collocations, phrases and examples.
- Defining words.
- Organizing definitions.
- Specifying pronunciations of words.

Labeling definitions and pronunciations for register and dialect, where appropriate.

- Selecting equivalents in bi- and multilingual dictionaries.

Translating collocations, phrases and examples in bi- and multilingual dictionaries.

Designing the best way in which users can access the data in printed and electronic dictionaries.

(Ref: Wikipedia, the free encyclopedia)

ترجمو:

عملي لغت سازيءَ جو ڪم گهڻين ئي ڳالهين تي مشتمل آهي ۽ سهڻي نموني جوڙيل لغتن ۾ هيٺين پهلوئن جو ڌيان رکڻ ضروري آهي:

لغت جو استعمال ڪهڙي قسم جا ماڻهو ڪندا، انهن جي ضرورتن کي ڌيان ۾ رکبو.

لغت جي استعمال لاءِ ضروري نُڪتن جي سمجهاڻي ڏجي.

• لغت جي مختلف جزن جي چونڊ ۽ انهن جي ترتيب.
• لغت ۾ معلومات يا ڊيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ضروري جوڙجڪ.
• داخلائن کي اهڙو رخ ڏيڻ لاءِ لفظن ۾ جوڙن (affixes) جي درست چونڊ.
• مثال، لفظن جي ٽڪڙا ۽ چوٽين جي چونڊ (لفظن کي چٽو ڪرڻ لاءِ)
• لفظن جون وصفون يا سمجهاڻيون.
• وصفن جي ترتيب ۽ تنظيم.
• لفظن جا اُچار.
• اچارن ۽ وصفن کي درست اکرن سان ظاهر ڪرڻ ۽ ضرورت آهر لهجي جو ذڪر.
• ٻـ- ٻوليائي يا گهڻ- ٻوليائي لغتن ۾ ٽڙ مترادف/ متبادل لفظ ڏيڻ.
• ٻـ- ٻوليائي يا گهڻ- ٻوليائي لغتن ۾ چوٽين پهاڪن ۽ مثال جو صحيح ترجمو.
• پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ لغتن ۾ استعمال ڪندڙن جي سهولت جو خيال رکڻ.

هن ۾ سڌو سنئون لغت جوڙڻ جو عمل اچي وڃي ٿو ۽ هڪ خاص رٿابنديءَ سان مٿي بيان ڪيل اصولن ۽ طريقن کي عمل ۾ آڻي لغت ٺاهي وڃي ٿي... جنهن جا تياريءَ جا مرحلا مرتب ٿيڻ يا سهيڙجڻ تائين لغت نويس جي هٿ ۾ هوندا آهن. ان کان پوءِ وارو ڪم پبلشر ۽ پرنٽر جو هوندو آهي.

ٻئي طرف "علم اللغات" کي انگريزيءَ ۾ Lexicology چيو وڃي ٿو. اهو لسانيات جي علم جي هڪ شاخ آهي، جنهن ۾ لغت سازي (اصولي توڙي عملي لغت سازيءَ) جي علمي ڇاڻ ڇنڊ ڇاڻ ڏني ويندي آهي، ان لاءِ طئي ڪيل قاعدا قانون ۽ اصول سيکاريا ويندا آهن. اُن علم سان لسانيات جا ٻيا ڪي ٻيا علم پڻ تربيت جو حصو ٿيندا آهن، جن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿا:

(1) Semantics يا معنويات ذريعي لفظن جون معنائون، لغوي توڙي اصطلاحي، حاصل ڪرڻ لاءِ علامتن (Symbols) کي سمجهڻ، ۽ انهن جي وصف ڪرڻ جو عمل ٿيندو آهي.

(2) Etymology يا علم اشتقاق ۽ لفظن جي بُڻ بنياد ۽ ارتقا جي ڄاڻ به هڪ حد تائين اُن سکيا ۾ ضروري آهي.

(3) Phonology يا علم صوتيات ذريعي لغت جي لفظن جي آوازن ۽ اُچارن جو اڀياس ڪيو ويندو آهي.

(4) Morphology يا علم صرفيات جي ڄاڻ لفظن جي جوڙجڪ ۽ ساخت سمجهڻ لاءِ ضروري هوندي آهي.

(5) Syntax علم نحويات يا گرامر جي ڄاڻ ذريعي لفظن جي وياڪرڻي حيثيت طيءِ ڪرڻ ۾ مدد ملندي آهي.

(6) Orthography لکت، الفابيٽ ۽ صورتخطيءَ جا مسئلا هن علم ذريعي حل ڪري سگهبا ۽ لفظن جي خارجي ۽ داخلي ترتيب کي الف ب وار ڪرڻ پڻ هن علم ذريعي آسان ٿئي ٿو.

انهن سمورن علمن جي گڏيل اڀياس سان علم اللغات جو ڪم جهڙوڪر لغت سازيءَ جي عملي تربيت ڏيڻ ٿئي ٿو.

سنڌ ۾ شايد ئي ڪو لغت ساز يا لغت نويس اهڙو هجي، جنهن اهڙي تربيت ورتي هجي. اهو مضمون (Discipline) ته اڄ به ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ نٿو پڙهايو وڃي. سنڌ جي ڪنهن به يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾، نه ماسترس ۾ ۽ نه ايم. فل، پي ايچ. ڊي سطح تي، ان بابت ڪو اڀياس يا ڪا تحقيق ٿي آهي. لسانيات جا شعبا اول ته سنڌ جي يونيورسٽين ۾ آهن ڪونه. پر جتي آهن به (جيئن ڪراچي يونيورسٽي جي انگريزي شعبي ۾) ته اُتي لغت جي علم يا لغت ناهڻ بابت ڪو تربيت ورتل ماهر موجود ڪونهي. اهڙي صورتحال ۾ جڏهن سنڌي ادبي بورڊ يا سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جهڙا ادارا لغتون ۽ انسائيڪلوپيڊيائون جوڙڻ جون رٿائون عمل ۾ آڻين ٿا ته ڪين تربيت يافته ماڻهو ملڻ مشڪل آهن. سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران "سنڌي لغت بورڊ" جي رٿا سنڌ حڪومت کي منظوريءَ لاءِ موڪلي وئي آهي، ان جي منظوريءَ تائين هڪ "ڊڪشنري سيل" جوڙيو ويو آهي، جنهن ۾ سنڌيءَ ۾ ماسترس ڪيل ڪجهه نوجوانن کي اهڙي ذميواري ته ضرور ڏني وئي آهي، پر اهي اهڙي ڪا تربيت حاصل ڪيل ڪونه آهن، ۽ محض چند هدايتن جي تحت ڪم ڪري رهيا آهن. جنهن وقت لغت بورڊ

لهيو ۽ باقاعده تربيت يافته ماڻهن جي ضرورت پوندي ته اثارتيءَ کي سخت مشڪلات کي منهن ڏيڻو پوندو. اهو سوچي هن مضمون ۾ ڪجهه بنيادي اصول بيان ڪيا ويا آهن. ڊڪشنري يا لغت بنيادي طرح لفظن ۽ انهن جي معنائن وارو ڪتاب هوندو آهي، ان ڪري سڀ کان پهرين انهيءَ پهلوءَ جا بنيادي نڪتا بيان ڪنداسين.

**(الف) معنويات** Semantics

معنيٰ جي حوالي سان اهو معلوم هئڻ گهرجي ته هڪ سٺي لغت جي خوبي اُن ۾ هڪ لفظ جي معنيٰ ان جي مترادف، هم معنيٰ ۽ ويجهي ۾ ويجهي معنيٰ رکندڙ هڪ لفظ سان ڏيڻ ۾ هوندي آهي. مترادف يا هم معنيٰ لفظ نه هئڻ جي صورت ۾ ويجهي معنيٰ ، رکندڙ لفظن جا ٽڪڙا (Phrases) يا وضاحتون ۽ وصفون ڏيڻ جي مجبوري لغت جي خوبيءَ کي متاثر ڪري سگهي ٿي. البت ڪنهن عام لغت بدران خاص مضمون واري لغت ۾ وضاحتون ۽ تشريحون ڏيڻ سبب انهن کي Descriptive Dictionaries جي حيثيت ڏئي سگهجي ٿي. معنويات (Semantics) جو علم لفظن جي لغوي ۽ اصطلاحي معنائن ۾ فرق، لفظن اندر لڪل علامتن (Symbols) جي اشارن کي سمجهڻ، انهن جي ثقافتي استعمال، شاعراڻي استعمال کانسواءِ هڪ لفظ جون گهڻيون معنائون ۽ هڪ معنيٰ وارا گهڻا لفظ سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿو ۽ ڪنهن لفظ جي معنيٰ جو دائرو يا Scope پڻ علم معاني طيءِ ڪري ٿو. هن علم جي مدد سان لفظن جو تجزيو ڪري بلڪل ٺهڪندڙ ۽ تز معنيٰ ڳولڻ ۾ سهولت ٿئي ٿي. جيڪڏهن اسين لسانيات جي علم جي مدد سان ٻوليءَ جي وصف ڪريون ته اها "پاڻمرادو اختيار ڪيل آوازي علامتن جي تنظيم آهي" ته علم معانيءَ جو تعلق انهن علامتن کي سمجهڻ سان آهي. جيئن ته اهي علامتون ڪنهن خاص ترتيب ۽ تنظيم سان پيش ٿيل هونديون آهن. ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن لفظ ڪنهن جملي ۾ يا ڳالهه ۾ پنهنجي جاءِ (Position) جي ڪري به مختلف معنيٰ رکي سگهن ٿا. مثلاً "هن کي سڏ ڪر"، "مون کي شاديءَ جو سڏ مليو آهي" يا "منهنجو گهر سڏ پنڌ تي آهي" ۾ "سڏ" لفظ جي معنيٰ ۾ فرق آهي، معنويات جو علم انهن جي معنيٰ جو تعين ڪرڻ ۾ به مدد ڪندو آهي.

### (ب) صوتيات Phonology

لفظ جيئن تہ آوازن مان ٺهيل هوندا آهن، ۽ انهن جا اُچار بہ انهن آوازن جي صحيح ادائگيءَ تي منحصر آهن. ان ڪري آوازن جي علم جي مدد پڻ لغت سازيءَ ۾ ڪم اچي ٿي. ڪنهن بہ لفظ جو اُچار ڪرڻ ۾ ڪنهن ننڍڙي سُر آواز جي تبديليءَ سان معنيٰ جو وڏو فرق اچي سگهي ٿو ۽ ائين لغت ۾ لفظ جي معنيٰ غلط درج ٿي سگهي ٿي: مثلاً "مَٽُ" (گهڙو)، "مِٽُ" (مائٽ)، "مُٽُ" (پيشاب)، "مِٽَ" (ڳل) وغيره لفظن ۾ حرف ساڳيا آهن. پر انهن جون معنائون مختلف آهن ۽ انهن جا جمع بہ مختلف ٿيندا. انهن لفظن کي صحيح صورت ۾ انهن ڇوٽن سُرن جي نمائندگي ڪندڙ نشانين (اعرابن diacritics) سان واضح ڪرڻ بہ ضروري آهي.

### (ڀ) صرفيات يا علم صرف Morphology

علم صرف جي حوالي سان انهن آوازن تي مشتمل لفظن جي مخصوص ساخت يا جوڙجڪ کي سمجهيو ويندو آهي. ڪي لفظ مفرد، سادا يا بنيادي هوندا آهن. ڪي مرڪب تہ ڪي مرتب ۽ پيچده. لفظ جي ڌاتوءَ، مادي يا بنياد مان ڦيرن (Inflection) ذريعي ۽ مختلف حالتن ۾ ٿيندڙ تبديلين Declensions سان ٺهندڙ لفظن واري سرشتي کي بہ هن علم ذريعي سمجهي سگهبو آهي تہ وري هڪ لفظ مان ٻئي لفظ جي نڪرڻ (Derivation) جو عمل بہ معلوم ڪبو آهي. مرڪب لفظن جي ٺهڻ جا طريقا، اڳياڙين پڇاڙين سان ٺهندڙ مرڪب لفظ، پروس ۽ آزاد صورتن يا آزاد ۽ آزاد صورتن جي ڳنڍجڻ سان ٺهندڙ لفظن جي حيثيت ۽ معنيٰ توڙي پاسي ۾ رکيل لفظي جوڙن يا ٻٽن لفظن جي بناوت پڻ هي علم سمجهائي ٿو ۽ اهو ئي علم مدد ڪندو آهي تہ اهي لفظ ڪنهن عبارت ۾ ڌار ڌار ۽ گڏ ڪهڙي صورت ۽ معنيٰ رکن ٿا.

### (ٻ) نحويات Syntax

اُن کان پوءِ اهي لفظ جملي ۾ جيڪو ڪارج ٿا ادا ڪن ان مطابق سندن هڪ حيثيت هوندي آهي. ڳالهائڻ جي جزن طور انهن جي ورهاست

ٿيل هوندي آهي، ڪي اسم، ڪي ضمير ته ڪي فعل سڏبا آهن. اهي خاص حالتن ۾ ڦيرا ڪائيندا آهن. فعل لازمي ۽ متعدي ٿيندا آهن. معروف ۽ مجهول صورت ۾ هوندا آهن. مختلف زمانن ۽ حالتن موجب گردان ڪندا آهن. ٻين لفظن سان جنس ۽ عدد موجب مطابقت رکندا آهن. انهن سڀني ڳالهين جي ڄاڻ هڪ لغت دان کي لفظن جي وياڪرڻي حيثيت مقرر ڪرڻ لاءِ گهڻي مدد ڪندي آهي ۽ هو ٻڌائي سگهندو آهي ته لفظ اسم آهي يا صفت. جي اسم آهي ته واحد آهي يا جمع، مذڪر آهي يا مونث. اهڙيءَ ريت هر ڳالهائڻ جي لفظ (Part of Speech) جون خاصيتون لکي سگهندو. ڪي لفظ هڪ ئي وقت صفت ۽ ظرف جون خاصيتون رکندا آهن. مثلاً "ڇوڪرو تکو ڊوڙي ٿو" ۽ "هي هڪ تِکو گهوڙو آهي" ۾ لفظ تکو ٻهرئين جملي ۾ ظرف ۽ ٻئي ۾ صفت آهي. اها ڄاڻ لغت نويس لاءِ تمام اهم آهي.

ڪيترائي ماهر لغتدان (Lexicographer) چون ٿا ته ڊڪشنرين ۾ لفظ انفرادي ايڪن (Units) طور ڏنل هوندا آهن. آخر گرامر جو صيغو يا سُجاڻپ ٻڌائڻ جي ضرورت ڇو ٿي محسوس ڪئي وڃي؟ دراصل ڪو به لفظ پنهنجي استعمال واري هنڌ يا 'مقرر جاءِ' ڪانسواءِ ڪهڙي اهميت رکي ٿو؟ اُن جي معنيٰ ان جي اڳيان پٺيان ڪتب ايندڙ لفظن جي ڪري ئي سمجهي به سگهي ٿي. ان ڪري ڪنهن جملي جي جوڙجڪ ۾ اهو هڪ لفظ ضرور ڪا حيثيت رکندو هوندو. جملي ۾ لفظن جي جاءِ ۽ حيثيت ۽ ائين ڳالهه يا عبارت جي مجموعي جوڙجڪ جي عمل کي ئي دراصل گرامر چئجي ٿو. انهيءَ جوڙجڪ ۾ لفظن جو استعمال ۽ ان جون معنائون هڪ ٻئي تي انحصار رکن ٿيون.

"To a linguist, it (Grammar) means the codification of usage, and a description of the ways in which words are typically used, according to carefully collected evidence." (The Chambers Dictionary, 1993, page (vii).

جيڪڏهن ڪو اهڙو لفظ لغت ۾ ڏٺو پوي، جيڪو ٻوليءَ ۾ جيڪي به مخصوص استعمال جا طريقا ۽ سبب آهن، انهن سان مطابقت نه رکندو ته ان کي وياڪرڻي حيثيت ۾ قبول ڪونه ڪيو ويندو. انهيءَ ڪري چيو ويو آهي ته:

Anything that does not conform to a typical pattern of usage is ungrammatical (Chamber's Dictionary, vii)

ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته:

ڪنهن ٻوليءَ جي لفظن جي گرامر ۾ حيثيت، گردان/ ڦيرن (مصدر 'ڪرڻ' مان 'ڪر'، 'ڪري'، 'ڪيو'، 'ڪيائين' وغيره ۽ 'سچ' مان 'سچائي'، 'سچيرو'، 'سچار' وغيره) (derivation and inflection) ۽ لفظن تي اختيار رکندڙ قوت (governing) جنهن مان خبر پوي، ته ڪهڙو لفظ ٻئي ڪنهن لفظ تي اختيار رکي ٿو لفظن جي ڦيرن، بنيادن وغيره کي سمجهڻ لاءِ گرامر جي ڄاڻ ضروري آهي. ان ڪري هڪ لغت دان يا لغت ناهيندڙ لاءِ گرامر جي به ڄاڻ ضروري آهي.

## (ت) علم اشتقاق (Etymology):

ٻئي طرف لغت سازيءَ ۾ لسانيات جي هڪ ٻي شاخ Etymology يا لفظن جي تاريخي حيثيت ۽ اشتقاق جو علم پڻ ضروري آهي، ان لاءِ ماهرن جو چوڻ آهي ته اهو علم ڪنهن به ٻوليءَ جي بُڻ بنياد ۽ معنوي تبديلين جي کوجنا ڪي چيو ويندو آهي، اها به لسانيات جي شاخ آهي. ان جو بنياد etymons (يوناني) آهي، جنهن جي معنيٰ 'سچ' 'حقيقت' آهي، ان مان etymon نڪتو جنهن جو مطلب آهي "لفظ جو مادو يا مصدر" اصل لفظ جنهن مان ٻيا لفظ ٺهن.

Etymology is the study of the history of words, their origins and how their form and meaning have changed over time.

علم اشتقاق لفظن جي تاريخ جو ۽ انهن جي بنياد جو علم آهي، ۽ ان سان اهو معلوم ڪبو آهي ته لفظ اصل ڪهڙي زبان جو آهي، اتان ڪهڙي صورت ورتائين، اهڙن لفظن جون صورتون ۽ معنائون وقت گذرڻ سان ڪيئن تبديل ٿين ٿيون. ڪنهن ٻوليءَ ۾ ڪيترا ۽ ڪهڙا اڌارا ورتل لفظ (Loanwords) آهن. انهيءَ ۾ صرفيات جي علم وانگر اهو به ڏسبو ته لفظن جي تبديليءَ جا ڪهڙا ڪهڙا طريقا رهيا آهن. مثال طور: (1) هڪڙن بنيادي لفظن مان ٻيا لفظ نڪرڻ (Derivation)، (2) ڦيرن (گردان) ذريعي نوان لفظ ٺهڻ

(Inflection)، مرڪب ڪرڻ Compounding، آوازي ورجاءُ جيئن (در جي) ٺڪ ٺڪ، (دل جي) ڌڪ ڌڪ، Onomatopoeia، ميائون ميائون، پئو پئو آوازي علامتون Sound Symbolism، جن ۾ بدّل آواز موجب لفظ جڙن جيئن (انگريزي Click يا سنڌي ٺڪاءُ)

هڪ زبان مان لفظ جڏهن ٻي زبان ۾ ويندا آهن تہ هڪ تہ ان جي مزاج موجب بدلجندا آهن، ٻيو وري وقت گذرڻ سان اُچارن سان گڏ معنائون بہ بدلجي وينديون آهن. مثلاً عربي لفظن جو مثال وٺو 'احتجاج' (حجت وغيره) معنيٰ دليل ڏيڻ پر سنڌيءَ ۾ ان جي معنيٰ ننڊا. مخالفت جو اظهار ڪرڻ آهي. 'الزام' معنيٰ لازم ڪرڻ، سنڌيءَ ۾ معنيٰ 'تهمت'، 'بهتان' وغيره. 'جلوس' = 'ويهڻ'، سنڌيءَ ۾ 'ميڙ ڪري هلڻ' جيئن جلوس ڪيڻ چئبو آهي۔ وغيره.

**(ٿ) صورتخطي** Orthography and Spellings

هڪ لغت دان کي ٻين ڳالهين سان گڏ ڪنهن ٻوليءَ جي لکت، الفابيٽ ۽ لفظن جي صورتخطيءَ جي باري ۾ بہ مڪمل ڄاڻ هجي ۽ ڪنهن لفظ جي مختلف نموني جي هِجيئن مان معياري ٻوليءَ جي لفظن جي هِجيئن کي ترجيحي صورت ۾ قبول ڪرڻ گهرجي. هر زبان جي هڪ معياري ٻولي مقرر هوندي آهي، جنهن ۾ معياري هجيئون بہ مقرر هونديون آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن هڪ لفظ جون هڪ کان وڌيڪ هِجيئون قبول بہ ڪيون وينديون آهن. مثال طور: انگريزيءَ جو هڪ لفظ معياري هِجي ۾ هيئن لکبو "dispatch"، پر ان کي ڪن ڊڪشنرين ۾ dispatch جي صورت ۾ بہ لکڻ کي قبول ڪيو ويو آهي، اتي ان کي بدليل روپ (variant) چوندا آهن. هن خاص لفظ کي ان صورت ۾ قبول ڪرڻ جو سبب اهو آهي جو انگريزي ٻوليءَ جي پهرين لغت جيڪا سيميوئل جانسن 1755ع ۾ ٺاهي، ان ۾ هن اها هِجي (spelling) لکي، ان ڪري اها قابل قبول سمجهي وڃي ٿي، جڏهن تہ ان جو جواز ڪوبہ ڪونهي. چون ٿا تہ اهو هڪ امڪان آهي تہ جانسن ڄاڻي واڻي ائين لکيو ۽ ٻيو اهو تہ ڪاتب لکڻ ۾ غلطي ٿي وئي، جيڪا پوءِ ايتري مروج ٿي وئي جو قبوليت حاصل ٿي ويس. ان کي اها حيثيت جانسن جي ڪري ملي. انگريزيءَ جي برتش طريقي موجب لکت ۾ اهڙيءَ طرح ٻيا بہ ڪيترا

لفظ آهن، جن کي مختلف صورتخطين ۾ قبول ڪيو ويو آهي، جن ۾ advisor-adviser ، Judgment and judgment وغيره آهن. انگريزيءَ ۾ مختلف صورتن ۽ هجيئن جو هڪ پيو سبب اميريڪن انگلش وارو آهي. اهو بہ هاڻي قابل قبول آهي، جديد دور ۾ ڇپيل ڊڪشنرين ۾ اهي بہ بدل (variants) طور ڏنا ويجن ٿا، جيئن Colour کي Color يا analyse کي analyze لکڻ (اهڙن اڪثر لفظن ۾ ايس (s) جي جاءِ تي زيڊ (z) جو استعمال ڪيو وڃي ٿو.) سو هڪ لغت ساز کي انهيءَ جي باري ۾ بہ ڄاڻ هئڻ ضروري آهي.

سنڌي لغت نويسن کي سنڌي لفظن جي معياري صورتخطي يا هِجي معلوم هئڻ گهرجي، پر ساڳئي وقت ان جي ارتقائي صورتن جي واقفيت بہ ضروري آهي، جيئن "آءٌ" کي "آئون" بہ لکيو ويندو آهي، اڄڪلهہ 'استعفا' لکجي ٿو جيڪو اڳ ۾ "استعفيٰ" لکبو هو ۽ هاڻي ٻئي مروج آهن (جيتوڻيڪ عربيءَ ۾ ٻنهي جي معنيٰ ۾ فرق آهي) هونءَ بہ سنڌيءَ ۾ اهو هِجيئن جو معاملو اڃا پوريءَ طرح طيءِ ڪونہ ٿيو آهي.

مُرڪب ۽ پيچيده لفظن جي صورتخطي بہ هڪ مسئلو آهي. انگريزيءَ ۾ تہ مرڪب لفظن لکڻ لاءِ لغتدان هڪ اصول جي پوئواري ڪندا آهن. سو اهو تہ پهرين مکيہ لفظ (headword) لکبو ان کان پوءِ ان مان ٺهيل لفظ لکبو پوءِ ان مان سڌو سنئون نڪتل (derived) لفظ لکبا. اهي ڳنڍيندڙ ليڪ وارا يا گڏ لکيل مرڪب لفظ تي سگهن ٿا. پر اهڙا مرڪب لفظ جن جي شروع ۾ مکيہ لفظ نہ هجي تہ پوءِ ان کي مرڪب بدران لفظن جي جوڙن وانگر لکبو. مثلاً: سچ ـ سچار سچائي، سچيرو ـ سچ پچ ـ مکيہ لفظ 'سچ' آهي، ان مان ڦيرو ڪائي ٺهندڙ لفظن ۾ مختلف پڇاڙيون ڳنڊيل آهن، 'آر'، 'آئي' ۽ 'ايرو' وغيره ۽ آخري لفظ هڪ نہ پر ٻن لفظن جو جوڙو آهي، جيڪو گڏ استعمال ٿيندو آهي.

مصدر 'ڪرڻ' مان Derivation ذريعي 'ڪر'، 'ڪري'، 'ڪريان' لفظ نڪتا آهن (جديد نظريو اهو آهي تہ لفظ مصدر مان نہ پر ڌاتوءَ مان ڪيڄن) جڏهن تہ انهن مان ڦيرو ڪائي ٻيا لفظ 'ڪيو'، 'ڪئي'، 'ڪيائين' وغيره ٺهيل آهن. انهن لفظن جي سمجهاڻي يا معنيٰ مکيہ لفظ جي معنيٰ سان ڳنڍي (relate ڪري) ڏبي آهي.

(ث) ترتيب Order

هڪ لغت نويس کي حروف تهجي يا الف ب جي ترتيب کي به ڌيان ۾ رکڻو آهي، هڪڙي لفظن جي ٻاهرين ترتيب ٺٺي ٿي يعني الف جا لفظ پهرين لکبا ۽ ب جا پوءِ، ان کان پوءِ ب ۽ پ جا ايندا. ٻي ترتيب لفظ جي اندر هوندي آهي، جنهن کي پڻ ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي. لفظ ۾ ٻئي نمبر تي ايندڙ حرف جي ترتيب، اُن کان پوءِ ٽئين جي ترتيب کي سامهون رکبو ويندو. مثلاً هي لفظ ڏسو: الم ـ امل ـ امر ـ البم. انهن ۾ سڀ کان پهرين ڏسو ته ٻئي نمبر تي ايندڙ حرفن مان ڪهڙي لفظ جو اکر الف ب ۾ پهرين ايندو آهي. ظاهر آهي ته 'ل' ۽ 'م' مان 'ل' پهرين ايندو ان ڪري الف کان پوءِ جن لفظن ۾ 'ل' آهي، اهي پهرين ايندا 'الم ـ البم' پهرين رکبا ۽ 'م' وارا پوءِ ايندا. (امر ۽ امل). ان کان پوءِ ٽيون اکر ڏسبو ـ پهرين ٻن لفظن 'الم' ۽ 'البم' ۾ ٽئين نمبر تي 'م' ۽ 'ب' اکر آهن. ظاهر آهي ته الف ب ۾ 'ب' ميم کان پهرين ايندي آهي، اُن ڪري 'البم' پهرين لکبو 'الم' پوءِ لکبو. پوين ٻن مان وري (امر ۽ امل) 'ر' ـ 'ل' کان پهرين ايندي آهي، ان ڪري 'امر' پهرين لکبو ۽ 'امل' پوءِ لکبو. ان طريقي هي چار لفظ هن ترتيب سان لکبا:

البم، الم، امر ۽ امل ـ

جيتوڻيڪ موجوده دور ۾ ڪمپيوٽر ۾ اهڙي عمل کي Sorting چيو وڃي ٿو ۽ اهو ڪم ڪمپيوٽر ذريعي ڪيو وڃي ٿو پر هڪ لغت (يا انسائيڪلوپيڊيا، ڏسڻي (انڊيڪس) وغيره) ٺاهيندڙ کي ان جو علم هئڻ ضروري، آهي، جيئن هو ڪا به غلطي پڪڙي سگهي.

اُن ڏس ۾ ضروري آهي ته ٻوليءَ جي مقرر ڪيل الف ب جي ترتيب به معياري مقرر ٿيل هجي. سنڌي ٻوليءَ جو الميو اهو آهي ته هتي اهڙا سمورا ڪم (الف ب جي ترتيب، هجيئون، اکرن جي لکڻ جي طريقي ۾ تبديليون ۽ ترميمون) مختلف دورن ۾ مختلف رهيون آهن.

ٻوليءَ جي حروف تهجي جي ترتيب (Order) کي هڪ مسئلو بڻايو ويو آهي. سنڌيءَ جي عربي لکت جنهن وقت انگريزن طرفان مقرر ڪئي وئي ته ان جي هڪ سرڪاري ترتيب به مقرر ٿي هئي. ان کان اڳ به ترتيب

جا مختلف نمونا رائج هئا، جيئن ابوالحسن جي سنڌي هئي. ان کان پوءِ انگريزن واري مقرر ترتيب موجب سمورا ڇاپا ڪتاب ۽ ڊڪشنريون ڇاپيون وينديون هيون. پرمانند ميوارام جي ڊڪشنريءَ ۾ اها ئي ترتيب آهي. ان ترتيب موجب ٻارن کي اکر سيکارڻ ۾ سهولت خاطر الف کان پوءِ ب ۽ پوءِ نقطن جي تعداد موجب حرفن کي رکيو ويو هو جنهن ۾ پ کي ٻ کان پوءِ رکيل هو ڪجهه وقت کان پوءِ اها ترتيب بدلائي وئي ۽ 'ٻ' کان پوءِ 'پ' کي رکيو ويو جواز اهو ڏنو ويو ته هر اوسرگ آواز پنهنجي وسرگ آواز رکيا ويا آهن. پر اهو اصول 'پ' ۽ 'ڦ' سان لاڳو ڪونه ڪيو ويو ڇو ته 'ڦ' جي شڪل صورت 'ف' سان ملندڙ هئي. ان ڪري اتي رکڻ وڌيڪ مناسب سمجهي وئي. ان صورت ۾ موجوده ترتيب نه صوتيات جي لحاظ کان درست آهي ۽ نه وري نقطن جي ترتيب سان.

اهڙي قسم جون تبديليون اختيار وارين حيثيتن تي رهندڙ فرد انفرادي طور تي ڪندا رهيا آهن. جڏهن ته اهڙا ڪم ماهرن تي مشتمل ڪميٽين يا پئنلن کي ڪرڻ گهرجن. انگريزن الف جي جيڪا ترتيب رکي، اها هن ريت هئي:

انگريزن واري ترتيب جنهن ۾ وسرگ آواز اوسرگ آوازن کان پوءِ رکيل هئا ۽ اکرن جي ترتيب مخرجن جي حوالي سان ڪيل هئي.

ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ڦ ج ڄ جهه ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ
ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ق ڪ ک گ ڳ گهه ڱ ل م ن ڻ و هه ء ي

ان کانسواءِ هيءَ ترتيب به رهي آهي، جنهن ۾ پ کي ٻ کان پوءِ رکيو ويو ۽ ان جي وسرگ آواز ڦ کي ف ۽ ق جي وچ ۾ رکيو ويو.

ا ب ٻ پ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث ج ڄ جهه ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش ص
ض ط ظ ع غ ف ڦ ق ڪ ک گ ڳ گهه ڱ ل م ن ڻ و هه ء ي

جنهن کي اسي واري ڏهاڪي ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب پاران هيءَ ترتيب ڏني وئي:

ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ج ڄ جهه ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز

س ش ص ض ط ظ ع غ ف ڦ ق ڪ ک گ ڳ گھ ڱ ل م ن ڻ و ھ ء ي

تازو ڇپيل جامع سنڌي لغات ۾ اها ئي ترتيب آهي.

هاڻي جڏهن پراڻين ڊڪشنرين تي نظر وجهون ٿا تہ انهن جي ترتيب مختلف آهي ۽ موجوده دور ۾ اها پي آهي، ان سان شاگردن کي مونجهارو ٿي سگهي ٿو.

هتي هڪ ڳالھ اها بہ ضرور ڪجي تہ لغت ۾ لفظن بابت معلومات ڏيڻ لاءِ اڳواٽ مخفف ٺاهيا ويندا آهن. گرامر جي اصطلاحن توڙي انهن جي بنياد بابت مثلاً: لفظ اسم مذڪر واحد آهي تہ م.ذ.و لکبو فعل آهي تہ متعدي يا لازمي هوندو ان لاءِ ف. م ۽ ف. ل جا مخفف لکبا آهن.

اها تاريخي حقيقت آهي تہ شروعاتي دور کان هن وقت تائين سنڌيءَ ۾ لغتون ٺاهڻ وارا عموماً پراڻا فائينل پاس استاد رهيا آهن. جن کي سنڌي "صرف" (لفظن جو علم) ۽ "نحو" (عبارت ۾ لفظن جي بيهڪ ۽ حيثيت) جي مڪمل ڄاڻ هوندي هئي ۽ انهن جو قديم وياڪرڻ يا صرف نحو (گرامر) جو وسيع مطالعو هوندو هو ان ڪانسواءِ هو عموماً هندي يا عربي ۽ فارسي بہ ڄاڻندا هئا (ڪن کي انگريزي بہ ايندي هئي). ان ڪري انهن ٻولين جي لفظن جي ذخيري (Vocabulary) ۽ نحوي بناوٽن جي بہ ڄاڻ هوندي هئن. لفظن جا اشتقاق ڪرڻ بہ سکيل هوندا هئا ۽ ڦيرا/ گردانون توڙي لفظن جي (مختلف حالتن فاعلي، مفعولي، جري وغيره ۾) تبديلي وغيره سان گڏوگڏ سادن، مرڪب ۽ پيچيده لفظن جي مادي يا بنياد بابت بہ ڄاڻندا هئا. ان ڪري لغت سازيءَ (Lexicography) جي باقاعده تربيت نہ هئڻ باوجود انهن لغتون جوڙيون. ان ڪري انهن کي لغت ساز Lexicographer تہ چئي سگهجي ٿو پر علم اللغات (Lexicology) جا ماهر نٿو چئي سگهجي.

سنڌ ۾ لغت سازيءَ جو ڪم انگريزن جي دور ۾ 19 صديءَ ۾ 1849ع کان شروع ٿيو جيڪو ڪيپٽن جارج اسٽئڪ ڪيو. سندس پهرين لغت انگريزي-سنڌي 1849ع ۾ ۽ ٻي سنڌي- انگريزي لغت 1855ع ۾ ڇپي، جن ۾ سنڌي ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل هئي (جنهن کي تازو 2011ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران الٽو ڪرائي عربي سنڌي لپيءَ ۾ ڇپايو ويو آهي) ... اهڙين لغتن کي بہ- ٻوليائي لغتون چئبو.

جارج شرٽ، مرزا صادق علي بيگ ۽ اُڌارام ٿانورداس عربي سنڌي لپيءَ ۾ انگريزي- سنڌي لغت جوڙي، پرمانند ميوارام سنڌي- انگريزي ۽ انگريزي-سنڌي لغتون. ويهين صديءَ جي شروعات ۾ جوڙيون. ان کانسواءِ شهاڻي، عبدالحسين ميمڻ ۽ ٻين جون ٻه لغتون آيون. سنڌي-اردو لغتون ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان ۽ ڊاڪٽر بلوچ کانسواءِ، عبدالستار بلوچ جوڙيون. ان کانسواءِ فارسي-سنڌي لغت، عربي-سنڌي لغت، هندي-سنڌي لغت تي به ڪم ٿيو.

اهڙيون لغتون ڇاپڻ جو سلسلو اڄ تائين هلندڙ آهي، پر سنڌي ٻوليءَ جي هڪ ٻولياٽي لغت جوڙڻ جو ڪم باقاعده گهڻو پوءِ شروع ٿيو ۽ پهرين لغت 1886ع ۾ جهمتمل جي "وٿتپتي ڪوش" نالي ڇپي، جنهن ۾ سنڌيءَ جا اهڙا لفظ جن کي هن سنسڪرت مان نڪتل سمجهيو انهن جون معنائون ڏنائين. ان کان پوءِ پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ شاهه لطيف جي ٽن سرن ۾ آيل ڏکين لفظن جي معنائن تي مشتمل 'غريب اللغات' جوڙي، جيڪا 1907ع ۾ ڇپي. مرزا قليچ ساڳئي شاهه جي حوالي سان "لغات لطيفي" مرتب ڪئي، جنهن کي 1914ع ۾ شايع ڪرايو. مرزا قليچ بيگ جي "قديم لغات" ڪلاسيڪي شاعرن جي شاعريءَ جي ڏکين لفظن تي مشتمل لغت 1924ع ۾ شايع ٿي، آخوند عبدالرحيم "وفا" عباسيءَ جي "جواهر اللغات" 19 صديءَ جي وچ ڌاري تيار ڪيل هئي، پر ڇپي ڪانه هئي. ان جي لکڻ جو عرصو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي اندازي موجب 1845ع کان 1852ع جي وچ وارو ٿي سگهي ٿو (جواهر اللغات سنڌي اڪيچار مهاڳ). پر اها هڪ ٻولياٽي لغت واري ڳڻپ ۾ ان ڪري ڪونه آئي، جو اها سنڌي-فارسي لغت هئي ۽ ڇپائي به دير سان ٿيس.

1940ع ڌاري "سنڌي ساهتيه مرڪزي صلاحڪار بورڊ" طرفان "جامع سنڌي لغات" لکرائڻ جي باري ۾ سوچيو ويو. شروع ۾ هڪ ڪميٽي مقرر ڪئي وئي، جنهن ڪجهه ڪم ڪرايو پر پوءِ اهو ڪم باقاعدگيءَ سان تڏهن ٿيو جڏهن پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ صلاحڪار بورڊ کي 'سنڌي ادبي بورڊ' جو نالو ڏئي نئين سر جوڙيو ويو ۽ لغت جو ڪم باقاعدي يونيورسٽيءَ ۾ قائم

"ڊڪشنري آفيس" ۾ شروع ٿيو جنهن جي ذميواري ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ کي ڏني وئي ۽ 1952ع کان باقاعدي ڪم شروع ڪيو ويو.

هن لغت جو ڪم باقاعده رٿابنديءَ سان شروع ڪرڻ لاءِ اڳوڻيون لغتون سامهون رکيون ويون. ٻين ماخذن، ڪتابن ۽ فيلڊ مان مواد ڪٺو ڪرڻ ۽ ڊڪشنري آفيس ۾ مقرر رسرچرن جي مدد سان لفظن جي اُچارن، ويا ڪرڻي/ نحوي حيثيت ۽ معنائن بابت تصديق سان داخلائون تيار ڪيون ويون ۽ ان وقت سنڌي ٻوليءَ لاءِ مقرر صورتخطيءَ ۾ الف ب جي ترتيب موجب ان کي تيار ڪرايو ويو... پر اها ڳالهه پڪ سان چئي سگهجي ٿي تہ انهن سمورن عالمن، اديبن ۽ رسرچ ڪندڙ استادن عبدالڪريم سنديلي، شيخ محمد اسماعيل، محمد يعقوب ميمڻ، شيخ محمد واصف، ممتاز مرزا، ڊاڪٽر غلام علي الانا مان ڪوبہ باقاعده علم اللغات جو ڄاڻو نہ هو ايتريقدر جو خود ڊاڪٽر بلوچ بہ ان علم جو سند يافتہ نہ هو پر ڄاڪاڻ جو هو لغت سازيءَ لاءِ گهربل سمورين گهرجن کان واقف هئا. ان ڪري هو ان ۾ ڪامياب ويا. جنهن جو ذڪر مٿي ڪري آيا آهيون. پهريون جلد ڊاڪٽر بلوچ جي سربراهيءَ ۾ ڇپيو باقي جلد مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي ادارت/ سهيڙ سان ڇپيا. جن کي گڏ ڪري بعد ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب واڌارن سڌارن سان ٽن جلدن ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ کان ڇپرايا.

هڪ ٻوليائي لغتن ۾ شاهہ لطيف جي ڪلام جي ڏکين لفظن ۽ اصطلاحن تي مشتمل لغت 'روشني' ڊاڪٽر بلوچ مرتب ڪئي. ڏهن ڪلاسيڪي سنڌي شاعرن جي لغت ڊاڪٽر فهميده حسين جي نگرانيءَ ۾ شاهہ لطيف چيئر ڪراچي ۾ تيار ٿي، اجا بہ ڪيترين لغتن تي ڪم ٿي رهيو آهي

انهن لغتن ۾ هڪ ڳالهہ ۾ سمورا محقق، لغت دان منجهيل رهيا، اها هئي سنڌي لفظن جي بُڻ بنياد ۽ اشتقاقن واري Etymology، جيئن تہ سنڌي ٻولي هڪ قديم ٻولي آهي، جنهن جي بُڻ بنياد، توڙي تاريخي ارتقا جي باري ۾ مختلف نظريا ۽ رايا ماهرن ڏنا آهن. جن جي بنياد تي هن ٻوليءَ ۾ موجود لفظن جا بنياد ۽ اشتقاق سمجهائڻ جون ڪوششون ٿينديون رهيون آهن. ڪي عالم

هر ڪنهن لفظ کي سنسڪرت ۾ ٿا ڳولين ۽ ان سان هڪجهڙائيءَ جا درجا مقرر ڪري تتسم (ساڳيا سنسڪرت وارا لفظ) ۽ تدڀؤ (سنسڪرت کان ڪجهه بدليل/ اسريل) ۽ ٽيان ديسي قرار ٿا ڏين. جن کي بہ ڪڏهن دراوڙيءَ جي نالي تہ ڪڏهن سامي سٽ تہ ڪڏهن ڪنهن ٻئي گروهہ ۾ ڪڍي ٿا وڃن.

عالمن جو هڪ ٻيو گروهہ سنڌي ٻولي جي وڏي ۾ وڏي لفظن جا اشتقاق عربي يا فارسيءَ مان ٿا ڪن. انهن ٻنهي ٻولين سان سنڌيءَ جو تعلق گهڻو پراڻو نہ هئڻ ڪري (محمد بن قاسم 712ع ـ عربي ۽ ارغون ترخان مغل ـ فارسي) اهڙا لفظ ڳولڻ ۾ گهڻي مشڪل نٿي ٿئي. فارسي ۽ سنسڪرت جو آريائي زبانن سان تعلق هئڻ ڪري ساڳيا آريائي ٻولين جا ملندڙ جلندڙ لفظ سنسڪرت ۽ قديم فارسيءَ جي حوالي سان بہ ملن ٿا، پر ڏٺو وڃي تہ لفظن جا بنياد ڳولڻ لاءِ بنيادي تحقيق جو ڪم اڻپورو ٿيو آهي ۽ جيڪو ٿيو آهي، اهو بہ انهن عالمن ڪيو آهي، جن سنڌي ٻوليءَ جون تاريخون ۽ لغتون جوڙيون. ابتدائي لغتدانن مان جهمتمل جي "وئتپتي ڪوش" ۾ تہ آهن ئي سڀ اهڙا لفظ جن کي هن سنسڪرت سان ملايو آهي. پرمانند ميوارام جي ڊڪشنرين ۾ ان ڳالهہ کي ڪونہ ڇهيو ويو آهي، ان کان پوءِ ڊاڪٽر سنديلي جون لغتون اچن ٿيون، جن ۾ اڪثر ڪري لفظن جا بنياد ڄاڻايا ويا آهن. ان کانسواءِ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پاران جامع سنڌي لغات جي تياريءَ دوران مختلف رسرچرن سان بحث مباحثن ۽ اڳوڻن ڪتابن جي مدد سان مختلف لفظن جي اشتقاقن بابت طي ڪيو ويو.

قديم ڊڪشنرين مان ان سلسلي ۾ ڪئپٽن اسٽئڪ جو ڪم نظر اچي ٿو.

ويجهڙائيءَ ۾ عربي-سنڌي لپيءَ ۾ الٽو ڪيل ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي سنڌي-انگريزي ڊڪشنريءَ ۾ انهي عمل کي جاچيو ويو تہ اتي مرتب پاران ڪافي لفظن جا بنياد ڄاڻايا ويا آهن. انهن مان ڪي هت ڏجن ٿا: هو نج سنڌي لفظن لاءِ "S"، عربي لفظن لاءِ A ۽ فارسي لفظن لاءِ P جون نشانيون مقرر ڪري ٿو پر اُن کان علاوه لاڙي لفظن کي 'L' جي نشانيءَ سان بلڪل ڌار ڪري ٿو ان جا هتي مثال ڏجن ٿا:

S۔ آ۔ (حرف ندا) سڏڻ لاءِ ڪم ايندڙ
S۔ اڪٿ۔ (صفت) ناقابل اظهار (Inexpressible)
S۔ اکر۔ (واحد مذڪر)، الفابيٽ جو هڪ حرف، هڪ لفظ
L۔ انئي۔ 'تون' جو فاعلي جمع (You)
L۔ اُڪارڻ۔ (فعل) جانور کي هلائڻ (To drive an animal)
A۔ عقل۔ (واحد مذڪر) ڏاهپ، سمجهه (Wisdom, understanding)
A۔ عقلائتو۔ (صفت، ظرف) سمجهه وارو، عقل وارو (rational, wise)
P۔ انگستانو۔ (واحد مذڪر) آڱر ۾ پائڻ وارو...

اهڙيءَ ريت چئي سگهجي ٿو تہ استنڪ هروڀرو ڇڪي سنڌي لفظن کي سنسڪرت بنياد مان ڪيڻ بدران عام رواجي طور سنڌي لفظ ڌار ڪيا آهن ۽ ظاهر ظهور عربي فارسي لفظ ڌار ڪيا آهن ۽ سنڌيءَ جي لاڙي لهجي جا لفظ ڌار ڪيا آهن (ان جو ڪارڻ شايد اهو آهي جو استنڪ سان جنهن سنڌي منشيءَ ڪم ڪيو هو اهو اتر جو هو۔ انهيءَ ڪري سندس لغتن توڙي گرامر ۾ 'ٽ' جا پہ اچار 'ٽ' ۽ 'تر' ڏنا ويا آهن).

ويجهي ماضيءَ ۾ شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ استعمال ٿيل لفظن تي مشتمل هڪ لغت محترم سراج الحق ميمڻ تيار ڪري رهيو آهي (جيڪا اجا اڻپوري آهي). ان ۾ هن شاهہ جي رسالي جي بيتن ۾ موجود ڪيترن نج سنڌي لفظن کي سنسڪرت، پراڪرت، ديوناگري، عربي ۽ فارسي لغتن ۾ ڳولي ڦولهي منجهن ڪا هڪجڙائي يا ڪا ٻري جي مماثلت ۽ مائٽي تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ جيئن هو پنهنجو اهو نظريو ثابت ڪري سگهي تہ هروڀرو هر لفظ انهن پنجن ٻولين مان ڪنهن هڪ سان ڳنڍڻ واري روايت کي غلط ثابت ڪري سگهي ۽ اهو طئي ٿي سگهي تہ سنڌي ٻولي اصلوڪي ٻڌائتي ٻولي آهي، جنهن جون پاڙون سنڌو ماٿر جي تهذيب ۾ کُتل آهن. انهيءَ حوالي سان سراج صاحب سنڌو ماٿر جي ٻين ٻولين جهڙوڪ، پنجابي، سرائڪي ۽ هندڪو وغيره جي لغتن ۾ بہ جهاتي پائي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جي اصل نسل جي مسئلي جو حل سائنسي طريقن سان موهن جي دڙي جي ٻوليءَ جي پاڇ ۾ آهي، جنهن ۾ اڃا تائين ڪاميابي

حاصل نہ ٿي آهي، ان ڪري ان جو ٻيو طريقو سنڌيءَ ۾ موجود اهڙن لفظن جا بنياد ڳولهڻ وارو ٿيندو جن کي ڌيسي نج سنڌي قبول ڪجي. پر ان لاءِ به وڏي تحقيق جي ضرورت آهي، جيڪا يونيورسٽين جا شاگرد پي ايڇ. ڊي ڪرڻ لاءِ انهيءَ مضمون کي کڻي ڪري سگهن ٿا.

## مددي ڪتاب


1۔ آخوند عبدالرحيم عباسي، جواهر اللغات سنڌي اڪيچار سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، 1993ع.

2۔ اسٽئڪ ڪيپٽن، سنڌي-انگريزي ۽ انگريزي-سنڌي ڊڪشنريون، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد 2011ع.

3۔ بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش، جامع سنڌي لغات (جلد پهريون)، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد سنڌ 2007ع.

4_ Atkins B.T.S & Rundell Michael, The Oxford Guide to Practical Lexicography, Oxford, U.P, 2008.

5_ Bejoint Henry, Modern Lexicography, An Introduction, Oxford U.P, 2000.

6_ Encyclopedia Britannica, Vol:4, Edition 15, 2010.

7۔ ان کانسواءِ آڪسفورڊ ۽ چيمبرس ڊڪشنرين سميت، سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ ڇپيل هڪ ٻولياتي ۽ ٻه ٻولياتي لغتن جو مطالعو ڪيو ويو ۽ انٽرنيٽ تان معلومات حاصل ڪئي وئي.


---

(ليکڪ جي ڪتاب "سنڌي ٻولي: مختلف لساني پهلو"، ڇاپو پهريون 2012ع تان ورتل)

•

# لغت نويسي: وصف، قسم ۽ اهميت

سنڌي ٻوليءَ جي قدامت، وسعت ۽ اهميت کان لسانيات جي ڪنهن به عالم انڪار نه ڪيو آهي. خاص طرح موجوده عربي-سنڌي رسم الخط توڙي ان کان اڳ ڪتب ايندڙ ٻين رسم الخطن جهڙوڪ ديوناگري، گرمکي، کوجڪي وغيره ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لکت ۾ آيل لفظن جي ذخيري کي محققن ڀاران قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويو آهي. حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ لکيو آهي ته "سنڌي هڪ سهڻي ۽ سندر سلوڻي ۽ سولي ٻولي آهي. منجهس هڪ معنيٰ جا گهڻا لفظ ۽ هڪ لفظ جون گهڻيون معنائون موجود آهن. منجهس جذبن جي اظهار جا آواز ۽ اسباب به چڱا چوکا پسجن ٿا. منجهس چقمق واري ڪشش به آهي جو ڌارين لفظن کي ڇڪيو پنهنجو بنايو ڇڏي" (سيوهاڻي، 2007: 122) ان ئي تناظر ۾ گلراج ايم خوشحالاڻي رگ ويد جي حوالي سان لکيو آهي ته "سنڌيءَ جا ڪيترا اکر اسان کي رگ ويد ۾ ملن ٿا. ان مان صاف ظاهر آهي ته سنڌي تمام جهوني ٻولي آهي ۽ ان وقت به موجود هئي، جنهن وقت ويدڪ ڀاشا بول چال جي ٻولي هئي." (خوشحالاڻي، 2007: 142) برصغير جي قديم ٻولين سان گڏ اُسري آيل سنڌي ٻوليءَ بابت، هڪ وڏي عالم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو توريل تڪيل رايو آهي ته "سنڌي زبان برصغير پاڪ هند جي قديم ترين زبانن مان هڪ آهي ۽ خاص مهراڻ جي ماٿريءَ جي آڳاٽي ٻولي آهي." (بلوچ، 1983:1)

ٻولي بنيادي طور لفظن جي ذخيري ۽ انهن جي معنائن تي ٻڌل هوندي آهي. جڏهن ته معنائن جو اظهار پڻ ضرورت موجب، هڪ يا هڪ کان وڌيڪ لفظن وسيلي ئي ڪيو ويندو آهي. لفظ پاڻ به هڪ تاريخ هوندا آهن ته انهن منجهه معنوي تاريخ به سمايل هوندي آهي. ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي لفظ ۽ ان ۾ سمايل خيال جي حوالي سان لکي ٿو "ٻوليءَ ۾ جيڪي لفظ ڪم اچن ٿا، سي ڏکيبازيءَ تي نهيل ڪينهن، پر هر هڪ لفظ ۾ ڪو نه ڪو خيال سمايل آهيئي آهي ۽ جيستائين اهو نه جهٽبو تيستائين لفظ جي پوري معنيٰ ڪرڻ به وقتي مشڪل ٿي پوندي"

(آڏواڻي، 2007: 34) اڳتي هلي، لفظن ۽ انهن جي بنيادن جي حوالي سان نهايت اهم ڳالهه ڪئي اٿائين تہ: "مون ڪيترن لفظن ۽ انهن جي بنيادن مان قديم سنڌ جي تهذيب جي تاريخ (Cultural History) عربن جي ڪاهہ کان اڳ جي جوڙي آهي... ڪيترن لفظن جي بنيادن ۾ قديم سنڌ جي تاريخ جوڙڻ لاءِ گهڻو ئي مصالحو آهي." (آڏواڻي، 2007: 37) اهڙو ئي اظهار ڊاڪٽر الهداد بوهئي هنن لفظن ۾ ڪيو آهي: "اسان جي ٻوليءَ ۾ بہ اسان جي سماج جي سچي ۽ سهڻي تاريخ رکي آهي، جنهن کي اسين عام ڳالهہ ٻولهہ جي مدد سان سمجهي سگهون ٿا." (بوهيو 2008: 134)

ٻوليءَ (Language) جون ڪيئي وصفون ٿوري گهڻي فرق سان مختلف ڪتابن ۾ بيان ڪيون ويون آهن، پر انهن سڀني ۾ اها ڳالهہ ضرور آندل آهي تہ ٻولي با معنيٰ لفظن جي ميڙاڪي تي ٻڌل ٿئي ٿي ۽ انهن لفظن جي ميڙاڪن جي اهميت تڏهن نروار ٿئي ٿي، جڏهن اهي ڳالهايا وڃن. ان حوالي سان سي ايل باربر لکي ٿو:

"It is important to remember that basically a language is something which is spoken: the written language is secondary and derivative." (Barber, 1982:2)

(هي ياد رکڻ ضروري آهي تہ بنيادي طور ٻولي اها شيءِ آهي جيڪا ڳالهائي وڃي: لکيل ٻوليءَ جي حيثيت ثانوي ۽ اخذ ڪيل آهي.)

ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر قاسم ٻگهئي جي راءِ پڻ اهميت واري آهي. هو لکي ٿو تہ: "اسان جي زندگيءَ جون تمام گهڻ گهڙيون بغير ڳالهائڻ جي گذرن ٿيون، پر انهن گهڻ ۽ خاموش گهڙين ۾ بہ ٻولي اسان جي دماغ ۾ گردش ڪندي رهي ٿي... ٻوليءَ جو اهو استعمال يعني ڳالهائڻ ئي شايد اهو سماجي تحفو آهي، جيڪو انسان کي ٻين جانورن کان الڳ ۽ معتبر ڪري ٿو. ماڻهپي ۽ انسان کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ ٻوليءَ جي قدرت ۽ ڪيفيت کي سمجهون، جيڪا اسان کي ماڻهو بڻائي ٿي. (ٻگهيو 1998: 27)

اها ڳالهہ چٽي ڏينهن وانگر پڌري آهي تہ ٻولي لفظن ۽ معنائن سان سلهاڙيل آهي. جڏهن اسين چئون ٿا تہ ٻولي اسان جي دماغ ۾ گردش ڪري ٿي، تہ ان مان مراد اها ئي آهي تہ لفظ جملا ۽ معنائون اسان جي دماغ اندر سوچن ۽ خيالن جي صورت ۾ ڦرندا رهن ٿا جن جو اظهار ڪڏهن ڳالهائڻ ۽ لکڻ وسيلي ڪيون ٿا تہ ڪڏهن وري انهن کي دماغ اندر ئي ڇڏي ٿا ڏيون.

جنهن ٻوليءَ وٽ جيترا گھڻا بامعنيٰ لفظ هوندا آهن اها اوتري ئي گھڻي شاهوڪار هوندي آهي ۽ ڪنهن بہ خيال، مفهوم ۽ مقصد کي ڀرپور ۽ سهڻي طريقي سان اظهاري سگھندي آهي ۽ سماج ۾ پنهنجو گهڻ طرفو ڪارج ادا ڪندي رهندي آهي. لفظن ۾ تاريخ پڻ سمايل ٿئي ٿي، تنهن ڪري لفظن جي اڀياس سان اسان کي تاريخ جي اڀياس جو بہ موقعو ملي ٿو.

لفظن جي موجودگي قلمي توڙي ڇپيل ڪتابن ۽ رسالن وغيره ۾ هوندي آهي. جڏهن انهن جو مطالعو ڪبو آهي تہ اها معنيٰ ئي هوندي آهي، جيڪا لفظن کي بامقصد بڻائيندي آهي. معنيٰ کان سواءِ لفظن جو هئڻ يا نہ هئڻ ڪا حيثيت نہ ٿو رکي ڀوءِ اهي سوَن هزارن جي ڳڻپ ۾ ئي ڇو نہ هجن. اهڙن لفظن کي فقط ڪجهہ اکرن جو بي ترتيب ميڙ ئي چئي سگھجي ٿو جن ۾ ڪا معنيٰ سمايل نہ آهي. جڏهن تہ بامعنيٰ لفظ جنهن ڪتاب ۾ الف-بي وار ترتيب سان، پنهنجي ڪنهن هڪ معنيٰ يا گھڻين معنائن سان، گرامر، اُچار سند وغيره سميت، ڏنل هجن، تنهن کي 'لغت' سڏيو ويندو آهي. اهڙي ڪتاب کي حوالاجاتي ڪتاب (Reference Book) جي حيثيت حاصل هوندي آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا لغت بابت لکي ٿو تہ "لغات اهو بنيادي حوالن لاءِ تيار ڪيل ڪتاب يا مواد آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ مروج / رائج لفظن کي الف-بي وار گڏ ڪري انهن لفظن جي اُچارن، تلفظ لفظن جي لکڻ لاءِ هِجي (Spelling)، انهن لفظن جي معنائن، مفهوم، سمجهاڻي، ذاتن، بنيادي صورتن، صيغن ۽ اشتقاقن کان سواءِ جملن، فقرن، اصطلاحن، پهاڪن، چوڻين، شعر و شاعريءَ کان سواءِ اُنهن جو خطي وار استعمال، مفهوم ۽ ڪارج سمجهايل هجي." (الانا، 1991: ث-پ)

'لغت' عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ 'لفظ' بہ آهي تہ 'ڊڪشنري' بہ، پر پُٺينءَ معنيٰ ۾ ان جو گھڻو واهپو ڪيو ويندو آهي، جنهن جي معنيٰ "لغت جو ڪتاب" آهي. (جين، 2014: 11) 'لغت' جو انگريزي متبادل لفظ 'ڊڪشنري' (Dictionary) لاطيني ٻوليءَ جي لفظ Dicere مان نڪيل لفظ dictionaries مان ٺاهيو ويو آهي. 'ويبسٽرس ڊڪشنريءَ' ۾، 'ڊڪشنري' جي ڄاڻايل وصف ۽ وضاحت هن ريت آهي:

Dictionary 1 a book of alphabetically listed words in a language, with definations, etymologies, pronunciations, and other information; lexicon 2 a book of alphabetically listed words in a

language with their equivalents in another language [ a Spanish- English dictionary] 3 any alphabetically arranged list of words or articles relating to a special subject [a medical dictionary]. (Neufeldt, 1997:382)

(لغت1. ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ وصفن، اشتقاقن، اچارن، ۽ ٻيءَ مُدَ سان الف۔ بي وار ترتيب ڏنل لفظن جو ڪتاب، لغت. 2. الف۔ بي وار ترتيب ڏنل هڪ ٻوليءَ جي لفظن جو ڪتاب جنهن جا مساوي ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ڏنل هجن [ اسپيني۔ انگريزي ڊڪشنري]. 3. ڪا بہ الف۔ بي وار ترتيب ڏنل لفظن يا ليکن جي فهرست جيڪي ڪنهن خاص موضوع سان لاڳاپيل هجن [ ميڊيڪل ڊڪشنري] )

هن وصف مان لغتن جا ٽي بنيادي قسم بہ چِٽا ٿي بيهن ٿا:

1. هڪڙيءَ ئي ٻوليءَ جي جامع لغت.
2. ٻن ٻولين جي يا بہ۔ ٻولياڻي لغت.
3. هڪڙي ئي موضوع جي تشريحي يا غير تشريحي لغت.

پر لغت انهن ٽن قسمن تائين محدود رهڻ بدران، فني طور اسرندي ڪيترن ئي قسمن تائين پکڙجي وئي آهي، جهڙوڪ:

ٽہ ٻولياڻي يا گهڻ۔ ٻولياڻي لغتون (چار، پنج، ڇهہ ۽ ست ٻولياڻي لغتون بہ جوڙيون ويون آهن، جن مان هڪ ٻوليءَ کي بنيادي قرار ڏئي ان ٻوليءَ جي لفظن جا ٻين ٻولين مان مساوي لفظ درج ڪيا ويا آهن.)

1. هڪ ٻوليءَ جي مختلف لهجن جون لغتون.
2. ڪلاسيڪل يا مشهور شاعرن جي شاعريءَ جي ڏکين لفظن جون لغتون.
3. مختلف ڌنڌن ۾ استعمال ٿيندڙ لفظن جون لغتون.
4. اشتقاقي لغتون.
5. روزمره وارن لفظن جون لغتون.
6. سوانحي لغتون.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پاران مرتب ۽ ايڊٽ ڪيل سنڌي ٻوليءَ جي پهرين وڏي لغت 'جامع سنڌي لغات' جي 'جلد پنجين' ۾ 'لِسان' جي معنائن ۾ 'ٻولي، ڀاشا، ٻاٽي ۽ ڀاڳا' سان گڏ هڪ معنيٰ 'لغت' بہ ڄاڻائي وئي آهي. (بلوچ، 1988: ص 2498)

ڊاڪٽر بلوچ، 'ج. س. ل' ۾ 'لغت' جي سمجهاڻيءَ ۽ معنيٰ ۾ لکي ٿو: "لُغت ج لُغتُون: ث. (ع. لُغَوَ= ڳالهائڻُ) ڪنهن قوم جي زبان۔ هڪ ڪتاب جنهن

۾ ڪنهن ٻوليءَ جا لفظ سمجهائيندڙ، معنائن وغيره سميت درج ٿيل هجن- فرهنگ- ڪوش-قاموس-زُبان-ٻولي-ڀاشا-ڊڪشنري- اهي لفظ جن جي معنيٰ مشهور نہ هجي- لفظ- شبد، وارتا- وائي – ڇَڙوت – ڇوڙڇو- ڇَڙپولو."(بلوچ، 1988: 2502)

آسانند مامتورا پڻ لغتن ۾ گرامر ۽ ذاتن تي وڌيڪ زور ڏئي ٿو ۽ انهن جي روشنيءَ ۾ اپڀاس ڪي بامقصد ٻڌائيندي ٻوليءَ تي ٻيل اثرن ۽ سببن جي ڪٿ ڪندي ٻڌائي ٿو تہ "هاڻ سوال آهي تہ علم لغات يا شبد وديا جو اپڀاس ڪيئن ڪجي سڀ ۾ سٺو طريقو آهي پنهنجي مادري ٻولي کڻي، اُنهيءَ جون صورتون ۽ نحوي حالتون جاچجن ۽ انهن جا سبب پڇندي انهن جو بنياد اصلي آريہ ڀاشا مان ڳولي لهجي، پوءِ ڏسجي تہ انهيءَ کان سواءِ ٻيا ڪهڙا اثر ٻوليءَ تي ٿيا آهن ۽ انهن جا سبب ڪهڙا آهن."(مامتورا، 2007: 178)

لغتن جي اهميت مٿي ڄاڻايل ڪجهہ وصفن مان ئي چِٽي ٿي وڃي ٿي. لغت وسيلي ماڻهوءَ کي پنهنجي ٻوليءَ جي ئي وڏي ذخيري کي ڄاڻڻ جو موقعو ملي ٿو جنهن سان سندس اظهار جي قوت ۾ پڻ اڻ ميو واڌارو ٿئي ٿو ۽ هو ٻوليءَ جي سگهہ کان بہ واقف ٿئي ٿو. لغتون تعليم ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي شعبن ۾ وسيع ڪردار ادا ڪن ٿيون. ان کان سواءِ اهو ممڪن ئي نہ آهي تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ جو ڳالهائيندڙ پنهنجي ٻوليءَ جي سموري لفظي ذخيري (Lexicon) جو ڄاڻو هجي. اهو تہ ٻوليءَ جي ڄاڻن ۽ لغت نويسن لاءِ بہ ممڪن نہ آهي. "ٻوليءَ جا سڀ لفظ جي هر ڪو پاڻمرادو سمجهندو رهي تہ پوءِ ڊڪشنرين ڪيڻ جو ضرور ڪهڙو؟" (آڏواڻي، 2007: 72) ان ڪري لغتون گهڻ رخيون تقاضائون پوريون ڪندي نظر اچن ٿيون. ڊاڪٽر فهميده حسين جي هيءَ راءِ پڻ اهم آهي تہ "ٻوليءَ جي سکيا، ترقيءَ ۽ درست استعمال لاءِ لغتن جو وڏو ڪردار هوندو آهي. اهي نہ صرف ڪنهن ٻوليءَ جي لفظي ذخيري کي محفوظ ڪن ٿيون، بلڪ ان جي لفظن جي صحيح هِجي، وياڪرڻي حيثيت ۽ اشتقاقن بابت بہ ضروري ڄاڻ مهيا ڪرڻ جو ذريعو ٿين ٿيون. سنڌي ٻوليءَ ۾ لغت نويسيءَ جي روايت تي روشني وجهڻ سان خود ٻوليءَ جي ماضيءَ ۾ ٿيل ارتقاءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو." (فهميده، 2012: 9)

لغت وسيلي ٻوليءَ کي گهڻ رُخي ترقي وٺرائيندڙ ۽ لغت جوڙڻ جو عمل ڪندڙ يعني لغت جوڙيندڙ يا مرتب ڪندڙ کي 'لغتدان' ۽ 'لغت

نويس' (Lexicographer) سڏيو ويو آهي ۽ لغت جوڙڻ جي سموري سات (process) يعني 'لغت لکڻ ۽ مرتب ڪرڻ' جي عمل کي، عام طور 'لغت نويسي' (Lexicography) سڏجي ٿو. 'لغت نويسيءَ' جا متبادل لفظ آسانند مامتورا 'علم لغات' ۽ 'شبد وديا' (مامتورا، 2007: 178)، پروفيسر علي نواز جتوئيءَ 'علم لغت' (جتوئي، 1983: 23)، ڊاڪٽر غلام علي الانا 'علم لغات' (الانا، 1991: پ) ۽ ڊاڪٽر فهميده حسين 'لغت سازي' (فهميده، 2012: 126) ڪتب آندا آهن. علي نواز جتوئي صاحب 'علم لغت' يعني ليڪسيڪوگرافيءَ کي بياني لسانيات (Descriptive Linguistics) جي هڪ ننڍي شاخ ڄاڻايو آهي. (جتوئي، 1983: 23) جيڪڏهن ليڪسيڪوگرافيءَ جي متبادل طور "لغت نويسيءَ" ۽ لغت سازيءَ" مان ڪنهن هڪ اصطلاح، يا "علم لغت" ۽ "علم لغات" مان ڪنهن هڪ اصطلاح کي قبول ڪجي، ته پوءِ "ليڪسيڪوگرافڪ" (صفت)، "ليڪسيڪوگرافيڪل" (صفت) ۽ "ليڪسيڪوگرافيڪلي" (ظرف) جا متبادل ڪهڙا لفظ ڪتب آڻڻ گهرجن؟ انهن ۾ ٻين ڪيترين ئي صفتن ۽ ظرفن. جا متبادل ته "اوڪسفرڊ انگريزي سنڌي ڊڪشنري (2010) ۾ به ته ڏنا ويا آهن. جيڪا هن وقت تائين ڇپيل انگريزي سنڌي لغتن ۾ سڀ کان وڏي ۽ جامع لغت آهي، ۽ جنهن جي ايڊيٽوريل سٽ ۾، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جا وڏا نالا. جهڙوڪ: سراج الحق ميمڻ، بدر ابڙو، ڊاڪٽر غلام علي الانا، پروفيسر قلندر شاهه لڪياري ۽ نصير اعجاز شامل آهن ۽ سنڌيڪارن ۾ ڊاڪٽر فهميده حسين، سيد حاڪم علي شاهه بخاري، نوراحمد جنجهي، نذير احمد چنا، آصف علي کوسي ۽ ڊاڪٽر گل بليدي جهڙا نانءُ شامل آهن.

لغت نويسيءَ کي ڪجهه عالم لکڻ جو ڪم سمجهن ٿا ۽ ڪجهه ترتيب ڏيڻ جو پر عام طور ان کي ترتيب ڏيڻ جو ڪم ئي سمجهيو ويندو آهي. ڊاڪٽر فهميده حسين لغت نويسيءَ کي تحريري (written) ڪم بدران ترتيب يا سهيڙ ڄاڻائيندي لکي ٿي: "'لغت سازي' کي انگريزي ۾ Lexicography چيو ويندو آهي، جيڪا لسانيات جي هڪ شاخ آهي، جنهن ۾ لفظن جو اڀياس ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ لفظن جي ماهيت، عناصر، معنائون، اچار وياڪرڻي حيثيت ۽ سموري لفظي ذخيري (Lexicon) کي شامل ڪيو ويندو آهي. انهيءَ ۾ نهندڙ لغت جي لفظن جي

الف – بي وار ترتيب کي ڏيان ۾ رکندي سهيڙ (Compilation) وغيره ٿيندي آهي." (فهميده، 2012: 126)

لغت جوڙڻ جي عمل کي سائنسي انداز سان سرانجام ڏيڻ جو نالو "ليڪسيڪوگرافي" (Lexicography) آهي. اها اطلاقي لسانيات (Applied Linguistics) جي هڪ شاخ (branch) طور قبول ڪئي وڃي ٿي، ان ڪري سائنس جي حيثيت رکي ٿي.

ويبسٽرس ڊڪشنري ۾ ليڪسيڪوگرافيءَ جي وصف هن طرح ڏني وئي آهي.

> Lex| i.cog.ra. phy (leks'i käg' rə fē)n. [[<Gr Lexicon, LEXICON + - GRAPHY]] the act, process, art or work of writing or compiling a dictionary or dictionaries, (Neufeldt.1997: 777)

(ليڪسيڪوگرافي لغت يا لغتون لکڻ يا مرتب ڪرڻ جو عمل، سائنس، فن يا ڪم آهي.)

آڪسفرڊ ڊڪشنريءَ ۾ ليڪسيڪوگرافيءَ بابت ڄاڻايل آهي ته

> Lexi.cog.raphy.... the theory, and practice of writing dictionaries. (Hornby, 2015:869)

('ليڪسيڪوگرافي لغتون لکڻ جو نظريو ۽ عملي ڪارروائي آهي.')

انگريزيءَ جي مشهور لغتن ۾ ڏنل انهن وصفن موجب لغت لکي به سگهجي ٿي ته سهيڙي به سگهجي ٿي. ان جو مدار لغت جي نوعيت تي آهي. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جو به چوڻ آهي ته "لغت جو ڪم نهايت نازڪ ۽ ڪٺن آهي. ذري ذري ڪمال احتياط کان ڪم وٺڻو آهي. لفظن جا ڌاتو يا بنياد ڳولڻ ته هيڪاري ٿڪائيندڙ ۽ بيزار ڪندڙ پورهيو آهي." (سنديلو 1980: 11)

سموري انساني سرگرميءَ، بشمول ٻوليءَ جي تاريخ شاهد آهي ته اها مسلسل تبديليءَ جي عمل مان گذرندي رهي ٿي. ان ڪري ٻوليءَ جا لفظ ۽ انهن جون معنائون پڻ ان عمل کان متاثر ٿين ٿيون ۽ مسلسل تبديليءَ ۽ ڦير گهير جي اثر هيٺ رهن ٿيون. ان عمل هيٺ ڪي لفظ پنهنجي روپ سروپ سميت متروڪ ٿي ويندا آهن. ڪي لفظ ٽوڙو يا

گهڻو بدلجي پوندا آهن، تہ ڪيترن ئي لفظن جي معنائن ۾ غير محسوس طور ڦيرو بہ اچي ويندو آهي. ٻئي طرف، سماجي اوسر جي سلسلي تحت ئي، متروڪ لفظن جي جڳهہ نوان لفظ والاريندا آهن، جن جون معنائون پڻ نيون ۽ موجود سماجي وهنوار جون تقاضائون پوريون ڪندڙ هونديون آهن. اهي نوان لفظ ۽ نيون معنائون سمجهڻ جو هڪ عمومي ذريعو لغت هوندي آهي.

سوال ٿو پيدا ٿئي تہ لفظن ۽ انهن ۾ سمايل معنائن جو مطالعو ڪيئن ڪجي ۽ انهن معنائن کي ڇا جي ڪري ڄاڻايل لفظن سان منسوب ڪجي؟ هيءُ سوال، ليڪسيڪوگرافيءَ جي پيٽ ۾ ڪافي حد تائين ليڪسيڪولاجيءَ سان لاڳاپيل آهي، جنهن لاءِ ويبسٽر ڊڪشنريءَ ۾ هن ريت ڄاڻايل آهي:

Lex| i.co| .o| gy . . . the study of the meanings and origins of words. (Neufeldt, 1997: 777)

(ليڪسيڪولاجي لفظن جي بڻيادن ۽ معنائن جي اڀياس کي چئجي ٿو.)

ليڪسيڪولاجيءَ بابت اوڪسفرڊ ايڊوانسڊ لرنرس ڊڪشنريءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ

Lex| i.co| .ogy . . . the study of the form, meanings and behaviours of words. (Hornby, 2015: 869

( ليڪسيڪولاجي لفظن جي نموني، معنائن ۽ ورتاءُ/ هلت جو اڀياس آهي.) بهتر آهي تہ هڪ وصف "ڪنسائيز اوڪسفرڊ ڊڪشنري آف لِنگوسٽڪس" مان بہ مطالعو ڪجي:

Lexicology. Branch of linguistics concerned with the semantic structure of the lexicon. (Matthews, 1997:207)

( ليڪسيڪولاجي لسانيات جي شاخ آهي، جيڪا لغت جي معنوي جوڙجڪ سان لاڳاپيل آهي.)

مٿين ٽنهي وصفن ۾ ليڪسيڪولاجيءَ ("علم اللغات" ♥) بابت ٿوري گهڻي فرق سان هيٺيون ڳالهيون معلوم ٿين ٿيون:

1) پهرين وصف ۾ لفظ جي بڻ ۽ معنيٰ جو اڀياس مقصود آهي. هن وصف ۾ 'لفظ جي بڻ' جو بہ ذڪر ڪيل آهي، جيڪو ڪُتڪندڙ آهي.

چاڪاڻ تہ لفظ جو بڻ ۽ معنوي تبديلي بنيادي طور علم اشتقاق (Etymology) سان سلهاڙيل آهي.

2) ٻيءَ وصف ۾ لفظ جي مقرر ترتيب يعني فارميشن (formation)، معنيٰ ۽ روپ جو اڀياس مقصود آهي.

3) ٽينءَ وصف ۾ معنوي سٽاءُ مقصود آهي، جيڪو لغت ۾ جاٿايل هوندو.

علم اشتقاق بابت ڊاڪٽر فهميده حسين جو رايو آهي تہ:

"لغت سازيءَ ۾ لسانيات جي هڪ ٻي شاخ Etymology يا لفظن جي تاريخي حيثيت جو علم پڻ ضروري آهي. ان لاءِ ماهرن جو چوڻ آهي تہ اهو علم ڪنهن بہ ٻوليءَ جي بڻ بڻياد ۽ معنوي تبديلين جي کوجنا ڪي ڇيو ويندو آهي.

Etymology is the study of the history of words, their origins and how their form and meaning have changed over time.

علم اشتقاق لفظن جي تاريخ جو ۽ انهن جي بنياد جو علم آهي ۽ ان سان اهو معلوم ڪبو آهي تہ لفظ اصل ڪهڙيءَ زبان جو آهي، اتان ڪهڙي صورت ورتائين، اهڙن لفظن جون صورتون ۽ معنائون وقت گذرڻ سان ڪيئن تبديل ٿين ٿيون." (فهميده، 2012: 134)

لفظن جي اشتقاقن ۽ معنائن جو ذڪر، جيئن ڊاڪٽر فهميده حسين جي مٿي ڏنل حوالي ۾ بہ ظاهر آهي، عام طور لغت جو حصو هوندو آهي يعني لغت لکڻ ۾ ان کي ڪتب آندو ويندو آهي تہ جيئن پڙهندڙ کي لفظ ۽ ان جي معنيٰ جي اصل ۽ تبديلين جي مڪمل ڄاڻ ملي سگهي. ان ڪري ليڪسيڪولاجيءَ کان ليڪسيڪوگرافي ڪجهہ قدر مختلف بڻجي پوي ٿي.

ڊاڪٽر فهميده حسين ليڪسيڪولاجيءَ بابت لکي ٿي:

"'علم اللغات' کي انگريزيءَ ۾ Lexicology چيو وڃي ٿو. اها لسانيات جي علم جي هڪ شاخ آهي، جنهن ۾ لغت سازيءَ (اصولي توڙي عملي لغت سازيءَ) جي علمي ڄاڻ ڏني ويندي آهي. ان لاءِ طئي ڪيل قاعدا قانون ۽ اصول سيکاريا ويندا آهن... علم اللغات جو ڪم جهڙو ڪر

لغت سازيءَ جي عملي تربيت ڏيڻ ٿئي ٿو." (فهميده, 2012: 129) هن ليڪسيڪولاجيءَ جي مطالعي دوران لاڳاپيل مضمونن, جهڙوڪ: معنويات (Semantics), علم اشتقاق, صوتيات (Phonology), صرفيات (Morphology), نحويات (Syntax) ۽ علم املا (Orthography) کي پڻ تربيت جو حصو جاڻايل آهي. (فهميده, 2012: 129)

ليڪسيڪوگرافيءَ ۽ ليڪسيڪولاجيءَ جي تفاوت کي هيٺ ڏنل تقابلي جائزي منجهان سولائيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو:

"Both lexicology and lexicography are derived from the Greek word lexiko (Adjective from lexis meaning 'speech', or 'way of speaking' or 'word'). The common concern of both of them is 'word' or the lexical unit of language. Lexicology is derived from lexico 'word' plus logos 'learning or science' i.e. the science of words. Lexicography is lexico 'word' plus graph 'writing' i.e. the writing of words, the etymological meaning of these words speaks for itself the scope of these branches of linguistics. Lexicology is the science of the study of word whereas lexicography is the writing of the word in some concrete form i.e in the form of dictionary … Lexicology and lexicography are very closely related, rather the latter is directly dependent on the former and may be called applied lexicology… Lexicology provides the theoretical basis of lexicography" (Singh. Ram Adhar)

(ٻئي ليڪسيڪولاجي ۽ ليڪسيڪوگرافي يوناني لفظ "ليڪسيڪو" lexiko, جيڪو lexis جي صفت آهي, جنهن جي معنيٰ آهي 'ڳالهائڻ', يا 'ڳالهائڻ جو انداز' يا 'لفظ مان ورتل آهن. ٻنهي جو رواجي تعلق 'لفظ' يا ٻوليءَ جي لغوي ايڪي سان آهي. ليڪسيڪولاجي "ليڪسيڪو" 'لفظ' + "لوگوس" 'سکڻ يا سائنس' مان ورتل آهي, جنهن جو مطلب ٿيو 'لفظن جي سائنس'. ليڪسيڪوگرافي "ليڪسيڪو" 'لفظ'+ "گراف" 'لکڻ' مان ورتل آهي جنهن جو مطلب ٿيو 'لفظن جو لکڻ', انهن لفظن جي اشتقاقي معنيٰ لسانيات جي انهن شاخن جي اهميت پاڻ ئي ٻڌائي ٿي. ليڪسيڪولاجي لفظ جي اڀياس جي سائنس آهي, جڏهن ته ليڪسيڪوگرافي لفظ کي ڪنهن مخصوص شڪل ۾ لکڻ [جو عمل]

آهي جهڙوڪ لغت جي صورت ۾... ليڪسيڪولاجي ۽ ليڪسيڪوگرافي هڪ ٻئي سان تمام گهڻو ويجهو آهن. البت ليڪسيڪوگرافيءَ جو سڄو دارومدار ليڪسيڪولاجيءَ تي آهي، جنهن ڪري ان کي اطلاقي ليڪسيڪولاجي سڏي سگهجي ٿو. ليڪسيڪوگرافيءَ جو نظرياتي بنياد ليڪسيڪولاجي مهيا ڪري ٿي.)

لغت نويسيءَ کي ٻن الڳ پر مساوي اهميت وارين شاخن "عملي لغت نويسي" (Pracitical Lexicography) ۽ "نظرياتي لغت نويسيءَ" (Theoretical Lexicography) ۾ ورهايو ويو آهي. عملي لغت نويسي لغتن کي سهيڙڻ، لکڻ ۽ سنوارڻ جو فن يا هنر آهي. جڏهن ته نظرياتي لغت نويسي ٻوليءَ جي لفظي ذخيري (Vocabulary) منجهه معنوي، نحوي ترڪيبائي (Syntagmatic) ۽ گرداني (paradigmatic) لاڳاپن، لغتي جزن جي اُسرندڙ نظرين، لغتن ۾ ڄاڻوڪي (data) جي ڳنڍيل جوڙجڪن، مخصوص قسمن جي حالتن ۾ واپرائيندڙن (Users) جي معلومات جي ضرورتن ۽ واپرائيندڙ ڪهڙيءَ طرح ڇپيل ۽ اليڪٽرانڪ لغتن ۾ سمايل ڄاڻوڪيءَ تائين سٺيءَ طرح رَسائي ڪري سگهن ٿا. کي بيان ۽ تجزيو ڪرڻ جو عالماڻو ضابطو آهي. ان کي، ڪن حالتن ۾ "مٿيري لغت نويسي" (meta- lexicography) پڻ سڏيو ويندو آهي. (Lexicography Ref: http://en.wikipedia.org/wiki/)

ليڪسيڪوگرافيءَ جي اهميت ۽ افاديت ڏينهون ڏينهن دنيا جي سڄريل ٻولين ۾ وڌي رهي آهي، جنهن جي ثابتي اوڪسفرڊ، ميريم ويبسٽرس، چيمبرس ۽ ڪولنس جهڙيون جڳ مشهور لغتون آهن. ساڳيءَ طرح مختلف سائنسي، سماجي ٻين علمي موضوعن جهڙوڪ: فزڪس، ڪيمسٽري، مئٿس، بائلاجي، جاگرافي، ميڊيڪل، فلاسافي، جماليات، ٻولي، نفسيات ۽ قانون وغيره تي لکيل لغتن کي عالمن، استادن، شاگردن ۽ سڄاڻ طبقن قدر جي نگاهه کان ڏٺو آهي، ڇاڪاڻ ته انهن لغتن وسيلي علمي ۽ تدريسي ذخيري ۾ جوڳو واڌارو ٿيو آهي. موجوده وقت ۾ لسانيات جي هڪ اهم شاخ طور ليڪسيڪوگرافيءَ جو مضمون ٻولين جي گهڻ

رُخي مطالعي جي حيثيت حاصل ڪري چڪو آهي. ضرورت آهي تہ ان مضمون کي پنهنجي ساڳاري مضمون ليڪسيڪولاجيءَ سُوڌو گريجوئيشن ۽ ماسٽرس جي نصاب جو حصو بڻايو وڃي.

## حوالا/ذريعا


1. آڏواڻي، پيرو مل مهرچند (2007): ٻولي ۽ تهذيب: تاريخ جوڙڻ جي نئين واٽ "سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون" (جلد: I)، مرتب: ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد

2 ايضاً

3. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (1991): مقدمو "لغات سنڌي مخففات"، مخدوم محمد زمان طالب المولي، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو/ حيدرآباد سنڌ.

4. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر (1983) پيش لفظ "علم لسان ۽ سنڌي زبان"، علي نواز حاجن خان جتوئي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي.

5 بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر (1988): "جامع سنڌي لغات"، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.

6. ٻگهيو قاسم ڊاڪٽر (1998): "سنڌي ٻولي: لسانيات کان سماجي لسانيات تائين"، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي.

7. ٻوهيو الهداد ڊاڪٽر (2008): سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪردار "سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون" (جلد: III)، مرتب: آزاد انور ڪانڌڙو سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد

8. جتوئي، علي نواز حاجن خان (1983): "علم لسان ۽ سنڌي زبان"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي.

9. جين، گيانچند (2014): علم اللغات اور لفظ اصليات "اُردو لغات: اُصول اور تنقيد" (اردو)، مرتب: رؤف پاريکہ فضلي سنز ڪراچي.

10. خوشحالاڻي، گلراج - ايم (2007): سنڌي ماضي- حال- مستقبل "سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون" (جلد- I)، مرتب: ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو، سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد

11. سنڌيلو عبدالڪريم ڊاڪٽر (1980): "تحقيق لغات سنڌي"، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد

12. سيوهاڻي، فتح محمد، حڪيم (2007): سنڌي ٻولي دنيا جي سڌريل ٻولين مان هڪ آهي "سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون" (جلد: I)، مرتب: ڊاڪٽر

انور نگار هڪڙو، سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد
13.مامتورا، آسانند (2007): علم لغات يا شبد وديا. "سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون" (جلد:1)، مرتب: ڊاڪٽر انور نگار هڪڙو، سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد
14. Barber, C.L. (1982) "The Story of Language", Pan Books London and Sydney.
15. Hornby, A.S. (2015) "Oxford Advanced Learner's Dictionary", Oxford University Press. UK.
16. Mathews, P.H. (1997) "The Concise Oxford Dictionary of Linguistics", Oxford University Press, New York.
17. Neufeldt, Victoria, Editor in chief (1997) "webster's New World College Dictionary", Macmillan USA.
18. Singh Ram Adhar: "An Introduction to Lexicography", Central Institute of Indian Languages, Mysore. (http://www.ciil-ebooks.net/html/lexico/link4.htm)
19. http://en.wikipedia.org/wiki/lexicography

سمجهاڻي

علم اللغات، لفظن جي ساخت، اشتقاق، تاريخ ۽ معنيٰ جو علم (ڏسو: اوڪسفرڊ انگريزي سنڌي ڊڪشنري 2010: 1007)

Etymology: the derivation of a word. (Barber, 1982: 279)

§ليڪسس (Lexis) اسم 1 لفظ لفظن جو ذخيرو لغات 2 ٻوليءَ ۾ شامل سمورا لفظ (اوڪسفرڊ انگريزي سنڌي ڊڪشنري 2010، 1007)

---

(ڇهه ماهي تحقيقي جرنل "ڪارونجهر"، جلد 7، شمارو 13، ڊسمبر 2015ع تان ورتل)

# ياڱو ڀيو
# سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي

# سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ

سنڌي ٻوليءَ جون لغتون (شبد ڪوش - Dictionaries) ڪڏهن کان وٺي تيار ڪيون ويون، هن مضمون ۾ انهيءَ تي ٿوري روشني وڌي ويئي آهي.

ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۽ سنڌ (پاڪستان) ۾ سنڌي لغتون چڱي تعداد ۾ شايع ٿيون آهن. ڪجهه ننڍيون لغتون ٻين ملڪن ۾ به ڇپيون آهن. جهڙوڪ "جپاني-سنڌي ۽ سنڌي-جپاني گلاسري". اسڪولي شاگردن جي لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ جون ڪجهه پاڪيٽ سائيز ڊڪشنريون به تيار ڪيون ويون آهن. هتي مون اُنهن جو ذڪر نه ڪيو آهي، اُنهن کي ڇڏي باقي ٻين اهميت وارين سيني سنڌي لغتن جي ڄاڻ گڏ ڪري هتي ڏني اٿم. ممڪن آهي ته اجا ڪن بابت مون کي معلومات حاصل نه ٿي سگهي هجي. اِنهيءَ بابت جيڪڏهن ڪي سڄڻ منهنجي ڄاڻ ۾ واڌارو ڪندا ته شڪر گذار رهندس.

**سنڌي لغتن جي شروعات:**

ڪنهن به ٻوليءَ جو ابياس ڪرڻ لاءِ اُنهيءَ جي وياڪرڻ (گرامر) ۽ لفظن جي معنيٰ، اصطلاحن، محاورن ۽ پهاڪن جي معنيٰ جو علم هئڻ ضروري آهي. سنڌ ۾ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي حڪومت واري دؤر ۾ مڪتبن ۽ مدرسن ۾ گهڻو ڪري فارسيءَ جي تعليم ڏيڻ تي زور ڏنو ويندو هو. سنڌي ٻولي، جيڪا مڪاني ماڻهن جي "مادري زبان" هئي، اُنهيءَ جي سيکارڻ لاءِ ڪو جوڳو بندوبست ڪونه هو. اِهو ئي سبب آهي جو اُنهيءَ دؤر جا ڪنهن به ڏيهي عالم جا لکيل سنڌي

وياڪرڻ ۾ سنڌي شبدڪوش روشنيءَ ۾ نہ آيا آهن. اِنهيءَ ڏِس ۾ شروعاتي ڪوششون يورپي عالمن ڪيون آهن.

ميرن جي حڪومت واري دؤر جي آخري سالن ۾ انگريز سرڪار جي ڪن عملدارن سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ڪيو. اِنهيءَ جو مکيہ مقصد اِهو ٿو نظر اچي تہ هُنن جون نظرون سنڌ تي قبضو ڪرڻ واريون هيون. هنن سنڌ سان واپار ڪرڻ لاءِ سنڌوندِيءَ رستي آمدرفت واسطي ميرن کان اجازت ورتي. ان طرح هُو سنڌ جي سماجي ۽ سياسي حالتن کان بہ واقف ٿيا. 1835ع ۾ جيمس پرنسيپ سنڌي ٻوليءَ جو وياڪرڻ انگريزيءَ ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو (A Grammar of the Sindhee Language, Bombay 1835) ٻئي سال 1836ع ۾ بمبئيءَ جي رهاڪوءَ واٿين W.H Wathen نالي عملدار سنڌي ٻوليءَ جو وياڪرڻ ۽ لفظن جو ننڍڙو ذخيرو (A Grammar of the Sindhi Language, Bombay 1836) انگريزيءَ ۾ شايع ڪيو. هو بمبئي جي گورنر سر رابرٽ گرانٽ جو چيف سيڪريٽري هو. هن بمبئي ۾ رهندڙ سنڌي واپارين کان سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ڪيو.

1843ع ۾ جڏهن سر چارلس نيپئر دوکي سان ميرن کي شڪست ڏيئي سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت برپا ڪئي، اُنهيءَ سال انگريزي فوج جي ٻن عملدارن ڪئپٽن ايسٽوِڪ (J.B. Eastwick) ۽ ليفٽيننٽ ليچ (R. Leech) سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جا ننڍڙا ذخيرا رومن لِپيءَ ۾ انگريزي معنيٰ سان گڏ ڇپائي پڌرا ڪيا. اِنهن جي ڇاڻ اسان کي "رايل ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال، ڪلڪتا" جي شايع ٿيندڙ مخزن جي پرچن مان ملي ٿي.

سر چارلس نيپئر، جنهن جي اڳواڻي هيٺ انگريزي فوجن سنڌ فتح ڪئي هئي، تنهن کي سنڌ جو پهريون گورنر مقرر ڪيو ويو. هن ملڪي انتظام ۽ سماجي سُڌارن طرف گهڻو ڌيان ڏنو. هن جي ڏينهن ۾

ٿي ڪن يورپي عملدارن سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ادب ۽ ريتن رسمن وغيره جو چڱو اڀياس ڪيو. اُنهن ۾ رچرڊ برٽن ۽ ڪئپٽن اسٽئڪ مکيه هئا. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ حيدرآباد ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي ڪم ڪري رهيو هو. کيس ٻولين جي اڀياس ڪرڻ جو گهڻو شوق هو. سنڌ ۾ رهندي اسٽئڪ گهڻي ڪوشش ڪئي ته سنڌي سيکاريندڙ ڪو سُٺو اُستاد ملي، پر کيس اهڙو ڪو سنڌي نظر نه آيو جيڪو انگريزيءَ يا هنديءَ ذريعي کيس "سنڌي" سيکاري سگهي. اِنهيءَ تي هن پنهنجي ليکي سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس شروع ڪيو. سنه 1847ع ۾ اسٽئڪ انگريزيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو گرامر لکي بمبئي سرڪار کي ڇپڻ لاءِ ڏنو. اُنهيءَ کان پوءِ انگريزي-سنڌي ۽ سنڌي-انگريزي ڊڪشنريون تيار ڪرڻ ۾ لڳي ويو. هن پنهنجي گرامر جي مهاڳ ۾ لکيو آهي، "مون پنهنجي وياڪرڻ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سٽاءَ بابت جيڪي قاعدا ڏنا آهن، اُهي سموري سنڌ جي ٻوليءَ سان لاڳو ٿين ٿا. جتي جتي اڀياشائن جا ڪجهه تفاوت آهن اتي اتي انهن طرف فوٽ نوٽس ۾ ڌيان ڇڪايو اٿم. مون کي ڏيهي سنڌي عالمن جون اهڙيون ڪي به تصنيفون هٿ نه اچي سگهيون آهن، جن تان ٿوري گهڻي ڄاڻ حاصل ڪيان. اِن ڪري سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي بيهڪ بابت جيڪي مون قاعدا ڏنا آهن، اُهي سڀ مون پاڻ سنڌين جي گفتگون ٻڌي جوڙيا آهن. مون کي هڪ به اهڙو سنڌي نه مليو آهي، جنهن کي پنهنجي مادري زبان جي وياڪرڻ جي نيمن جي ذري به ڄاڻ هجي. مون ٿي سنڌين جو سندن مادري زبان سنڌيءَ جي خاصيتن طرف ڌيان ڇڪايو آهي. تعليم حاصل ڪيل سنڌي پڻ سندن مادري زبان جي اڀياس طرف ڌيان نٿا ڏين. مسلمان عربيءَ ۽ فارسيءَ جي تعليم ٿا وٺن. ٻئي طرف سنڌي هندو فارسيءَ يا پنجابيءَ ۽ هنديءَ جو اڀياس ٿا ڪن.

اُها ٻولي جيڪا هو پنهنجيءَ ماءُ جي ٿڃ پيئندي سکيا هئا. اُنهيءَ مادري زبان کي هو فقط مسخرن جي لائق ٿا سمجهن. انهيءَ هوندي پڻ مون کي پوري خاطري آهي تہ ٻوليءَ جي ماهرن لاءِ ٿي هندستان جي ٻين گهڻين ٻولين جي ڀيٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ابياس وڌيڪ دلچسپ ثابت ٿيندو."

**انگلش-سنڌي ڊڪشنري:**

اسٽئڪ جو تيار ڪيل سنڌي گرامر ۽ سنڌس مرتب ڪيل انگلش-سنڌي ڊڪشنري بمبئي سرڪار 1849ع ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا. اسٽئڪ جي اِنهي ڊڪشنريءَ ۾ اٽڪل ٻارهن هزار انگريزي لفظن جون سنڌيءَ ۾ معنائون ڏنل آهن. اِن ڊڪشنريءَ سان گڏوگڏ هو سنڌي-انگلش ڊڪشنري بہ جوڙي رهيو هو. اِن ۾ گهٽي ٿي جهونا سنڌي لفظ ڏنل آهن، جيڪي اڄ ڪلهہ جي ٻوليءَ ۾ واهپي ۾ نٿا اچن. اِنهيءَ ڊڪشنريءَ جي تياريءَ ۾ حيدرآباد جا ٻہ سنڌي عالم پنڊت برهم سچدانند ۽ پنڊت جيشٺ برهم يا جيتارام سنڌس ٻانهن ٻيلي هئا.

ڪئپٽن اسٽئڪ اِنهن ڪتابن تيار ڪرڻ ۾ ايتري قدر جفاڪشي ڪئي جو سنڌس صحت ڏهي پيئي. لاچار هو موڪل وٺي علاج لاءِ يورپ هليو ويو. تندرست ٿيڻ بعد جڏهن وري هندستان ۾ واپس آيو تہ سرڪار کيس ڪنهن ٿڌي ۽ موافق آبهوا واري علائقي ۾ ڪم لاءِ آڇ ڪئي، پر سنڌي ٻوليءَ تي فدا ٿيل هِن عالم اهڙي آڇ قبولڻ کان ناڪار ڪئي. اسٽئڪ انگريز سرڪار کي عرض ڪيو تہ کيس وري ساڳئي عهدي تي سنڌ ۾ مقرر ڪيو وڃي. اِن طرح هو وري حيدرآباد ۾ موٽي آيو ۽ ڊڪشنريءَ جي اڌ ۾ ڇڏيل ڪم کي جنبي ويو. اِنهيءَ جا اڇا 160 کن صفحا ڇپيا هئا جو ڊسمبر 1853ع ۾ راهہ رباني وٺي رمندو رهيو. "سنڌي-انگلش ڊڪشنري" رايل سائيز جي 437

صفحن جي آهي. اِنهيءَ جي ڇپائيءَ جو ڪم بي. ايچ. ايلس پنهنجي نگرانيءَ ۾ پورو ڪرايو. هُو بارٽل فريئر جو زيردست هو ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر جي عهدي تي هو. ايلس اِها ڊڪشنري 1855ع ۾ بمبئيءَ مان سرڪار جي تعليم کاتي طرفان ڇپائي پڌري ڪئي. اِنهيءَ ۾ اٽڪل ويهہ هزار کن سنڌي لفظ ڏنل آهن.

ڪئپٽن اسٽئڪ ٺنهي ڪتابن ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ 'ديوناگري لپي' استعمال ڪئي آهي. انهيءَ جو سبب هن صاف لفظن ۾ اهو ڄاڻايو آهي تہ:

" اِهي ڪتاب خاص طور اُنهن سرڪاري عملدارن لاءِ لکيا ويا آهن، جيڪي سنڌ ۾ سرڪاري عهدن تي مقرر ٿيل آهن. سرڪاري ذميوارين کي نڀائڻ لاءِ کين مڪاني ٻولي سنڌيءَ جو علم حاصل ڪرڻ لازمي آهي. جيئن تہ اُهي هندي، مراٺي وغيره ٻوليون ڄاڻڻ ڪري ديوناگري لپي اڳ ۾ ئي ڄاڻن ٿا. اِنهيءَ ڪري هو اِنهن ڪتابن جي مدد سان سنڌي ٻولي جلد ئي سکي سگهندا"

ايلس سنڌي-انگلش ڊڪشنريءَ جي مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ ڪيس ڪئپٽن اسٽئڪ گهڻي ئي دفعا چيو هو تہ اِنهن ڪتابن ۾ ديوناگري لپيءَ ۾ سنڌي لکيل هئڻ ڪري ائين نہ سمجهڻ گهرجي تہ مان سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري اکرن اپنائڻ جي وڪالت ٿو ڪريان، پر جيستائين سنڌي ٻوليءَ لاءِ لکاوٽ مقرر ڪرڻ بابت سرڪار ڪو فيصلو ڪري، تيستائين سنڌيءَ ۾ ڪتابن جي ڇپائيءَ جو ڪم روڪي رکڻ سياڻپ جو قدم نہ ٿيندو. ايلس پاڻ عربي-فارسي اکرن ۾ سڌارا وڌارا ڪري سنڌيءَ لاءِ لکاوٽ تيار ڪرڻ جي فائدي ۾ هو. سنہ 1853ع ۾ سندس صدارت هيٺ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي هئي، جنهن عربي-سنڌي لپيءَ کي هڪ معياري روپ ڏنو هو. ايلس صاف صاف لفظن ۾ "سنڌي-انگلش ڊڪشنريءَ" جي مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ جيڪڏهن وٽس اِهي دستخط رکيا هجن ها، تہ پاڻ بہ سنڌي لاءِ

سرڪاري سطح تي لکاوٽ جي فيصلي ٿيڻ تائين نہ ترسي ها. هوَاهي ڪتاب ديوناگريءَ ۾ ئي جلد ڇپائي پڌرا ڪري ها. ڇاڪاڻ تہ آفيسرن کي سنڌي سيکارڻ لاءِ انهن جي گهڻي ضرورت هئي.

سنڌيءَ جي مشهور عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو تحقيق ۽ تصنيف ڪيل هڪ ڪتاب تازو شايع ٿيو آهي. اِنهيءَ جو نالو آهي "سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي." سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري، حيدرآباد سنڌ مان اِهو ڪتاب سنہ 1992ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. اِنهيءَ جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر بلوچ لکيو آهي تہ "انگريز حڪمرانن جي آفيسرن جي هڪ منظم گروهہ ڪئپٽن اسٽئڪ جي اڳواڻيءَ هيٺ، صدين کان وٺي استعمال ٿيندڙ عربي-سنڌي رسم الخط کي ختم ڪري، اُنهيءَ جي جاءِ تي 'ديوناگري رسم الخط' کي رائج ڪرڻ جو منصوبو سٽيو هو. اُنهيءَ اِرادي سان ڪئپٽن اسٽئڪ جلدي جلدي سنڌي گرامر ۽ انگريزي-سنڌي توڙي سنڌي-انگريزي ڊڪشنريون تيار ڪري ڇپائي پڌريون ڪيون. اُنهن ۾ هُن سنڌي ٻولي ديوناگري رسم الخط ۾ لکي اِها ڳالهہ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ انهيءَ لپيءَ ۾ سنڌي ٻولي لکڻ ۾ ڪابہ ڏکيائي نہ آهي."

منهنجي ويچار ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مخلص خدمتگار ڪئپٽن اسٽئڪ جي نيڪ اِرادن ۾ شڪ ظاهر ڪري ڊاڪٽر بلوچ صاحب هن عالم سان گهڻي زيادتي ۽ بي انصافي ڪئي آهي. ڪئپٽن جي لکيتن مان هتي جيڪي حوالا ڏنا ويا آهن، اُنهن مان صاف ظاهر آهي تہ هن عالم سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لپي ڇو استعمال ڪئي هئي؟

**سنڌي- فارسي لغت:**

"جواهر لغات سنڌي آڪيچار" پهرين سنڌي-فارسي لغات آهي، جيڪا روشنيءَ ۾ آئي آهي. انهيءَ جو جوڙيندڙ آهي آخوند عبدالرحيم عباسي. هو ڪوهستان طرف جو رهاڪو هو ۽ انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ لڏي وڃي ڪراچيءَ ۾ رهيو هو.

آخوند زباني روايتن مان سنڌيءَ ۾ چيل ڪجهہ قصا قلمبند ڪري، سنڌ جي تعليم کاتي کي ڏنا هئا. جيڪي سرڪار ڇپائي ظاهر ڪيا. هن جي تيار ڪيل "سنڌي-فارسي لغات" جو دستخط پڻ سرڪاري دفتر ۾ پيو هو پر شايع نہ ڪيو ويو. انگريز سرڪار سنہ 1851ع ۾ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ڪاروبار ۽ لکپڙهہ لاءِ تسليم ڪيو هو. اِنهيءَ ڪري شايد هن جي تيار ڪيل سنڌي-فارسي لغات جي ڇپائڻ جي ضرورت نہ سمجهي ويئي. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري اِنهيءَ جو هٿ لکيل مسودو حاصل ڪري، سنہ 1992ع ۾ حيدرآباد سنڌ مان ڇپائي ظاهر ڪيو آهي. آخوند عبدالرحيم اها لغت ڪڏهن لکي تيار ڪئي هئي، انهيءَ جو سال ڏنل نہ آهي، پر انهيءَ ۾ شڪ ناهي تہ هن اِها لغات 1845ع کان 1851ع واري عرصي ۾ لکي تيار ڪئي هوندي. هن ۾ سنڌي لفظ اُنهيءَ جهوني عربي-سنڌي رسم الخط ۾ لکيل آهن، جيڪو آخوند پاڻ ٺاهيو هو. هو سنہ 1878ع ڌاري گذاري ويو.

## اوڻويهين عيسوي صديءَ جون ٻيون لغتون:

گذريل صديءَ ۾ جيڪي ٻيون لغتون شايع ٿيون، اُهي هن ريت آهن:

**اکر ڌاتو:** پادري شرٽ هيءَ ننڍڙو ڪتاب تيار ڪري سنہ 1866ع ۾ ڇپايو. ڪتاب ۾ ڪل 44 صفحا آهن ۽ ليٿو ۾ ڇپيل آهي. انهيءَ ۾ چونڊ سنڌي لفظن جا ڌاتو يعني بنياد ڏنل آهن، جيڪي سنسڪرت مان سنڌيءَ ۾ ٿد ڀَوَ روپ ۾ بدلجي آيا آهن. ترتيب هن ريت چئن ڪالمن ۾ رکي ويئي آهي.

ڌاتو سنسڪرت جو: (1) ڌاتو سنسڪرت جو سنڌي اکرن ۾ لکيل. (2) ڌاتو انگريزي رسم الخط ۾ لکيل. (3) معني ۽ (4) سنڌي لفظ مثال طور:

اَ (a) معنيٰ 'نہ'. سنڌي لفظ: اَجاڻ، اَڏَرَ اَمَرُ، اَياڻي، اَڪَٽُ.

جَن (Jan) پيدا ٿيڻ. سنڌي لفظ: جات، جاتڪ، جنم، جنني، جڻيو، جَمُ، جِمارَ جِڻائڻ، جمڻ، جَڻو جڻڻ، جڻي.

**وئتپتي ڪوش:** جهمتمل ناورمل وسٽاڻيءَ پادري شرٽ واري ساڳي طرز تي سنڌي ٻوليءَ جي اُنهن چوڻڊ لفظن جي وئتپتي (Etymology) هن ڪوش ۾ ڏني آهي، جيڪي سنسڪرت مان سنڌيءَ کي وراثت ۾ مليا آهن. هن ڪوش جو ٻهريون ڇاپو لڻو ۾ سن 1886ع ۾ ڇپيو ۽ ٻيو ڇاپو سن 1904ع ۾ ڪراچي مان شايع ٿيو. ٽيون ڇاپو ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ طرفان ڇاپي پڌرو ڪيو ويو. پهرين ٻن ڇاپن ۾ مول سنسڪرت لفظ ديوناگري لپيءَ ۾ ڏنل آهن، پر ٽئين ڇاپي ۾ اِهي عربي-سنڌي رسم الخط ۾ ڏنل آهن، ڇاڪاڻ تہ سنڌ ۾ ديوناگري ڪمپوزنگ جي سهولت ڪانہ آهي. مثال:

ڪامَ- عشق:- ڪامُ، ڪامي، ڪامنا، نهڪام، نشڪام، شڪام، نهڪامي، ڪامڻ، ڪامٽي.

ايڪش - ڏِسڻ: ويکڻ، پرکڻ، پريکيا، پارکو پرک، پارکا، پرکائڻ، پرکائي.

**انگريزي- سنڌي ڊڪشنري:** سنہ 1868ع ۾ مهارا شٽر جي هڪ عالم لڪشمڻ وشٽو پراجپٽي هيءَ ڊڪشنري ڇپائي. انهيءَ جو حوالو گريئرسن جي "لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا" (Linguistic Survey of India)ڪتاب جي جُلد آٺين ۾ ڏنل آهي.

**سنڌي-انگلش ڊڪشنري:** سنڌ جي تعليم کاتي طرفان جيڪا عربي- سنڌي الف-ب 1853ع ۾ ٺاهي وئي، اُنهيءَ ۾ لوهي ٽائيپ ڪرائي، ڪمپوزنگ ذريعي ڇپيل هيءَ پهرين ڊڪشنري آهي. اِها ڪراچيءَ ۾ ڪمشنر جي پرنٽنگ پريس ۾ ڇپيل آهي. اِنهيءَ جا تيار ڪندڙ آهن آخوند پادري شرٽ، اُڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي ۽ مرزا صادق علي بيگ. اِنهيءَ جي تيار ڪرڻ ۾ آخوند عبدالرحيم ("جواهر لغات سنڌي آڪيچار" جو مصنف) بہ ٽنهي ايڊيٽرن جو چڱو مددگار

هو. جيئن تہ هيءَ ڊڪشنري سنہ 1879ع جي ڇپيل آهي ۽ اُن جي مهاڳ ۾ آخوند جا شڪرانا ميجيندي ڪيس "مرحوم" لکيو ويو آهي. اُن مان ظاهر آهي تہ هو ڊڪشنري ڇپجي ظاهر ٿيڻ کان سال-ٻہ اڳ گذاري ويو هو. هن لغات جي خاصيت اِها آهي تہ لفظن تي زيرون-زبرون ڏيئي اُنهن جا صحيح اُچار لکڻ تي گهڻو ڌيان ڏنو ويو آهي. ايڊيٽرن جارج اسٽئڪ جا بہ گهڻا شڪرانا ميجيا آهن. جنهن جي "سنڌي-انگلش ڊڪشنريءَ" تان هنن گهڻي ۾ گهڻي مدد ورتي آهي. هن ۾ اٽڪل ٻاويهہ هزار کن سنڌي الفاظ ڏنل آهن.

سنڌ جي هڪ يورپي عملدار "مري" (J. A. Murray) جا تيار ڪيل ٻہ انگريزي ڪتاب سنہ 1881ع ۾ شايع ٿيا. اُنهن جا نالا آهن:-

1- Vertebrate Zoology of Sind.

2- Plants and Drugs of Sind.

انهن ۾ سنڌ جي پسُن (جانورن)-پکين جڙين ٻوٽين ۽ وڻن ٽڻن جا لفظ گڏ ڪري رومن لپيءَ ۾ انگريزيءَ معنيٰ سان ڏنل آهن.

ليلا رام وطنمل لالواڻي 'خاڪي' انگريزيءَ ۾ شاهہ لطيف جي حياتيءَ ۽ ڪلام تي هڪ تحقيقي ڪتاب سنہ 1890ع ۾ شايع ڪيو. اُنهيءَ جو نالو آهي:-

The Life, Religion and Poetry of Shah Latif

اِنهيءَ ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي ۾ شاهہ جي رسالي جي اوکن لفظن جي معنيٰ انگريزيءَ ۾ ڏنل آهي. شاهہ جي رسالي جي هيءَ پهرين لغت آهي.

**ويهين عيسوي صديءَ ۾ سنڌي لغت نويسي 1900 کان وٺي 1947ع تائين:**

ويهين صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ ملڪ جي ورهاڱي تائين سنڌي لغت نويسيءَ ۾ چڱو ئي اهم ۽ بنيادي ڪم ٿيو آهي. انهيءَ دؤر ۾ شايع ٿيل مکيہ ڊڪشنريون هن ريت آهن:

**ديوان ڪوڙومل چندنمل ڪلناڻي:** سنہ 1904ع ۾ "انگريزي-سنڌي ڊڪشنري" ڇپائي. اُن کان پوءِ هن هڪ "سنڌي-انگلش ڊڪشنري" بہ تيار ڪري شايع ڪئي، جنهن ۾ آهڙا سنڌي لفظ درج ڪيل هئا. جيڪي شرٽ اُڏارام ۽ مرزا صادق علي بيگ واري ڊڪشنريءَ ۾ ڏنل نہ هئا.

**پيرومل مهرچند آڏواڻي:** شاهہ جي رسالي جو گهرو اڀياس ڪندڙ هو. هن "غريب اللغات" نالي سان رسالي جي ڏکين لفظن جي معنيٰ جدا جدا جلدن ۾ ڇپائڻ شروع ڪئي. پهريون ڀاڱو سنہ 1907ع ۾ حيدرآباد سنڌ مان ڇپائي ظاهر ڪيائين. انهيءَ ۾ سُرڪلياڻ، سُر يمن ڪلياڻ ۽ سُر کنڀات جا ڏکيا لفظ ڏنل آهن. اِهو ڀاڱو سٺ صفحن ۾ آهي ۽ ڪيترن هنڌن تي لفظن جي وڻتپتي (Etymology) پڻ ڏنل آهي. اِنهيءَ کان پوءِ نظر ٿو اچي تہ هو ٻيا ڀاڱا ڇپائي ظاهر ڪري نہ سگهيو.

**پرمانند ميورام:** "سنڌي-انگلش ڊڪشنري" تيار ڪري، سنہ 1910ع ۾ حيدرآباد سنڌ مان شايع ڪئي. اِنهيءَ لاءِ هن نہ فقط اڳين سنڌي ڊڪشنرين تان مدد ورتي آهي، پر پنهنجي ليکي پڻ سنڌ جا جدا جدا ڳوٺ گُهمي، ڪمين-ڪاسبين ۽ ڌنڌي وارن جا اصطلاح گڏ ڪري درج ڪيا آهن. اڄ تائين اِها لغت سَند طور استعمال ڪئي وڃي ٿي. اِنهيءَ ۾ سنڌي لفظن جو تعداد اٽڪل پنجويهہ هزار کن آهي. پرمانند جي ٻي "انگلش-سنڌي ڊڪشنري" سنہ 1933ع ۾ حيدرآباد سنڌ مان شايع ٿي. هاڻي ويهين صدي ختم ٿي چڪي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻي ئي نوان لفظ ۽ اصطلاح جذب ٿي ويا آهن. اِنهيءَ ڪري اِنهن ڊڪشنرين ۾ اضافو ڪري ۽ ضروري سُڌارا آڻي، نيون جامع ڊڪشنريون تيار ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي.

**مرزا قليچ بيگ:** لغت نويسيءَ ۾ بہ ڪيترن ۾ پڻ ٻين عالمن کان گهڻو اڳتي هو. هن شاهہ جي رسالي جو نئون ڇاپو تيار ڪري

ڇپائڻ سان گڏ سنہ 1913ع ۾ "لغات لطيفي" بہ شايع ڪئي. اُن ۾ سندس تيار ڪيل "شاهہ جي رسالي" جي ايڊيشن مطابق سُرن موجب لفظن جي معنيٰ ڏنل آهي. مرزا صاحب 1921ع ۾ انگريزيءَ ۾ هڪ ننڍڙو ڪتاب "Philological Curiositics" نالي بہ ڇپايو. اُنهيءَ ۾ هُن سنڌي لفظن جي ٻين ٻولين سان ڀيٽ ڪئي آهي. انگريزي، عربي، فارسي، وغيره لفظ ڪيئن سنڌيءَ ۾ بدلجي آيا آهن، اُنهن تي بہ روشني وڌل آهي. مرزا قليچ بيگ جو ٽيون ڪتاب آهي. "لغات قديمي" جيڪو هن 1923ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. انهيءَ ۾ شاهہ لطيف جي ڪلام سان گڏ ٻين بہ جهونن سنڌي شاعرن جي شعر مان ڏکين لفظن جي معنيٰ ڏنل آهي. مرزا صاحب جو هڪ ڪتاب باغبانيءَ بابت بہ ڇپيل آهي. اُن ۾ هُن اِنهيءَ جي فن سان واسطو رکندڙ گهڻي ئي لفظ ڏنا آهن.

ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي: "شاهہ جو رسالو" ٽن جلدن ۾ مرتب ڪيو. هر هڪ جلد جي آخر ۾ سمجهاڻيءَ واري حصي ۾ ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ اُنهن جي وڻنپتي بہ ڏنل آهي. اِهو حصو جيڪڏهن الڳ ڪتاب جي صورت ۾ ترتيب ڏيئي ڇپائجي تہ شاهہ جي رسالي جو شبد ڪوش بڻجي پوندو.

هن دؤر ۾ اسڪولي شاگردن جي ڏانءُ جون بہ چڱيون ئي ڊڪشنريون شايع ٿيون. انهن ۾ آنندرام ٽي. شهاڻيءَ جون "انگلش- سنڌي" ۽ "سنڌي- انگلش ڊڪشنريون" خاص طور ذڪر لائق آهن. هُن انگلش ڊڪشنريءَ ۾ انگريزي لفظن جا اُچار پڻ جدا ڪالم ۾ ڏنا آهن.

خاص موضوعن تي شايع ٿيل ڊڪشنرين ۾ "فرهنگ جعفري" (1935ع) قابل ذڪر آهي. ان جو تيار ڪندڙ حيدرآباد سنڌ جو رهاڪو حڪيم محمد جعفر آهي. جيڪو مشهور يوناني طبيب هو. هن لغت ۾ دوائن، جڙين- ٻوٽين، بيمارين ۽ اُنهن جي علاج جا ٽيڪنيڪي لفظ

ڏنل آهن. اُنهيءَ جو ٽئون سڏاريل ڇاپو سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد طرفان شايع ٿيل آهي، جنهن کي سنڌ جي ناميارِي اديب ۽ شاعر (پڻ سنڌيافته 'طبيب') نياز همايونيءَ وڏيءَ محنت سان ايڊٽ ڪري، سوڌي ۽ سنواري، عمدگيءَ سان تيار ڪيو آهي.

**پهاڪن ۽ محاورن جا مجموعا:**

ٻوليءَ جي اڀياس جي خيال کان پهاڪن ۽ محاورن جي مجموعن کي به گهڻي اهميت آهي. اِنهيءَ ڏس ۾ شروعات گذريل صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ٿي هئي. ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻيءَ سنه 1869ع ۾ "گل شڪر" نالي سان سنڌي پهاڪن جو مجموعو لکي سرڪار جي تعليم کاتي کي ڇپائڻ واسطي ڏنو هو. اُهو ڪيترا سال دفتر جي ڪٻٽن ۾ بند پيو هو. نيٺ 1905 ۾ اُهو ڇپجي ظاهر ٿيو. اِن ڪتاب ۾ ڪل 570 سنڌي پهاڪا سمجهاڻيءَ سان گڏ ڏنل آهن.

گذريل صديءَ ۾ ٿي ڪوڙيمل کلناڻيءَ "سنڌي پهاڪا" نالي هڪ ننڍو مجموعو سنه 1889ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪيو. اِن ۾ ٻارهن سؤ کن سنڌي پهاڪا ڏنل آهن. اُنهن جي سمجهاڻي ڏنل نه آهي. ليکڪ جي لکڻ موجب ائين ڪرڻ سان ڪتاب ڇڳو وڏو ٿي وڃي ها، ان ڪري غريب غربو يا ڇوڪر ٻاڪر وٺي نه سگهي ها. سنڌيءَ ۾ پهاڪن جو ڇپيل اِهو پهريون ڪتاب آهي.

روچيرام گجومل ڪرپالاڻي، جيڪو انگريز عملدارن کي سنڌي پڙهائيندو هو، تنهن اَٺ سؤ کن سنڌي پهاڪا انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري 1892ع ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا. ڪتاب جو نالو رکيائين "Hand Book of Sindhi Proverbs"٨. اِهو ڪتاب ايترو ته عوام ۾ پسند پيو جو اُنهيءَ جا پوءِ چار ڇاپا ڇپيا.

گهنشامداس رامنداس پڳت پهريون سنڌي عالم آهي جنهن سنه 1910ع ۾ سنڌي اصطلاحن ۽ ورجيسن جو پهريون مجموعو ڇپائي

پڌرو ڪيو. ڪتاب جو نالو آهي ”سنڌي ٻوليءَ جي سونهن“ (سنڌي ورجيسون ۽ اصطلاح). اِن ڪتاب ۾ سوا ٻه هزار ڪن سنڌي محاورا معنيٰ ۽ جملن ۾ پريوگ سان گڏ ڏنا ويا آهن.

مرزا قليچ بيگ سنه 1925ع ۾ ”پهاڪن جي حڪمت“ نالي سان ننڍڙو ڪتاب ڇپايو. اُنهيءَ ۾ سنڌي پهاڪن سان گڏ جدا جدا ٻولين ۾ ملندڙ پهاڪا پڻ چونڊي الڳ الڳ بابن ۾ ڏنا ويا آهن.

ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جو ننڍڙو ڪتاب ”پهاڪن جي پيڙهه“ به اُنهيءَ دؤر ۾ شايع ٿيو جنهن جي ڇپجڻ جو سال ڏنل نه آهي. اِنهيءَ ۾ ليکڪ هڪ سؤ ٻائيتاليهه سنڌي پهاڪا سمجهاڻيءَ سان گڏ ڏنا آهن. ڀيرومل پوءِ 1926ع ڌاري ”گلقند“ نالي سان پهاڪن ۽ اصطلاحن جو سنگرهه (مجموعو) ڇپايو. اِن ۾ ٻه ڀاڱا آهن. پهرئين ڀاڱي ۾ 912 سنڌي پهاڪا الف-ب وار ڏنل آهن. ٻئي ڀاڱي ۾ 1450 اصطلاح معنيٰ سان گڏ ڏنل آهن.

موهن لال جوت سنگهه شهاڻيءَ ”Sindhi Idioms“ نالي سان سنڌي اصطلاحن جو سنگرهه [مجموعو] ڇپايو. ڇپائيءَ جو سال ڏنل نه آهي. اُن ۾ هڪ ڪالم ۾ سنڌي اصطلاح ۽ ٻئي ڪالم ۾ اُنهن جي انگريزيءَ ۾ معنيٰ يا هم-معنيٰ انگريزي اِديم ڏنل آهن. ملڪ جي آزاديءَ کان اڳ ٻيا به ڪجهه سنڌي پهاڪن ۽ اصطلاحن جا ننڍا مجموعا شاگردن جي لاءِ ڇپيا هئا. اُنهن جو هتي ذڪر نه ڪيو ويو آهي.

## 1947ع کان پوءِ سنڌ ۾

ملڪ جي آزاديءَ کان پوءِ سنڌي لغت نويسيءَ ۾ گهڻي ۾ گهڻو ڪم سنڌ (پاڪستان) ۾ ٿيو آهي. اِنهيءَ ۾ پهرئين نمبر تي آهي ”جامع سنڌي لغات“. ** جيڪا پنجن جلدن ۾ سنڌي ادبي بورڊ

** نوٽ: هي 5 - جلدي لغت جو ٻيو ڇاپو ٽن جلدن ۾ 2004ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ڇپايو جڏهن ته سنڌي ادبي بورڊ پڻ 5 - ئي جلد ٻيهر ڇپرايا آهن (رياضت)

حيدرآباد سنڌ طرفان شايع ٿيل آهي. (پهريون جلد 1960ع، ٻيو جلد 1981ع، ٽيون جلد 1984ع، چوٿون جلد 1985ع ۽ پنجون جلد 1988ع). ڊڪشنريءَ جو ايڊيٽر آهي سنڌي ٻوليءَ جو مشهور عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.

"جامع سنڌي لغات" جي تاريخ چڱي وڏي آهي. اِنهيءَ جي تيار ڪرڻ جي شروعات آزادي کان اڳ 1940ع ۾ ڪيئي ويئي. سنڌ سرڪار جي برپا ڪيل "سنڌي ساهت (ادب) لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ" طرفان سنڌي عالمن جي هڪ ڪاميٽي 1940ع ۾ مقرر ڪئي ويئي. اُن کي هن لغات ٺاهڻ جي ذميواري سونپي ويئي. ڀيرومل مهر چند آڏواڻي ۽ لالچند امرڏنومل جڳتياڻي ان ڪاميٽيءَ جا ميمبر هئا. انهيءَ لغات جو مسودو الف-ب جي پهرين چئن حرفن (ا، ب، ٻ، ٻ) تائين تيار ڪيو ويو هو تہ ملڪ جو ورهاڱو ٿيو. لغات ٺاهڻ جو ڪم ڪجهہ سال ڊانوان ڊول ٿي ويو. پاڪستان جي قيام کان پوءِ سنڌ سرڪار 1951ع ۾ نئين سر "سنڌي ادبي بورڊ" نالي سان هڪ ادارو برپا ڪيو ۽ "جامع لغات سنڌي" جي رٿا مڪمل ڪرڻ جو ڪم اِن اداري کي سونپيو ويو. رٿا جو دفتر سنڌيونيورسٽي حيدرآباد جي پراڻي ڪئمپس (جيڪو آزاديءَ کان اڳ نؤ ودياليہ هاءِ اسڪول هو) واري بلڊنگ جي هڪ ڪمري ۾ کوليو ويو. سنہ 1951ع ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي اِنهيءَ ڊڪشنري جي رٿا مڪمل ڪرڻ جي ذميواري سونپي ويئي. ڊاڪٽر بلوچ جي نگرانيءَ هيٺ 1952ع کان ڪم جي نئين سر شروعات ڪئي ويئي. سنڌ جي جدا جدا ايراضين مان ۽ سنڌي ادب جي چيل ڪتابن مان توڙي دستخطن مان لفظن جي گڏ ڪرڻ جو ڪم شروع ٿيو. ان طرح گڏ ڪيل لفظن جي ذخيري جو پهريون مسودو سن 1954ع ۾ جوڙي تيار ڪيو ويو ڊاڪٽر بلوچ جي لکڻ موجب لغات جو پهريون جلد ڇپائي ظاهر ڪرڻ ۾ گهڻي ئي رڪاوٽون درپيش آيون. اُهو جلد (جنهن ۾ ٽن حرفن سان شروع ٿيندڙ لفظ

آهن الف ـ ب ـ پ) نيٺ ڇهن سالن جي ڊگهي عرصي بعد سنه 1960ع ۾ شايع ٿيو. اِها نهايت ئي ساراهه جوڳي ڳالهه ڇئبي، جو انهيءَ پهرئين جلد ۾ درج ڪيل سنڌي لفظن جو ذخيرو اٽڪل سورهن هزار آهي. پنجن ئي جلدن ۾ اٽڪل ڏيڍ لک کن مکيه لفظن جون داخلائون آهن. اِنهيءَ ڊڪشنريءَ جي پهرئين ايڊيشن ۾ تحقيقي لحاظ کان ڪجهه گهٽتايون آهن. انهيءَ کانسواءِ زباني روايتن مان جڏهن چاليهن جلدن ۾ سنڌي لوڪ ادب گڏ ڪري ڇپايو ويو ته اُنهيءَ ۾ پڻ گهٽ ئي نوان نوان سنڌي شڌاريل ۽ وڌايل ايڊيشن تيار ڪرڻ جي ضرورت باقي آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان گڏجي ٻه ڊڪشنريون ڇپائي پڌريون ڪيون آهن:

سنڌي ـ اُردو لغت (1959ع) ـ ٻيو ڇاپو 1979ع

اُردو ـ سنڌي لغت (1960ع)

لغت نويسيءَ جي کيتر ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو پڻ عالمن جي پهرينءَ صف ۾ آهي. هن کي خاص طور لفظن جا اشتقاق ۽ وِٿپٽيون ڳولهي ڪڍڻ جو گهڻو جنون هو. اِن ڪري سندس هر هڪ لغات ۾ سنڌي لفظن جي ٻيڙهه (ڌاتو) ملي ٿي. سندس ڇپيل قابلِ ذڪر تصنيفون آهن:

تحقيق لغات سنڌي (پهريون ڇاپو 1957ع)

ڏهس نامو (ٻيو ڇاپو 1979ع)

سامي ڌاتوڪوش (1978)

سچل لغات (1984ع)

سنڌ جو سينگار ويهجهار لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو (پي ايڇ. ڊي جو مقالو) سنديلي جا لکيل ٻيا ڪتاب آهن، جن ۾ پڻ سنڌي لفظن جا اِشتقاق ملن ٿا.

آزاديءَ کان پوءِ سنڌ ۾ شايع ٿيل سنڌي ٻوليءَ جون لغتون جيڪي خاص ذڪر لائق آهن، اُهي هن ريت آهن:

"ٻاروچي ٻولي" (ٻاڻو پهريون) (1984ع) سيد نجف علي شاهه "ڪمتر" نقوي

"جديد سائنٽيفڪ ڊڪشنري" (1987ع) شمس الدين ٽنيو.

"لغات سنڌي مخففات" (1991ع) مخدوم محمد زمان طالب المولي.

شاهه جي رسالي جي ڏسٽي (1994ع) عبدالغفور گوهر دائودپوٽو

"سنڌي ڪتمنڙا" (اصطلاحات اصغر) (1956) غلام اصغر وَنڊير.

"پهاڪن جي پاڙ" (1966ع) عبدالڪريم سنديلو.

"اصطلاحن جي اصليت" (1987ع) عبدالڪريم سنديلو.

"سنڌي زبان جي بنيادي لغت" (1986ع) سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ.

"لاڙجي لغات" (1975ع) عبدالجبار جوڻيجو.

"هفت زباني لغت" (1974ع) مرڪزي اردو بورڊ. لاهور.

(هن لغات ۾ اُردو بنگلا، بلوچي، پشتو پنجابي، سنڌي، ڪشميري ٻولين جا هم-معنيٰ لفظ آمهون سامهون ڏنل آهن.)

"هڪ جلدي سنڌي لغت" (1998) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

"عربي-سنڌي لغت" (1988-1990ع) ٽن جلدن ۾، غلام حسين جلباڻي

"اِسان کي متان وساريو" (1999) گنگا رام سمرات (انهن جهونن لفظن جي لغت جيڪي هاڻي واهپي مان نڪري ويا آهن).

سنڌي ٻوليءَ ۾ زرعي لفظن جي لغت پڻ سنڌ اڳريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊي ڄام طرفان شايع ڪئي ويئي آهي. پر اِنهيءَ جي ڏسڻ جو موقعو نہ مليو اٿم.

**1947ع کان پوءِ ڀارت ۾**

ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ پڻ لغت نويسيءَ طرف ڇڱو ڌيان ڏنو ويو آهي. پرمانند ميوارام جون مرتب ڪيل ٻيئي ڊڪشنريون ٻيهر شايع ڪيون ويون آهن. هن کيتر ۾ جيڪي نيون ۽ اهم تصنيفون شايع ٿيون آهن, اُهي هن ريت آهن:

1 ـ **هندي ـ سنڌي ـ شبدڪوش** (ڪيندريه هندي نديشاليه دهلي)

2 ـ **هندي ـ سنڌي ـ انگريزي شبدڪوش**

(انهن ٻنهي ڪوشن ۾ سنڌي لفظ عربي ـ سنڌي ۽ ديوناگري ـ سنڌيءَ ۾ ڏنل آهن. سنڌي لفظ ڳولهي ميسر ڪرڻ ۾ ستيش روهڙا ۽ مرليڌر جيٽلي مدد ڏني آهي.)

3 ـ **ڀارتيه وَيوَهار ڪوش** (1961ع) وشوناٿ دنڪر نروڻي, (ڀارت جي جوڙجڪ (Constitution) ۾ شامل ڪيل ٻولين جو ڪوش, جنهن ۾ سنڌي ٻه هڪ آهي.)

4 ـ **ڀارتيه ڀاشا ڪوش** (ڪيندريه هندي نديشاليه دهلي) (هن ۾ ڀارت جي جوڙجڪ ۾ شامل سڀني ٻولين جا لفظ وشيه (موضوع) موجب ورهائي ڏنا ويا آهن. سنڌي لفظ ستيش روهڙا گڏ ڪري ڏنا آهن ۽ نظر ثاني مرليڌر جيٽلي جي ڪيل آهي.)

5 ـ **تتسم شبدڪوش ڊاڪٽر نگيندر** (هن ۾ سنسڪرت لفظن جا سنڌيءَ ۽ ٻين هاڻوڪين ٻولين ۾ تتسم ۽ تديوروپ ڏنل آهن.)

6 ـ **مراٺي ـ سنڌي شبدڪوش** (1991ع) لڇمڻ پرسرام هردواڻي.

7 ـ **سنڌي ـ مراٺي شبدڪوش** (1995ع) لڇمڻ پرسرام هردواڻي.

8 ـ **بنيادي سنڌي ـ هندي ڊڪشنري** (1995ع) ڪنهيالال ليکواڻي

9 ـ **بنيادي سنڌي ـ انگريزي ـ هندي ڊڪشنري** (1996ع) ڪنهيالال ليکواڻي

10 ـ **سنڌي ـ هندي ـ انگريزي سچتر شبد ڪوش** (1998ع) ڪنهيا لال ليکواڻي

11 ـ **سنڌي ـ ڪڇي ـ سوڍڪي ـ جتڪي شبدوالي**: پرسوگدواڻي
12 ـ **شاهه فرهنگ** (شاهه جي رسالي جو ڪوش ـ 1994ع) تيج قابل
13 ـ **ڪڇي ـ گجراتي شبد ڪوش** (1982ع) ڏليرايه ڪاراڻي
14 ـ **ڪڇي شبد اولي** (1966ع) شانتي ڀائي آچاريه
15 ـ **برهد ڪڇي شبد ڪوش** (ٻن ڀاڱن ۾ 1988ع) پرتاب راءِ گوپال جي ترويدي
16 ـ **انگريزي ـ هندي ـ سنڌي ـ ڪوش** پريداس برهمچاري ۽ ديپچندر ترلوڪچند.
17 ـ **انگلش ـ سنڌي ڊڪشنري**: ڪئپٽن جارج اسٽئڪ (فوٽو اسٽيٽ سان ٻيهر ڇپايل).
18- سنڌي شبد مهراڻ (1999) پنڊت ڪشنچند جيٽلي (ديوناگري سنڌيءَ ۾ جدا جدا موضوعن موجب لفظ ورهائي ورگن ۾ رکي هم معنيٰ لفظ ۽ سمجهاڻيون ڏنل آهن)

**سنڌي ٻولي ۽ اصطلاحن جا ڪوش:**

1 ـ **سنڌي اصطلاح** (ٻن ڀاڱن ۾ 1976ع ۽ 1987ع) ليکراج ڪشنچند عزيز
2 ـ **ٻولي جي ٻاٻوهه** ـ تيرٿداس ماڻيراساڻي (1973ع)
3 ـ **ماڻڪ ـ موتي** (ورجيسون ۽ محاورا) سترامداس 'سائل' (1982ع)
4 ـ **ڏرن جي ڏيلي** (پهاڪا ۽ چوڻيون) (1982ع) سترامداس 'سائل'
5 ـ **سنڌي پهاڪا ۽ محاورا ڪوش** (1993ع) سنتداس ڪشناڻي، گڏ ڪندڙ ۽ ايڊيٽر مرليڌر جيٽلي. هن ۾ اٽڪل ٻارنهن هزار سنڌي پهاڪا ۽ اصطلاح معنيٰ سان گڏ ڏنل آهن. اِن ڪانسواءِ مهاڳ جي روپ ۾ جيٽلي جو لکيل تنقيدي اڀياس به آهي.
6. **ڀارتيه ڪهاوت ڪوش** (ٽن ڀاڱن ۾ 1978ع کان 1982ع تائين) وشوناٿ دنڪر نرواڻي. (هن ۾ اٽڪل ٻارهن سؤ سنڌي پهاڪا

هندي ۽ انگريزي ترجمي سان مرليڌر جيٽلي گڏ ڪري ڏنا آهن. اِنهيءَ جي پيٺ ٻين ٻولين جي پهاڪن سان ڪيل آهي.)

**سنڌي ساهتيه جا ڪوش (ادب جون لغتون):**

سنڌ ۽ هند ۾ ادب جون لغتون، سنڌي ڪتابن جون ببلوگرافيون ۽ سنڌي ليکڪن جون ڊائريڪٽريون ته شايع ٿيون آهن، پر سنڌي ساهتيه جو ڪوش شايع ڪرڻ ۾ پهل ڀارت ۾ ڪئي ويئي آهي. اهڙا ڪوش پاڪستان ۾ شايع ٿيا هجن، تن جي اجا تائين مون کي معلومات ملي نه سگهي آهي. هتي ڀارت ۾ شايع ٿيل ساهتيه ڪوش جو ذڪر ڪجي ٿو جن ۾ سنڌي ساهتيه به شامل ڪيل آهي.

1. **ڀارتيه ساهتيه ڪوش** (1981ع) نگيندر.

هيءَ ڪوش هنديءَ ۾ آهي. اِن ۾ سنڌي ليکڪن ۽ ڪتابن بابت داخلائون مرليڌر جيٽلي جون لکيل آهن.

2. **انٽرنيشنل اينسائڪلوپيڊيا آف انڊين لٽريچر** (1991ع) گنگارام گرگ.

انهيءَ جي اٺين ڀاڱي ۾ سنڌي ساهتيه، سنڌي ڪتابن ۽ ليکڪن بابت ڄاڻ ڏنل آهي. سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهتيه تي مهاڳ مرليڌر جيٽلي جو لکيل آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا به هن اينسائڪلوپيڊيا تيار ڪرڻ ۾ ساٿ ڏنو آهي.

3. **ڪمپيريٽو انڊين لٽريچر** (ٻن ڀاڱن ۾ 1984ع-1985ع) ايڊيٽر ڪي. ايم جارج.

(هن ۾ سنڌي ساهت جي جدا جدا روپن تي انگريزيءَ ۾ مضمون ڏنل آهن.)

4. **انسائيڪلوپيڊيا آف انڊين لٽريچر** (ڇهن ڀاڱن ۾ 1987ع 1994ع)

هيءَ ڪتاب ساهتيه اڪادمي نئين دهليءَ طرفان ڇپيل آهي. اِن ۾ ڀارت جي جوڙجڪ (Constitution) ۾ شامل ڪيل سينني ٻولين جي ساهتيه تي الف-ب وار داخلائون ڏنل آهن. سنڌيءَ جو ايڊيٽر پرم ابيچنداڻي آهي. سنڌي ساهتيه جي باري ۾ اٽڪل پنج سؤ داخلائون انگريزيءَ ۾ ڏنل آهن، جيڪي جدا جدا سنڌي عالمن لکي ڏنيون آهن. اُنهن مان اٽڪل هڪ سؤ کن داخلائون مرليڌر جيٽلي جون لکيل آهن.

5• **ڊڪشنري آف سنڌي لٽريچر** (1996ع) موتي لال جوتواڻي.

انگريزيءَ ۾ ڇپيل هن ڪتاب ۾ الف.ب وار سنڌي ليکڪن، سنڌي ڪتابن ۽ سنڌي ساهتيه بابت داخلائون ڏنل آهن. ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ سنڌ جي مکيه سنڌي ليکڪن ۽ سنڌن رچنائن بابت پڻ معلومات ڏنل آهي.

**ڀارت ۾ اڻ ڇپيل يا ڇپائيءَ هيٺ سنڌي ڪوش:**
**(الف) اڻ ڇپيل مسودا:**

سنه 1960ع ۾ ڊيڪن ڪاليج پوسٽ گريجوئيٽ ريسرچ انسٽيٽيوٽ پوني ۾ مهاراشٽر سرڪار جي مالي مدد سان سنڌي ڀاشا وگيا شعبو برپا ڪيو ويو. اِنهيءَ جي، شروعات ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچندانيءَ ۽ منهنجي مقرريءَ سان ٿي. وڏي سنڌي هندي انگريزي ڊڪشنري تيار ڪرڻ جي رٿا هٿ ۾ کنئي ويئي. اسان جي وڃڻ کان پوءِ ٻيا اسڪالرِ ان ڪم تي مقرر ٿيا. آخري ويهارو سال پرسوگدواڻيءَ اِنهيءَ پراجيڪٽ تي ڪم ڪري رهيو هو. هاڻي هو بہ رٽائرڊ ٿي ويو. چاليهن سالن جي ڊگهي عرصي ۾ هزارن جي تعداد ۾ سنڌي داخلائون سلپن تي درج ڪيون ويون آهن، جيڪي ڪبٽن ۾ بند آهن. اِها خبر خدا کي تہ ڊڪشنري ڇپجي ظاهر ٿيندي يا اِهي سلپون ڪبٽن ۾ ئي سڙي وينديون!

"سهج ڪوش": ماستر سهجرام ورهاڻي کان ڪجهه سال اڳ لکي تيار ڪيو هو. سندس پٽ پيتامبرداس کي اِهو مسودو ورثي ۾ مليو. ڪانئس ايڊيوڪيشن منسٽريءَ پنجويهه کن هزار روپين ۾ اِهو دستخط خريد ڪيو پر ڇپائڻ جو ٿيو پلوا هاڻي تہ اِهو مدي خارج آهي، جو آڄوڪي زماني جون گهرجون اُن مان پوريون ٿي نہ سگهنديون.

ماستر هاسانند لالا جي "سنڌي-سنڌي لغات" جو دستخط تاراچند گاجرا وٽ هو. هن جي گذاري وڃڻ کان پوءِ اُهو مون ٻلديو گاجرا وٽ ڏٺو هو. هن ڪوشش ڪئي تہ سرڪار اِهو خريد ڪري ڇپائي، پر اِن مقصد ۾ هو ڪامياب نہ ٿيو. ايشور ٿو ڄاڻي تہ اِهو دستخط ايا تائين سلامت بہ آهي يا اُڏوهيءَ جو کاڄ ٿي ويو!

"سنڌي-هندي-انگريزي ڊڪشنريءَ" جو پراجيڪٽ سينٽرل هندي ڊئڪٽوريٽ شروع ڪيو هو. اُن جو ڪم ستيش روهڙا کي سونپيو ويو پر وقت اندر ڊڪشنري تيار نہ ٿي سگهي، جنهن جا ضرور ڪي سبب د رندا. اُنهيءَ جا ڪارڊ هن وقت انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ آهن.

اِن طرح ممڪن آهي تہ ٻيا بہ ڪي ڪوش دستخطن جي صورت ۾ هجن، جيڪي اڃا تائين سج جي روشنيءَ ڏسي نہ سگهيا آهن. ڀارت سرڪار طرفان سنڌيءَ ۾ ٽيڪنيڪي اصطلاحن (Technical Terms) جي تيار ڪرڻ جي رٿا شروع ڪئي ويئي. جدا جدا موضوعن تي انگريزيءَ ۽ هنديءَ جا هم-معنيٰ اصطلاح سنڌيءَ ۾ ڪارڊن تي درج ڪيا ويا. اهو ڪم بہ گذريل پنجويهن سالن کان وٺي رولي ۾ پيو آهي. مرڪزي سرڪار طرفان برپا ڪيل "نئشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي" کي گهرجي تہ اِهو پراجيڪٽ جلد بہ جلد مڪمل ڪرائي.

**(ب) ڇپائيءَ هيٺ سنڌي ڪوش:**

گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ طرفان ٻہ شبدڪوش جلد ئي شايع ٿيندا. اهي آهن "سنڌي-گجراتي شبد ڪوش" ۽ "گجراتي-سنڌي شبد ڪوش". انهيءَ جو مکيہ ايڊيٽر آهي ستراमداس سائل. هن پنهنجي ليکي سنڌي-سنڌي ڊڪشنري بہ تيار ڪئي آهي، جيڪا ڇپائيءَ هيٺ آهي.***

انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ، سنڌي ۾ وشو ڪوش (اينسائيڪلوپيڊيا) ۽ سنڌي ساهتيہ ڪوش تيار ڪري رکيا آهن. معلوم ٿيو آهي تہ اهي جلد ئي شايع ٿيندا.

پنڊت ڪشنچند جيٽلي ورهاڱي کان ڪجھ سال اڳ "سنڌي وئتپتي ڪوش" (Sindhi Etymological Dictionary) ٺاهڻ جو پراجيڪٽ هٿ ۾ کنيو هو. اُها رٿا هلي رهي هئي تہ ملڪ جو ورهاڱو ٿيو. مرن اُنهيءَ ۾ سُڌارا ۽ واڌارا ڪري ڪوش مڪمل ڪيو آهي. اُنهيءَ ۾ ويھ هزار کن سنڌي لفظن جي وئتپتي ۽ تاريخي اوسر ڏنل آهي. اِهو ڪوش جلد شايع ٿيندو.

جيٺي لالواڻيءَ بنيادي گجراتي-سنڌي ٽيڪنيڪي شبدڪوش جو مسودو تيار ڪيو آهي. ٻئي طرف ڪنهيالال ليکواڻيءَ وسٽرن رينجنل لئنگويج سينٽر طرفان اُنهن بنيادي سنڌي اصطلاحن جو ڪوش ٺاهيو آهي، جيڪي ٻارهين درجي تائين جدا جدا وشين جي د.سي ڪتابن ۾ استعمال ٿين ٿا. اِهو ڪوش انگريزي-هندي-سنڌي ۽ سنڌي-هندي-انگريزيءَ ۾ آهي. اِهو مسودو بہ ڇپائيءَ لاءِ تيار پيو آهي. نيم-سرڪاري ۽ سرڪاري ادارن کي گهرجي تہ اهڙين رٿائن کي مڪمل ڪرڻ ۾ ۽ ڇپائي ظاهر ڪرڻ ۾ مالي مدد ڏين.

آخر ۾ هتي مان اِنهيءَ حقيقت طرف اِشارو ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ اڃا تائين گهڻن ئي ٽيڪنيڪي موضوعن

***اها ڊڪشنري ڇپجي چڪي آهي ان جا سنڌ ۾ ٻہ ڇاپا 2004ع ۽ 2009ع ۾ ڇپيا آهن (رياضت)

تي ڪوش نہ ٿاهيا ويا آهن. جيئن تہ سنڌي مهاپرشن ۾ تاريخي شخصيتن جو ڪوش، تاريخي جڳهين ۾ قديم ماڳن جي ڊڪشنري، ساهتيہ ۾ سائنس ۾ استعمال ٿيندڙ اصطلاح وغيره. سرڪاري اِدارن کي گهرجي تہ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ اهڙين رٿائن طرف ڌيان ڏين.

## مددي ڪتاب


1. Prinsep, J. A Grammar of the Sindhi Language, Bombay, 1835
2. Wathen, W. H. Grammar of the Sindhi Language, Bombay. 1836
3. Eastwick, J. B. Vocabulary of the Sindhi Language, JRASB, Vol: XII, 1843
4. Leech R., Vocabularies of the Seven Language Spoken in the Countries West of the Indus. JRASB., 1843.

.5 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. "سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي"، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار اِدارو حيدرآباد سنڌ، پاڪستان 1992ع.

6. Captain G. Grammar of the Sindhi Language, Bombay, 1849.
7. " " English-Sindhi Dictionary, Bombay, 1849.
8. " " Sindhi-English Dictionary, Bombay, 1855.

.9 "ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ" (سنڌي ٻوليءَ جون لپيون) - جيتلي مرليڌر دهلي-1998ع


---

(ٽماهي "مهراڻ" 2000/4ع تان ورتل. هي مضمون "سنڌي ٻولي" تحقيقي جرنل ۾ آڪٽوبر-ڊسمبر 2009ع ۾ ڇپيو.)

•

# سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ
## (ٻه ضميما)

**ضميمو- 1**

تماهي 'مهراڻ' جي 2000/4ع واري پرچي ۾ صفحي نمبر:54 تي، محترم ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب جو ترتيب ڏنل مقالو "سنڌي لغت-نويسيءَ جي تاريخ" ڇپيو آهي. جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب ڏاڍي دقيق نگاهيءَ سان لغت-نويسيءَ جي تاريخ کي بيان ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب جو پنهنجو تعلق به درس تدريس سان رهيو آهي ۽ اڃا به آهي، تنهنڪري سندن نظر هر لغت تي ضرور رهي آهي.

هيءَ مضمون قد پُڄاڻ جي لحاظ کان نه لکيو ويو آهي ۽ نه ئي منجهانئس اهڙي ڪا ہي معني ورتي وڃي. جيئن ته ڊاڪٽر صاحب پاڻ ئي پنهنجي مضمون ۾ لکيو آهي: "اهميت وارين سڀني سنڌي لغتن جي ڄاڻ گڏ ڪري هتي ڏني اٿم. ممڪن آهي ته ڪن بابت مون کي معلومات حاصل نه ٿي سگهي هجي، انهيءَ بابت جيڪڏهن ڪي سڄڻ منهنجي ڄاڻ ۾ واڌارو ڪندا ته شڪر گذار رهندس."

سندن انهن لفظن جي پوئواري ڪندي، هتي نقط انهن لغتن بابت ڄاڻ ڏجي ٿي، جيڪي سندس مضمون ۾ شامل ٿيڻ کان رهجي ويون آهن. انهن جي به اوتري ئي اهميت/ افاديت آهي، جيتري اهميت واريون لغتون انهيءَ مضمون ۾ شامل ڪيل آهن. جيئن ته لغت جو پورهيو ٿڪائيندڙ ۽ اٹ-ڪائيو آهي، تنهنڪري ان جي اهميت جي خبر، انهيءَ کي هوندي، جنهن اهڙو پورهيو ڪيو هوندو. ڪنهن جي پورهيي جو مُلهه نه ڏئي سگهجي، ته ڪم از ڪم ان جي پورهيي کي

سارا هجي ضرور. انهيءَ نظريي تحت، هتي انهن چند لفظن بابت ڄاڻ ڏجي ٿي، جيڪي ويجهڙائيءَ ۾ سنڌ اندر ڇپيون آهن ۽ ڊاڪٽر صاحب جي مضمون ۾ شامل نہ هئڻ سان گڏ، راقم جي نظر مان بہ گذريون آهن.

جيڪي لغتون، راقم جي نظر کان رهجي ويون هجن، تن لاءِ پڙ ادب جي گهڻگهرن ۽ سڄڻن کي ساڳي التجا آهي، تہ انهن بابت ڄاڻ ڏئي، لغت-نويسيءَ جي تاريخ کي مڪمل ڪرائين.

## • سنڌي - سنڌي لغتون

### 1. هڪ جُلدي سنڌي لغت:

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ترتيب ڏنل ۽ تاليف ڪيل لغت، جيڪا سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان سال 1998ع ۾ شايع ٿي آهي. ڊبل ڪرائون جي 729 صفحن تي پکڙيل هن لغت ۾ 27000 لفظن ۽ اصلاحن جون معنائون ڏنيون ويون آهن.[4]

### 2. سنڌي ٻتن لفظ جي لغت:

ڊاڪٽر غلام قادر سومرو جي ترتيب ڏنل هن لغت کي ثقافت ۽ سياحت کاتي، حڪومت سنڌ پاران ڊيمي سائيز جي 910 صفحن تي سال 1996ع ۾ پهريون دفعو ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

هن ۾ هڪجهڙي معنيٰ رکندڙ مفرد، تضاديات جوڙن جون معنائون، وضاحت/ تشريح ۽ استعمال سان گڏ سمجهائيون ويون آهن.

### 3. ساميءَ سنديون سپون:

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب، ساميءَ جي ٻہ سؤ چوند سلوڪن کي مُهڙ ۾ رکي، بعد ۾ ڏکين لفظن جي لغت ڏني آهي. هيءَ

---

[4] هن لغت جو ٻيو ڇاپو 2006ع ۾ ڇپيو. (مرتب)

ڪتاب ڊيمي سائيز جي 108 صفحن تي پکڙيل آهي، جيڪو سال 1975ع ۾ اسلم ميان، اسلم منزل لاڙڪاڻو طرفان ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي.

انهيءَ طرز تي ساميءَ جي مڪمل سلوڪن جو مجموعو روشني پبلڪيشن ڪنڊيارو سال 2000ع ۾ ڇپايو آهي. پهريائين جي.ايچ ناگرانيءَ جا ترتيب ڏنل ساميءَ جا سلوڪ ڏنا ويا آهن. بعد ۾ گل محمد تنيو جي ترتيب ڏنل لغت ڏني وئي آهي، جيڪا ڊيمي سائيز جي 65 صفحن تي آڌاريل آهي.

4. سندهي نامہ:

هيءَ لغت سنڌيءَ ۾ مستعمل بي شمار مجلسي ۽ ثقافتي محاورن تي مشتمل آهي، جن جي اردوءَ ۾ معنيٰ ڏني وئي آهي. نياز همايوني صاحب جي ترتيب ڏنل هن ڪتاب کي مرڪزي اردو ادبي بورڊ لاهور وارن سال 1978ع ۾ پهريون دفعو پنهنجي ڪتابي سلسلي نمبر: 162 تحت ڇپرايو. ڪتاب ڊيمي سائيز جي 260 صفحن تي پکڙيل آهي.

## • انگريزي - سنڌي لغتون

انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ تمام گهڻيون لغتون لکيون ويون آهن، جيڪي ڇپجي منظر عام تي به اچي چڪيون آهن. هڪڙيون لغتون ته اهي آهن، جيڪي ورهاڱي کان اڳ لکيون ۽ ڇپيون هيون. انهن بابت مرليڌر جيٽلي صاحب پنهنجي مضمون ۾ وضاحت ڪري ڇڏي آهي. انهن جو هتي ذڪر ڪرڻ محض ورجاءُ رهندو. جيئن ته هيءَ مضمون انهيءَ مضمون/ مقالي جو تسلسل يا ضميمو آهي تنهنڪري ورجاءُ کان احتزاز [پاسو] ڪندي، هتي فقط انهن لغتن بابت معلومات ڏجي ٿي، جن بابت جيٽلي صاحب ڄاڻ نه ڏني آهي.

1. نيوايج پاپولر اورينٽل اسٽينبرڊ ڊڪشنري (انگريزي- سنڌي):

علي حسن چوهاڻ جي ترتيب ڏنل، ڊيمي سائيز جي 710 صفحن تي آڌاريل هيءَ لغت، اورينٽل بوڪ سوسائٽي لاهور طرفان ڇپيل آهي.

2. وي. آءِ. پي ميڊيڪل ڊڪشنري (انگريزي- سنڌي):

اقبال قريشيءَ جي تاليف ڪيل، ڊيمي سائيز جي 768 صفحن تي آڌاريل هيءَ ڊڪشنري، اقرا پبليڪيشن حيدرآباد- ڪراچي- سکر طرفان سال 1999ع ۾ شايع ٿي آهي.

3. اي-ون ميڊيڪل ڊڪشنري (انگريزي- انگريزي ۽ سنڌي):

اي-حق ۽ ايم ڪي ميمڻ جي ترتيب ڏنل جيبي سائيز جي 670 صفحن تي آڌاريل هيءَ لغت، اي-ون پبلشرز نزد گاڏي کاتو حيدرآباد طرفان شايع ٿيل آهي.

4. علي وي-آءِ-پي ڊٽيلڊ ڊڪشنري (انگريزي- سنڌي):

اقبال احمد قريشيءَ جي ترتيب ڏنل، ڊيمي سائيز جي 628 صفحن تي آڌاريل هيءَ لغت اقراءِ پبليڪيشن حيدرآباد-ڪراچي- سکر طرفان سال 1999ع ۾ ڇپجي آهي.

5. نيو اقرا وي. آءِ. پي ڪنسائيز ڊڪشنري (انگريزي- سنڌي):

هدايت علي باريجي جي ترتيب ڏنل، جيبي سائيز جي 764 صفحن تي آڌاريل هيءَ لغت، اقراءِ پبليڪيشن ڇوٽڪي گهٽي حيدرآباد طرفان ڇپايل آهي.

6. اوڪسفورڊ باتصوير ڊڪشنري (انگريزي سنڌي):

اي سي پارنويل ۽ جاويد پنهور گڏجي تيار ڪئي آهي، منجهس ٻن هزارن کان وڌيڪ لفظ ۽ ڊيمي سائيز جا اٺاسي رنگين تصويرن وارا صفحا آهن. انهن صفحن ۾ روزمره جي اهڙين شين کي چٽو ڪيو ويو

آهي، جن سان ٻارن جو ڏهاڙي گهر ۾ ڪم ڪندي، سفر سانگي، وندر تفريح دوران توڙي سماجي ڪمن ۾ حصو وٺندي ۽ رياضي ۽ سائنس جي مضمونن ۾ واسطو پوندو رهي ٿو. ان کان علاوه هن ڊڪشنريءَ ۾ عددن، انگن، مقدارن، ليڪن، شڪلين، وقت ۽ ان سان گڏوگڏ ضمير، صفت، فعل ۽ حرف جَر بابت مفيد مضمون به شامل آهن.

7. انگريزي- سنڌي ڊڪشنري:

محمد عثمان عباسيءَ جي تاليف ڪيل، ڪرائون سائيز ۾ هيءَ لغت گنج بخش حيدرآباد طرفان سال 1997ع ۾ شايع ٿيل آهي.

• ٻهاڪن ۽ اصطلاحن بابت ڪتاب

پيٽ گذر لاءِ ته هرڪو هنڌين ماڳين پيو ٿو هر هٽي، ذريعه معاش ڪهڙو به هجي، پر وندر طور علم ادب سان لاڳاپو ضرور رهي ٿو. ان ۾ به ڪنهن خاص شاخ سان وڌيڪ دلچسپي يا چاهه رهي ٿو. اهڙيءَ طرح راقم جو ذاتي شوق به ٻهاڪا، چوٽيون، اصطلاح ۽ ورجيسون گڏ ڪرڻ ۽ انهن جي معنيٰ سمجهڻ رهيو آهي. ان سلسلي ۾ ڪٿي ڪنهن سان ملاقات ٿي يا ڪو دڳ ويندي ملي ويو ۽ ڪا چڱي ڳالهه ڪيائين ته نوٽ ڪري ڇڏي، گهڻا ئي ڪتاب به ورڻا پيا هوندا. ڪنا به ٿيا هوندا، نظر مان به نڪتا هوندا.

انهيءَ آڌار تي ڪن اهڙن ڪتابن جا حوالا هيٺ ڏجن ٿا. جيڪي خاص ٻهاڪن ۽ چوٽين بابت. ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ۾ ڇپيا آهن ۽ ڊاڪٽر صاحب جي مضمون ۾ شامل ٿي نه سگهيا آهن.

1. ٻهاڪن جي پيڙهه:

جناب الله بخش ٽالپر جو ترتيب/ تاليف ڪيل، ڪرائون سائيز جي 90 صفحن تي پکڙيل هيءَ ڪتاب، آر ايڇ احمد اينڊ برادرس بڪ سيلرز اينڊ پبلشرز، شاهي بازار حيدرآباد وارن سال 1969ع ۾ شايع ڪيو

آهي. منجهس 29 پهاڪن ۽ چوڻين جا پس منظر ڏنا ويا آهن.

2. رنّي آهي گهوٽ سان (پهاڪا ۽ چوڻيون):

هيءُ ڪتاب مشهور سياح، جهازي ۽ ليکڪ الطاف شيخ جو تاليف ڪيل آهي. محترم الطاف شيخ صاحب ڪيترائي سفرناما ۽ ترجمو ٿيل ڪهاڻين جا مجموعا ڏئي چڪو آهي، تنهنڪري تعريف جو محتاج ناهي.

الطاف شيخ صاحب کي ٻـ پهاڪن ۽ چوڻين گڏ ڪرڻ جو وڏو شوق رهيو آهي. ان سلسلي تحت، هن ڪتاب ۾ ٻين ٻولين سان گڏ، سنڌيءَ جا ٻـ 696 پهاڪا ۽ چوڻيون ڏنيون اٿائين. ڊيمي سائيز جي 200 صفحن تي مشتمل هن ڪتاب ۾ جملي 1263 پهاڪا ۽ چوڻيون آهن. جن ۾ 143 ملئي زبان مان، 186 چيني زبان مان ۽ 424 جپاني زبان مان ترجمو ڪري شامل ڪيا ويا آهن. هيءُ ڪتاب نيو فيلڊس پبليڪيشن ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ طرفان سال 1996ع ۾ شايع ٿيو آهي. مرزا قليچ بيگ صاحب واري ڪتاب پهاڪن جي حڪمت واريءَ طرز تي تحرير ٿيل آهي.

دراصل، الطاف صاحب اهو ڪتاب پهرين انگريزي زبان ۾ Proverbs of Far East, Malay, Chinese and Japanese سان لکيو هيو جيڪو ڊيمي سائيز جي 77 صفحن تي مشتمل هيو. اهو ڪتاب New Field Publication 11/I, 6th Gizri lan Phase 4, Defense Society Karachi Pakistan سال 1991ع ڌاري ڇپائي پڌرو ڪيو هيو.

3. سنڌي ورجيسي ٻولي (پهاڪن ۽ محاورن جو موضوع وار تشريحي خزانو):

سنڌيءَ جي پروفيسر ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي صاحب جو ترتيب ڏنل هيءُ ڪتاب، ڊيمي سائيز جي 192 صفحن تي آڌاريل آهي ۽ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو طرفان سال 1997ع ۾ شايع ٿيو آهي. منجهس جملي 1355 پهاڪا ۽ چوڻيون آهن.

هن ۾ 103 ورجيسون آهن جن کي "ننڍڙا پهاڪا" جي عنوان هيٺ آندو ويو آهي. 68 سنڌي-اردو 22 سنڌي-انگريزي ۽ 418 انگريزي-سنڌي پهاڪا ڏنل آهن. ڪتاب 42 موضوعن ۾ ورهايو ويو آهي.

4. **پهاڪا ۽ پروليون:**

ناظم چند جو تاليف ڪيل ڊيمي سائيز جي 56 صفحن تي پکڙيل هيءُ ڪتاب، توفيق احمد ولد نور احمد صاحب اداره مولوي محمد عظيم ڪتب خانہ شاهي بازار شڪارپور طرفان سال 1998ع ۾ شايع ڪرايو آهي. منجهس 23 صفحن تي 106 پهاڪا ۽ چوڻيون مختصر پسمنظر ۽ معنيٰ سان ڏنا ويا آهن. جيڪي گهڻا تڻا ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو صاحب واري ڪتاب "پهاڪن جي پاڙ" تان کنيا ويا آهن.

5. **پهاڪن جي پروڙ:**

محترم شمس الدين تونيہ لاڙڪاڻويءَ جي تاليف ڪيل، ڪرائون سائيز جي 26 صفحن تي مشتمل هن ڪتاب ۾ 452 پهاڪا ۽ چوڻيون درج ٿيل آهن. هيءُ ڪتاب آر ايچ احمد اينڊ سنز بڪ سيلرز ۽ پبلشرز شاهي بازار حيدرآباد طرفان ڇپايل آهي.

6. **پهاڪا:**

"پهاڪا" نالي سان ڊيمي سائيز جي 72 صفحن تي پکڙيل ۽ 31 بابن ۾ ورهايل هيءُ ڪتاب سنڌالاجيءَ ۾ جريان نمبر: 1765 تاريخ 1974-12-11 جي حوالي سان پيل آهي. منجهس سليمان بني اسرائيل جي بادشاهہ داؤد جي پٽ جا پهاڪا ڏنل آهن. ليکڪ ۽ ناشر جو نالو ۽ سال لکيل ناهي.

7. **مخزن اخلاق:**

خادم الفقراء نور حيدر سومرو صاحب جي ترتيب ڏنل هن ڪتاب جي هڪ باب ۾ ٽن سون جي لڳ ڀڳ پهاڪا ۽ چوڻيون ڏنل آهن. هيءُ

ڪتاب مولوي محمد عظيم ائنڊ سنز شڪارپور طرفان شايع ٿيل آهي.

8. **انمول سنڌي گرامر (ڇهين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس لاءِ):**

شفيع محمد ايڇ ايم ايس شيخ جو تاليف ڪيل هي ڪتاب شفيع اسٽور بڪ سيلرس بندر روڊ لاڙڪاڻي سنڌ طرفان سال 1981ع ۾ ڪرائون سائيز جي 132 صفحن تي ڇپيل آهي. منجهس معنيٰ ۽ استعمال سان 46 پهاڪا ۽ چوڻيون، 197 اصطلاح ۽ 194 اشتقاق ڏنا ويا آهن.

9. **سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج:**

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو صاحب، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ڊي فل لاءِ، پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا جي نگرانيءَ ۾ ٿيسز لکي، جيڪا سال 1978ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو طرفان شايع ٿي آهي. ڊيمي سائيز جي 358 صفحن تي پکڙيل هن ڪتاب ۾ 300 کن پهاڪا ۽ چوڻيون ڏنل آهن. جڏهن تہ منجهس بيشمار اصطلاح ۽ ورجيسون بہ معنائن سان سمجهايون ويون آهن.

## • ٻولين جا ڪتاب

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري (حيدرآباد) طرفان ٻولين بابت ڇپيل ڪتابن ۾ پڻ پهاڪا، چوڻيون، اصطلاح ۽ ورجيسون معنائن سان ڏنا ويا آهن. مٿين جي وچور هيٺ ڏجي ٿي.

**سبي جي ٻولي (سال 1992):**

ڊاڪٽر داد محمد خادم بروهيءَ جي ترتيب ڏنل ڊيمي سائيز جي 178 صفحن تي مشتمل هن ڪتاب ۾ ڪيترائي چغدالي ۽ فزاڪي محاورا ڏنا ويا آهن. ڪتاب کي مختصر ڪري ڇپرايو ويو آهي. اصل مسودي ۾ پهاڪا ۽ چوڻيون ۽ ورجيسون، پسمنظر سميت ڏنا ويا آهن. جڏهن تہ ڇاپي نسخي مان اهي حذف ڪيا ويا آهن.

2. **ماتيلي - اوڀاوڙي جي ٻولي (سال 1992ع):**

محمد فاضل شيخ جي ترتيب ڏنل، ڊيمي سائيز جي 146 صفحن تي پکڙيل هن ڪتاب ۾ 188 ڀماڪا ۽ چوڻيون ڏنا ويا آهن. جڏهن تہ منجهس ڪيترائي ماتيلي/ اوڀاوڙي جي ٻوليءَ جا اصطلاح، محاورا ۽ ورجيسون، معنائن سميت، ڏنا ويا آهن.

3. **شڪارپور جي ٻولي (سال 1992ع):**

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي ترتيب ڏنل، ڊيمي سائيز جي 110 صفحن تي پکڙيل هن ڪتاب جي ڇهين باب ۾ شڪارپور جي خاص لفظن، فقرن، اصطلاحن ۽ ورجيسين جي معنيٰ ڏني وئي آهي.

4. **ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي (سال 1994ع):**

حافظ حبيب سنڌيءَ جي ترتيب ڏنل، ڊيمي سائيز جي 216 صفحن تي پکڙيل هن ڪتاب ۾ ٽئين کان انين تائين بابن ۾ مهاڻڪي، جتڪي، ماڇر جي، ڪڪرالي جي، ڪاري جي ۽ جاتيءَ جي ٻولين جا محاورا، معنيٰ ۽ تشريح سان ڏنا ويا آهن. جڏهن تہ نائين باب ۾ خاص، ٻٽن ۽ بگڙيل محاورن جي معنيٰ ڏني وئي آهي. آخري ۽ ڏهين باب ۾ اختصار کان ڪم وٺنديء اصل مسودي جي 750 ڀماڪن ۽ چوڻين مان 450 کن ڀماڪا ۽ چوڻيون شامل ڪيا ويا آهن.

5. **ٿر جي ٻولي (سال 1994ع):**

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ هدايت پريم جي ترتيب ڏنل، ڊيمي سائيز جي 142 صفحن تي پکڙيل هن ڪتاب ۾ ٿر جا 33 ڀماڪا/ چوڻين ۽ 200 کن سنڌي محاورن جا ڍاٽڪي، مارواڙي ۽ گجراتي نعم البدل ڏنا ويا آهن.

6. **اترادي ٻولي (سال 1995ع):**

ڊاڪٽر هدايت پريم جي ترتيب ڏنل، ڊيمي سائيز جي 144 صفحن تي پکڙيل هن ڪتاب ۾ 196 ڀماڪا/ چوڻيون ڏنا ويا آهن.

جڏهن ته ستين باب ۾ اُترادي لهجي جي خاص لفظن جي لغت پڻ ڏني وئي آهي.

7. سنڌي براهوئي ٻوليءَ جو تقابلي جائزو (سال 1994ع):

ڊاڪٽر داد محمد خادم بروهيءَ جي ترتيب ڏنل، ڊيمي سائيز جي 128 صفحن تي پکڙيل هن ڪتاب ۾ بيشمار سنڌي محاورن جا براهوي نعم البدل ڏنا ويا آهن.

اهڙيءَ طرح ٿر جي ڪيترن ئي محاورن، اصطلاحن، خاص لفظن، ورجيسين جي معني، رائچند هريجن پنهنجي لکيل ڪتاب تاريخ ريگستان ۾ ڏني آهي. سمجهاڻيءَ خاطر پسمنظر ۽ تعارف به ڏنا اٿائين.

## • سنڌ اندر اڻ ڇپيل پهاڪن ۽ چوڻين جا ڪتاب

پهاڪن ۽ چوڻين جي موضوع تي سنڌ اندر ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا آهن، جيڪي اڃا تائين ڇپجي پڌرا نه ٿيا آهن. جنهن جو مثال خود لوڪ ادب سلسلي طرفان ترتيب جي اوسيئڙي ۾ رهيل 42، 43 ۽ 44 ڪتاب آهن، جيڪي پهاڪن، چوڻين، اصطلاحن ۽ ورجيسن لاءِ مخصوص ٿيل آهن.

هتي پڻ انهن اڪيچار ڪتابن بابت ڄاڻ ڏجي ٿي، جيڪي راقم جي نظر مان پڻ گذريا آهن.

1. **ٿري ٻوليءَ جي پهاڪن ۽ چوڻين جي روشنيءَ ۾ ٿر جو سماجي، سياسي ۽ ادبي جائزو:**

هيءَ ڪتاب محترمه جانڪي ديوي انچلانند، سپروائيزر پرائمري ايڊيوڪيشن بيٽ عمر ڪوٽ، ايم فل لاءِ مقالي طور لکي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پيش ڪيو آهي. منجهس 161 ٿري پهاڪا ۽ چوڻيون ٿري سماج / سياست/ تاريخ / جاگرافيءَ جي پسمنظر سميت ڏنل آهن.

1. **سنڌي لغات: پهاڪا ۽ چوڻيون:**

راقم جي تاليف ڪيل هن لغت ۾ 8500 پهاڪا ۽ چوڻيون شامل ڪيل آهن. هر هڪ پهاڪي جي معنيٰ، تشريح، علائقائي نشاندهي ڪئي وئي آهي. ڪن پهاڪن جا پسمنظر به ڏنا ويا آهن. رائل/ ڊبل ڪرائون سائيز جي 650 صفحن تي پکڙيل هي ڪتاب ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿي چڪو آهي ۽ ڇپائيءَ جي مرحلي ۾ آهي. اميد ته جلد منظر عام تي ايندو.

ان ڪان علاوه راقم جو "ماڳ مڪان جي نالن تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون" مضمون به ڪينجهر ۾ ڇپجي چڪو آهي. جنهن ۾ 101 ماڳ جي نالن تي پهاڪا ۽ چوڻيون معنائن سميت ڏنا ويا آهن.[2]

2. **طب جي دنيا سان تعلق رکندڙ پهاڪا ۽ چوڻيون:**

طب جي دنيا سان تعلق رکندڙ پهاڪا ۽ چوڻيون، نالي ڪتاب راقم جو ترتيب ڏنل آهي. جيڪو مضمون جي صورت ۾ سنڌي ساهت گهر جي رسالي "ڪينجهر" ۾ ڇپجي پڻ چڪو آهي. ڪتابي صورت ۾ اڃا پڌرو نه ٿيو آهي.[3]

**ضميمو-2**

هن ئي موضوع تي سنڌي ادب ۾ بهرين طبع آزمائي، جيڪا راقم جي نظر هيٺ آئي آهي، سا آهي محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جن جي جيڪا پاڻ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب جي تاليف ڪيل "لغات سنڌي مخففات" جي مقدمي طور پيش ڪري چڪا آهن. لغت نويسيءَ بابت لکيل اهو مقالو جيڪو 1991ع ڌاري ڇپيو سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو. منجهس جامع ۽ مستند مواد ڪتاب اڳيان رکي، جوڙي پيش ڪيل نظر اچي ٿو.

---

[2] هن نالي سان ڪتاب سنه 2016ع ۾ ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي پاران ڇپجي چڪو آهي (مرتب)

[3] هي ڪتابي صورت ۾ سن 2016ع ۾ ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي پاران ڇپجي چڪو آهي. (مرتب)

انهيءَ سلسلي سان سلهاڙيل ٻي ڪاوش محترم محبوب اختر پناڻ صاحب[*] جي نظر اچي ٿي. سندس مقالو جيڪو مختلف ڪتابن جي مدد سان تيار ڪيل آهي، سو ٽئين زندگيءَ جي مارچ 1993ع واري پرچي ۾ "سنڌ ۾ لغت نويسيءَ جي مختصر تاريخ" طور ڇپجي چڪو آهي.

ساڳيو مضمون، ڪن لفظن جي سڌاريل ۽ سلوٽن متبادل سان، جناب تاج جويو صاحب، تڏهوڪو سيڪريٽري سنڌي لئنگوئيج اٿارٽي حيدرآباد، 1998ع ڌاري ڇپيل، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي هڪ جلدي سنڌي لغت ۾ پيش ڪيو هو. ياد رهي ته تاج جويو صاحب، مذڪوره مقالي کي اڃا سڌاري لغتن جا نالا لسٽ ۾ لکي، "پيغام" رسالي جي مارچ 2002ع واري پرچي ۾ سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ واري نالي سان پڻ ڇپرايو آهي.

هن ئي سلسلي سان لاڳاپيل ڪتاب سامهون رکي لکيل ٻيو مقالو جنهن کان متاثر ٿي راقم پهريون ۽ ٻيو ضميمو تيار ڪيو آهي، سو آهي جناب ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ساحب جو. صاحب موصوف جو هندستان مان لکيل اهو مقالو ته ماهي "مهراڻ" جي 2000/4ع پرچي ۾ ص:54 تي، سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ جي نالي سان ڇپيو آهي.

هيءَ مقالو مذڪوره مقالن جي ڪڙيءَ طور ڪيو ويو آهي، منجهس حتي الامڪان ڪوشش ڪئي وئي آهي ته اڳين مقالن ۾ آيل لغتون شامل نه هجن. انساني تقاضا آهي، غلطيءَ مان ڪو هڪ اڌ نالو رهجي ويو هجي يا ورجائجي ويو هُجي. ڇو جو تياريءَ وقت فقط اهي لغتون سامهون رکيون ويون هيون، مذڪوره مقالن سان اکر اکر پيٽي ڪاٽ ڪوٽ نه ڪئي وئي آهي.

[*] محبوب اختر پناڻ صاحب ان بعد ناسف علي شيراز جي نالي سان لکڻ لڳو. (مرتب)

هاڻي اهو آئنده جي محقق تي منحصر ٿو ڪجي تہ جڏهن هن موضوع تي جامع تحقيق ڪري تہ انهن شين کي مدنظر ضرور رکي. خاص طور تي اهي حضرات جيڪي هن موضوع تي ڊاڪٽريٽ يا ماسٽرس ڪرڻ گهرن ٿا. تن لاءِ هيءَ مقالو رهبري ڪندڙ هوندو.

آخر ۾ قاسميہ لائبريري ڪنڊيارو جو شڪريو نہ مڃڻ ڪنجوسي ٿيندي خاص طور ڊاڪٽر مولوي محمد ادريس سومرو صاحب جو ٿورائتو آهيان. جنهن ڪتابَ مهيا ڪري ڏنا.

خالد آزاد وگهيو (ترجمان) سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد جو روزانہ ڪاوش 9_2_2003 هائيڊ پارڪ ۾ "سنڌي ٻوليءَ ۾ لغتن جي تياري ۽ اشاعت ڪجهہ وضاحتون" هيٺ لکيل خط کي بہ مدِنظر رکيو ويو آهي.

## • سنڌي ـ سنڌي لغتون

### 1. لاڙجي لغات:

لاڙي لفظن جي هيءَ لغت، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب جي تاليف ٿيل آهي، جيڪا زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، سال 1975ع ۾ پهريون دفعو شايع ڪري عام ڪئي، مهاڳ مرحوم علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جو لکيل اٿس.

### 2. لغات سنڌي مخففات:

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي ترتيب ڏنل هن لغت ۾ 2100 چونڊ لفظن جو اصلي اُچار ۽ انهن جا مخفف (سُسيل روپ) سمجهاڻيءَ سان ڏنا ويا آهن، رايل سائيز جي 130 صفحن تي آڏاريل صفحن تي آڏاريل هن لغت جو مقدمو ڊاڪٽر غلام علي الانا لکيو آهي ۽ سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو/ حيدرآباد سال 1991ع ڌاري ڇپائي پڌري ڪئي آهي.

### 3. سگهڻ (سنڌي ڏوهيڙا):

عبدالحسين شاهہ موسوي ۽ محمد ابراهيم عباسيءَ جي گڏيل هيءَ ڪاوش ڪرائون سائيز جي 144 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن

۾ سنڌي ڏوهيڙي جا سمورا قسم، عام ڏوهيڙو هنر، پرولي، ڳجهارت (ڏٺ) سرائتي، دورائو ڏور، سينگار ۽ ڏهس معنائن سميت ڏنا ويا آهن. مارچ 1950ع ڌاري جو لکيل هيءَ ڪتاب، تاج محل پريس شاهي بازار حيدرآباد وارن سال 1959ع ۾ ستين ڇاپي طور ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

4. وينجهار:

ڊاڪٽر عبدالڪريم صاحب مرحوم جي 1950ع ڌاري لکيل هن ڪتاب ۾ پرولي، ڳجهارت، هنر، دوراهو ست سريون، ڏور سينگار، ڏهس، ڀڳڻ جا ٻول ۽ سندن معنائون وضاحتون ڏنيون ويون آهن. ڪتاب جو مهاڳ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکيو آهي، جڏهن تہ تاج محل پريس شاهي بازار حيدرآباد وارن، ڪرائون سائيز ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. بعد ۾ سندس پٽ ڊاڪٽر اسلم سنديلو صاحب بہ هڪ ڇاپو ڇپايو آهي.

5. قلندري لغت:

لطف الله سومري جي ترتيب ڏنل هن لغت ۾ ڏهن ڪان ٻارهن هزار سنڌي لفظن جي معنيٰ ڏني وئي آهي. اهو ڪتاب ڪرائون سائيز جي 484 صفحن تي مشتمل آهي.

6. سنڌي زبان جي بنيادي لغت (Vocabulary of Sindhi Language):

وزارت تعليم حڪومت پاڪستان جي لاءِ تيار ڪرايل هن لغت ۾ بنيادي لغت 800 لفظ، وڌايل بنيادي لغت 450 لفظ، ڪاروباري لغت 850 لفظ، سپ قومي لفظ 175، ڳڻپ، نور ماپ ۽ ڪيلينڊر جا لفظ 75 ڏنل آهن. ڊيمي سائيز جي 58 صفحن تي ڇپرائي پڌري ڪئي آهي.

7. ٻوليءَ جو ٻچ (سنڌي ٻوليءَ جي خصوصي حوالي سان):

ڊاڪٽر محبت ٻرڙو مرحوم جي ترتيب ڏنل هن ڪتاب ۾ ڪيترن ئي لفظن جون وچورون (نام مالهائون Glossaries) ڏنل آهن،

ڊيمي سائيز جي 191 صفحن تي مشتمل هن ڪتاب کي ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي قمبر وارن سال 2002ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

8. **روشني (شاهه جي ڪلام جي لغت):**

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي تحقيق ۽ ترتيب هيٺ تيار ٿيل ڊبل ڪراؤن سائيز جي 558 صفحن واري هيءَ لغت، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ، سال 2002 ۾ ڇپائي پڌري ڪئي آهي، منجهس شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام، بيتن ۽ واين ۾ آيل حرفن، لفظن، فقرن ۽ سٽن جي معنيٰ ڏنل آهي، هن کي شاهه جي اصطلاحي ٻوليءَ جي لغت بہ چئي سگهجي ٿو.

9. **اسان کي متان وساريو (وساريل لفظن جي لغت):**

گنگارام سمرات جي تحقيق ۽ ترتيب هيٺ تيار ٿيل، ڊيمي سائيز جي 212 صفحن تي مشتمل هيءَ لغت، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري حيدرآباد سنڌ، سال 1999ع ڌاري ڇپائي عام ڪئي آهي، منجهس اوائلي ۽ ڪجهه مروج، بلڪ متروڪ لفظن جون معنائون، سمجهاڻين سميت ڏنل آهن.

10. **سنڌي جونيئر اسڪول ڊڪشنري:**

آفتاب ابڙو جي ترتيب ڏنل، ڊيمي سائيز جي 332 صفحن واري هيءَ لغت سنڌي ڪتاب گهر ڪراچيءَ سال 1992ع ۾ آزاد ڪميونيڪيشن ڪراچيءَ مان ڇپائي پڌري ڪئي آهي.

- **پهاڪن، چوڻين، ورجيسن ۽ ٻوليءَ وارين لغتون**

1. **سنڌي ٻوليءَ جي جهان جي ڪوجنا:**

ڊاڪٽر پروفيسر شمس الدين عرساڻي جي ترتيب ڏنل هن ڪتاب ۾ اصطلاحن، محاورن اڳياڙين ۽ پڇاڙين جون معنائون ڏنل

آهن. ياد رهي تہ منجهس ڏنل پهاڪن، چوڻيون ۽ اصطلاح، ڊاڪٽر صاحب جي اڳئين ڪتاب، سنڌي ورجيسي ٻوليءَ تان ائين جو ائين کنيا ويا آهن. ڊيمي سائيز جي 281 صفحن واري هن ڪتاب کي بہ روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو سال 2001ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

2. ننڍڙي روپ وارا، چوڻيون ۽ پهاڪا:

راقم جي تاليف ٿيل هن ڪتاب ۾ 241 پهاڪن/ چوڻين جون وصفون بيان ڪيل آهن. جملي ٽن مضمونن ٻن لفظن تي مشتمل، ٽن لفظن تي مشتمل ۽ هاڪاري ناڪاري جوڙن تي مشتمل پهاڪن ۽ چوڻين واري هن ڪتاب کي ڊيمي سائيز جي 94 صفحن تي، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد سنڌ، سال 2002ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

3. ورجيسون (پسمنظر ۽ ڪارج):

راقم جي تاليف ٿيل، 235 ورجيسن واري هن ڪتاب کي ڊيمي سائيز جي 116 صفحن تي، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد . سال 2003ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو آهي، منجهس ورجيسن جا قسم بيان ڪيل آهن ۽ نموني جي طور، سنڌي ٻوليءَ جي جهان مان، چند ورجيسون کڻي انهن جون وصفون سمجهايون ويون آهن.

4. نصيحت آموز آکاڻين تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون:

راقم جو تيار ڪيل هيءَ ڪتاب، جنهن ۾ سؤ کن اهڙا پهاڪا/چوڻيون ڏنا ويا آهن، جن جو بنياد ڪنهن نصيحت آميز آکاڻيءَ تي مشتمل آهي. اهو ڪتاب، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد طرفان ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.

5. موزون آکاڻين تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون:

راقم جو تيار ڪيل هيءَ ڪتاب، جنهن ۾ ڏيڍ سئو اهڙا پهاڪا، چوڻيون ڏنا ويا آهن، جن جو بنياد ڪنهن موزون آکاڻيءَ تي مشتمل آهي، اهو ڪتاب ماهوار ”ڪينجهر“ ۾ هليل ساڳئي سري تحت، ڏهن قسطن

واري مواد جي تلخيص مان ترتيب ڏنو ويو آهي، جيڪو ڪتاب سنڌي ساهت گهر حيدرآباد طرفان ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.

6. سنڌي گلدستو:

شيخ نياز محمد نياز جو جوڙيل ڪتاب. جنهن کي 1949ع ۾ پهريون ڀيرو ڪرائون سائيز جي 82 صفحن تي شفيع اسٽور بندر روڊ لاڙڪاڻو ڇپرايو. منجهس 200 اشتقاقن جون معنائون ڏنل آهن.

ان ئي ڪتاب جو ٽيون ڇاپو ڊيمي سائيز جي 132 صفحن تي شيخ خليل احمد ڪرمان باغ محلو لاڙڪاڻي واري مدينہ اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس لياقت روڊ لاڙڪاڻو مان سال 1977ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. منجهس 765 عربي ۽ فارسي اشتقاقن جون سنڌي معنائون ڏنل آهن.

7. رهبر خيال خاطر:

خيال خاطر ڪتاب محترم محمد اسماعيل عرساڻي مرحوم لکيو هيو جنهن جو رهبر بہ پاڻ لکيائين، جيڪو ڪرائون سائيز جي 40 صفحن تي مشتمل آهي ۽ آر ايچ برادرس پبلشرس ائنڊ اسٽيشنرس شاهي بازار حيدرآباد (پاڪ) ڇپرايو هيو. ڪتاب تي ڇپائيءَ جو سال لکيل ناهي.

8. ڏهس نامون:

ڏهہ هم معنائن (Synonyms) تي مبني لفظن جي مالها واري هن ڪتاب جي ترتيب ۽ تاليف، محترم پروفيسر ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو صاحب جي ڏنل آهي. ڊيمي سائيز جي 64 صفحن وارو هيءَ ڪتاب اسلم پبليڪيشن، پاور هائوس لاڙڪاڻو وارن، پاڪستان اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس لاڙڪاڻو مان سال 1971ع ۾ پهريون دفعو ڇپائي پڌرو ڪيو.

9. جتڪي ٻولي:

منير احمد ميرجت جي مدد سان، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب چوڏهن بابن تي مشتمل، ڊيمي سائيز جي 150 صفحن وارو هيءُ ڪتاب جوڙيو آهي، منجهس روزمرهه جي زندگيءَ سان تعلق رکندڙ جتڪي زبان جي لفظن، اصطلاحن، فقرن ۽ جملن جون سنڌيءَ ۾ نام مالهائون ڏنيون ويون آهن.

هيءُ ڪتاب، سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد، سال 2003ع ۾ ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي.

## • اردو - سنڌي لغات

1. نئين اردو-سنڌي لغات:

ڊيمي سائيز جي 534 صفحن تي مشتمل لغت، ابن الياس جي تاليف ڪيل آهي، جنهن جو ديباچو خادم العلم نبي بخش بلوچ 15 سيپٽمبر 1950ع ڌاري لکيو. احمد نبي بخش شيخ، آزاد بڪ ڊيپو صدر بازار حيدرآباد واري، ساڳئي سال ۾ آفتاب پرنٽنگ پريس شاهي بازار حيدرآباد سنڌ طرفان ڇپائي عام ڪيو.

2. سنڌي، اردو لغت:

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان جن جي ترتيب ڏنل 866 ڊبل ڪرائون سائيز صفحن واري هيءُ لغت، مڪتب، سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد سنڌ پاڪستان، سال 1959ع ڌاري وزارت تعليم حڪومت پاڪستان سنڌ يونيورسٽيءَ جي اهتمام ۽ سعيءَ هيٺ ڇاپي پڌري ڪئي. هن لغت جي مُنڍ ۾ سنڌي اردو جا حروف تهجي ۽ آخر ۾ يل نامو پڻ ڏنل آهي.

3. بنيادي اردو (سنڌي ترجمو):

ڊاڪٽر ابوالليث صديقيءَ جي ڪرائون سائيز 91 صفحن واري هن لغت ۾ اساسي اردو جي لفظن جي سنڌي معنيٰ آهي. هيءُ لغت اعجاز

محمد صديقيءَ، سيد حسام الدين راشدي ايڊيٽر، اردو ڊولپمينٽ بورڊ لاهور جي نگرانيءَ ۾ سال 1968ع ڌاري ڇپائي پڌري ڪئي.

4. اردو سنڌي لغت:

عبدالستار بلوچ جي تحقيق ترتيب هيٺ تيار ڪرايل، ڊبل ڪرائون سائيز جي 1024 صفحن واري هيءَ لغت، سنڌي لئنگوئيج اٿارٽي حيدرآباد ۽ سنڌيڪا ڪراچيءَ جي سهڪار سان سال 2003ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي آهي. انهيءَ ڪم جي نگراني سنڌيڪا اداري جي مالڪ نور احمد ميمڻ ۽ نظرثاني سنڌي لئنگوئيج اٿارٽي حيدرآباد جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو صاحب ڪئي آهي. پنجاهه هزار اردو ۽ اردوءَ ۾ مشتمل هندي، فارسي، عربي لفظن ۽ اصطلاحن واري هيءَ لغت پڙهندي محسوس ٿئي ٿو تہ ڏاڍي تڪڙ سان لکي، ڏئي ۽ ڇاپي وئي آهي.

5. معلم اردو:

ڪرائون سائيز جي 96 صفحن واري هن ڪتاب کي، محترم لاشاري، رشيد احمد رشيد ۽ پروفيسر محمد عالم عباسي عالم ترتيب ڏنو آهي، منجهس سنڌي پنجين درجي کان تياري ڪلاس جي شاگردن کان ٽريننگ وٺندڙ ماسترن لاءِ اردو اصول لغت گرامر، پهاڪا ۽ مضمون ڏنل آهن. 1949ع ڌاري ترتيب ڏنل هيءَ ڪتاب، آزاد بڪ ڊپو صدر بازار حيدرآباد سنڌ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي، ڇپائيءَ جو سال ڏنل ناهي.

6. خلاصہ سنڌي اردو گائيڊ (سنڌي سيکڻي ڪا واحد حل):

رشيد احمد لاشاريءَ جو ڪرائون سائيز 32 صفحن وارو هيءُ ڪتاب آر ايچ احمد اينڊ برادرس تاجران ڪتب، شاهي بازار حيدرآباد سنڌ ڇپائي پڌرو ڪيو. منجهس ڇپائيءَ جو سال ڏنل نہ آهي، ياد رهي تہ هن ڪتاب تي تقريظ ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل جي لکيل آهي.

7. آسان سندهي اردو بول چال (ڳالهه ٻولهه):

ڊيمي سائيز جي 152 صفحن وارو هيءُ ڪتاب، منظور علي پناڻ جو جوڙيل آهي، جيڪو رائوز بڪ ڊپو ريشم بازار حيدرآباد وارن جو ڇپايل آهي، سال ڏنل نہ اٿس، منجهس ڪيترن ئي سنڌي لفظن جون اردو معنائون ڏنل آهن.

8. سنڌي اردو بول چال:

جاويد انجم جي تاليف ٿيل هن ڪتاب ۾ روزمرهہ جي زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ مختلف لفظن/ جملن جون معنائون ڏنل آهن، ڊيمي سائيز جي 96 صفحن تي مشتمل هن ڪتاب کي ڊيسينٽ پبليڪيشنز ڪراچيءَ وارن ڇپائي منظر عام تي آندو آهي.

• هندي سنڌي لغات

1. هندي سنڌي ٽيچر:

هنديءَ جي وسيلي سنڌي سکڻ جو هيءُ سولو ڪتاب ڪيشو ڪمليشن جو جوڙيل آهي، ڪرائون سائيز جي 56 صفحن واري ڪتاب کي نارائڻ داس هيمن داس توپي بازار گواليرـ1 وارنؒ ڇپايو آهي، منجهس 37 پاٺ آهن، جن ۾ ڪنن/ڏکين لفظن جون نام مالهائون (Glossaries) ڏنل آهن.

2. راشٽر ڀاشا پرارنيڪ ۽ پريڪيا ٻوڌني:

ڪرائون سائيز جي 28 صفحن وارو هيءُ ڪتاب اندر ديو شرما ۽ ساڌو بابا جوڙيو آهي، ڪرمچند نيپراج ڏيواڻيءَ چندن اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس مارڪيٽ حيدرآباد سنڌ مان ڀڳوانداس بوڪ سيلرز شاهي بازار حيدرآباد وارن ڇپايو منجهس راشٽر ڀاشا جي پرائمري ڪتابن جون، پائن آهر معنائون ڏنل آهن.

## • عربي سنڌي لغات

1. قرآن ۽ سنڌي ورجيسون:

نياز سرڪي عردائي صاحب، قرآني اصطلاحن جون سنڌيءَ ۽ انگريزيءَ ۾ معنائون ڏئي، ڪتاب ترتيب ڏنو آهي. منجهس قرآني سورتن ۽ پارن جي نالن جا سنڌي ۽ انگريزي متبادل بہ ضميمي طور ڏنل آهن. ڊيمي سائيز جي 200 صفحن تي مشتمل هن ڪتاب کي سنڌي ساهت گهر سال 2001ع ڌاري ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

2. الياقوت والمرجان في شرح غريب القرآن (لغات قرآن سنڌيءَ ۾):

هيءَ لغت امام قطب الاقطاب غوث الزمان العالم الرباني الشيخ المرشد مولانا حماد الله هاليجوي سنڌي (متوفي 1371هہ) جن جي ترتيب ڏنل آهي، منجهس سورت اعراف کان سورت والناس جي ڏکين عربي لفظن جون معنائون ڏنل آهن. آخر ۾ حضرت سائينءَ جن جي تقرير پڻ ڏنل آهي. ڊيمي سائيز جي 158 صفحن واري هن ڪتاب جي ڪتابت عبدالرؤف مشتاق احمد 1395هہ ۾ ڪئي آهي، محمد امين الله عفا الله عنہ، خادم مدرسہ مدينہ حماديہ پنو عاقل/ سکر، مشهور آفسيٽ پريس ڪراچيءَ مان ڇپائي پڌري ڪئي آهي.

3. جديد اللغات عربي (سنڌيءَ مان عربي):

عبدالواحد شيخ ٽريچاٽوي صاحب جي ترتيب ڏنل هيءَ لغت ڪرائون سائيز جي 48 صفحن تي مشتمل آهي. منجهس سنڌي لفظن جون الفابيٽ ترتيب ۾ عربي معنائون ڏنل آهن.

4. عربي بول چال (سنڌيءَ ۾):

محمد سليمان ٻگهيو معلم العربية گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻو جو ڪرائون سائيز جي 280 صفحن وارو هي ڪتاب مسلم بوڪ ڊپو شاهي بازار سکر وارن سال 1959ع ۾ ڇپرايو پيرو عربيءَ جي طالب العلمن، حاجين، مسلم ممالڪ جي سياحن ۽ ڪاليج وارن جي مدد لاءِ ڇپرايو ويو. منجهس روزمره جي زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظن جون نام مالهائون آهن.

5. مرشد المتبدي الي اللسان العربي (الجزء الاول):

شمس العلماءَ ڊاڪٽر عمر بن محمد داؤدپوٽي جو ڪرائون سائيز جي 192 صفحن تي جوڙيل هيءُ ڪتاب. مدرسة الاسلام ڪراچيءَ جي نون سنڌي سڪنڊڙ شاگردن لاءِ ڪورس تي رکيل ڪتاب جو شرح آهي. منجهس سمورن سبقن ۾ آيل عربي ڏکين لفظن جون معنائون آيل آهن. پاڻ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ جي پرنسپاليءَ دوران سال 1929ع ڌاري ترتيب ڏنو هئائون، جيڪو 1938ع ۾ ٻيو دفعو ڇپيو. ان وقت پاڻ اسماعيل ڪاليج انڌيري بمبئيءَ ۾ پروفيسر هئا. ٽيون ڇاپو 1948ع ڌاري ڇپيو جڏهن پاڻ ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن سنڌ هئا.

6. شرح مجموعة النثر و النظم:

ابوبڪر شبليءَ جي ترتيب ڏنل هيءُ شرح ڪرائون سائيز جي 154 صفحن تي مشتمل آهي. منجهس عربيءَ جي مختلف مضمونن ۾ آيل ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل آهن. آر ايڇ احمد ائنڊ برادرس پبلشرس، بوڪ سيلرس شاهي بازار حيدرآباد (پاڪ) سال 7-1956ع ڌاري ڇپائي پڌرو ڪيو.

7. سنڌي عربي لغت (الف کان ي):

پروفيسر غلام حسين جلباڻي مرحوم جي ترتيب ڏنل هن لغت جو پهريون ايڊيشن ڊبل ڪرائون سائيز جي 390 صفحن تي يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن اسلام آباد جي سهڪار سان سال 1995ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو ڪتابي سلسلو 167 طور ڇپائي پڌرو ڪيو.

8. بحر الجواهر (عربي سنڌي لغت):

ڊيمي سائيز ۾ ترتيب ڏنل هيءُ ڪتاب، ناقص حالت ۾، قاسميه لائبريري ڪنڊيارو ۾ موجود آهي، فقط ص 19 کان 42 تائين موجود آهن جنهنڪري ليکڪ، ڪاتب ۽ ناشر جو نالو ۽ سال معلوم نه ٿو ٿي سگهي.

9. مڪمل لغات قرات الرشيده:

عبدالواحد شيخ ترڇيچاڻوي صاحب جي ترتيب ڏنل ڪرائون سائيز جي 32 صفحن واري هن ڪتاب کي ربيع الاول 1417 هه ڌاري جان محمد برائي ايصال ثواب مرحوم سليم الله لاءِ ڪتابت ڪرائي سلسلو 60 طور ڇپرايو آهي.

• فارسي سنڌي لغات

1. مجموعه سه 3 نثر درسي فارسي مترجم سنڌي (دوايه ته وايه آمد نامه):

مولوي ميان عبدالڪريم درس ابوالڪرم ساڪن صدر بازار ڪراچيءَ جي تيار ڪيل هن ڪتاب ۾ فارسي لفظن جون سنڌي معنائون ڏنل آهن. محمد يوسف ڪتب فروش ڪراچيءَ واري، لاهور جي رفاهه عام پريس مان 1323هه ڌاري ٻيو دفعو ڇپائي پڌرو ڪيو.

2. مجموعه ته ڪتابي (فارسي مترجم سنڌي) (دوايه، ته وايه، آمد نامه):

مولوي عبدالفتاح صاحب جو ترتيب ڏنل ڪتاب هيٺين ادارن طرفان ڊيمي سائيز ۾ ڪيترائي دفعا ڇپيو آهي.

(الف). مولوي محمد عظيم اينڊ سنز تاجران ڪتب شاهي بازار شڪارپور.

(ب). هيمنداس تاجر ڪتب سکر، جارج پرنٽنگ پريس پيرڪي بازار سکر.

(ج). مسلم بوڪ ڊپو شاهي بازار سکر.

(د). عبدالرسول ملا حبيب الله مينيجر ڪتب خانه عباسي، ليٿو پريس فريئر روڊ جهونا مارڪيٽ ڪراچي.

3. دوايه:

هيءُ نسخو حافظ حاجي سيد حيدر شاهه مرحوم جي خليفي حضرت سيد مير علي شاهه جي گماشتي ميان عبدالواحد جي اهتمام سان، فيض سبحاني ڇاپخاني بندر ڪوٽڙيءَ مان، ڊيمي سائيز جي 16

صفحن تي ڇپيل ڪتابت فقير محمد ولد غلام صورت جي ٿيل آهي، ڇپائيءَ جو سال درج ٿيل ناهي.

4. ڪتاب فوائد المبتدي (سنڌي ۽ فارسي):

ڊيمي سائيز جي چوڏهن صفحن وارو هيءَ ناقص ڪتاب. جنهن جا اڳيان ۽ پليان صفحان ڦاٽل آهن. قاسميه لائبريري ڪنڊيارو ۾ پيل آهي. ليکڪ جو نالو سال ۽ ناشر جا نالا نامعلوم آهن.

5. جديد اللغات (يعني ڊڪشنري سنڌي کان فارسي):

عبدالواحد شيخ ٽريچاٽويءَ جو 1403هه ڌاري تاليف ٿيل هيءُ ڪتاب ڪرائون سائيز جي 32 صفحن تي مشتمل آهي. ڪتابت ٿيل هن ڪتاب کي جان محمد برائي ايصال ثواب سليم الله مرحوم، ربيع الاول 1417هه ڌاري، سلسله نمبر:70 طور ڇپائي پڌرو ڪيو.

6. دوايه (فاريسي، سنڌي):

منشي احمد دين جي ڪتابت سان، ڊبل ڪرائون سائيز جي 16 صفحن وارو هيءُ ڪتاب. راءِ وسنداس جي گماشتي (ايجنٽ)، جناب سيٺ جيشنمل ويشن پريس، لکمي داس روڊ ڪراچي مان سال 1313هه ڌاري ڇپائي پڌرو ڪيو.

7. ننڍو دوايه فاريسي:

ڪرائون سائيز جي ڏهن صفحن وارو هي ڪتاب منشي پوڪرداس تاجر ڪتب شڪارپور، نون فارسي سکندڙن لاءِ نولڪشور پريس لاهور مان ڇپائي پڌرو ڪيو مٿس اشاعت جو سال ڏنل ناهي.

8. معلم فارسي:

محمد حسن بازري، مولوي فاضل، فاضل ديوبند، صدر مدرس، مدرسه عربيه اشاعت القرآن نصيرآباد تعلقو وارهه لاڙڪاڻو جو تصنيف ٿيل، ڪرائون سائيز جي 64 صفحن وارو هي ڪتاب رشيد

آرٽ پريس ڪراچيءَ مان ڇپيو. جيڪو نور محمد عثمان، ڪانياواڙ اسٽور بندر روڊ لاڙڪاڻي طرفان ڇپيل آهي.

9. مصدر نامہ :

حضرت مولانا محمد حسين بازريءَ جو تاليف ٿيل، ڊيمي سائيز جي 72 صفحن وارو هيءُ ڪتاب، پهريون دفعو عليگڙهہ بڪ اسٽور نيم جي ڇاڙهي سکر وارن ڇپائي پڌرو ڪيو. متس اشاعت جو سال درج ٿيل ناهي. منجهس روزمره جي زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ مصدرن جون معنائون ڏنل آهن.

10. ڪي ٽو دي بگنرس پرشين:

چوٿين اسٽينڊرڊ تي لکيل ٿيون ڪتاب جي گائيڊ طور تيار ڪيل هن شرح ۾ تمام ڏکئن فارسي لفظن، محاورن ۽ پهاڪن جون معنائون ڏنل آهن، جناب ڊي ايل لالواڻيءَ، ايل ڊوارڪارس ۽ برادرس بندر روڊ ڪراچيءَ وارن جي طرفان، سال 1940ع ڌاري، ڪي ايم جاميءَ جي انڊيا پريس ميريوپڌر تاور ڪراچيءَ مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

## • انگريزي سنڌي ڊڪشنريون

1. نيو ايج پاپولر آڪسفورڊ پريڪٽيڪل پاڪيٽ ڊڪشنري:

پاڪيٽ سائيز جي 467 صفحن واري هيءَ ڊڪشنري علي حسن چوهاڻ ڇپرائي آهي. انگريزي-سنڌي واري هن لغت جي قيمت پنجاه رپيا آهي. جڏهن تہ ڇاپيل اورينٽل بوڪ سوسائٽي، نپت روڊ، پيپر مارڪيٽ لاهور وارن جي، متس ڇپائيءَ جو سال ۽ مصنف جو نالو لکيل ناهي.

2. دي نيو پاپولر آڪسفورڊ نيو ايج پاڪيٽ ڊڪشنري:

پاڪيٽ سائيز جي 823 صفحن واري هيءَ ڊڪشنري علي حسن چوهاڻ ڇپرائي آهي، انگريزي، سنڌي واري هن لغت ۾ سنڌي اُچار (Pronunciation) پڻ ڏنا ويا آهن، اورينٽل بڪ سوسائٽي، گنپت

روڊ، پيپر مارڪيٽ لاهور وارن جي ڇپايل هن لغت جو ديباچو رحيم بخش لنڊ جو لکيل آهي.

3. **نيو ايج پاپولر اورينٽل پاڪيٽ ڊڪشنري:**

هيءَ ڊڪشنري علي حسن چوهاڻ ڇپرائي آهي. انگريزي-سنڌيءَ واري هن لغت ۾ سنڌي اُچار (Pronunciation) پڻ ڏنل آهن. اورينٽل بڪ سوسائٽي گنپت روڊ، پيپر مارڪيٽ لاهور وارن طرفان ڇپايل هن لغت جي قيمت 42 روپيه آهي.

4. **نيو ايج پاپولر آڪسفورڊ پريڪٽيڪل پاڪيٽ اسڪول ڊڪشنري:**

اورينٽل بوڪ سوسائٽي لاهور طرفان ڇپايل 693 صفحن واري هي انگريزي-سنڌي لغت محترم رحيم بخش لنڊ جي جوڙيل آهي. قيمت 40 روپيا اٿس.

5. **نيو ايج پاپولر آڪسفورڊ پريڪٽيڪل پاڪيٽ ڪمبائينڊ ڊڪشنري:**

علي حسن چوهاڻ اورينٽل بڪ سوسائٽي لاهوري طرفان ڇپايل آهي. ٻن حصن تي مشتمل هن لغت ۾ 467 صفحن تي انگريزي، سنڌي ۽ 460 صفحن تي سنڌي انگريزي لغتون ڏنل آهن. جملي 937 صفحن واري هن ڊڪشنريءَ جي قيمت 90 روپيا آهن.

6. **پاپولر آڪسفورڊ نيو ايج ميڊيم ميڊيڪل ڊڪشنري:**

اورينٽل بوڪ سوسائٽي لاهور طرفان، رحيم بخش لنڊ جي تاليف ٿيل انگريزي-انگريزي-سنڌي واري هيءَ لغت 570 صفحن تي مشتمل آهي، جيڪا علي حسن چوهاڻ ڇپرائي آهي. قيمت 150 روپيا اٿس.

7. **پاپولر آڪسفورڊ ٽونٽي فرسٽ سينچري پريڪٽيڪل ڊڪشنري:**

ڊبل ڪرائون سائيز جي 842 صفحن واري هن انگريزي-انگريزي، سنڌي لغت ۾ سنڌي اُچار (Pronunciation) پڻ ڏنا ويا آهن. اوربنٽل بوڪ سوسائٽي لاهور طرفان، علي حسن چوهاڻ ڇپرائي آهي.

8. نيو ملينيم ڊڪشنري:

حافظ گل محمد گُلڻ جي ترتيب ڏنل، ڪرائون سائيز جي 511 صفحن واري هيءَ انگريزي- سنڌي ڊڪشنري گنج بخش ڪتاب گهر حيدرآباد ڇپرائي آهي، منجهس پندرنهن هزار لفظن جون سنڌي اچارن (Pronunciation) سان معنائون ڏنل آهن. آخر ۾ نوان پهاڪا ۽ چوڻيون پڻ ترجمي سان ڏنل آهن. ڪمپوزنگ محمد سومر ڇُتو جي ٿيل آهي.

9. اسٽينڊرڊ انگلش ڊڪشنري:

اي جي ميمڻ جي ترتيب ڏنل هيءَ ڊڪشنري ممتاز ماهر تجربيڪار گرو تاليف ڪئي آهي. هن انگريزي سنڌي ڊڪشنريءَ ۾ سنڌي اچار پڻ ڏنا ويا آهن. ڊيمي سائيز جي 1060 صفحن واري هيءَ ڊڪشنري، ڪاٺياواڙ اسٽور اردو بازار ڪراچيءَ وارن 250 روپين جي قيمت سان ڇپائي پڌري ڪئي آهي. آخر ۾ پهاڪن مخففات، اصطلاحن / فقرن ۽ Irregular Verb جون وچورون پڻ ڏنل آهن.

10. نيو ايڊيشن وي آءِ پي ڊڪشنري:

اي ٽي شاهاڻيءَ جي تاليف ٿيل ڊڪشنري، جيڪا لطف الله سومرو صاحب پيهر ترتيب (Revised) ڏني آهي، سا ڪرائون سائيز جي 607 صفحن تي مشتمل آهي، گنج بخش ڪتاب گهر حيدرآباد طرفان ڇپايل هن انگريزي، سنڌي ڊڪشنريءَ ۾ سنڌي اُچار (Pronunciation) پڻ ڏنا ويا آهن. اها ئي لغت، بنا اُچارن جي، 352 صفحن تي بـ ساڳئي اداري طرفان ڇپايل آهي.

11. اسڪول ڊڪشنري:

سيلف اسٽڊي سيريز جي سري هيٺ، ڇهين ڪلاس کان انٽر تائين وارن شاگردن لاءِ جوڙيل انگريزي-سنڌي لغت ۾ سنڌي اُچار پڻ ڏنا ويا آهن. هدايت منگي مرحوم جي هدايتن پٽاندر ترتيب ڏنل هيءَ

ست هزار لفظن واري لغت، مائيڪرو پوليڪرافٽس، 2 گرائونڊ فلور، گرين پيليس هوٽل لاڙڪاڻو طرفان، ڊيمي سائيز جي 239 صفحن تي مشتمل سال 1999 ڇپجي پڌري ٿي آهي.

12. **سنڌيڪا اسٽوڊنٽس ڊڪشنري:**

ثناءُ الله راڄڙ جي تاليف ۽ تدوين ڪيل هيءَ انگريزي سنڌي لغت، 327 ڊيمي صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ سنڌي اُچار (Pronunciation) پڻ ڏنل آهن. سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي طرفان ڇپرايل آهي.

13. **پاپولر رائوڙ پريڪٽيڪل اسٽوڊنٽس ڊڪشنري:**

عبدالجبار جي ترتيب ڏنل انگريزي-سنڌي ڊڪشنري ڪرائون سائيز جي 126 صفحن تي مشتمل آهي، جيڪا رائوڙ بڪ ڊيو ريشم بازار حيدرآباد وارن، نگار پرنٽنگ پريس حيدرآباد مان ڇپائي پڌري ڪئي آهي.

14. **سنڌيڪا ڊڪشنري:**

ڊبل ڪرائون سائيز جي 1056 صفحن واري لغت، 2003ع ۾ سنڌيڪا وارن ايڊيٽوريل بورڊ جي معرفت تيار ڪرائي ڇپرائي آهي، ايڊيٽرن ۾ حيدر بخش عزيز گوپانگ، آصف علي ابوبڪر ڪوسو غلام مصطفيٰ سولنگي ۽ ڊاڪٽر غلام قادر سومرو صاحب شامل آهن.

چار سؤ رپين جي قيمت واري هن ڪتاب ۾ عام انگريزي لفظن سان گڏ، تعليمي ۽ سائنسي لفظن جون، شاگردن، استادن ۽ ٻين شعبن سان تعلق رکندڙن لاءِ معنائون، تعريفون ۽ وضاحتون ڏنيون ويون آهن.

15. **پاڪ نيشنل پاڪيٽ ڊڪشنري:**

آر ايڇ احمد اينڊ برادرس، بڪ سيلرس شاهي بازار حيدرآباد طرفان 1967ع ۾ ٻيو دفعو ڇپايل هيءَ لغت، اي ايڇ ميمڻ جي تيار ڪيل آهي، جنهن جو ديباچو پاڻ عبدالحسين ميمڻ لکيو آهي، جيڪو تڏهن

ايس ايم آرٽس ڪاليج ٽنڊو الهيار ۾ ليڪچرر هيو. 858 صفحن واري اها لغت، فردوس پرنٽنگ پريس حيدرآباد ۾ ڇپي هئي.

16. دي پاڪ نيشنل ڊڪشنري:

ڊيمي سائيز جي 980 صفحن تي مشتمل هيءَ لغت آر ايڇ احمد اينڊ برادرس، پبلشرسَ، بڪسيلرس اسٽيشنرس شاهي بازار حيدرآباد وارن 1956ع ڌاري ڇپرائي، آر ايم ميمڻ جي تيار ڪيل هن لغت جو ديباچو محمد اسماعيل عرساڻي جو لکيل آهي. ياد رهي تہ ساڳي ڊڪشنري، ساڳئي اداري ڪرائون سائيز جي 1000 صفحن تي مشتمل پڻ ڇپرائي آهي.

17. اسٽوڊنٽس ڊڪشنري:

سليم قريشيءَ جي تيار ڪيل هن لغت ۾ انگريزي لفظن جا سنڌيءَ ۾ اچار پڻ ڏنل آهن. ڊيمي سائيز جي 976 صفحن واري هن لغت کي اسٽوڊنٽس پبلشرس ڪراچيءَ وارن ڇپرايو آهي. مٿس سال لکيل ناهي.

18. ثناءِ اسٽوڊنٽس پريڪٽيڪل ڊڪشنري:

محمد عثمان عباسي ۽ گلزار احمد ميمڻ جي سهڪار سان تيار ڪيل هيءَ انگريزي-انگريزي سنڌي لغت ثناءِ بڪ ايجنسي چوڪي گهٽي حيدرآباد وارن ٽيون دفعو ڇپرائي آهي. ڇپائيءَ جو سال ڏنل نہ اٿس.

ياد رهي تہ محمد عثمان عباسي، چنيهاڻيءَ واري جي ترتيب ڏنل هن لغت جي پهرين ٻن ڇاپن ۾ سنڌس نالو موجود ناهي.

19. ڪفايت ڪمپريهينسو ڊڪشنري:

محترم عبدالرشيد ميمڻ صاحب جي تاليف ٿيل هيءَ لغت، ڊبل ڪرائون سائيز جي 280 صفحن تي پکڙيل، ٽن جلدن Volumes ۾ ورهايل آهي، انهيءَ جامع انگريزي - انگريزي - سنڌي لغت ۾ هڪ لک کان وڌيڪ لفظن ۽ اصطلاحن جون معنائون ۽ مفهوم ڏنا ويا آهن.

منجهس سائنسي، فني موضوعن، طب، قانون، زراعت، ڪيميا، نباتات، حيوانيات، ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي وغيره جهڙن علوم سان تعلق رکندڙ اصطلاحن Themes جون معنائون ۽ مفهوم سمجهايا ويا آهن.

اُنهيءَ لغت جي تياريءَ ۾ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماهرن جون خدمتون پڻ حاصل ڪيون ويون آهن.

20. فريدي انٽرنيشنل انگلش لينگويج بڪ (سنڌي ميڊيم):

ايس ايم شميم الزمان جي تاليف ٿيل هن ڪتاب جو ترجمو عبدالقدير ڪاڇون ڪيو آهي. جنهن کي مڪتبه فريدي، اردو ڪاليج حيدرآباد جون 2002ع ۾ ڊيمي سائيز ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. منجهس روزمره استعمال ٿيندڙ لفظن، اصطلاحن ۽ فقرن جون نام مالهائون ڏنيون ويون آهن.

21. يادگار ڪمپئڪٽ ڊڪشنري:

اي ڊي شاهه ۽ بشير احمد منگيءَ جي تاليف ڪيل ننڍي ڪرائون سائيز جي 920 صفحن واري هيءَ لغت، پهريون دفعو 1992ع ۽ ٻيو دفعو 2003ع ۾ يادگار پبلشرس، يادگار لين اردو بازار حيدرآباد وارن ڇپرائي آهي.

22. نيو VIP جي بي سيريز ايڊيشن:

مرزا امام علي بيگ آفسر جي تاليف ڪيل، ڊيمي سائيز جي 1288 صفحن واري هيءَ لغت، گنج بخش ڪتاب گهر چوٽڪي گهٽي حيدرآباد، سنڌ طرفان محمد عمران قلندريءَ پهريون دفعو ڇپائي پڌري ڪئي آهي. مٿس سال ڄاڻايل ناهي. البته قيمت 200 روپيا لکيل اٿس.

23. پاڪيٽ اسٽوڊنٽس ڊڪشنري:

مشتاق مسرور باريچي صاحب جي تاليف ڪيل هيءَ لغت، ساجد علي پناڻ ڪمپوز ڪئي آهي ۽ يادگار پبلشرس، يادگار لين اردو

بازار حيدرآباد وارن، ڊيمي سائيز جي 856 صفحن تي ڇپائي پڌري ڪئي آهي. قيمت 80 روپيا اٿس. ڇپائيءَ جو سال ڄاڻايل ناهي.

## • سنڌي-انگريزي ڊڪشنريون

1. وي آءِ پي ڊڪشنري:

گنج بخش پبلشرس حيدرآباد طرفان جي بي سيريز تحت محترم لطيف الله سومرو کان تيار ڪرايل هيءَ لغت، ڊيمي سائيز جي 47 صفحن تي مشتمل، ڇيڄي پڌري تي آهي، مٿس سال ڄاڻايل ناهي.

2. نيو اقراء ڊڪشنري:

هدايت علي باريچي جي جوڙيل هيءَ لغت ڊيمي سائيز جي 560 صفحن تي اقرار پبلشرس، ڪوڪر محلہ گاڏي کاتو حيدرآباد طرفان ڇپايل آهي.

3. نيو ايج پاپولر آڪسفورڊ پريڪٽيڪل پاڪيٽ ڊڪشنري:

علي حسن چوهاڻ جي تيار ڪيل، ڪرائون سائيز جي 460 صفحن واري هن لغت کي اورينٽل بڪ سوسائٽي گنپت روڊ پيپر مارڪيٽ لاهور وارن ڇپرايو آهي.

4. GEM اسٽوڊنٽس ڊڪشنري:

ايم ثقلين پنو جي تيار ڪيل، ڊيمي سائيز جي 568 صفحن واري هيءَ لغت اظهر پبلشرس، 6 اردو بازار لاهور وارن ڇپرائي آهي. منجهس 138 سنڌي پهاڪن، چوڻين جا انگريزي نعم البدل پڻ ڏنل آهن.

5. دي پاڪ نيشنل ڊڪشنري:

آر ايڇ احمد اينڊ برادرس پبلشرس، اينڊ بڪ سيلرس، شاهي بازار حيدرآباد طرفان تيار ڪرايل، ڪرائون سائيز جي 364 صفحن واري هيءَ لغت ٻئي روائيزڊ ايڊيشن طور نشان پرنٽرز حيدرآباد ۾ سال 1970_71ع ۾ ڇپي.

6. دي پاڪ نيشنل پاڪيٽ ڊڪشنري:

غلام الرسول شاهه جي ترتيب ڏنل 552 صفحن واري لغت، جنهن ۾ 10400 لفظن جون معنائون ڏنل آهن. سال 58_1957ع دوران پهرين دفعو آر ايچ احمد اينڊ برادرس، بُڪ سيلرس، پبلشرس، اسٽيشنرس ۽ جنرل پيپرمرچنٽس شاهي بازار حيدرآباد طرفان شايع ٿي، ديباچو عبدالحسين ميمڻ صاحب جيڪو ان وقت ڊي ايل بي هاءِ اسڪول ميمڻ محلو ٽنڊو ڄام ۾ هيڊ ماسٽر هو جو لکيل آهي. منجهس انگن، پاڇين، ميون ۽ انگريزي سنڌي نام مالهائون پڻ ڏنل آهن. ان کان علاوه، انگريزيءَ جا سنڌيءَ ۾ گهر ڪري ويل لفظ Sindhised Words جي عنوان هيٺ پڻ ڏنا ويا آهن.

7. منير ڊڪشنري:

مشهور عالم دين، مولانا دين محمد اديب فيروز شاهيءَ جي نوجوان پٽ، محمد منير چنا وڪيل مرحوم (متوفي 1967_10_21) جي تيار ڪيل، ڪرائون سائيز جي 1127 صفحن واري لغت. راقم جي ذاتي لائبريريءَ ۾ ناقص حالت ۾ موجود آهي. اڳيان پنا ضايع ٿيل آهن. جنهنڪري ڇپائيءَ جي سال ۽ اداري جي وقتي طور تي ڄاڻ نہ ٿي ڏئي سگهجي.

8. نيو سنڌي ٽو سنڌي اينڊ انگلش ڊڪشنري:

امان الله ايم عباسي (پي ايچ ڊي بمبئي) ۽ ڊاڪٽر محمد فريد عباسيءَ جي سهڪار سان جوڙيل هيءَ لغت، نيو ميمڻ بڪ اسٽور نيم جي چاڙهي سکر وارن سال 1988ع ڌاري ڪرائون سائيز جي 560 صفحن تي پڪي جلد ۾ ڇپائي پڌري ڪئي آهي. آخر ۾ 170 سنڌي پهاڪن/ چوڻين جا انگريزي نعم البدل (Quotation & Proverbs) پڻ ڏنا ويا آهن.

9. سنڌي_انگلش ڊڪشنري:

ڊولامل بولچند (Dulamal Bulchand)، جيڪو ان وقت حيدرآباد جنرل لائبريريءَ ۾ لائبريرين هو اها لغت تيار ڪئي، جيڪا 1910ع ڌاري

ڊيمي سائيز جي 262 صفحن تي، ميري ويڌر اسٽيم پريس ڪراچي (رجسٽرڊ انڊر ائڪٽ XXV آف 1867ع) ۾ پهريون دفعو ڇپي.
ياد رهي ته ڊولامل بولچند، ان ڪان علاوه ٻين ٻن ڪتابن جو پڻ مصنف آهي.
(الف) انگلش-سنڌي ڊڪشنري English-Sindhi Dictionary
(ب) سنڌي مينوئل Manual of Sindhi

## • گهڻ زباني لغتون

1. **لساني رابطہ (اردو سنڌي، پشتو پنجابي ۽ بلوچي ڪي مشترڪ الفاظ):**

هي ڪتاب، پروفيسر پريشان خٽڪ جو ترتيب ڏنل آهي. ڊيمي سائيز جي 205 صفحن تي پکڙيل هن ڪتاب کي اپريل 1987ع ڌاري، مقتدره التصنيف، مقتدره قومي زبان 16 ڊي (غربي) بليو ايريا، ايف 6/1 اسلام آباد، ڪتاب نمبر :141 طور ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

2. **گائيڊ چار زبانين (پارٽ-I) ۽ اقبال پريڪٽيڪلز فور لئنگئيج پارٽ-II ۽ IV (اردو عربي، سنڌي، انگريزي):**

هي ڪرائون سائيز جي 212 ۽ 60 صفحن تي مشتمل ٻه ڪتاب، اقبال بن صديق قريشي سيوهاڻيءَ، اقبال پريڪٽيڪلز فار لينگويجز جي سري هيٺ حيدري پرنٽنگ پريس لجپت روڊ حيدرآباد سنڌ مان 1985ع ڌاري ٻئي ڇاپي طور ڇپائي پڌرو ڪيو. جڏهن ته پهريون ڇاپو 1963ع ڌاري اقبال بڪ ڊيپو سري گهاٽ حيدرآباد طرفان شايع ٿيو هيو. هن ڪتاب جي آخري 12 صفحن تي اٺن زبانن، بنگالي، گجراتي، پشتو فارسي، اردو عربي، سنڌي ۽ انگريزيءَ جا هم معنيٰ لفظ ڏنل آهن.

3. **60 لسنز انگلش اسپيڪنگ ڪورس (سنڌ ۽ اردو اچارن سان):**

علي محمد بلوچ، استاد غلامان عباس اسڪول، ماري پور روڊ ڪراچيءَ جي روزمره استعمال وارن لفظن تي انگريزي، اردو ۽ سنڌيءَ

واري هن ڪتاب کي اقبال بڪ ڊپو بوهري بازار ڪراچيءَ وارن 104 ڪرائون سائيز وارن صفحن تي ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

4. هفت زباني لغت:

هيءَ لغت ٽن مرتبن، اشفاق احمد، محمد اڪرم چغتائي ۽ فصل قادر فضلي صاحبان ترتيب ڏني آهي. ڊبل ڊيمي سائيز جي 802 صفحن تي مشتمل هن لغت ۾ ستن زبانن، اردو بنگلہ، بلوچي، پشتو پنجابي، سنڌي ۽ ڪشميريءَ جا هم معني لفظ ڏنا ويا آهن .

"پاڪستاني زبانون ڪان ارتقا" واري مقالي، جيڪو عبدالحق فريد ڪوٽيءَ لکيو آهي، سان گڏ ڪتاب جي مُنڍ ۾ بلوچي، پشتو سنڌي ۽ ڪشميري زبانن جا حروف تهجي ۽ اصوات ڏنا ويا آهن. هيءَ لغت اشفاق احمد. ڊائريڪٽر جنرل، اردو سائنس بورڊ، 299 اپر مال لاهور آگسٽ 1988ع ۾ ٻئي ڇاپي طور، سليم پيڪيجز ڪوٽ لکپت لاهور مان ڇپائي پڌري ڪئي آهي.

5. مرقع اقوال و امثال (اشاعت اول 1994ع):

عربي، فارسي، اردو سنڌي، پنجابي ۽ پشتو زبان جا جملي 25 هزار پهاڪا، چوڻيون ۽ ورجيسون، ڊبل ڪرائون سائيز 1008 صفحن تي يوسف بخاري دهلوي (مرحوم) جي تاليف ڪيل هيءَ لغت، انجمن ترقي اردو پاڪستان ڪراچيءَ طرفان ڇپجي پڌري ٿي آهي، منجهس موضوع وار پهاڪا ۽چوڻيون ڏنا ويا آهن.

6. ڪتاب انيس الطالبين يعني ٽه وايو (عربي-پارسي- سنڌي لغت):

ميان محمد بخش خان جو 1894ع ڌاري ترتيب ڏنل ڊيمي سائيزجي 38 صفحن وارو هيءَ ڪتاب منشي پوڪرداس تاجر ڪتب شڪارپور

اسلاميہ پريس لاهور مان 1902ع ۾ پٿي ڇاپي طور ڇپائي پڌرو ڪيو.

7. رفيق معلم:

محمد مراد ڪيهر متولن شڪارپور، رٽائرڊ ماستر جو تصنيف ۽ تاليف ٿيل هيءُ ڪتاب پهريون دفعو سال 1965ع ڊاري ڪرائون سائيز جي 354 صفحن تي مدينہ پرنٽنگ پريس لياقت روڊ لاڙڪاڻي مان شاهہ محمد عباسيءَ ڇپائي پڌرو ڪيو. منجهنس پنج ڇهہ هزار عربي ۽ فارسي لفظ جن کي اسان سنڌي سمجهي، لکون ۽ ڳالهايون ٿا. تن جون معنائون ڏنل آهن. ان کان علاوه هن ڪتاب ۾ عربي زبان جا شمسي ۽ قمري حروف، عربي الفاظن جا اشتقاق ۽ فارسي زبان جا اشتقاق بہ الڳ الڳ ڏنل آهن.

8. اڳياڙيون:

سنڌي اڳياڙين بابت، مرحوم عبدالرحمان چنا صاحب جي تيار ڪيل هن لغت جو قلمي نسخو راقم وٽ امانت طور رکيل آهي، منجهانئس چونڊ ڪري، ٻن قسطن جو مواد ماهوار ڪينجهر جي پڙهندڙن آڏو پڻ پيش ڪيو ويو آهي.

9. سُندس ٽرپليٽ ڊڪشنري:

ڊبل ڪرائون سائيز جي 815 صفحن واري انگريزي- انگريزي-سنڌي-اردو لغت، عبدالڪريم گبول ترتيب ڏني آهي. منجهس ٻاويهہ هزارن کان مٿي اندراج (Main Entrics) آهن. سندس Sundus انٽرپرائيز ڪراچيءَ وارن ڇپرائي آهي.

## • سنڌي لئنگويج اٿارٽي وٽ ڇپائيءَ لاءِ رکيل قلمي نسخا

1. سنڌي-سنڌي- انگريزي لغت

هيءَ لغت عبدالرشيد ميمڻ صاحب، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ واري هڪ جلدي لغت کي سامهون رکي، انگريزي داخلائن جي واڌاري

سان تيار ڪئي آهي.[5]

2. اسڪولي لغت:

اندازاً ڏهه هزار داخلائن واري هيءَ لغت آفتاب ابڙي تيار ڪئي آهي. منجهس پهرئين ڪلاس کان وٺي ميٽرڪ تائين جي سنڌي ڪتابن ۾ موجود ڏکين لفظن جون معنائون شامل آهن.

3. سماجياتي لغت:

پروفيسر تنوير جوڻيجو صاحب جي تيار ڪيل آهي.[6]

4. دريائي ٻوليءَ جي لغت:

هيءَ اصل ۾ المنواز رڪڻائيءَ صاحب جو ڪتاب "سنڌو درياءَ: ٻولي ۽ جيوت" آهي، جنهن ۾ دريائي ٻوليءَ بابت مختلف باب شامل آهن.[7]

5. علم سياست جي لغت:

خليل الرحمان شيخ جي تيار ڪيل آهي.[8]

6. قانون جي لغت:

خليل الرحمان شيخ جي تيار ڪيل آهي.[9]

7. براهوي- سنڌي لغت:

ڊاڪٽر داد محمد خادم بروهيءَ جي تيار ڪيل آهي.[10]

---

[5] سنڌي- سنڌي- انگريزي لغت 2006ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي. (رياضت)
[6] هيءَ لغت، سوشيالاجيءَ جي لغت عنوان سان، 2007ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي. (رياضت)
[7] هي ڪتاب اٿارٽيءَ طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. (رياضت)
[8] هي لغت اٿارٽيءَ طرفان ڇپائي پڌري ڪئي وئي آهي. (رياضت)
[9] قانون جي لغت جو پهريون ڇاپو 2007ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. (رياضت)
[10] سنڌي- براهوي لغت 2004ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي. (رياضت)

### 8. انگريزي-سنڌي لغت (پارن لاءِ):

خليل الرحمان شيخ جي تيار ڪيل آهي.

### 9. خاص لفظن ۽ اصطلاحن جي لغت:

عبدالخالق شهيد سومرو تيار ڪئي آهي، جنهن جي ايڊيٽنگ عبدالقادر جوڻيجو صاحب ڪري رهيو آهي.[11]

---

ضميمو-1، ڪينجهر مارچ 2001ع ۾ ڇپيل ۽ ضميمو-2، ڪينجهر ۾ ڇپيل آهي.

•

[11] هي لغت اٿارٽيءَ طرفان ڇپائي پڌري ڪئي وئي آهي. (رياضت)

تاج جويو

# سنڌي زبان ۾ لغت نويسي

سنڌي زبان ۾ لغت سازيءَ جا پيرا کڻجن ٿا تہ اُن جا آثار اسان کي سورهين صديءَ جي ابتدا ۾ ملن ٿا. ان ڏس ۾ سنڌ جي تاريخي اهميت واري شهر ٺٽي جي هڪ وڏي عالم، ڪاتب ۽ لغت نويس مُلا عبدالرشيد الحسني المدني التتويءَ (وفات 71_1670) جون عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ لکيل بہ لغتون اهم آهن، جن مان هڪ عربي- فارسي لغت "منتخب اللغات شاهجهاني" يا "راشدي عربي" سڏي ويئي آهي، جيڪا 40_ 1636ع ۾ لکي ويئي، ۽ مغل شهنشاهہ شاهجهان کي منسوب ڪئي ويئي هئي. هن لغت جا اڳتي هلي 1808ع، 1816ع ۽ 1836ع وارن سالن ۾ مولوي الله داد جي تصحيح ۽ ايمر- لوسرن جي مقدمي سان ڪلڪتي مان مختلف ڇاپا شايع ٿيا. هيءَ لغت 1835ع ۽ 1869ع ۾ لکنئو مان ۽ 1862ع ۾ بمبئيءَ مان پڻ شايع ڪئي ويئي. ملا عبدالرشيد جي ٻي لغت، فارسي – عربيءَ ۾ "فرهنگ راشدي" يا "راشدي فارسي" جي نالي سان عام طرح مقبول آهي، جيڪا هن 1653ع ۾ مڪمل ڪري، ان جو انتساب بہ مغل بادشاهہ شاهجهان کي ڪيو هو. هيءَ لغت، فرهنگ جهانگيري، فرهنگ سروري ۽ مجمع الفارس جي سوڌيل، سنواريل ۽ وڌايل صورت چئبي وجي ٿي. هن لغت کي بعد ۾ مولوي ذوالفقار عليءَ نظر مان ڪڍيو ۽ "اسپلٽ" جي مقدمي سان 75_ 1870ع ۾ ٻن جلدن ۾ شايع ڪئي ويئي. هن لغت جا قلمي نسخا، سنڌ يونيورسٽيءَ ۽ پنجاب يونيورسٽيءَ جي لئبررين ۾ موجود آهن.

مغل- ڪلهوڙا دور کان پوءِ اسان کي ٽالپر دور (1843_ 1783ع) ۾ "سنڌي- فارسي" ۽ "فارسي- سنڌي" لغتون قلمي مسودن جي صورت ۾ ملن ٿيون، ۽ اُهي سرڪاري عملدارن ۽ ڪورٽن جي لکپڙهہ لاءِ

گرمکيءَ يا ديوناگريءَ ۽ فارسي لپين ۾ لکيون ويون هيون. 1836ع ۾ هڪ انگريزدان ڊبليو. ايچ. واٿن (W.H.Wathen) ۽ 1843ع ۾ جارج اسٽئڪ (George Stack) سنڌي لفظن جون ٻه مختصر نامہ-مالهائون/ فهرستون (Vocabularies) لکيون. جيڪي" جرنل آف ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال، ڪلڪتي" ۾ شايع ٿيون. اهڙيءَ طرح آر. ليچ (R. Leech)، هند سرڪار جي آفيسن ۾ استعمال لاءِ هندستان جي ستن مکيہ زبانن جي لفظن جي هڪ نامہ- مالها/فهرست (Vocabulary) تيار ڪئي، جنهن ۾ سنڌي زبان جا لفظ بہ شامل هئا. هيءَ فهرست 1838ع ۾ بمبئيءَ مان شايع ٿي

اٿين محسوس ٿئي ٿو تہ انگريز دؤر ۾ ئي صحيح لغت نويسيءَ جي ابتدا ٿي آهي. هن دؤر ۾ سڀ کان اڳ اسان کي هڪ اهڙي لغت ملي ٿي، جيڪا آخوند عبدالرحيم "وفا" عباسيءَ "جواهر لغات سنڌي اڪيچار" نالي سان ترتيب ڏني هئي، جنهن ۾ سنڌي لفظ ۽ انهن جون فارسيءَ ۾ معنائون ڏنيون ويون هيون. سنڌي ٻوليءَ جي عظيم اسڪالر، محقق ۽ لغت نويس، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو رايو آهي تہ "هيءَ لغت لازمي طور انگريز دؤر ۾ تيار ڪرايل 'سنڌي- انگريزي' ۽ 'انگريزي- سنڌي' لغتن کان اڳ ۾ تيار ڪئي ويئي هوندي"

انگريز دؤر ۾ ملازمن، شاگردن، استادن توڙي پرڏيهي آفيسرن کي سنڌي سکڻ جي سهوليت مهيا ڪري ڏيڻ لاءِ "سنڌي- انگريزي" ۽ "انگريزي- سنڌي" لغتن جي ضرورت محسوس ٿي. ان ڏس ۾ سڀ کان اڳ اُن وقت جي حيدرآباد جي ڊپٽي ڪليڪٽر، ڪئپٽن جارج اسٽئڪ 1848ع ۾ "انگريزي- سنڌي" لغت لکي، جيڪا 1849ع ۾ بمبئيءَ مان شايع ٿي. هن جي تيار ڪيل "سنڌي- انگريزي لغت"، سر بٽرو ايلس ايڊٽ ڪري 1855ع ۾ ڇپارائي هئي. هي ٻيئي لغتون ديوناگري لپيءَ ۾ ڇپيون هيون. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي انهن ٻنهي لغتن کان پوءِ اهميت واري لغت، انگريز پادري ۽ عالم جي. شرٽ ۽ ٻن سنڌي عالمن

اڌارام ٿانورداس ميرچنداڻيءَ ۽ مرزا صادق عليءَ جي تيار ڪيل "سنڌي-انگريزي لغت" آهي، جيڪا 1879ع ۾ ڪراچي ايجوڪيشنل ڊپارٽمينٽ ڇپائي پڌري ڪئي هئي، ۽ اُها عربي- سنڌي لپيءَ ۾ هئي. اُن کانسواءِ لڪشمڻ وشنو پرانج پائيءَ 1868ع ۾ "سنڌي-انگريزي لغت" لکي ۽ ديوان ڪوڙيمل چندن مل کلناڻيءَ 1904ع ۾ "انگريزي- سنڌي لغت" لکي، جيڪي بيئي لغتون پڻ عربي- سنڌي لپيءَ ۾ هيون.

19 صديءَ جي شروعات ۾ پرمانند ميوارام رامچنداڻيءَ جون ٻه لغتون "سنڌي- انگريزي لغت" (1910ع ۾) ۽ "انگريزي- سنڌي لغت" (1933ع ۾) شايع ٿيون، جيڪي سنڌي لغت نويسيءَ جي ميدان ۾ تمام وڏي اهميت رکن ٿيون. هن جي سنڌي- انگريزي لغت ۾ پنجويهن هزارن جي لڳ ڀڳ سنڌي لفظن جون معنائون انگريزيءَ ۾ ڏنيون ويون آهن. هنن ٻنهي لغتن جي اهميت ۽ افاديت کي محسوس ڪندي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشوري ۽ ساهتيه اڪيڊمي دهليءَ ان جا نوان ڇاپا شايع ڪرايا آهن.

ان کان پوءِ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي تائين ڪيترين ئي ننڍين وڏين سنڌي- انگريزي ۽ انگريزي- سنڌي لغتون تيار ٿينديون رهيون، جن ۾ بولچند ڊولومل (1909ع)، کانچند نانواڻيءَ (1915ع)، جي.بي. آڏواڻيءَ (1917ع)، سچڻ سنگهه فتح سنگهه (1922ع)، نانڪرام ڌرمداس ميرچنداڻيءَ (1928ع)، موهن لال جوتسنگهه شاهاڻيءَ (1937ع)، آنندرام ٽي.شهاڻيءَ (1942ع) ۽ ڊبليو. اي شاهاڻيءَ (1942ع) جون ڊڪشنريون اهميت جوڳيون آهن. انهن مان وري آنندرام ٽي. شهاڻيءَ جي "سنڌي- انگريزي لغت" اڄ تائين وري وري سنڌ ۽ هند ۾ ڪيترائي ڀيرا ڇپجندي پئي رهي آهي.

پاڪستان جي قيام کان پوءِ سنڌ ۽ هند ۾ سنڌي- انگريزي، انگريزي- سنڌي، هندي- انگريزي- سنڌي لغتون ٻه ڇپيون آهن، جن ۾ ايم. ايچ رامچنداڻيءَ ۽ اي. ڊي لالواڻيءَ (1952ع)، ميمڻ عبدالحسين

(59_1957ع)، ديچند (1962)، واسواڻيءَ ۽ پريداس (1963ع)، ثناءُ الله شيخ (1967ع)، ايم. ايل خوبچندائيءَ (1968ع)، غلام اصغر ونڊير (1972ع)، امان الله عباسيءَ (1978ع)، سيد علي ڏني شاهه (1988ع) ۽ ٻين جون لغتون اچي وڃن ٿيون.

انگريزي ـ سنڌي لغتن ڪانسواءِ اردو- سنڌي ۽ سنڌي- اردو لغتن جي سلسلي ۾ ابن الياس سومري (51_1950ع) ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان (60_1959ع) جون لغتون اهم آهن. عربي ـ سنڌي لغتن ۾ وري حاجي محمود خادم (1975ع) ۽ غلام حسين جلباڻيءَ (89_1988ع) جي لغتن ڪانسواءِ ڪيترين عربي- سنڌي ۽ فارسي- سنڌي تلمي لغتن جا نشان پڻ ملن ٿا. علم طب جي سنڌي لغتن ۾ حڪيم پريداس (1935ع)، حڪيم محمد جعفر انصاريءَ (1946ع) ۽ حڪيم نياز همايونيءَ (1960ع) جون تيار ڪيل، سُوڏيل ۽ سنواريل لغتون اهميت جوڳيون آهن.

جيستائين نج سنڌي- سنڌي لغتن جو سوال آهي ته ان ڏس ۾ سنڌ جي عظيم اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نگرانيءَ ۽ تصحيح سان تيار ٿيل "جامع سنڌي لغات" (پنج جلد) انتهائي اهم لغت آهي، جنهن جي اهميت سبب ڪان اول 1940ع ۾ سائين جي. ايم. سيد محسوس ڪئي هئي، جيڪو اُن وقت سنڌ جو وزير تعليم هو ۽ جنهن "سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ" قائم ڪرايو هو. ان بورڊ، عالمن جي هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي، جنهن ڪيترن سالن جي عرصي کان پوءِ صرف پهرين ڇڱن اکرن (الف، ب، ٻ، ٻ) تي ڪم ڪيو. 1951ع ۾ جڏهن اِن بورڊ جي نئين سر تشڪيل "سنڌي ادبي بورڊ" جي نالي سان ڪئي ويئي، تڏهن ان وقت بورڊ جي نائب صدر سائين جي. ايم. سيد جي خصوصي ذاتي دلچسپيءَ سان ڊاڪٽر نبي

بخش خان بلوچ جي نگرانيءَ ۾ سنڌي لغت جو ڪم پيهر شروع ٿيو جنهن صاحب پنهنجن ڪيترن مددگارن ۽ تعلقي وار ڪارڪنن جي سهڪار سان ورهين جا ورهيه جاکوڙ ڪري هن عظيم منصوبي کي تڪميل تي پڄايو. هن وقت سنڌي زبان جي ان کان وڌيڪ ڪابه مستند جامع لغت موجود نه آهي. ان کانسواءِ هن وقت تائين ڇپيل لغتن ۾ جي. شرٽ جي "اکر ڏاتو" (1866ع)، جهمٽ مل نارومل وسٽائيءَ جي "وڻيپتي ڪوش" (1886ع)، پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جي "غريب اللغات" (1907ع)، مرزا قليچ بيگ جون تيار ڪيل لغتون: "لغات لطيفي" (1914) ۽ "لغات قديمي" (1924ع)، عبدالڪريم سنديلي جون تيار ڪيل لغتون، "تحقيق لغات سنڌي" (1963ع) ۽ "سچل لغت" (1984ع)، نجف علي شاهه ڪمتر نقويءَ جي "ٻاروچي ٻولي" (1984ع) ۽ ڊاڪٽر غلام قادر سومري جي "ٻٽن لفظن جي لغت" (1996ع) اهم لغتون آهن. ان کانسواءِ سنڌي اصطلاحن ۽ پهاڪن جون ويهارو کن اهم لغتون پڻ هن وقت تائين ڇپجي چڪيون آهن.

بهرحال سنڌي زبان ۾ لغت سازيءَ جو پهريون ۽ وڏو ڪارنامو "جامع سنڌي لغات" آهي، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ پنجن جلدن ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي ۽ جنهن جو سڄو سهرو ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي سر تي سونهي ٿو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جڏهن سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو چيئرمين (91-1994ع) رهيو ته هن سنڌي لغت بابت وڌيڪ تحقيق ۽ تاليف جو ڪم شروع ڪرايو. جنهن ۾ پهريون منصوبو "هڪ جُلدي مڪمل سنڌي لغت" جي تڪميل هئي. جيڪا ڊاڪٽر بلوچ صاحب، جون 1997ع ۾ مڪمل ڪري، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ کي ڇپائيءَ لاءِ ڏني ۽ اٿارٽيءَ 1998ع ۾ شاندار گيٽ اپ سان ڇپائي پڌري ڪئي. ان کان پوءِ تازو سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ،

## اردو سنڌي لغتون

| | | |
|---|---|---|
| 1. ابن الياس سومرو تصحيح محمد بخش واصف | نئين اردو سنڌي لغت: | 1950ع |
| 2. ابن الياس سومرو | اردو سنڌي لغت: | 1951ع |
| 3. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان | سنڌي اردو لغت: | 1959ع |
| 4. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان | اردو سنڌي لغت: | 1960ع |

## فارسي سنڌي لغتون

| | | |
|---|---|---|
| 1. آخوند عبدالرحيم عباسي: | "جواهر لغات سنڌي اڪيچار": | 1993ع |
| 2. عبدالغفور مفتون همايوني: | فرهنگ همايوني (قلمي) | |
| 3. فتح محمد. اي هالائي: | ڪشف الفيوض | |

## عربي سنڌي لغتون

| | | |
|---|---|---|
| 1. محمد حماد الله السنڌي هاليجوي: | الياقوت والمرجان في شرح غريب القرآن | 1975ع |
| 2. حاجي محمود خادم: | محمود اللغات (قلمي) | |
| 3 غلام حسين جلباڻي: | عربي سنڌي لغت (3 جلد) | 1988_90ع |

## علم طب جون سنڌي زبان ۾ لغتون

| | | |
|---|---|---|
| 1. حڪيم پريداس: | مخزن الدويات: | 1935ع |
| 2 حڪيم محمد جعفر انصاري: | فرهنگ جعفري يا تحفته الدويات | 1946ع |
| 3. نياز همايوني | فرهنگ جعفري (حڪيم محمد جعفر جي تصنيف کي وڌائي سڌاري ۽ سنواري تيار ڪيو ويو) 3 جلد | 1960ع |

* آخري ٽئي لغتون سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري وٽ موجود آهن. جن جي ڇپائي جو پروگرام آهي.

نوٽ: ان کانسواءِ هندستان جي مشهور لغت نويس، وشوناٿ، دنڪر نروڻي (پوني) مان "پارتيه ڪهاوت ڪوش" نالي هندي- انگريزي پهاڪن جي لغت، ٽن ڀاڱن ۾ 1967ع، 1979ع ۽ 1983ع ۾ ڇپائي پڌري ڪئي آهي، جنهن ۾ 1200 سنڌي پهاڪن جون معنائون، (انگريزيءَ ۾)، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب جون لکيل شامل ڪيون ويون آهن.*

(ڪتاب "هڪ جُلدي سنڌي لغت"، ليکڪ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڇاپو پيو 2006ع، تان ورتل)

●

* هن مواد جي تياريءَ ۾ ڊاڪٽر بلوچ جي "جامع سنڌي لغات"، "جواهر لغات سنڌي اکيچار" ۽ "هڪ جلدي سنڌي لغات" جي مهاڳن، سنتداس پنهومل ڪشنانيءَ جي ڪتاب "سنڌي پهاڪا ۽ محاورا" تي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ جي لکيل مهاڳ، مخدوم طالب المولي جي تيار ڪيل "لغات سنڌي مخففات" تي ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي لکيل مهاڳ، ۽ نئين زندگي (مارچ 1993ع) ۾ ڇپيل محبوب اختر پنهور جي مضمون "سنڌ ۾ لغت نويسيءَ جي مختصر تاريخ" مان مدد ورتي ويئي آهي. (ت د ج.)

ناسف علي شيراز

# سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۽ ببليو گرافي

(حصو پهريون)

[ نوٽ: اڄ کان ڏهه سال اڳ "سنڌ ۾ لغت نويسيءَ جي مختصر تاريخ" جي عنوان تي هڪ مقالو لکيو هوم جيڪو "نئين زندگي" جي مارچ 1993ع واري شماري ۾ شايع ٿيو. اُن مقالي ۾ مون پهريون دفعوا هو نظريو پيش ڪيو هو ته سنڌي لغت نويسيءَ جو آغاز عبدالرشيد ٺٽويءَ جي لکيل ٻن لغتن سان ٿئي ٿو. اُن کان علاوه مون مختلف ڪتبخانن جي ڪيٽلاگن ۽ ببليوگرافين جو مطالعو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ 73 سنڌي لغتن جي ڄاڻ حاصل ٿي سگهي. مقالو جڏهن شايع ٿيو ته اُن ۾ ڇپائيءَ جون تمام گهڻيون چُڪون نظر آيون ۽ ڪافي تاريخون به غلط ڇپجي ويون هيون. اُن ڪانسواءِ ڪي لغتون غلط عنوانن هيٺ پڻ اچي ويون. مثلاً آخوند عبدالرحيم جي لغت 'سنڌي-فارسي لغتن' جي عنوان هيٺ اچڻ کپندي هئي، پر اُن جي داخلا 'فارسي- سنڌي لغتن' هيٺ اچي ويئي. اهڙيءَ طرح "ساقي" سجاوليءَ جي لغت 'قلمي لغتن' جي عنوان هيٺ اچڻ کپندي هئي، پر اُها داخلا 'سنڌي لغتن' جي عنوان تحت اچي ويئي. ڪجهه لغتون غلط نالي سان ڇپجي ويون. جيئن 'راشدي عربي' ۽ 'راشدي فارسي'. اصل ۾ اُنهن جا صحيح نالا 'رشيدي عربي' ۽ 'رشيدي فارسي' آهن. ان مقالي کان پوءِ محترم تاج جويي جو مقالو "سنڌي زبان ۾ لغت نويسي: هڪ سرسري جائزو" رسالي "مهراڻ" 3/1999ع جي شماري ۾ شايع ٿيو. تاج پنهنجي مقالي جي ترتيب لاءِ منهنجي مقالي تان ڪافي استفادو ڪيو آهي. ساڳيو مقالو ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي مرتب ڪيل هڪ جلدي لغت ۾ پڻ ڏنل آهي. تاج جي مقالي کان پوءِ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جو مقالو

"مهراڻ" جي 2000/4ع پرچي ۾ "سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ" جي عنوان هيٺ ڇپيو. ڊاڪٽر جيٽلي سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ کي جامع انداز ۾ پيش ڪيو آهي. مقالي جي صفحي 54 تي ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو: "ممڪن آهي ته ڪن لغتن بابت مون کي معلومات حاصل نه ٿي سگهي آهي، اُنهن بابت جيڪڏهن ڪي سڄڻ منهنجي چارڻ ۾ واڌارو ڪندا ته شڪر گذار رهندس." ڊاڪٽر جيٽلي جي مضمون کي مد نظر رکندي مون پنهنجو اڳيون ليک نئين سر ترتيب ڏنو آهي ۽ اُن سان گڏ ڪافي واڌارا به ڪيا اٿم. مون پنهنجي طرفان پوري پوري ڪوشش ڪئي آهي ته هن ليک ۾ لغتن متعلق وڌ ۾ وڌ چارڻ شامل ڪري سگهان. پر يقيناً ڪن لغتن جو ذڪر هن ليک ۾ ٿي نه سگهيو هوندو جنهن لاءِ وڏي عرصي کان وئي وطن کان دور هئڻ جي حوالي سان معذرت ٿو گهران. ڏهن سالن جي عرصي دوران ڪي لغتون بيهر ڇپيون آهن ۽ ڪي نيون لغتون پڻ منظر عام تي آيون آهن. جن لغتن جو ذڪر اڳئين مقالي ۾ ٿي نه سگهيو هو تن جي چارڻ هن مقالي ۾ شامل آهي. اُنهن سڀني لغتن جو گڏيل تعداد 140 کان مٿي آهي، مون کي اُميد آهي ته ٻيو ڪو جاڪوڙي جوان هن موضوع تي قلم کڻي وڌيڪ لغتن سان موضوع ۾ واڌارو ڪندو. ن.ع.ش.]

دنيا جي ڪنهن به ٻوليءَ کي سمجهڻ لاءِ اُن جي علم صرف و نحو ۽ علم اللغته جو مطالعو تمام ضروري آهي. ڪا به ٻولي اوستائين پوريءَ طرح سمجهي نه سگهبي، جيستائين اُن ٻوليءَ جي محاورن، اصطلاحن، پهاڪن، چوڻين ۽ لفظن جي معنائن کي نٿو سمجهيو وڃي. اهو ان صورت ۾ ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن اُن ٻوليءَ جي لغتن جو مطالعو ڪيو وڃي. اُن کان علاوه مختلف دؤرن ۾ اُن ٻوليءَ جي لفظن ۾ جيڪي تبديليون ٿين ٿيون. انهن جو تقابلي جائزو ورتو وڃي ته جيئن لفظن اندر سمايل اونهي معنيٰ کي آسانيءَ سان سمجهي

سگهجي. مثلاً سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪجهه لفظ جيڪي اڳ استعمال ٿيندا هئا، هاڻ اُهي استعمال ۾ نٿا اچن. ڪيترن ئي لفظن جي لکڻيءَ ۾ بہ فرق اچي ويو آهي. اڳ اسين لفظ 'ڇپاءِ' لکندا هئاسين، هاڻ اُن کي 'ڇپائين' ڪري ٿا لکون. شاهہ جي دور جي ٻولي ۽ اڄڪلهہ جي مروج ٻوليءَ ۾ بہ ڪافي فرق آهي. اها تبديلي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ صحت لاءِ ضروري آهي. ٻوليءَ جي ترقيءَ جو مدار ٻوليءَ ۾ نون لفظن جي داخلا ٿيڻ تي آهي، جنهن سان ٻولي وڌيڪ شاهوڪار ٿئي ٿي. سنڌ جو لغت جو عالم محمد بخش واصف، "علم اللغته" جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو:

"هي اُهو علم آهي جنهن ۾ مفرد لفظن جي معنيٰ، حرفن جي تعداد ۽ پڙهڻي موجب ڏيکاري ٿي وڃي. هن علم جو مقصد اهو آهي تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي مطلب سمجهڻ ۾ غلطيءَ کان سلامت رهجي." (1)

ساڳيءَ طرح ڊاڪٽر جيٽلي لغت متعلق لکي ٿو:

"ڪنهن بہ ٻوليءَ جي اڀياس ڪرڻ لاءِ اُنهيءَ جي وياڪرڻ ۽ لفظن جي معنيٰ، اصطلاحن، محاورن ۽ پهاڪن جي معنيٰ جو علم هئڻ ضروري آهي." (2)

مٿي بيان ڪيل ٻنهي وصفن کي آڏو رکي چئي سگهجي ٿو تہ:

"علم اللغته اُهو علم آهي جنهن ۾ لفظن جي معنيٰ، محاورن، اصطلاحن، پهاڪن ۽ چوڻين جو مطالعو ڪيو وڃي ٿو تہ جيئن اُن ٻوليءَ جو اڀياس آسانيءَ سان ڪري سگهجي ۽ لفظن جي مطلب ڪڍڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جي غلطي جو امڪان نہ رهي."

هن علم سان لفظن جون نيون معنائون پڻ سامهون اچن ٿيون، جنهن سان لفظي ذخيري ۾ وسعت پيدا ٿئي ٿي ۽ واڌارو اچي ٿو. سنڌي ٻوليءَ ۾ لغت کي 'اڪيچار' چيو وڃي ٿو عربي ٻوليءَ ۾ هن کي 'لغت' سڏين، هنديءَ ۾ 'شبد ڪوش' لکن. فارسيءَ وارا هن کي 'فرهنگ' چون، تہ انگريزيءَ ۾ 'ڊڪشنري' سڏين.

مختلف ٻولين ۾ لغت جا نالا مختلف آهن. پر اهي سڀ لفظ هڪ ئي ڳالهه ٻڌائن ٿا، يعني ڏکين لفظن جي معنيٰ ڳولڻ. سڀ کان پهرين ڪهڙي لغت لکي ويئي؟ ان بابت وثوق سان ڪجهه چئي نٿو سگهجي. البت عربي ٻوليءَ ۾ لغت جو پهريون ڪتاب ابو عبيده معمر بن المثني جو لکيل آهي. (3). "واصف" لکي ٿو تہ ابو عبيده بصري جو رهاڪو هو. سال 112هہ يا 114هہ ۾ ڄائو ۽ سال 210 هہ يا 211هہ ۾ وفات ڪري ويو. (4). اردو ٻوليءَ ۾ سڀ کان پهرين لغت شايد امير خسرو جي لکيل آهي. (5). سنڌ اندر پهرين لغت ٺٽي جي مشهور تذڪره نويس ۽ مؤرخ مير علي شير "قانع" ٺٽوي(1140 هہ ـ1203/4هہ) جي "نصاب البلغا" آهي.

لسانيات جي ماهرن ڊڪشنرين کي ڪيترن ئي قسمن ۾ ورهايو آهي، جن مان ڪجهه هن ريت آهن:

(1) **"هڪ ٻوليءَ جون لغتون"** (Unilingual Dictionaries): اِن قسم جي لغتن ۾ صرف هڪ ٻوليءَ جا لفظ ۽ اُنهن جون معنائون ڏنل هونديون آهن. مثال: ڊاڪٽر بلوچ جي "جامع سنڌي-سنڌي لغت".

(2) **"ٻن ٻولين جون لغتون"** (Bilingual Dictionaries): اِن قسم جي لغتن ۾ ٻن ٻولين جا لفظ ۽ اُنهن جون معنائون ڏنل هونديون آهن: مثال: آنند رام. ٽي. شاهاڻيءَ جي "سنڌي- انگريزي لغت".

(3) **"ٽن ٻولين جون لغتون"** (Trilingual Dictionaries): اِن قسم جي لغتن ۾ ٽن مختلف ٻولين جا لفظ ۽ اُنهن جون معنائون شامل هونديون آهن. مثال: "فارسي-سنڌي-انگريزي لغت".

(4) **"گهڻين ٻولين جون لغتون"** (Polyglot Dictionaries): اِن قسم جي لغتن ۾ ٽن کان وڌيڪ ٻولين جا لفظ ۽ اُنهن جون معنائون ڏنيون وينديون آهن. مثال: "سنڌي-انگريزي-عربي-فارسي-اردو ٻوليءَ جي لغت".

(5) **"مختلف موضوعن/ مضمونن جون لغتون"** (Technical Dictionaries): اِن قسم جي لغتن ۾ ڪنهن خاص مضمون جي لفظن کي سهيڙيو ويندو آهي. مثال: زراعت جي لغت، طب جي لغت وغيره.

(6) **"سوانح حيات جون لغتون"** (Biographical Dictionaries): اِن قسم جي لغتن ۾ ڪنهن خاص خطي يا ڪنهن مخصوص دور جي شخصيتن جون سوانح عمريون ڏنل هونديون آهن. اُن قسم جي لغتن کي "قاموس المشاهير" بہ چيو ويندو آهي. دين محمد وفائيءَ جو "تذڪره مشاهير سنڌ" (3 ڀاڱا) ان قسم جي ڊڪشنري جو عمدو مثال آهي. ان تذڪري ۾ مولانا وفائي صاحب سنڌ جي 472 عالمن، صوفين ۽ درويشن جون سوانح عمريون الف- ب وار ترتيب سان ڏنيون آهن. اُن تذڪري کي "قاموس المشاهير سنڌ" بہ چئي سگهجي ٿو.

(7) **"تاريخي ترتيب وار واقعن جون ڊڪشنريون"** (Chronological Dictionaries): اِن قسم جي لغتن ۾ تاريخي واقعن کي وقت جي تعين مطابق ترتيب وار ڏيکاريو ويندو آهي. ايم. ايچ. پنهور جي لکيل "Chronological Dictionary of Sindh" ان قسم جي ڊڪشنريءَ جو عمدو مثال آهي.

(8) **"سائنسي اصطلاحن/لفظن جون ڊڪشنريون"** (Scientific Dictionaries): اِن قسم جي لغتن ۾ سائنسي اصطلاحن يا لفظن جي معنيٰ ڏنل هوندي آهي. اِن قسم جي ڊڪشنريءَ جو مثال ڊاڪٽر ايم. اي. قاضيءَ جي "Scientific Dictionary" آهي، جيڪا سال 1991ع ۾ شايع ٿي.

(9) **"لفظن جي اشتقاق جون ڊڪشنريون"** (Etymological Dictonaries): اِن قسم جي لغتن ۾ لفظن جا ڌاتو ڏنل هوندا آهن، جيڪي اصل ۾ ٻين ٻولين جا هوندا آهن، پر وقت جي گذرڻ سان گڏ اُن ٻوليءَ جو حصو بڻجي ويندا آهن. مثال: جهمٽمل نارو مل وسطائيءَ جو "وتپتي ڪوش" جيڪو سال 1886ع ۾ ڪراچيءَ مان شايع ٿيو. بعد ۾ سنڌي ادبي بورڊ اُن کي شايع ڪيو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ ڪيترين ئي لغتون شايع ٿيون آهن، جن ۾ هڪ ٻوليءَ جون لغتون، ٻن ٻولين جون لغتون، ٽن ٻولين جون لغتون، گهڻين ٻولين جون لغتون، تاريخي ترتيب وار ڊڪشنريون، سوانح حيات جون لغتون، سائنس جي لفظن جون ڊڪشنريون، وتپتي

ڪوش وغيره شامل آهن. اُنهن ڊڪشنرين يا لغتن جو مفصل تاريخي احوال ۽ اُنهن جو مختلف دورن ۾ تفصيلي جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

**سورهين صدي عيسويءَ ۾ سنڌي لغت نويسيءَ جو جائزو:**

سنڌ ۾ لغت نويسيءَ جا اوائلي آثار اسان کي سورهين صديءَ جي شروع ۾ ملن ٿا. جڏهن ٺٽي جي مشهور عالم، ڪاتب ۽ شاعر عبدالرشيد ٺٽوي بن عبدالغفور الحسيني المدني التتوي جون لکيل ٻه لغتون ملن ٿيون. اُنهن مان هڪ عربيءَ-فارسيءَ جي لغت "منتخب اللغات شاهجهاني" آهي ۽ فارسيءَ مان فارسيءَ جي لغت "فرهنگ رشيدي" آهي. اِهي ٻيئي لغتون هن بادشاهه شاهجهان ڏانهن منسوب ڪيون آهن. جن جو مختصر تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

**(1) منتخب اللغات شاهجهاني:**

سيد عبدالرشيد ٺٽوي (وفات: 71_ 1670ع) جو شمار هندستان جي چند مشهور عالمن ۾ ٿئي ٿو. سيد عبدالرشيد ٺٽويءَ پنهنجي لکيل ٻن لغتن جي ڪري گهڻو مشهور ۽ مقبول آهي. سندس پهرئين لغت "منتخب اللغات شاهجهاني" روزمره جي زندگي ۾ استعمال ٿيندڙ عربي لفظن جي فارسي ترجمي تي مشتمل ۽ هندستان ۾ "رشيدي عربي" جي نالي سان مشهور آهي. انگريز فهرست نگار بلاخمن (Blochman) هن لغت جي باري ۾ لکي ٿو ته سيد عبدالرشيد ٺٽويءَ هيءَ لغت 37_1636ع/1046هه ۾ مڪمل ڪئي ۽ بادشاهه شاهجهان ڏانهن منسوب ڪئي. آخر ۾ مصنف هن لغت جي مڪمل ٿيڻ جي ماده تاريخ هيٺئين فقري مان ڪڍي آهي:

<u>منتخب بي بديل</u>

1046 هه= 46_ 1092هه

هيءَ لغت مشهور عام عربي لغتن 'صحاح' (جوهري جي) 'قاموس' ۽ 'صراح' کي اڳيان رکي لکي ويئي آهي. مصنف اڳين

لغتن جي غلطين طرف ڌيان ڇڪايو آهي ۽ اُنهن کي درست ڪيو آهي. هيءَ لغت ايم. لوميسڊن (M.Lumsden) جي انگريزي مقدمي سميت 1808ع، 1816ع ۽ 1836ع ۾ ڪلڪتي مان شايع ٿي ۽ اُن جي تصحيح مولوي الهداد ڪئي. ان کانسواءِ 1835ع، 1845ع، 1869ع، 1877ع ۽ 1912ع ۾ لکنو مان شايع ٿي. هن لغت جو لکنو مان شايع ٿيل 1912ع وارو ڇاپو "غياث اللغات"سان گڏ شايع ٿيل آهي. ان کانسواءِ هيءَ لغت 1862ع ۽ 1879ع ۾ بمبئيءَ مان پڻ شايع ٿي. جان. ايچ. ٽيلر (John H. Taylor) 1816ع واري ڇاپي کي الف ب وار ترتيب ڏيئي شايع ڪيو جنهن لاءِ هن مقامي عالمن کان مدد ورتي. هيءَ لغت ڪانپور مان 1887ع ۽ 1890ع ۾ شايع ٿي. 1890ع وارو ڇاپو "غياث اللغات" سان گڏ شايع ٿيو. تهران مان هن جو ڇاپو 1874ع ۾ شايع ٿيو. (هن لغت متعلق تفصيل 'اسٽوري' جي انگريزي ڪتاب 'بائيو ببليوگرافي آف پرشن لٽريچر' تان ورتل آهي).

**(2) فرهنگ رشيدي:**

سيد عبدالرشيد ٺٽويءَ (وفات: 71_1670ع) جي هيءَ ٻي لکيل لغت آهي، جيڪا فارسيءَ مان فارسي زبان جي لغت آهي. عام طرح هن کي "رشيدي فارسي" چئجي ٿو. عبدالرشيد ٺٽويءَ هيءَ لغت 54_1653ع/1064هه ۾ مڪمل ڪئي. پهرين لغت جيان هيءَ لغت بہ هُنَ بادشاهہ شاهجهان ڏانهن منسوب ڪئي. هيءَ فارسي زبان جي پهرين لغت آهي، جيڪا تنقيدي اندازي ۾ لکيل آهي ۽ فارسي لغتن 'فرهنگ جهانگير'، 'فرهنگ سروري' ۽ 'مجمع الفارس' جي وڌايل ۽ سُڌاريل شڪل آهي. هن لغت کي 'رائل ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال' طرفان مولوي ذوالفقار علي ايڊٽ ڪري ٻن حصن ۾ ببليوٿيڪا انڊيڪا ۾ 75_1870ع ۾ شايع ڪيو. هن لغت

جو آخري ڇاپو تهران مان محمد عباسيءَ نظرثاني ڪري 1958ع ۾ ڇپايو آهي. آخر ۾ ضميمي طور سيد عبدالرشيد ٺٽويءَ جو لکيل هڪ ٻيو ڪتاب "معربات رشيدي" پڻ ڏنل آهي. ڊاڪٽر نذير احمد هي ڪتاب عبدالجليل بلگراميءَ ڏانهن منسوب ڪيو آهي. هن لغت جو هڪ قلمي نسخو سنڌ يونيورسٽيءَ جي لئبريريءَ ۾ ۽ ٻه قلمي نسخا پنجاب يونيورسٽي لاهور جي لئبرريءَ ۾ موجود آهن. اُن کان علاوه هندوستان جي مختلف ڪتبخانن ۾ پڻ هن جا قلمي نسخا موجود آهن. (هن لغت متعلق تفصيل 'استوري' جي انگريزي ڪتاب 'بائيو ببليوگرافي آف پرشن لٽريچر' تان ورتل آهي).

[ ناميارى اسڪالر مشفق خواجہ جي اهتمام سان گذريل سال اداره يادگار غالب ڪراچي طرفان "رساله معربات رشيدي" شايع ٿيو آهي، جنهن تي مرتب ڊاڪٽر عبداللستار صديقي ۽ تدوين مع اردو ترجمہ ڊاڪٽرمظهر محمود شيراني ڇاپايل آهي. — ادارو]

## 1700ع کان 1784ع دوران سنڌي لغت نويسيءَ جو جائزو:

سترهين صديءَ جي آخر ڌاري، سنڌ جي ناميارى مؤرخ ۽ تذڪره نويس مير علي شير قانع نہ صرف سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌ جي فارسي گو شاعرن جا تذڪره لکيا، پر اُن سان گڏ قاموس جي طرز تي لغت جو عظيم الشان ڪتاب "نصاب البلغا" جي نالي سان پڻ لکيو. مير صاحب هي ڪتاب سال 1198هہ تاريخ 14 رجب، خميس جي ڏينهن لکي پورو ڪيو (عيسوي تاريخ3 جون 1784 بيهندي). ڪتاب جا 185 صفحا آهن ۽ هن جو واحد نسخو مولانا محمد ابراهيم ڳڙهي ياسينيءَ جي ڪتبخاني ۾ آهي (6). (خدا ٿو ڄاڻي تہ هي ناياب نسخو هن وقت صحيح سلامت آهي يا اُڏوهيءَ جو کاڄ ٿي ويو!)

هن ڪتاب جو ذڪر پير حسام الدين راشديءَ ڪيو آهي ۽ تفصيل ڏيندي لکيو اٿس تہ "هي ڪتاب قاموس جي طرز تي لکيل آهي. هن ۾ نہ صرف عنوانن متعلق معلومات فراهم ڪئي ويئي آهي، بلڪ انهيءَ سلسلي جي سڄي لغت بہ ڏني ويئي آهي ۽ محاورا بہ ڏنا ويا آهن جنهن سان خود سنڌيءَ جي ڪيترن ئي متروڪ لفظن جو پتو پوي ٿو." (7).

راشدي صاحب اُن لغت جا عنوان بہ ڏنا آهن، جن کي ڏسي ائين محسوس ٿئي ٿو تہ هيءَ لغت زندگيءَ جي هر شعبي متعلق لفظن ۽ اصطلاحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ هر هنر متعلق لفظن جو وڏو ذخيرو شامل آهي. مثلاً پاڻيءَ ۾ رهندڙ جانورن جا نالا، طب ۽ جراحيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ اوزارن جا نالا، دوائن جا نالا، پاڃين جا قسم، ڪاڏن جا قسم، آچار جا قسم، سينگار جا قسم، وڻ ٻوٽا، نباتات وغيره. جيئن تہ راشدي صاحب اُن لغت ۾ سنڌي لفظن جو ذڪر ڪيو آهي، ان مان اندازو ٿئي ٿو تہ شايد هن لغت ۾ فارسي اکرن جي معنيٰ سنڌيءَ ۾ ڏني ويئي آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب يا پيرو ڪو صاحب هن لغت کي ايڊٽ ڪري شايع ڪري تہ اُنهيءَ وقت جي سنڌي لفظن متعلق گهڻي ڄاڻ حاصل ٿي سگهي ٿي.

## 1785ع کان 1849ع دوران سنڌي لغت نويسيءَ جو جائزو:

ٽالپرن جي دور ۾ انگريزن جو سنڌ ۾ اچڻ ٿيو. صديءَ جي شروعات ۾ ئي اُنهن جون اکيون سنڌ تي کُتل هيون تہ ڪهڙيءَ طرح بہ سنڌ تي قبضو ڪجي، جنهن ۾ هو آخرڪار 1843ع ۾ ڪامياب ٿيا. سنڌ تي قبضي ڪرڻ کان اڳ ۾ هنن هِتي جي ٻوليءَ ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جو چڱيءَ طرح اڀياس ڪيو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ هنن سنڌي ٻوليءَ متعلق چڱي خاصي معلومات حاصل ڪري ورتي. اهو ئي سبب آهي جو اُنهن سنڌي لفظن جي مختصر لغتن لکڻ جي شروعات بہ ڪئي.

وليم ارڪسائين (William Erksine) 1796ع کان 1810ع دوران انگريز آفيسرن جا دستاويز جمع ڪيا، جن ۾ هندوستان جي مختلف ٻولين (مرهٽي، سنڌي، ڪشميري، پشتو افغاني، چيني، جاوي وغيره) جا مختصر ذخيرا ۽ الف ب موجود آهن (8). اهي دستاويز انگريز عملدار ليفٽيننٽ ايف. اِروائين (F. Irvine) ۽ ٻين گورن آفيسرن جا لکيل ذاتي خط آهن. اُنهن دستاويزن ۾ ٻين ٻولين سان گڏ "سنڌي" لفظن جا مختصر ذخيرا پڻ موجود آهن. سنڌي ٻوليءَ جي آڳاٽن لفظن جا اِهي ذخيرا برٽش لئبرريءَ جي قلمي نسخن جي آن لائين ڪيٽلاگ ۾ نمبر (26605) تي موجود آهن.

ارڙهين صديءَ جي شروعاتي دور ۾ هڪ انگريز عالم James Prinsep (جيمس پرنسيپ 1799_1840ع)، جيڪو 'جرنل آف رائل ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال' جو ايڊيٽر هو تنهن سنڌي ٻوليءَ جو گرامر لکيو. جيڪو 1835ع ۾ بمبئيءَ مان شايع ٿيو. سنڌي ٻوليءَ جو اهو پهريون ڇپيل گرامر آهي. 1836ع ۾ ڊبليو. ايچ. واٿين (W.H. Wathen) جيڪو بمبئيءَ جو رهاڪو هو تنهن بہ سنڌي ٻوليءَ جو گرامر ۽ اُن سان گڏ لفظن جو مختصر ذخيرو جيڪو سنڌي- انگريزي ۽ انگريزي-سنڌي لفظن تي مشتمل هو. بمبئيءَ مان شايع ڪيو. واٿين جو سنڌي گرامر ڪلڪتي مان نڪرندڙ رسالي جرنل آف رائل ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال جي واليوم_6، (1837، ص 347_ 354) ۾ پيهر شايع ٿيو. ان کان علاوه رابرٽ ليچ (Robert Leech) هندوستان جي حڪومت لاءِ هندوستان جي ستن ٻولين ۾ لفظن جي هڪ لغت لکي، جنهن ۾ سنڌي ٻولي پڻ شامل هئي. اها لغت 1838ع ۾ بمبئيءَ مان شايع ٿي. سنڌي لفظن جو هڪ مختصر ذخيرو جي. بي. ايسٽوڪ پڻ لکيو جيڪو جرنل آف رائل ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال ۾ 1843ع ۾

شايع ٿيو. رابرٽ ليچ براهوي، بلوچي ۽ پنجابي ٻولين جي مختصر گرامر ۽ جي. بي. ايسٽوڪ (J.B. Eestwick) جي لکيل سنڌي لفظن جي مختصر ذخيري (Vocabulary) کي گڏي ڪتابي صورت ۾ ڪلڪتي مان 1849ع ۾ شايع ڪيو.

لڇمڻ مولچند خوبچنداڻي ڊڪشنرين جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته ٽالپر دور ۾ لکيل سنڌي-فارسي ۽ فارسي-سنڌي لغتون قلمي نسخن جي صورت ۾ موجود آهن. اهي قلمي لغتون ان وقت جي مکيه عملدارن ڪورٽن جي لکپڙهه ۽ پنهنجي سهولتن جي لاءِ لکيون، جيڪي عام طرح گُرمکي ۽ فارسي خط ۾ لکيل آهن. خوبچنداڻي صاحب انهن لغتن جو فقط ذڪر ڪيو آهي، پر ڪنهن به لغت جو نالو ناهي ڏنو ۽ نه ئي ڪو تفصيل ڏنو اٿس ته اهي ڪهڙيون لغتون آهن، ڪنهن جون لکيل آهن ۽ ڪٿي رکيل آهن (9).

## 1849ع کان 1899ع دوران سنڌي لغت نويسيءَ جو جائزو:

هن دور ۾ سنڌ اندر لغات لکڻ جي رجحان ۾ اضافو ٿيو. اهو سلسلو ان لاءِ به شروع ٿيو ته جيئن انگريز عملدارن کي سنڌي ٻولي سکڻ ۾ سولائي ٿئي (10). اِ ن مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ 'سنڌي – انگريزي' ۽ 'انگريزي-سنڌي' لغتون لکيون ويون. ان ميدان ۾ سڀ کان پهريائين حيدرآباد جي اُن وقت ڊپٽي ڪليڪٽر، ڪئپٽن جارج اسٽئڪ (وفات: ڊسمبر 1853ع) قدم کنيو ۽ "انگريزي- سنڌي لغات" لکي، جيڪا سندس حياتيءَ ۾ بمبئيءَ مان 1849ع ۾ شايع ٿي. اُن کان پوءِ سندس "سنڌي-انگريزي لغت" سندس وفات کان پوءِ اسسٽنٽ ڪمشنر مسٽر بي. ايچ. ايلس (1823-1887ع) ايڊٽ ڪري 1855ع ۾ بمبئيءَ مان شايع ڪئي. انهن ٻنهي لغتن ۾ اکر ديوناگري خط ۾ لکيل آهن. سندس سنڌي-انگريزي لغت ۾ 17 هزار سنڌي اکرن جون معنائون انگريزيءَ ۾ ڏنل آهن، ان کانسواءِ اکرن جي نشاندهي پڻ

ڪئي ويئي آهي تہ اُهي ڪهڙين ٻولين مان نڪتل آهن. (ڪئپٽن جارج اسٽئڪ طرفان پنهي ڪتابن لاءِ 'ديوناگري لکت' جي استعمال سبب اُن لپي کي هن وقت سنڌ اندر ڪو بہ پڙهي نٿو سگهي!) ساڳئي وقت سنڌ جي محقق ۽ عالم آخوند عبدالرحيم عباسي، سنڌي-فارسي لغت ("جواهر اللغات سنڌي اکيچار") مرتب ڪئي، پر فارسي ٻوليءَ جي گهڻ استعمال جي ڪري اُها لغت قلمي صورت ۾ رهجي ويئي (11). اُن لغت کي سنڌي ٻوليءَ جي باختيار اداري 1993ع ۾ شايع ڪيو آهي، جنهن لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جس لهڻي. ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي جي راءِ آهي تہ آخوند عبدالرحيم اِها لغت 1845-1851ع واري عرصي دوران لکي. اُن جي برعڪس ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو خيال آهي تہ آخوند عبدالرحيم هن لغت کي 1850-1870ع جي وچ واري دور ۾ مڪمل ڪيو. هن دور ۾ هڪ يورپي عالم ايٿرنگٽن (Etherington) زراعت متعلق مختصر لفظن جي فهرست (Vocabulary of Sindhi Agriculture Terms: Herbs and Drugs) تيار ڪئي. هيءَ فهرست جرمنيءَ مان 1855ع ۾ شايع ٿي (12).

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي انهن پنهي لغتن کان پوءِ، 1866ع ۾ هڪ انگريز مشنري عالم جارج شرٽ (1843-1887ع) "اکر ڌاتو" جي نالي سان مختصر لفظن جي هڪ لغت لکي، جنهن ۾ سنسڪرت ٻوليءَ مان نڪتل سنڌي لفظن جا ڌاتو ۽ اُنهن جون معنائون ڏنل آهن. هن لغت جو ٻيو ڇاپو 1893ع ۾ حيدرآباد مان شايع ٿيو. 1868ع ۾ لڪشمڻ وشنو پراجپئي "انگريزي-سنڌي لغت" مرتب ڪئي، جيڪا بمبئي مان ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ شايع ڪئي. لڳي ٿو تہ پراجپئيءَ کي سنڌي ٻوليءَ تي ڪافي عبور حاصل هو جو هُن اها لغت لکي آهي (يا هو پاڻ سنڌي هو يا هن جي سنڌي ٻوليءَ سان دلچسپي هئي). هن

ڊڪشنريءَ جون ڪاپيون برٽش لئبرري، آڪسفورڊ يونيورسٽي لئبرري ۽ آسٽريليا جي نئشنل لئبرريءَ ۾ موجود آهن.

اُن لغت جي شايع ٿيڻ جي ڪجهه وقت کان پوءِ جارج شرٽ ۽ ٻن سنڌي عالمن منشي اُڌارام ٿانورداس ميرچنداڻي (1833_1883ع) ۽ مرزا صادق علي بيگ (1845_1898ع) گڏجي "سنڌي_انگريزي لغت" لکي، جيڪا سنڌ ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ 1879ع ۾ ڪراچيءَ مان شايع ڪئي. هيءَ پهرين لغت آهي جيڪا عربي خط ۾ لکيل آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر جيٽلي لکيو آهي ته هن لغت جي تياريءَ ۾ هُنن آخوند عبدالرحيم عباسي (وفات: 1878؟) کان پڻ مدد ورتي. هن لغت ۾ تقريباً 21 هزار سنڌي لفظن جون معنائون انگريزي ٻوليءَ ۾ ڏنل آهن ۽ جهونن سنڌي لفظن جو وڏو ذخيرو شامل آهي.

جي. شرٽ (G. Shirt) "سنڌي_انگريزي لغت" کانسواءِ "انگريزي_ سنڌي لغت" به لکي هئي، جنهن جو قلمي نسخو اُن وقت پادري اي. ايچ. ايبيگل (A.H Abaigal) وٽ هو (13). پرمانند ميوارام جڏهن پنهنجون لغتون لکي رهيو هو تڏهن هن اُن نسخي مان به گهڻو فائدو حاصل ڪيو هو. هن وقت اُن قلمي نسخي متعلق ڪا به خبر ناهي ته ڪٿي آهي. پنجاب حڪومت جي هڪ انگريزي عملدار ايڊورڊ اوبرائن (Edward O'Brien)، "ملتاني_ پنجابي_ سنڌي" لفظن جي فهرست "گلوسري" لکي، جيڪا پنجاب حڪومت 1881ع ۾ لاهور مان ڇپائي پڌري ڪئي. اُن جو ٻيو وڌايل ڇاپو جي. ولسن (J.Wilson) ۽ هري ڪشن ڪيول جي تصحيح سان لاهور مان 1903ع ۾ شايع ٿيو (14). هيءَ پهرين تنقيدي انداز ۾ لکيل لغت آهي، جنهن ۾ ايڊورڊ اوبرائن، ملتاني لفظن جي ڀيٽ پنجابي ۽ سنڌي لفظن سان ڪئي آهي. سنڌ جي هڪ ٻئي عالم جهمٽمل نارو مل وسطانيءَ، جي. شرٽ

جي طرز تي "وِئتپتي ڪوش" جي نالي سان مختصر لفظن جو هڪ ڪوش لکيو جيڪو 1886ع ۾ حيدرآباد مان شايع ٿيو. اُن جو ٻيو ڇاپو 1904ع ۾ ڪراچيءَ مان ۽ ٽيون ڇاپو سنڌي ادبي بورڊ 1964ع ۾ شايع ڪيو. هن لغت ۾ پڻ سنسڪرت ٻوليءَ مان نڪتل سنڌي لفظن جا ڌاتو ۽ اُنهن جون معنائون ڏنل آهن.

**1900ع کان 1946ع دوران سنڌي لغت نويسيءَ جو جائزو:**

ويهين صديءَ جي شروعات ۾ سنڌ ۾ لغتن لکڻ جي رجحان ۾ اچا ٻه گهڻو اضافو ٿيو ۽ ڪيترين ئي ننڍيون وڏيون "سنڌي-انگريزي" ۽ "انگريزي-سنڌي" لغتون لکيون ويون، جن ۾ هندو عالمن جو وڏو حصو آهي. شڪارپور مان 1900ع ۾ "ماڊرن انگلش سنڌي ڊڪشنري" شايع ٿي، جنهن جا لکندڙ ٻه گريجوئيٽ هئا. 1901ع کان 1917ع تائين پريميئر ڪونسائز انگلش- سنڌي ۽ سنڌي- انگلش ڊڪشنري جا ڪيترائي ڇاپا نڪتا. ڏُولامل بولچند جي "انگلش-سنڌي ڊڪشنري" 1904ع ۾ شايع ٿي. اُن جو ٻيو ڇاپو مانگهر سنگهه مولچند لولواڻي نظرثاني ڪري حيدرآباد مان 1909ع ۾ منظر عام تي آندو. ڏُولامل بولچند جو "سنڌي – انگريزي ڪوش" ڪراچيءَ مان 1910ع ۾ شايع ٿيو. ڪوڙيمل چندنمل کلناڻيءَ (1844- 1916ع) جو "انگلش-سنڌي ڪوش" 1904 ۾ شايع ٿيو. ڊاڪٽر جيٽلي لکيو آهي ته سندس "سنڌي – انگريزي ڪوش" ٻه ڇپيل آهي، جنهن ۾ ڪيترائي الفاظ اهڙا آهن جيڪي شرٽ واري ڪوش ۾ ٻه ناهن (15). 1904ع کان پهرين ديوان روچيرام گجومل ڪرپالاڻي (1804-1901) ٻه "انگلش-سنڌي ڊڪشنري" لکي هئي، جيڪا قلمي صورت ۾ رهجي ويئي (16). 1914ع ۾ حيدرآباد مان نارائڻ سنگهه درياڏني ٺل "سري گرو گرنٿ صاحب جو ڪوش- پاڱو پهريون" ڇپائي پڌرو ڪيو. هن ڪوش ۾ گرمکي ٻوليءَ ۾ لکيل سکن جي پوتر ڪتاب گرنٿ ۾ آيل

ڏکين لفظن جون معنائون سنڌيءَ ۾ ڏنل آهن (17). منهنجي خيال ۾ هيءَ پهريون ڪوش آهي جيڪو گرمکي-سنڌي لفظن تي مشتمل آهي. کانچند ناواڻيءَ 1915ع ۾ حيدرآباد مان پاڪيٽ "انگلش-سنڌي ڊڪشنري" ڇپائي پڌري ڪئي. هن ڪوش جو ٻيو ڇاپو شڪارپور سنڌ مان 1928ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. حيدرآباد جي هڪ ٻئي عالم پوهومل ڪنول سنگهه جا لکيل ٻه ڪوش، "انگلش-سنڌي ڊڪشنري" ۽ "سنڌي-انگريزي ڊڪشنري" 1917ع ۾ حيدرآباد مان شايع ٿيا (18). اُنهن ٻنهي لغتن جا ٻيا ڇاپا پڻ حيدراباد مان شايع ٿيا. سچڻ سنگهه فتح سنگهه جي "پريميئر ڪونسائز سنڌي-انگلش ڊڪشنري" 1922ع ۾ حيدرآباد مان شايع ٿي. 1928ع ۾ ٽانڪرام ڏرمداس ميرچنداڻيءَ "اسٽئنبرڊ انگلش-سنڌي ڊڪشنري" شايع ڪئي، جنهن جو پهريون ڇاپو حيدرآباد مان ڇپجي پڌرو ٿيو.

"سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۾ پرمانند ميوارام رامچنداڻيءَ جو نالو نهايت اهم آهي. هن جون لکيل ٻه لغتون "سنڌي-انگريزي ڊڪشنري" (1910ع) ۽ "انگلش-سنڌي ڊڪشنري" (1933ع). سنڌي لغت نويسيءَ جي ميدان ۾ نمايان حيثيت رکن ٿيون ۽ اڄ تائين سنڌ ۾ مشهور آهن. پرمانند اِهي لغتون ڊسمبر 1904ع کان لکڻ شروع ڪيون. سندس خيال هو ته پهرين "انگلش-سنڌي ڊڪشنري" تيار ڪجي، جيڪا هن ڇهن سالن جي عرصي اندر تيار ڪري ورتي ۽ پريس ۾ ڇپائيءَ لاءِ موڪلي ڏني، پر ڪن سببن جي ڪري اها لغت شايع ٿي نه سگهي، جنهن کان پوءِ هن "سنڌي-انگريزي ڊڪشنري" طرف توجهه ڏنو ۽ سالن جي لڳاتار محنت کان پوءِ "سنڌي-انگريزي لغت" کي 1910 ۾ شايع ڪيو (19). هن لغت لکڻ ۾ هن حڪيم محمد جعفر جي فرهنگ جعفري، شرٽ جي انگلش-سنڌي ڊڪشنري (قلمي) ۽ سنڌي- انگريزي ڊڪشنري (ڇپيل)، ماستر سهجرام جي

سنڌي لغت (قلمي)، ڪوڙيمل چندن مل کلناڻيءَ جي سنڌي-انگريزي گلوسري (جنهن ۾ اهڙا لفظ شامل هئا جيڪي شرت جي لغت ۾ به نه هئا) ۽ ديوان روچيرام گجومل جي انگلش-سنڌي ڊڪشنري (قلمي) مان گهڻي مدد ورتي (20). پرمانند جي "سنڌي-انگريزي ڊڪشنري ۾ 25 هزار سنڌي لفظن جون معنائون انگريزيءَ ۾ ڏنل آهن. اهي لغتون سنڌ ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ هندوستان ۾ ساهتيه اڪيڊمي ٻيهر ڇپايون آهن.

اي. ٽي. شاهاڻيءَ جو نالو به سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۾ وسارڻ جهڙو ناهي. هن صاحب جون لکيل به ڊڪشنريون، "سنڌي-انگريزي ڊڪشنري" ۽ "انگلش-سنڌي ڊڪشنري" به سنڌ ۾ گهڻو مشهور ٿيون. اُنهن ڊڪشنرين جا ڪيترائي ڇاپا سنڌ ۽ هند ۾ ڇپبا رهيا آهن. اُن کانسواءِ ڊبليو. اي. شاهاڻيءَ جي پاڪيٽ سائيز "سنڌي-انگريزي ڊڪشنري" ۽ "انگلش- سنڌي ڊڪشنري" جا ٻه جلد 1942ع ۾ ڇپيا. اهي ڊڪشنريون سڪر مان ٻيهر ڇپيون آهن.

1844ع کان 1946ع واري عرصي دوران جيڪي لغتون لکيون ويون، اُنهن جو گهڻو تعداد سنڌي- انگريزي ۽ انگريزي-سنڌي ڊڪشنرين جو هو جن جو تفصيل مٿي ڄاڻايو ويو آهي. اُنهن ڊڪشنرين کان علاوه اُنهيءَ دور ۾ سنڌي عالمن "فارسي- سنڌي" ۽ "سنڌي-فارسي" لغتون پڻ لکيون، جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

**"سنڌي- فارسي" ۽ "فارسي - سنڌي" لغتون:**

آخوندعبدالرحيم عباسي سنڌ جو پهريون عالم آهي جنهن "سنڌي-فارسي لغت" لکي. هيءَ لغت هن 1850ع دوران لکي. فارسي ٻوليءَ جي گهٽ استعمال جي ڪري اها لغت قلمي صورت ۾ رهجي ويئي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 1993ع ۾ هن لغت کي ڇپايو آهي.

ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ مولوي هدايت الله هالائي پڻ شاهہ جي رسالي جي ڏکين لفظن جي معنيٰ فارسيءَ ۾ لکي، پر خبر نٿي پوي تہ هن اها لغت مڪمل ڪئي يا نہ (21). مولوي هدايت الله هالائيءَ جي لکيل "شاهہ جي رسالي" ۾ ڪافي سُرن جي هيٺان سنڌي ڏکين لفظن جون معنائون فارسيءَ ۾ لکيل آهن.

"فارسي- سنڌي" جي ڪا بہ مڪمل لغت ڪنهن بہ سنڌي عالم جي لکيل نظر نٿي اچي. البتہ چند مختصر فارسي- سنڌي لفظن جون لغتون لکيل آهن جن ۾ سنڌ جي مشهور غزل گو شاعر "مرتضائي" ٺٽوي (1843_1910ع) جي "فارسي- سنڌي" جي لغت آهي، جيڪا سندس قلمي ڪتاب "نجات القلوب" ۾ لکيل آهي (22). هن لغت ۾ تقريباً ٽي هزار فارسي لفظن جون معنائون سنڌيءَ ۾ ڄاڻايل آهن. اُن ڪانسواءِ مرتضائي "ترڪي-فارسي -سنڌي" لغت پڻ لکي، جيڪا پڻ ساڳئي ڪتاب "نجات القلوب" ۾ لکيل آهي. اُن جي لغت ۾ تقريباً هڪ هزار ترڪي لفظن جون معنائون فارسيءَ ۽ سنڌيءَ ۾ ڏنل آهن (23). ڇپيل لغتن ۾ "مجموعہ سہ نثر" مولوي عبدالڪريم جو لکيل آهي، جيڪو لاهور مان 1896ع ۾ شايع ٿيو. هيءَ مختصر لغت فارسي-سنڌي لفظن جي ذخيرن جو مجموعو آهي. هن لغت جي هڪ ڪاپي انڊيا آفيس لئبرري لنڊن ۾ موجود آهي (24). آخوند فتح محمد هالائيءَ جي لکيل فارسي- سنڌي لغت "ڪشف الغموض" جي نالي سان ڪراچيءَ مان شايع ٿي، جنهن ۾ ڇپجڻ جو سال ڏنل ناهي. هن لغت ۾ ڏکين فارسي مرڪب لفظن جي معنيٰ سنڌيءَ ۾ لکيل آهي (25). پوپٽي هيراننداڻيءَ هن لغت جي ڇپجڻ جو سال 1875ع ڄاڻايو آهي ۽ وڌيڪ لکيو آهي تہ هن لغت ۾ سنڌي لفظن جون معنائون عربيءَ ۾ ڏنل آهن (26). "جامع سنڌي لغت" جي تياريءَ وقت هيءَ لغت ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي اڳيان هئي، جنهن اهڙي داخلا انگريزيءَ ۾ پنهنجي لکيل

مهاڳ ۾ ڏني آهي ۽ لغت متعلق لکيو آهي تہ هن ۾ فارسي مرڪب لفظن جي معنيٰ سنڌيءَ ۾ ڏنل آهي. ان ڪري هن لغت کي فارسي- سنڌي لغت سمجهڻ گهرجي. مولوي عبدالغفور همايوني (1844ـ 1918ع) فارسي-سنڌي لغت لکڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ان کي مڪمل ڪري نہ سگهيو. اُن لغت جو اڻپورو قلمي نسخو سنڌالاجيءَ جي لئبرريءَ ۾ موجود آهي (27). سنڌ جي هڪ ٻئي عالم شاڪر، فارسي-سنڌي لغت "جنس نامہ" 1912ع/1330هہ ۾ لکي، ڪتاب "خزينتہ العلوم" اندر هڪ سلپ تي اُن لغت متعلق معلومات لکيل هئي. ٺٽي شهر جو "شاڪر" ٺٽوي (1853ـ1923ع) فارسي ۽ سنڌيءَ جو شاعر ٿي گذريو آهي، جيڪو سنڌ جي مشهور غزل گو شاعر "مرتضائي" ٺٽويءَ جو شاگرد هو. ٿي سگهي ٿو تہ هيءَ لغت اُن جي لکيل هجي. وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي.

مٿي ڄاڻايل لغتن کان علاوه فارسي ڪتابن جي ڏکين اکرن جون مختصر فهرستون (Glossaries) پڻ لکيون ويون آهن. وسڻمل ڪشنچند ملڪاڻي فارسي ڪتاب "حڪايات لطيف" جي 25 آکاڻين ۾ آيل ڏکين لفظن جي فهرست لکي، جيڪا 1901ع ۾ حيدرآباد مان شايع ٿي (28). اُن سان گڏ مصنف جي فارسي جي هڪ مختصر "وياڪرڻ" پڻ لکيل آهي. سکر جي هڪ عالم اُڌارام ڀوڄراج ٻاکرو پڻ ساڳي ڪوشش ڪئي ۽ فارسي ڪتاب "حڪايات لطيف" جي 25 آکاڻين ۾ آيل ڏکين لفظن جي فهرست لکي، جنهن ۾ انگريزي ۾ معنيٰ پڻ لکيل هئي (29). اِها مختصر لفظن جي فهرست سکر مان 1905ع ۾ شايع ٿي. ساڳئي شهر جي هڪ ٻئي عالم گل محمد خان، سيد اشرف عليءَ جي فارسي ڪتاب "سعد حڪايات" جي ٻهرين ڏهن آکاڻين ۾ آيل لفظن جي فهرست لکي (30). اُن ۾ فارسي اکرن جي معنيٰ سنڌيءَ ۽ انگريزيءَ

۾ ڏنل آهي. اُن سان گڏ عربيءَ جا واحد ۽ جمع پڻ لکيل آهن. گل محمد جي لکيل اها فهرست 1903ع ۾ سکر مان شايع ٿي. اها فهرست ۽ باڪرو جي لکيل فهرست انڊيا آفيس لئبرري ۾ موجود آهن.
مولانا علي محمد حقانيءَ جي "فرهنگ ڪريما" پڻ ڇپيل آهي. هن فرهنگ ۾ فارسي ڪتاب 'پندنامہ' جي ڏکين اکرن جي معنيٰ سنڌي ۽ اردو ۾ ڏنل آهي. هي ڪتاب لاڙڪاڻي مان شايع ٿيو (31). سنڌي عالمن فارسي-سنڌي ۽ سنڌي-فارسي لغتن کانسواءِ انگريزي-فارسي ۽ فارسي - انگريزي لغتون پڻ لکيون آهن. انهن ڪجهہ لغتن جي ڄاڻ حاصل ٿي سگهي آهي. هڪ ماڊرن پرشن-انگلش ڊڪشنري جا مؤلف اي. ٽي. شاهاڻي، ايم. جي شاهاڻي ۽ مولوي مير زمان آهن (32). هيءَ لغت سال 1938ع ۾ ڪراچيءَ مان شايع ٿي. اي. ٽي. شاهاڻيءَ جي پاڪيٽ انگلش- پرشن ڊڪشنري پڻ ڇپيل آهي، جنهن کي ايچ. آءِ. سيٺوني نظرثاني ڪري بمبئيءَ مان شايع ڪيو. ٻي لغت ماڊرن انگلش-پرشن ڊڪشنري آهي جيڪا ٽي. ايم. ٽڏاڻي 1914ع ۾ حيدرآباد مان شايع ڪئي (33).

**1947ع کان 2003ع دوران سنڌي لغت نويسيءَ جو جائزو:**

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌي لغت نويسيءَ جي ميدان ۾ چڱو اضافو ٿيو آهي. "سنڌي-انگريزي" ۽ "انگريزي- سنڌي" جون ڪافي لغتون شايع ٿيون آهن. اُنهن مان ڪي لغتون ٻيهر شايع ٿيون آهن، تہ ڪي وري نيون ڇپيون آهن. عبدالحسين ميمڻ جي "پاڪ نئشنل پاڪيٽ انگلش-سنڌي ڊڪشنري" 1953ع ۾ آر. ايچ. احمد ائنڊ برادرس طرفان حيدرآباد مان شايع ٿي. 1957ع ۾ غلام رسول شاھ جي "پاڪ نئشنل سنڌي-انگلش ڊڪشنري" حيدرآباد مان شايع ٿي. سکر مان ثناءُ الله شيخ جي "دي مهراڻ انگلش - سنڌي ڊڪشنري"

1967ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي. حيدرآباد مان محمد منير چنا جي مرتب ڪيل "منير سنڌي-انگلش ڊڪشنري" 1968ع ۾ شايع ٿي.

پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهه ۽ غلام اصغر ونڊير آفيس جي لکپڙهه لاءِ "انگلش-سنڌي ڊڪشنري" خيرپور ميرس مان 1972ع ۾ شايع ڪئي. ڊبليو. اي شاهاڻي جي "پاڪيٽ انگريزي سنڌي ڊڪشنري" عجائب اسٽورس سکر طرفان 1975ع ۾ ٻيهر شايع ٿي. پرمانند ميوارام رامچنداڻيءَ جي "سنڌي-انگريزي ڊڪشنري" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ٻيهر 1976 ۾ شايع ڪئي آهي. امان الله عباسي ۽ محمد فريد عباسي گڏجي "همدرد انگلش ٽو سنڌي ڊڪشنري" سکر مان 1977ع ۾ شايع ڪئي. ٻنهي صاحبن جي "نيو سنڌي ٽو سنڌي ائنڊ انگلش ڊڪشنري" ساڱئي شهر مان 1978ع ۾ شايع ٿي. سنڌ جي جهوني لغت نويس، آنندرام. ٽي. شاهاڻيءَ جي "انگلش ٽو سنڌي ڊڪشنري" (پرئڪٽيڪل آڪسفورڊ انگلش ٽو سنڌي ڊڪشنري) جي نالي سان پاڪيٽ سائيز ۾ حيدرآباد مان 1980ع ۾ شايع ٿي. هيءَ ڊڪشنري وڏي سائيز ۾ ٻيهر سکر مان 1982ع ۾ شايع ٿي. هن لغت جو هڪ ٻيو ڇاپو حيدرآباد سنڌ مان گنج بخش ڪتاب گهر طرفان 1990ع ۾ شايع ٿيو آهي. علي ڏني شاهه ۽ بشير احمد منگيءَ جي "يادگار انگلش ٽو انگلش ائنڊ سنڌي ڊڪشنري" يادگار پبلشرس 1988ع ۾ حيدرآباد مان ڇپائي پڌري ڪئي. هن ڊڪشنري جو ٻيو ڇاپو ساڱئي شهر مان سال 1992ع ۾ شايع ٿيو.

هن صديءَ جي ضخيم "ڪفايتس ڪامپريهينسو انگلش ٽو انگلش ائنڊ سنڌي ڊڪشنري" مسٽر عبدالرشيد ميمڻ جي مرتب ڪيل آهي. هيءَ ڊڪشنري ٽن جلدن ۾ 2002ع ۾ ڪراچيءَ مان شايع ٿي آهي. هڪ لک لفظن ۽ 3722 صفحن تي مشتمل هن معياري

ڊڪشنريءَ ۾ نون لفظن جو وڏو ذخيرو ڏنل آهي. (هن ڊڪشنري متعلق چارٽ مون کي انٽرنيٽ تان اخبار "ڊان" جي ذريعي پيئي). مسٽر عاصم رياض به شايد ڪونسائيز انگلش- سنڌي ڊڪشنري مرتب ڪري رهيو آهي، پر خبر ناهي ته هن اها ڊڪشنري مڪمل ڪئي آهي يا نه. (هن ڊڪشنري متعلق چارٽ به انٽرنيٽ تان پيئي).

سنڌ جي مشهور اشاعتي اداري سنڌيڪا اڪيڊمي (ڪراچي) جي روح روان مسٽر نور احمد ميمڻ تازو (2003ع) "انگلش- سنڌي" سنڌيڪا ڊڪشنري شايع ڪئي آهي، جنهن جا مرتب حيدر بخش، عزيز گوپانگ، آصف علي ابوبڪر ڪوسو غلام مصطفيٰ سولنگي آهن ۽ غلام قادر سومري چيف ايڊيٽر طور نظرثاني ڪئي. ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر جا فرائض نور احمد ميمڻ انجام ڏنا آهن. لغت جو هي دل آويز جلد 1056 صفحن تي مشتمل آهي.

1947ع کان 2003ع واري عرصي ۾ سنڌي-انگريزي ۽ انگريزي – سنڌي ڊڪشنرين کان علاوه سنڌي لغتون خاص طرح جامع سنڌي لغت، اردو- سنڌي ۽ سنڌي – اردو لغتون، عربي- سنڌي لغتون، ٽن يا ٽن کان وڌيڪ ٻولين ۾ لغتون ۽ ڪن خاص موضوعن تي ڊڪشنريون پڻ ڇپيون آهن. جن جو تفصيلي ذڪر هيٺ پيش ڪجي ٿو.

**(الف) سنڌي لغت:**

1835ع کان 1947ع تائين جيڪي لغتون لکيون ويون، اُنهن ۾ گهڻو تعداد "سنڌي-انگريزي" ۽ "انگريزي -سنڌي" لغتن جو هو سنڌيءَ مان سنڌي جي لغت اڃا تائين تيار ٿي نه سگهي هئي، ڪن خاص مقصدن لاءِ ڪي خاص لغتون لکيون ويون، جن ۾ جارج شرٽ جي "اکر ڏاتو" (1866ع) ۽ جهمٽمل نارومل وسٽائيءَ جي "وئتپتي ڪوش" (1886ع) اهميت جوڳيون آهن. اُنهن ٻنهي لغتن ۾ سنسڪرت ٻوليءَ مان نڪرندڙ سنڌي لفظن جا ڌاتو ڏنل آهن.

اهڙيءَ طرح شاهہ جي رسالي ۾ آيل ڏکين لفظن جون لغتون پڻ مرتب ڪيون ويون. مثلاً 1890ع ۾ ليلا رام وطن مل لالواڻي (1867ـ 1940ع) شاهہ لطيف جي حياتي ۽ ڪلام تي انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪتاب "دي لائيف، رليجن ائنڊ پوئٽري آف شاهہ لطيف" جي نالي سان ڇپايو جنهن جي ٻئي ڀاڱي ۾ هن رسالي ۾ آيل ڏکين لفظن جي معنيٰ انگريزي ٻوليءَ ۾ ڏني. شاهہ جي رسالي ۾ آيل ڏکين لفظن جي معنائن تي مشتمل لغت لکڻ جي هيءَ پهرين ڪوشش هئي. 1907ع ۾ ڀيرومل مهرچند آڏواڻي (1875ـ1950ع) "غريب اللغات" لکي، جنهن ۾ هن شاهہ جي رسالي جي پهرين ٽن سُرن جي ڏکين لفظن جون معنائون لکيون. ساڳي طرح مرزا قليچ بيگ (1853ـ1929) پڻ اهڙي قسم جي لغت "لغات لطيفي" جي نالي سان لکي، جيڪا 1914ع ۾ شايع ٿي. هن لغت ۾ مرزا صاحب سڄي رسالي جي ڏکين لفظن جون معنائون لکيون آهن. اُن کانسواءِ مرزا صاحب "لغات قديمي" پڻ لکي، جنهن ۾ هن سنڌ جي ڏهن ڪلاسيڪل شاعرن جي ڪلام ۾ آيل ڏکين لفظن جون معنائون ڏنيون آهن. اِها لغت 1924ع ۾ شايع ٿي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ (1883ـ1947ع) جڏهن "شاهہ جو رسالو" ٽن جلدن ۾ مرتب ڪيو تہ هن هر جلد جي آخر ۾ ڏکين لفظن جي فهرست ڏني. اهڙي ڪوشش محمد بخش واصف (1892ـ1952ع) پڻ ورتي. هن 1925ع ۾ "شرح لطيفي" جي نالي سان ڪتاب لکيو جنهن ۾ شاهہ جي رسالي جي سُرڪلياڻ جي بيتن جي شرح لکيل آهي. ڪتاب جي آخر ۾ هن ڏکين لفظن جي فهرست پڻ ڏني.

ايڏي وڏي عرصي گذرڻ جي باوجود بہ "سنڌي لغت" لکجي نہ سگهي، سنڌ جي چند عالمن ڪوشش ڪئي تہ سنڌي لغت تيار ڪئي وڃي. مثلاً هالا ورنيڪيولر اسڪول جي هيڊ ماستر سهجرام

تهلرام (1864ـ1934ع) 1904ع کان پهرين سنڌي لغت "سهج ڪوش" جي نالي سان لکي، جيڪا "سنڌي لغت" لکڻ جي پهرين ڪوشش هئي (34). هن لغت جو قلمي نسخو هن وقت سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ آف انڊيا جي آفيس ۾ موجود آهي. ڊائريڪٽوريٽ ڪوشش ڪري رهيو آهي ته هن لغت کي شايع ڪيو وڃي. پرمانند ميوارام 1904ع ۾ جڏهن "سنڌي-انگريزي" ۽ "انگريزي-سنڌي" لغتن لکڻ جو ڪم شروع ڪيو ته هن اُستاد سهجرام جي سنڌي لغت مان به گهڻي مدد حاصل ڪئي (35). ليلارام وطن مل لالواڻي "دي لائيف، رليجن اينڊ پوئٽري آف شاهه لطيف" ۾ لکيو آهي ته جڏهن آءُ ڪتاب لکي رهيو هئس ته منهنجي هڪ عزيز پين ڪتابن کان علاوه مون کي "نيو سنڌي ڊڪشنري" به ڏسڻ لاءِ ڏني، جنهن ۾ مون کي گهڻيون غلطيون نظر آيون (36). مولوي علي محمد مهيريءَ 1920ع ڌاري سنڌي لغت لکي، جيڪا مسودي جي صورت ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڊڪشنري آفيس ۾ موجود آهي (37). لالا هاساننڊ 1947ع کان پهرين سنڌي لغت لکي. ڊاڪٽر جيتلي لکي ٿو ته هن لغت جو قلمي نسخو تاراچند گاجرا وٽ هو. اُن جي گذاري وڃڻ کان پوءِ اُهو نسخو سندس پٽ بلديو گاجرا وٽ هو. هاڻي خبر ناهي ته اُهو ڪٿي آهي (38). مولوي علي محمد مهيري ۽ لالا هاساننڊ جي لکيل لغتن جا سپ اکر "جامع سنڌي لغت" ۾ شامل آهن. 1940ع ڌاري خليفي مير محمد ايم. گل محمد سنڌي زبان جي لغت لکي، جنهن جو قلمي نسخو علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب وٽ شاهه ولي الله اڪيڊمي جي لئبرريءَ ۾ موجود آهي (39). ساڳئي وقت غلام محمد "ساقي" سجاولي پڻ سنڌي لغت مرتب ڪئي. هن لغت ۾ اوڻيهه هزار سنڌي لفظ ۽ اُنهن جون معنائون ڏنل آهن (40). سنڌ جي هڪ ٻئي عالم محمد بخش واصف پنهنجي سر 1948ع کان پهرين سنڌي لغت لکڻ جي ڪوشش ڪئي (41). هن پهريان چار اکر ترتيب ڏنا، پر 1952ع ۾

سندس اوچتي وفات جي ڪري اها ڪوشش قلمي مسودي جي صورت ۾ رهجي ويئي.

1940ع ۾ اُن وقت جي وزير تعليم سنڌ، جناب جي. ايم. سيد جي تحرڪ تي سنڌ سرڪار "سنڌي ساهتيہ لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ" قائم ڪيو. اُنهيءَ بورڊ عالمن جي هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي، جنهن جي حوالي سنڌي لغت لکڻ جو ڪم سونپيو ويو. ڪاميٽيءَ جي ميمبرن ڪيترن ئي سالن جي ڪوشش ڪان پوءِ پهريان چار حرف (ا، ب، ٻ، ڀ) ترتيب ڏنا ۽ ڪوشش جي باوجود بہ اها لغت مڪمل تي نہ سگهي ۽ اجا تائين قلمي مسودي جي صورت ۾ سنڌي ڊڪشنري آفيس ۾ موجود آهي (42). هن مسودي جا سڀ اکر "جامع سنڌي لغت" ۾ شامل آهن. 1951ع ۾ سنڌي ساهتيہ لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ کي نئين سر تشڪيل ڏيئي اُن جو نالو ڦيرائي "سنڌي ادبي بورڊ" رکيو ويو. هن بورڊ سنڌي لغت لکڻ جو ڪم پنهنجي هٿ ۾ کنيو ۽ ان مقصد لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر علامہ آءِ. آءِ قاضي صاحب جي مهرباني سان هڪ "مرڪزي لغت آفيس" اولڊ ڪئمپس ۾ قائم ڪئي ويئي. بورڊ هن اسڪيم جو ڊائريڪٽر جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي مقرر ڪيو. جناب محمد بخش "واصف" سندس ابتدائي نائب جي حيثيت ۾ ٻانهن ٻيلي تي بيٺو (43). هن آفيس جنوري 1952ع کان سنڌي لغت تيار ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو. ڪم جو خاڪو تيار ڪيو ويو ۽ الف ب جو معياري چارٽ ٺاهيو ويو جنهن تي ڊاڪٽر بلوچ صاحب سان گڏ واصف صاحب جي بہ صحي هئي. ڪنهن زماني ۾ مون اُهو چارٽ لغت آفيس ۾ ٽنگيل ڏٺو هو هن وقت خبر ناهي تہ اُهو چارٽ اُت موجود آهي يا نہ. واصف صاحب هن ڪم کي مڪمل ڪرڻ ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ گهٽيءَ حد تائين پهريون جلد مڪمل ڪيو. سندس اوچتي وفات جي ڪري باقي رهيل ڪم سيد سردار علي شاهہ ۽ ٻين

اڳتي وڌايو ۽ ورندڙ سالن ۾ ڪل وقتي جاڪوڙي ۽ مخلص ڪارڪن اُستاد شيخ محمد اسماعيل ان ڪم ۾ گهڻو پاڻ موڪيو. ان طرح سان آخرڪار سالن جي اڻ ٿڪ محنت کان پوءِ هڪ "خالص سنڌي لغت" جو پهريون جلد 1960ع ۾ سنڌ واسين کي مليو. هيءَ لغت پنجن جلدن ۾ مڪمل ٿي آهي، جنهن لاءِ سنڌ جو جڳ مشهور هاڪارو عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هر طرح مبارڪباد جو مستحق آهي، جو سندس ئي بنيادي ۽ لاڳيتو ڪوشش سان ايڏو وڏو ۽ اهم ڪم پورو ٿيو آهي.

لغت اسڪيم جي ڪم ۾ ٻين متعدد جاڪوڙي تحقيقي ڪارڪنن سان گڏ سرڳواسي رائچند رانوڙ جو نالو به وسارڻ جهڙو ناهي، جو پاڻ سالن جا سال جفاڪشي ڪري ريگستان مان لغت بابت مواد ڪٺو ڪيائين. سرڳواسي بابت تاج جويو لکي ٿو: "سرڳواسي رائچند ورهين جا ورهيه محنت ۽ محبت سان پورهيو ڪري، سنڌي ادبي بورڊ پاران سنڌي لغت ۾ هٿ ونڊايو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ترتيب ڏنل لغت لاءِ ٿر جي لفظن جو ذخيرو سرڳواسي رائچند موجود ڪري ڏنو" (44). ساڳيءَ طرح نصير ناز ڪنڀر، سرڳواسي رائچند رانوڙ لاءِ لکي ٿو: "سندس ٻارهن سالن جي پورهيي رنگ لاتو ۽ جڏهن ڪتاب تاريخ ريگستان بورڊ شايع ڪيو ته اُن جي وڏي هاڪ ٿي، اُنهيءَ کان پوءِ پاڻ سنڌي لغت اسڪيم جي ڪم ۾ جنبي ويا. ٿر جي بيابان ۽ ڳوٺن مان وڏو مواد هٿ ڪري حيدرآباد پهچايائون" (45). ڊاڪٽر بلوچ صاحب "جامع سنڌي لغت" جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته: ".... خاص طور هيٺين صاحبن ڪافي محنت سان مقامي ٻوليءَ جو مطالعو ڪري، لفظن ۽ اصطلاحن جو ججهو مواد موڪليو... رائچند (چيلهار) ٿر جي ٻوليءَ جي لفظن ۽ اصطلاحن کي جمع ڪيو (46).

"جامع سنڌي لغت" کانسواءِ سنڌي ٻوليءَ جون ڪجهه ٻيون به مختصر لغتون شايع ٿيون آهن. ان ڏس ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي (1919_1990ع) جو نالو به وسارڻ جهڙو ناهي. ڊاڪٽر سنديلي به سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هو ڪافي عرصو سنڌي لغت آفيس ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو ٻانهن ٻيلي به ٿي رهيو ۽ لغت کي مڪمل ڪرڻ ۾ ڀرپور ساٿ ڏنائين. ڊاڪٽر سنديلي 1955ع ۾ "تحقيق لغات سنڌي" جي نالي سان ڪتاب لکيو جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي ڌاتن تي بحث ڪيل آهي. هن ڪتاب جا بعد ۾ ڪيترائي ڇاپا شايع ٿيا آهن. هن ڪتاب کانسواءِ ڊاڪٽر سنديلي "ڏهس نامو" (1971ع) "سامي ڌاتو ڪوش" (1978ع) ۽ "سچل لغات" (1984ع) جهڙا اهم ڪتاب لکيا آهن، جن ۾ گهڻي ڀاڱي سنڌي لفظن جي ڌاتن تي ويچار ڏنل آهن.

ڊاڪٽر سنديلي کان علاوه ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي "لاڙ جي لغات" نالي ڪتاب لکيو جنهن ۾ لاڙ پاسي ڳالهائڻ ۾ مروج لفظن کي سهيڙيو ويو آهي. اهو ڪتاب حيدرآباد مان 1975ع ۾ شايع ٿيو. سنڌي ادبي بورڊ طرفان 1976ع ۾ "سنڌي زبان جي بنيادي لغت" شايع ٿي. هن لغت ۾ اهڙن لفظن جون معنائون ڏنل آهن، جيڪي خالص سنڌي ٻوليءَ جا لفظ آهن. اُن ۾ "وڌايل بنيادي لغت" ۽ "ڪاروباري بنيادي لغت" پڻ شامل ڪيون ويون. جي اول سائڪلو اسٽائيل صورت ۾ وفاقي وزارت تعليم لاءِ تيار ڪيل هيون. اُنهن لغتن جا لکندڙ پير حسام الدين راشدي، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو ۽ سيد محمد صالح شاهه بخاري آهن. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ (1919_1993ع) "سنڌي مخففات" جي نالي سان لغت لکي، جيڪا سنڌي ادبي بورڊ 1991ع ۾ شايع

ڪئي. ڊاڪٽر غلام قادر سومري جي "سنڌي ٻٽن لفظن جي لغت" سنڌ جي ثقافت ۽ سياحت کاتي 1996ع ۾ ڇپي آهي. هن لغت ۾ سنڌي ٻٽن لفظن جو استعمال مثالن ذريعي سمجهايو ويو آهي. ان سان گڏ هن لغت ۾ سنڌي هم معنيٰ ۽ متضاد لفظن جو وڏو ذخيرو شامل آهي. ڊاڪٽر غلام قادر سومري جي "ساهتي جي لغت" پڻ قلمي صورت ۾ موجود آهي، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخي پرڳڻي ساهتيءَ ۾ ڪم ايندڙ لفظن، اصطلاحن، چوڻين ۽ پهاڪن کي مثالن ذريعي سمجهايو ويو آهي (هيءَ لغت شايد اڃا نہ ڇپي آهي).

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب "هڪ جلدي لغت" بہ تيار ڪئي آهي، جنهن جي اشد ضرورت هئي. اها لغت سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري 1998ع ۾ شايع ڪئي آهي. ساڳئي سال مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور مرزا قليچ بيگ جي لکيل "لغات لطيفي" کي ٻيهر شايع ڪيو آهي. هن لغت کي سيد علي رضا شاهہ بخاري نئين سر ترتيب ڏنو آهي. محترم تاج جويو جي لکت موجب هندوستان جي هاڪاري عالم گنگارام سمرات جي سنڌي چونڊ لفظن جي لغت "اسان کي متان وساريو" سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري 1999ع ۾ شايع ڪئي آهي (47). هن لغت ۾ سنڌي ٻوليءَ جا اهڙا لفظ ڏنل آهن جيڪي اڄڪلهہ جي مروج ٻوليءَ ۾ نٿا ڳالهائجن. ڊاڪٽر بلوچ صاحب شاهہ جي رسالي جي لغت "روشني" جي نالي سان تيار ڪئي، جنهن کي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري 2000ع ۾ شايع ڪيو. هن لغت جو ٻيو ڇاپو اٿارٽيءَ طرفان 2017ع ۾ ڇپايو ويو آهي. هن لغت ۾ شاهہ جي رسالي جي ڏکين لفظن ۽ اصطلاحن کي سهيڙيو ويو آهي. سنڌ جو نوجوان اديب ڊاڪٽر محبت ٻرڙو بہ سنڌي گرامر ۽ لغت تي ڪم ڪري رهيو هو. جنهن لاءِ انور آزاد ڪاناڻڙو لکي ٿو تہ: "سنڌي لغت بابت سندس ڪم کي ڏسندي داد ڏيڻ

ڪانسواءِ رهي نٿو سگهجي." (48). آزاد صاحب، ڊاڪٽر محبت جي لغت متعلق ڪيل ڪم جو ڪو تفصيل ناهي ڄاڻايو. البت ڊاڪٽر محبت جو لکيل "هڪ" عنوان تي مقالو نظر مان گذريو آهي، جيڪو "مهراڻ" 1997ع جي نمبر 3 ۽ 4 شماري ۾ شايع ٿيل آهي. هن مقالي ۾ محبت صاحب لفظ "هڪ" تي گرامر ۽ لسانيات جي حوالي سان سٺو بحث ڪيو آهي.

**(ب) اردو- سنڌي ۽ سنڌي- اردو لغتون:**

سنڌ جي ٻين لغتن کان علاوه 'اردو-سنڌي' ۽ 'سنڌي - اردو' لغتون پڻ لکيون ويون آهن. 'اردو-سنڌي' جي پهرين لغت ابن الياس سومري جي لکيل آهي، مصنف ڊاڪٽر نبي بخش صاحب جي مشوري سان نظرثاني ۽ صلاح صُلحي لاءِ محمد بخش واصف سان رجوع ڪيو. هيءَ لغت 1951ع ۾ حيدرآباد مان شايع ٿي (49).

'اردو-سنڌي' جي ٻي لغت ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي گڏيل ڪوشش آهي. هيءَ لغت 1960ع ۾ سنڌ يونيورسٽي طرفان شايع ٿي. هن لغت ۾ ويهن هزارن اردو لفظن جون معنائون سنڌيءَ ۾ ڏنل آهن. هن لغت جو ٻيو ڇاپو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي طرفان 1990ع ۾ شايع ٿيو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان گڏجي "سنڌي- اردو لغت" بہ لکي آهي، جا سنڌ يونيورسٽي طرفان 1959ع ۾ شايع ٿي. هن لغت ۾ چوويهہ هزار سنڌي لفظن جون معنائون اردوءَ ۾ ڏنل آهن. سنڌالاجيءَ جي طرفان هن لغت جو ٻيو ڇاپو 1979ع ۾ شايع ٿيو.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۽ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي گڏجي "اردو-سنڌي لغت" شايع ڪئي هئي. جنهن جو ٻيو

ڇاپو سنڌيڪا اڪيڊمي طرفان شايع ڪيو ويو آهي. هن لغت ۾ پنجاهه هزار اردو لفظن جون معنائون سنڌيءَ ۾ ڏنل آهن. هن لغت جو مؤلف عبدالستار بلوچ آهي ۽ اُن جا صفحا هڪ هزار کان مٿي آهن. (هن ڊڪشنري متعلق ڄاڻ انٽرنيٽ تان اخبار "ڊان" جي 10 فيبروري 2003ع واري پرچي ذريعي پيئي.)

**(ج) عربي -سنڌي ۽ سنڌي- عربي لغتون:**

سنڌ جي عالمن 'عربي – سنڌي' ۽ 'سنڌي- عربي' لغتون پڻ لکيون آهن، پر انهن جو تعداد گهڻو ڪونهي. سرفهرست جيڪا لغت آهي، سا پروفيسر غلام حسين جلبانيءَ جي "عربي-سنڌي لغت" آهي. هيءَ لغت سنڌالاجي، يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن اسلام آباد جي تعاون سان ٻن جلدن ۾ شايع ڪئي آهي. پهريون جلد 1988ع ۾ ۽ ٻيو جلد 1990ع ۾ حيدرآباد مان شايع ٿيو. پروفيسر غلام حسين جلبانيءَ جي شايد "سنڌي-عربي لغت" به لکيل آهي، پر اُن متعلق ڪا به معلومات حاصل ٿي نه سگهي آهي.

پروفيسر غلام حسين جلبانيءَ جي اُنهيءَ لغت کانسواءِ ٻي ڪنهن ڇپيل 'عربي-سنڌي لغت' متعلق ڪا ڄاڻ نه آهي، البت قرآن شريف ۾ آيل ڏکين عربي لفظن جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ تي مشتمل ٽن لغتن متعلق ڄاڻ حاصل ٿي آهي. اُنهن مان پهرين لغت محمد حماد الله هاليجوي (1880_1962ع) جي "لغت القرآن" ٻن جلدن ۾ ڇپيل آهي. پهريون جلد 1973ع ۾ "الياقوت والمرجان في شرح لغت القرآن" جي نالي سان ٽني عاقل مان ڇپجي پڌرو ٿيو. ٻيو جلد 1975ع ۾ "الياقوت والمرجان في شرح غريب القرآن" جي نالي سان ساڱئي شهر مان ڇپجي پڌرو ٿيو. جمعيت الشعراءِ سنڌ جي روح روان حاجي محمود خادم (1895_1960) جي تيار ڪيل "محمود

اللغات" سندس پوين وٽ قلمي صورت ۾ محفوظ آهي (50). ٽين لغت محمد بخش واصف (1892ـ1952ع) جي "غريب القرآن" جي نالي سان لکيل آهي. سندس پوين جي غفلت سبب اهو ناياب قلمي نسخو هاڻ اڻ لڀ آهي.

قرآن شريف جي مٿين ٽن لغتن کان علاوه لاڙڪاڻي جي پير نجي الله شاهه راشدي (1895ـ1984ع) جي عربي ٻوليءَ ۾ "فصيح اللغات و ضرب الامثال" جي نالي سان لکيل لغت موجود آهي (51). ڊاڪٽر حافظ عبدالغني پير نجي الله شاهه راشدي جي اُن لغت متعلق ڪو تفصيل ناهي ڏنو ۽ نه ئي اِها خبر آهي ته قلمي صورت ۾ آهي يا ڇپيل آهي. پير سيد محمد راشد رح روضي ڌڻي جو به شايد لغت ۾ ڪتاب "جمع الجوامع" نالي سان آهي، پر اُن متعلق وڌيڪ ڄاڻ حاصل ٿي نه سگهي آهي.

**(د) ٽن يا ٽن کان وڌيڪ ٻولين ۾ لکيل لغتون:**

سنڌ ۾ ٻن ٻولين کان علاوه ٽن ٻولين ۾ پڻ لغتون لکيون ويون آهن. ٽن ٻولين ۾ لغت لکڻ جي شروعات ٺٽي جي مشهور غزل گو شاعر "مرتضائي" ٺٽوي (1843ـ1910ع) ڪئي. هن 1875ع ۾ "ترڪي- فارسي-سنڌي" لغت لکي، جيڪا قلمي صورت ۾ سندس فارسي ڪتاب "نجات القلوب" ۾ لکيل آهي (52). هن لغت ۾ هڪ هزار ترڪي لفظن جون معنائون سنڌي ۽ فارسي ۾ ڏنل آهن. "مرتضائي" ٺٽويءَ جي ان لغت کان پوءِ پنجاب حڪومت جي انگريز عملدار ايڊورڊ اوبرائن (Edward O' Brien) "ملتاني- پنجابي-سنڌي" لفظن جي فهرست (گلوسري) لکي، جيڪا پنجاب حڪومت 1881ع ۾ لاهور مان ڇپائي پڌري ڪئي (53). اُن لغت کان پوءِ گل محمد خان، ملڪاڻي ۽ باڪرو جون لکيل "فارسي-سنڌي-انگريزي" جون مختصر فهرستون آهن، جن جو ذڪر تفصيل سان "فارسي-سنڌي" لغتن واري عنوان ۾ ڪيو ويو آهي.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ عبدالحسين ميمڻ جي "انگريزي- سنڌي- اردو" لفظن جي لغت (پاڪ ٽرپليٽ ڊڪشنري) حيدرآباد مان آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس طرفان 1959ع ۾ شايع ٿي. پاڪستان جي علائقائي ٻولين جي مشترڪ لفظن تي مشتمل لغتون پڻ شايع ٿيون آهن، جن ۾ سنڌي زبان بہ شامل آهي. صوبي سرحد جي عالم پريشان خٽڪ "اتوت لساني رابطہ" جي عنوان تحت لغت لکي، جنهن ۾ اردو، بلوچي، پشتو، پنجابي ۽ سنڌي ٻولين جي مشترڪ لفظن جون معنائون انگريزيءَ ۾ ڏنل آهن (54). هن ڊڪشنريءَ جو ٻيو وڌايل ڇاپو اسلام آباد مان 1987ع ۾ شايع ٿيو. اهڙي طرح اشفاق احمد، اڪرام چغتائي ۽ فضل قادر فضليءَ جي زير ادارت "هفت زباني لغت" پڻ شايع ٿي. هن لغت ۾ اردو، بلوچي، بنگالي، پشتو، پنجابي، سنڌي ۽ ڪشميري ٻولين جا هم معنيٰ لفظ ڏنل آهن. سنڌي لفظن جو ذخيرو پير حسام الدين راشدي ۽ نياز همايونيءَ جو سهيڙيل آهي. هيءَ لغت لاهور مان 1974ع ۾ شايع ٿي (55). شاهہ ولي الله اڪيڊميءَ ۾ "پنجتن" جي نالي سان لغت موجود آهي. مؤلف جي خبر پئجي نہ سگهي آهي. هن لغت ۾ فارسي، عربي، اردو ۽ انگريزي لفظن جي معنيٰ سنڌيءَ ۾ ڏني ويئي آهي (56). هندوستان ۾ بہ ٽن ٻولين ۾ سنڌي لغتون شايع ٿيون آهن جن جو ذڪر اڳتي ايندو.

## مختلف موضوعن يا خاص مضمونن جون لغتون:

سنڌ ۾ سنڌي-انگريزي، انگريزي-سنڌي، اردو-سنڌي، عربي- سنڌي لغتن کان علاوه ڪن خاص موضوعن يا مضمونن تي پڻ ڊڪشنريون ڇپيون آهن. جن ۾ زراعت جي لغت، ٽيڪنيڪل لفظن جي لغت، سائنسي لفظن جي لغت، طبي جي لغت وغيره شامل آهن. اُنهن لغتن جو تعداد ايترو گهڻو تہ ڪونهي، پر جيڪو ڪجهہ بہ آهي، سو سنڌي ادب جو اهم سرمايو آهي. اهڙين ڪن لغتن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

(1) **علم زراعت جون لغتون** (Agricultural Dictionaries) :

سنڌ جي زراعت متعلق بہ چند لغتون لکيون ويون آهن، جن ۾ مختصر لفظن جي فهرست هڪ يورپي عالم مسٽر ايٿرنگٽن (Mr. Etheringtion) جي لکيل آهي. اِها لغت "Vocabulary of Sindhi Agriculture Terms: Herbs and Drugs" جي نالي سان جرمنيءَ مان 1855ع ۾ شايع ٿي (57). هن لغت کان پوءِ ولنگڊن ڪيٽل فارم ملير ڪراچيءَ جي ائگريڪلچر مئنيجر ڪوڙومل چيتمل آڏواڻيءَ جي "Nomenclature of Sindh Crops" ڪراچيءَ مان 1925ع ۾ شايع ٿي. هيءَ لغت پنجن ٻولين ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ سنڌ جي فصلن جي نالن جي ڏسٽي ڏنل آهي (58).

سنڌ ائگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊي ڄام طرفان زراعت جي لفظن جي لغت پڻ ڇپيل آهي. هن جا لکندڙ محمد يوسف پنهور ۽ اي. ڪيو. انصاري آهن. هيءَ لغت 1985ع ۾ ڇپيل آهي، جنهن کي عام ڪرڻ جي ضرورت آهي. تاج جويي "هارپ جي لغت" جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو لکندڙ سيد محمد صالح شاهہ بخاري آهي. سندس لکت موجب هيءَ لغت ڇپائيءَ لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري وٽ قلمي صورت ۾ موجود آهي. جيڪا اٿارٽيءَ طرفان 2010ع ۾ ڇپائي پڌري ڪئي وئي آهي) (59).

(2) **تاريخي ترتيب وار واقعن جون ڊڪشنريون** (Chronological Dictionaries):

هن قسم جي لغتن ۾ تاريخي واقعن کي زماني مطابق ترتيب وار ڏيکاريو ويندو آهي. سنڌ جي تاريخي واقعن جي ترتيب وار ڊڪشنري "Chronological Dictionary of Sindh" ايم. ايچ. پنهور جي ترتيب ڏنل آهي. سنڌ ۾ پنهنجي نوعيت جي هيءَ پهرين ڊڪشنري آهي. هن ڊڪشنريءَ ۾ قبل مسيح کان وٺي جيڪي تاريخي واقعا سنڌ (يا هندوستان) اندر ٿيا آهن اُنهن جو سنن مطابق ذڪر آهي. پنهور

صاحب نهايت محنت طلب ڪم ڪيو آهي. سندس اهو تحقيقي پورهيو هميشه ياد رکيو ويندو.

**(3) علم طب جون لغتون:**

علم طب جي پهرين ڇپيل لغت حڪيم محمد جعفر انصاري جي "فرهنگ جعفري يا تحفة الادويات" آهي. "واصف" "خزينة العلوم" (جلد پهريون) ۾ هن لغت جو مختصر ذڪر ڪندي لکيو آهي ته هيءَ لغت طب ۾ استعمال ٿيندڙ لفظن جي معنيٰ تي مشتمل آهي (60). ڊاڪٽر جيٽلي "فرهنگ جعفري" جي ڇپجڻ جو سال 1935ع لکيو آهي، ان جي برعڪس ڊاڪٽر بلوچ 1946ع ڄاڻايو آهي. ٿي سگهي ٿو ته فرهنگ جعفري اُنهيءَ سال ٻيهر ڇپي هجي، جنهن ۾ ڪو شڪ ناهي، پر اصل ۾ هيءَ لغت 1904ع کان پهرين جي ڇپيل آهي. پرمانند ميوارام 1904ع ۾ جڏهن سنڌي– انگريزي ۽ انگريزي– سنڌي ڊڪشنريون لکڻ شروع ڪيون ته فرهنگ جعفريءَ مان به گهڻو لاڀ حاصل ڪيائين. مهاڳ ۾ ٻين ماخذن جو ذڪر ڪندي "فرهنگ جعفري" جو نالو به ڏنو اٿس، اُن مان ظاهر ٿئي ٿو ته فرهنگ جعفري جو پهريون ڇاپو 1904ع کان به آڳاٽو ڇپيل آهي. (61). وڌيڪ نياز همايونيءَ جو ڪتاب "سنڌ ۾ طب جي تاريخ " ڏسڻ گهرجي، جنهن ۾ ٿي سگهي ٿو ته نياز صاحب فرهنگ جعفريءَ جو تفصيل سان ذڪر ڪيو هجي ۽ ٻيءَ به ڪنهن طبي لغت جي ڄاڻ ڏني هجي. حڪيم نياز همايوني فرهنگ جعفري کي وڌائي نئين سر ترتيب ڏيئي، ٽن جلدن ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان 61–1960ع ۾ شايع ڪيو آهي. (62).

فرهنگ جعفريءَ کانسواءِ طب ۾ استعمال ٿيندڙ لفظن جي ٻي لغت حڪيم پرياداس جي "مخزن الادويات" آهي، جيڪا 1935ع ۾ ڪراچيءَ مان ليٿو ۾ شايع ٿي (63). ڊاڪٽر بلوچ "جامع سنڌي

لغت" جي تياريءَ وقت هن لغت مان پڻ فائدو ورتو. اُن کان علاوه حڪيم محمد حسين جعفريءَ جي "الادويات تحفة المعروف فرهنگ جعفري" بہ شايد علم طب جي لفظن جي لغت آهي. هيءَ فرهنگ، محمد عظيم اينڊ سنس شڪارپور مان 1970ع ۾ شايع ڪئي (64). انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي لئبرريءَ ۾ مولوي عبدالغفور همايونيءَ جي چند ورقن تي مشتمل فارسي – سنڌي لغت "فرهنگ همايوني" جي نالي سان موجود آهي (65). ٿي سگهي ٿو تہ هيءَ اُها ساڳي لغت هجي، جنهن جو ذڪر انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي قلمي نسخن جي ڪيٽلانگ ۾ نمبر 320 تي "فرهنگ سنڌي" (متعلقات طب) جي نالي سان ڪيل آهي.

(4) **سوانح حيات جون لغتون** (Biographical Dictionaries):

سوانح عمرين يا آتم ڪٿائن متعلق بہ چند لغتون لکيون ويون آهن. مولانا دين محمد وفائيءَ جو "تذڪره مشاهير سنڌ" (3 جلد) هن قسم جي ڊڪشنريءَ جو عمدو مثال آهي. هن تذڪري ۾ وفائي صاحب سنڌ جي 472 عالمن، صوفين ۽ درويشن جون سوانح عمريون 'حروف تهجي' تحت ڏنيون آهن. هن تذڪري کي "قاموس المشاهير سنڌ" بہ چئي سگهجي ٿو. ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ترتيب ڏنل "سنڌي ليکڪن جي ڊائريڪٽري" بہ الف ب وار ترتيب سان ڇپيل آهي. هن ۾ ڪل 240 سنڌي ليکڪن جي جنم، وفات ۽ سندن ادبي ڪم متعلق داخلائون ڏنل آهن. هيءَ بہ هڪ قسم جي ڊڪشنري آهي. 1989ع ۾ لال پشپ، انگريزيءَ ۾ "انڊيا جا چند مشهور سنڌي" جي عنوان تحت ڪتاب ڇپايو آهي، جنهن ۾ هندستان ۾ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ نامور سنڌي شخصيتن جون جنم ساکيون ڏنل آهن (66). گنگارام سمراٽ ۽ ڄيٺي

لالواڻيءَ گڏجي "گجرات سنڌي ليکڪ واقفيت ڪوش" 1990ع ۾ ڇپايو آهي. هن ڪوش ۾ گجرات ۾ رهندڙ سنڌي ليکڪن جا جيون چرتر ڏنل آهن (67). هندستان جي هڪ ٻئي اديب موتي لال جوتواڻيءَ سنڌي ادب متعلق ڊڪشنري لکي آهي، جيڪا "ڊڪشنري آف سنڌي لٽريچر" جي نالي سان 1996ع ۾ ڇپي آهي. هن ڊڪشنريءَ جو ٻيو وڌايل ڇاپو 2000ع ۾ شايع ٿيو آهي (68). ڊاڪٽر جيٽلي هن لغت متعلق لکي ٿو ته هن ڊڪشنري ۾ الف بي وار ترتيب مطابق سنڌي ليکڪن، سنڌي ڪتابن، سنڌي شاعرن ۽ سندن ڪم متعلق داخلائون ڏنل آهن. اُن کان پوءِ هن ڊڪشنريءَ ۾ ورهاڱي کان اڳ جي ليکڪن جو به ذڪر ڪيل آهي (69).

(5) **علم سائنس جون لغتون** (Scientific Dictionaries):

سنڌ ۾ سائنسي اصطلاحن يا لفظن متعلق پهرين ڊڪشنري ڊاڪٽر شمس الدين تنئي جي "جديد سائنٽيفڪ ڊڪشنري" جي نالي سان لکيل آهي، جا 1987ع ۾ شايع ٿي (70). هن ڊڪشنريءَ کان پوءِ ڊاڪٽر ايم اي قاضيءَ جي (Scientific Dictionary) آهي. جيڪا 1991ع ۾ شايع ٿي (71). شاهجهان قريشيءَ جي "سنڌي علمي لفظن جو ذخيرو" ۾ سنڌي ٽيڪنيڪل لفظن کي جمع ڪيو ويو آهي. اصل ۾ هي ايم اي لاءِ لکيل مونو گراف آهي، جيڪو سنڌيونيورسٽيءَ جي امتحان لاءِ 1965ع ۾ لکيو ويو (72). سنڌ يونيورسٽيءَ جي شعبہ ڪيميا جي پروفيسر ڊاڪٽر سيد وڏل شاهہ جي ڪيميا جي لفظن متعلق ڊڪشنري لکيل آهي، جا 1974ع کان پهرين جي لکيل آهي ۽ قلمي صورت ۾ آهي (73).

**ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ سنڌي لغت نويسيءَ جو جائزو:**

ورهاڱي کان پوءِ سنڌي هندو وڏي تعداد ۾ لڏي ويا، جن ۾ اديب به شامل هئا. ڀارت ۾ وڃڻ کان پوءِ هنن اُتي بہ سنڌي ٻوليءَ جي جوت

ڪي روشن رکيو ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي قومي ٻولين ۾ تسليم ڪرايو. لغت جي ڪيتر ۾ ٻه هنن چڱو ڪم ڪيو آهي ۽ ڪيترين ئي نيون ڊڪشنريون شايع ڪرايون آهن. اُن کان علاوه ڪن پراڻين ڊڪشنرين کي ٻه ٻيهر شايع ڪرايو آهي. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب ڀارت ۾ سنڌي ڪوشن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. هت مختصر اُنهن جو ذڪر ڪجي ٿو.

سڀ کان پهريائين اي ڊي لالواڻي ۽ ايم ايڇ رامچنداڻي گڏجي "ويهين صدي جي انگريزي – سنڌي ڊڪشنري" بمبئي مان 1952ع ۾ شايع ڪئي (74). اي ڊي لالواڻي جي "انگلش–سنڌي پاڪيٽ ڊڪشنري" ٻه ڇپيل آهي، پر اُن جي ڇپائيءَ جي سال جي خبر پئجي نه سگهي آهي. آنند رام ٽي شاهاڻي جي سنڌي- انگريزي ۽ انگريزي- سنڌي جا ٻه ڪيترائي ڇاپا بمبئي مان شايع ٿيا آهن. آنندرام ٽي شاهاڻيءَ جي "هندي–انگريزي" ۽ "انگريزي-هندي" ڊڪشنريون پڻ ڇپيل آهن. ساڳيءَ طرح ڊبليو اي شاهاڻيءَ جي "دي پاڪيٽ سنڌي – انگلش ڊڪشنري" جا ٻه ڪيترائي ڇاپا بمبئي مان ڇپيا آهن. نامياري عالم لڇمڻ مولچند خوبچنداڻي ٻه سنڌي لغت نويسيءَ ۾ چڱو ڪم ڪيو آهي. سندس "جامع سنڌي – انگريزي ڊڪشنري" جو پهريون جلد 1968ع ۾ پونا شهر مان شايع ٿيو (75). ٻيو جلد ڪافي عرصي کان پوءِ ساڳئي شهر مان 1981ع ۾ شايع ٿيو (76).

پرمانند ميوارام جي "نئين انگريزي – سنڌي ڊڪشنري" ساهتيہ اڪيڊمي طرفان 1971ع ۽ 1981ع ۾ شايع ٿي (77). اُن جو ٽيون ڇاپو 2000ع ۾ شايع ٿيو آهي. جارج اسٽئڪ (وفات: ڊسمبر، 1953ع) جي انگريزي-سنڌي ڊڪشنري ايشيئن ايڊيوڪيشنل سروس، دهلي طرفان 1986ع ۾ ٻيهر شايع ٿي آهي (78). لڇمڻ پرسرام هردواڻي "مراٺي – سنڌي شبد ڪوش" بمبئيءَ مان 1991ع ۾ ڇپايو ۽ سندس

"سنڌي – مراٺي شبد ڪوش" احمد نگر مان 1995ع ۾ شايع ٿيو (79). سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ آف انڊيا "هندي – سنڌي ويهوار ڪوش" 1984ع ۾ دهليءَ مان شايع ڪيو (80). 1994ع ۾ تيج قابل جو تيار ڪيل "شاهه جي رسالي جو ڪوش" شايع ٿيو. هن ڪوش ۾ رسالي جي اهنجن لفظن کي سهيڙيو ويو آهي (81). ڪنهيا لال ليکواڻي جو "بنيادي سنڌي – هندي شبد ڪوش" 1995ع ۾ شايع ٿيو (82).

ٻن ٻولين کانسواءِ ٽن ٻولين ۾ بہ شبد ڪوش شايع ٿيا آهن، جنهن ۾ پهرين شبد ڪوش، ديپچندر تلوڪچند، ديوتا ڪنديرام شرما ۽ پريداس برهمچاريءَ جو "هندي–انگلش–سنڌي شبد ڪوش" آهي. اهو ڪوش اجمير مان 1962ع ۾ شايع ٿيو (83). (هن ۾ چاليهه هزار هندي اکرن جون معنائون سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ ڏنل آهن ۽ سنڌي اکر ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل آهن). ساڳي ڪوشش واسواڻي ۽ پريداس برهمچاري پڻ ڪئي. هنن جي لکيل "هندي – انگلش – سنڌي ڊڪشنري" اجمير مان 1963ع ۾ شايع ٿي (84). سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ آف انڊيا 1989ع ۾ "هندي–سنڌي – انگريزي تري ڀاشا ڪوش" ٽن جلدن ۾ شايع ڪيو (85). ڪنهيا لال ليکواڻي جا ٽن ٻولين ۾ لکيل بہ ڪوش، "بنيادي سنڌي– انگريزي – هندي ڊڪشنري" 1996ع ۾ ۽ "سنڌي–هندي – انگريزي سچتر شبد ڪوش" 1998ع ۾ شايع ٿيا (86).

هندوستان جي قومي ٻولين تي مشتمل جيڪي شبد ڪوش شايع ٿيا آهن، تن ۾ "سنڌي ٻولي" بہ شامل آهي. ڀارتيہ ويهوار ڪوش (1961ع)، تتسم شبد ڪوش نگيندر ۽ ڀارتيہ ڀاشا ڪوش اُنهن جا چند مثال آهن (87). ڀارت ۾ ڪڇي ٻولي، جيڪا سنڌي ٻوليءَ جي هڪ

شاخ آهي، اُن ۾ ٻه شبد ڪوش يا برهد ڪوش ڇپيا آهن، جن ۾ ڊاڪٽر پرسي گدوالٽيءَ جو "سنڌي - ڪڇي - سوڍڪي - جتڪي شبداولي" اهم ڪوش آهي (88). اُن ڪانسواءِ شانتي ڀائي آچاريہ جي "ڪڇي شبداولي" 1966ع ۾ احمد آباد مان شايع ٿي (89). هي شبد ڪوش ڪڇي-گجراتي- انگريزي ٻولين تي مشتمل آهي. دليرايہ ڪارالٽيءَ جو "ڪڇي-گجراتي شبد ڪوش" (1982ع) ۽ پرتا براءِ گوپال جي ترويديءَ جو "برهد ڪڇي شبد ڪوش" (1988ع) ڪڇي ٻوليءَ جا اهم شبد ڪوش آهن (90). ڀارت ۾ ڇپيل يا اڻ ڇپيل سنڌي ڪوشن (لغتن) لاءِ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو تفصيلي مضمون ٽماهي "مهراڻ" (نمبر 4، سال 2000ع) ۾ ڏسڻ گهرجي.

**پڇاڙي**

سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ٻہ سؤ سالن جي طويل عرصي تي محيط آهي، جنهن جي شروعات تہ يورپي عالمن ڪئي، پر هندو توڙي مسلمان عالمن اُن جي آبياري ڪئي. ايتري طويل عرصي ۾ ڪيترين ئي سنڌي - انگريزي، انگريزي - سنڌي ۽ سنڌي لغتون شايع ٿيون آهن، جن جي هن مقالي ۾ وڌ کان وڌ ممڪن احاطي ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل آهي. اُن کان علاوه مختلف مضمونن جون ٻہ سنڌ ۽ هند ۾ لغتون شايع ٿيون آهن، جن جو ذڪر پڻ هن مقالي ۾ ڪيل آهي. مقالي شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪافي ڪيٽلاگن ۽ ببليوگرافين جو مطالعو ڪرڻو پيو جن مان ڪجهہ لغتن جي ڄاڻ حاصل ٿي سگهي، اُنهن مان ڪي ڊڪشنريون برٽش ميوزيم ۽ انڊيا آفيس لئبرري لنڊن ۾ موجود آهن، تہ ڪن جي ڄاڻ ڀارت مان شايع ٿيل ڪيٽلاگن مان پيئي. ڪن جي خبر انٽرنيٽ تي آن لائين ڪيٽلاگن مان پئي تہ ڪن جو ڏس پتو وري ڊڪشنرين جي مهاڳن ۽ مقالن مان مليو. ڪن ڊڪشنرين جا صرف نالا مليا ۽ اُنهن جو ڪو تفصيل نہ مليو. ڪي قلمي لغتون ضايع ٿي ويون آهن، تہ ڪن جو نالو

صرف ڪتابن ۾ رهجي ويو آهي. پر اِن سموري صورتحال جي باوجود بہ ڳچ جيتريون ڊڪشنريون اجا ڪن ڪتبخانن ۾ موجود آهن. اسان جي بيخبري ۽ پڻ سستيءَ جي ڪري سنڌي ادب جو ڪيترو ئي انمول خزانو ضايع ٿي ويو آهي يا وري ڪن بند صندوقن ۾ اُڏوهين جو کاڄ ٿي رهيو آهي. اسان کي گهرجي تہ اُن سرمايي ڏانهن توجهہ ڏيئي اُن جي حفاظت جو خاطر خواه بندوبست ڪريون.*

## حوالا

(1)خزينة العلوم جلد_1 (قلمي)/مؤلف: محمد بخش واصف. ص 139

(2) سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ/ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي. ٽماهي "مهراڻ" : نمبر 2000/4ع. 54

(3) خزينة العلوم جلد_1 (قلمي)/مؤلف: محمد بخش واصف. ص 139

(4) ايضاً

(5) ايضاً

(6) مير علي شير قانع ٺٽوي/ سيد حسام الدين راشدي . ٽماهي "مهراڻ": "سيد حسام الدين راشدي نمبر" 1997ع. ص 190.

(7) ايضاً

(8) آن لائين پبلڪ ڪيٽلاگ برٽش لئبرري رڪارڊ (نمبر 26605)

(9) سنڌي ڊڪشنري (انگريزي)/لڇمڻ مولچند خوبچنداڻي. انسائيڪلو پيڊيا آف انڊين لٽريچر جلد_1/ايڊيٽر: امريش دتا ۽ ٻيا. نئين دهلي انڊيا: ساهتيہ اڪيڊمي (1987ع). ص 1037_1038

(10) جامع سنڌي لغات/ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. سنڌي ادبي بورڊ. حيدرآباد (1960ع). مهاڳ ص_ الف

(11) ايضاً

*ڇپيل ٽماهي "مهراڻ" اونهارو 2004ع

(12) ارلي سنڌي لٽريچر اينڊ اٽس هسٽاريڪل بئڪ گرائونڊ/پوپٽي هيراننداڻي. سنڌيز: دي اسڪيٽرڊ ٽريزرس (انگريزي)/پوپٽي هيراننداڻي. نئين دهلي: مالها پبليڪيشن (1980ع)، ص 103
(13) سنڌي-انگريزي ڊڪشنري: مقدمو (انگريزي)/از: پرمانند ميوارام. قيصر هند پريس، حيدرآباد سنڌ (1910ع)، ص 1
(14) آن لائين پبلڪ ڪيٽلاگ برٽش لئبرري (انگريزي) (shelfmark:v4093and2272g12)
(15) سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ/ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي. مهراڻ:4/ 2000ع، ص 60
(16) سنڌي-انگريزي ڊڪشنري: مقدمو (انگريزي)/از: پرمانند ميوارام. قيصر هند پريس، حيدرآباد سنڌ (1910ع)، ص 1
(17) انڊيا آفيس لئبرريءَ جو ڪيٽلاگ: سنڌي ڪتاب (1989ع). شڪاگو يونيورسٽي لئبرري هن ۾ صفحن تي نمبر ڏنل ناهن.
(18) دي نيشنل ببليوگرافي آف انڊين لٽريچر: 1901-1953ع/ايڊيٽرس: ايس ڪيساوان ۽ وي. وائي. ڪلڪرڻي نئين دهلي انڊيا: ساهتيه اڪيڊمي (1962-1974ع) NBIL No 39372 and 39374
(19) سنڌي-انگريزي ڊڪشنري: مقدمو (انگريزي)/ از: پرمانند ميوارام. قيصر هند پريس، حيدرآباد سنڌ (1910ع)، ص 1
(20) ايضاً، ص 2
(21) جامع سنڌي لغت/ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد (1960ع). مهاڳ انگريزي: ص 1
(22) مرتضائي ٺٽويءَ جون ادبي خدمتون /ڊاڪٽر ديدار حسين شاهه. مهراڻ 3-/4-1998ع، ص 146
(23) ايضاً

(24) آن لائين ڪيٽلاگ، انڊيا آفيس لئبرري، شڪاگو يونيورسٽي
رڪارڊ نمبر 49404
(25) جامع سنڌي لغت/ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. سنڌي ادبي
بورڊ، حيدرآباد (1960) مهاڳ انگريزي: ص 10
(26) ارلي سنڌي لٽريچر ائنڊ اٽس هسٽاريڪل بئڪ گرائونڊ/پوپٽي
هيراننداڻي، سنڌيز: دي اسڪيٽرڊ ٽريزرس (انگريزي)/پوپٽي
هيراننداڻي. نئين دهلي: مالها پبليڪيشن (1980ع)، ص 103
(27) سنڌ جي ديني ادب جو ڪيٽلاگ: سنڌي عالمن جي تصنيفات
جو قلمي ذخيرو/ امداد حسيني، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ
يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ (1971ع)، ص 2
(28) آن لائين پبلڪ ڪيٽلاگ برٽش لئبرري(shelf mark 757cc 39 3)
(29) ڪيٽلاگ آف انڊيا آفيس لئبرري، و-2، پ- 6، فارسي ڪتاب/
اي: جي. آربري، لنڊن، 1937، ص 194
(30) آن لائين پبلڪ ڪيٽلاگ برٽش لئبرري(shelf mark 757cc38
(31) ڪريما فارسي جو مطالعو سنڌ ۾/ڊاڪٽر محمد ادريس السنڌي
مهراڻ 3-/4، سال 2001ع، ص 94
(32) آن لائين پبلڪ ڪيٽلاگ برٽش لئبرري(shelf mark 14815 D.18)
(33) آن لائين پبلڪ ڪيٽلاگ برٽش لئبرري(shelf mark 148 22A 21)
(34) سنڌي-انگلش ڊڪشنري: مقدمو (انگريزي)/از: پرمانند
ميوارام، قيصر هند پريس، حيدرآباد سنڌ (1910ع)، ص 1
(35) ايضاً
(36) دي لائيف، رليجن ائنڊ پوئٽري آف شاهه لطيف: اي گريٽ
پوئيٽ آف سنڌ/ ليلا رام وطن مل لالواڻي. تعارف: محبوب علي چنا.
ڇاپو -2، لاهور: سنگ ميل پبليڪيشن(1978ع)، ص23
(37) جامع سنڌي لغات/ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي
بورڊ، حيدرآباد سنڌ (1960ع)، مهاڳ انگريزي:ص 10

(38) سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ/ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، مهراڻ: 2000/4ع، ص 60
(39)سنڌ جي ديني ادب جو ڪيٽلاگ: سنڌي عالمن جي تصنيفات جو قلمي ذخيرو/امداد حسيني، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ (1971ع)، ص 8، (هي نسخو شاهه ولي الله اڪيڊمي ۾ موجود آهي).
(40) وياسي وينجهار/ از: غلام محمد گرامي: سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ص 122
(41) رسالو "اديب سنڌ": نصف ملاقات، از: ميان ملڻ خان، (آڪٽوبر_نومبر، 1948ع)، ص 13
(42) جامع سنڌي لغات/ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ (1960ع)، مهاڳ سنڌي: ص _ب
(43) ايضاً
(44) سرڳواسي رائچند راٺوڙ/ تاج جويو، رسالو نئين زندگي (ڊسمبر 1990ع)، ص 38
(45) رائچند راٺوڙ جون علمي خدمتون/نصير ناز ڪنير، رسالو نئين زندگي (اپريل 1995ع)، ص 34
(46) جامع سنڌي لغت/ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ (1960ع)، مهاڳ سنڌي: ص_ب
(47) سنڌي زبان ۾ لغات نويسي: هڪ سرسري جائزو/تاج جويو، مهراڻ 1999/3ع، ص 106، 113
(48) آديسي اُٺي ويا: ڊاڪٽر محبت برڙو/آزاد انور ڪانڌڙو، مهراڻ:3_1997/4ع، ص 257
(49) نئين اُردو_سنڌي لغت/ابن الياس سومرو: مهاڳ/ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، آزاد بڪ ڊپو حيدرآباد سنڌ (1950ع)

(50) حاجي محمود خادم: سنڌي غزل جي اوسر (پاڱو پيو)/ڊاڪٽر اياز حسين قادري انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي (1982ع)، ص 324
(51) لاڙڪاڻي ضلع جا علماء ۽ سندن عربي ۽ اسلامي علمن لاءِ خدمتون (انگريزي)/ڊاڪٽر حافظ عبدالغني شيخ. سنڌالاجيڪل اسٽڊيز (سمر، 2001ع)، ص 87، 105
(52) مرتضائي ٺٽويءَ جون ادبي خدمتون/ڊاڪٽر ديدار حسين شاهه. مهراڻ 3_4/1998ع، ص 146
(53) آن لائين پبلڪ ڪيٽلاگ برٽش لئبرري (انگريزي).
( shelf mark:v4093 and 2272 g.12)
(54) آن لائين ڪيٽلاگ، ورلڊ ڪيٽ : (OCLC No. 21678707)
(55) آن لائين ڪيٽلاگ، ورلڊ ڪيٽ: (OCLC No. 21678707)
(56) سنڌ جي ديني ادب جو ڪيٽلاگ: سنڌي عالمن جي تصنيفات جو قلمي ذخيرو/امداد حسيني، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد سنڌ (1971ع) ص 8. (هي نسخو شاهه ولي الله اڪيڊمي ۾ موجود آهي.)
(57) ارلي سنڌي لٽريچر اينڊ اٽس هسٽاريڪل بئڪ گرائونڊ/پوپٽي هيراننداڻي، سنڌيز: دي ايڪٽرس ٽريزرس (انگريزي)/ پوپٽي هيراننداڻي، نئي دهلي: مالها پبليڪيشن (1980ع)، ص 103
(58) ببليوگرافي آف سنڌ اينڊ بلوچستان/ايم. اين. بليموريا. ڪراچي(1929ع)، ص 6. نمبر 11
(59)سنڌي زبان ۾ لغت نويسي: هڪ سرسري جائزو/تاج جويو. مهراڻ :3/1999ع، ص 106.
(60) خزينة العلوم جلد_1. (قلمي)/مؤلف: محمد بخش واصف، ص 188
(61)سنڌي_انگريزي ڊڪشنري: مقدمو (انگريزي)/از: پرمانند ميوارام، قيصر ـ پريس، حيدرآباد سنڌ (1910ع)، ص 2

(62) ڇپيل سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي : 1947ع کان 1973تائين/ مرتب: ڊاڪٽر غلام علي الانا. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي (1976ع)، ص 139. ڪتاب نمبر: 920 ۽ 921

(63) جامع سنڌي لغات/ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد (1960ع)، مهاڳ انگريزي:10

(64) ڇپيل سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي: 1947ع کان 1973ع تائين/ڊاڪٽر غلام علي الانا. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي (1976ع)، ص 453، ڪتاب نمبر 106

(65) سنڌ جي ديني ادب جو ڪيٽلاگ /امداد حسيني، سنڌالاجي (1971ع) ص8

(66) آن لائين ڪيٽلاگ، شڪاگو يونيورسٽي لئبرري

(67) ايضاً

(68) ايضاً

(69) سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ/ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي. مهراڻ:4/2000ع، ص 66

(70) سنڌي زبان ۾ لغت نويسي:هڪ سرسري جائزو/تاج جويو. مهراڻ:3/1999ع، ص 110

(71) ايضاً

(72) اي گائيڊ ريفرنس مٽيريئل آن انڊيا، واليوم 1 _ 2/ ايم. اين. گدواڻي ۽ ڪي. نوالاڻي. سرسوتي پبليڪيشن جيپور انڊيا (1974ع)، ص 304

(73) سنڌي ليڪڪن جي ڊائريڪٽري/مرتب:غلام علي الانا. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي (1972ع)، ص 99

(74) انڊين لئنگويجز ببليو گرافي آف گرامر، ڊڪشنريز ائنڊ ٽيچنگ مٽيريئل (انگريزي)/ڊي پي پٽنائيڪ. ايڊيو ڪيشنل ريسورس سينٽر، نئين دهلي، ص 89

(75)ايضاً
(76)آن لائين پبلڪ ڪيٽلاگ برٽش لئبرري
(77) آن لائين پبلڪ ڪيٽلاگ. شڪاگو يونيورسٽي لئبرري
(78)ايضاً
(79)آن لائين ورلڊ ڪيٽلاگ:(OCLCNo 35741717)
(80) ايضاً
(81)ايضاً
(82)ايضاً
(83)آن لائين ڪيٽلاگ، شڪاگو يونيورسٽي لئبرري
(84) انڊين لئنگويجز ببليوگرافي آف گرامر، ڊڪشنريز ائنڊ ٽيچنگ مٽيريئل (انگريزي)/ ڊي. پي. پٽنائيڪ. ايڊيوڪيشنل ريسورس سينٽر، نئين دهلي، ص 90
(85)آن لائين ورلڊ ڪيٽلاگ (OCLCNo:40719564)
(86) سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ/ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي. مهراڻ:4/2000، ص 64
(87)ايضاً
(88)ايضاً
(89)اي گائيڊ ريفرنس مٽيريئل آن انڊيا، واليوم 1_/2 ايم. اين. گدواڻي ۽ ڪي. نوالاڻي. سرسوتي پبليڪيشن جئپور انڊيا (1974ع)، ص358
(90) سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ/ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، مهراڻ: 4 /2000ع، ص 65؛

•

ناسف علي شيراز

# سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۽ ببليو گرافي

(حصو پهريون)

## (الف) هڪ ٻوليءَ جون لغتون:

### (1) سنڌي قلمي لغتون

● 1_لغت/مؤلف: سمج ڪوش (قلمي)/ ماستر سمجرام ٿهلرام (1934_1864)

ڪيفيت: سنڌي لغت لکڻ جي هيءَ پهرين ڪوشش هئي. سمجرام هيءَ لغت 1904ع کان پهرين مرتب ڪئي. پرمانند ميوارام 1904ع ۾ جڏهن لغت لکڻ جو ڪم شروع ڪيو ته ڪيس مصنف وٽان هن لغت جو نسخو ڏسڻ لاءِ مليو.

● 2_لغت/مؤلف: سنڌي لغت (قلمي) / مولوي علي محمد مهيري

ڪيفيت: ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي چوڻ موجب هن لغت جا سمورا اکر جامع سنڌي لغت ۾ ڏنل آهن. مولوي صاحب هيءَ لغت 1920ع کان پوءِ لکي. هن جو مسودو ڊڪشنري آفيس ۾ موجود آهي.

●3_لغت/مؤلف: سنڌي لغت جو مسودو (قلمي)/ سنڌي عالمن جي ڪميٽي (1940_1947)

ڪيفيت: سنڌي ساهتيه لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ [اڳوڻو سنڌي ادبي بورڊ] هيءَ لغت تيار ڪرڻ لاءِ عالمن جي ڪميٽي قائم ڪئي، پر ڪن سببن جي ڪري اها لغت اڌوري رهجي ويئي ۽ صرف پهريان چار حرف (ا ب ٻ ڀ) مڪمل ٿي سگهيا. هن لغت جا سڀ اکر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل جامع سنڌي لغت ۾ شامل آهن.

• 4ـ لغت/مؤلف: سنڌي لغت (قلمي) / لالا هاسانند
ڪيفيت: هيءَ لغت 1947ع کان پهرين جي لکيل آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي چوڻ موجب هن لغت جا سمورا اکر جامع سنڌي لغت ۾ ڏنل آهن.
• 5ـ لغت/مؤلف: سنڌي لغت (قلمي) / غلام محمد "ساقي" سجاولي (1914ـ 1960ع)
ڪيفيت: هيءَ لغت 1960ع کان پهرين جي لکيل آهي. مصنف اُن ۾ تقريباً اوڻيهه هزار لفظ ۽ اُنهن جون معنائون سيهڙيون آهن.
• 6ـ لغت/مؤلف: مجمع زبانن جو راڳ، ڪچڪول گدائن جو ماڳ (قلمي) / خليفه مير محمد، ايم گل محمد
ڪيفيت: سنڌي زبان جي لغت (1940).
• 7ـ لغت/مؤلف: سنڌي لغت (قلمي) / محمد بخش واصف (1892ـ1952ع)
ڪيفيت: هيءَ لغت 1848ع کان پهرين جي لکيل آهي. مصنف جي اوچتي وفات جي ڪري مڪمل ٿي نہ سگهي. پهرين چئن حرفن (ا ب ٻ ڀ) تي مشتمل آهي.
• 8ـ لغت/مؤلف: ساهتي جي لغت (قلمي) / ڊاڪٽر غلام قادر سومرو
ڪيفيت: هن ۾ سنڌ جي تاريخي پرڳڻي "ساهتي" ۾ ڪم ايندڙ لفظن، اصطلاحن، پهاڪن ۽ چوڻين کي مثالن ذريعي سمجهايو ويو آهي.

(2) سنڌي ـ سنڌي ڇپيل لغتون

## (2) سنڌي- سنڌي ڇپيل لغتون

• 9ـ لغت/مؤلف: اکر ڏاتو/ جارج شرٽ (1843ـ 1887ع)
ڇاپو پهريون. حيدرآباد سنڌ: (1866ع، ص 44.
ڇاپو ٻيو. حيدرآباد سنڌ: قيصريہ پريس (1893ع)، ص؟

ڪيفيت: هن لغت ۾ سنسڪرت ٻوليءَ مان نڪتل سنڌي اکرن جا ڏاتو ۽ اُنهن جون معنائون ڏنل آهن.

• 10_ لغت/مؤلف: وٿتپتي ڪوش/ جهمتمل نارومل وسٽائي

ڇاپو پهريون. ڪراچي سنڌ: ڪمشنر پريس (1886ع). ص 138

ڇاپو ٻيو. ڪراچي سنڌ: مرهٽا پريس (1904ع)

ڇاپو ٽيون. حيدرآباد سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ (1964ع). ص 71.

ڪيفيت: هن لغت ۾ سنسڪرت ٻوليءَ مان نڪتل سنڌي اکرن جا ڏاتو ۽ اُنهن جون معنائون ڏنل آهن.

• 11_ لغت/مؤلف: غريب اللغات (ڀاڱو پهريون)/ ڀيرومل مهرچند آڏواڻي (1875_1950)

ڇاپو پهريون. حيدرآباد سنڌ: قيصريہ پريس (1908ع).ص 60

ڪيفيت: هيءَ لغت شاهہ جي رسالي جي پهرين ٽن سُرن جي ڏکين لفظن جي معنائن تي مشتمل آهي.

• 12_ لغت/مؤلف: لغات لطيفي/ مرزا قليچ بيگ(1853_1929ع)

ڇاپو پهريون. شڪارپور سنڌ. منشي پوڪرداس، وڪٽوريہ پريس سکر (1914ع). ص 385

ڇاپو ٻيو. حيدرآباد سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ (1967ع). ص 382

ڇاپو ٽيون. حيدرآباد سنڌ: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو(1994ع). ص 386

ڪيفيت: هن لغت ۾ شاهہ جي رسالي ۾ آيل ڏکين لفظن جون معنائون سُرن جي ترتيب مطابق ڏنل آهن.

• 13_ لغت/مؤلف: سنڌي لغات قديمي/ مرزا قليچ بيگ

ڇاپو پهريون. حيدرآباد سنڌ: نيشنل پرگڙي پريس (1924ع)

ڪيفيت: هن ۾ سنڌ جي ڏهن ڪلاسيڪل شاعرن جي ڪلام ۾ آيل ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل آهن.

• 14_لغت/مؤلف: تحقيق لغات سنڌي/ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو (1923_ 1990ع)
ڇاپو پهريون، لاڙڪاڻو سنڌ: مصنف، فردوس پرنٽنگ پريس حيدرآباد (1955ع)، ص 382
ڇاپو ٻيو، لاڙڪاڻو سنڌ: مصنف، تاج محل پريس (1957ع)، ص 476
ڇاپو؟، لاڙڪاڻو سنڌ: شاهه محمد عباسي (1963ع) 240، 38، 11ص
ڇاپو؟، حيدرآباد سنڌ: عبدالڪريم سنديلو (1964ع) 276 صفحا
ڪيفيت: هن لغت ۾ سنڌي لفظن جا ڌاتو ۽ اُنهن جون معنائون ڏنل آهن.
• 15_ لغت/مؤلف: جامع سنڌي لغت: (جلد 1)/ مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.
ڇاپو پهريون، ڪراچي سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ (1960ع)، ص 536
ڪيفيت: ڊاڪٽر بلوچ صاحب مهاڳ ۾ ڄاڻايو آهي ته شروعاتي مرحلي ۾ محمد بخش واصف ۽ بعد ۾ سردار علي شاهه، هڪبئي پويان بندي جا ان ڪم ۾ نائب ٿي رهيا.
• 16_لغت/مؤلف: سنڌي علمي لفظن جو ذخيرو/ شاهجان قريشي ايم. اي لاءِ لکيل مونوگراف. سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو (1965ع)، ص-؟
• 17_لغت/مؤلف: سنڌي زبان جي وڌايل بنيادي لغت
ڇاپو پهريون، ڄامشورو سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ (1973ع)، ص 58.
ڪيفيت: هيءَ لغت وزارت تعليم حڪومت پاڪستان جي لاءِ تيار ڪئي ويئي. سيد حسام الدين راشدي، مولانا قاسمي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو ۽ سيد محمد صالح شاهه بخاري ان جا مرتب آهن.
• 18_لغت/مؤلف: لاڙجي لغات/ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
ڪيفيت: ڇاپو پهريون حيدرآباد سنڌ: زيب ادبي مرڪز (1975ع)، ص 62.
• 19_لغت/مؤلف: سنڌي زبان جي بنيادي لغت

ڇاپو پهريون: ڄامشورو سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ (1976ع)، ص 85
ڪيفيت: هيءَ لغت وزارت تعليم حڪومت پاڪستان جي لاءِ تيار ڪئي ويئي. سيد حسام الدين راشدي، مولانا قاسمي، ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو ۽ سيد محمد صالح شاهه بخاري ان جا مرتب آهن.

● 20_لغت/مؤلف: سنڌي گلدستو/نيازمحمد شيخ
ڇاپو ٽيون. لاڙڪاڻو سنڌ: شيخ خليل احمد (1977ع)، ص 328
ڪيفيت : هيءَ لغت سنڌي لفظن جي ڌاتن ۽ اُنهن جي معنائن تي مشتمل آهي.

●21_لغت/مؤلف: سامي ڌاتو ڪوش / ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو
ڇاپو پهريون. لاڙڪاڻو سنڌ: ايم اسلم ميان (1978ع)، ص12، 101، 2
ڪيفيت: هن لغت ۾ سنڌ جي صوفي شاعر "سامي" جي شاعريءَ ۾ آيل ڏکين لفظن جو ڌاتو ۽ اُنهن جون معنائون ڏنل آهن.

●22_لغت/مؤلف: جامع سنڌي لغت: (جلد2)/ مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ڇاپو پهريون. حيدرآباد سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ (1981ع)
ڪيفيت: سرورق تي نظرثاني طور مولانا قاسمي ۽ ڊاڪٽر سنديلي جا نالا درج آهن.

●23_لغت/مؤلف: جامع سنڌي لغت: (جلد3)/ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ڪيفيت: مولانا قاسمي هن ڀاڱي تي نظرثاني ڪئي آهي.

● 24_لغت/مؤلف: سچل لغت/ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو
ڇاپو پهريون. خيرپور سنڌ: سچل سرمست يادگار ڪميٽي (1984ع)، ص 192
ڪيفيت: هن لغت ۾ سنڌ جي صوفي شاعر سچل سرمست جي ڪلام ۾ آيل ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل آهن.

●25_لغت/مؤلف: پاروچي ٻولي (حصو پهريون)/ سيد نجف علي شاهه "ڪمتر" نقوي(1923ـ 1984ع)
ڇاپو پهريون. ڄامشورو سنڌ: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي (1984ع). ص 433
ڪيفيت: هيءَ لغت شاهه جي رسالي ۾ آيل لفظن جي فهرست تي مشتمل آهي.
●26_لغت/مؤلف: جامع سنڌي لغات: (جلد4)/ مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ڇاپو پهريون. حيدرآباد سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ (1985ع)
ڪيفيت: مولانا قاسمي اُن تي نظرثاني ڪئي آهي.
●27_لغت/مؤلف: جامع سنڌي لغت: (جلد5)/ مرتبه ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ڪيفيت: ڇاپو پهريون. حيدرآباد سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ (1988ع)
●28_لغت/مؤلف: لغات سنڌي مخففات/مخدوم محمد زمان طالب المولى (1919_1993ع)
ڪيفيت: ڇاپو پهريون ڄام شورو سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ (1991ع)، ص 174.
●29_لغت/مؤلف: شاهه فرهنگ (شاهه جي رسالي جو ڪوش)/ تيج قابل
ڇاپو پهريون. انڊيا. وشنو پبليڪيشن (1994ع)، ص 104
ڪيفيت: هن لغت ۾ شاهه جي رسالي ۾ آيل ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل آهن.
●30_لغت/مؤلف: سنڌي ٻٽن لفظن جي لغت/ ڊاڪٽر غلام قادر سومرو
ڪيفيت: ڇاپو پهريون. ڪراچي سنڌ: سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو (1996ع)، ص 909.
●31_لغت/مؤلف: لغات لطيفي: شاهه جي رسالي جي ڏکين لفظن جي لغت/مرزا قليچ بيگ

نئين سر ترتيب ڏيندڙ: سيد علي رضا شاهه بخاري
ڪيفيت: ڇاپو پهريون. شڪارپور سنڌ: مهراڻ اڪيڊمي (1998ع)، ص 316.
•32_لغت/مؤلف: هڪ جلدي لغت/مرتبه: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مددگار: شيخ محمد اسماعيل
ڪيفيت: ڇاپو پهريون. حيدرآباد سنڌ: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو (1998ع)، ص 729.
•33_لغت/مؤلف: اسان کي متان وساريو/ گنگارام سمراٺ
ڇاپو پهريون. حيدرآباد سنڌ: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو (1999ع)
ڪيفيت: هن لغت ۾ اهڙن سنڌي لفظن جون معنائون ڏنل آهن، جيڪي هاڻ متروڪ ٿي ويا آهن.
•34_لغت/مؤلف: روشني: شاهه جي رسالي جي لغت/ مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ڪيفيت: ڇاپو پهريون. حيدرآباد سنڌ: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو (2000ع)

**(ب) ٻن ٻولين جون لغتون:**

### (1) سنڌي - انگريزي لغتون

•35_لغت/مؤلف: سنڌي گرامر ۽ سنڌي - انگريزي واڪئبيولري (لفظن جو ذخيرو)/ ڊبليو. ايچ. واٿن
ڪيفيت: بمبئي انڊيا: ايف. اي راموس پرنٽرس، گورنمينٽ گزيٽ پريس 1836ع، ص 61، 55، 51، 40
•36_لغت/مؤلف: واڪئبيولري آف سيون لئنگويجز (ستن ٻولين جي لفظن جي لغت جيڪي هندوستان جي مغرب واري پاسي ڳالهايون وڃن ٿيون)/ رابرٽ ليچ
بمبئي، 1838ع

●37_لغت/مؤلف: سنڌي زبان جي واڪئبيولري (لفظن جو ذخيرو)/ جي. بي. ايسٽوڪ
ڪيفيت: جرنل آف رائل ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال، ڪلڪتو واليم _ 12، (1843ع)، ص 10 _ 22.
●38_لغت/مؤلف: 1838ع ۾ جرنل آف رائل ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال ۾ رابرٽ ليچ جي شايع ٿيل بروهي، بلوچي ۽ پنجابي ٻولين جا مختصر وياڪرڻ ۽ بلوچستان جي آسپاس واري علائقي ۾ مروج ٻين ٻولين جي لفظن جا مختصر ذخيرا. اُن سان گڏ 1843ع ۾ جرنل آف رائل ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال ۾ شايع ٿيل جي. بي. ايسٽوڪ جي لکيل سنڌي زبان جي واڪئبيولري/ رابرٽ ليچ ڪلڪتو (1849ع)
●39_لغت/مؤلف: ڊڪشنري، سنڌي ائنڊ انگلش/ ڪيپٽن جارج اسٽئڪ (و: 1853ع)/ ايڊٽ: بي. ايچ. ايلس.
بمبئي: امريڪن مشن پريس (1855ع)، ص 437.
●40_لغت/مؤلف: سنڌي_انگلش ڊڪشنري/جارج شرٽ، صادق علي مرزا ۽ اُڌارام ٿانورداس ميرچندائي
ڪراچي سنڌ: ڪمشنر پرنٽنگ پريس (1879ع)، ص 919
●41_لغت/مؤلف: سنڌي_ انگريزي ڊڪشنري/ ڪوڙومل چندنمل کلناڻي (1844_ 1916ع)
ڪيفيت: ديوان ڪوڙيمل جي هيءَ ڊڪشنري 1904ع کان ٻهرين جي ڇپيل آهي. هن لغت مان پرمانند ميوارام بہ گهڻو فائدو حاصل ڪيو.
● 42_لغت/مؤلف: اي سنڌي _ انگلش ڊڪشنري/ ڊُولامل ٻولچند
ڪراچي سنڌ: مرڪنٽائل اسٽيم پريس (1910ع)، ص 263.
●43_لغت/مؤلف: سنڌي_انگريزي ڊڪشنري/ پرمانند ميوارام (1866_1938ع)

چاپو-1. حيدرآباد سنڌ: جووبليئن ڪوآپريٽو سوسائٽي (1910ع)، ص 664

چاپو- ٻيو ڄام شورو سنڌ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي (1976ع)، ص 664

• 44-لغت/مؤلف: پريميئر ڪونسائز سنڌي- انگريزي ڊڪشنري/ نامعلوم

حيدرآباد سنڌ: (1917ع)، ص 339

•45-لغت/مؤلف: دي ڪونسائز سنڌي-انگريزي ڊڪشنري/ پوهومل ڪنول سنگهه ملڪاڻي.

چاپو -1. حيدرآباد سنڌ: (1917ع)

چاپو -2. حيدرآباد سنڌ: پريميئر پريس (1924ع)، ص 231

•46-لغت/مؤلف: پريميئر ڪونسائز سنڌي-انگلش ڊڪشنري/ سچو سنگهه فتح سنگهه.

1922ع. پريميئر پريس، حيدرآباد سنڌ. ص 331

• 47-لغت/مؤلف: ڊڪشنري آف سنڌي اينڊ انگلش/پنواڻي.

هيءَ ڊڪشنري سال 1929ع کان پهرين جي ڇپيل آهي.

حوالو: ببليو گرافي آف سنڌ اينڊ بلوچستان/ايم.اين. بليموريا. ص 89

•48-لغت/مؤلف: پاڪ نئشنل سنڌي-انگلش ڊڪشنري/ غلام رسول شاهه.

حيدرآباد سنڌ، (1957ع)

•49-لغت/مؤلف: دي پاڪيٽ سنڌي-انگلش ڊڪشنري/ ڊبليو.اي شاهاڻي.

ڪراچي سنڌ: ايڊيوڪيشنل ڪمپني (1942ع). ص 936

چاپو -؟ بمبئي انڊيا: اسڪول ۽ ڪاليج بڪ اسٽال (سال؟)، ص 946

•50 - لغت/مؤلف: دي سنڌي: -انگريزي ڊڪشنري/ آنندرام ٽي شاهاڻي.

چاپو-5 بمبئي انڊيا: اسڪول ۽ ڪاليج بُڪ اسٽال، (1952ع)، ص 560

چاپو-؟. بمبئي انڊيا: اسڪول ۽ ڪاليج بُڪ اسٽال، (1956ع)، ص 560
چاپو-؟. بمبئي انڊيا: اسڪول ۽ ڪاليج بُڪ اسٽال، (69-1960ع)، ص 560
●51-لغت/مؤلف: منير سنڌي - انگلش ڊڪشنري/ محمد منير چنا (1926-1967)
حيدرآباد سنڌ 1968ع.
●52-لغت/مؤلف: جامع سنڌي-انگريزي ڊڪشنري/ لڇمڻ مولچند خوبچنداڻي.
چاپو-1. پونا انڊيا: ڊيڪن ڪاليج (1968ع).
●53-لغت/مؤلف: نيو سنڌي ٽو سنڌي اينڊ انگلش ڊڪشنري/ امان الله خان عباسي ۽ محمد فريد عباسي.
چاپو-1. سکر سنڌ: ميمڻ بڪ اسٽور (1968ع)، ص 560.
●54-لغت/مؤلف: جامع سنڌي-انگريزي ڊڪشنري/ لڇمڻ مولچند خوبچنداڻي.
چاپو-1. پونا انڊيا: سينٽر فار ڪميونيڪيشن اسٽڊين ڊيڪن ڪاليج (1981ع)، ص 64، 36.

## (2) انگريزي - سنڌي لغتون

●55-لغت/مؤلف: سنڌي گرامر ۽ انگريزي-سنڌي واڪئبيولري (لفظن جو ذخيرو)/ ڊبليو. ايچ. واٿن.
بمبئي انڊيا: ايف. ڊي. راموس پرنٽرس، گورنمينٽ گزيٽ پريس 1836ع، ص 40، 61، 55، 51، 40.
● 56-لغت/مؤلف: اي ڊڪشنري انگلش اينڊ سنڌي/ڪئپٽن جارج اسٽئڪ.
چاپو-1. بمبئي، امريڪن مشن پريس (1839ع)، ص 130.
چاپو-2. نيو دهلي: ايشيئن ايڊيوڪيشنل سروس (1987)، ص 230.

• 57_لغت/مؤلف: اين انگلش اينڊ سنڌي ڊڪشنري/ لڪشمڻ وشنو پراجپٽي.
ڇاپو_1. بمبئي: ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ. ايڊيوڪيشنل سوسائٽي پريس (1966ع)، ص 300.
• 58_لغت/مؤلف: انگريزي_سنڌي ڊڪشنري (قلمي)/جارج شرٽ.
شرٽ هيءَ لغت 1887ع کان پهرين مرتب ڪئي.
ڪيفيت: جارج شرٽ انگريزي_سنڌي ڊڪشنري به لکي هئي. جيڪا قلمي صورت ۾ رهجي ويئي. هن لغت جو مسودو 1904ع ۾ پادري اي. ايچ. ايبيگل وٽ هو جيڪو هن پرمانند ميوارام کي ڏسڻ لاءِ ڏنو هو. خبر ناهي ته هي قلمي نسخو هن وقت ڪٿي آهي.
•59_لغت/مؤلف: انگريزي_سنڌي ڊڪشنري (قلمي) / ديوان روچيرام گجومل ڪرپالاڻي. ديوان روچيرام، گجومل هيءَ لغت 1940ع کان پهرين مرتب ڪئي.
ڪيفيت: هن لغت جو مسودو 1940ع ۾ ديوان روچيرام گجومل وٽ هو جيڪو هن پرمانند ميوارام کي ڏسڻ لاءِ ڏنو هو. خبر ناهي ته هي قلمي نسخو هن وقت ڪٿي آهي.
• 60_لغت/مؤلف: ماڊرن انگلش _ سنڌي ڊڪشنري، صحيح اُچارن سميت/ هڪ تجربيڪار گريجوئيٽ.
ڇاپو_2. شڪارپور سنڌ: کوبچند اينڊ سنس (1900ع)، ص 46، 32، 26، 24
• 61_لغت/مؤلف: پريميئر ڪونسائز انگلش _ سنڌي ڊڪشنري/ نامعلوم.
ڇاپو_1. حيدرآباد سنڌ: جي. بي. آڏواڻي اينڊ ڪمپني (1901_1910ع)، ص 320.
ڇاپو_2. حيدرآباد سنڌ: جي. بي. آڏواڻي اينڊ ڪمپني (1915ع)، ص 292.
ڇاپو_3. حيدرآباد سنڌ: جي. بي. آڏواڻي اينڊ ڪمپني (1917ع)، ص 339.

●62_لغت/مؤلف: اين انگلش _ سنڌي ڊڪشنري/ ڏولامل بولچند: سڌاريل / مانگهر سنگهه مولچند لالواڻي.
ڇاپو_1. قيصريه پريس، حيدرآباد سنڌ (1904ع)، ص 2، 5، 11، 315.
ڇاپو _2، حيدرآباد سنڌ: پريميئر پريس (1909ع)، ص 294
●63_لغت/مؤلف: انگلش _ سنڌي ڊڪشنري/ ڪوڙومل چندنمل کلناڻي
ڪيفيت: ڇاپو_1. حيدرآباد سنڌ (1904ع)
●64_لغت/مؤلف: ناواڻي جي ماڊرن پاڪيٽ انگلش_سنڌي ڊڪشنري/ خانچند. ايچ. ناواڻي.
ڇاپو_1. حيدرآباد سنڌ: (1915ع)،ص 322
ڇاپو_2. شڪارپور سنڌ: (1928ع)،ص 322.
●65_لغت/مؤلف: دي ڪانسائز انگلش_سنڌي ڊڪشنري/ پوهومل ڪنول سنگهه ملڪاڻي.
ڇاپو_1. حيدرآباد سنڌ: (1917ع)
ڇاپو_2. حيدرآباد سنڌ: پريميئر پريس (1923ع)،ص 293.
●66_لغت/مؤلف: اسٽئنبرڊ انگلش _ سنڌي ڊڪشنري/ نانڪرام. ڊي. ميرچنداڻي.
ڇاپو_1. حيدرآباد سنڌ: سنڌجووينائيل ڪوآپريٽو سوسائٽي (1928ع).
●67_لغت/مؤلف: ڊڪشنري آف انگلش _ سنڌي/پنواڻي.
هيءَ ڊڪشنري 1929ع کان پهرين جي ڇپيل آهي.
حوالو: ببليوگرافي آف سنڌي اينڊ بلوچستان / ايم. اين. بليموريا، ص 89.
●68_لغت/مؤلف: اي نيو انگلش_سنڌي ڊڪشنري/ پرمانند ميوارام
ڇاپو_1. حيدرآباد سنڌ: سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽي، يائي بند اليڪٽرڪ پريس (1933ع)، ص 465
ڇاپو _ 2. نيو دهلي: ساهتيه اڪيڊمي (1971ع)، ص 465
ڇاپو_3. نيو دهلي: ساهتيه اڪيڊمي (1981ع)، ص 465
ڇاپو_4. نيو دهلي: ساهتيه اڪيڊمي (1994ع)

چاپو_5. ڄام شورو سنڌ: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي (1994ع)
●69_لغت/مؤلف: دي پاڪيٽ انگلش _ سنڌي ڊڪشنري/ ڊبليو.اي. شاهاڻي.
چاپو_1. ڪراچي سنڌ: ايڊيوڪيشنل پبلشنگ ڪمپني (1939ع)، ص 702
چاپو_2. ڪراچي سنڌ: ايڊيوڪيشنل پبلشنگ ڪمپني (1941ع)، ص 629.
چاپو_3. (وڌايل ۽ نظرثاني ڪيل) سکر سنڌ: عجائب اسٽور (1975ع)، ص 629.
●70_لغت/مؤلف: ويهين صدي جي انگلش_سنڌي ڊڪشنري: صحيح اُچارن سان، عربي ۽ ديوناگري خط ۾ منگهارام هيرانند رامچنداڻي ۽ اي. ڊي. لالواڻي
چاپو_1. بمبئي انڊيا: ايل دوارڪاداس (1952ع)، ص 1335.
●71_لغت/مؤلف: پاڪ نئشنل پاڪيٽ سنڌي انگلش_ ڊڪشنري/ عبدالحسين ميمڻ
چاپو_1. حيدرآباد سنڌ (1953ع)
●72_لغت/مؤلف: دي انگلش_سنڌي ڊڪشنري صحيح اُچارن سان: وڌايل ۽ نظرثاني ڪيل/ آنندرام. ٽي. شاهاڻي
چاپو_؟. بمبئي انڊيا: ايڊيوڪيشنل پبلشنگ ڪمپني سال؟
چاپو_7. بمبئي انڊيا: اسڪول ۽ ڪاليج بُڪ اسٽال (1950ع)، ص 916
چاپو_8. بمبئي انڊيا: اسڪول ۽ ڪاليج بڪ اسٽال (1961ع)، ص 916
چاپو_؟. بمبئي انڊيا: اسڪول ۽ ڪاليج بُڪ اسٽال (1966ع)، ص 916
چاپو_؟. بمبئي انڊيا: اسڪول ۽ ڪاليج بُڪ اسٽال (1968ع)، ص 916
چاپو_؟. (وڌايل ۽ نظرثاني ڪيل) سکر سنڌ: عجائب اسٽور (1982ع)، ص 1004
چاپو_1. حيدرآباد سنڌ: عجائب اسٽور (1990ع)، ص 1004

• 73_لغت/مؤلف: دي مهراڻ انگلش_ سنڌي ڊڪشنري: صحيح
اُچارن سان /ثناء الله شيخ
ڇاپو_1, سکر سنڌ: عجائب اسٽور (1967ع), ص 631
• 74_لغت/مؤلف: انگلش_ سنڌي ڊڪشنري: آفيس جي استعمال
لاءِ / سيد غلام مصطفيٰ شاهہ ۽ غلام اصغر ونڊير
ڇاپو_1, خيرپور ميرس سنڌ: ماسٽرجي بڪ اسٽال (1972ع), ص 202
• 75_لغت/مؤلف: همدرد انگلش ٽو سنڌي ڊڪشنري: سنڌي ۾
اُچارن/ امان الله خان عباسي ۽ محمد فريد عباسي
ڇاپو_1, سکر سنڌ: ميمڻ بڪ اسٽور (1977ع),ص 8, 774
• 76_لغت/مؤلف: پاڪيٽ انگلش ٽو سنڌي ڊڪشنري/ امان الله
خان عباسي ۽ محمد فريد عباسي
ڇاپو_1, سکر سنڌ :ميمڻ بڪ اسٽور (1979ع). ص774.
• 77_لغت/مؤلف: پرئڪٽيڪل آڪسفورڊ پاڪيٽ انگلش ٽو
سنڌي ڊڪشنري/اي.ٽي.شاهاڻي
ڇاپو_1, حيدرآباد سنڌ(1980ع),ص 607.
•78_لغت/مؤلف: يادگار انگلش ٽو انگلش ائنڊ سنڌي ڊڪشنري/
علي ڏنو شاهہ, نظر ثاني بشير احمد منگي.
ڇاپو_1, حيدرآباد سنڌ يادگار پبلشرس(1988ع),ص322
ڇاپو_2, حيدرآباد سنڌ يادگار پبلشرس (1992ع), ص 322.
•79_لغت/مؤلف: جامع انگلش ٽو انگلش ائنڊ سنڌي
ڊڪشنري (3جلد) /عبدالرشيد ميمڻ.
ڇاپو_1,ڪراچي سنڌ: ڪفايت اڪيڊمي (فيبروري2002ع),ص 3800.

## (3) فارسي-سنڌي لغتون

●80_لغت/مؤلف: فرهنگ همايوني (قلمي)/ عبدالغفور همايوني (1844_1916ع)

حوالو: سنڌ جي ديني ادب جو ڪئٽالاگ: سنڌي عالمن جي تصنيفات جو قلمي ذخيرو (مرتب:امداد حسيني)

●81_لغت/مؤلف: فارسي سنڌي لغت (قلمي)/سيد غلام مرتضيٰ شاهه مرتضائي ٺٽوي (1843_1910ع)

تاليف جو سن 1875ع/1292هه

●82_لغت/مؤلف:ڪشف الغمود/فتح محمد هالائي

ڏکين مرڪب فارسي اکرن جي سنڌيءَ ۾ معني، ڪراچي، سنڌ پرنٽنگ پريس

●83_لغت/مؤلف:مجموعه سهنثر/مولوي عبدالڪريم

فارسي-سنڌي اکرن جون ٽي لغتون. لاهور (1896ع)، ص 60

●84_لغت/مؤلف: جنس نامه/شاڪر

فارسي-سنڌي لغت. تاليف جو سنه 1912ع/1330هه

حوالو: خزينة العلوم جلد 1 (ڪتاب جي اندر سلپ تي مٿين معلومات لکيل هئي)

●85_لغت/مؤلف: نصاب البلغا (قلمي)/مير علي شير قانع (1140_1203/4هه)

فارسي-سنڌي لغت. تاليف جو سنه 14 رجب، خميس 1198هه/3_جون (1784ع)، ص 185

ڪيفيت: هيءَ لغت زندگي جي هر شعبي متعلق لفظن ۽ اصطلاحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ هر هنر متعلق لفظن جو وڏو ذخيرو شامل آهي. مير صاحب جو هيءَ ڪتاب سنڌ اندر لکيل "پهريون لغت جو ڪتاب" آهي.

### (4) سنڌي- فارسي لغتون

●86_لغت/مؤلف: جواهر اللغات سنڌي اڪيچار/آخوند عبدالرحيم عباسي (و:1878ع؟)
ڇاپو_1، حيدرآباد سنڌ: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو (1993ع)، ص 782

●87_لغت/مؤلف: شاهه جي رسالي جي لغت (قلمي) / مولوي هدايت الله هالائي (1859_1935ع)
ڪيفيت: شاهه جي رسالي جي ڏکين لفظن جي فارسيءَ ۾ معني. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي چوڻ موجب، مولوي صاحب شاهه جي رسالي ۾ آيل ڏکين لفظن کي سهيڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر خبر نٿي پوي تہ مصنف هن کي مڪمل ڪيو يا نہ.

### (5) فارسي-انگريزي لغتون

●88_لغت/مؤلف: دي ماڊرن پرشن_انگلش ڊڪشنري/ آنندرام. ٽي. شهاڻي، ايم. جي. شاهاڻي ۽ مولوي مير زمان ايڊيوڪيشنل پبلشنگ ڪمپني، ڪراچي (1938ع)، ص 805
حوالو: آن لائين ڪيٽلاگ برٽش لئبرري، شيلف مارڪ:14815 ڊي 18.

### (6) انگريزي- فارسي لغتون

●89_لغت/مؤلف: دي ماڊرن انگلش -پرشن ڊڪشنري/ٽي. ايم. ٽڏاڻي
ٽي. ايم. ٽڏاڻي، حيدرآباد سنڌ: (1914ع)، ص، 3، 112
حوالو: آن لائين ڪيٽلاگ برٽش لئبرري، شليف مارڪ:14822، اي 21.

●90_لغت/مؤلف: پاڪيٽ انگلش-پرشن ڊڪشنري:فارسي جي ڏکين اکرن جي معني/آنندرام. ٽي. شاهاڻي ڪيو.
نئين سر سڌاريل: ايڇ. آئي. سيئوني
بمبئي: بمبئي اسڪول ۽ ڪاليج بُڪ اسٽال(سال؟)، ص 414
حوالو: آن لائين ڪيٽلاگ ورلڊ ڪيٽ.

## (7) عربي- سنڌي لغتون

●91_لغت/مؤلف:الياقوت والمرجان في لغت القرآن (جلد_ا)/ محمد حماد الله هاليجوي (1880_1962ع)

ڇاپو پهريون، پنو عاقل، سکر: محمد امين الله، مدرسه مدينة العلوم حماديه(1973ع)، ص26، 61، 336.

●92_لغت/مؤلف: الياقوت والمرجان في شرح غريب القرآن (جلد2) /محمد حماد الله هاليجوي،

ڇاپو پهريون، پنو عاقل، سکر: مدرسه مدينة العلوم حماديه (1975)، ص 4، 12، 158.

●93_لغت/مؤلف:محموداللغات(قلمي)/حاجي محمود خادم(1895_1960ع)

ڪيفيت: قرآن شريف ۾ آيل ذڪين عربي اکرن جون سنڌيءَ ۾ معنائون.

●94_لغت/مؤلف: غريب القرآن (قلمي) /محمد بخش واصف (1892_1952ع)

ڪيفت: قرآن شريف ۾ آيل ذڪين عربي اکرن جون سنڌيءَ ۾ معنائون (هيءَ لغت هاڻ اڻ لڀ آهي).

●95_لغت/مؤلف: عربي-سنڌي لغت (جلد1)/غلام حسين جلباڻي

ڇاپو پهريون. ڄامشورو سنڌ: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ(1988ع)

ڪيفيت: عربي اکرن جون سنڌيءَ ۾ معنائون.

●96_لغت/مؤلف: عربي-سنڌي لغت (جلد_2)/غلام حسين جلباڻي

ڇاپو پهريون، ڄامشورو سنڌ: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ (1990ع)

ڪيفيت: عربي اکرن جون سنڌيءَ ۾ معنائون.

●97_لغت/مؤلف: فصيح اللغات و ضرب الا مثال (عربي لغت)/پير نجي الله شاه راشدي(1895_1984)

ڪيفيت: عربي اکرن جي لغت، شايد قلمي صورت ۾ آهي.

## (8) اردو-سنڌي لغتون

●98_لغت/مؤلف: نئين اردو-سنڌي لغت/ابن الياس سومرو؛ نظرثاني/محمد بخش واصف
ڇاپو_1. حيدرآباد سنڌ: آزاد بُڪ ڊپو آفتاب پرنٽنگ پريس (1950ع)، ص5، 9، 534.

●99_لغت/مؤلف: اردو-سنڌي لغت/ مرتب: ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ڇاپو_1، حيدرآباد سنڌ: سنڌيونيورسٽي (1960ع)،ص 3، 591
ڇاپو_2، ڄامشورو سنڌ: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي (1990ع)، ص 3، 589

●100_لغت/مؤلف: اردو-سنڌي لغت/ مؤلف: عبدالستار بلوچ، نگران: نوراحمد ميمڻ ۽ ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو.
ڇاپو_1، حيدرآباد سنڌ: سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو ۽ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي (2003ع)، ص 1024

## (9) سنڌي-اردو لغت

●101_لغت/مؤلف: سنڌي- اردو لغت/مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان
ڇاپو_1، حيدرآباد سنڌ: سنڌ يونيورسٽي (1959ع)، ص، 3، 4، 866
ڇاپو_2، ڄامشورو سنڌ: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي (1979ع)، ص3، 4، 866.

## (10) گُرمُکي-سنڌي لغت

●102_لغت/مؤلف: شري گرو گرنٿ صاحب جو ڪوش (ڀاڱو پهريون)/نارائڻ سنگهه دريا ڏنو مل.
ڪيفيت: ڇاپو_ا، حيدرآباد سنڌ: مصنف (1914ع)، ص 48
هن لغت ۾ سکن جي پوتر ڪتاب گرو گرنٿ صاحب (حصو پهريون) جي ڏکين لفظن جي معنيٰ سنڌيءَ ۾ ڏنل آهي.

### (11) هندي-سنڌي لغت

●103_لغت/مؤلف: هندي-سنڌي ويهوار ڪوش/سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ آف انڊيا.
ڇاپو_1، نئين دهلي انڊيا: ڪيندرياليہ هندي نديشاليہ سڪشہ تاتها سمس ڪرتي، منترياليہ ڀارت سرڪار (1984ع)، ص 442.

### (12) سنڌي-هندي لغت

●104_لغت/مؤلف: بنيادي سنڌي-هندي شبد ڪوش/ڪنهيالال ليکواڻي
ڇاپو_1، انڊيا (1995ع)، ص 162

### (13) مرهٽي-سنڌي لغت

●105_لغت/مؤلف: مرهٽي-سنڌي شبد ڪوش/لڇمڻ پر سرام هردواڻي
ڇاپو_1، بمبئي انڊيا: مهاراشٽرا راجيہ ساهتيہ منڊل(1991ع)، ص 5، 554.

### (14) سنڌي- مرهٽي لغت

●106_لغت/مؤلف: مرهٽي شبد ڪوش/لڇمڻ پر سرام هردواڻي
ڇاپو_1، احمد نگر انڊيا: مصنف (1995ع)، ص 423.

### (15) هندوستاني-انگريزي لغت

●107_لغت/مؤلف: دي پاڪيٽ هندوستاني-انگلش ڊڪشنري: روزمره زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظن تي مشتمل/آنندرام ٽي شاهاڻي
ڇاپو_1، ڪراچي سنڌ: ايڊيوڪيشنل پبلشنگ ڪمپني(1946ع)، ص 359
ڪيفيت: هيءَ لغت مختلف ٻولين تي مشتمل آهي. ٿي سگهي ٿو تہ هن ۾ سنڌي ٻولي بہ شامل هجي. لغت کي ڏسڻ کان پوءِ ئي خبر پئجي سگهي ٿي.

### (16) انگريزي-هندوستاني لغت

●108_لغت/مؤلف:انگلش_هندوستاني ڊڪشنري/آنندرام ٽي شاهاڻي
ڇاپو_1،نيويارڪ: سيپيروگراف (1975ع)، ص 398

### (ج) ٽن ٻولين جون لغتون:

### (1) فارسي-سنڌي- انگريزي لغتون

●109_لغت/مؤلف: حڪايات لطيف جي پهرين پنجويهن آڪاڻين ۾ آيل ڏکين لفظن جي سنڌي ۽ انگريزي ۾ مڪمل فهرست (گلوسري)/ وسٽمل ڪشنچند ملڪاڻي.
حيدرآباد سنڌ: جو ويليئن ڪو آپريٽو سوسائٽي (1901ع)، ص 45، 129.

●110_لغت/مؤلف: سيد اشرف عليءَ جي سعد حڪايات جي پهرين ڏهن آڪاڻين ۾ آيل ڏکين لفظن جي سنڌيءَ ۽ انگريزيءَ ۾ مڪمل فهرست (گلوسري)/ گل محمد خان.
البرٽ پريس سکر، (1903ع)، ص 41

●111_لغت/مؤلف: حڪايات لطيف جي پهرين پنجويهن آڪاڻين ۾ آيل ڏکين لفظن جي سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ مڪمل فهرست (گلوسري)/اُڌارام پوڄراج باکرو.
سکر سنڌ: (1905ع)، ص 38.

### (2) فارسي- سنڌي- اردو لغت

●112_لغت/مؤلف: معلم فارسي مع فرهنگ ڪريما/مولانا علي محمد حقاني سومرو (1918ع)
فارسي ڪتاب پندنامہ جي ڏکين لفظن جي لغت سنڌي ۽ اردو ۾. لاڙڪاڻو سنڌ: المحمود اڪيڊمي اشاعت القرآن والحديث، ص 15.

### (3) ترڪي-فارسي-سنڌي لغت

●113_لغت/مؤلف: ترڪي_فارسي_سنڌي لغت (قلمي)/سيد غلام مرتضيٰ شاهہ "مرتضائي" ٺٽوي (1843_1910ع).

### (4)انگلش- سنڌي-اردو لغت

●114_لغت/مؤلف: پاڪ ٽرپليٽ ڊڪشنري:انگلش تو انگلش، سنڌي- اردو ٽن ٻولين ۾ /عبدالحسين ميمڻ
ڇاپو_1، حيدرآباد:آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس (1959ع)، ص 816.

### (5) هندي- انگلش- سنڌي لغتون

●115_لغت/مؤلف: هندي-انگلش-سنڌي شبد ڪوش/ديپچند تلوڪچندن ديوتا ڪنديرام شرما، پرپداس برهمچاري اجمير: سندر ساهتيه پبليڪيشن هائوس(1962ع)، ص 1000.
ڪيفيت: هن لغت ۾ چاليهه هزار هندي اکرن جو ن معنائون سنڌيءَ ۽ انگريزيءَ ۾ ڏنل آهن ۽ سنڌي اکر ديو ناگري لپيءَ ۾ لکيل آهن.
●116_لغت/مؤلف: هندي-انگلش-سنڌي ڊڪشنري/واسواڻي ۽ پرپداس برهمچاري.
اجمير: سندر ساهتيه (1963ع)

### (6) هندي – سنڌي- انگريزي لغت

●117_لغت/مؤلف: هندي–سنڌي-انگريزي تري ڀاشا ڪوش (3جلد) /سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ آف انڊيا.
ڪيفيت: نئين دهلي، انڊيا: ڪيندرياله هندي نديشاله سڪشه سمس ڪرتي منترياليه ڀارتيه سرڪار (1989ع)، جلد_1،ص 1008، جلد 2، ص 804، جلد3، ص404.

### (7) سنڌي-انگلش-هندي لغت

●118_لغت/مؤلف: بنيادي سنڌي-انگلش-هندي ڊڪشنري/ ڪنهيالال ليکواڻي.
ڪيفيت: ڇاپو_1 پونا انڊيا: پرڪاش پبليڪيشن (1996ع)، ص 199.

**(8) سنڌي- هندي- انگريزي لغت**

•119 _لغت/مؤلف: سنڌي_هندي_انگريزي سچتر شبد ڪوش/ ڪنهالال ليکواڻي.
ڇاپو_1، (1998ع)

**(9) ڪڇي- گجراتي-انگريزي لغت**

•120 _لغت/مؤلف: ڪڇي شبداولي: ڪڇي_گجراتي_انگريزي بڪشنري/ ايڊيٽر: آچاريہ شانتي ڀائي پرشوتم (1933ع)
ڪيفيت: ڇاپو_1، احمد آباد انڊيا: گجرات وديہ پٺ (1966ع)، ص 34، 94

**(10)ملتاني- پنجابي- سنڌي لغت**

•121 _لغت/مؤلف: گلوسري آف دي ملتاني لئنگويج ڪمپيئرڊ وٿ پنجابي اينڊ سنڌي/ ايڊورڊ او برائن.
ڇاپو_1، لاهور: پنجاب گورنمينٽ سول سيڪريٽريٽ پريس (1881ع)، ص283
ڇاپو_2 سڌاريل: جي ولسن ۽ هري ڪشن ڪيول لاهور: (1903ع)، ص 283.

**(د) ٽن کان وڌيڪ ٻولين جون لغتون:**

**(1) سنڌي- ڪڇي- سوڍڪي- جتڪي لغت**

•122 _لغت/مؤلف: سنڌي_ڪڇي_سوڍڪي_جتڪي شبداولي/ پرسوگدواڻي

**(2)اردو- بلوچي- پشتو- پنجابي- سنڌي- انگريزي لغت**

•123 _لغت/مؤلف: اتوٽ لساني رابطہ: اردو_بلوچي_پشتو_ پنجابي_ سنڌي ڪي مشترڪ الفاظ انگريزي ترجمہ ڪي ساتھ/ پريشان خٽڪ
ڇاپو_1.پشاور: پشتو اڪيڊمي، پشاور يونيورسٽي (1977ع)، ص 192
ڇاپو_2 اسلام آباد: مقتدره قومي زبان (1987ع)، ص 205

### (3) اردو-فارسي-عربي-انگريزي-سنڌي لغت

•124_لغت/مؤلف:پنجتن:اُردو_فارسي_عربي_انگريزي لفظن جي لغت سنڌي ۾ (قلمي) /مؤلف: نامعلوم.

هن لغت جو قلمي نسخو شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد ۾ موجود آهي.

سنڌ جي ديني ادب جو ڪيٽلاگ: سنڌي عالمن جي تصنيفات جو قلمي ذخيرو ص 8.

### (4) اردو-بلوچي-بنگالي-پشتو-پنجابي-سنڌي-ڪشميري لغت

•125_لغت/مؤلف: هفت زباني لغت: بلوچي، پشتو پنجابي، بنگالي، ڪشميري اور سنڌي کي مشترڪ الفاظ اردو ترجمہ کي ساتھ /ايڊيٽرس: اشفاق احمد، محمد اڪرم ۽ فضل قادر فضلي.

چاپو_1، لاهور: مرڪزي اردو بورڊ (1974ع)،ص 801

### (5)هندي-اردو-بنگالي-سنڌي-ڪشميري-گجراتي-آسامي-تيلگو-مرهٽي-اوريا- تامل، ملائيلم-ڪانڊا لغت

•126_لغت/مؤلف: پاريہ پاشا ڪوش: هنديہ پنجابي، اردو، ڪشميري، سنڌي، مرهٽي، گجراتي، بنگالي، آسامي، اوريا، تيلگو، تامل، ملائيلم، ڪانڊا ٻولين جي ڊڪشنري/سينٽرل هندي ڊاريڪٽوريٽ آف انڊيا. سماسڪرن (1984ع)

## (ق) خاص مضمونن جون لغتون:

### (1) سوانح حيات جون لغتون

•127_لغت/مؤلف: گجرات: سنڌي ليکڪ واقفيت ڪوش/گنگارام سمرات ۽ جيئو لالواڻي.

چاپو_1، گانڌي نگر: گجرات سنڌي اڪيڊمي (1990ع)، ص 80

ڪيفيت: هن ڪوش ۾ گجرات ۾ رهندڙ سنڌي ليکڪن جا جيون چرتر ڏنل آهن.

●128_لغت/مؤلف:(Eminent Sindhis in India)/لال پُشپ
ڇاپو_1، بمبئي (1989ع)
ڪيفيت: هن ڪوش ۾ ڀارت ۾ رهندڙ نامور سنڌين جا جيون چرتر ڏنل آهن.

●129_لغت/مؤلف: ڊڪشنري آف سنڌي لٽريچر/موتي لال جوتواڻي
ڇاپو_1، نئين دهلي : سمپارڪ پرڪاشن (1996ع)، ص 188
ڇاپو_2، نئين دهلي: سمپارڪ پرڪاشن (2000)، ص 280
ڪيفيت : هن ڪوش ۾ سنڌي ليکڪن ۽ ڪتابن جو ن داخلائون ڏنل آهن.

## (2) زراعت جون لغتون

●130_لغت/مؤلف: واڪئيبولري آف سنڌي اگريڪلچر ٽرمس: هربس اينڊ ڊرگس/ايٿرنگٽن.
ڇاپو_1، جرمني (1855)

●131_لغت/مؤلف: نامنڪليچر آف سنڌڪراپس: پنجن ٻولين ۾/ڪوڏومل چيتمل آڏواڻي
ڇاپو_1، ڪراچي (1925ع)
ڪيفيت: ڪوڏومل چيتمل آڏواڻي ولنگڊن ڪئٽل فارم ملير جو اڳريڪلچر مئنيجر هو. ببليوگرافي آف سنڌ آف بلوچستان/ بليموريا (1929ع)، ص 6، نمبر 11.

●132_لغت/مؤلف: زراعت جي لغت/محمد يوسف پنهور ۽ اي ڪيو. انصاري
ڇاپو_1، ٽنڊو ڄام: سنڌ اڳريڪلچر يونيورسٽي (1985ع).

ڪيفيت: هي لغت ڇپيل آهي، پر اڃا مارڪيٽ ۾ عام نہ ٿي آهي. هڪ دوست جي معرفت هن لغت متعلق ڄاڻ حاصل ٿي.

•133_لغت/مؤلف:هاري لغت(قلمي)/سيد محمد صالح شاهہ بخاري

ڪيفيت: هيءَ لغت قلمي صورت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري وٽ موجود آهي.

### (3) سائنس جون لغتون

•134_لغت/مؤلف: جديد سائنٽيفڪ ڊڪشنري/ڊاڪٽر شمس الدين تنيو.

ڇاپو_1, حيدرآباد سنڌ(1987ع)

•135_لغت/مؤلف: سائنٽيفڪ ڊڪشنري/ڊاڪٽر ايم. اي. قاضي

ڇاپو_1, حيدرآباد سنڌ (1991ع)

•136_لغت/مؤلف:علم ڪيميا جي لغت(قلمي)/ڊاڪٽر سيد وڏل شاهہ

هيءَ لغت 1974ع کان پهرين جي لکيل آهي.

### (4) علم طب جون لغتون

•137_لغت/مؤلف: فرهنگ جعفري يا تحفة الادويات/حڪيم محمد جعفر انصاري

ڇاپو_1, حيدرآباد سنڌ (1904ع کان پهرين جي ڇپيل)

•138_لغت/مؤلف: مخزن الا دويات/حڪيم پُرياداس

ڇاپو_1, پوڪرداس بڪسيلر ڪراچي سنڌ (1935ع)

•139_لغت/مؤلف: فرهنگ جعفري يا تحفة الادويات جلد_1/حڪيم نياز حسين همايوني

اصل تصنيف: حڪيم محمد جعفر انصاري، نئين سر سڌاريل ۽ وڌايل: حڪيم نياز حسين همايوني.

ڇاپو_1,ڪراچي: سنڌي ادبي بورڊ(1960ع)

●140_لغت/مؤلف:فرهنگ جعفري يا تحفة الادويات، جلد_2/حڪيم نيازحسين همايوني.
اصل تصنيف: حڪيم محمد جعفر انصاريءَ نئين سر سُڌاريل ۽ وڌايل: حڪيم نيازحسين همايوني.
ڇاپو_1، ڪراچي: سنڌي ادبي بورڊ (1960ع) ص 575
●142_لغت/مؤلف: الادويات تحفة المعروف فرهنگ جعفري/ حڪيم محمد حسين جعفري
ڇاپو_1، شڪارپور سنڌ: مولوي محمد عظيم اينڊ سنس (1970ع)، ص 230

### (5) تاريخي ترتيب وار واقعن جي ڊڪشنري

●142_لغت/مؤلف: "Chronological Dictionary of Sindh"/ايم. ايڇ. پنهور.
ڇاپو_1، ڄام شورو سنڌ: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، (1983ع)، ص 610

**مختلف رسالن ۾ لغت متعلق ڇپيل مقالن جي ڏسڻي:**

(1) سنڌي زبان جي واڪئبيولوي (لفظن جو ذخيرو)/جي. بي. ايسٽوڪ، جرنل آف رائل ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال، ڪلڪتو واليوم_12، 1843ع، ص 1، 22
(2) وئنپتي ڪوش/ جهمتمل نارومل وسٽاڻي، ٽماهي مهراڻ، جلد_9، نمبر 12 (1960ع) حيدرآباد سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ، ص ص 192_235
(3) سنڌي ڊڪشنرين جو اتهاس/جيرامداس دولترام (1891_1979ع) اخبار "هندواسي" بمبئي (آڪٽوبر، 1962ع)
(4) سنڌي لغت نويسيءَ جي مختصر تاريخ/محبوب اختر پناڻ [ن ع ش] ماهنامه "نئين زندگي" (جلد_46، نمبر_3، مارچ 1993ع)، ص 2، 10
(5) سنڌي زبان ۾ لغت نويسي: هڪ سرسري جائزو/ تاج جويو. ٽماهي "مهراڻ": 3/1999ع، ص 106_113

**واڌو ڄاڻ**

"مهراڻ" جي اونهاري ۽ سياري (2004) وارن پرچن ۾ راقم جو مقالو "سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۽ ببليو گرافي" ٻن قسطن ۾ شايع ٿيو. مقالي لکڻ وقت مون پوري پوري ڪوشش ڪئي ته سنڌي لغتن بابت وڌ ۾ وڌ ڄاڻ پڙهندڙن تائين پهچائي سگهان. پر ان جي باوجود ڪجهه لغتون رهجي ويون. جن جو ڏس پتو مقالي جي شايع ٿيڻ کان پوءِ پيو. سوچيم ته انهن رهيل لغتن جو به ذڪر ٿي وڃي، ته جيئن پڙهندڙن کي انهن لغتن بابت ڄاڻ حاصل ٿئي. اميد آهي ته پڙهندڙ هيٺئين ڄاڻ کي مقالي سان گڏ شامل ڪري پڙهندا.

(1) نجف علي شاهه ڪمتر نقوي: (مقالو) "ٻاروچي ٻولي". مهراڻ 1973/4ع، حيدرآباد سنڌ.

(2) نجف علي شاهه ڪمتر نقوي: (مقالو) سر ڪلياڻ جي لغت ۽ معني، سر ڪلياڻ جو مطالعو/مرتب: ڊاڪٽر بلوچ، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي، (1970ع)

(3) نجف علي شاهه ڪمتر نقوي: (مقالو) سر جمن جي لغت ۽ معني، سر جمن جو مطالعو / مرتب: ڊاڪٽر بلوچ، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي، 1971ع.

(4) نجف علي شاهه ڪمتر نقوي: (مقالو) سر سريراڳ جي لغت، سر سريراڳ جو مطالعو/مرتب: ڊاڪٽر بلوچ، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي، (1973ع).

(5) نجف علي شاهه ڪمتر نقوي: (مقالو) سر سامونڊي جي لغت، سر سامونڊي جو مطالعو/ مرتب: ڊاڪٽر بلوچ، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي، (1974ع).

(6) نجف علي شاهه ڪمتر نقوي: (مقالو) سر آبري جي لغت ۽ معني، سر سسئي آبري جو مطالعو/مرتب: ڊاڪٽر بلوچ، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي (1976ع).

(7) نجف علي شاهہ ڪمتر نقوي: (مقالو) سر معذوري جي لغت ۽ معنيٰ. سر معذوري جو مطالعو/مرتب: ڊاڪٽر بلوچ, ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي. (1977ع).
(8) نجف علي شاهہ ڪمتر نقوي: (مقالو) سر ڪنيات جي لغت, سر ڪنيات جو مطالعو/مرتب: ڊاڪٽر بلوچ, ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي 1973ع).
(9) تنوير جوڻيجو: "سماجياتي اصطلاحن جي لغت" (انگريزي- سنڌي). "سنڌي ادب", جلد-6, نمبر-1 ۽ 2. (1982ع), ص 53-80.
(10) تنوير جوڻيجو: "سماجياتي اصطلاحن جي لغت" (انگريزي- سنڌي). "سنڌي ادب", جلد-6, نمبر-1 ۽ 2. (1983ع), ص 160-177.
(11) تنوير جوڻيجو: "سماجياتي اصطلاحن جي لغت", (انگريزي-سنڌي), "سنڌي ادب", جلد-8, نمبر-1 ۽ 2 (85-1984ع), ص 102-125.
(12) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: (مقالو) "شاهہ جي رسالي ۾ آيل خاص لفظن جي لغت." "ڪينجهر", سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي (1987ع), ص 5-46.
(13) مرحوم محمد يعقوب آغا: "ڪليد گنج لطيف" (رسالي جي ڪنجي) 1985ع.
هيءَ لغت آغا صاحب جي انگريزيءَ ۾ جوڙيل رسالي جي آهي. لغت متعلق آغا صاحب لکي ٿو تہ, "هيءَ لغت سڄي رسالي جي ڇهن هزارن ڏکين اکرن جي انگريزي معنيٰ تي مشتمل آهي. ان کان علاوہ, فارسي, عربي, ترڪي, سرائڪي, اردو ۽ هندي زبانن مان نڪتل سنڌي اکرن متعلق پڻ چارٽ ڏنل آهي." هن لغت متعلق خبر ناهي تہ شايع ٿي يا اڃ قلمي صورت ۾ موجود آهي.
(14) پيرو مل مهرچند آڏواڻي/سرڪاري ڪاتي وارو رسالي جي لغت. ڊاڪٽر نواز علي شوق, "لغات لطيفي" جي پيش لفظ ۾ ديوان پيرو مل جي هڪ مڪمل لغات جو ذڪر ڪيو آهي. لکي ٿو تہ, "پيرو مل

تعليم ڪاتي وارو رسالو آڏو رکي. ان جي لغات تيار ڪئي هئي، پر افسوس جو اها مڪمل لغات ڇپجي نہ سگهي." (لغات لطيفي/مرزا قليچ بيگ: پيش لفظ: از ڊاڪٽر نواز علي شوق، 1994ع).

(15) ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ "ڊڪشنري" (انگريزي-سنڌي يا سنڌي-انگريزي).

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ بہ سنڌي-انگريزي يا انگريزي-سنڌي ڊڪشنري لکڻ جو خاڪو ذهن ۾ رکيو هو پر سندس وفات جي ڪري اهو ڪم مڪمل ٿي نہ سگهيو. ڊاڪٽر شوق هن لغت متعلق لکيو آهي تہ "ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ بہ ڪئپٽن اسٽئڪ جي طرز تي ڊڪشنري لکڻ جي ڪوشش ۾ هو پر سندس وفات جي ڪري اهو ڪم اڌورو رهجي ويو." (شاهہ جو رسالو/ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ: مهاڳ، از ڊاڪٽر نواز علي شوق، 1985ع، ص 17 ۽ 18).

(16) نامعلوم/مختصر ڊڪشنري (انگريزي لغت).

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي لائبرريءَ ۾ موجود قلمي نسخن جي فهرست/مرتب، مولانا محمد صديق السنڌي "ماعر"، (نسخو نمبر-290، ص 26). هن لغت جو قلمي نسخو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي لائبرريءَ ۾ موجود آهي.

(17) تنوير جوڻيجو: "سماجياتي لغت".

محترم تنوير جوڻيجو، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان "سماجياتي لغت" تي ڪم ڪري رهي آهي. هن لغت متعلق خبر ناهي تہ مڪمل ٿي آهي يا نہ.

(18) عثمان علي انصاري: شاهہ جو رسالو: ڏکين لفظن جي معنيٰ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو (1955ع)، ص 761-816 متن کان پوءِ رسالي جي آخر ۾ انصاري صاحب سڄي رسالي جي ڏکين اکرن جي معنيٰ کي سهيڙيو آهي.

(19) ليلا رام وطڻ مل لالواڻي: "دي لائيف، ريلجن اينڊ پوئٽري آف شاهہ لطيف". (پارٽ ٻيو) سڄي رسالي ۾ آيل ڏکين اکرن جو انگريزيءَ ۾ معنيٰ، (1889ع)، ص 43-223، (سنڌي- انگريزي لغت).

(20) ڊاڪٽر عمر  بن محمد دائودپوٽو: "ڪنز اللطيف" (شاھ جي رسالي جي فرهنگ).
ڊاڪٽر دائودپوٽو بہ شاھ جي رسالي جي اهنجن لفظن جي لغت لکڻ جي ڪوشش ۾ هو جيئن پاڻ لکي ٿو. "منهنجو ارادو آهي تہ شاھ جي متن تيار ٿيڻ کان بعد گهٽ ۾ گهٽ بہ ڪتاب لکان: (1) ڪنزاللطيف: لطيفي قديم لفظن جي صحيح معنيٰ جو فرهنگ (2) ڪشف اللطيف: اهو ابجد وار ڪتاب جنهن جي وسيلي شاھ لطيف جي هر هڪ بيت کي سولو ڳولي سگهجي." ("مضمون ۽ مقالا". ص 222). ڊاڪٽر صاحب جي لکت مان معلوم ٿئي ٿو تہ سندن ارادو شاھ جي رسالي جي فرهنگ لکڻ جو هو جنهن جو نقشو پڻ سندن ذهن ۾ هو ۽ ان جو نالو بہ سوچي ڇڏيو هئائون، پر سندن اوچتي وفات جي ڪري اهو ڪم مڪمل ٿي نہ سگهيو.
(21) وٿيپتي ڪوش/ جهمتمل نارومل وسطائي. مهراڻ جلد_9، نمبر 12. (1960ع). ص 192_235.
(22) Luchman Mulchand Khubchandani. Sindhi Dicitonarics. InL Encyclopedia of Indian Literature volume-2, Sahitia Acadamy , New Delhi. 1987. pp. 1037-1038.
(23) Pitniak. D.P. Sindhi Grammar, Dictonaries and Teaching Material. Indian Language Bibliography of Grammar, Dictionaries and Teaching Material Educational Resource. New York. Education Department, 1973, p 87-89.
(24) Mahboob Pathan. A brief History and Bibliography of Sindhi Dictionaries, Sindhological Studies, Summer, 2000, vol. 18, no-1, pp 33-53.
(25) Mahboob Pathan. A brief Histroy and Bibliography of Sindhi Dictionaries, Sindhological Studies, Summer- winter, 1993, vol. 17. no-1,2. pp 1-13.*

•

*ٽماهي 'مهراڻ'، سيارو 2005ع تان ورتل)

ناسف علي شيراز

# سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۽ ببليو گرافي

(حصو ٽيون)

سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ متعلق هڪ مقالو "سنڌي ڊڪشنرين جو اتهاس" جيرامداس دولترام جو لکيل آهي. هي مقالو بمبئيءَ مان نڪرندڙ اخبار "هند واسي" جي آڪٽوبر 1962ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو. ان کان پوءِ ڊاڪٽر لڇمڻ مولچند خوبچنداڻيءَ جو سنڌي ڊڪشنرين ۽ گرامر متعلق ليک، البرٽ ٿامس جي ايڊيٽري هيٺ شايع ٿيل ڪتاب "Current Trends in Linguists, 1969" ۾ ڏنل آهي. ساڳئي موضوع هيٺ، ڊاڪٽر پرسو گدواڻيءَ (1937ع-2004ع) جو انگريزيءَ ۾ "Lexicographical studies in Sindhi" لکيل آهي. هيءَ مقالو گدواڻي صاحب، سال 1970ع ۾ ذڪر هندستان جي شهر ميسور ۾ منعقد ٿيل لغت نويسيءَ متعلق پهرين نيشنل ڪانفرنس جي سيمينار ۾ پڙهيو هو جيڪو ڏهن سالن کان پوءِ 1980ع ۾ ڪتاب "Lexicography in India: Proceeding of the First National Conference on Dictionary Making in Indian Language" ۾ ڇپيو. هن مقالي ۾ 50 لغتن بابت هڪ فهرست شامل ڪيل آهي. ان کان علاوه، ڊاڪٽر لڇمڻ مولچند خوبچنداڻيءَ جو سنڌي ڊڪشنرين متعلق ليک، "انسائيڪلوپيڊيا آف انڊين لٽريچر"، واليوم-2 (1988ع) ۾ شايع ٿيل آهي. ساڳيو ليک ڪجهه واڌارن سميت ڪتاب "Sindhi Studies (1947-1967) A Review of Sindhi Language and Society, 2000". ۾ پڻ ڏنل آهي. پوپٽي هيراننداڻي (1924ع -2005ع) جو سنڌي علم ادب تي لکيل مقالو پڻ ڪتاب Sindhi: The Scattered Treasure, 1980 ۾ ڇپيل آهي، جنهن ۾ لڳ ڀڳ ساڳئي گدواڻي صاحب واري لسٽ ڏنل آهي.

سنڌ ۾ لغت نويسيءَ متعلق هڪ مقالو: "سنڌي صوتيات لسانيات، گرامر ۽ لغت تي ٿيل تحقيق" جي عنوان هيٺ ڊاڪٽر غلام علي الانا جو لکيل آهي، جيڪو سن 1984ع ۾ ٽماهي "مهراڻ" ۾ شايع ٿيو جنهن کان پوءِ راقم جو مقالو "سنڌ ۾ لغت نويسيءَ جي مختصر تاريخ" جي نالي سان لکيل آهي. خديجہ انصاريءَ جو لکيل مضمون، "سنڌي ٻوليءَ ۾ جامع انسائيڪلوپيڊڪ لغت جي گهرج" جي نالي سان "مهراڻ" جي جنوري-جون 1999ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو جنهن ۾ خديجہ انصاري سنڌي لغت جي مختصر تاريخ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ جامع انسائيڪلوپيڊڪا لغت جي ضرورت تي ڪي تجويزون پيش ڪيون آهن. ان کان پوءِ تاج جويي جو مقالو "سنڌي زبان ۾ لغت نويسي: هڪ سرسري جائزو" ٽماهي رسالي مهراڻ 1999/3ع جي شماري ۾ شايع ٿيو. هيءَ مقالو مختصر پر جامع انداز ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ لغتن کانسواءِ ٻهاڪن جي ڪتابن بابت پڻ ڄاڻ شامل ڪيل آهي. ساڳيو مقالو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ترتيب ڏنل هڪ جلدي لغت (1998ع) ۾ پڻ ڏنل آهي. ان کان علاوه، هيءَ مقالو رسالي "پيغام" جي مارچ 2002ع واري پرچي ۾ پڻ شايع ٿيو. تاج جويي جي مقالي کان پوءِ انڊيا جي سنڌي اديب، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ جو مقالو ٽماهي مهراڻ- 2000/4ع واري پرچي ۾ "سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ" جي عنوان هيٺ شايع ٿيو. هن مقالي ۾ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب سنڌي لغت نويسي جي تاريخ ۾ هند ۽ سنڌ ۾ لغت بابت ٿيل ڪم جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي.

هن مقالي جي شايع ٿيڻ کان پوءِ عبدالوهاب سهتي پڻ قلم کنيو ۽ "سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ: ضميمو -1" جي نالي سان مقالو لکيو جيڪو رسالي "ڪينجهر" جي مارچ 2001ع واري پرچي ۾

شايع ٿيو جنهن کان پوءِ فاضل مصنف جو ساڳئي موضوع تحت ضميمو ـ2 پڻ لکيل آهي. هنهي ضميمن ۾ محقق گهڻين نئين لغتن جي چاڻ شامل ڪئي آهي، ان کان علاوه پهاڪن جي ڪتابن جون داخلائون پڻ ڏنل آهن. هن مقالي تي تمام گهڻي محنت ڪئي وئي آهي، راقم به ان ڏس ۾ سال 2003ع ۾ مقالو لکيو جيڪو "مهراڻ" جي (اونهارو ـ 2004ع ۽ سرءُ 2004ع) وارن پرچن ۾ "سنڌي لغت نويسي جي تاريخ ۽ ببليوگرافي" جي نالي سان ٻن قسطن ۾ شايع ٿيو جنهن ۾ 150 کان مٿي لغتن جو ذڪر ڪيل آهي. جيئن ته ان وقت مون عبدالوهاب سهتي صاحب جو مقالو نه پڙهيو هو تنهنڪري ڪجهه لغتن جو ورجاءُ ٿيل آهي. راقم جي مقالي شايع ٿيڻ کان پوءِ سنڌ جي نوجوان محقق، ڊاڪٽر مخمور بخاريءَ صاحب جو ساڳئي موضوع تي لکيل مقالو مهراڻ 2008/3ع جي شماري ۾ شايع ٿيو آهي. بخاري صاحب گهڻي محنت سان هيءُ مقالو لکيو آهي، جنهن ۾ کوڙ نئين لغتن متعلق چاڻ شامل ڪيل آهي. راقم جي مقالي کي شايع ٿيندي پنجن سالن جو عرصو ٿي ويو آهي اِن دوران ڪن ٻين لغتن جي چاڻ حاصل ٿي ۽ گهڻيون ئي نيون لغتون به ڇپيون آهن. جن جا نالا اڳين مقالن ۾ لکجڻ کان رهجي ويا هئا. انهن سڀني جو مختصر احوال هيٺ ڏجي ٿو.

**اڻويهين صدي عيسوي ۾ سنڌي لغت نويسي 1830ع ـ 1899ع:**

سن 1835ع ۾ ليفٽيننٽ بوئيليي (Alexandar Hennery Edmonstone Boilcanu:) [1807-1862] بيڪانير، جيسلمير، جوڌپور سنڌ ۽ بهاولپور رياست جو سير سفر ڪيو جنهن جي رپورٽ هن انڊيا گورنمينٽ کي ڏني. انهي سفر کي هن "Personal nararative of a tour through the western states of Rajwara, in 1835" جي نالي سان 1837ع ۾ ڪلڪتي مان شايع ڪرايو. انهيءَ ڪتاب ۾ هن سنڌ جي ٻوليءَ بابت پنهنجا خيال پيش ڪيا آهن ۽ سنڌي لفظن جي هڪ

مختصر فهرست ڏني آهي، جنهن ۾ سنڌي لفظن جي معنيٰ انگريزي ۽ هندستاني ٻوليءَ ۾ ڏنل آهي. انهن سنڌي لفظن جو تعداد اٽڪل سؤ (100) کن آهي. ٽن صفحن تي مشتمل هي مختصر وَڪيبيلري ٽن ڪالمن ۾ ورهايل آهي، جنهن ۾ پهرين ڪالم ۾ سنڌي لفظ ڏنل آهن. ٻئي ڪالم ۾ انهن جي انگريزيءَ ۾ معنيٰ ۽ آخري ڪالم ۾ هندستاني ٻوليءَ ۾ معنيٰ ڏنل آهي. سنڌي لفظ رومن سنڌيءَ ۾ لکيل آهن. سنڌي لفظن جي هڪ نامر مالها يا لفظي ذخيرو اِي. بي. ايسٽوڪ (E.B. Eastwick) جو پڻ لکيل آهي. هندستاني، فارسي، عربي، سنسڪرت، سنڌي، بروهي ۽ پنجابي ٻولين جي هن ڄاڻوءَ کي سن 1838ع ڌاري سنڌ اندر اسسٽنٽ پوليٽيڪل ايجنٽ طور رکيو ويو. سنڌ اندر رهڻ دوران هن سنڌي، بروهي ۽ بلوچي ٻوليءَ جو اڀياس ڪيو ۽ اهي ٻوليون روانيءَ سان ڳالهائڻ لڳو. انهيءَ کان علاوه هن انهن ٻولين جا لفظي ذخيرا پڻ جمع ڪرڻ شروع ڪيا. هو سنڌي لفظن جو وَڪيبيلري متعلق ڪتاب "Dry Leaves from Young Egypt" ۾ لکي ٿو ته:

"A Vocabulary of the Sindhi Language, comprising four of five thousand words, every one of which was discussed by several Munshis, were part of my own words of supererogation. In preparing the Vocabulary, I, of course, had to learn the character, which has this peruliarity, that only initial vowel (with a very few exceptions) are written consequently, there is the greatest difficulty in deyiphering writings, for only the consonants appear, and you must insert the vowel as you think will best suit the sense. Thus, the word pirin, 'beloved', in written exactly like pare, 'beyond', for only the 'P' and the 'r' are represented. The Consequence of such an elliptical mode of writing is, that even the native's make egregious blunders in extracting the pith of the queer little epistles with their correspondent favour them [page.119]."

سنڌ ۾ رهڻ دوران ايسٽوڪ اندازاً پنج هزار اکرن تي مشتمل سنڌي نامر مالها تيار ڪئي هئي، جيڪا هن ڏيهي منشين کان پڻ چڪاس ڪرائي. انڊيا واپس پهچڻ تي هن وَڪيبيلريءَ جو مسودو انڊيا جي حڪومت کي 22 آگسٽ 1840ع تي ڇپائيءَ لاءِ ڏنو. انڊيا جي حڪومت هن مسودي کي بمبئي مان 1843ع ۾ ليٿوگراف تي ڇپايو. پنجهتر صفحن تي مشتمل هن مسودي جا نسخا، برٽش لائبريري ۽ ڪيليفورنيا اسٽيٽ لائبريري ۾ موجود آهن. هي وَڪيبيلري پوءِ، سن 1843ع ۾ "جنرل آف دي ايشئاٽڪ سوسائٽي آف بنگال ڪلڪت" جي واليومر 12، پارٽ I، ۾ صفحي 1_22 تي پڻ شايع ٿي.

هن وَڪيبيلريءَ جي مهاڳ ۾ (E.B Eastwick) جي نالي بجاءِ ڇپائيءَ جي غلطيءَ ڪري نالو جي. بي ايسٽوڪ (J.B Eastwick) ڇپجي ويو آهي، جنهن جي تصحيح ٽائيٽل پيج تي ڪيل آهي ۽ (J) کي ڪٽي ان جي بجاءِ هٿ سان ڪنهن (E) لکيو آهي. مهاڳ ۾ لکيل J.B Eastwick جي نالي ڪري ڪافي ڪيٽلاگن ۾ هيءَ وَڪيبلري J.B Eastwick ڏانهن منسوب ٿي ويئي آهي، برٽش لائبريري جي ڪيٽلاگ ۾ پڻ E.B Eastwick ۽ J.B Eastwick جي نالن سان ٻن وَڪيبيلريز جون لکٽيون موجود آهن. ممبئيءَ مان ليٿوگراف تي ڇپيل 57 صفحن تي مشتمل وَڪيبيلري اصل ۾ قلمي نسخو آهي، جڏهن تہ ڪلڪتي واري وَڪيبيلري ڇپيل آهي، ۽ اهي ٻئي وَڪيبيلري E.B Eastwick جون لکيل آهن، يعني هڪ ليٿوگراف صورت ۾، تہ ٻي ڇپيل. جڏهن تہ J.B Eastwick جي ڪا بہ سنڌي وَڪيبيلري لکيل ناهي.

ڪافي وقت کان پوءِ ايسٽوڪ هڪ دستي ڪتاب:

"Handbook of the Punjab, western Rajputana Kashmir, and upper Sindh"

لکيو جيڪو 1883ع ۾ شايع ٿيو هو سنڌي وَڪيبيلري متعلق ان ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ ، "سنڌي ٻوليءَ جي پهرين نامر مالها يا لفظي ذخيرو سن 1840ع ۾ شايع ٿيو جيڪو هن ڪتاب جي مصنف خداوادي اکرن ۾ لکيو آهي."

"It must be said, however, that 1st vocabulary of Sindhi which was ever made, and was published in 1840 by the author of this book, was written in the Khudawadi Character." (Page-62)

"A Sindhi Vocabulary, which was lithographed by the Bombay (Mombay) Government and subsequently, reprinted in the transaction of the Bengal Asiatic Society, with other papers in the Bombay Journal."

سن 1847ع ۾ ڊاڪٽر ڊارن پشتو ٻوليءَ بابت ڪتاب:
"A chrestomathy of the Pashto or Afghan Language 1847"

سينٽ پيٽربرگس مان شايع ڪيو، جنهن ۾ پشتو ٻوليءَ جي ادبي لکڻين بابت تحقيق ڪيل آهي، جنهن سان مصنف "انگريزي-افغاني" گِلاسري (Glossary) پڻ ڏني آهي. هن ڪتاب جي شايع ٿيڻ کان پوءِ سنڌ سروي ڊپارٽمينٽ جي اسسٽنٽ، سر رچرڊ برٽن جو مقالو جنرل آف دي بامبي برانچ آف رائل ايشلٽڪ سوسائٽيءَ جي جنوري 1849ع واري پرچي ۾ "Notes and Remarks on Dr. Dom's Chrestomathy of Pushtu of Afghan Language" جي نالي سان شايع ٿيو. برٽن، پشتو ٻوليءَ جي علم ادب تي سٺي روشني وڌي آهي. هو پشتو ۽ سنڌي علم ادب جي ڀيٽ ڪندي لکي ٿو ته:

"One peculiarity may be remarked in all these production, that the authors seem never to aim pure Pushtu composition. Their vocabulary in more than three parts Persian and Arabic, and the foreign words and idioms are introduced, (as in the Urdu of N. India) the finer the poerty is. Where as take for instance the Chief-d'oeurre of Sindhi Composition, the Risalo of Shah Abdul Latif. Of the ten or twelve thousand couplets which that work contains, at least two-thirds will be in the purest Sindhi words and in the local idioms, displaying at the same time a richness of vocabulary, a variety of expression, and naives of style beyond all praise. The Pushtu metre also is invariably an imitation of some

Persian measure (in modern composition), where as the Sindhi Language possess a peculiar kind of verse to which we must at least allow the merit of originality."

سر رچرڊ برٽن ڪتاب تي تنقيد ڪندي ڪيترن ئي پشتو لفظن بابت وضاحت ڪندي صحيح لفظن جي نشاندهي ڪئي آهي. هن آخر ۾ پشتو سنڌي ۽ پنجابي لفظن جي گڏيل فهرست ۽ انهن جي انگريزيءَ ۾ معنيٰ ڏني آهي. جيڪي عام طرح تنهي ۾ ساڳيا آهن ۽ گهڻو ڪري سنسڪرت زبان مان نڪتل آهن. جيتوڻيڪ هيءَ تمام مختصر وڪيبيلري آهي، پر انهن ۾ سنڌي ۽ پشتو ٻولين جو هڪ ٻئي سان لاڳاپو چٽي طرح ظاهر ٿئي ٿو. آخر ۾ مصنف پشتو ۽ فارسي ٻوليءَ جي وڪيبيلري پڻ ڏني آهي.

مٿين مقالي کان علاوه، رچرڊ برٽن، سنڌ جي تاريخ، تمدن ۽ ٻوليءَ تي مستند ڪتاب: 'Sindh and the Races that Inhabit the Valley of the Indus' لکيو جيڪو لنڊن مان 1851ع ۾ شايع ٿيو. هو ان ڪتاب ۾ لکي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ جي سُٺي ڄاڻ جي ڪري ساڳئي خطي ۾ ڳالهائيندڙ پنجابي، پشتو جتڪي، بروهي ۽ بلوچي ٻولين بابت ڄاڻ پڻ آسانيءَ سان حاصل ڪري سگهجي ٿي. سنڌي ٻوليءَ ۾ انهن ٻولين جي لفظن جي اٿاٿ بابت لکي ٿو ته، مون کي هڪ مقامي ماڻهوءَ جي ٺاهيل سنڌي لفظن تي مشتمل وڪيبيلري ڏسڻ جو موقعو مليو جنهن ۾ چار سو اسمن مان ٻه سو اسم پشتو سان ۽ ڏيڍ سو اسم بلوچي يا ان سان ملندڙ جلندڙ هئا. سندس بيان جو اهو اقتباس هيٺ ڏجي ٿو:

"It may be observed that a good knowledge of Sindhi introduces us to a variety of cognate language as the Pnujabi, Jatak, Pushtu, Balochi, and Bhrahui and other spoken in the countries west of the Indus. In a vocabulary composed by a native, I observed that out of four hundred noun, two hundred Pushtu and one hundred and fifty Balochi words where exactly or very similar to the Sindhi" [Page 70]

رچرڊ برٽن جي هن بيان مان اندازو ٿئي ٿو ته سنڌ جي مقامي ماڻهن وٽ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جوڙ لکيل مختصر وڪيبيلريون يا فهرستون ان وقت موجود هيون، جن بابت هاڻ ڪا خبر نٿي پوي. سنڌي لفظن تي مشتمل اهي مختصر آڳاٽيون وڪيبيلريون يا فهرستون آهن، جيڪي ڪتابن ۾ ٽڙيون پکڙيون پيون آهن.

سن 1850ع کان 1899ع واري دور ۾ سنڌ اندر لغت نويسيءَ جي ابتدا ٿي چڪي هئي، جن ۾ سنڌي ۽ انگريز عالمن چڱو ڀرو ورتو جن ۾ اِسٽئڪ، شرٽ، اِسٽوڪ، منشي اڏارام، مرزا صادق علي، آخوند عبدالرحيم وغيره جا نالا اهميت جوڳا آهن. انهن صاحبن ابتدائي دور (1892ع- 1829ع) ۾ جيڪي لغتون لکيون هيون، سي اڄ به مستند سمجهيون وڃن ٿيون، جن جو ذڪر اڳين مقالن ۾ تفصيل سان ڪيل آهي. ان ئي دور ۾ سنڌ جي عالم سيد ميران محمد شاهه اول (1829ع- 1892ع) پڻ اهڙي ڪوشش ورتي ۽ هڪ "سنڌي-انگريزي ڊڪشنري" ترتيب ڏني. ان ڊڪشنريءَ جو ذڪر ڪندي، گل محمد عمراڻي صاحب لکي ٿو ته هڪ "سيد ميران محمد شاهه (اول) شعر و ادب سان گڏوگڏ لغت نويس پڻ هو. سندس هڪ سنڌي- انگريزي ڊڪشنري سنڌ آرڪائيوز (ڪمشنر آفيس) ۾ اڄ تائين موجود آهي. ڪهڙو نه چڱو ٿئي جو ڪو صاحب هن ڊڪشنري کي سنواري شايع ڪري."

ساڳئي دور (1828ع-1885ع) ۾ جرمن اسڪالر، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ پڻ اهڙي قسم جي ڊڪشنري تيار ڪرڻ جو سوچي رهيو هو. ڊاڪٽر ٽرومپ ڪراچيءَ مان 20 نومبر 1854ع تي مشنري سوسائٽي لنڊن ڏانهن انگريزيءَ ۾ خط لکيو، جنهن ۾ هن سنڌي الف- بي تي روشني وجهڻ سان گڏوگڏ سنڌي ڪتاب تيار ڪرڻ بابت پڻ وضاحت ڪئي آهي. هو لکي ٿو ته:

"هن وقت آءٌ جيڪي ڪتاب تيار ڪري رهيو آهيان سي هن ريت آهن:
1۔ سنڌي ريڊنگ بڪ. لغت طور نحوي ۽ اشتقاقي لفظن سان گڏ
2. سنڌي – انگريزي لغت، جنهن ۾ سنڌي لفظ جو اشتقاق ڏنل هوندو.
3. سنڌي ٻوليءَ جو گرامر.

ڊاڪٽر ارنيسٽ جي مٿئين بيان مان لڳي ٿو ته هن هڪ لاءِ سنڌي۔ انگريزي لغت جو ڪم مڪمل ڪري ڇڏيو هوندو پر شايد اها لغت شايع ٿي نه سگهي. "جنرل آف دي رائيل ايشلٽڪ سوسائٽي آف گريٽ برٽن اينڊ آئرلينڊ" جي مئي 1885ع واري پرچي ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ جي وفات تي سندس حياتيءَ بابت مختصر وفات نامو شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ لکيل آهي ته:

"Dr. Trumpp was an indefatigable student: and more than this, in several directions a pioneer whose lead all subsequent scholars had to follow. In this respect especially noteworthy are this variouse publications on the Sindhi language, viz. his "Sindhi Reading Book", Lond. 1858: two long articles in the journal of the German Oriental Society for 1861 and 1862, on the position that Sindhi holds to Prakrit and the other Sanskritic vernacular of India. The Diwan of Abdul Latif Shah, Leipzi. 1866 and his Grammar of the Sindhi Language compared with Sanskrit, Prakrit and the Cognate Indian Vernaculars. Lond 1872. He also compiled and Etymological Sindhi Dictionary, which still remains un-printed." [Page xxxiv]

مٿئين اقتباس مان لڳي ٿو ته هن ڊڪشنريءَ جو مسودو شايد جرمني شهر جي ڪنهن لائبريريءَ ۾ موجود آهي. سنڌ جي لسانياتي ماهرن کي گهرجي ته هو هن ڊڪشنريءَ جو مسودو هٿ ڪري ان کي شايع ڪرائڻ جي ڪوشش ڪن ته جيئن سنڌي ٻولي جي گهڻن مُنجهيل لفظن بابت ڄاڻ حاصل ٿي سگهي، ڇاڪاڻ جو هيءَ لغت هڪ قسم جي اشتقاقي لغت آهي.

البرٽ وليم هيوز سنڌ جو سرڪاري خبرنامو/ سنڌ جي سرڪاري اخبار/ سنڌ گزيٽيئر 'A Gazetter of the Province of Sind' جي نالي سان مرتب ڪيو جيڪو لنڊن مان سال 1874ع ۾ شايع ٿيو. هوان جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته. "سنڌ متعلق ٻه ڊائريڪٽريون سن 1857ع ۽ 1862ع ۾ شايع ٿيل آهن. ان کان علاوه, سنڌ بابت مختصر سرڪاري رپورٽون، سرگذشت/يادگيريون ۽ نوٽس گهڻا ئي شايع ٿيا آهن, جيڪي حڪومت جي آفيسرن جا لکيل آهن. انهن ڊائريڪٽرين/ سرڪاري مواد کي گزيٽيئر/ سرڪاري خبرنامو نٿو چئي سگهجي. سنڌ بابت ڪيترو ئي مواد ٽڙيو پکڙيو پيو آهي، جن کي مون ترتيب سان هن گزيٽيئر ۾ رکيو آهي. البت سنڌ جي جيالاجي متعلق گهڻو مواد هن گزيٽيئر ۾ شامل ٿي نه سگهيو آهي، جنهن جو گهڻو افسوس اٿم. هن گزيٽيئر ذريعي سنڌ بابت سهيڙيل مواد جو هڪ سلسلو شروع ٿيو آهي. گهڻو مستند مواد نه ملڻ ڪري, هن گزيٽيئر ۾ انگ- اکر يا انگ- شاستر (Statistics) وارو مواد گهڻو ڪري تخميني تي رکيل آهي. ان جو وڏو سبب اهو آهي ته اهو مواد اچا صحيح طرح ترتيب هيٺ نه آيو آهي. مرتب هن گزيٽيئر جي آخر ۾ سنڌي – انگريزي لفظن جو مختصر ذخيرو **"ورنيڪيولر اکرن بابت تشريحي وَڪيبيلري"** ضميمي – 4, طور رکيو آهي، جنهن ۾ سنڌي اکرن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي انگريزيءَ ۾ ڏني آهي. پنجن صفحن تي مشتمل وَڪيبيلري صفحي 852 کان 856 تي ڏنل آهي، جنهن ۾ ڪل سنڌي اکرن جو تعداد 184 آهي.

هن سرڪاري خبرنامي/گزيٽيئر جو ٻيو ڇاپو 1876ع تي لنڊن مان شايع ٿيو. هن ڇاپي ۾ مرتب, واڌارا ۽ سُڌارا پڻ ڪيا آهن, جن ۾ سنڌي- انگريزي اکرن جي وَڪيبيلري, **"ورنيڪيولر يا ڏيهي اکرن**

بابت تشريحي وَڪيبيلري" ضميمي -5 هيٺ رکيل آهي. 17 صفحن تي مشتمل هن لفظي ذخيري ۾ سنڌي اکرن جو تعداد 740 آهي، جن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي انگريزيءَ ۾ ڏنل آهي. هيءَ وَڪيبيلري صفحي 882 کان 898 تي ڏنل آهي.

اِي-بي ايسٽوڪ E.B. Eastwick, (1814ع -1883ع) جو لکيل ڪتاب "هينڊ بڪ آف دي پنجاب، ويسٽرن راجپوتانا، ڪشمير اينڊ اپر سنڌ"، سال 1883ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾اِسٽوڪ سنڌي لفظن جو ذخيرو ڏنو آهي، جيڪو ٽن ڪالمن ۾ ورهايل آهي. هڪ ڪالم ۾ انگريزي لفظ، ٻئي ۾ ان جي پنجابيءَ ۾ معنيٰ ۽ ٽئين ڪالم ۾ سنڌي معنيٰ ڏنل آهي. هن کي فرهنگ پڻ چئي سگهجي ٿو جو هن ۾ مختلف ڏنڌن بابت ڪيترائي لفظ ڏنل آهن. مثلاً: جسم جي عضون جا نالا، مختلف بيمارين جا نالا، ڏينهن، مهينن ۽ طرفن جا نالا، چئن پيرن وارن جانورن جا نالا، پکين، مڇين، حشرات (جيتن جڻن) جا نالا، پٿرن جا نالا، پوشاڪ،خوراڪ ۽ گهر جي فرنيچر جا نالا، باغباني، وڻن، گلن جا نالا، زراعت ۽ جهاز راني بابت نالا، بئنڪ يا ڏيتي ليتي بابت نالا، قانون ۽ حڪومت بابت نالا، مختلف ڏنڌن جا نالا، اسڪول ۽ ڪاليج ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ ۽ آخر ۾ رنگ ۽ حواسن جا نالا ڏنل آهن. هن فرهنگ ۾اٽڪل 1500 لفظن جو ذخيرو موجود آهي.

سال 1885ع ۾ جارج ڪلفرڊ وائٽ ورٿ (George Clifford Whitworth)، "اين اينگلو- انڊين ڊڪشنري" شايع ڪئي. هن ڊڪشنريءَ ۾ سنڌي، هندي، مرهٽي، بنگالي، پنجابي وغيره ٻولين جا اهڙا چوند لفظ ڏنل آهن، جيڪي ڪا خاص معنيٰ رکن ٿا. سنڌي ٻوليءَ جا به ڪافي لفظ مثلاً "دانگي، ڪپر، پيلو وڏيرو ڪاردار" وغيره ڏنل آهن، جن جي سمجهاڻي انگريزيءَ ۾ ڏنل آهي. هيءَ هڪ قسم جي گلاسري (Glossary) آهي.

**ويهين صدي عيسويءَ ۾ سنڌي لغت نويسي:**

ويهين صديءَ جي شروعات ۾ سنڌي- انگريزي ۽ انگريزي-سنڌي ڊڪشنريون شايع ٿيڻ لڳيون، جن جو تفصيل اڳين مقالن ۾ ڏنل آهي، هن ئي دور ۾ يورپين جنرل لائبريري حيدرآباد سنڌ جي لائبريرين، مسٽر ڊولامل بولچند، سن 1901ع ۾ انگريزي آفيسرن لاءِ سنڌيءَ ۾ دستي ڪتاب لکيو جنهن بابت هو مهاڳ ۾ لکي ٿو تہ هن ڪتاب کي گرامر جي ڪتاب بجاءِ سنڌيءَ جو دستي ڪتاب سمجهڻ گهرجي، ڪتاب جي جوڙڻ ۽ ان جي مقصد تي روشني وجهندي لکيو اٿس تہ هن ڪتاب جو مقصد انگريزي آفيسرن کي سنڌي ٻولي سيکارڻ آهي جيڪا هو هن دستي ڪتاب ذريعي ٿوري ئي عرصي ۾ آسانيءَ سان سکي سگهن ٿا. هُو وڌيڪ لکي ٿو تہ استاد جي حيثيت ۾ ڏهن سالن جي تجربي هيٺ ڪري آءٌ اهو سمجهان ٿو تہ انگريزي آفيسرن کي سنڌي سکڻ ۾ تمام گهڻي ڏکيائي ٿئي ٿي ۽ انهيءَ ڳالهہ کي ذهن ۾ رکندي مون هيءَ مينيول جوڙيو آهي.

دستي ڪتاب (Manual) ۾ هن يورپين آفيسرن جا ٿورا مڃيا آهن، جن ڪتاب لکڻ ۾ کيس مدد ڪئي، ڪتاب جي آخر ۾ هن انگريزي- سنڌي ٽيڪنيڪل (هنري/ڪاريگري) لفظن جي مختصر **"هنري نامہ- مالها"** ڏني آهي، جيڪا صفحي 223 کان 231 تائين نون صفحن تي اٽڪل 300 هندي لفظن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ آفيشل، ڪرمنل، جوڊيشل، سول، روينيو هسٽاريڪل ۽ ميڊيڪل وغيره جهڙن ڌنڌن ۽ هنرن بابت انگريزي لفظن جي معني سنڌيءَ ۾ ڏنل آهي.

سچڻ سنگهہ فتح سنگهہ جي **"دي پرائمري ڪنسائس سنڌي- انگلش ڊڪشنري"** جو ٻيو ڇاپو حيدرآباد مان سن 1924ع ۾ شايع ٿيو. پهرين ڇاپي جو ذڪر اڳين مقالي ۾ ٿيل آهي. سنڌي لغت نويس، آنندرام ٽاڏومل شاهاڻيءَ جون سنڌي- انگريزي ۽ انگريزي- سنڌي ڊڪشنريون ڇپيل آهن، جن جا ڪيترائي ڇاپا هند ۽ سنڌ مان شايع ٿيل آهن. پرسو

گدواڻي جي ڏنل لسٽ موجب سندس **"انگريزي -سنڌي ڊڪشنري"** سن 1930ع ۾ **"سنڌي- انگريزي ڊڪشنري"** سن 1933ع ۾ شايع ٿي.

آئرلينڊ جي مشهور مستشرق، جارج ابراهام گريئرسن جو مشهور لسانياتي ڪم "هندستان جي ٻولين جو لسانياتي جائزو"، سن 1903ع کان 1928ع جي عرصي ۾ 11 جلدن جي صورت ۾ شايع ٿيو. هي اهم ۽ يادگار لسانياتي ڪم هميشہ ياد رکيو ويندو جنهن ۾ هندستان جي تمام گهڻين ٻولين جو تجزيو پيش ڪيل آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻولي بہ شامل آهي. هن تجزيي جو جلد-8 پارٽ-1 سنڌي، پنجابي ۽ لهندا ٻولين تي مشتمل آهي. سنڌي ٻوليءَ جي معياري لاسي، لاڙي ۽ ڪڇي محاورن کي اڀياس ۾ شامل ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ گرامر، نثر مان نمونو ۽ لفظن جي فهرست شامل آهي.

سنڌي لفظن جي فهرست **"سنڌي ٻولي جي مختلف محاورن جي اکرن ۽ جملن جي معياري فهرست"** جي ناليءَ سان جلد-8 جي صفحي 214 کان 231 تي ڏنل آهي، جنهن ۾ لفظن ۽ جملن جو ڪل تعداد 241 آهي. هن فهرست ۾ پنج ڪالم ڏنل آهن. جنهن ۾ پهرين ڪالم ۾ انگريزي لفظ ۽ باقي چئن ڪالمن ۾ معياري سنڌي لاسي، لاڙي ۽ ڪڇي ٻولين ۾ انهن جي معنيٰ ڏنل آهي.

انڊين سول سروس آفيسر ايچ. ٽي. ليمبرڪ، سنڌ ۾ 1927ع کان 1947ع تائين مختلف عهدن تي فائز رهيو. سنڌ ۾ رهڻ دوران هن هتي جي تهذيب ۽ تمدن جو گهرو مطالعو ڪيو. هن سنڌي ادبي بورڊ جي تاريخ سيريز جي سلسلي ۾ بورڊ انتظاميا جي لکپڙهہ کان پوءِ سنڌ جي تاريخ تي بہ مستند جلد لکيا، جيڪي سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيا. ليمبرڪ جون جمع ڪيل رپورٽون، ڪتاب ۽ ٻيو مواد جيڪو هن سنڌ ۾ رهڻ دوران جمع ڪيو سو برٽش لائبريري جي قلمي نسخن جي شعبي ۾ محفوظ آهي. هن مواد ۾ **"نوٽبڪ آف سنڌ وڪيبيلري"** پڻ موجود آهي. اڃا ان جي پڪ ناهي تہ اهي نوٽبڪ سندس لکيل آهي يا ڪنهن

پئي جو ان بابت وڌيڪ ڄاڻ ناهي. قياس آهي تہ شايد اهو ليمبرڪ جو ٺهيل هجي. اهو نوٽبڪ "انڊيا آفيس سليڪٽ متيريل جي قلمي نسخن جي ڪيٽلاگ ۾ هن نمبر تي رکيل آهي: (Mss Eur F208)

ورهاڱي کان اڳ پيرومل مهرچند آڏواڻي جي "ايٽمالاجيڪل سنڌي- ٽو سنڌي ڊڪشنري" پڻ لکيل آهي، ان جو ذڪر جي. ايم سيد. ڪتاب 'جنب گذاريم جن سين' جلد-2 ۾ آڏواڻي تي لکيل مضمون ۾ ڪيو آهي. ان کان علاوه هُن پنهنجي هڪ مضمون ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي. ورهاڱي کان پوءِ انڊيا ۽ سيلون جي "بائبل سوسائٽي" طرفان جان اسٽرنگ مورلي هوپر (1882ع-1974ع) جو ڪتاب "Greek New Testament terms in Indian Language a Comparative Word List" سال 1957ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ يوناني ببليڪل لفظن جي هم معنيٰ هندستان جي مختلف ٻولين ۾ ڏنل آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻولي بہ شامل آهي.

سليم الدين قريشيءَ سال 1900ع ۾ "ڪيٽلاگ آف دي اردو، پنجابي، پشتو ۽ ڪشميري مينيسڪرپٽس اينڊ ڊاڪيومينٽس ان دي انڊيا آفيس لائبريري اينڊ رڪارڊس جي نالي سان مرتب ڪيو. هن ڪيٽالاگ جو پارٽ-3، ڪشميري قلمي نسخن تي مشتمل آهي، جنهن جو ذڪر مصنف صفحي 111 کان 120 تي ڪيو آهي. هن پارٽ ۾ مصنف اهڙي ذخيري جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو ڪشميري، مڪراني، لوهاڻي، سنڌي، پاٿيہ، ڪڇي ۽ نيپالي ٻولين تي مشتمل آهي. جنهن جي معنيٰ يا سمجهاڻي فارسيءَ ۾ ڏنل آهي. هن قلمي ذخيري جي مصنف جي خبر ناهي تہ ڪنهن جو لکيل آهي، البت ڪيٽلاگ جي سهيڙيندڙ ان قلمي نسخي جي شروعات ۽ آخر ۾ آيل لفظ ڏنا آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

شروعات: ايزد-اودا-ٺهاڪر-ايشر-ڀڳوان-نارائڻ.

آخر: ذي الحجہ -ذي الحجہ- ڀهاگن-ڀهگن-ڀهگن.

هن ذخيري ۾ ڪيترا لفظ آهن. ان باري ۾ ڪيٽلاگ جي سهيڙيندڙ ڪا به معلومات ناهي ڏني. البت ايترو لکيو اٿس ته هيءَ ذخيرو 19 هين صدي عيسويءَ جو لکيل آهي (اٽڪل روءِ: سن 1800ع_1850ع) جنهن ۾ ڪشميري، مڪراني، لوهاڻي، سنڌي، ياٽيه، ڪڇي ۽ نيپالي ٻولين جي معنيٰ يا سمجهاڻي فارسيءَ ۾ ڏنل آهي.

**ايڪويهين صدي عيسويءَ ۾ سنڌي لغت نويسي:**

نئين صدي جي شروعات کان هيل تائين سنڌي ٻوليءَ جون ڪافي لغتون شايع ٿيون آهن. جن مان ڪي سنڌيءَ مان سنڌيءَ جون لغتون آهن، ته ڪي انگريزي_سنڌي ۽ سنڌي – انگريزي، ته ڪي وري ڪن خاص موضوعن بابت آهن. انهن لغتن کي شايع ڪرڻ ۾ ٻن ادارن، سنڌيڪا اڪيڊمي ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ نهايت اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. انهن ادارن طرفان شايع ٿيل لغتن جو مختصر ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

**سنڌي –سنڌي لغتون:**

سنڌي مان سنڌي جي لغت متعلق مون اڳئين مقالي ۾ لکيو هو ته ماستر سهج رام جي لکيل "سهيج ڪوش" سنڌي لغت لکڻ جي پهرين ڪوشش هئي، پر لڳي ٿو ته سنڌي مان سنڌي جي لغت لکڻ جي ڪوشش ماستر سهج رام کان به اڳ سنڌ جي عالمن ڪئي. اهڙي هڪ سنڌي لغت جو قلمي نسخو سنڌ جي نامياري عالم، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي لائبريري ۾ موجود آهي. سنڌي لغت جو هيءُ قلمي نسخو 301 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن تي ڪتابت جو سال 1871ع لکيل آهي. ڊاڪٽر سنديلو هن لغت متعلق لکي ٿو ته، "هن ۾ لفظن جون معنائون سنڌيءَ ۾ ڏنل آهن ۽ ڪٿي ڪٿي معنيٰ ڏيندي شواهد به پيش ڪيل آهن." (قلمي نسخا: مهراڻ، 1986/4ع). سنڌ جي نامياري عالم ۽ محقق، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي ايڊيٽري

هيٺ. جامع سنڌي لغات جا پنج جلد شايع ٿيل آهن. جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي قديم ۽ جديد لفظن جو اندراج ٿيل آهي. هن لغت جا پويان چار جلد ڊاڪٽر صاحب جي تصحيح ڪانسواءِ شايع ٿيا.

ڊاڪٽر صاحب جي جوڙيل هن لغات جو ڇهريون جلد "**جامع سنڌي لغات**" جي نالي سان سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان سال 2004ع ۾ شايع ٿيو آهي ۽ باقي ٻه جلد به شايع ٿي ويا آهن. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي شاهه جي رسالي جي لغت "روشنيءَ" جو ٻيو جلد به سال 2002ع ۾ شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ سر سسئي ۾ آيل ڏکين اکرن جون معنائون سهيڙيل آهن ۽ خاص طرح بلوچي لفظن بابت تحقيق ڪيل آهي.

ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جا سنڌي ٻوليءَ بابت ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا آهن، جن ۾ هن سنڌي لفظن جي اوسر ۽ گرامر تي ڪافي بحث ڪيو آهي. هن ڏس ۾ سندس هڪ ڪتاب، "**سنڌي ٻولي، لفظ لغت ۽ لکيت**" سال 2003ع ۾ شايع ٿيو آهي جنهن ۾ محقق سنڌي لغت جو فڪري ۽ تنقيدي اڀياس نهايت عالمانه انداز ۾ پيش ڪيو آهي. شهيد سومري، جي ترتيب ڏنل لغت، "**ٻوليءَ سندا ٻول**" سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد سنڌ مان 2005ع ۾ ڇپي آهي. هن لغت ۾ سنڌ جي قديم ۽ گمنام لفظن جو ذخيرو ڏنل آهي، ان ڪانسواءِ سنڌي پهاڪن جي تشريح ڪيل آهي. سنڌي لغتن جي ڪيتر ۾ هي هئي لغتون سٺو اضافو آهن. عبدالستار بلوچ پڻ "**انگلش-سنڌي لغت**" ترتيب ڏني آهي. هيءَ لغت "سنڌيڪا لغت" جي نالي سان ڪراچيءَ مان سال 2006ع ۾ شايع ٿي آهي. هن جي ڇپائي جو سهرو سنڌيڪا اڪيڊميءَ جي سر تي آهي. هن ۾ پنجاهه هزار انگريزي لفظن جون داخلائون ڏنل آهن.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جو ڪتاب، "**لاڙي ۽ ڪڇي: سنڌي جا ٻه محاورا**" سنڌي لئنگئيج اٿارٽي سن 2008ع ۾ شايع ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار صاحب لاڙ ۽ ڪڇ پاسي

ڳالهائيندڙ سنڌي محاورن جو اڀياس پيش ڪيو آهي. ورلڊ ڪيٽلاگ موجب هن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ٻن محاورن لاڙي ۽ ڪڇي ٻولين جي چونڊ لفظن جا ذخيرا ڏنل آهن. هن ڪتاب جي فهرست مان خبر پوي ٿي ته هن ۾ صرف "لاڙ جي لغت" ڏنل آهي، ڪڇي محاوري جا لفظ ڏنل ناهن. هي ڪتاب جيئن ته تازو شايع ٿيو آهي ۽ منهنجو ڏنل ناهي، ان ڪري ان متعلق ڪا تصديق نٿو ڪري سگهان ته هن لغت ۾ ڪيترا لفظ ڏنل آهن.
ڪتاب کي ڏسڻ کان پوءِ ئي وڌيڪ ڪجهه لکي سگهجي ٿو. ساڳئي اداري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جو ڪتاب. "جتڪي ٻولي" سال 2008ع ۾ شايع ڪيو آهي. هن ۾ ڊاڪٽر صاحب صفحي 119 کان 144 تي "جتڪي سنڌي لغات" ڏني آهي، جنهن ۾ جتڪي ٻوليءَ جي لفظن جي معنيٰ سنڌيءَ ۾ ڏنل آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي هيءَ ڪوشش سنڌي ۽ جتڪي ٻوليءَ جي لفظن کي سمجهڻ ۾ گهڻي مدد ڏيندي عزيز ڪنگراڻي صاحب جو ڪتاب. "اکر اکر آرسي" به سنڌي لئنگئيج اٿارٽي وارن شايع ڪيو آهي. هي ڪتاب اُستاد بخاريءَ جي شاعري جي لغت جو آهي، جنهن ۾ مرتب ڪن آڳاٽن لفظن جي معنيٰ سنڌيءَ ۾ ڏني آهي ۽ سند طور شاعر جو بيت پڻ ڏنو آهي. هن جي ڇپجڻ جو سال 2009ع آهي. الهرکئي ٻٽ ۽ سليم پيٽي جي ترتيب ڏنل موضوعاتي لغت. "هٽ جا هنر: شاهه جي رسالي جي موضوعاتي لغت" پڻ شايع ٿي آهي. هن لغت ۾ شاهه جي رسالي مان اهڙن لفظن کي چونڊيو ويو آهي جيڪي هٽ جي هنرن بابت آهن. هن لغت جو پهريون جلد شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچيءَ طرفان 2008ع ۾ شايع ٿيو آهي. مرحوم محمد سومار شيخ جو پڻ موضوعاتي لغت بابت ڪتاب لکيل آهي. هيءَ ڪتاب "ڪاٺ جي هنرمندن جي لغت" جي نالي سان مصنف قلمي صورت ۾ ڇڏيو آهي، جنهن ۾ واڍي، ڪمانگر، جنڊي ۽ سوٽهر جي ڪمن ۾ ڪم ايندڙ لفظن ۽ اصطلاحن کي سهيڙيو ويو آهي. هيءَ ڪتاب 237 صفحن تي مشتمل آهي، جيڪو اڃا شايع نه ٿيو آهي.

**انگريزي- سنڌي ۽ سنڌي- انگريزي لغتون:**

آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچيءَ طرفان **"آڪسفورڊ پڪچر ڊڪشنري انگلش- سنڌي"** شايع ٿي آهي. هيءَ ڊڪشنري ڇهن سالن جي عمر کان مٿي جي ٻارن لاءِ جوڙي ويئي آهي. هن جو لکندڙ 'E.C. Panwell' ۽ ترجمو ڪندڙ جاويد پنو آهي. جڏهن ته امداد حسيني ان جو ايڊيٽر آهي. ٻارن جي سکيا لاءِ هيءَ سٺي ڪوشش آهي. ان کان علاوه، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي طرفان، **"ٻارن لاءِ تصويري سنڌي-انگريزي لغت"** 2004ع ۾ شايع ٿي آهي. هن ڊڪشنريءَ جو سهيڙيندڙ بشير احمد منگي آهي ۽ ان تي نظرثاني محمد قاسم ٻگهئي ڪئي آهي. سال 2005ع ۾ ساڳئي اداري طرفان، **"سنڌيڪا اسٽوڊنٽس ڊڪشنري: انگلش- سنڌي"** جو نظرثاني ڪيل ڇاپو شايع ٿيو. هن ڊڪشنري جو مرتب ۽ ايڊيٽر ثناءُ الله راڄڙ صاحب آهي. هن ڊڪشنريءَ جو ذڪر بخاري صاحب به ڪيو آهي. ثناءُ الله راڄڙ جي **"سنڌيڪا پاڪيٽ ڊڪشنري: انگلش – سنڌي"** پڻ ڇپيل آهي، جنهن کي به سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءَ مان شايع ڪيو آهي. انگريزي اخبار ڊان جي رپورٽر، عباس جلباڻي جي رپورٽ موجب، لاهور اورينٽل بڪ سوسائٽيءَ طرفان 2002ع ۾ **"انگلش- انگلش-سنڌي ڊڪشنري"** شايع ٿي آهي ۽ ان جو نالو **"نيو ايج ڊڪشنري"** رکيو ويو آهي. هن ڊڪشنريءَ جي مصنف جي خبر پئجي نه سگهي آهي.

عبدالرشيد ميمڻ به سنڌي لغت نويسيءَ جي ميدان ۾ پاڻ موکيو آهي. سندس لکيل ٽن جلدن تي مشتمل ضخيم لغت: **ڪفايت ڪامپريهينسو ڊڪشنري"**، 2002ع ۾ ڇپيل آهي. سندس نئين ترتيب ڏنل 1051صفحن تي مشتمل ضخيم **لغت: "سنڌي-سنڌي-انگريزي ڊڪشنري"** جي نالي سان سنڌي لئنگئيج اٿارٽي طرفان 2006ع ۾ حيدرآباد سنڌ مان شايع ٿي آهي. نيو ڪانياواڙ اسٽورز اردو بازار

ڪراچيءَ جي مالڪ، عبدالغفار ميمڻ "نيو ايڊوانس ڊڪشنري: انگلش- انگلش-سنڌي" ڊڪشنري سال 2007ع ۾ ڇپائي آهي. هي ڊڪشنري 1300 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن جو مرتب، عبدالنبي پيرزادو آهي. سال 2008ع ۾ سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچيءَ مان، "سنڌيڪا پڪٽوريل ڊڪشنري: انگلش-سنڌي" شايع ڪئي آهي. هن ڊڪشنري جو جوڙيندڙ فضل الرحمان ميمڻ آهي ۽ ايڊيٽري جا فرائض حيدر بخش عزيز گوپانگ انجام ڏنا آهن. هيءَ ڊڪشنري پرائمري ڪلاس جي ٻارن لاءِ جوڙيل آهي. هن ڊڪشنريءَ جو ذڪر بخاري صاحب به ڪيو آهي. تازو سنڌيڪا اڪيڊمي (Sindhica 1000 words) جي نالي سان انگريزي- سنڌي ڊڪشنري تيار ڪئي آهي. هن ڊڪشنريءَ جا جوڙيندڙ نظر حسين ملاح ۽ غلام مصطفيٰ سولنگي آهن. چاليهن صفحن تي مشتمل هيءَ مختصر ڊڪشنري ڪراچيءَ مان سال 2008ع ۾ شايع ٿي آهي، جنهن ۾ روزمره زندگيءَ ۾ ڪم ايندڙ هڪ هزار انگريزي لفظن جون معنائون سنڌيءَ ۾ ڏنل آهن.

**مختلف ٻولين جون لغتون:**

سنڌي- انگريزي ۽ انگريزي-سنڌي لغتن کانسواءِ ٻين ٻولين ۾ پڻ لغتون شايع ٿيون آهن. ٽوڪيو جپان جي رهاڪو ڪنيسا ڪومايا سنڌي-جپاني ٻوليءَ جي نامر مالها جوڙي آهي. هيءَ وڪيبيلري مصنف 1997ع ۾ شايع ڪئي، جنهن ۾ سنڌي ٻولي جي 1500 بنيادي لفظن جي معنيٰ جپاني ٻوليءَ ۾ ڏنل آهي. بروهي ٻولي جي اديب، داد محمد خان بروهي، **"سنڌي – بروهي لغت"** ترتيب ڏني آهي، جيڪا سنڌي لئنگئيج اٿارٽي طرفان 2005ع ۾ شايع ٿي. سنڌي ۽ بروهي ٻوليءَ جي هيءَ پهرين لغت آهي جنهن لاءِ هُو مبارڪ باد جو مستحق آهي. محمد پنهه ڦرڙي جي ترتيب ڏنل **"هندي-سنڌي لغت"** به ساڳئي اداري طرفان سال 2007ع ۾ شايع ٿي آهي. ڦرڙي صاحب جي

هيءَ ڀهرين ڪوشش آهي، جنهن ۾ هندي لفظن جي معنيٰ سنڌيءَ ۾ ڏنل آهي. "پنجاب انسٽيٽيوٽ آف آرٽ اينڊ ڪلچر ڊپارٽمينٽ" جي ڊائريڪٽر، ڊاڪٽر شائسته نزهت جي چوڻ موجب، ڊپارٽمينٽ طرفان مارچ 2008ع ۾ **"سنڌي – پنجابي ڊڪشنري"** شايع ٿي رهي آهي، جنهن جي لکڻ ۾ سنڌ ۽ پنجاب جي اسڪالرن گڏجي ڪم ڪيو آهي. خبر ناهي ته هيءَ ڊڪشنري مارڪيٽ ۾ اچي ويئي آهي يا اڃا شايع ٿيڻي آهي.

**مختلف مضمونن جون لغتون:**

مختلف ٻولين جي لغتن کانسواءِ، ڪن خاص مضمونن تي به ڪجهه نيون لغتون شايع ٿيون آهن. مثلاً، ڊاڪٽر شمس الدين تنيئي جي **"دي نيو سائينٽيفڪ ڊڪشنري: انگلش-سنڌي"**، (سال 1987ع) ڇپيل آهي. هن ڊڪشنريءَ جو ٻيو سڌاريل ڇاپو روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو سال 1995ع ۾ شايع ڪيو آهي. جاويد عباسي سائنس جي مضمون، بائلاجي (حياتيات) جي لفظن جي **"ڊڪشنري آف بائلاجي ان سنڌي"** جوڙي آهي. هيءَ ڊڪشنري گنج بخش ڪتاب گهر حيدرآباد سنڌ پاران 2007ع ۾ شايع ٿي آهي. ان کان علاوه، محترم خليل الرحمان شيخ، **"قانون جي لغت"** مرتب ڪئي آهي. هيءَ لغت، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي طرفان سال 2008ع ۾ شايع ٿي آهي. خليل الرحمان شيخ، **"سياست جا اصطلاح"** نالي سان ڊڪشنري مرتب ڪئي آهي جيڪا پڻ ساڳئي اداري طرفان شايع ٿي آهي. هن ڊڪشنريءَ ۾ سياست ۾ استعمال ٿيندڙ اصطلاحن جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ ۽ وضاحت ڪيل آهي. هيءَ ڊڪشنري شايد 2008ع يا 2009ع ۾ شايع ٿي آهي. سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان **"دفتري لغت"** پڻ شايع ٿي آهي. جنهن جا جوڙيندڙ خان محمد جروار ۽ خالد

آزاد وگهيو آهن. هيءَ لغت آفيس ۾ ڪم ايندڙ لفظن تي مشتمل آهي. هن جي ڇپجڻ جو سال 2009ع آهي. مون مقالي "سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ" ۾ لکيو هو ته، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي لائبريري ۾ مولوي عبدالغفور همايونيءَ جي چند ورقن تي مشتمل **فارسي-سنڌي لغت "فرهنگ همايوني"** جي نالي سان موجود آهي. مولوي عبدالغفور همايونيءَ جي اها لغت. سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سال 2004ع ۾ حيدرآباد مان شايع ڪئي آهي، جنهن کي نياز همايوني ترتيب ڏنو آهي.

**سنڌي- عربي ۽ عربي-سنڌي لغتون:**

عبدالوهاب سهتي صاحب سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ضميمه-2، ۾ سنڌي – عربي ۽ عربي- سنڌي لغتن جي نئين ڄاڻ شامل ڪئي آهي، انهن کان علاوه هت ڪجهه ٻين سنڌي – عربي ۽ عربي – سنڌي لغتن جي ڄاڻ ڏجي ٿي. سنڌ جي جيد عالم محمد حماد الله السنڌي هاليجوي جو قرآن مجيد جي لغت بابت لکيل ڪتاب، "لغات القرآن المسمي بالياقوت والمرجان"، سال 1937ع ۾ شايع ٿيل آهي. هن جو ڇاپو پاڪستان مجلس التعاون الاسلامي جي تعاون سان سال 2001ع ۾ ٻيهر ڇپيو آهي. سنڌي لئنگئيج اٿارٽي طرفان سال 2007ع ۾ مدد علي قادريءَ جو ڪتاب "سنڌي ۽ عربي ٻولين جو لغوي ڳانڍاپو"، حيدرآباد، سنڌ مان شايع ٿيو آهي. هن ڪتاب متعلق لکيل آهي ته هيءَ عربي- سنڌي لغت بابت آهي.

سنڌ جي مشهور سرهندي خاندان جي عالم خواجه محمد حسن جان سرهندي (1278هه/1862ع-1365هه1946ع) جو قرآن شريف جي ڏکين اکرن جي معنيٰ بابت ڪتاب"بلغات القرآن" جي نالي سان قلمي صورت لکيل آهي. هن جا پيش لفظ عربيءَ ۾ ابوالحسن زيد بن عبدالله بن

عمر الفاروقيءَ جا لکيل آهن. آخر ۾ فارسيءَ ۾ علم قرآن بابت ڪجهه قاعدا لکيل آهن. هن قلمي مخطوطي جا ڪل 161 صفحا آهن ۽ قرآن شريف جي مشڪل لفظن جي معنيٰ عربي ٻوليءَ ۾ نهايت ئي سهڻي خط ۾ ڏنل آهي. "ورتل: 'http/www.sirindi.info'.

هن کان اڳ واري مقالي ۾ پير محمد راشد روضي ڌڻيءَ جي عربي لغت جو لکيل ڪتاب "جمع الجوامع" جو سرسري ذڪر ڪيو هئم، جيڪو قلمي صورت ۾ موجود آهي، پر ان متعلق ڪو تفصيل نه ڏنو هئم. هن ڪتاب متعلق ڪجهه ڄاڻ پير حسام الدين راشديءَ جي هڪ مقالي مان حاصل ٿي، جنهن ۾ پير صاحب، پير محمد راشد روضي ڌڻيءَ جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته:

"مطالعو تمام وسيع هئن. ڪتب بيني جي اها حالت هئي جو ڪين هر وقت ڪتاب هٿ ۾ رهندو هو. علم لغت ۾ خاص طرح ڪمال هئن. انهي فن ۾ ٽئن جلدن ۾ هڪ ضخيم ڪتاب، "جمع الجوامع" جي نالي سان لکيائون، جنهن جي هر جلد جا صفحا هڪ هڪ هزار آهن."

پير حسام الدين راشدي هن کان وڌيڪ هن ڪتاب متعلق ڪو تفصيل ناهي ڏنو. اگر ڪو صاحب هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو شايع ڪري ته، هيءَ ڪتاب سنڌي لسانيات ۾ هڪ اهم اضافو ثابت ٿي سگهي ٿو. جلال الدين سيوطي بن عبدالرحمان بن ابي بڪر (وفات: 1505ع/911هه) جو "جمع الجوامع" لکيل آهي، جنهن متعلق ڪن جو خيال آهي ته ان ۾ حديثون گڏ ڪيل آهن. البت واصف هن کي علم نحو جي ڪتابن ۾ شمار ڪيو آهي. خبر نٿي پوي ته هيءَ پير محمد راشد روضي ڌڻي، سيوطيءَ جي ڪتاب تي حاشيو لکيو آهي يا شرح يا هيءَ الڳ سان ڪو ڪتاب آهي، والله عالم.

هڪ سنڌي عالم محمد نشان ولد گل محمد فاروقي (وفات: 1269هه) جي هڪ فارسي لغت لکيل آهي، جنهن جو قلمي نسخو ڪتاب "نينهن جا نمرا" جي مؤلف ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب وٽ محفوظ آهي.

[ڪتاب 'نينهن جا نمرا' بابت ڄاڻ انٽرنيٽ تان ورتل].

**هندستان ۾ سنڌي لغت نويسي:**

ايڪويهين صديءَ جي شروعاتي ڏهاڪي اندر هندستان ۾ پڻ سنڌي لغت نويسي متعلق چڱو ڪم ٿيو آهي. ڊاڪٽر جيٽلي صاحب سنڌي لغت نويسيءَ واري مقالي ۾ لکيو هو تہ پنڊت ڪشنچند جيٽليءَ هڪ سنڌي ڪوش، "سنڌي شبد مهراڻ" نالي سان تيار ڪيو هو، اُن ۾ جدا جدا وشين موجب سنڌي لفظن جا 'Synonyms' بہ ڏنل آهن. اهو ڪوش هن وقت ڇپائيءَ هيٺ آهي. پنڊت ڪشنچند جيٽلي جو تيار ڪيل اهو ڪوش، اکل ڀارتيہ سنڌي ساهتيہ. سال 1999ع ۾ دهليءَ مان شايع ڪيو آهي.

انڊيا جي لسانياتي ماهر ڊاڪٽر پرسو جيسرام گدواڻي (1937ع-2004ع) جو لکيل لفظن جو ذخيرو "سنڌي اپڀاشائن جا چونڊ لفظ" جي نالي سان گانڌي نگر جي سنڌي ساهت اڪيڊمي سال 1999ع ۾ شايع ڪيو آهي. هن ۾ ڊاڪٽر پرسو سنڌي محاورن: مثلاً. سروڪي، جتڪي، مينگهواڙي ۽ ڪڇي ٻوليءَ جي چونڊ لفظن جي "نام مالها" تيار ڪئي آهي. ڊاڪٽر پرسو گدواڻي جي هيءَ پهرين ڪوشش آهي جنهن ۾ هن سنڌي ٻولي جي مختلف محاورن ڪي هڪ هنڌ گڏ ڪيو آهي. ڊاڪٽر پرسو جو ديهانت 2004ع تي ٿيو جيڪو سنڌي ٻوليءَ لاءِ وڏو نقصان آهي. هن ڪم ۾ ان جو ساٿ لالچي همتوجي سوٿهڙ ڏنو آهي.

هن ڪتاب جي لکڻ جو وڏو سبب مصنف اهو ڄاڻايو آهي ته ڪڇ ۽ گجرات ۾ رهندڙ سنڌي ڳالهائيندڙن جي محاورن تي گجراتي ٻوليءَ جو اثر وڌي رهيو آهي ۽ هو گجراتي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ۽ پنهنجي محاورن جي لفظن کي وساري رهيا آهن. اگر اها صورتحال برقرار رهي ته ڪٿي سنڌي ٻولي جو املهه خزانو وسائي نه ڇڏجي. انهيءَ مقصد ۽ سنڌي ٻوليءَ سان محبت هئڻ ڪري ڊاڪٽر پرسو گدواڻي هيءُ ذخيرو جمع ڪيو ته جيئن سنڌي ٻوليءَ جي محاورن جي لفظي ڀنڊار کي محفوظ ڪري سگهجي. بقول جيٺي لالواڻي جي ته هيءُ هڪ شروعاتي قدم آهي، جنهن جي آڌار تي اڳتي هلي وڌي پئماني تي تحقيق ڪري سگهجي ٿي ۽ ضرورت مطابق هڪ جدا لغت جوڙي سگهجي ٿي.

چوندڊ لفظن جي هيءَ فرهنگ يا سُوچي، پنجن ڪالمن ۾ ورڇيل آهي. هڪ ڪالم ۾ معياري سنڌي لفظ ڏنل آهن ۽ باقي چئن ڪالمن ۾ ڄتڪي، مينگهواڙي، سوڍڪي ۽ ڪڇيءَ جا هم معنيٰ لفظ ڏنل آهن، جنهن ۾ پکين، گهر جي سامان، ڪاٺ جي سامان، بيمارين، جسم جي عضون، ڳانون، انگن، طرفن، مهينن، هفتن، کيتيءَ جي اوزارن، هٿيارن، اناج، ڀاڄين، جهنگلي جانورن، وڻن، ميون، زيورن، ڳاهن ۽ ولين جا نالا ڏنل آهن. هيءَ فهرست تازو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان شايع ٿيندڙ تحقيقي جرنل، "سنڌي ٻولي" جي (جلد-2، شمارو-2، 2009ع) ۾ شايع ٿي آهي.

موجوده دور جي سنڌي لغت نويس ڪنهيا لال ليکواڻيءَ سنڌي لغت بابت ڪافي ڪتاب شايع ڪيا آهن. سندس نون شايع ٿيل ڪتابن ۾ "پڪٽوريل گلاسري ان سنڌي" انڊيا مان شايع ٿيل آهي، جنهن ۾ سنڌي اکر تصويرن ذريعي سمجهايل آهن. هن جي

ڇپجڻ جي سال جي خبر پئجي نہ سگهي، ان کان علاوه، سندس "سنڌي -هندي-انگريزي تصويري ڊڪشنري"، جو ٻيو ڇاپو پرڪاش پبليڪيشن پونا مان سال 2001ع ۾ شايع ڪيو آهي. هن جو پهريون ڇاپو سال 1998ع ۾ شايع ٿيل آهي. ساڳئي مصنف جي هڪ ٻي ڊڪشنري "بنيادي سنڌي- انگريزي ڊڪشنري" پڻ انڊيا جي شهر پونا مان پرڪاش پبليڪيشن وارن سن 2001ع ڇپائي آهي. جنهن ۾ روزاني ڳالهہ ٻولهہ ۾ ڪم ايندڙ سنڌي لفظن جي انگريزيءَ ۾ معنيٰ ڏنل آهي. ساڳئي سال پرڪاش پبليڪيشن وارن ڪنعيا لال ليکواڻي جي "بنيادي سنڌي- هندي شبد ڪوش" جو ٻيو ڇاپو ساڳئي شهر مان شايع ڪيو آهي. ان کان علاوه "وهنواري سنڌي- هندي شبد ڪوش ، بہ ساڳئي شهر مان مصنف خود سال 2005ع ۾ ڇپائي پڌري ڪئي آهي، جنهن ۾ مختلف ڌنڌن بابت لفظن کي سهيڙيو ويو آهي. مشهور سنڌي لغت نويس، پرمانند ميوارام جي جوڙيل "نيو سنڌي-انگلش ڊڪشنري" جو نئون ڇاپو ساهتيہ اڪيڊمي نئين دهليءَ مان 2002ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. گجرات جي شهر احمد آباد ٻڙودا جي سنڌي اديب، سترامداس، جڙيئسنگهاڻي سائل جي ترتيب ڏنل سنڌيءَ مان سنڌي جي لغت "سائل ڪوش" ٻڙودا مان سن 2004ع ۾ شايع ٿي آهي. سنڌي ادب جي گهڻ رخي شخصيت، ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻيءَ (1936ع-2008ع) جي ترتيب ڏنل "سنڌي ادب جي ڊڪشنري" جو ٽيون ڇاپو سال 2007ع ۾ نئين دهليءَ مان شايع ٿيو آهي. هن نئين ايڊيشن ۾ مصنف واڌارا ۽ سڌارا پڻ ڪيا آهن. هن ڪتاب جي شايع ٿيڻ جو هڪ سال کان پوءِ سندس ديهانت ٿيو.

**پڇاڙي:**

ايڪويهين صديءَ جي شروعات کان هيل تائين سنڌي علم ادب بابت ڪافي تعداد ۾ ڪتاب شايع ٿيل آهن. ڪيترائي نوان

ادارا پڻ وجود ۾ آيا آهن، جن علمي، تاريخي ۽ادبي شهپاره سنڌ واسين کي پڙهڻ لاءِ ڏنا آهن. سنڌي لغت نويسيءَ جي ميدان ۾ ب چڱو واڌارو آيو آهي. خاص طرح ٻن ادارن، سنڌيڪا اڪيڊمي ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ سنڌي لغتن کي ڇپائڻ ۾ مؤثر ڪردار ادا ڪيو آهي. ايڪويهين صديءَ جي پهرين ڏهاڪي اندر ڪافي نيون لغتون شايع ٿيون آهن، جن مان ڪن کي ٻيهر سڌاري ۽ وڌائي شايع ڪيو ويو آهي، ته ڪي وري خاص موضوعن ۽ مضمونن جون لغتون شايع ٿيون آهن.

ڪيترائي نوان لکندڙ پڻ سامهون آيا آهن، جن ۾ حيدر بخش عزيز گوپانگ، ثناءُ الله راڄڙ، عبدالرشيدميمڻ، غلام مصطفيٰ سولنگي ۽ شيخ خليل الرحمان جا نالا نمايان حيثيت رکن ٿا، انهن صاحبن وڏي محنت ۽ جفاڪشيءَ کان پوءِ اهي لغتون تيار ڪيون آهن. انهن لغتن کي شايع ڪرڻ ۾ سنڌيڪا اڪيڊمي جي روح روان نور احمد ميمڻ جو ب وڏو هٿ آهي، جنهن جي لڳاتار ڪوششن سان "سنڌي ـ انگريزي"، "انگريزي – سنڌي" ۽ "سنڌي – سنڌي" لغتون ڇپجي نروار ٿيون آهن. سنڌي لئنگئيج اٿارٽي پڻ ڏهن سالن جي عرصي اندر ڪيتريون ئي نيون لغتون شايع ڪيون آهن، جن ۾ شاھ جي رسالي جون لغتون، جامع سنڌي ـ لغت جا ٽي جلد، ۽ مختلف مضمونن جون لغتون، نهايت اهميت جوڳيون آهن. اهي سيئي صاحب ۽ ادارا جن اهي ڪوششون ڪيون آهن، سي اڳتي ب سنڌي ادب جا گهڙا ائين ئي ڀريندا رهندا ۽ سنڌي علم و ادب جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ پاڻ پتوڙيندا رهندا، انهن ئي مخلص مهربانن جي ڪوششن سان سنڌي لغت جي ميدان ۾ ب ڏينهون ڏينهن ترقي ۽ واڌارو ايندو رهندو. هن مقالي سان سنڌي لغت نويسي جي تاريخ هاڻ گهڻي حد تائين مڪمل ٿي ويئي آهي.

[ ورتل مواد، انٽرنيٽ جي آن لائين ڪيٽلاگن ۽ رسالي مهراڻ جي پرچن، سنڌي ادبي بورڊ جي آن لائين لائبريري].

**ضميمو-1**

## (ج) سنڌي گرامر، پهاڪن، لغتن ۽ ڪيٽالاگن متعلق چند وضاحتون:

1. ڊاڪٽر بلوچ صاحب، جامع سنڌي لغات جي مهاڳ ۾ خان چند ايس آڏواڻيءَ جي پهاڪن جي دستي ڪتاب 'A Handbook of Sindhi Proverbs' جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو حيدرآباد مان 1921ع ۾ شايع ٿيو. "نيشنل ببليوگرافي آف انڊين لٽريچر" (NBIL# 39757) ۽ برٽش لائبريري جي ڪيٽالاگ موجب هيءَ ڪتاب روچيرام گاجومل جو لکيل آهي، جنهن کي کيمچند شيوڪرام آڏواڻيءَ حيدرآباد سنڌ مان 1921ع ۾ شايع ڪيو. هيءَ ڪو الڳ سان پهاڪن جو ڪتاب لکيل ڪونهي.

2. انڊين سول سروس آفيسر، ايڇ ٽي ليمبرڪ، سال 1927ع کان 1947ع تائين سنڌ ۾ رهيو. سنڌ ۾ رهڻ دوران هن سنڌي ٻوليءَ جو چڱو مشاهدو ڪيو ۽ سنڌ جي تاريخي ۽ تمدن تي ڪتاب ۽ مقالا لکيا: سندس ڪتابن جو ذخيرو انگلينڊ جي لائبريري ۾ محفوظ آهي، جتي سنڌ متعلق ٻين ڪتابن کانسواءِ، سنڌي پهاڪن بابت ٻه قلمي نوٽ بڪ پڻ محفوظ آهن. اها خبر ناهي تہ اهي ٻئي نوٽ بڪ سندس لکيل آهن يا ڪنهن ٻئي سنڌي عالم جا لکيل آهن.

3. راقم جو مقالو: "سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۽ ببليو گرافي: قسط ـ1" (مهراڻ نمبر 1ـ2004/2ع) ۾ شايع ٿيو آهي. هن مقالي جي صفحي 72 تي راقم ممبئي پريزيڊنسي جي ٻن ڪيٽلاگن بابت تفصيل ڏنا آهن. هڪ گرانٽ جو مرتب ڪيل آهي ۽ ٻيو بريٿويٽ جو. انهن ڪيٽالاگن متعلق راقم لکيو تہ ممبئي پرڳڻي جا اهي آڳاٽا ڇپيل

ڪيٽلاگ آهن، جن ۾ ٽي سگهي ٿو ته سنڌي ڪتاب مڪمل وچور ساڻ پڻ شامل هجن." خوشقسمتيءَ سان انهن ٻنهي ڪيٽلاگن کي ڏسڻ جو موقعو مليو. ٻنهي ۾ سنڌي ڪتابن جا وچور شامل آهن جن جو تفصيل ڏجي ٿو:

(الف) گرانٽ جو ترتيب ڏنل ڪيٽلاگ سن 1867ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪيٽلاگ جي صفحي 218 کان 225 تي 42 سنڌي ڪتابن جو اندراج ٿيل آهي. (ب) بريٽويٽ جو ترتيب ڏنل ڪيٽلاگ سن 1869ع ۾ شايع ٿيو. هن ڪيٽلاگ جي صفحي 90 کان 93 تي 14 سنڌي ڪتاب جو درج ٿيل آهن. مقالي ۾ ڪيٽلاگ جي ڇپجڻ جو سال ٽائيپ جي غلطيءَ سبب 1969ع لکجي ويو آهي. درست سال 1869ع آهي. ڪراچي ڪيٽالاگ (1870ع) ۾ سنڌي ڪتاب ڏنل ناهن.

4. راقم جو مقالو: "سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۽ ببليو گرافي: قسط_1" رسالي مهراڻ (اونهارو 2004ع) جي پرچي ۾ شايع ٿيل آهي. صفحي 101 تي راقم لکيو ته جيمس پرنسيپ سنڌي ٻوليءَ جو گرامر لکيو جيڪو 1835ع ۾ بمبئيءَ مان شايع ٿيو. هن گرامر متعلق ڄاڻ مون خوبچندانيءَ جي انگريزي ۾ لکيل مقالي ۽ "مهراڻ" ۾ شايع ٿيل ڊاڪٽر جيٽلي جي لکيل لغت واري مقالي تان ورتي هئي، جنهن ۾ هنن پرنسيپ ۽ راموس جي گرامر جو ذڪر ڪيو آهي. مون جڏهن گرامر متعلق هيءَ مقالو لکڻ شروع ڪيو ته ٻنهي گرامر جي ڪتابن بابت ڪوجنا شروع ڪيم. ڪافي پراڻن ڪيٽلاگن کي ڏسڻ کان پوءِ به اهي ٻئي ڪتاب ڪنهن به ڪيٽلاگ ۾ نظر نه آيا. البت واٿن جي گرامر جو تقريباً سڀني آڳاٽن ڪيٽلاگن ۾ بيان ٿيو آهي. ورلڊ ڪيٽ ۾ به واٿن جي گرامر جي داخلا ڏنل آهي، جنهن ۾ لکيل آهي ته واٿن جو اهو گرامر ايف. ڊي راموس (F.D Ramos) بمبئيءَ مان سن 1836ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. ان مان ظاهر آهي ته راموس انهيءَ گرامر جو ڇپائيندڙ آهي، نه ڪي لکندڙ باقي

پرنسيپ جي گرامر بابت وضاحت هن مقالي ۾ ڪيل آهي. ان کان علاوه پرنسيپ ۽ راموس جي گرامر جو ذڪر نڪو اسٽئڪ ئي ڪيو آهي، نڪو وري ڊاڪٽر ٽرومپ صاحب. البت واٿن جي گرامر جو ذڪر ٻنهي عالمن گرامر جي مُهاڳن ۾ ڪيو آهي. اگر پرنسيپ ۽ راموس جا گرامر لکيل هجن ها تہ هو ضرور ذڪر ڪن ها. ان مان بہ ظاهر آهي تہ راموس ۽ پرنسيپ جو گرامر لکيل ناهي. البتہ پرنسيپ صاحب. واٿن جي گرامر تي تفصيلي مضمون لکيو آهي، جيڪو جنرل ايشلٽڪ سوسائٽي آف بنگال جي مئي 1837ع واري پرچي ۾ ڇپيل آهي.

5. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ، ڪتاب: **"سنڌي ٻهاڪا ۽ محاورا"** جي مهاڳ ۾ سنڌي لغت واري مضمون ۾ لکيو آهي تہ. گذريل صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ روچيرام گجومل گرپلاڻيءَ پڻ انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب سن 1892ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. ان جو نالو آهي "A Hand Book of Sindhi Proverbs" اصل ۾ هيءَ ڪتاب 1895ع ۾ ڪراچيءَ مان شايع ٿيو.

"Vocabularies of the Seven Languages Spoken in the Countries of the Indus". (By: R.Leech. 1843).

ڊاڪٽر ليڇمڻ مولچند خوبچندائيءَ هن ڪتاب متعلق لکيو:

"In 1843, Leech prepared a vocabulary of seven Indo-Aryan Languages for the Govt. of Bombay, which includes Sindhi as one of the language."

ڊاڪٽر پرسو گدوانيءَ پڻ ساڳئي ڳالهہ ڪئي تہ.

"Leech also prepared a vocabulary of seven Ind~- Aryan Language including Sindhi for the Govt. of Bombay in 184د."

ساڳئي طرح ڊاڪٽر مرليڌر بہ لکيو تہ. "انگريزي فوج جي ٻن عملدارن ڪيپٽن اسٽئڪ ۽ ليفٽيننٽ ليچ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جا ننڍڙا ذخيرا رومن لپيءَ ۾ انگريزي معنيٰ سان ڇپائي پڌرا ڪيا. انهن جي ڄاڻ اسان کي رٿائيل ايشلٽڪ سوسائٽي آف بنگال، ڪلڪتي

جي شايع ٿيندڙ جنرل جي پرچن مان ملي ٿي." (مهراڻ، 2000/4ع، ص_55) راقم به ان ڪتاب متعلق لکيو ته "اُن کان علاوه، رابرٽ ليچ، انڊيا جي حڪومت لاءِ انڊيا جي ستن ٻولين ۾ لفظن جي هڪ لغت لکي، جنهن ۾ سنڌي ٻولي پڻ شامل هئي. اها لغت 1838ع ۾ بمبئي مان شايع ٿي." (مهراڻ، اونهارو 2004ع، ص_101) هن ڪتاب جو ذڪر پيرو مل مهرچند آڏواڻيءَ ۽ پوپٽي هيرانندڻيءَ پڻ ڪيو آهي.

سيني محقق حضرات هن ڪتاب جو ذڪر، گرامر ۽ لغت بابت لکيل مقالن ۽ ڪتابن ۾ ڪيو آهي جن ۾ سيني اهو خيال ڏيکاريو آهي ته رابرٽ ليچ انڊيا جي حڪومت لاءِ انڊيا جي ستن ٻولين ۾ فهرست لکي جنهن ۾ سنڌي لفظن جو ذخيرو (Vocabulary) پڻ ڏنل آهي. هيءَ ڪتاب اصل ۾ ڇپرايئين 1838ع ۾ بمبئي مان شايع ٿيو جنهن جو مڪمل نالو آهي 'Vocabularies of the seven language spoken in the countries west of the Indus By Leech, with Remarks on the origin of the Afghans. By: James Birds' ان کان علاوه، هيءَ ڪتاب مقالي جي صورت ۾ ٽرانزيڪشنز آف دي بامبي (بمبئي) جاگرافيڪل سوسائٽي فورم 38_1936ع، واليوم_1، بمبئي، 1844ع جي پرچن ۾ ڀيهر صفحي 393 کان 419 تي شايع ٿيو. هن ۾ جيڪي ست زبانون ڏنل آهن سي هي آهن: Baraki, Pashai, Langhmani, Kashgari, Deer, Tirhai, Maghal, Aimaks. اهي ست ئي زبانون افغانستان جي ملڪ جون آهن ۽ انهن ۾ سنڌي زبان شامل ڪانهي ۽ نڪو اهي انڊيا جي ست انڊو آرين ٻولين سان تعلق رکن ٿيون. بقول ڊاڪٽر جيٽلي جي ته، تاريخ نويس کي گهرجي ته هو سڀ کان اول درست انگ اکر ۽ تفصيل ڪٺا ڪري.

هن ڪتاب متعلق اصل حقيقت اها آهي ته، 1830ع کان 1837ع دوران، انگريز حڪومت، ليفٽيننٽ رابرٽ ليچ ۽ چند ٻين انگريز آفيسرن کي ڪابل مشن تي موڪليو جتي انهن کي چيو ويو

تہ هو اُن خطي جي ماڻهن ۾ ٻولين جو اڀياس ڪن، تہ جيئن انگريزن کي اتي ڪنهن قسم جي ڏکيائي پيش نہ اچي ۽ هو آسانيءَ سان پنهنجو ڪم ڪري سگهن. ليفٽيننٽ ليچ اتي پهچڻ شرط افغاني ۽ پشتو ٻولين جو اڀياس ۽ انهن ٻولين جا مختصر ذخيرا پڻ جمع ڪرڻ شروع ڪيا.

بمبئي واپس پهچڻ تي ليفٽيننٽ ليچ، افغانستان جي ٻولين متعلق جيڪو مواد اتي رهڻ دوران ڪٺو ڪيو هو ان کي هڪ مقالي جي صورت ۾ "جنرل آف دي ايشلٽڪ سوسائٽي آف بنگال" جي واليم-7، جنوري- ڊسمبر، 1838ع جي پرچن ۾ هيٺئين نالي سان ڇهن قسطن ۾ شايع ڪرايو.

'Epitome of the Grammars of the Brahuiky, Balachoky and Panjabi languages with vocabularies of Baraky, Pashi, Laghmani, Cashgari, Teerhi and Deer Dialect. By: Lieut. Leech: Bombay Engineer, Assistant on a mission to Kabul.

ساڳئي مقالي کي هن ڪتابي صورت ۾ سن 1843ع ۾ ڪلڪتي مان شايع ڪرايو. سال 1849ع ۾ هن ان ڪتاب سان گڏ، جي. بي. ايسٽوڪ (J.B Eeastwick) جي لکيل سنڌي وڪيبيلري کي بہ شامل ڪيو ۽ ان کي ڪلڪتي مان شايع ڪرايو. اصل حقيقت اها آهي تہ هي ڪتاب بروهي، بلوچي ۽ پنجابي گرامر ۽ افغاني ٻولين جي ذخيرن تي مشتمل آهي. جيئن ڪتاب جي نالي مان ظاهر آهي ۽ هن ۾ سنڌي ٻولي شامل ڪانهي.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، "انسائيڪلوپيڊيا آف انڊين لٽريچر" ۾ لکيل انگريزي مضمون ۾ ڪلناڻيءَ جي ڪتاب "سنڌي پهاڪا" جي ڇپجڻ جو سال 1888ع ڄاڻايو آهي. جڏهن تہ 'مهراڻ' ۾ شايع ٿيل مضمون، 'سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ' ۾ ساڳئي ڪتاب جي شايع ٿيڻ جو سال 1889ع لکيو آهي. ٻوپٽي هيرانندائيءَ پڻ ساڳيو سال يعني 1888ع لکيو

آهي. پرسو گدواڻيءَ هڪ سن 1911ع ۾ ہي جاءِ تي سن 1914ع جاڻايو آهي. هن ڪتاب جي ڇپجڻ جو درست سال 1888ع يا 1889ع آهي. ان جي خبر ڪتاب کي ڏسڻ کان پوءِ ئي پئجي سگهي ٿي يا ان جي وڌيڪ تصديق ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ڪري سگهي ٿو.

"A Vocabulary of the Sindhi Language" (by: J.B Eastwick)

سنڌي گرامر ۽ ڊڪشنرين متعلق جن ٻہ سنڌي عالمن ڪتاب يا مقالا لکيا آهن. تن سڀني هن ذخيري جو ذڪر ڪيو آهي. ڪئپٽن جي. بي ايسٽوڪ جي لکيل سنڌي لفظن جي وَڪيبيلري 1843ع ۾ ڪلڪتي مان نڪرندڙ رسالي "ايشئاٽڪ سوسائٽي آف بنگال" جي پرچي ۾ صفحي 1 کان 22 تي شايع ٿي. هن کي ڪتابي صورت ۾ الڳ سان پڻ ڪلڪتي مان 1843ع ۾ ڇپايو ويو. هيءَ وَڪيبيلري ليچ جي لکيل "ايپيٽوم آف، گرامر" سان گڏ 1849ع ۾ پڻ شايع ٿي. ڊاڪٽر روڊلف (Dr. Rudolf) جو هڪ مقالو انڊيا جي ادب، تاريخ ۽ قديم آثارن متعلق، "ايشئاٽڪ سوسائٽي آف بنگال" جي 1885ع واري پرچي ۾ شايع ٿيل آهي. سنڌي ادب جو ذڪر ڪندي هُو جي. بي ايسٽوڪ جي لکيل وَڪيبيلري متعلق لکي ٿو ته:

"A short vocabulary of it, drawn up by Captain J.B Eastwick, was published a few years later in the journal for 1843. It contained a promiscuous collection of words, followed by a particular list of names of different artificers and their implement, and a particularly valuable feature in it was that it gave the equivalents of every English word in two different Sindhi dialects, those of Sar and Lar (page-162)." [Part-II-Chapter-5; Archaeology, History, Literature etc: Language and Literature by Dr. A.F. Rudolf Hoernle. In Centenary Review of the Asiatic Society of Bengal: From 1784-1883. Published by the Society, Calcutta: Print d by Thacker Spink and Co". 1885]

جي. بي ايسٽوڪ جي هن ڏڪيبيلري جي داخلا تقريباً سڀني آڳاٽن ڪيٽلاگن ۾ ڏنل آهي. ان کان علاوه ليفٽيننٽ اي.بي. ايسٽوڪ جي 75 صفحن تي مشتمل سنڌي لفظن جي ڏڪيبيلري پڻ لکيل آهي، جيڪا ساڳئي سال يعني 1843ع ۾ ممبئي مان شايع ٿي. اي بي. ايسٽوڪ ڪتاب 'Dry Leaves from Young Egypt' ۾ لکي ٿو ته:

"A vocabulary of the Sindhi Language, comprising four or five thousand words every one of which was discussed by several Munshis, where part of my own work of supererogation. In preparing the vocabulary, I, of course, had to learn the character, which has this peculiarity, those only initial vowels (with a very few exceptions) are written: consequently there is the greatest difficulty in deciphering writings for only the Consonants appear, and you must insert the vowel as your think will best suit the sense Thus. The word pirin, "beloved" is written exactly like pare, 'beyond' for only the 'p' and the 'r' are represented. The Consequence of such an elliptical mode of writing is, that even the natives make egregious blunders in extracting the pith of the queer little epistles with which there correspondents favour them" (page-119). [Dry Leaves from Young Egypt being a glance at Sindh before the arrival of Sir Charles Napier, By an Ex-Political. London: James Madden", 1849.]

ڪتاب 'Dry Leaves from Young Egypt' جي مصنف جي خبر ناهي، ڪتاب تي صرف ايڪس پوليٽيڪل ايجنٽ لکيل آهي. ڪافي ڪيٽلاگن ۾ هي ڪتاب ايڊورڊ بيڪ هائوس ايسٽوڪ E.B Eastwick ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي. اصل ۾ جي.بي.ايسٽوڪ جي ڪا به ڏڪيبيلري لکيل ناهي، اها ڏڪيبيلري اصل ۾ اي .بي.ايسٽوڪ جي لکيل آهي. ڪتاب ۾ ڪنهن (J) کي ڪٿي (E) لکيو آهي. حقيقت ۾ هيٺين ڏڪيبيلريز جو اصل مصنف 'E.B Eastwick' آهي.

1. A Vocabulary of the Sindhi Language by: Lt. E.B. Eastwick [Eastwick, Edward Backhouse, 1814-1883.] Bombay: [s.n], 1843. 75 p. [Lithographed- A faceimile reproduction of the manuscript copy.] W1116.
2. A Vocabulary of the Scinde Language (by: Lt. J.B. Eastwick.) [In: Leech (R) Epitome of the grammars of the Brahuiky, Balochky & Panjabi Languages, etc. Calcutta 1849.] Shelmark: 12906. DF.9.

## سنڌي لغتن جي ببليو گرافي

### (الف) هڪ ٻوليءَ جون لغتون:

### 1_ سنڌي_سنڌي

*** قلمي:**

1. ساڌواڻي، امر لال/ سنڌي پٽن لفظن جي لغت (قلمي).

**ڇپيل:**

2. ابڙو آفتاب/سنڌي جونيئر اسڪول ڊڪشنري، ڇاپو_2. ڪراچي، سنڌ. سنڌيڪا اڪيڊمي ۽ حيدرآباد، سنڌ: اسٽاڪسٽ. شاهه لطيف ڪتاب گهر، 2004ع، ص_336

3. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان/جتڪي_سنڌي لغات.
ڪتاب: جتڪي ٻولي، ڇاپو پهريون. حيدرآباد، سنڌ: سنڌي لينگويج اٿارٽي، (2008ع)، ص_119_144

4. جوڻيجو ڊاڪٽر عبدالجبار/لاڙ جي لغت.
ڪتاب: لاڙي ۽ ڪڇي: سنڌيءَ جا ٻه محاورا. حيدرآباد، سنڌ: سنڌي لينگويج اٿارٽي، (2008ع)، ص_80

5. جيٽلي، ڪرشن شرما سنڌي شبد مهراڻ: وشيانسورا سنڌي سمانرٿا وڪاڪا شبدڪوش. دهلي: اکل ڀارتيه سنڌي ساهتيه ودواد پريشاد، 1999ع، ص_222

6. جڙيئسنگهاڻي، ستراماداس ايسرداس سائل/ سائل ڪوش: سنڌي-سنڌي بڙودا، انڊيا. راشٽا رهيا سنڌي ٻولي وڪاس پريشاد، 2004ع، ص-576
7. سومرو شهيد/ٻوليءَ سندا ٻول: سنڌي ٻوليءَ جي گمنام لفظن ۽ ٻهاڪن جي تشريحي لغت. حيدرآباد. سنڌ: سنڌي لينگويج اٿارٽي، (2005ع)، ص-296
8. ڪنگراڻي، عزيز/ اکر اکر آرسي. حيدرآباد. سنڌ: سنڌي لينگويج اٿارٽي، سال جون 2009ع
9. ليکواڻي، ڪي. پي/پڪٽوريل گلاسري ان سنڌي انڊيا.
* مقالا:
10.سداڻي، روچيرام جي/ڪي نيٺ سنڌي لفظ هندواسي، (بامبي، فيبروري، 1962ع).
11. جيٽلي، ڪرشن شرما/ سنڌي شبدون ڪي وئتپتي. راشٽريا ڀارتي، واليوم-2، نمبر-1-2، (واردا، ڊسمبر 1952ع)
12. ڀارتي نارائڻ/سنڌي لوڪ گيتن ۾ لفظي خزانو. نئين دنيا، واليوم-12،نمبر 1-2، (بمبئي، 1960ع). ص، 81-88.

## (ب) ٻن ٻولين جون لغتون:

### 2- انگلش-سنڌي

* قلمي:

13.سوڀراج هاسانند (ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر)/مختصر انگلش-سنڌي ڊڪشنري، 1933ع
14. نامعلوم/آڪسفورڊ پڪچر ڊڪشنري: انگلش-سنڌي بامبي، انڊيا: آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس.

* ڇپيل:

15. انگلش ٽو انگلش-سنڌي ڊڪشنري يا نيو ايج ڊڪشنري لاهور: لاهور اورينٽئل بڪ سوسائٽي، 2002ع، ص-؟

16. ايسٽوڪ، اي بي/وڪيبيلري اينڊ ڊائيلاڪس: انگلش – پنجابي- سنڌي ان: هينڊ بڪ آف دي پنجاب ويسٽرن راجپوتانا، ڪشمير اينڊ اپر سنڌ لنڊن: جان مري، 1883ع، ص، 62-103

17. پرمانند، ميوارام/ اي نيو انگلش –سنڌي ڊڪشنري نيو دهلي، انڊيا: ساهتيہ اڪيڊمي، 2002، ص-3، 465

18. جوتواڻي موتيلال/ اي ڊڪشنري آف سنڌي لٽريچر (وڏايل ۽ سڌاريل). ڇاپو ٽيون نيو دهلي، انڊيا: اديتيا بڪس، 2007ع، ص-252

19 راجڙ، ثناءُ الله، سنڌيڪا اسٽوڊنٽس ڊڪشنري: انگلش ٽو سنڌي روائيزڊ ايڊيشن، ڪراچي، سنڌ: سنڌيڪا اڪيڊمي ۽ حيدرآباد، سنڌ: سچل بڪ اسٽور، 2005ع، ص-375

20. شاهاڻي، آنندرام ٽادومل، دي انگلش-سنڌي ڊڪشنري، وٿ ڪريڪٽ پرونائونسيئيشن ان سنڌي ڪيريڪٽر (وڏايل ۽ سڌاريل). ڇاپو- ٻيو، ڪراچي، سنڌ: دي ايڊيوڪيشنل پبليشنگ ڪمپني، (1936ع)، ص-797

21. شيخ، خليل الرحمان (مرتب)/سياسيات جا اصطلاح حيدرآباد، سنڌ: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سال-؟، ص-؟

22. گوپانگ، حيدر بخش عزيز ڪوسو آصف علي ابوبڪر، ۽ سولنگي غلام مصطفيٰ (ايڊيٽرز). سنڌيڪا ڊڪشنري: انگلش- سنڌي ڇاپو پهريون. ڪراچي، سنڌ. سنڌيڪا اڪيڊمي، (2003ع)، ص-. 1056

23.گوپانگ، حيدر بخش عزيز (ايڊيٽر)، سنڌيڪا ڊڪشنري: انگلش-سنڌي، ڇاپو پهريون، ڪراچي، سنڌ: سنڌيڪا اڪيڊمي، المدد بڪ سيلرز (2003ع)، ص-.1282
24. گوپانگ، حيدر بخش عزيز ۽ فضل الرحمان ميمڻ (ايڊيٽر)/سنڌيڪا پڪٽوريل ڊڪشنري: انگلش تو سنڌي ڇاپو پهريون، ڪراچي، سنڌ، سنڌيڪا اڪيڊمي، اسٽاڪسٽ ڪاڻياوار بڪ اسٽور (2008ع)، ص-143
25. بلوچ، عبدالستار. سنڌيڪا لغت: پنجاهه هزار لفظن تي مشتمل. ڇاپو پهريون. ڪراچي، سنڌ: سنڌيڪا اڪيڊمي ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، (2006ع)، ص-871
26. ميمڻ، عبدالرشيد/ڪفايت ڪامپريهينسو انگلش تو انگلش اينڊ سنڌي ڊڪشنري، ڪراچي، سنڌ: ڪفايت اڪيڊمي، (2001ع)، 3- جلد
27. نظر حسين ملاح ۽ غلام مصطفيٰ سولنگي/ سنڌيڪا 1000 ورڊس. ڇاپو پهريون. ڪراچي، سنڌ: سنڌيڪا اڪيڊمي، اسٽاڪسٽ ڪاڻياوار بڪ اسٽور (2008ع)، ص-40
28. آڪسفورڊ 'پڪچر' ڊڪشنري: انگلش-سنڌي ڪراچي، سنڌ: آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچي، ص-88

**3- سنڌي- انگريزي**

*** قلمي:**

29. ٽرومپ، ارنسٽ/ايٽمالاجيڪل سنڌي- انگريزي ڊڪشنري (قلمي)، 1850ع
30. سيد، ميران محمد شاهه/سنڌي-انگريزي لغت (قلمي)، 1880ع؟

ڇپيل:
31. بوئيليي، ايليڪسزينڊر هينري ايڊمنسٽون/ووڪيبلري آف ورڊس ان سنڌ ان: پرسنل نيريٽيو آف اي ٽوئر ٽرو دي ويسٽرن اسٽيٽس آف راجواڙا ان 1835ع، ڪلڪتہ 1837ع، ص، 264_267
32. سچڻ سنگھ فتح سنگھ/دي پريئمر ڪنسائس سنڌي- انگلش ڊڪشنري: ڪمپائيلڊ فار دي يوز آف اسٽوڊنٽس ڇاپو پيو حيدرآباد، سنڌ: پريميئر پريس، 1924ع، ص_ 331
33. سولنگي، غلام مصطفيٰ/سنڌيڪا فارمس آف وربس، ڪراچي، سنڌ: سنڌيڪا اڪيڊمي، اسٽاڪسٽ: سکر ڪتاب مرڪز (2006ع)، ص_235
34. ليکواڻي، ڪنميا لال/ بنيادي سنڌي-انگريزي ڊڪشنري پونا، انڊيا: پرڪاش پبليڪيشنس، 2001ع، ص_193
35. منگي، بشير احمد (سهيڙيندڙ)/ٻارن لاءِ تصويري سنڌي-انگريزي لغت، حيدرآباد، سنڌ، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2004ع، ص_257
36. ميمڻ، عبدالرشيد/سنڌي-سنڌي-انگريزي لغت. حيدرآباد، سنڌ. سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2006ع، ص_1051

**4_ سنڌي- براهوي**

37. بروهي، داد محمد/سنڌي-براهوي لغت. ڇاپو پهريون. حيدرآباد، سنڌ. سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2005ع. ص_294

**5_ هندي- سنڌي**

38. ڦرڙو، محمد پناھ/هندي-سنڌي لغت. حيدرآباد، سنڌ: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2007ع، ص_307

**6۔ سنڌي۔ هندي**
39. ليکواڻي، ڪنعيا لال/ويهواريڪا سنڌي۔هندي شبدڪوش، پونا، انڊيا: ڪنعيا لال پي. ليکواڻي، 2005، ص۔442
40. ليکواڻي، ڪنعيا لال/ بنيادي سنڌي۔هندي شبدڪوش، ڇاپو۔2 پونا، انڊيا: پرڪاش پبليڪيشن، 2001ع، ص۔162
41. ليکواڻي، ڪنعيا لال/سنڌي۔هندي۔انگريزي تصويري ڊڪشنري پونا، انڊيا: پرڪاش پبليڪيشن 2001ع، ص۔64.

**7۔ سنڌي۔ عربي**
42. قادري، مدد علي/سنڌي ۽ عربي ٻولين جو لغوي ڳانڍاپو. حيدرآباد، سنڌ: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2007ع. ص۔170
43. هاليجوي، محمد حماد الله السنڌي/لغات القرآن المسمي بالياقوت والمرجان. طبع اول. پاڪستان: مجلس التعاون الاسلامي، 2001ع، ص۔416

**8۔ عربي۔ عربي**
44. سرهندي، خواجه محمد حسن جان/بلغات القرآن يعني لغات القرآن، (قلمي). ص۔162
45. پير محمد راشد روضي ڌڻي/جمع الجوامع، قلمي، 4۔جلد.

**(ت) مختلف مضمونن جون لغتون**
46. شيخ، خليل الرحمان/قانون جي لغت، ڇاپو پهريون حيدرآباد، سنڌ: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2008ع، ص. 304
47. عباسي، جاويد/ڊڪشنري آف بائلوجي ان سنڌي ڇاپو پهريون. حيدرآباد، سنڌ: گنج بخش ڪتاب گهر، 2007ع.
48. خان محمد جروار ۽ خالد آزاد/دفتري لغت. ڇاپو۔1. سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سال 2009ع

(ج) ڊڪشنرين بابت شايع ٿيل ببليوگرافيون:

1. انڊيا جي ٻولين ۾ شايع ٿيل ڊڪشنرين ۽ انسائيڪلوپيڊيا جي ببليوگرافي

هيءَ ببليوگرافي انڊيا جي مکيه ٻولين ۾ ڇپيل ڊڪشنرين ۽ انسائيڪلوپيڊيا تي مشتمل آهي، جنهن ۾ سنڌي ڊڪشنرين متعلق مواد پڻ موجود آهي. نيشنل لائبريري آف انڊيا هن کي سال 1964ع ۾ ڪلڪتي مان شايع ڪيو.

National Library of Calcutta. A Bibliography of Dictionaries and Encyclopedia in Indian Language. [Calcutta India 1964, 165p]

2. انڊيا جي ٻولين ۾ شايع ٿيل گرامر، ڊڪشنرين، ٽيچنگ مٽيريل جي ببليوگرافي.

هيءَ ببليوگرافي ڊي پي. پٽنائيڪ جي ترتيب ڏنل آهي، جنهن ۾ هندستان جي مکيه ٻولين ۾ شايع ٿيل ڊڪشنرين، گرامر ۽ علم سکيا متعلق ڪتابن جو وچور شامل آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ڊڪشنرين، گرامر جي ڪتابن علم سکيا جي ڪتابن جا وچور مختلف صفحن تي ڏنل آهن. هيءَ ببليوگرافي نئين دهليءَ مان سال 1973ع ۾ شايع ٿي.

Pattanayak, D.P. Indian Language Bibliography of Grammar, Dictionaries and Teaching Material. 2nd Ed. New Delhi: Educational Resource Centre, 1973), [Sindhi dictionaries on page (s) 87-89]

3. واجد محمد/اورينٽئل ڊڪشنريز: اي سليڪٽ ببليوگرافي.

ڪراچي، سنڌ. لائبريري پروموشن بيورو يونيورسٽي آف ڪراچي. (1967ع)، ص_54

---

(ٽماهي 'مهراڻ'، 2011/03ع ۾ ڇپيل)

ڊاڪٽر سيد مخمور بخاري

## سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۽ ببليو گرافي

(ناسف علي شيراز جي مقالي بابت واڌو ڄاڻ)

تماهي 'مهراڻ' اونهارو 2004 ۽ سرءُ 2004 ۾ سنڌي لغت نويسيءَ بابت محترم ناسف علي شيراز جو مقالو ٻن قسطن ۾ شايع ٿيل آهي، جنهن کان پوءِ فاضل مصنف جو ان سلسلي ۾ هڪ مراسلو پڻ تماهي 'مهراڻ' سيارو 2005 ۾ اشاعت هيٺ آيل آهي. هيءُ مقالو سنڌي لغت نويسيءَ جي تاريخ ۽ لغتن بابت معياري ۽ وافر ڄاڻ مهيا ڪري ٿو. هن صاحب ملڪ کان ڪوهين ميل ڏور آمريڪا ۾ ويهي سنڌي ڪلاسيڪي شاعري، لغت ۽ سنڌ بابت ببلوگرافيءَ جي حوالي سان اهم تحقيقي شاهڪار ("مهراڻ" وسيلي) اسان کي پڙهڻ لاءِ ڏنا آهن. کوجناتمڪ سندس خدمتون قابل تحسين آهن.

ماناٽتي ناسف علي شيراز جي لغت بابت مذڪوره مقالي ۾ ڪيتريون ئي داخلائون شامل آهن تہ اتي ڪن داخلائن جو جزوي طور رهجي وڃڻ بہ اٽڪر آهي. خاص طور هن مقالي ۾ مختلف ڪتابن ۾ جُزيل لغتن جو ذڪر بنهہ گهٽ ٿيل آهي، يا وري ان قسم جون ڪي لغتون هن ليک جي اشاعت بعد نروار ٿيون آهن. هت هن ليک ۾ اهڙي مواد جي نشاندهي ڪجي ٿي. يقيناً هن سلسلي ۾ اڃا بہ ڪوڙ سارو مواد نظرن کان اوجهل هوندو جنهن جي نشاندهي ڪو ٻيو محقق ڪندو. هيٺ اسان ترتيبوار "سنڌي لغت" بابت مواد جو ذڪر ڪنداسين.

**سنڌي - سنڌي لغت**

1. غلام مصطفيٰ مشتاق ميمڻ (مرتب). "شاهہ جو رسالو" (ڏکين لفظن جي معنيٰ الف-ب وار). (پاڪيٽ سائيز). مهراڻ اڪيڊمي، 2000ع.

2. ڊاڪٽر فهميده حسين (نگران ۽ ايڊيٽنگ). "سنڌي ڪلاسيڪي

شاعرن جي لغت"، شاه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڊسمبر 2004ع.
3. الهنواز رڪڻائي، "سنڌي ٻولي جو دريائي لهجو"، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد 2007ع.

English Sindhi Dictionaries

1. Sindhica Student Dictionary, Sindhica Academy Karachi, 1st Edition 2002, 2nd Edition2005.

2. Sindhica Dictionary English to Sindhi, Hyder Bux Aziz Gopang, Sindhica Academy Karachi, 1st Edition 2005.

4. The Oxford Elementary Learner's English Sindhi Dictionary,
(اوڪسفورڊ انگريزي-سنڌي ابتدائي لغت، نون سڪنڊرن لاءِ) انگريزي ايڊيشن: ترتيب ۽ تدوين، انجيلا ڪرالي (Angela Crawley)، ايڊيٽر: سيد قلندر شاه لڪياري، پروجيڪٽ ايڊيٽر: بدر ابڙو سنڌي ترجمو: نذير احمد چنا، نور احمد جنجهي، آصف ڪوسو تصوير حسين، جونيئر ايڊيٽر: نويد سنديلو اوڪسفورڊ يونيورسٽي پريس، 2006.

5. Sindhica Pictorial Dictionary, (جملن جي استعمال جي سهنجي ڊڪشنري) Hyder Bux Aziz Gopang, Sindhica Academy Karachi. 1st Edition?

6. V.I.P Dictionary, English to Sindhi-with Sindhi Pronunciation, By; A.T Shahani, Revised By; Lutufullah Soomro, Published By: Qalandari Publication, Hyderabad-Sukkur, 1st Edition?

عربي، فارسي ۽ سنڌي لغتون

1. مخدوم جميل الزمان، "خيري شيرازي" (عربي ۽ فارسي ٻولين جا شوخ ۽ وڻندڙ الفاظ ۽ جملا)، ڏات ڪتابي سلسلو 1991ع.
2. نماڻو فقير (مرتب) "سچل جو رسالو"، سنواريندڙ: گل محمد تنيو روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2005ع. (رسالي ۾ آيل عربي، فارسي

عبارتن جي معنيٰ ۽ شرح ۽ پڻ صوفي اصطلاحن جي معنيٰ شامل ڪئي وئي آهي).

**ترجمو ٿيل لغت**

1. ڊاڪٽر ابوالليث صديقي (مرتب)، "بنيادي اردو" (هن مختصر اردو لغت جو مختلف ٻولين ۾ ترجمو ڪيو ويو. سنڌي ترجمي جو ڪم جمال رند مڪمل ڪيو هن ڪم جي نگراني سيد حسام الدين شاهه راشدي ڪئي. هن ڪتاب جو اردو ڇاپو ڪڏهن شايع ٿيو ان متعلق ڄاڻ ناهي. البت "بنيادي اردو" جو سنڌي ترجمو مرڪزي اردو بورڊ لاهور 1968ع ۾ شايع ڪيو)(1).

## خاص مضمونن جون لغتون

**الف: واقعاتي لغتون:**

1. مخدوم جميل الزمان، "سنڌ جي واقعاتي تاريخ" (570-1990ع) طالب المولیٰ اڪيڊمي هالا، 1999ع

2. ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، "سچل سرمست جو زمانو"-نموني خاطر سندس ڄمار جي ابتدائي 10 سالن واري عهد معاصر جو خاڪو (مقالو)، سرمست نمبر: 20 ، مرتب: ڊاڪٽر ادل سومرو سچل سرمست يادگار ڪميٽي خيرپور 1999ع.

3. آزاد قاضي، "ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جو دور حڪومت" (واقعاتي لغت)، (مقالو)، ميان غلام شاهه ڪلهوڙو (سنڌ جو شاهجهان)، مرتب: اسلم عباسي، عباسي ڪلهوڙا اتحاد حيدرآباد، 2002ع.

4. مخمور بخاري، "خدا آباد-هڪ واقعاتي لغت"،(مقالو)، تخت گاهه خدا آباد، مرتب: نذير احمد پنڌ، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن شاخ خدا آباد، 2004ع

**ب: پهاڪن، چوڻين ۽ اصطلاحن جون لغتون:**

1. انجنيئر عبدالوهاب سهتو، "ننڍڙي روپ واريون چوڻيون ۽ پهاڪا"، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2002ع.

2. انجنيئر عبدالوهاب سهتو "ورجيسيون" (پسمنظر ۽ ڪارج)، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2003ع.
3. انجنيئر عبدالوهاب سهتو "موزون آڪاٽين ذريعي جڙيل پهاڪا ۽ چوڻيون"، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2004ع.
4. سيد اظهر گيلاني، "شاهه جي ڪلام ۾ پهاڪا ۽ چوڻيون"، مهراڻ اڪيڊمي، 2004ع (شاهه جي رسالي مان سُر وار پهاڪن ۽ چوڻين جون ستون ڏار ڪري لکيون ويون آهن).
5. مخمور بخاري، "سر ديسيءَ ۾ پهاڪن ۽ چوڻين جو استعمال" (مقالو)، ديسي سيڻ ڪجن (سر ديسي جو مطالعو) مرتب: تاج جويو ڀِٽ شاهه ثقافتي مرڪز 2005ع.
6. انجنيئر عبدالوهاب سهتو "آترادي پهاڪا ۽ چوڻيون"، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2006ع.
7. ڊاڪٽر فهميده حسين، "ادبي اصطلاحن ۽ ادبي نظرين جي لغت" (قسط 1 ـ مقالو)، تماهي مهراڻ بهار 2006ع.
8. ڊاڪٽر فهميده حسين، "ادبي اصطلاحن ۽ ادبي نظرين جي لغت" (قسط 2 ـ مقالو)، تماهي مهراڻ 1 ۽ 2/2007ع.

**ڄ: سائنسي لغتون:**

1. پروفيسر تنوير جوڻيجو (ترتيب ۽ تدوين)، "سوشيالاجي جي لغت"، نظرثاني: ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد 2004ع.
2. امين لغاري، "پرنٽ ٽيڪنالاجي جي لغت"، سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد، جنوري2007ع.

**مختلف ڪتابن ۾ شامل سنڌي- سنڌي لغتون**

مختلف ڪتابن ۾ ڪيترن ئي ڏکين لفظن جون معنائون ڏنيون ويون آهن. هن هيٺ اهڙن ڪتابن ۽ مقالن جو ذڪر ڪجي ٿو.

جن ۾ اوکن لفظن جي سهنج لاءِ معنائن جي پٽي جوڙي وئي آهي.
1. پيرومل مهرچند آڏواڻي، "جوهر نظم سنڌي"، (ڀاڱو پهريون ۽ ٻيو)، 1909ع ۽ 1922ع، سنڌ جو ويناٽيل ڪوآپريٽو سوسائٽي (هن ڪتاب جي پنهي حصن ۾ ڪن سنڌي ڪلاسيڪي ۽ عروضي شاعرن جي سوانح، چونڊ شعر ۽ شعرن ۾ آيل ڏکين لفظن جون معنائون ڏنيون ويون آهن).
2. پيرو مل مهرچند آڏواڻي، "سُر سورٺ"، کيمچند شيوڪ رام حيدرآباد 1909ع (سر جي متن سان گڏ اوکن لفظن جي معنيٰ پڻ ڏنل آهي). (2)
3. لالچند امر ڏنو مل جڳتياڻي، "سر کيڏارو ۽ سينهن کيڏارو"، پريميئر پرنٽنگ پريس حيدرآباد، 1910ع (متن سان گڏ لفظن جون معنائون پڻ آيل آهن). (3)
4. مرزا قليچ بيگ، "سُر سريراڳ"، حيدرآباد 1916ع (لفظن جون معنائون پڻ ڏنل آهن). (4).
5. لالچند امر ڏنو مل جڳتياڻي، "سُر يمن ڪلياڻ"، ايجوڪيشنل پبلشنگ ڪمپني، ڪراچي 1924ع (سر جي متن سان گڏ لفظن جو معنائون پڻ ڏنل آهن). (5)
6. پيرو مل مهر چند آڏواڻي، "چونڊ ڪلام"، پارت اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس ڪراچي، 1928ع (تعليم کاتي لاءِ تيار ڪيل هن ڪتاب ۾ شاعرن جي ڪلام جي اهنجن لفظن جون معنائون پڻ ڏنيون ويون آهن)(6).
7. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، "سُرها گل"، دي ايڊيوڪيشنل پبلشنگ ڪمپني، 1934ع (ڪتاب جي آخر ۾ ڪتاب ۾ شامل شاعرن جي شعرن جي اوکن لفظن جون معنائون ڏنل آهن).
8. آخوند گل محمد گل هالائي، "ديوان گل"، مرتب: قاضي عبدالغفور هالائي، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد 1934ع (صفحي جي آخر ۾ ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل آهن).

9. قاضي فقير محمد قانع، "سلڪ مرواريد"، 1936ع (شاهہ جي رسالي جي اوڻيهن سُرن جي لغت).(7)
10. ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، "سُر مارئي"، راما بڪ ڊيپو حيدرآباد، 1936ع (ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ترتيب ڏنل شاهہ جي رسالي مان سر ڏار ڪري متن ۽ معنيٰ سان گڏ شايع ڪيو ويو آهي).
11. ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، "سر مومل راڻو"، ايجوڪيشنل پرنٽنگ ورڪس، ڪراچي 1941ع (ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ترتيب ڏنل شاهہ جي رسالي مان سر ڌار ڪري متن ۽ معنيٰ سان گڏ شايع ڪيو ويو آهي).
12. گرداس پ - واڌواڻي، گهنشام اين-اي، "سنڌي نثر جي انتخاب جي مڪمل شرح"، ڇپائيندڙ: گهنشام اين-اي ڪراچي (ڪتاب تي ڇپائيءَ جو سن ڄاڻايل نہ آهي، پر پڪ سان ڪتاب ورهاڱي کان اڳ جو شايع ٿيل آهي). هي ڪتاب مئٽرڪ جماعت لاءِ رکيل سنڌيءَ جي ڪورس جو گائيڊ بڪ آهي. هن ۾ نصاب ۾ آيل مختلف مضمونن کي پيش ڪرڻ کان پهرين ان ۾ آيل ڏکيل لفظن جون معنائون پڻ ڏنل آهن.
13. گرداس پ - واڌواڻي، گهنشام اين-اي، "سنڌي نظم جي انتخاب جي مڪمل شرح"، (ٻاڳو پهريون ۽ ٻيو) ڇپائيندڙ: گهنشام اين-اي ڪراچي (ڪتاب تي ڇپائيءَ جو سن ڄاڻايل نہ آهي پر خاطري آهي تہ مذڪوره ڪتاب ورهاڱي کان اڳ جو شايع ٿيل آهي.) هن ڪتاب ۾ مختلف شاعرن جي ڪلام جي ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل آهن.
14. غلام محمد شاهواڻي ۽ محمد بخش واصف، "سر آبري، سامونڊي ۽ سر سارنگ" متن سان گڏ معنيٰ سميت جدا جدا شايع ڪرايا، جيڪي آر-ايچ احمد برادرس طرفان ترتيبوار 1948ع، ۽ 1953ع ۾ شايع ٿيا.

15. غلام محمد شاهواڻي، "شاهه جو رسالو"، آر-ايڇ احمد برادرس، حيدرآباد 1950ع (اوکن لفظن جون معنائون پڻ شامل ڪيون ويون آهن).

16. مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي "شاهه جو رسالو"، (ٻن جلدن ۾)، بشير احمد ائنڊ سنز ڪراچي 1951ع (اهنجن لفظن جون معنائون پڻ ڏنل آهن).

17. اجمل بيگ قليچ بيگ مرزا، (مرتب) "سر حسيني"، ايجوڪيشنل بُڪ ڊيپو حيدرآباد 1951ع (هن جي آخر ۾ سُر جي ڏکين لفظن جون معنائون شرح ۽ سمجهاڻيءَ سان گڏ ڏنيون ويون آهن).

18. فتح چند منگترام واسواڻي، "شاهنامو"، (پاڱو پهريون)، سندر ساهتيه آفيس، اجمير (هندستان) 1953ع (8) (شاهه لطيف جا چونڊ بيت معنيٰ سميت ڏنل آهن).

19. فتح چند منگترام واسواڻي، "لطيفي لات"، (پاڱو ٻيو)، سندر ساهتيه آفيس، اجمير (هندستان) 1953ع (9)، (ساڳئي ڪتاب جو ٻيو حصو - هن ۾ پڻ شاهه سائينءَ جا چونڊ بيت معنيٰ سان گڏ شامل آهن).

20. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، (مرتب) "ڪليات حمل" سنڌي ادبي بورڊ 1953ع (هر صفحي جي آخر ۾ ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل آهن).

21. رشيد احمد لاشاري، "سر ڪلياڻ مومل راڻو مارئي ۽ سر حسيني" متن سان گڏ لفظن جي معنائن سميت جدا جدا شايع ڪرايا. هي سر آر-ايڇ احمد برادرس، حيدرآباد پاران ترتيبوار 1954ع ۽ 1957ع وارن سنن ۾ شايع ٿيا.

22. محسن علي ايڇ-ايم، "سر مارئي"، امير برادرس، حيدرآباد 1954ع (متن سان گڏ لفظن جون معنائون پڻ ڏنل آهن).

23. مخدوم طالب المولىٰ، "مثنوي عقل و عشق"، اداره روح ادب سنڌ 1955ع (هن مثنويءَ ۾ ڪم آيل قرآني آيتن جي معنيٰ سان گڏ ڏکين لفظن جون معنائون پڻ ڏنل آهن).

24. حاجي حقير ابن مگڻ، "سر مارئي"، آر-ايڇ احمد برادرس، حيدرآباد 1955ع (متن سان گڏ معنائون پڻ درج ٿيل آهن).

25. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو "ابيات سنڌي"، سنڌي ادبي سوسائٽي، ڇاپو پيو 1956ع. (هن ڪتاب ۾ خواجه محمد زمان لنواري واري جي ڪلام جي ڏکين لفظن جون معنائون ڏنل آهن).
26. علي خان ابڙو "سر سامونڊي"، آر-ايڇ احمد برادرس، حيدرآباد 1956ع (متن سان گڏ معنائون پڻ ڏنل آهن).
27. شيخ عبدالرزاق راز "سر يمن ڪلياڻ" ، آر-ايڇ احمد برادرس، حيدرآباد 1956ع (متن سان معنائون پڻ درج ڪيل آهن).
28. محمد عرس صائب، "سر مومل راڻو"، ايجوڪيشنل بڪ ڊيپو حيدرآباد 1957ع؟ (متن سان گڏ معنائون پڻ ڏنل آهن).
29. محمد صديق مسافر، "سر ڪنڀات، سريراڳ، سهڻي، ڪيڏارو ليلا چنيسر، سسئي آبري، ڪاموڏ ۽ سر آسا" مختلف وقتن تي متن ۽ معنيٰ سميت آر-ايڇ احمد برادرس، پاران جدا جدا وقتن تي نروار ٿيا جيڪي 1960ع کان 1964ع واري عرصي ۾ پڌرا ٿيا.
30. علامه آءِ آءِ قاضي، "شاهه جو رسالو"، سنڌي ادبي بورڊ، 1961ع (متن سان گڏ اوکن لفظن جو معنائون پڻ ڏنل آهن).
31. ڇيتن ماڙيوالا، ڊاڪٽر گربخشاڻي جو مرتب ڪيل "شاهه جو رسالو" مان سر سورٺ، ڪاموڏ ۽ مومل راڻو کڻي ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ سمجھاڻي سان 1966ع ۾ هندستان مان شايع ڪرايا.
32. ماستر عبدالرحمان دل، "شاهه جي رسالي" جا سمورا سر، متن ۽ معنيٰ سان جدا جدا شايع ڪرايا. جن مان سر ڪلياڻ آر-ايڇ احمد برادرس 1974ع ۾ شايع ڪرايو ۽ رهيل سر، آر-ايم فتح برادرس حيدرآباد پاران 1967ع کان 1977ع تائين مختلف وقتن تي شايع ٿيندا رهيا.
33. حبيب الله مرزا، "سر مارئي"، نسيم بڪ ڊپو حيدرآباد، 1967ع (متن سان لفظن جون معنائون پڻ آيل آهن).

34. شيخ محمد اسماعيل، لفظن جون معنائون، (مقالو)، "سر جمن جو مطالعو"، مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي ڀٽ شاهه – حيدرآباد، 1971ع.
35. زيب ڀٽي، "سر ڏهر"، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1974ع (متن سان گڏ سر جي اهنجن لفظن جون معنائون پڻ شامل آهن).
36. حاجي حقير ابن مگڻ، "سر سهڻي"، آر-ايڇ احمد برادرس، حيدرآباد 1974ع (متن سان معنائون پڻ شامل ڪيون ويون آهن).
37. ڪلياڻ آڏواڻي، (مرتب): "شاهه جو رسالو"، مڪتبه اسحاقيه ڪراچي، 1976ع (صفحي جي آخر ۾ اوکن لفظن جون معنائون ڏنل آهن).
38. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، "سر ڏهر"، نسيم بڪ ڊيپو حيدرآباد، 1976ع (شاهه سائين جو سر معني سميت ڏنل آهي).
39. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، "ڪريم جو ڪلام"، سنڌي ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻو ڇاپو پهريو 1976ع (هن ڪتاب ۾ شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جي بيتن جي ڏکين لفظن جي معنائون پڻ ڏنل آهن).
40. مخدوم طالب المولي، "ديوان طالب المولي". سروري پبليڪشين هالا، 1982ع (ديوان ۾ ڪم آيل ڏکين لفظن جون معنائون "فرهنگ ديوان طالب المولي"جي عنوان هيٺ آيل آهن).
41. پروفيسر علي نواز جتوئي، "شهيد گرهوڙيءَ جو سنڌي ڪلام"، سنڌ شڏار پبلشنگ هائوس، ڇاپو پهريو 1984ع (هن ڪتاب ۾ ڏکين لفظن جون معنائون، قرآني آيتن، حديثن ۽ عربي عبارتن جي معني پڻ ڏنل آهي).
42. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو "سچل جي ڪلام جا ڪي انوکا الفاظ"، (مقالو)، سرمست نمبر5، مرتب: ڊاڪٽر تنوير عباسي، سچل سرمست يادگار ڪميٽي، خيرپور 1985ع.
43. پروفيسر محبوب علي چنه (مرتب) "ڪليات امين"، (سوانح ۽ ڪلام) سنڌي ادبي بورڊ، 1990ع (مخدوم امين محمد عرف پکن ڌڻي

جي ڪلام جي ڏکين لفظن جون معنائون صفحي جي آخر ۾ ڏنل آهن).
44. مخدوم طالب المولىٰ، "سدا وسين سنڌڙي"، طالب المولىٰ اڪيڊمي هالا، ڊسمبر 1990ع (هن ۾ ڏکين لفظن جي فرهنگ آخر ۾ شامل ڪئي وئي آهي).
45. مخدوم طالب المولىٰ، "ڇپر ۾ ڇڙيون"، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٻيو 1990ع (مخدوم صاحب جي ڪلام ۾ ڪم آيل قرآني آيتن، حديثن ۽ عربي مقولن جون معنائون ۽ ڏکين لفظن جون معنائون شامل ڪيون ويون آهن).
46. پروفيسر بي-ايچ ناگراڻي، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو "ساميءَ جا سلوڪ" (جلد ٻيو)، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، 1992ع (هن جلد ۾ ڊاڪٽر سنديلي جي جوڙيل "سامي ڏاتو ڪوش" شامل آهي ۽ ان سان گڏ پروفيسر ناگراڻي ۽ ڪوڙو مل ساهتيه منڊل جي "ساميءَ جا سلوڪ" ۾ آيل "اکر- ڪوش" شامل ڪيا ويا آهن).
47. علي گوهر ابن قاضي علي اڪبر درازي، "سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام"، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽي، خيرپور 1995ع (سچل سائين جي رسالي ۾ ڪم آيل صوفي اصطلاحن ۽ ڏکين لفظن جون معنائون آخر ۾ ڏنيون ويون آهن).
48. عثمان علي انصاري (مرتب) "رسالو سچل سرمست" (سنڌي ڪلام)، سنواريندڙ: گل محمد تنيو روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1997ع (سچل سائين جي ڪلام ۾ ڪم آيل ڏکين لفظن جي لغت ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي "سچل لغات" تان ورتل ۽ وڌايل)
49. ڊاڪٽر نواز علي شوق، "سچل سرمست جي ڪلام ۾ صوفياڻا اصطلاح" (مقالو)، سنڌ جو عطار (حضرت سچل سرمست)، سچل سرمست يادگار ڪميٽي خيرپور 1999ع (هن مقالي ۾ سچل سرمست جي ڪلام ۾ ڪم آيل ڪن صوفي اصطلاحن جي سمجهاڻي ڏنل آهي).
50. ٻانهو خان شيخ (مرتب)، شاهه جو رسالو (جلد پهريون، ٻيو ۽ ٽيون) شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي 2000ع، 2001ع،

2002ع (شاهه سائين جي بيتن جي ڏکين لفظن جون معنائون صفحي جي آخر ۾ ڏنيون ويون آهن).
51. الهنواز رڪٽائي، "سر سورٺ جي لغت"، (مقالو)، "سر سورٺ هڪ مطالعو"، مرتب: تاج جويو، پٽ شاهه ثقافتي مرڪز 2003ع.
52. ڊاڪٽر عمر محمد دائود پوٽو، ڪلام گرهوڙي، روشني پبليڪشن ڪنڊيارو ڇاپو چوٿون 2005ع (هن ڪتاب ۾ عبدالرحيم گرهوڙي جي ڪلام جي ڏکين لفظن جون معنائون ۽ ڪم آيل آيتن، حديثن ۽ ٻين عبارتن جون معنائون پڻ ڏنل آهن).
53. الهنواز رڪٽائي، "سر حسيني جي لغات". (مقالو)، حسيني جي هاڪ، (سر حسيني جو مطالعو)، مرتب: تاج جويو پٽ شاهه ثقافتي مرڪز پٽ شاهه. 2005ع.
54. الهه نواز رڪٽائي، "سر ديسي جي لغات". (مقالو)، "ديسي سيڻ ڪجن" (سر ديسي جو مطالعو)، مرتب: تاج جويو پٽ شاهه ثقافتي مرڪز پٽ شاهه. 2005ع.
55. آزاد قاضي، "معنائون ۽ سمجهاڻيون" (مقالو)، سلطان الاولياء خواجه محمد زمان (هڪ مطالعو)، مرتب: آزاد قاضي، گلشن پبليڪيشن حيدرآباد، 2002ع. (خواجه محمد زمان لنواري واري جي بيتن جي اهنجن لفظن جون معنائون ڊاڪٽر دائود پوٽي جي ترتيب ڏنل "ابيات سنڌي" تان ورتل آهن، جڏهن ته بيتن جي ترتيب نياز همايوني جي ترتيب ڏنل "ملوڪ الڪلام" جي رکيل آهي).
56. برڪت بلوچ، سچل سرمست جي شاعري ۾ آيل "ٻ- ٻوليائي" لفظن جو اڀياس، سرمست نمبر27، مرتب: مولا بخش لاڙڪ، سچل سرمست يادگار ڪميٽي خيرپور، 2006ع.

## حوالا

1. ڊاڪٽر غلام محمد لاکو پير سيد حسام الدين راشدي ڪا غير معروف مطبوعہ ذخيره ڪتب (مقالا) مجلہ تاريخ و ثقافت پاڪستان اسلام آباد، اپريل-سيپٽيمبر 2006ع

2. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو "ببليوگرافي، شاهہ تي لکيل ڪتابن جي"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2000ع.

3. ساڳيو

4. ساڳيو

5. ساڳيو

6. محمد علي حداد، سچل سرمست تي ببليوگرافي، سچل نيشنل سيمينار آرگنائيزر ڪميٽي خيرپور، 1982ع.

7. اياز عالم ابڙو "ڀٽائي جي ٻولي، سونهان ۾ لغات لطيفي جو اڌ ۾ رهجي ويل ڪم"، روزاني ڪاوش حيدرآباد، 23 فيبروري 2008ع.

8. ببليوگرافي، شاهہ تي لکيل ڪتابن جي.

9. ساڳيو

10. اياز عالم ابڙو ڀٽائي جي ٻولي سونهان ۾ لغات لطيفي جو اڌ ۾ رهجي ويل ڪم.

---

(ڇپيل: ٽماهي 'مهراڻ'، 2008/3ع)

●

# لغت نويسيءَ بابت
# مضمون ۽ مقالا

مرتب: رياضت ٻرڙو

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

ISBN 978-9-6962514-4-6